لوڪ ڪهاڻيون - ١

(بادشاهن ۽ پرين جون ڳالهيون)

لوڪ ادب سلسلي جو ايڪيهون ڪتاب

لوڪ ڪهاڻيون - ۱

بادشاهن ۽ راڻين، شهزادن ۽ شهزادين جون ڳالهيون

زير نگراني

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڊئريڪٽر

لوڪ ادب اسڪيم

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو / حيدرآباد، سنڌ

پاڪستان

ڇاپو پهريون	اپريل ١٩٦٠ع	ڪاپيون چار هزار
ڇاپو ٻيو	فيبروري ١٩٨١ع	ڪاپيون چار هزار
ڇاپو ٽيون	جون ١٩٨٧ع	ڪاپيون ٻه هزار
ڇاپو چوٿون	اپريل ١٩٩٢ع	ڪاپيون ٻہ هزار
ڇاپو پنجون	ڊسمبر ٢٠٠٠ع	ڪاپيون پنج سؤ

سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم

قيمت: ٻہ سؤ روپيا
(Price Rs: 200 - 00)

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي حيدرآباد، سنڌ

ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾
ڪندر علي شاهہ ڇپيو ۽ غلام رباني آگري ميمبر /اعزازي
ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

مهاڳ

سنڌ جي لوڪ ادب کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز سنه ١٩٥٥ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي سامهون رکي وئي، جا ١٩٥٦ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري ١٩٥٧ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته ڏنل هدايتن موجب ٻهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ 'سنڌي لغت آفيس' سان گڏ لوڪ ادب جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، ته مقامي طور گڏ ڪيل توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورچي ورهائي، پيٽي صاف ڪري ڇپائڻ جي لائق بنائين.

پهريان ٻه سال، ١٩٥٧ع ۽ ١٩٥٨ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون، مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اُتاريو؛ ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر پاڱي جو گشت ڪري سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون، ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري اينترو مواد گڏ ٿيو، ۽ ٿي رهيو آهي، جو ان جي آذار تي عام سنڌي ادب جي هر پاڱي بابت نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال ١٩٥٩ع کان شروع ڪيو ويو آهي.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون ته هن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جي علم ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ مقبول ۽ مروج آهن، تن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، ٿيهه اکريون، ڪافيون وغيره؛ مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراڙي ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ 'لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن

تجويز هيٺ گڏ ڪيل ’لوڪ ادب‘ کي بعينه، ”فوڪ لور“ (Folklore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نہ ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اجا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نہ ڪئي آهي جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن جو، يا ’معياري ادب‘ جو سرچشمو بنجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اجا تائين ڳوٺ آهي، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي جو عوام جي زندگي جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي ’لوڪ ادب‘ ۽ ’معياري ادب‘ جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو تہ هن تجويز ذريعي ’لوڪ ادب‘ جو سمورو مواد گڏ نہ ٿي سگهيو آهي؛ ان کي سهيڙڻ لاءِ وڌي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سچو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ جڻ اٿاهہ سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ جي برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البتہ جو ڪجهہ گڏ ٿي سگهيو آهي، سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب، اميد تہ آئينده ڪوششن لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

’لوڪ ادب تجويز‘ جي تحريڪ جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي، مگر ان جي علمي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول تہ سنڌي ادبي بورڊ جي ميمبرن کي جس جڳائي، جن هن تجويز کي سنہ ١٩٥٦ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد کي گڏ ڪرڻ، صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ، ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي ٻانهن ٻيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهريون ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي. بورڊ جي سيڪريٽري محترم محمد ابراهيم جويي، هن تجويز جي هر انتظامي مرحلي تي بنده سان دلي تعاون ڪري آسانيون پيدا ڪيون، مفيد مشورا ڏنا، ۽ پڻ ڪتابن کي سهڻي نموني ۽ بنا دير ڇپائڻ لاءِ فوري قدم کنيا.

’لوڪ ادب تجويز‘ هيٺ ’لوڪ ڪهاڻين‘ جا هيٺيان ست ڪتاب مرتب ڪري شايع ڪرائڻا آهن: (١) بادشاهن ۽ راڻين، شهزادن ۽ شهزادين جون ڳالهيون، (٢) بادشاهن، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڳالهيون، (٣) پرين، ديون، جادوگرن ۽ ڏائڻين جون ڳالهيون، (٤) بادشاهن، شاهوڪارن، ڏاهن، نڳن ۽ عام ماڻهن جون ڳالهيون، (٥) ٻاراڻيون آکاڻيون، (٦) جانورن ۽ پکين جون آکاڻيون، (٧) ۽ ڳالهين سان ڳالهيون.

جيئن تہ هيءُ انهيءَ سلسلي جو پهريون ڪتاب آهي، انهيءَ ڪري هن جي مقدمه ۾ لوڪ ڪهاڻين جي علمي اهميت ۽ ابتدا، اهم ڪردارن جي نوعيت، تاريخي پس منظر، ۽ اندروني سٽاء وغيره جي مکيہ پهلوئن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي.

مجموعي طور هيءُ ڪتاب 'لوڪ ادب' سلسلي جو **ايڪيهون ڪتاب** آهي. ان جو بنيادي مواد جولاءِ ١٩٥٨ع تائين گڏ ٿيو؛ سڄي مواد کي ڇڪاسي، مختلف روايتن کي پيٽي، ترتيب ڏئي سيپٽمبر ١٩٥٨ع ۾ ڪتاب جو مسودو تيار ڪيو ويو؛ ۽ اپريل ١٩٥٩ع ۾ مسودي جي آخرين تصحيح ڪري پريس ڪاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني ويئي.

مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم محمد بچل هن ڪتاب جي مواد کي اتاري يڪجاءِ ڪرڻ، پيٽڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو، ۽ محترم شيخ محمد اسماعيل ڪتاب جو مسودو، تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

محترم محمد ابراهيم جويو، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، هن ڪتاب کي خاص اهتمام سان شايع ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. هن صاحب متن تي نظرثاني ڪري، پريس ڪاپي تيار ڪئي، ۽ پڻ خاص دلچسپي وٺي ڪن ڳالهين جي مضمون جو مطالعو ڪري، ان مطابق تصويرون تيار ڪرايون، جن جي شامل ڪرڻ سان هن ڪتاب جي زيب زينت ۾ وڏو واڌارو ٿيو آهي.

محترم علي بخش احمدزئي، مئينجر سنڌي ادبي بورڊ پريس، ۽ سندس ساٿين، ڪتاب کي جلد ۽ سهڻي نموني ڇاپڻ ۾ مدد ڪئي.

سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ
١٢-ڊسمبر ١٩٦٠ع

خادم العلم
نبي بخش

لم للانسان ماتمنيٰ 0 فلله الاخره والاوليٰ

مقدمه

لوڪ ڪهاڻين جي علمي اهميت:

’لوڪ ڪهاڻيون‘ لوڪ ادب جو نهايت ئي اهم ڀاڱو آهن، ڇاڪاڻ جو نہ رڳو اُهي لوڪ ادب جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو نمونو آهن، پر اهي انساني نفسيات، توهّمات ۽ ابتدائي اعتقادات جي آثارن جو آئينو آهن. هر انساني گروه جون ’لوڪ ڪهاڻيون‘ ان گروه جي ننڍپڻ جون وسريل يادگيريون آهن، ۽ مجموعي طور سان مڙني قومن جون ’لوڪ ڪهاڻيون‘ جڳ انسان ذات جي ننڍپڻ واري دور جا داستان ۽ دستاويز آهن. ’علم الانسان‘ جي ماهرن وٽ ’لوڪ ادب‘ جي هن قديم ذخيري يعني تہ ’لوڪ ڪهاڻين‘ جي وڏي اهميت آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي گهري مطالعي مان قدري انسان جي نفسياتي ۽ ذهني ارتقاء جي تاريخ تي روشني پوي ٿي.

’لوڪ ڪهاڻين‘ ۾ انسان ذات جي ٻالاپڻ جا اهڃاڻ موجود آهن. عقل جي بلوغت ۽ جوانيءَ کان اڳ واري دور ۾، وهم ۽ وسوسا، سوڻ ۽ سنسا، منڊ ۽ منتر، سڳا ۽ ڌاڳا، ديوَ ۽ پريون، جنّ ۽ ڏائڻيون انسان جي ڪائنات جا اهم اسباب هئا ۽ انهن کي سندن عملي زندگيءَ ۾ وڏو دخل هو. جهڙيءَ طرح جهونن دڙن ۽ ٿڙن ۾ آڳاٽين تهذيبن ۽ تمدنن جا آثار مدفون آهن، اهڙيءَ طرح لوڪ ڪهاڻين ۾ آڳاٽن نفسياتي رجحانن ۽ ذهني لاڙن جا آثار محفوظ آهن. ’لوڪ ڪهاڻيون‘ جڻ لفظن ۽ بيانن جي صورت ۾ جهونا کنڊر آهن، جن کي وَلِڻ ۽ ويچارڻ سان انسان جي آڳاٽن وهمن ۽ ويچارن، خوشين ۽ خوفن، مرادن ۽ مقصدن، حڪمتن ۽ حيلن، ڪاميابين ۽ ناڪاميابين ۽ جي نوعن ۽ نمونن جواندازو لڳائي سگهجي ٿو.

مجموعي طور سان، انسان ذات جي قديم نفسياتي تاثرات ۽ توهّمات جي اهڃاڻن کان سواءِ، هر انساني گروه جي ’لوڪ ڪهاڻين‘ ۾ ان گروه جي مخصوص ڀرمن ۽ وسوسن، رسمن ۽ ريتن، نفسياتي لاڙن ۽ سماجي رجحانن جا آڳاٽي ۾ آڳاٽا آثار ملن ٿا. اهي ڪُهنيون ڪهاڻيون جڻ آڳاٽا کنڊر ۽ ٿڙا، دَڙَ ۽ دڙا آهن، جن جي پرهڻ ۽ پچارڻ سان ان گروه جي ذهني نشونما جا نشان نظر اچن ٿا.

لوڪ ڪهاڻيءَ جي ابتدا:

'لوڪ ڪهاڻيون' ڪڏهن نهيون ۽ ڪنهن ناهيون، اهو ڪنهن کي معلوم ڪونهي. البت ايترو چئي سگهجي ٿو ته اهي انساني تاريخ واري ساري گذريل دور ۾ ئي سرجيون ۽ ساماڻيون آهن ۽ عوام انهن جي سناء ۽ سچي ڪرڻ ۾ حصو ورتو آهي.

جڏهن مينهن پوي ٿو ته ڪنهن ٽڪر جي چوٽيءَ تي هڪ ننڍڙو گهارو ٿئي ٿو، جنهن مان پاڻي هيٺ وهڻ شروع ٿئي ٿو: پوءِ جيئن هيٺ تيئن اهو گهارو وڏو ۽ ويڪرو ٿيندو وڃي ٿو، ۽ ٻوٽن کي اکوڙيندو، پٿرن کي لوڙهيندو، هيٺ ميدان ۾ هڪ ننڍڙي نئن بنجي وهي ٿو. سال بسال اها ننڍڙي نئن پيئي وڏي ٿئي: ۽ وڻ اکوڙي، پٿر ريڙهي، ڪپر کيرائي، واريءَ کي وهائي پنهنجي ويڪر وڌائي ۽ عمق کي اونهو ڪري.

ساڳيو حال 'لوڪ ڪهاڻي' جو آهي. اتفاق سان ڪنهن وهم ۽ وسوسي، سماجي سلسلي، ذاتي ڪارنامي يا ڪنهن خاص واقعي سببان ڳالهه جو ٻج پيو، تڏو لڳو ۽ سلو انگوريو. پوءِ ڪنهن هڪڙي ان جي چوڌاري صفائي ڪري ان سلي کي نروار ڪيو: ڪنهن پاڻ جي ٻکي ڏني، ته ڪنهن ان کي پاڻي ڏنو: اهڙيءَ طرح مختلف ماڻهن جي مدد سان اهو سلو ويو ڏينهون ڏينهن وڌندو وڻ ٿيندو. انهيءَ عرصي ۾ ڪنهن ان جو ڪو ڏار ڪپيو ته وري ٻيا نوان گونچ ڦٽا ۽ نوان ڏار نڪتا. اجان به ٻيا مثال ڏجن ته چئجي ته 'لوڪ ڪهاڻي' هڪ فقير جي گودڙي آهي، جنهن ۾ پنج ڪٽي پئي پوي ۽ هر قسم جو اناج توڙي مانيءَ جا ڀور پڻ پيا گڏ ٿين: يا لنگر جي ديگ آهي جا چڙهي پيئي آهي، جنهن ۾ جنهن ڪان جيڪي پڄي سو اڇي وجهي: جوئر، ٻاجهري، مڱ مٽر، ڪٽڪ تر، چانور ڇيڙ، دال بصر ۽ ڪاڏي جي ٻي هر ڪچي جنس، جنهن جيتري ان ۾ وڌي اوتري پئي پڄي: ڪنهن پاڻي وڌو، ڪنهن ڪاٺيون سيريون، ڪنهن ڳن ڏنو ته ڪن ونڊيو ۽ ورهايو. اهڙيءَ طرح قنڌوري قائم آهي، پر اهو ڪنهن کي معلوم نه آهي ته ديگ ڪنهن چاڙهي، ڪڏهن چڙهي، ۽ ان ۾ هر جنس ڪيتري پئي ۽ ڪنهن ملائي.

لوڪ ڪهاڻين ۾ ڪي ڪردار البت اهڙا آهن،جن جي تخيل جي ابتداء کي دورن وار تقسيم ڪري سگهجي ٿو. ديو، پريون، جنّ وغيره ڪردار انساني تاريخ جي نسبتاً اوائلي دور جو يادگار آهن. اهو انسان جي محدود علم ۽ تجربي وارو دور هو، جڏهن اجان هو فطرت جي طبعي واقعن ۽ فطري مشاهدن جي ماهيت کان بيخبر هو. سج، چنڊ، باهه، ۽ پاڻي سندس واسطي ديوتا هئا. گوڙ، مينهن ۽ طوفان کي ديون جي اچڻ سان تعبير ٿي ڪيائين، ۽ سهڻي سهائي رات کي پرين جي آمد جي تياري تصوّر ٿي ڪيائين.

انسان پنهنجي ننڍڙائپ ۾ پهريائين خارجي طاقتن کي محسوس ڪيو ۽ انهن

ڪان متاثر ٿيو: بعد ۾ هن کي پنهنجي هستي ۽ طاقت جو شعور پيدا ٿيو ۽ هن خارجي طاقتن جي مقابلي لاءِ تجويزون سٽيون. انسان تي اول طبعي طاقتن جي هيبت طاري ٿي: گوڙ، طوفان، مينهن، جانور، نانگ بلائون وغيره، سندس واسطي ڇڻ آفتون هيون. آهستي آهستي هشيارن ۽ هنرمندي ذريعي ماڻهن جانورن، نانگن ۽ بلائن کي ماريو: اهڙن زياده همت وارن شخصن ۾ ٻين جو ويساهه پيدا ٿيو ۽ منجهن پڻ خود اعتمادي آئي. پنهنجي خوداعتمادي ۽ ٻين جي ويساهه جو شعور، انسان جي ذهني حرفت ۽ هنرمندي لاءِ هڪ اهم پيش خيمو هو. انهيءَ شعور، زياده عاقل ۽ هنرمند شخصن کي آماده ڪيو تہ جسماني طاقت جي علاوه ٽوٽا ڦيٽا، منڊ ۽ منتر جوڙين ۽ ڪرشما ڪن تہ جيئن منجهن عوام جو ويساهه وڌي. هو پوءِ جسماني طاقت سان جانورن کي مارڻ جي پيٽ ۾ پنهنجن منڊن ۽ منترن سان طبعي قوّتن ۽ جاندارن توڙي وهمي ڀوتن کي ٽارڻ جو دم ڀرڻ لڳا. عوام پنهنجي جان ۽ مال جي حفاظت خاطر جهڙيءَ طرح جسماني طاقتور شخص کي تسليم ڪيو، اهڙيءَ طرح اُنهن عاقل حرفتين کي پڻ مڃيو، سندن انهيءَ مڃوتي کين ويتر وڌيڪ ڪرشمن ڪرڻ تي آماده ڪيو ۽ هنن عجب قسم جي هٿ ناٽن ۽ ٽڪساٽن سان عام ماڻهن جو عقل حيران ڪري، پاڻ ۾ سندن ويساهه وڌائڻ شروع ڪيو. جڏهن اهي هٿ نات ۽ ٽڪسات هڪ فن جي درجي کي وڃي پهتا تہ انهيءَ فن کي 'جادو' سڏيو ويو. جيئن جيئن انسان پنهنجي ننڍڙائپ مان نڪري بالغ ٿيڻ لڳو تہ جادو جي ڪرشمن کي پڻ عام فهم کان اُتم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ڳالهہ اتي وڃي پهتي تہ ساڳئي دور ۾ ڪيئن ماڻهوءَ جو عقل چرخ ڪجي: ڪيئن انسان کي متاثر ڪجي بلڪ زيرِ اثر ڪجي. اهڙيءَ طرح انسان جو خارجي طاقتن جي مدافعت سان گڏ جادوءَ جي طلسم ۽ منڊن منترن جي رعب سان خود انسان کي مطيع ڪرڻ طرف رخ ٿيو.

بهرحال،جادوگرن، جادوگرياڻين ۽ ڏائڻين وغيره جو تخيل نسبتاً پوءِ واري انهيءَ ئي دور جو آهي، جڏهن انساني دماغ ترقي ڪئي تہ هنرمند انسانن پنهنجون تجويزون سٽيون ۽ انوکيون اٽڪلون رٿيون. اهي تجويزون ۽ اٽڪلون عام سمجهہ کان اوچيون هيون، ۽ انهيءَ ڪري اهو ويساهه پيدا ٿيو تہ انهن انوکين اٽڪلن ۽ تجويزن ذريعي انسان ديون، پرين، جنن جو مقابلو ڪري سگهن ٿا، بلڪ انهن کي مطيع ڪري سگهن ٿا. اهي نيون اٽڪلون ۽ تجويزون، جن ۾ منڊ ۽ منتر، چنڊا ۽ ڦيٽا، ڌوپ ۽ واس ۽ ٻيا انوکا سوڻ ۽ سات توڙي ڪرتب ۽ هٿ نات شامل هئا، تن کي 'جادوءَ' جي نالي

سان سڏيو ويو، ۽ اهو جادو انسان لاءِ مدافعت توڙي مقابلي جو هڪ اهم اوزار بنيو.

باد شاهه ۽ وزير، شهزادا ۽ راڻيون نسبتاً انساني تاريخ جي ھن بالڪل پوئين دور جا ڪردار آهن، جڏهن انسانن جا گروهه آباديون ڪري، بستيون بنائي سڪونت پذير ٿيا. سندن سماجي نظام ڳوٺن ۽ ٽڪن جي دائري کان وڌيڪ وسيع ٿيو ۽ خانداني ابن ڏاڏن يا مخصوص مقامي سردارن جي اختيار کان ٻاهر نڪري ويو. انهيءَ ڪري وڌيڪ منتظم ۽ طاقتور سردار 'راجا' يا 'باد شاهه' تسليم ٿيو، ۽ ان جي وجود سان وزير، راڻيون ۽ شهزادا وجود ۾ آيا. اهو اندازاً گذريل پنجن هزارن ورهين وارو دور آهي، جنهن جي ابتدا جي ڇڻتي خبر نه آهي؛ البت مصر جي فرعونن ۾ "باد شاهي تجمل" پنهنجي پوري ناٽ سان نظر اچي ٿو. موجوده رجحانن ۽ آثارن جي بناء تي ڇئي سگهجي ٿو ته هيءَ صدي انهيءَ دور جي خاتمي جي صدي آهي، ۽ جيڪڏهن تاريخ وري پنهنجو پاڻ نه ورايو ته اچ کان پنج سؤ سال پوءِ باد شاهن ۽ راڻين جو تخيّل به اهڙو ئي انوکو پيو لڳندو، جهڙو هن وقت ديون ۽ پرين جو آهي.

لوڪ ڪهاڻين جا ڪُهنا ڪردار:

لوڪ ڪهاڻين ۾ ديون ۽ پرين، جنن ۽ جادوگرن، ڏائڻين ۽ ڏوتين وارا تخيّل انسان جي وهمن ۽ وسوسن جا اڳاٽا عنصر آهن ۽ انهيءَ لحاظ سان اُهي ڪهاڻين جا قديم يا ڪهنا ڪردار آهن. البت ڪهاڻين ۾ انهن جو جيڪو ڪردار سٽيل يا سمايل آهي ان جا ٻه رخ آهن: اول ته اهي ڇا آهن ۽ ڇا ڪري سگهن ٿا، يعني ته انهن جي ذاتي ڪيفيت توڙي هيئت بابت اهي تخيّل پيش ڪيل آهن جي انهن متعلق انسان جي نسبتاً اڳاٽن وهمن ۽ وسوسن جي يادگيرين جا اهڃاڻ آهن. ٻيو ته هو ڇا چون ٿا ۽ انسان سان ڪهڙو برتاء ڪن ٿا يعني ته سندن سماجي شخصيت ڪهڙي آهي؛ ان بابت جو مواد لوڪ ڪهاڻين ۾ آهي، سو گهڻو ڪري انهيءَ مقامي سماج جو عڪس آهي، جنهن ۾ اهي 'لوڪ ڪهاڻيون' رائج آهن.

هر گروهه جي 'لوڪ ڪهاڻين' ۾ انسان جي قديم وهمن ۽ وسوسن مٿان ان گروهه جي سماجي ويچارن ۽ قدرن، ريتن ۽ رسمن جو رنگ چڙهيل آهي. ديون، پرين، جنن، جادوگرن ۽ ڏائڻين جون ڪي خاص خصوصيات (صورتون بدلائڻ، اڏامڻ، غائب ٿيڻ وغيره) انسان جي وهمن ۽ وسوسن جون اڳاٽيون يادگيريون آهن، پر انهن ڪردارن جون ڳالهيون ٻولهيون، ٿورا ۽ مهربانيون، ضد ۽ عداوتون، سوال ۽ جواب لڇڻ ۽ لڇڻ اڪثر اهي ئي آهن، جيڪي انساني سماج ۾ ڪن شخصيتن بابت ٻڌل سڌل يا معلوم ۽

مشهور آهن.

انهيءَ لحاظ سان، ڪهاڻين جي هن مجموعي ۾ ديون، پرين، جنن، ڏائڻين ۽ جادوگرن جي جيڪا تصوير ملي ٿي، ان جا ٻه پهلو آهن: هڪڙو انهن ڪردارن بابت قديم وهمن ۽ وسوسن وارو تخيل آهي- مثلاً: ديو ماڻهوءَ کي اڪيلو ڏسي کٽي ويندا آهن (٤٣٠)، ديو انسان کي ماري کائي ڇڏيندا آهن. (٣٣)، ديو اُڏامندا آهن. (٣٥)، ديو پنهنجي صورت بدلائي ٻي ڪا به صورت انسان، نانگ، طوطو وغيره جي وٺي سگهندا آهن (٣٣، ٧٨، ١٠٣، ١١٩)، ديون جو ساهه ڪن خاص جاندارن يا وَٿُن ۾ هوندو آهي، جيئن ته چتونءَ ۾ (٧٩)، پراڻي مَٽ ۾ پيل ميڻ ۾ (٢٩٠)، پؤنر ۾ يا دهل ۾ (٤٢٥) ۽ ديو ڇهه يا ٻارهن مهينا سمهن ته ڇهه يا ٻارهن مهينا جاڳن (٣٤، ٨٠). اهي ديون بابت قديم وهمن ۽ وسوسن واريون يادگيريون آهن جي انهن ڪهنين ڪهاڻين ۾ آثار قديمه مثل محفوظ رهجي ويون آهن.

ٻيو ته انهن ڪردارن جي عملي تصوير تي انساني سماج جو رنگ چڙهيل آهي. مثلاً سنڌ ۾ عوام جي نظريي موجب ديو ۽ جنّ حضرت سليمان جي هٿ ۾ هئا ۽ ان جا تابع هئا. انهيءَ آڳاٽي نظريي جوعڪس سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين ۾ نظر اچي ٿو جو ظاهر آهي ته سنڌي سماج جو اثر آهي. مثلاً "گل بادشاهه شوق شهزادي" جي ڳالهه ۾ جاتايل آهي ته ديون ڳالهايو ۽ حضرت سليمان جو قسم کنيو (٣٤). ديون جي هلت چلت بابت جيڪي اهڃاڻ ڏنل آهن، اهي سماجي قدرن مطابق انساني ڪردار جا برا يا ڀلا پهلو آهن. جيئن ته ديو ماڻهن سان ڳالهائيندا ٻولهائيندا آهن (٣٤، ١١٤، ٤١٤)، ديو نهايت سگها ۽ طاقت وارا آهن (٩، ١)، ديون جو لشڪر شهرن جا شهر تباهه ڪري سگهي ٿو (٢١٧)، طاقت وارو ماڻهو ديو سان مقابلو ڪري ان کي شڪست ڏيئي سگهي ٿو، ۽ جو ماڻهو ديو تي غالب پيو ۽ ان سان مهرباني ڪيائين ته ديو به هميشه لاءِ سندس دوست ۽ مددگار بڻجي سگهي ٿو (١١٠)، ديو به ماڻهوءَ کان مدد گهري ٿو (١٩٣)، ۽ جيڪڏهن ڪو شخص بيوسيءَ واري حالت ۾ 'چاچا، چاچا' يا 'ماما، ماما' چئي وڃي ديو آڏو پيش پوي ٿو ته مٿس مهربان ٿئي ٿو ۽ مدد ڪري ٿو (٣٦١، ٣٦٢)، بلڪ ديو دوستيءَ جو قدر سڃاڻي ٿو ۽ انسان جي ٻچڙي کي بڌائي ٿو ته، "ياريءَ جا پنڌ اجا پري آهن" (٤١٤). ديون بابت انهيءَ قسم جا خيالات انساني سماج جي پيداوار آهن ۽ انساني ڪردار جي قدرن موجب ديون جي ڪردار کي پڻ تصوّر ڪيو ويو آهي.

پَرِيُون: ديون جي ڀيٽ ۾ پرين جي ڪائنات پنهنجي آهي. پريون خود خيال، بي پرواهه ۽ چلوليون آهن. ديون کان زياده هوشيار ۽ حرفتي آهن. سندن گڏيل طاقت ديون کان گهٽ آهي، ۽ جڻ ديو سندن مطيع آهن. انهيءَ ڪري ديون جا لشڪر پرين جي حڪم هيٺ آهن (٢١، ٢٢، ٦٣). پر اڪيلي سر، پَري اڪثر ديو جي طاقت آڏو عاجز آهي. (٣٧): طاقتور ديو، اڪيلين پرين کي پاڻ وٽ آڻي بند ڪن ٿا، ۽ ڪا پري ديو جي زال پڻ بنجي ٿي (٣٩٤).

انسان لاءِ پرين جي دنيا عجائبات جي دنيا آهي، بلڪ ڪرشمن ۽ طلسمات جي دنيا آهي. پريون اڪثر ٽولا ڪري اُڏامن ٿيون، ٽولن جي صورت ۾ تلائن تي اچي وهنجن ٿيون، ۽ باغن ۾ اچي سير ڪن ٿيون يا ڪن بستين ۾ رهن ٿيون. مثلاً پرين جي هڪ بستي 'ننڊ ولايت' آهي، جتي سيڪو ننڊ ۾ آهي؛ پريون محلات ۾ گهَري ننڊ ۾ آهن ته چوڪيدار ديو دروازن تي اگهور ننڊ ۾ ستل آهن.'پرين جو محلات سون، چاندي، هيرن ۽ جواهرن سان جڙيل آهي (١٤، ١٥). پريون ڪئين ڪرشما ڪري سگهن ٿيون. پرين ۾ ڪنهن بي صورت اختيار ڪرڻ ۽ وري اصلوڪي صورت ۾ اچڻ جي شڪتي آهي. تلوار سان پريءَ جو سر ڌار ٿئي ٿو ته اها 'روپو ٽڙ' بنجي بيهي ٿي؛ بي وري سر لهڻ سان اُن ٽڙ جا سونا ڏار ٿي پوي ٿي، تي اُن جا جواهري پن ٿي بيهي ٿي، ته چوٽين وري اُن جي لعلون بنجي لٽڪي ٿي(١٦). هرهڪ پريءَ جو ڪرشمو الڳ الڳ آهي: "گلان پريءَ" جو وڳو گلن ڦلن جو آهي(١٩٢)؛ 'موتي جان' پريءَ جا رت جا ڦڙا ڦري موتي ٿين ٿا(٣٩٢)، "گلزار پري" جي ڏنل ڏاڙهن اندر داڻن بدران هيرا آهن(٤٠٧).

اڪيلو انسان جيڪڏهن پرين جي ٽولي کي هٿ چڙهي وڃي ٿو ته اُن کي هڪ رانديڪو بنائي ساڻس کيڏن ٿيون؛ ڏينهن جو سندس ٽنگون ٻانهون جدا ڪري ڇڏين ٿيون ۽ رات جو وري ڪيس ساڳيون ٽنگون ٻانهون ڏئي، ڪانئس ساز وڄرائي پاڻ ناچ ڪن ٿيون(٣٨). انسان کي پرين جي منڊ ۽ ڪرشمن کان بچڻ لاءِ خاص طرح ڪنهن ٻي پريءَ جي ڏنل تعويذ يا منتر جي ضرورت آهي؛ هو ڪنهن حيلي ۽ حرفت سان ئي انهن پرين جي پڃاڙ کان بچي سگهي ٿو، ۽ ڪانئن وڇن وني پاڻ کي محفوظ ڪري سگهي ٿو(٣٩٤). البت جيڪڏهن ڪا اڪيلي پري ڪنهن ديو جي قيد ۾ قابو آهي يا ٻي ڪنهن مصيبت ۾ ڦاٿل آهي ۽ ڪو انسان اچي اُن کي ڇڏائي ٿو ته اُها سندس مشڪور ۽ مطيع بنجي ٿي، بلڪ ساڻس شادي ڪري ٿي ۽ عمر ڀر ساڻس وفادار رهي ٿي

(۲۸، ۳۹۱، ۳۹۳).

جنّ: جنن ۾ ديون وارو دٻدٻو ۽ دهشت يا پرين واري پُراسرار طاقت ڪانہ آهي. گهڻا جنّ گڏجي پنهنجو لشڪر ٺاهي سگهن ٿا. اڪيلي سر بہ جنّ ڪرشما ڪري سگهن ٿا. جنّ جو ٻار، جمڻ سان ئي جام آهي، ۽ هو وڏن وانگر هلي چلي سگهي ٿو (۱۹۴). جنن ۾ خاص خصوصيت مخفي بڻجڻ جي آهي. مثلاً هڪ جنّ دلي يا ڏيئي ۾ پاڻ لڪائي ويهي ٿو ۽ اُتان ويهي ڳالهائي ٿو، ائين جو جڻ دلو يا ڏيو پاڻ پيو ڳالهائي (۱۹٦). جنن جا پنهنجا مرشد آهن، جن جي هو عزت ڪن ٿا ۽ سندن حڪم مڃين ٿا (۳۵۵). ڪي جنّ انسانن وانگر لڄ ۽ حرڪتي آهن ۽ موچڙن سان ئي سڌا ٿين ٿا. اهو هڪ عام تسليم ٿيل خيال آهي تہ "موچڙن کان جنّ بہ ڀڄي وڃن" (۷).

غير بشر مخلوقات مان ديو، پريون ۽ جنّ لوڪ ڪهاڻين جا ڪهنا ڪردار آهن: اُهي انسان جي وَهمن ۽ وَسوسن جا پڻ آڳاٽا يادگار آهن. انهن سان گڏ جادوگر ۽ جادوگرياڻيون، ڏائڻيون ۽ ڏوتيون پڻ ڪهاڻين جا مکيہ ڪردار آهن، مگر اهي مڙيئي ڪردار نسلِ انساني سان تعلق رکن ٿا، ۽ تاريخي لحاظ سان انهن جو وجود پوء جو آهي.

عام ويساهہ موجب جادوگر ۽ جادوگرياڻيون ڇاڇا ٿي ڪري سگهيا، انهيء جا آثار لوڪ ڪهاڻين ۾ ملن ٿا. هڪ صورت مان ٻي صورت بدلائڻ، خود غائب ٿي وڃڻ، ڪنهن ٻي شيء کي غائب ڪرڻ،انسان کي جانور بنائي قبضي ۾ ڪرڻ يا انسان کي ڪا غيرجاندار شيء بنائي ڇڏڻ، يا هيبتناڪ مصنوعي منظر پيدا ڪرڻ، جادوء جي طلسم جا مکيہ ڪرشما آهن، جن جو ذڪر لوڪ ڪهاڻين ۾ ملي ٿو. سونن سڳن سان هرڻ جو ڏيکاءُ ڏيڻ ۽ غائب ٿيڻ (۲٦٦)، جادوگر جو ٻريٽ ۾ سڄي ڄڃ غائب ڪري ڇڏڻ (۱۰)، جادوء جي زور تي سئي هٽي يا سڄو ٻڌي گهيٽو بنائڻ (۲٦۵-۳۵۳)، انهيء قسم جي ڪرشمن جا ڪي مثال آهن. جادوء جي اثر کان بچڻ لاء پڻ جادوء جي طاقت ضروري آهي. هن مجموعي ۾ ٻن ڪهاڻين "شهزادو ۽ فقير" (۲٦۸-۲۷۴) ۽ "فقير ۽ شهزادي" (۲۷۵-۲۷۹) جو بنيادي سٽاء ئي جادوء جي ڪرشمن تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ جادوء جي حملي ۽ ان کان بچاءُ جا ڪرتب بيان ڪيل آهن. ڪي وَٿون جادوء جي عمل پيدا ڪرڻ لاء يا اُن عمل کي زائل ڪرڻ لاء خاص ذريعا بڻجن ٿيون. ٽوپي پائڻ سان ٻيا ماڻهو ڏسي نٿا سگهن (۴۲٦)؛ رومال ڇنڊڻ سان هيرا جواهر ٿا

ڪرن(٤٢٦)؛ هڪ ميوي ڪائڻ سان ماڻهو جانور ٿو بڻجي پوي، ۽ وري ٻئي ميوي ڪائڻ سان اصلوڪي انساني صورت ٿو وٺي(٤٢٧)؛ ٿن خاص گلن سان جادوءَ جو اثر زائل ٿو ٿئي ۽ جادوگر مطيع ٿو بڻجي(١١)؛ مُنڊيءَ جي زور سان پرين جو جادو بي اثر ٿئو ڪري(٣٩٦)؛ پريءَ جي ڏنل ويندي سان قبي جو دروازو کلي ٿو پوي(٣٩٨). ازانسواءِ سنڌي لوڪ ڪهاڻين ۾ سيلهي ڏنڊو مقابلي لاءِ ۽ اُڏند کٽولي چڙهي اُڏامڻ لاءِ مکيہ وٿن طور آيل آهن. "شهزادي ساعت ملوڪ" جي ڪهاڻي(٣٨٤-٤٠١) ۾ منڊي ۽ ويندو، اُڏند کٽولي ۽ سيلهي ڏنڊو مکيہ وٿون آهن. ڪن جزوي ڪهاڻين ۾ انسان جو ڦري "پنڊ پهڻ" ٿيڻ (يعني خود پٿر بڻجڻ) پڻ هڪ جادوءَ جو ڪرشمو ڪري بيان ڪيو ويو آهي، پر اڪثر ڳالهين ۾ اهو عمل عموماً انسان جي پنهنجي ڪني جي ڦل سان وابستہ ٿيل آهي؛ يعني ڪنهن درويش جي پِٽ سببان يا ڪنهن راز ظاهر ڪرڻ سببان ماڻهو پنڊپهڻ ٿي پوي ٿو ۽ انساني رت جي ڦڙن لڳڻ سان وري ساڳيو انساني روپ وٺي ٿو.

ڏائڻيون: انسانن جي ڪروهہ ۾ شامل آهن. اهي آدمخور عورتون آهن، جي خاص طرح ماڻهن جا هيانوَ ڪائين ٿيون. هو منڊ ۽ طلسم پڻ ڄاڻن. عام وهم موجب، ڏائڻيون رات جو ستي لوڪ ٻين ڀاتين جي ننڊ مُنڊي پنهنجا گهر ڇڏين؛ چراخ جانور سندن سڳي ۾ آهي، جنهن تي سواري ڪن، ۽ قبرستانن ۾ وڃي مردن جا هيانوَ ڪائين. لوڪ ڪهاڻين ۾ سندن ڪردار جي اها ڪڏائي بيان ٿيل آهي: ڏائڻ مُردن جا هيانوَ ٿي ڪائي(٧١) ۽ ڏائڻ شهزادي جي لاش ڪائڻ لاءِ اچي ٿي (٢١٦). ست ڏائڻيون ڪنهن ٻر ۾ محلات بنائي، شهزاديون بڻجي ويهن ٿيون ۽ وٽن ايندڙ انسانن کي ماري ڪائين ٿيون. وٽن سامونڊي گهوڙا آهن، ۽ سندن ڪرشمي ۽ عمل جو دائرو مقرر ٿيل آهي: ان دائري اندر هو انسان تي قابض آهن، پر جيڪو دنگ ٽپي وڃي ٿو سو سلامت بچي ٿو(٤١٢-٤١٤).

ڏوتيون: 'ڏوتي' بالڪل انسان آهي، ۽ وٽس ڪنهن جادو يا ڪرشمي جو هجڻ لازمي نہ آهي، حالانڪ ڪي ڏوتيون جادو پڻ ڪري سگهن ٿيون. ڏوتي عموماً هڪ پوڙهي ۽ مڪار عورت آهي، جا دوهہ ۽ دولاب ۾ ماهر آهي. منجهس رحم جي رتي نہ آهي؛ لالچ ڏيڻ سان هوءَ ڪڏي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي ٿي. اٽڪل ۽ حرفت ۾ هوشيار آهي، ۽ جتي ڪو ٻيو نہ پهچي سگهي اتي پهچي ٿي. نوجوان عورتن کي ريهي ريبي برغلائڻ سندس ڏائي هٿ جو ڪيل آهي. هوءَ هر حيلي سان راز معلوم ڪري ٿي،

۽ پنهنجي دغا ۽ دولاب سان مردن جي ڪاميابين تي پاڻي ڦيرائي ٿي ۽ سهاڳڻين جا سهاڳ رولي ٿي.

لوڪ ڪهاڻين ۾ سمايل ڪردار مطابق، ڏوتي هڪ پوڙهي عورت آهي(١١٥). ڏوتي اها عورت آهي، جا پنهنجي ناڪاميابي سببان، ٻين ٻن ساٿين کي ڏسي سڙي، ۽ سندن محبت کي ٽوڙڻ جا منصوبا سٽي(٣٦٠). ڏوتي حرفت ۽ دغا کان ڪم وٺي ٿي، حالانڪ ڏوتي جادو به ڄاڻي سگهي ٿي (٢٥٥) ۽ جادوگرڻ عورت پڻ ڏوتپڻو ڪري سگهي ٿي (٣٥٣). ڏوتي مڪر ۽ فريب سان زالن (راڻين ۽ شهزادين) کي برغلائي ڳجها راز هٿ ڪري ٿي (٨١، ٢٥٣، ٣٦٦، ٣٨٠). ڏوتي دولاب ۽ ڏوڪي سان ڪنهن به ڪڏي ڪم ڪرڻ کان ڪين گسي ٿي: مثلاً شهزاديءَ کي ڪٺي وجي ٿي (٨٢)، 'لال ملوڪ' جي ساهه واري تلوار درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏي ٿي(٩٥)، ۽ ڏوڪو ڏيئي شهزادين ۽ راڻين کي وٺي وڃي ٿي ۽ ساڻن دولاب ڪري ٿي(٩٥، ١١٨، ٣٨١).

مٿيان ڇهه ڪردار سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي سٽاءَ جا مکيه جزا ۽ اڳاٽا عنصر آهن. انهن مان ديو، پريون ۽ جنّ ٽيئي غير انساني هيئتون آهن، ۽ جادوگر ۽ جادوگرياڻيون، ڏائڻيون ۽ ڏوتيون انساني گروهه مان آهن. منجهائن ٻين سڀني ۾ بديءَ سان گڏ ڀلائي جي وصف پڻ موجود آهي، مگر ڏائڻيون ۽ ڏوتيون محض بديءَ جا ڪردار آهن، جن ۾ ڀلائي بنهه آهي ئي ڪانه. جيئن مٿي چئي آيا آهيون، اهي مڙيئي ڪردار انسان جي اڳاٽي زندگيءَ جي وهمن ۽ وسوسن جا يادگار آهن. هن وقت ديون ۽ پرين کي انسان جي عملي زندگيءَ ۾ ڪو به دخل ڪونهي: البت جنن جو وسوسو اڃا تائين سڌريل سوسائٽين ۾ پڻ رائج آهي. هن دور ۾ جادوءَ کي انسانيءَ ڪرتب ۽ هٿناٺ جوهڪ علمي فنّ تسليم ڪيو وڃي ٿو، ۽ سواءِ ڪن اڻڄهه انساني گروهن جي، اهو ڪٿي به ڏوڪي ۽ طلسم طور استعمال نٿو ڪيو وڃي. ڏائڻين کي پڻ عام انساني زندگي ۾ دخل نه رهيو آهي، جيتوڻيڪ دنيا جي ڪن ٿورن پوئتي پيل ۽ غير ترقي يافته انساني گروهن ۾ جيئرن توڙي مئل انسانن جي گوشت کائڻ جي قديم رسم باقي آهي ۽ اهڙن گروهن ۾ مرد توڙي عورتون آدمخور آهن. لوڪ ڪهاڻين ۾ 'ڏائڻ' جو تخيل هڪ حقيقي آدمخور عورت جو نه آهي، بلڪ اهو زيادهه تر وهمي ۽ خيالي آهي: ڇاڪاڻ ته 'ڏائڻ' ڪنهن انساني گروهه جي عام رسم موجب ٻين وانگر مردا نٿي کائي، مگر هو جادو ۽ ڪرشما ڄاڻي ٿي ۽ ٻين کان لڪي جدا ٿي مردن جا هيانو

ڪائي ٿي؛ پڻ اڪيلن انسانن خصوصاً مَردن کي بند ڪري، ماري انهن جا هيانوَ ڪائي ٿي. ڏوتي، مٿين سيني ڪردارن جي پيٽ ۾، انساني گروهه جو ئي فرد آهي. هو اڪثر هڪ تجربيڪار پوڙهي عورت آهي، جا لالچ يا حسد وچان ڏوهه ۽ دولاب ڪري ٿي. هو نفسياتي طور نڪار آهي؛ رحم جي منجهس رتي نه آهي ۽ ٻين جي خوشين کي خاڪ ڪرڻ سندس پيشو آهي. نفسياتي طور اهڙا نڪار انسان اڄ به انساني سماج ۾ موجود آهن، پر بلڪل ٿورا آهن؛ انهيءَ نقطه نظر کان 'ڏوتين' جو ڪردار پڻ ٻين ڪردارن وانگر انوکو ۽ انساني سماج جي آڳاٽي دور جي يادگار آهي. مجموعي طور سان لوڪ ڪهاڻين وارا اهي مَرڪزي ڪردار انسان جي آڳاٽي زندگيءَ جي وسوسن ۽ وهمن جا قديم آثار آهن.

جانور: لوڪ ڪهاڻين جي مکيه ڪردارن ۾ جانور پڻ شامل آهن. جانورن جا ڪردار انهيءَ آڳاٽي دور جو يادگار آهن، جڏهن انسان ٻيءَ مخلوق وانگر صحيح معنيٰ ۾ اجا ڏرتي ماتا جو نيپاج هو، ۽ ان ماءُ جي ٻين ٻارڙن - يعني ته جيتن، جانورن ۽ پکين سان گڏ پنهنجو قوت گذر پئي ڪيائين، بلڪ اُنهن سان ڳالهيون ٻولهيون پئي ڪيائين. عام ويساهه موجب، ويندي حضرت سليمان جي وقت تائين جيت جناور ۽ پکي پکڻ ڳالهائيندا هئا. مشهور آهي ته هڪ ماڪوڙي پنهنجي ساٿين سهيلين کي چيو ته سليمان ۽ سندس لشڪر پيو اچي؛ سندن اکيون مٿي آهن؛ وات چڏي ٻچي پري ٿيو، متان لتاڙي نه مارين. خود لوڪ ڪهاڻين جي اسرڻ واري وقت بابت چوندا آهن ته ان زماني ۾ "هرڪا شيءِ ڳالهائيندي هئي" (٦١): پکن پاڻ ۾ پئي ڳالهايو (٤٦، ٢٢٦)، هرڻي ۽ هرڻن پئي ڳالهايو (٦١، ٤٠٤)، گرڙ پکي گل انداز سان ڳالهايو (١٤) ۽ مئنا بادشاهه کي ٿي آڪاٽي ٻڌائي (٢٥٢)؛ جانورن مان هڪ شينهن ۽ شينهڻ، ٻيءَ ماءُ کان ڇڄي ويل هڪ ڇوڪرڙي کي ٿي نپايو (٨٦-٩٠) ته ٻلي ۽ ڪتي نياپا پئي پهچايا (٩٧).

سنڌي لوڪ ڪهاڻين ۾ جانورن ۽ جاندارن مان خاص طور نانگ، گرڙ پکي، هرڻ ۽ چنون اهم حيثيت رکن ٿا. ڪارو واسينگ نانگ هيبت توڙي اشرافت جو نشان آهي. اوائلي زماني ۾ انسان لاءِ نانگ به هڪ آفت هو، ۽ انهيءَ ڪري ان کي ديو توڙي ديوتا ڪري مڃيو ويو. ديو جي حيثيت ۾ نانگ صورتون بدلائي ٿي سگهيو. نانگ جي هيبت جو اهڃاڻ انهيءَ مان ملي ٿو جو "امير حمزي ۽ ڪٽڪ راڻي" واري ڪهاڻي ۾ خود ديو نانگ بنجي امير حمزي جي زال روڪي ٿو (١٠٣). ٻئي طرف آڳاٽي وقت

ڪان اهو وهم وينل آهي تہ ڪارو نانگ هڪ اصيل ۽ اشراف جانور آهي، سندس مٿي ۾ مٽيا (مڻ) آهي، ۽ هو پنهنجي اصيلپ سبباں دوستن جو دوست آهي ۽ محل جو مڙس آهي:

ونءُ تون واسينگن وٽ، ترت لهي تريا ءُ،
مڻ جنين جي مٿي ۾، آهي شم جهڙي شغلاء،
سي سُر سٽي سِر ڏيندا، آٽي تان ارواح.

انهيء لحاظ سان نانگ بادشاهہ جو دوست بنجي ٿو، سائس ڳالهائي ٿو ۽ کيس مڻ ڏئي ٿو ۽ نانگ صورت بدلائي ڳاڙهي لعل تي پوي ٿو (٣٣٢)، نوَلکو هار تي پوي ٿو (٣٤٢)، بلڪ انساني صورت وٺي شهزادو "لال ملوڪ" تي پوي ٿو (٣٥٥).

گرڙ پکي جڻ پکين ۾ ديو آهي، ۽ انسان جي ٻچڙي کي چنبي ۾ کڻي اُڏائي سگهي ٿو. اڪثر ڪري انسان سان ڀلائي ڪري ٿو، انسان کي مشڪل مان ڇڏائي ٿو ۽ اُڏائي منزل تي پهچائي ٿو- جيئن تہ گل انداز کي گرڙ پکي اُڏائي کڻي وڃي ننڊ ولايت ۾ پهچايو (١٤). لوڪ ڪهاڻين جي آڳاٽين يادگيرين موجب گرڙ پکي (١٤) ۽ اڏنڊ کٽولي (٣٩٧) انسان جي فضا ۾ اُڏامڻ جا اوائلي وسيلا بنيا.

جانورن مان هرڻ ۽ هرڻيون پڻ 'لوڪ ڪهاڻين' ۾ وڏو ڪم ڪن ٿا. هرڻيون ٻارڙن کي کير پيارين ٿيون، ۽ هرڻ جي اکين جي بدلي شهزادن جون اکيون بلڪ حياتيون بچن ٿيون (٣٧٢). البت سونن يا روپن سڱن وارو هرڻ طلسم جو نشان آهي، جو شهزادن کي لالچائي، ٻي راهہ ڪري ڀٽڪائي ٿو (٥٤، ١٤٧، ٢٦٦). پکين مان چنون کي پڻ 'لوڪ ڪهاڻين' جي سٽاء ۾ وڏو دخل آهي. چنون وندر ۽ ورونهہ خاطر ساٿي آهي، ۽ ٻي حالت ۾ چاري ۽ چوڪيدار آهي، جو هڪڙن جون ڳالهيون ٻڌي ٻين سان ڪري ٿو. منو پنهنجي مالڪن (بادشاهن ۽ راڻين، شهزادن ۽ شهزادين) کي سچ چوي ٿو ۽ بعضي ڏوراهان ڏس ڏيئي کين ڪشالا ڪڍائي ٿو؛ اڪثر هو مشڪلاتن ۾ مالڪن سان وفادار آهي، پاڻ سندن مدد خاطر پري پري وڃي پيغام پهچائي ٿو ۽ ڪشالا ڪڍي ٿو*

* هنن ڪهاڻين ۾ چنون جي مختلف ڪمن ۽ ڪارنامن لاءِ ڏسو ص ص ١٣٠، ١٦٥، ٢٤٥، ٢٤٦، ٣٤٩، ٣٥٣ ۽ ٣٨٩.

ڪهاڻين جي اوسر جو تاريخي پس منظر:

اهو معلوم نہ آهي تہ انهن ڪهنين ڪهاڻين جا ترَ (Plots) ڪنهن ٻڌا، ڪڏهن ٻڌا ۽ ڪيئن ٻڌا. البت ايترو چئي سگهجي ٿو تہ هر بالغ انساني گروهہ اندر اڳوڻن وهمن ويچارن جي صورت ۾ ڪُهنن ڪردارن جو تخيل موجود هو: ازانسواءِ جادو ۽ ٽڪساٽن ۽ انوکن ڪرشمن جون يادگيريون اَبن ڏاڏن ڪان هلنديون پئي آيون: انهن آڳاٽن عنصرن سان، بادشاهن ۽ راڻين، شهزادن ۽ شهزادين، وزيرن ۽ سوداگرن۽ ٻين انساني ڪردارن جي ڪارنامن ۽ ڪرتوتن جا جزا ملائي، ڪهاڻين جا تَر ٻڌا ويا.

ڪهاڻيءَ جي سٽاء جي شروعات غالباً پهريائين ڪنهن گهر جي ياتي يا سورهيہ اڳواڻ جي ڪارنامن يا ڪنهن وچڙي ويل شخص جي ڪشالن جي حقيقي بيان سان ٿي، جنهن کي وقت گذرڻ بعد وڌائي ويجهائي وڏو ڪيو ويو. اوائلي ڪهاڻيون سڀ حقيقي ڳالهيون هيون، جن تي پوءِ حڪايتي رنگ چڙهيو. اهو ڪهاڻين اُسرڻ جو اوائلي دور هو. ان بعد عالمن ۽ دانائن، نصيحت خاطر بادشاهن ۽ سردارن يا پنهنجن پٽن ۽ پوئلڳن واسطي عمداً ۽ ارادتاً ڳالهيون جوڙيون، جن ۾ جانورن جي زباني حڪايتون بيان ڪري، حڪمت عملي (Practical Wisdom) جا گُر سمجهايا. انهيءَ قسم جي معنيٰ خيز ۽ نصيحت آميز ڳالهين ۾ آڳاٽا مجموعا ڪتاب "ڪَليله و دِمنه"، "ڪَٿا سَريت ساگر"، "هِتو پَديشَ"، ۽ "پنچ تَنتر" آهن، جن جي ابتدا اوهام پرستي ڏانهن مائل ايراني ذهن، حرفت ۽ حيلي ڏانهن مائل برهمڻي ذهن، ۽ نصيحت ۽ تبليغ مائل سَمنَي (ٻڌ وارن) ذهن جي اختراعن سان ٿي. اهو ڪهاڻين جي اوسر ۽ ارتقاء جوٻيو دور هو، جنهن ۾ اوهام ۽ خرافات، حرفت ۽ حڪمت عملي، مت ۽ نصيحت ڪهاڻين جوڙڻ لاءِ مکيہ محرڪات هئا. انهيءَ قسم جون ڪهاڻيون هند ۽ ايران جي وچ وارن علائقن (موجوده مغربي پاڪستان، افغانستان ۽ اوڀر -ڏکڻ ايران) ۾ اُسريون ۽ اُتان پوءِ ٻين پاڱن ۽ ملڪن ۾ رائج ٿيون*.

---

* اسان پنهنجي انگريزي مضمون بعنوان "ڪتاب ڪليہ و دمنہ جي اصليت" ۾ بحث ڪيو آهي تہ 'ڪليہ و دمنہ' جو خاڪو غالباً ايراني خطيءَ ۾ بنيو ۽ بعد ۾ "پنچ تنتر" مجموعو هند ۾ رائج ٿيو. ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ 'پنچ تنتر' جي تشڪيل موجوده مغربي پاڪستان جي اُتر وارين ايراضين ۾ ٿي. تفصيل لاءِ ڏسو:
"The Origin of 'Kaliah-wa-Dimnah' Sindh University Research Journal, Arts Series (Humanitec & Social Sciences), Vol. I, 1961.

ان دور کان پوءِ، خاص وندر ۽ وروندم خاطر ڪهاڻيون ۽ قصا بحيثيت هڪ ادبي فن جي اُسريا. ڪتاب "الف ليليٰ" (الف لَيلاوٗ لَيلَۃَ=هڪ هزار ۽ هڪ راتيون) ۾ هيءُ فن بنيادي طور ڪمال کي پهتو ۽ هن شاهڪار ذريعي دنيا ۾ قصن ڪهاڻين واري آدبي فن (Fiction) جو بنياد پيو. اهو قصن ۽ ڪهاڻين جي ارتقاء جو ٽيون دور هو، جنهن جي شروعات اندازاً ڏهين صدي عيسوي کان ٿي.

سنڌي لوڪ ڪهاڻين ۾ ماضيءَ جي انهيءَ ارتقائي تاريخ جا آثار ملن ٿا. انهن جي سٽاء ۾ انساني گروهجي اوائلي وهمن ۽ ويچارن جا مجسما ۽ ڪردار (ديوَ، پَريُون، جِنّ)، جادوءَ جي ڪرشمن ۽ هٿناٽن جا يادگار، ۽ انساني گروهه جا اداڪار (بادشاهه،راڻيون، شهزادا، شهزاديون،وزير، سوداگر) موجود آهن. ٻئي طرف انهن ڪهاڻين جي تَر ۽ بَر، تاڃي ۽ پيٽي ۾ ايراني، هندي، ۽ عربي قصن ۽ ڪهاڻين جا نشان ملن ٿا. شڪار ڪندي،ڪنهن جانور جي پويان لڳڻ، ساٿين کان پري نڪري وڃڻ، راهه وڃائڻ ۽ ڪشالا ڪڍڻ هڪ اهڙو تجربو آهي، جو انسان کي سنڌس آڳاٽي خانہ بدوش ۽ شڪار تي گذران واري زندگيءَ جي دور ۾ پيش آيو هوندو، ۽ انهيءَ ڪري مختلف قومن جي لوڪ ڪهاڻين ۾ اهو تجربو ڳالهين جي تَر جو هڪ بنيادي جز آهي. ايراني بادشاهه بهرام گور جو جهنگلي گورخر کي مارڻ واري ڪهاڻي ۾ انهيءَ واقعي هڪ آفاقي صورت اختيار ڪئي. سنڌيءَ ۾ آڳاٽو رائج ٿيل 'بانڪي شاهه بهرام جو قصو' انهيءَ بهرام گور واري ڪهاڻيءَ جوعڪس آهي. هن مجموعي جي ڏهين ڪهاڻي (ياڳوند بادشاهه ۱۴۷) ۾ پڻ بادشاهه شڪار ڪندي هرڻ جي پويان پوي ٿو ۽ سندس ڪشالا شروع ٿين ٿا. شڪار جو واقعو لوڪ ڪهاڻين جو آفاقي جُز آهي ۽ ڪيتريون سنڌي ڪهاڻيون اڪثر شڪار جي بيان سان شروع ٿين ٿيون(۵۴). ماٿمن، جانورن ۽ ٻين شين جو صورتون بدلائڻ وارو خيال انسان جي آڳاٽن وهمن جو يادگار آهي ۽ انهيءَ ڪري لوڪ ڪهاڻين جي تر جو هڪ آفاقي جز آهي. البت مرڻ کان پوءِ ٻيءَ جوڻ ۾ اچڻ هندو عقيدي جو جُز آهي، ۽ انهيءَ ڪري جوڻ بدلائڻ واري خيال جو بنياد هند جي پيداوار آهي. هن مجموعي جي ٻارهين ڪهاڻي (۱۷۵) ۾ "نينان" مختلف صورتن ۾نمودار ٿئي ٿي. ۽ تيرهين ڪهاڻي (۱۷۷) ۾شهزادو جدا جدا صورتون اختيار ڪري ٿو. چوڏهين ڪهاڻي (۱۸۹) ۾ مادي چَڪوِي پکي، ٻيءَ جُوڻ ۾ "ڪسونبا ٻائي" جي انساني صورت وٺي ٿي؛ انهيءَ ڪهاڻيءَ جو تر 'جوڻ' واري اعتقاد تي ٻڌل آهي ۽ اها ڪهاڻي پڻ ترپارڪر جي سنڌي هندو گروهه ۾ عام مروج آهي

۽ اُتان ئي مليل آهي. بين پائرن جو گڏجي پنهنجي هڪ پاءُ کي تڪليف ڏيڻ وارو برتاءُ، حضرت يوسف ۽ سندس ڀائرن واري ڳالهہ ذريعي آڳاٽي وقت کان ملڪان ملڪ مشهور ٿيو ۽پڻ لوڪ ڪهاڻين ۽ قصن جو آفاقي جُز بڻيو. هن مجموعي ۾پهرين (١) ۽ ٻيءَ ڪهاڻي (٣٠) جي سٽاء ۾ ڀائرن وارو اهو برتاءُ مکيہ جُز آهي. انتيهين ڪهاڻي (٤٢٩) ۾ شهزادو لعل پنهنجي محبوب شهزادي لعلان سان مدرسي ۾ گڏجي پڙهي ٿو جو 'ليليٰ مجنون' جي عشقيہ داستان جوعڪس آهي.

ڪتاب "ڪليله و دمنه" جي آڳاٽي مجموعي ذريعي ڳالهين جي اندروني سٽاءَ ۾ ڳالهہ مان ڳالهہ نڪرڻ جو نُڪتو نروار ٿيو، جنهن کي 'الف ليليٰ' جي شاهڪار ۾ هڪ فن جي درجي تي پهچايو ويو. ڳالهين جي انهيءَ اندروني دلچسپ سلسلي جو اثر ملڪان ملڪ پيو ۽ عام ڪهاڻين پڻ اهو اثر قبول ڪيو. هن مجموعي ۾ پنجٽيهين ڪهاڻي (٤٠٩) ۾ ديو پنهنجي طرفان چاڪي ۽ سوداگر جي ڳالهہ ڪري ٻڌائي ٿو؛ ارڙهين ڪهاڻي (٢٤٥) ۾ طوطو ۽ مئنا هر هڪ رات ڳالهہ ڪن ٿا؛ ۽ پندرهين ڪهاڻي (٢٠٠) ۾ ڳالهہ مان ڳالهيون نڪرن ٿيون تان جو ڏهہ ڳالهيون انهيءَ هڪ ڳالهہ ۾ سمايل آهن. انهن سلسلن ۾ 'الف ليليٰ' جو اثر نمايان آهي. چوٽيهين (٢٩٢) ۽ ستاويهين (٣١٧) ڪهاڻي جا تر 'الف ليليٰ' جي 'بغداد جو چور' واري ڳالهہ تي ٻڌل آهن. ستين ڪهاڻيءَ (١٠٠) جو سورمو امير حمزو آهي، جنهن جو نالو 'امير حمزي جي داستان' تان ورتل آهي، جيتوڻيڪ ڳالهہ جو تَر مختلف آهي ۽ غالباً مقامي طور ٻڌل آهي.

ڪهاڻين جا تر ۽ بَر:

لوڪ ڪهاڻي جي سٽاء آزاد ۽ غير منطقي آهي، ڇاڪاڻ تہ اُن جي تَر ٻڌڻ يا سلسلي قائم ڪرڻ ۾ ڪنهن عالم يا اديب جي مخصوص ارادي يا عقل کي دخل ڪونهي. البت انهيءَ جا اها معنيٰ ڪانهي تہ لوڪ ڪهاڻي جوتر ٻڌل ئي ڪونهي يا بَر ڪَچيل ئي ڪونهي. هر هڪ ڪهاڻيءَ جوشروع کان آخر تائين هڪ سلسلو آهي ۽ اُن سلسلي جون جدا جدا ڪڙيون آهن، پر نڪي هر ڪڙي هڪجيڏي يا هڪجهڙي آهي تہ نڪي وري هر ڪڙي ٻيءَ ڪڙيءَ سان ڪنهن خاص رٿيل نموني ۾ پچايل آهي. معنوي لحاظ سان پڻ نڪي مرڪزي مضمون خاص رٿا موجب بيهاريل آهي تہ نڪي سورمي جو ڪردار ڪنهن خاص سماجي يا نفسياتي نظريي موجب سٽيل آهي. لوڪ ڪهاڻي جي سٽاء فني ناهي بلڪ فطري آهي، ڇاڪاڻ تہ لوڪ ڪهاڻي عوام جي سادي ذهن ۽

طبع جو عڪس آهي ۽ سنڌن وندر ۽ وروندڙ جي ضرورت کي آسان ۾ آسان نموني پورو ڪندڙ آهي.

سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي تَر ۽ بَر جون مجموعي طور سان هيٺيون خاص خصوصيات آهن:

(الف) تَر ۽ بَر جي سٽاء: ڪهاڻي هڪ ڳالهه آهي، ۽ انهيءَ ڪري هر ڪهاڻيءَ ۾ هڪ پوري ڳالهه جو هئڻ ضروري آهي؛ ان کان سواءِ ڪوبه ذڪر هڪ 'بيان' ته سگهي ٿو، پر اُن کي 'ڪهاڻي' نه چئبو. سادي سٽاء واري ڪهاڻيءَ ۾، اڪيلي ڳالهه منڍ کان شروع ٿي توڙ تي پهچي ٿي. ڪهاڻيءَ جي سادي سٽاء جا به قسم آهن: هڪ اهو جنهن ۾ ڳالهه جي چَپي چَپي تي پيش ايندڙ واقعي جي عمل جو دائرو ننڍو آهي: مثلاً، بادشاهه شڪار تي ويو ۽ هرڻ ڏٺائين جو ماريائين. اڳتي ويو ته پاڻيءَ جو چشمو ڏٺائين، جتي هرڻ ويهي پچايائين ۽ ماني کاڌائين. هن بيان ۾ هرڻ مارڻ ۽ اُن بعد چشمي تي اچي هرڻ پچائڻ، انهن ٻنهي واقعن جي عمل جو دائرو ننڍو آهي. اهڙي ڳالهه کي اسان "ماهنڊِ ڳالهه" چوندا سين. 'ماهنڊُ' اهو سهٽو وٽيل سڳو آهي، جنهن منجهه سٽاء سان سهٽيون ننڍيون ڳنڍيون ڏنل هجن*. عام ننڍين آکاڻين يا ڳالهين جي سٽاء سان اڪثر انهيءَ قسم جي آهي. هن مجموعي ۾ ستن ڇهين(٨٥)، نائين(١٣٦)، ڏهين (١٤٧)، ٽيويهين (٢٨٠) ۽ چوويهين (٢٨٣) ڪهاڻي انهيءَ سادي سٽاء واريون ڳالهيون آهن، ڇاڪاڻ جو سڀني ۾منڍ کان آخر تائين هڪ اڪيلي ڳالهه مختصر واقعن سان بيان ڪيل آهي.

سادي سٽاء واري ڳالهه جو ٻيو قسم اهو آهي، جنهن ۾ ڳالهه جي چَپي چَپي تي پيش ايندڙ واقعي جي عمل جو دائرو ڪشادو هجي، ايتري قدر جو اهو بذات خود هڪ ننڍڙي ڳالهه بنجي پوي. مثلاً بادشاهه نه فقط رڳو هرڻ ڏسي ۽ ان کي ماري، پر هرڻ مرڻ وقت ڳالهائي يا اُن وقت ڪو آواز ٿئي ۽ انهيءَ واقعي جو دائرو وڌي وڃي. ساڳي طرح چشمي تي پهچڻ وقت بادشاهه پَرِيُون ڏسي يا وڌيڪ ٻيو ڪي ٿئي. اهڙي ڳالهه کي "لڙهي ڳالهه" يا 'ڪَنڍي ڳالهه' چئبو، ڇاڪاڻ ته لڙهي يا ڪنڍيءَ ۾ پُوتل مٽين

---

* 'ماهنڊ' سهٽين ڳنڍين سان هڪ سُهٽو وٽيل سُٽ جو سڳو آهي، جو ڏراڙ سينگار جي ڳانيءَ طور مال جي (ڦرن جي) ڇيءَ ۾ٻڌن. اصطلاحاً، 'ماهنڊ' صفت طور استعمال ٿيندو آهي، يعني ته 'سهڻو' يا 'سهڻي' سٽاء وارو.

جو گهيرو ۽ مقدار وڏو آهي. هن مجموعي ۾ ڪهاڻين جو وڏو تعداد انهيءَ قسم جي سٽاء وارو آهي.



ڳوڙهي سٽاء واري ڳالهه اُها آهي، جنهن ۾ نه فقط هڪ اصلي يا تر واري ڳالهه هجي، پر ٻيون پاسي يا ٻَر واريون ڳالهيون پڻ هجن؛ يعني تہ بنيادي ٽُڙ واري مکيہ ڳالهه مان فروعي ڳالهين جا ٻيا ننڍا ڏار نڪرن. تَر واري مکيہ ڳالهه جڻ تاجيءَ مثل آهي، جنهن جو سلسلو شروع کان آخر تائين هليو اچي ۽ ٻيون ٻَر واريون فروعي ڳالهيون اُن جي پيٽي ۾ اُٽيل هجن. اهڙي ڪهاڻيءَ کي اسين "ٽُڙ-ڏار ڪهاڻي" يا "تاجي-پيٽو ڪهاڻي" چونداسون. هن مجموعي ۾ پنڌرهين (٢٠٠)، ارڙهين (٢٤٥) ۽ پنجتيهين ڪهاڻي (٤٠٩) انهيءَ قسم جي ڳوڙهي سٽاء واريون "تاجي-پيٽو" يا "ٽُڙ-ڏار" ڪهاڻيون آهن. پنڌرهين ڪهاڻيءَ ۾ تَر واري اصلي ڳالهه جي ٽُڙ مان ٻين نَون ڳالهين جا ڏار ڦٽن ٿا.

(ب) شروعاتي ۽ مرڪزي ڳالهه: سنڌ ۾ رائج ڏکيون ڪهاڻيون عام طرح سان 'بادشاهن جون ڳالهيون" سڏيون وڃن ٿيون، ڇاڪاڻ جو گهڻو ڪري انهن جي شروعات ڪنهن بادشاهہ جي ذڪر سان ٿئي ٿي. بالڪل سادي سٽاء وارين ڪهاڻين ۾ منڍ کان آخر تائين انهيءَ بادشاهہ ۽ سندس ڪٽنب ۽ ڪارنامن جو ذڪر هوندو آهي، جيئن تہ هن مجموعي جي "ياڳوند بادشاهہ" (١٤٧) جي ڪهاڻيءَ ۾

آهي. عام مروج ڏگهين ڪهاڻين ۾ بالڪل سادي سٽاءُ واريون ڪهاڻيون ڪي ٿوريون آهن: اڪثر 'لڙهي يا ڪَنِڍي ڳالھ' يا 'ٽڙ-ڏار ڪهاڻين' واري دفعي ۾ شامل آهن، جن ۾ منڍ وارو بادشاھ جو ذڪر محض ڳالھ جي 'شروعات' يا 'شروعاتي ڳالھ' آهي ۽ 'اصلي يا مرڪزي ڳالھ' ان کان پوءِ هلي ٿي

شروعاتي ۽ مرڪزي ڳالھ ۾ قدري سبب ۽ نتيجي جو واسطو آهي ۽ اهي ٻئي "ڪهاڻيءَ جي تَر" جو مکيھ ياڱو آهن. 'شروعاتي ڳالھ' جي اهميت اها آهي جو اها ڪهاڻيءَ جو منڍ، پيڙھ، يا بنياد آهي. عام اصطلاح ۾ ان کي 'ڳالھ جو ٿُل' چئبو. چوندا آهن تہ 'ڳالھ جو ٿل ٻڌڻ' ضروري آهي. اهو منڍ وارو بادشاھ جو ذڪر (يا ٻيو ڪو ذڪر) جڻ ڳالھ جو ٿل آهي، جنهن جون مصراعون اڳتي ايندڙ حصو آهي: يا ائين چئجي تہ اهو 'ٻيرم' جنهن سان ڳالھ کي 'ڪٽجي' ٿو: يا ڪانياٽي آهي، جنهن سان ڳالھ جو ڳوڙهو اُڇلائجي ٿو. مکيھ مرڪزي ڳالھ جڻ ٿل جون مصراعون آهن، ٻيرم جو بار آهي ۽ ڪانياٽيءَ جو ڳوڙهو آهي. مرڪزي ڳالھ مان وري ٻيا ڏار ڦٽن ٿا، جيڪي 'ٻَر' يا 'پيٽي' واريون ڳالهيون آهن. ڪهاڻيءَ جي سٽاءُ ۾ شروعاتي ڳالھ ۽ مرڪزي ڳالھ وڏيڪ اهم آهن ۽ انهيءَ ڪري انهن جي اندروني مکيھ محرڪ جزن جو جائزو وٺڻ ضروري آهي.

منڍ واري ڳالھ ڪنهن بادشاه يا ٻئي ڪنهن شخص جي ذڪر سان شروع ٿئي ٿي. اڪثر اولاد جي سِڪ، شڪار تي وڃڻ، يا نئين شادي ڪرڻ هن ڳالھ جي ڪٿي جا ابتدائي اهڃاڻ آهن. ڪنهن فقير جي دعا، ڪنهن درويش طرفان ڏنل دعا جون شيون کائڻ، يا ٻيو ڪو سوڻ، انهيءَ ابتدائي مراد جي پورائي جو سبب بنجي ٿو. شادي بعد ننڍي زال جي خوبين يا ان کي پٽ ڄمڻ سببان ساٿس ٻين پهرين زالن جي ريس ۽ رقابت شروع ٿئي ٿي: پهاڄن جي منصوبي سان هن ننڍي زال تي بهتان لڳن ٿا ۽ کيس ملڪ نيڪالي ملي ٿي. بعضي هو پيٽ سان آهي ۽ بعضي ننڍڙو پٽ اٿس جو کيس محلات مان ڪڍيو وڃي ٿو. بعضي هن ننڍي زال جو پٽ اڃا ننڍو آهي، جو سندس ماءُ مري وڃي ٿي. جڏهن هو وڏو ٿئي ٿو تہ ماٽيجن مائن جي منصوبي سببان مٿس بهتان لڳن ٿا ۽ بادشاھ کيس ملڪ نيڪالي ڏئي ٿو يا ڪنهن آزمائش پنيان موڪلي ٿو. بعضي شروعاتي ڳالھ وارو بادشاھ يا ٻيو ڪو ڪردار پاڻ ڪنهن آزمائش پويان وڃي ٿو. شروعاتي ڳالھ جي منزل اتي ختم ٿئي ٿي. ان بعد ننڍي زال جا ڪشالا، ننڍي زال ۽ سندس پٽ جا گڏ ڪشالا، يا شهزادي يا بادشاھ يا ٻئي ڪنهن

ڪردار جا ڪشالا مرڪزي ڳالهہ جو مکيہ حصو بنجن ٿا. هن مجموعي ۾ نائين (١٣٦) ۽ يارهين (١٥٤) ڪهاڻي جي منڍ واري ڳالهہ اولاد جي سڪ سان شروع ٿئي ٿي. چوٿين (٥٤) ۽ ڏهين (١٤٧) ڪهاڻي جي شروعات شڪار تي وڃڻ ۽ راهہ وڃائڻ سان ٿئي ٿي. پهرين (١) ٻي (٣٠) ۽ ٽئين (٤٠) ڪهاڻي جي شروعات ۾ ڀاڄن جي رقابت جو پهلو نمايان آهي. تيرهين (١٧٧)، ايڪٽهين (٣٦٤) ۽ چوٽيهين (٤٠٢) ڪهاڻي ۾ ڀاڄن جي منصوبي ۽ ستم جو نقطو نروار ٿيل آهي، جو ڀاڄون ننڍي ڙال جي ٻارن کي مارڻ ۽ مارائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. سترهين (٢٣٧) ۽ چوويهين (٢٨٣) ڪهاڻي ۾ ماتيجي ماءُ جو برو برتاءُ بيان ٿيل آهي.

شروعاتي ڳالهہ جي پيٽ ۾ مرڪزي ڳالهہ 'ڪهاڻي' جي جان آهي. سنڌي لوڪ ڪهاڻين ۾ عام طرح مرڪزي ڳالهہ جر مانجهي يا سورمو شروعاتي ڳالهہ جي ڪردار کان الڳ آهي. مرڪزي ڳالهہ جي رٿا ۾ شرط ۽ آزمايشون، ڪي خاص سهارا ۽ وٿون،ڪشالا ۽ ڪوششون، ۽ آخر ۾ مانجهي يا سورمي جي فتح اهميت رکن ٿا. هن مجموعي ۾ هيٺيون آزمايشون ڪن ڪهاڻين جي مرڪزي ڳالهين جو بنياد آهن: خواب جو تعبير معلوم ڪرڻ (پهرين ڪهاڻي)، ساموندي گهوڙي جو رت آڻڻ (ٻي ڪهاڻي)، ٻہ ڊارا آڻڻ (ٽئين ڪهاڻي)، ڳُوڙهو يا معما حل ڪرڻ (يارهين ڪهاڻي)، ست ڊارا آڻڻ (پنجويهين ڪهاڻي)، ڊاري راند کٽڻ (ارڙهين ۽ اوڻويهين ڪهاڻي)، سوني سر ۽ چندن جي پني چورائڻ (چوويهين ڪهاڻي)، بادشاهہ جي ڌيءَ لاءِ ماڻڪ آڻڻ ۽ گل ڦل جو وڳو هٿ ڪرڻ (ٻٽيهين ڪهاڻي)، انهن شرطن ۽ آزمايشن جي پوري ڪرڻ لاءِ مانجهي يا مکيہ ڪردار جو ڪشالو شروع ٿئي ٿو، جنهن ۾ ڪيس ڪي خاص سهارا ۽ وٿون ملن ٿيون، جن جي مدد سان هو ڪاميابيءَ جي منزل کي پهچي ٿو. هن مجموعي جي ڪهاڻين ۾ هيٺيان بچائيندڙ سهارا ۽ خاص وٿون، سورمي جون مشڪلون آسان ڪن ٿا: فقير جو سڱو (پهرين ڪهاڻي)؛ پير مرد جو تعويذ، ڳرڙ پک جي سواري، ۽ پرين جي وارن جي ڪمان (ٻي ڪهاڻي)؛ درويش جون ڏنل ٻہ ڊبليون، جن جي سنگهڻ سان پوڙهو يا جوان ٿيڻ (ٽئين ڪهاڻي)؛ جوڳيسر جي ڏنل نانگ جي مڻ (چوٿين ڪهاڻي)؛ جانور، ٻلي ۽ ڪتو، جي وقت سر پيغام پهچائين ٿا (ڇهين ڪهاڻي)؛ نانگ جي مڻ جنهن سان پاڻي جاءِ ڏئي ٿو (انين ڪهاڻي)؛ نانگ جي مڻ جنهن سان پاڻي جاءِ ڏئي ٿو (انين ڪهاڻي)؛ ٻلي ۽ پونگڙا جن جي مدد سان ڊاري راند کٽجي ٿي (ارڙهين ۽ ويهين ڪهاڻي)؛ منڊي، وينڊو، سيلهي ڏنڊو ۽ اُڏند

ڪتولي (ٽيٽيهين ڪهاڻي)؛ رومال جنهن مان هيرا جواهر ڪرن ٿا، ٽوپي جنهن جي پائڻ سان ڀيو نہ ڏسي، بہ ميوا جن مان ماٺهو هڪ کائي تہ بدلجي ٻڪري ٿئي ۽ ٻيو کائي تہ وري اصلوڪي صورت ۾ اچي (ستٽيهين ڪهاڻي). انهن بچائيندڙ سهارن ۽ ڪرشمي جي خاص وٿن کان سواءِ، مرڪزي ڳالهہ جي رتا ۾ سورمي يا سندس ساٿين طرفان ڏنل ذاتي نشانيون پڻ اهميت رکن ٿيون. اهي ذاتي نشانيون اڪثر تير، تراريون، مُنڊيون وغيرہ آهن، جن جو ڪنجڻ يا رنگ بدلجڻ، سورمي جي مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ جو خاص اُهڃاڻ آهي. مثلاً شهزور بادشاهہ پنهنجي ساٿي ڪونج واري پهلوان کي خنجر ڏنو ۽ ٻئي ساٿي هرڻي واري پهلوان کي ڪپ، ۽ چيائين تہ جيڪڏهن خنجر يا ڪپ ڪارو ٿئي تہ سمجهو تہ خير ناهي (**٧٢، ٧٤**)؛ لال ملوڪ پنهنجي دوستن مان هر هڪ کي گل نشاني طور ڏنو ۽ چيائين تہ "مون تي جڏهن بہ ڪا آفت آئي تہ هيءُ گل ڪومائجي ويندو" (**٩٣**)؛ امير حمزي پنهنجي ساٿي ٻڪرار کي تير ڏنو ۽ چيائينس تہ "جڏهن ڏسين تہ تير ڪنجي ويو آهي، تڏهن پڪ ڄاڻجانءِ تہ منهنجي سر ڏي خير ڪونهي" (**١١١**)؛ ۽ 'چند' شهزادي پنهنجي ياءُ 'سج' شهزادي کي منڊي ڏيئي چيو تہ "جنهن وقت هن جي ٽڪ ڪاري ٿئي، تنهن وقت سمجهجانءِ تہ مون ڏانهن خير ڪونهي" (**٢٩٣**).

مرڪزي ڳالهہ جو مانجهي يا سورمو هڪ خاص حيثيت رکي ٿو. هو انسان آهي، پر سندس همت انسان کان گهڻو وڌيڪ آهي، ايترو جو هو ديون کي دَسي ٿو، ۽ اڪيلي سر انساني لشڪرن جا مقابلا ڪري ٿو. ڪن ڪهاڻين ۾، ديون وانگر سورمي جو ساهہ پڻ ڪن خارجي وٿن ۾ محفوظ آهي، مثلاً شهزور بادشاهہ (**٨١**)، لال ملوڪ (**٩٣**) ۽ امير حمزي (**١١٩**) جو ساهہ 'ترار' ۾ رکيل آهي، ۽ 'غيبي راڻي' جو ساهہ هار جي موتيءَ ۾ محفوظ آهي (**٣٩٦**). اها حفاظت انهيءَ ڪري رٿيل آهي تہ جيئن سورمي جو ظاهري جسم هر نقصان کان آجو رهي ڄاڪاڻ تہ سورمي کي هر حالت ۾ ڪامياب بنائڻو آهي. مرڪزي ڳالهہ جي پڄاڻي هميشہ سورمي جي فتح سان ٿئي ٿي: مثلاً ياڻرن جي گهاٽن گهڻڻ هوندي بہ "گل انداز" ڪامياب ٿئي ٿو (پهرين ڪهاڻي)؛ ماٽيجي ماءُ جي منصوبي جي باوجود، لال شهزادو سوڀ کٽي ٿو (سترهين ڪهاڻي)؛ وزير جي ويساهہ گهاتين هوندي بہ شهزادو ولايت شاهہ ڪامياب ٿئي ٿو (پنجويهين ڪهاڻي)؛ ۽ باوجود آزمايشن ۽ مشڪلاتن جي شهزادو لال ملوڪ سوڀارو ٿئي ٿو (اوڻٽيهين ڪهاڻي).

(ج) مرڪزي خيال: لوڪ ڪهاڻيون ڪنهن خاص مقصد يا خيال سان ڪنهن ڪين ويهي لکيون؛ اهي وندر ۽ وروندر يا حڪايت خاطر غيرارادي طور اُسريون ۽ رائج ٿيون. انهن جا ڪي عنصر آڳاٽا آهن ۽ ڪي ڪردار ڪهنا آهن، مگر جيئن ته اُهي انساني ذهن جي پيداوار ۽ انساني زندگي جي تجربن جي يادگار آهن، انهيءَ ڪري انهن جي سطح ۾ عوام جي وهمن ۽ وسوسن توڙي زندگيءَ جي ڪن سماجي پهلوئن جو عڪس نظر اچي ٿو. ارادي طور ڪا به ڪهاڻي نه ڪنهن خاص مقصد سان شروع ٿئي ٿي، نڪي ڪنهن خاص نظريي تي ختم ٿئي ٿي، مگر معنوي لحاظ سان، هر ڪهاڻي ۾ هڪ مکيه نقطو يا مرڪزي خيال سمايل آهي، ڪن ڪهاڻين ۾ ڳالهه جا هڪ ڪان وڌيڪ 'مکيه پهلو' پڻ ملندا. هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻين ڪي مرڪزي يا مکيه خيالن جي لحاظ سان هيٺين طور ورڇي سگهجي ٿو:

- همتون ۽ ڪشالا (ڪهاڻي نمبر ١، ٢، ٣، ۴، ٨، ١۵، ٢٠، ٢۵؛ ٣۵، ٣٦، ٣٧ ۽ ٣٨).
- پهلواني ۽ زور آزمائي جا ڪارناما (ڪهاڻي نمبر ۵، ٦، ٧ ۽ ٣٦).
- ٻڪرار جي سياڻپ (ڪهاڻي نمبر ١١).
- بادشاهه جي سياڻپ (ڪهاڻي نمبر ٢۴).
- وزير جي بادشاهه کي نصيحت (ڪهاڻي نمبر ٢٣).
- ڏند ڪٿا (ڪهاڻي نمبر ١٢، ١٣، ١٩، ٢٨، ٢٩ ۽ ٣٠).
- جادو ۽ خريب (ڪهاڻي نمبر ٢٠، ٢١ ۽ ٢٢).
- ڀاڄن جي رقابت (ڪهاڻي نمبر ١، ٢، ٣، ١٣، ١٧، ٢٦، ٣١ ۽ ٣۴).
- ماٽيجي ماءُ جو برتاءُ (ڪهاڻي نمبر ١٧).
- زالن جون خصوصيتون (ڪهاڻي نمبر ١٨).
- عورت جو عقل، خوداعتمادي ۽ بخت (ڪهاڻي نمبر ٣٣ ۽ ٣۴).
- زال جو پنهنجي عقل سان مڙس جي مدد ڪرڻ (ڪهاڻي نمبر ٢٩، ٣١، ٣٢).
- زال جو مڙس کي سبق سيکارڻ (ڪهاڻي نمبر ١۴، ١٦، ٢٧ ۽ ٢٩).
- حرفت ۽ چالاڪيءَ سان چوري (ڪهاڻي نمبر ٢٦ ۽ ٢٧).
- ڪل ۽ چرچو (ڪهاڻي نمبر ٩ ۽ ١٠).

ڪھاڻيءَ جي ڪٿڻي ۽ پڄاڻي:

اسان مٿي چئي آيا آهيون تہ ڪھاڻيون آڳاٽي دور ۾ اُسريون ۽ ڪافي آڳاٽي وقت کان رائج ٿيون. اول، جن بہ شخصن تي جيڪي ٿي گذريو، سو انھن پنھنجن ساٿين سان بيان ڪيو: پوءِ سورهين جا ڪارناماوڏن ننڍن کي ٻڌايا ۽ انھن پنھنجي اولاد کي سڻايا. جيئن وقت وچان پوندو ويو، تيئن حقيقتن تي حڪايتن جو رنگ چڙھندو ويو، تان جو حقيقي ڪشالا ۽ ڪارناما، قصا ۽ ڪھاڻيون بنجي ويا. اهي ڪھاڻيون پوءِ محض وندر ۽ نصيحت خاطر وزيرن بادشاهن کي ٻڌايون ۽ وڏڙن ننڍن کي سڻايون. آخر ڪھاڻين جي عام مقبوليت سببان سگھڙ ساماڻا، جن ڪھاڻي ڪٿڻ کي 'قصہ خواني جي فن' واري درجي تي پھچايو. ٻڌندڙن جي تفرح خاطر، انھن ڪھاڻي ڪٿندڙن ۽ قصہ خوانن پنھنجي بيان ۾ رنگيني پيدا ڪئي، ۽ ڪھاڻيءَ جي ڪٿڻي ۽ پڄاڻي توڙي وچ واري ٽيڪا لاءِ خاص الفاظ ۽ محاورا، اصطلاح ۽ جملا ايجاد ۽ استعمال ڪيا. ڪھاڻي ڪٿڻ جي انھيءَ فني پھلوءَ تي اسان لوڪ ادب سلسلي جي ستاويھين ڪتاب "ڳاهن واريون ڳالهيون" جي مقدمي ۾ وڏيڪ روشني وڌي آهي.

سنڌ ۾ بادشاهن جي ڳالهين جي شروعات اڪثر هنن عام مشهور لفظن سان ڪندا آهن تہ "بادشاهن جو بادشاهہ پاڻ خدا آهي، پر هڪ زماني جو بادشاهہ هو-الخ" مثلاً، هن مجموعي ۾ پھرين ڪھاڻي، "گل انداز بادشاهہ"، هن طرح شروع ٿئي ٿي تہ "هڪڙو هو بادشاهہ-بادشاهہ تہ پاڻ الله آهي، پر هو زماني جو بادشاهہ هو" (١)؛ نائين ڪھاڻي، "ڪرمان ۽ ڪوري بادشاهہ"، هن طرح شروع ٿيل آهي تہ "بادشاهن جو بادشاهہ ربّ پاڪ آهي، پر ڪوڙي زماني جو هڪڙو ڪو بادشاهہ هوندو هو-الخ" (١٣٦)؛ ۽ ستٽيھين ڪھاڻي "ڏتڙيل شھزادي" جي شروعات هن طرح ڪيل آهي تہ "هڪڙو هو بادشاهہ- بادشاهہ تہ پاڻ خدا تعاليٰ آهي، پر هيءُ بہ هڪ زماني جو بادشاهہ هو-الخ" (٤٢٣). بعضي مختصر لفظن سان ڪھاڻي شروع ڪندا تہ "چون ٿا تہ" يا "ڳالهہ ٿا ڪن تہ" (٤٠٢). ڪھاڻيون ڪٿندي ڳالهہ جي وچ ۾ پڻ ٽيڪا طور ڪي خاص جملا استعمال ڪندا، جيئن تہ هن مجموعي جي نائين ڪھاڻي "ڪرمان ۽ ڪوري بادشاهہ" جي ڳالهہ هلندي وچ ۾ هڪ خاص معترضو جملو آندل آهي تہ "خير! ڳالهيون سگھيون پوريون ٿين، ڏينھن پنھنجي مدي تي گذرن" (١٣٦). ڪھاڻي جي ختم ٿيڻ يا پڄاڻي تي اڪثر چوندا تہ "اسان ڪالهہ بہ اهي پاڻ ۾ خوش ۽ کلندا ڏٺا هئا." مثلاً هن مجموعي ۾، چٽيھين ڪھاڻي "شينھن مار شھزادو" جي پڄاڻي هن

طرح ٿئي ٿي تہ "ڪالهہ ڏنوسين تہ شهزادي ۽ شهزاديءَ، محلات جي دريءَ ۾ ويهي، خوش، راس، ڏاڍا ٺهڪ ڏيندي ڏٺا..." (۴۴۳). مجموعي طور سان، نائين ڪهاڻي، "ڪرمان ۽ ڪوري بادشاهہ" (۱۴۷)، فني اعتبار سان ڪهاڻي جي ڪٽڻي، وچ واري ٽيڪا توڙي آخري پڄاڻيءَ جي لحاظ سان نسبتاً هڪ عمدو مثال آهي؛ ۽ پڻ اناويهين ڪهاڻي "لعل بادشاهہ ۽ هيرا راڻي" (۲۳۴) اسلوب بيان جي لحاظ سان هڪ سهڻو مثال آهي.

ڪهاڻين جي روايت ۽ صحت:

سنڌي ڪهاڻيون گهڻو ڪري سڀ زباني روايتون آهن، جي سيني بہ سيني هلنديون آيون آهن؛ جيئن تہ انهن جو مدار محض زباني روايت تي آهي ۽ نہ ڪنهن لکيل متن تي، انهيءَ ڪري جنهن بہ ماڻهوءَ کي ڪابہ ڪهاڻي ياد آهي تہ ان کي هو پنهنجي زباني بيان ڪري ٿو ۽ پنهنجن لفظن ۾ ئي ادا ڪري ٿو. صرف ڪهاڻي جو بنيادي خاڪو ۽ ان جي تاڻي جو سلسلو اڳاٽو آهي جو وڏن کان ننڍن تائين پهتو آهي، باقي اسلوب بيان هر راويءَ جو پنهنجو آهي. سنڌي لوڪ ڪهاڻين کي گڏ ڪرڻ وقت اهو خاص احتياط رکيو ويو آهي تہ هر هڪ ڪهاڻيءَ کي راوي جي پنهنجن لفظن ۾ قلمبند ڪيو وڃي، جيئن تہ صرف ڪهاڻي جي خاڪي ۽ سٽاء، بلڪ ان جي الفاظ ۽ اداء جي اصليت پڻ حتي المقدور قائم رهي.

هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻيون سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن مان قلمبند ڪيون ويون. بعضي ساڳي ڪهاڻيءَ جون جدا جدا روايتون مليون. جن مان جيڪي بالڪل ناقص هيون تن کي ڇڏيو ويو، باقي جملي پوريون توڙي اڻ پوريون روايتون ڀيٽي متن تيار ڪيو ويو ۽ اُن ۾ صرف ايتري ترميم ڪئي ويئي تہ جملا صحيح ۽ سولا ٿي بيهن. مجموعي طور سان ڪهاڻي جي هرمڪمل روايت کي، هڪ مستقبل روايت طور قلمبند ڪيو ويو آهي، باقي هڪ جهڙين يا قدري ناقص روايتن کي ڀيٽي انهن مان هڪ جامع روايت تيار ڪئي ويئي آهي.

هن ڪتاب ۾ شامل اوڻيتاليهن ڪهاڻين مان هرهڪ ڪهاڻيءَ جون جيڪي روايتون جتان بہ مليون آهن تن جا حوالا ڪتاب جي آخر ۾ شامل 'ضميمي' (۴۴۷ - ۴۴۸) ۾ ڏنا ويا آهن. ڪن ڪهاڻين جي هڪ روايت تہ ڪن جون هڪ کان زياده روايتون مليون آهن، جن جو ضلعي ۽ تعلقيوار وچور هيٺينءَ طرح آهي. ڏنل انگ ڪتاب ۾ ڪهاڻين جو سلسليوار نمبر ڏيکارين ٿا.

ضلعو سکر

أباوڙو ۴، ۷، ۱۰، ۳۵، ميرپور ماٿيلو ۲، ۱۳، ۲۰، ۲۱، ۳۸

پنو عاقل ۵

روهڙي ۱

شڪارپور ۳۴

ضلعو لاڙڪاڻو:

شهدادڪوٽ ۲۲

وارهه ۱۲، ۱۴، ۲۹

قنبر ۱، ۱۱، ۱۸، ۲۷

ميرو خان ۱۷

لاڙڪاڻو ۳۰

ضلعو دادو

ڪڪڙ ۲۸

ڪوٽڙي ۲۳

ضلعو نواب شاهه

نوشهرو فيروز ۳۶

ضلعو سانگهڙ

شهدادپور ۲۷، ۳۱، ۳۲، ۳۳، ۳۹

ضلعو حيدرآباد

حيدرآباد ۱، ۵، ۱۱، ۱۵، ۱۹، ۲۹

ٽنڊوالهيار ۱، ۱۱

گوني ۹

بدين ۵، ۸، ۲۱، ۲۷

ضلعو ٿرپارڪر

سامارو ۳، ۶، ۱۶، ۲۶

مٺي ۵

ڇاڇرو ۲۴

ضلعو ٺٽو

ٺٽو ۲۵، ۲۹

مٿين تفصيل مان معلوم ٿيندو تہ ڪي ساڳيون ڪهاڻيون أتر، وچولي توڙي لاڙ ۾ رائج آهن. مثلاً پهرين ڪهاڻي "گل انداز بادشاهہ" جون چار روايتون هر هڪ روهڙي، قنبر، ٽنڊوالهيار ۽ حيدرآباد تعلقن مان مليون؛ پنجين ڪهاڻي "شهزور بادشاهہ" جون پڻ چار روايتون هر هڪ پني عاقل، مٺي، بدين ۽ حيدرآباد تعلقن مان مليون؛ ۽ اوڻٽيهين ڪهاڻي "شهزادو لال ملوڪ" جون ٽي روايتون واره، ٺٽي ۽ حيدرآباد تعلقن مان مليون. ڪن ڪهاڻين جي مڪمل روايت فقط هڪ ڀاڱي مان ملي آهي، پر انهن جا ڪي ٽاٽا ۽ واقعا ٻين ڀاڱن مان مختلف نالن سان مليل ڪهاڻين سان ملن ٿا: مثلاً ستين ڪهاڻي "امير حمزو ۽ ڪٽڪ راڻي" فقط تعلقي أباوڙي مان ملي، مگر ان جا ڪي واقعا ۽ ساماري تعلقي مان مليل ڇهين ڪهاڻين "لال ملوڪ بادشاهہ" جا ڪي واقعا پاڻ ۾ ملن ٿا. ان مان ظاهر آهي تہ آڳاٽي وقت کان وني سنڌ ۾ ڪهاڻيون عام مقبول ۽ مروج رهيون آهن، جو راوين أتر واريون ڪهاڻيون لاڙ ۽ لاڙ واريون أتر تائين پهچايون. جيڪڏهن ڪهاڻين جو ذوق ايترو عام نہ هجي ها تہ هر ڪهاڻي جو دائرو مڪاني طور محدود هجي ها.

جن ڪھاڻين جون هڪ کان زياده روايتون مليون، تن جي پيٽڻ سان ڪھاڻين جي سٽاء ۽ سلسلي جي صحت قائم ڪئي وئي آهي، مگر جن ڪھاڻين جون فقط اڪيليون روايتون مليون، تن مان ڪن ۾ روايت جا سُقم باقي آهن- جيئن ته ستين، پنجويھين ۽ ٽيٽيھين ڪھاڻيءَ ۾- جن ڏانھن هيٺ اشارا ڪجن ٿا:

ستين ڪھاڻي "امير حمزو ۽ ڪٽڪ راڻي" ۾ ديو امير حمزي جي ڪنوار کي جھلي ٿو محض انھيءَ لاءِ ته امير حمزو انھيءَ بھاني سان وٽس اچي. جڏهن امير حمزو آيو ته ديو کيس نھايت عاجزيءَ سان عرض ڪيو ته 'ڏقيل ديو' ڪانئس ڪٽڪ راڻي کسي ويو آهي جا امير حمزو مھرباني ڪري کيس وٺي ڏئي. امير حمزي جو جواب همدردي ۽ دلداري وارو آهي ۽ هو ديو کي "چڱو يار!.... الاتوهار" چئي موڪلائي سندس انھيءَ ڪم سان وڃي ٿو ۽ پنھنجي ڪنوار کي وٽس ئي ڇڏي وڃي ٿو (١٠٧). امير حمزي جي انھيءَ مرداني ڪردار جي فطري طور اها تقاضا آهي ته 'ڪٽڪ راڻي' آزاد ڪرائي اچي هن ديو کي پھچائي. پر راوي جي پنھنجي غلطي يا سندس ٻڌل غلط روايت سببان، جڏهن امير حمزو ڏقيل ديو کي ماري ڪٽڪ راڻيءَ کي آزاد ڪري ٿو ته سندس صحبت ۾ غرق ٿي وڃي ٿو (١٢۴)؛ نه فقط ايترو پر جڏهن واپس ديو وٽ موٽي اچي ٿو ته باوجود انھيءَ جي جو ديو نھايت نيازمنديءَ سان ڳالهائي ٿو ته به امير حمزو غيرت ۽ خار (؟) وچان ترار ڪڍي هڪ ئي ڌڪ سان سندس سسي ڌار ڪري ڇڏي ٿو (١٢١). ڪھاڻيءَ جي سٽاء جي لحاظ سان ائين ڪرڻ امير حمزي جي ڪردار جي خلاف آهي ۽ ظاهر آهي ته اها روايت غلط آهي.

پنجويھين ڪھاڻي "ولايت شاهه" واري جي آخر ۾ ،ولايت شاهه کي ٽي خاص وٿون-لٺ، مٽيو ۽ سرمو-ملن ٿيون (٢٩١). ڪھاڻيءَ جي انھيءَ سٽاء جي تقاضا آهي ته وڏيڪ ڪارناما ڪري ۽ اهي وٿون کيس ڪم اچن: يا ڪم از ڪم انھن وٿن جا ڪرتب بادشاهه کي ڏيکاري يا انھن جي زور تي ظالم وزير کي مات ڪري. پر پانئجي ٿو ته راوي وٽ هن ڪھاڻيءَ جي انھيءَ آخري پاڱي جي روايت ڪٽل هئي، جنھنڪري اهي وٿون جيئن ولايت شاهه کي ملن ٿيون، تيئن بنا استعمال جي وٽس رهن ٿيون ۽ ڪھاڻي پوري ٿي وڃي ٿي.

شھزادي "ساعت ملوڪ" واري ٽيٽيھين ڪھاڻيءَ ۾ ساعت ملوڪ کي هڪ فقير ملي ٿو، جو ساڻس نيازمنديءَ سان پيش اچي ٿو ۽ کيس "سيلھي ڏنڊو" تحفو ڪري ڏئي ٿو. ساعت ملوڪ طرفان پھريائين انھيءَ فقير تي سيلھي ڏنڊي جو وار ٿئي

ٿو. اڳتي وري ٻيو فقير ساعت ملوڪ سان محبت سان ملي ٿو ۽ ڪيس 'فوري طعام مهيا ڪندڙ ديڳڙي' سوکڙي ڪري ڏئي ٿو، پر ان کي پڻ سيلهي ڏندي سان مارايو وڃي ٿو (٣٩٦). ظاهر آهي ته اها راويءَ جي پنهنجي غلطي آهي؛ جنهن بنا سوچ سمجهه جي ساعت ملوڪ جي سڄڻن تي سيلهي ڏندي جو وار ڪرائي کين مارايو آهي، جو ته اڳتي ٽيون فقير ساعت ملوڪ کي "اُڏند کٽولي" تحفي طور ڏئي ٿو، پر اُن کي ڪونه ٿو ماريو وڃي.

باوجود زباني روايتن جي انهن جزوي خامين جي، ڪهاڻين جو هيءُ مجموعو سنڌي لوڪ ادب جو هڪ قيمتي سرمايو آهي، جنهن کي وڏي ڪوشش ۽ احتياط سان سهيڙيو ويو آهي ۽ ڪافي ڏيان سان سوڌيو ۽ سنواريو ويو آهي.

— ن. ب

●●●●

عنوانن جي فهرست

ڳالهہ جو نالو	صفحو
١- گل انداز بادشاهہ	١
٢- گل بادشاهہ، شوق شهزادو	٣٠
٣- محمود شاهہ	٤٠
٤- ڊول شهزادو	٥٤
٥- شهزور بادشاهہ	٦٥
٦- لال ملوڪ بادشاهہ	٨٥
٧- اميرحمزو ۽ ڪٽڪ راڻي	١٠٠
٨- سونن وارن واري شهزادي	١٢٢
٩- ڪرمان ۽ ڪوري بادشاهہ	١٣٦
١٠- ياڳوند بادشاهہ	١٤٧
١١- بادشاهہ ۽ ٻڪرار	١٥٤
١٢- اُميدن پريو بادشاهہ	١٦٥
١٣- نورشاهہ بادشاهہ	١٧٧
١٤- جمڙو بادشاهہ	١٨٩
١٥- چوٻول راڻي	٢٠٠
١٦- انبولهہ راڻي	٢٢٥
١٧- لالُ شهزادو	٢٣٧
١٨- ڪوڙهيو بادشاهہ	٢٤٥

١٩- ڪدو شهزادو	٢٥٧
٢٠- سچ شهزادو ۽ چنڊ شهزادي	٢٦٣
٢١- شهزادو ۽ فقير	٢٦٨
٢٢- فقير ۽ شهزادي	٢٧٥
٢٣- آفيمي بادشاهه	٢٨٠
٢٤- سياڻو بادشاهه	٢٨٣
٢٥- ولايت شاهه	٢٨٧
٢٦- سورمر راجا ۽ بيڪت راجا	٢٩٣
٢٧- شاهي شاهه ۽ جنڊڻ ماري	٣١٧
٢٨- لعل بادشاهه ۽ هيرا راڻي	٣٣٢
٢٩- شهزادو لال ملوڪ	٣٤٠
٣٠- گنگل راڻي	٣٥٩
٣١- غيبي راڻي	٣٦٤
٣٢- شهزادو تاج الملوڪ	٣٧٠
٣٣- شهزادو ساعت ملوڪ	٣٨٤
٣٤- گنجو فقير ۽ گلشن شهزادي	٤٠٢
٣٥- عقلمند شهزادو	٤٠٩
٣٦- شينهن مار شهزادو	٤١٧
٣٧- ذتزيل شهزادو	٤٢٣
٣٨- شهزادو لعل ۽ شهزادي لعلان	٤٢٩
٣٩- شهزادو ۽ شهزادي	٤٣٤
ضميمو: ڳالهين جون روايتون	٤٣٧

متن

لوڪ ڪهاڻيون - ١

(بادشاهن ۽ راڻين، شهزادن ۽ شهزادين جون ڳالهيون)

گل انداز بادشاهه

هڪڙو هو بادشاهه،- بادشاهه تہ پاڻ الله آهي، پر هو زماني جو بادشاهه هو. لاءُ لشڪر، مال متاع ۽ ڌن دولت جي وٽس ڪمي ڪانہ هئي. جيڪڏهن ڪو غم هوس، تہ فقط اهو جو ڪيس ڇهن راڻين جي هوندي بہ ڪو اولاد ڪونہ هو. بادشاهه انهيءَ ڳڻتيءَ ۽ غم ۾ ڏينهون ڏينهن ڳرندو ويو. هڪڙي ڏينهن هڪڙو درويش اوچتو اچي بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ نڪتو. بادشاهه درويش کي سوال ڪيو تہ "اي درويش، خدا جي درگاهه مان مون کي اولاد وني ڏي!" فقير بادشاهه کي چيو تہ "بادشاهه سلامت، توکي اولاد نصيب ۾ لکيل آهي، پر تڏهن جڏهن تون ستين شادي ڪندين!" بادشاهه اها ڳالهه ٻڌي، ڏاڍو سرهو ٿيو، ۽ پنهنجي وزير کي حڪم ڏنائين تہ "منهنجي لائق ڪنوار ڳولهڻ جو بندوبست ڪر!"

بئي ڏينهن بادشاھ ۽ وزير ڪجھ لشڪر ساڻ ڪري شڪار تي نڪتا. گهوڙا ڊوڙائيندي ڊوڙائيندي، ڏينهن ٽپي وين، پر شڪار هٿ نہ لڳن. بادشاھ کي اُڃ ۽ ٿڪ ڏاڍو هلاڪ ڪيو. وزير، بادشاھ کي اتي ڇڏي، پاڻ گهوڙي تي چڙهي، اتي پاڻيءَ جي ڳولا ۾ نڪتو. اڃا ٿورو پنڌ ڪيائين، تہ هڪڙي جهوپڙي ڏسڻ ۾ آيس. گهوڙي کي هڪلي وزير جهوپڙيءَ وٽ آيو، ۽ در تي بيهي سڏ ڪيائين. اندران هڪ جوان ڇوڪري نڪري آئي. وزير اُن ڇوڪريءَ کان پاڻي گهريو، جنهن پاڻيءَ جو وٽو ڀري، ان ۾ ٿورو ٻُهہ وجهي، آڻي هٿ ۾ ڏنس. وزير بہ اهو پاڻي کڻي تکڙو تکڙو بادشاھ وٽ آيو. پاڻي پيڻ کان پوءِ، بادشاھ جڏهن سامت ۾ آيو، تڏهن وزير کان پڇيائين تہ "پاڻيءَ ۾ جو ٻُهہ پيو هو، تنهن جو سبب ڇا؟" وزير سموري ڳالهہ ڪري ٻڌايس، ۽ چيائين تہ "ان جو سبب ڇوڪريءَ کان پڇجي، تہ بهتر!" بادشاھ ۽ وزير بيئي ڄڻا پوءِ سڌا جهوپڙيءَ وٽ آيا، ۽ سندن سڏ تي اُهائي ڇوڪري ٻاهر نڪري آئي. بادشاھ ڇوڪريءَ کان پڇيو تہ "ڇوڪري! جڏهن توکي وزير ٻڌايو هو تہ بادشاھ پاڻي پيئندو، تڏهن تو اُن ۾ ٻُهہ ڇو وڌو؟" ڇوڪريءَ جواب ڏنو تہ "بادشاھ سلامت! مون سمجهيو تہ هن سخت ڏهاڙي ۾ بادشاھ سلامت کي اُڃ لڳي آهي؛ جيڪڏهن يڪساهيءَ پاڻي پيئندو، تہ لاشڪ نقصان ٿيندس: تنهنڪري ان ۾ ٻُهہ وڌم تہ من آهستي آهستي پاڻي پيئي." بادشاھ ڇوڪريءَ جو هيءُ عقل ڏسي حيران ٿي ويو، ۽ ٻيو پڇيائينس، "ڀلا توکان سواءِ ٻيو ڪو ڀاتي گهر ۾ آهي، يا اڪيلي آهين؟" ڇوڪريءَ ورائيو، "بادشاھ سلامت! هن وقت ڪوبہ ڪونهي [illegible] آهي [illegible] سلامت، [illegible] آهي پاڻي [illegible] [illegible] ڇوڪريءَ [illegible] ڳالهہ [illegible] سمجهي [illegible] ڪجھ ڇوڪريءَ [illegible] اُن جو [illegible]

بادشاهه کي جواب ڏنائين ته ”جيئندا قبلا، آءٌ خود ڇوڪريءَ جي ڳالهه سمجهي نٿو سگهان.“ تڏهن بادشاهه ڇوڪريءَ کان ڳالهه جو مطلب پڇيو. ڇوڪريءَ کلي وراڻيو ته ”جهان پناهه! اڌ ڪنهن لاش سان ڪاٺڙي تي ويو آهي، اما ويٺي آهي ڏڏ وڪڻڻ، ۽ بابو ويو آهي اما جي پويان ته متان ڪنهن جي پريت جي پيچ ۾ نه اچي وڃي.“ بادشاهه ڇوڪريءَ جون هي ڳالهيون ٻڌي، هيڪاري حيران ٿي ويو، ۽ وري پڇيائينس ته ”پلا تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ ڇوڪريءَ وراڻيو ته ”نه مئي نه مرندي!“ بادشاهه هڪو ٻڪو ٿي، وزير ڏانهن ڏٺو، جنهن چيس ته ”قبلا، ڇوڪريءَ جو نالو ’جيئندي‘ آهي.“

پوءِ بادشاهه ۽ وزير گهوڙن تي چڙهي، اچي پنهنجي جاءِ تي پهتا. ٻئي ڏينهن، بادشاهه وزير کي حڪم ڪيو ته ”هڪدم انهيءَ ڇوڪريءَ جي مائٽن کان منهنجي لاءِ سڱ جي گهر ڪئي وڃي- بس اهائي ڇوڪري منهنجي راڻي ٿيڻ جي لائق آهي!“ بادشاهه جو خيال ڏسي، وزير سڌو ڇوڪريءَ جي پيءُ وٽ آيو. اوپاريون لهواريون ڪندي، پنهنجي اچڻ جو مقصد ظاهر ڪيائين، ۽ بادشاهه جي لاءِ سڱ جي گهر ڪيائين. ڇوڪريءَ جو پيءُ ٻهرڪيائين ته وائڙو ٿي ويو ته ’اسين غريب ماڻهو، سو بادشاهه ڪيئن ٿو اسان کان سڱ جي گهر ڪري!‘ پر پوءِ وزير جي يقين ڏيارڻ تي خوشيءَ سان ڳالهه قبول ڪيائين. بادشاهه يڪدم ڪٺي شاديءَ جي تياري ڪئي، ۽ ٻن چئن ڏينهن ۾، ان سياڻي سياڳيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪري، خير سان خوش ٿي، اچي ساڻس هڪ جدا محلات ۾ رهڻ لڳو.

خدا جي قدرت اهڙي، جو جڏهن بادشاهه هن ستينءَ راڻيءَ سان شادي ٿي ڪئي، تڏهن سندس ڇهن ئي راڻين کي اڳي ئي ڪا اميدواري هئي! ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ، ستينءَ راڻيءَ کي به ڏينهن ٿيا. ٿيندي ٿيندي، نينڌ ڇهن ئي راڻين کي ڇهه پٽ ڄاوا؛ پر ستينءَ کي پاسا آجا ڪرڻ

۾ اجا مهينا پيا هئا، جنهن جي پروڙ بادشاهه کي ڪانه هئي. بادشاهه، جيڪو ورهين کان اولاد جو سڪايل هو، تنهن جو ڇهه پٽ اکئين ڏٺا، سو اڳين راڻين سان نئين سر قرب ۾ ڪڙجي ويو، ۽ ستينءَ راڻيءَ کي ٻنهه وساري ڇڏيائين- ايتريقدر جو هن جي محلات ڏانهن منهن ڪري نهارڻ به ڇڏي ڏنائين. ننڍيءَ راڻيءَ پنهنجيءَ پر ۾ گهڻيئي حيلا وسيلا ڪيا، پر ڪجهه به ڪونه وريو. ٿورين گهڙين ڏينهين، ستينءَ راڻيءَ کي به خير سان پٽ ڄائو: راڻي بهار بهار ٿي ويئي، ۽ ڏاڍي لاڏ پيار سان هن جو نالو ”گل انداز“ رکيائين. بادشاهه، جو ڏانهنس ايڏو اگوندرو ٿي ويو هو، سو راڻيءَ به پٽ ڄمڻ جي خبر هن کي ڪانه ڏني. ۽ دل ڏاڍي ڪري، ڳجهه ڳوهه ۾، پنهنجي منهن پاڻ، پٽ جي پالنا ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين: ۽ جڏهن ڇوڪرو سمجهه ڀريو ٿيو تڏهن هن جي پڙهڻ ۽ پهلوانيءَ جي فن سکڻ جو جوڳو بندوبست ڪيائين. شهزادو اچ ننڍو سياڻ وڏو، تان جو اڇي جوان ٿيو، پر انهيءَ عرصي ۾ نه پنهنجي محلات کان ٻاهر نڪتو، ۽ نه ڪڏهن پيءُ جي ئي شڪل ڏٺائين.

هڪڙيءَ رات، جيئن بادشاهه پنهنجي محلات ۾ ستو پيو هو، تيئن اڌ رات مهل خواب ۾ ڇا ڏسي ته 'روپو ٽُڙ' سونا ڏارَ، جواهري پَن- لعلون پيون لڙڪن: تڏڙي هير پيئي لڳي: ۽ چار پريون آهن، جي روئن به پيون ۽ لعلون به پيون چونڊين!' بادشاهه ڇرڪ ڀري اٿي ڪڙو ٿيو. حيرت جهڙو خواب هو! گهڻوئي مٿو هنيائين، پر سمجهه ۾ ڪجهه به ڪونه آيس، ۽ انهيءَ فڪر ۾ صبح تائين ننڊ نه آيس- اُٿلندي پُٿلندي، لوچ پوچ ۾ صبح ٿي ويس. صبح ٿيڻ شرط دربار ڪوٺائين، ۽ اميرن، وزيرن ۽ نجومين کي خواب ٻڌائي، تعبير جي گهر ڪيائين. اميرن، وزيرن ۽ ڏاهن گهڻيئي مٿا مونا هنيا، پر خواب جو تعبير نه ڪري سگهيا. آخر هڪڙي جهور پوڙهي نجوميءَ رمل هڻي ٻڌايس ته ”بادشاهه سلامت، انهيءَ خواب جو تعبير جيڪڏهن ڪو آهي ته تنهنجا پٽ ئي اهو توکي ڪٿان آڻي ٻڌائي سگهن

ٿا!" باد شاھہ کي ستين پٽ جي تہ خبر ئي ڪانہ هئي، تنهنڪري ڇهن ئي پٽن کي گهرائي، کين خواب جي تعبير آڻي ڏيڻ جو حڪم ڪيائين. شهزادن، ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي، سفر جي تياري ڪئي، ۽ ناڻي جون خرزينون ڀري، گهوڙن تي سوار ٿي، هڪڙي پاسي هڪلي اٿي راهي ٿيا.

اجا پنهنجي ملڪ جي حد ئي ڪانہ ڇڏي هئائون، تہ ڌاڙيلن جو هڪ ٽولو ڦري آين، جن ڪانئن خزانو ڦري، کين ٻڌي ڪٺي هڪڙيءَ جاءِ ۾ قابو ڪيو. ٻارهن مهينا گذري ويا، مگر شهزادن جو ڪو پتوئي ڪونہ پيو. نيٺ باد شاھہ شهزادن جي خبر آڻڻ لاءِ چئن ئي ڪنڊن تي ماڻهو موڪليا، ليڪن سڀ نااُميد ٿي موٽي آيا، ۽ ٿيندي ٿيندي باد شاھہ بہ پٽن جي موٽڻ جو آسرو لاهي ويهي رهيو.

خدا جي قدرت سان هڪڙي ڏينهن اهو ساڳيو درويش باد شاھہ جي ڪچهريءَ ۾ اچي وارد ٿيو. باد شاھہ هن فقير کي پنهنجي خواب، ۽ خواب جي تعبير آڻڻ لاءِ ڇهن ئي پٽن جي سفر تي اسهڻ جو ذڪر ڪري ٻڌايو. فقير سمورو احوال ٻڌي، باد شاھہ کي چيو تہ "باد شاھہ سلامت، تنهنجي انهيءَ خواب جو تعبير سواءِ تنهنجي ستين پٽ جي ڪوبہ آڻي ڪونہ سگهندو. ان کي ئي موڪلين ها." باد شاھہ حيران ٿي چيو تہ "درويش! مون کي انهن ڇهن پٽن کانسواءِ ڪو ٻيو پٽ آهي ئي ڪونہ!" ان تي درويش کلي چيو تہ "باد شاھہ سلامت، تنهنجون راڻيون ست، ۽ پٽ ڇهہ! اهو ڪو حساب نهي ٿو؟ توکي ستينءَ راڻيءَ مان بہ پٽ آهي، پر تون نڪو اوڏانهن ويو آهين ۽ نہ ئي توکي خبر آهي." باد شاھہ، اها ڳالهہ ٻڌي، پنهنجي ننڍيءَ راڻيءَ سان ڪيل بي وفائيءَ تي ڏاڍو پشيمان ٿيو. هيڪاري انهيءَ تي عجب ٿيس تہ ڪيئن ستين پٽ جي ڇو خبر ڪانہ پيئي؟ تنهنڪري درويش کي چيائين تہ "سائين، هاڻي اوهين پاڻ هلي مون کي پنهنجي اُن سڀاڳي ستين پٽ سان ملايو!" پوءِ درويش ۽ باد شاھہ ٻيئي گڏجي، ننڍيءَ راڻيءَ جي محلات جي در تي آيا. درويش چيو تہ "باد شاھہ سلامت،

تنهنجي پٽ جو نالو 'گل انداز' آهي، ۽ 'گل انداز' ڪري سڏ، ته پاڻهي توکي جواب ملندو." بادشاهه، فقير جي چوڻ موجب "گل انداز" ڪري سڏ ڪيو. راڻيءَ بادشاهه جو آواز سڃاتو، ۽ خيال ڪيائين ته 'اڄ سالن کان پوءِ بادشاهه هن طرف آيو آهي، ۽ وري گل انداز جو نالو وٺي سڏ ڪيو اٿس، ضرور ڪنهن ڏوتيءَ ڏوتسو ڪيو آهي، يا ڪنهن چغل جغلي هنئي آهي؛ اٿين نه ته، جو شهزادو مون کان ڪسجي وڃي!' سو ٻچا ڪيائين، جو شهزادي کي کونيءَ ۾ لڪائي، بادشاهه کي محلات ۾ گهرايائين. بادشاهه، درويش سميت، محلات ۾ داخل ٿيو، ۽ اچڻ شرط راڻيءَ کان گل انداز جي پڇا ڪيائين. راڻيءَ، ڄاڻي واڻي نتائڻ خاطر، بادشاهه کان پڇيو ته "بادشاهه سلامت! ڪهڙو گل انداز؟" تڏهن درويش راڻيءَ کي چيو ته "راڻي! اسان درويشن کان ڪا به ڳالهه ڳجهي ڪانه رهندي آهي. بادشاهه کي پٽ جي خبر هجي ها، ته پهريائين اچي ها؛ پر مون ئي کيس تنهنجي گل انداز جي خبر ڏني آهي. هاڻي کونيءَ مان گل انداز کي ٻاهر ڪڍ، ته پنهنجي پيءُ سان ملي." راڻيءَ جڏهن ڏنو ته ميڙائي جا ڏينهن موٽيا آهن، تڏهن خوش ٿي شهزادي گل انداز کي ٻاهر آڻي، بادشاهه جي آڏو ويهاريائين. شهزادو پيءُ سان ڏاڍي ادب سان مليو، ۽ بادشاهه به پنهنجي پٽ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. اتي درويش بادشاهه کي وري به ٻڌايو ته "بادشاهه سلامت، اهوئي ڇوڪرو آهي، جيڪو تنهنجي خواب جو تعبير توکي آڻي ڏيندو!" ان کانپوءِ، بادشاهه، درويش ۽ شهزادو گل انداز گڏجي دربار ۾ آيا، ۽ ڪيترن ڏينهن تائين سڄيءَ بادشاهيءَ ۾ خوشيون ۽ شادمانا ٿيندا رهيا.

ڪجهه وقت گذرڻ بعد، بادشاهه، شهزادي گل انداز کي پنهنجو خواب ٻڌائي، چيو ته "پٽ! جڏهن کان اهو خواب ڏٺو اٿم، تڏهن کان نڪو اٿم ڏينهن جو قرار، نڪو اٿم رات جو آرام. درويش جي چوڻ موجب تون ئي هن خواب جو تعبير آڻيندين. تنهنڪري سنڌ ڏينهن اندر تياري ڪر، ۽

الله تي آسرو رکي، خواب جي تعبير هٿ ڪرڻ لاءِ روانو ٿي وڃ!" انهيءَ تي گل انداز سفر جي تيار ڪئي، ۽ پورن ستن ڏينهن کان پوءِ ٻه هو هيني کان موڪلائي، اچي ڳاڙهي جون خرزينون پري، اُتي روانو ٿيو. اجا پنهنجي ملڪ جي حد ئي پار ڪانه ڪئي هئائين، تہ هن کي اُهي ساڳيا ڏاڙيل ڦري آيا، جن سندس ڀائرن کي ڦري ماري قيد ڪيو هو. ڏاڙيلن هن کي چيو تہ "مالي، گهوڙي سميت، اسان جي حوالي ڪر، نہ تہ تنهنجو خير ڪونهي!" گل انداز کين چيو تہ "اوهين بہ مڙس آهيو، ۽ آءٌ بہ مڙس آهيان؛ جيڪڏهن اوهان کي مردن وانگر مقابلو ڪرڻو هجي، تہ پوءِ هٿيارن سان يا بنان هٿيارن جي هڪ هڪ تي مقابلو ڪريو. جي اوهان کٽيو، تہ مال ۽ گهوڙو اوهان جو؛ جي مون کٽيو، تہ پوءِ جيڪي مون کي وڻيو، سو اوهان سان ڪندس." ڦورن اها ڳالهہ ٻڌي، خيال ڪيو تہ 'اسان مان هرهڪ هن ڇوڪري جهڙا ڪئين کايو کپايو وينو آهي، سو هي اسان کي ڇا ڪندو!' تنهنڪري شهزادي گل انداز جو شرط قبول ڪيائون، ۽ هڪڙو هڪڙو ٿي، بيهي هن سان مقابلو ڪرڻ لڳا. گل انداز جي پهلوانيءَ جو فن ۽ پنهنجيءَ جاءِ تي هو، ۽ جيڪي ان جا انگ هن کي ياد هئا، تن مان هڪڙي هڪڙي انگ پيچ سان ڇهن ئي ڏاڙيلن کي جدا جدا ڪيرائي، ٻڌي سوگهو ڪندو، هڪ پاسي اڇلائيندو ويو- تان جو جڏهن ڇهہ ئي ڏاڙيل ٻڌجي سڪ تي ويا، تڏهن پاسي ۾ بيٺل ٻير جي وڻ مان تلهڙون وڍي، هڪ منو ٿي، بيهي سٽڻ لڳن. چي: "سچي ڪريو، هن کان اڳ اوهان ڪهڙا ظلم ڪيا آهن؛ ۽ اوهان جي رهڻ جي جاءِ ڪهڙي آهي؟" پهريائين تہ ڏاڙيلن سچي ئي ڪانہ ڪئي، پر چوندا آهن تہ "موچڙن کان جن بہ ڀڄي وڃن"، تنهنڪري شهزادي کي وني وجي پنهنجو تاڪُ ڏيکاريائون، جتي هن جا ڇهہ ئي ڀائر قيد هئا. گل انداز ڇهن ئي ڀائرن کي ڇڏائي ڪٽي ساڻ ڪيو، ۽ ڏاڙيلن کان آئيندي جي چڱي چال جو سنهن ساک وني. اُتي اڳتي هليو.

هلندي هلندي، ڇهن ڀائرن مان هڪڙي هن کان خبرچار پڇي. گل

انداز ٻڌايون ته "آءٌ اوهان جو ننڍو ڀاءُ، گل انداز آهيان، ۽ بادشاهه سلامت جي خواب جي تعبير لاءِ نڪتو آهيان.- هاڻي ست ئي جڻا گڏجي هلي ٿا ڪوشش ڪريون." انهن ڀائرن جڏهن ٻڌو ته هي به اسان جو ڀاءُ آهي، تڏهن حسد ٿين ته هيءُ اسان کان ننڍو، سو اسان کان ڪٿي ڪسر نه ڪٿي وڃي! تنهنڪري خيال ڪيائون ته موقعو وٺي، هن کي ڪنهن طرح ختم ڪري ڇڏجي! ٻه چار ڏينهن گڏ مسافري ڪرڻ کان پوءِ، گل انداز ڀائرن جي اجائي سُس پس ۽ اشارن اندازن مان سهي ڪيو ته هنن جي نيت ۾ مڙيوئي ڪو خلل آهي، ۽ منجهانئن نيت به هن کي نقصان رسڻو آهي. تنهنڪري، جيڪا به مالي پاڻ سان ساڻ آندي هئائين، سا ڇهن ئي ڀائرن کي ڏيئي، هنن مان جند ڇڏايائين، ۽ پنهنجي منهن، اڪيلوئي اڪيلو راهه وٺي اٿي هڪ پاسي روانو ٿيو.

هلندي هلندي، شهزادو گل انداز، ٿورن ڏينهن کان پوءِ، آخر اچي هڪ باغ ۾ پهتو. نظر ڦيرائي ڏٺائين ته باغ ته سڄو سڪو پيو آهي، پر ان جي ٻنهه وچ ۾ هڪڙو کوهه آهي، جنهن تي صحيح سلامت نار چڙهيو پيو آهي! باغ ۾ ٿورو اڳيرو ويو ته ڏٺائين ته هڪڙي هنڌ هڪڙو جهور پوڙهو فقير سنو پيو آهي. هن کي يقين ٿي ويو ته منهنجو مطلب ٿيڻو آهي ته هن ئي فقير وٽان پورو ٿيندو. سو خيال ڪيائين ته جيسين فقير سجاڳ ٿئي، تيسين ڇو نه باغ کي بيهي پاڻي ڏيان. اها ڳالهه ڳڻي، هن باغ کي پاڻي ڏيڻ شروع ڪيو. ٻه چار ڏينهن گذري ويا، پر فقير ننڊ مان پاسو به ڪونه ڇوريو! شهزادو ويچارو باغ جو ڪم ڪندو رهيو، تان جو ڪيترا ڏينهن ائين گذري ويس. تيسين باغ به سڄو سرسبز ٿي ويو. قسمين قسمين ميوا به ان ۾ پچي تيار ٿيا. پوءِ ته شهزادو اهي ميوا کائي پيو اتي وقت گذاريندو هو. نيٺ ڇهن مهينن کان پوءِ فقير سجاڳ ٿيو. اک کڻي کولي، ته مار! سڄو باغ سرسبز لڳو پيو آهي! سو رڙ ڪيائين ته "جن هجين، ڀوت هجين يا دنيا جو آدمي هجين، اُتي ڏي جواب: نه ته اَهُر جيڏا داٽا ڪري

ڇڏيندوسانءِ!“ شھزادي جواب ڏنو تہ ”نڪي جن آھيان، ۽ نڪي ڀوت: دنيا جو ماڻھو آھيان ۽ دنيا جي ڪنھن ڪم پٺيان ھتي اچي نڪتو آھيان!“ ائين چئي، ”آديس گرو، آديس گرو“ ڪري، اچي پيرمرد جي پيرن تي ڪريو. فقير ھن کي ٻانھن کان وٺي اُٿاريو، ۽ چيائين تہ ”بچا! جي ’آديس گرو، آديس گرو‘ نہ ڪرين ھا، تہ اَھُر جيڏا داٽا ڪري ڇڏيئين ھا!“ توريءَ دير کان پوءِ، شھزادي گل انداز ڪجھہ ميوا پٽي، آڻي فقير کي ڏنا. فقير ميوا کائي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ گل انداز کي چيائين تہ ”بچا، تو منھنجي باغ کي سائو ڪيو آھي، ھاڻي گھر جيڪي گھرڻو اٿيئي!“ شھزادي بہ فقير کي راضي ڏسي، پيءُ جي خواب واري سموري حقيقت ھن کي ٻڌائي، ۽ عرض ڪيائين تہ ”فقير سائين، ھاڻي آءٌ منجھي پيو آھيان تہ ڪيڏانھن وڃان، ۽ ڪيئن ڪريان؟ مھرباني ڪري مون کي ڪنھن دڳ لائي!“ فقير گل انداز کي چيو تہ ”بچا، تمام مشڪل ڪم ۾ ھٿ وڌو اٿئي، پر ھاڻي خدا مڙيوئي چڱي ڪندو: ھتان اولھہ طرف مھيني جي پنڌ تي ھڪڙو سمنڊ آھي: سمنڊ اُڪرڻ کان پوءِ ’ننڊ ولايت‘ آھي، جنھن ۾ گھڻو تڻو ديو ۽ پريون رھندا آھن- اھي ڇھہ مھينا جاڳندا آھن ۽ ڇھہ مھينا سمھندا آھن، تون ’ننڊ ولايت‘ جي سر اُتر طرف ھليو وڃ: ٻن ڏينھن جي مسافريءَ کان پوءِ، توکي ھڪرو ٻَڙَ جو وڻ ڏسڻ ۾ ايندو، جنھن جي ڀرسان ھڪڙي ماڙي ھوندي: تنھنجي خواب جو تعبير ان ماڙيءَ ۾ آھي. ھيءُ تعويذ وٺي سوگھو ڪر، ۽ جڏھن اُھو ٻانھن ۾ ٻڌندين، تہ توکي ڪوبہ ديوان پري نقصان ڪونہ رسائي سگھندو.“

شھزادو گل انداز تعويذ ٻانھن ۾ ٻڌي، فقير کان موڪلائي، اُٺي اولھہ طرف ھليو. وات تي ھڪڙي ھنڌ ڏسي تہ ٻرپٽ ۾ ھڪڙو خوبصورت نوجوان، جنھن کي موڙ ٻڌل آھن ۽ ميندي لڳل آھي، سو منھن مٿو پيو پٽي ۽ ھانءُ ڦاڙي رڙيون پيو ڪري. گل انداز گھوڙي کي ھڪلي سڌو ان وٽ پھتو، ۽ خبرچار پڇيائينس. ھن ٻڌايو تہ ”آءٌ شادي ڪري ڄڄ سان



پئي آيس، تہ اوچتوئي اوچتو، ھن پٽ ۾ سڄي جھج غائب ٿي ويئي، ھاڻي آءٌ اڪيلو ھن برپٽ ۾ پيو ڌانھون ڪريان. خبر نہ ٿي پوي تہ ھي ڪھڙو طلسم آھي! تون ئي چئو تہ ھاڻي آءٌ ڪھڙو منھن ڪئي ڳوٺ وڃان؟" گل انداز اھا خبر ٻڌي، حيران ٿي ويو. نوجوان کي اتي ڇڏي، پاڻ گھوڙو ھڪليندو، سڌو فقير وٽ آيو، ۽ اچي ساري حقيقت ٻڌايائينس. فقير چيس تہ "بابا، تون ان ڳالھہ ۾ ھٿ نہ وجھہ. تون جنھن ڪم سان آيو آھين، سان ڪري وڃي اھو ڪر!" پر گل انداز چيس تہ "سائين، ھو ويچارو رڻ ۾ رُلي رُلي مري ويندو؛ ڪيئن بہ ھجي، پر ھن کي پنھنجي ڪنوار جڃ سميت ضرور ملڻ گھرجي." فقير، لاچار ٿي گل انداز کي ٽي گل ڏنا، ۽ چيائينس تہ پھريون گل ميدان ۾ اڇلائيندين، تہ ڏوڙ جو طوفان لڳندو؛ غبار لھڻ کان پوءِ، ھڪڙو ڪوٽ نظر ايندئي، جنھن کي چوڌاري ڪوبہ دروازو ڪونہ ھوندو؛ وري ٻيو گل ان ڪوٽ کي ھڻندين، تہ ڪوٽ غائب ٿي ويندو، ۽ اُتي باھہ جو مچ پيدا ٿيندو؛ جڏھن باھہ جھڪي ٿيندي، تڏھن ان مان ھڪڙو ھيبتناڪ جادوگر نڪري ايندو؛ تون ڪوبہ ڊپ ڏاءُ نہ ڪري، تلوار جي ڌڪ سان سندس سري لاھي ڇڏج: ان کان پوءِ، ٽيون گل

وري مٿ ۾ ڦٽو ڪيو، تہ جادوءَ جو سڄو اثر غائب ٿي ويندو ۽ اُهو ماڳيو جادوگر، ماڻهوءَ جي صورت ۾، تنهنجي آڏو هوندو، پر منجهس اُها اڳين طاقت نہ هوندي- تون هن کي مارجئين نہ، پوءِ جيئن چوندينس، تيئن ڪندو!"

شهزادو گل انداز، فقير جي سڄي ڳالهہ سمجهي، ليٽي گل ڪٽي، اُن ميدان ۾ آيو. جيئن فقير سمجهايو هوس، اُئين ئي ڪري، جادوگر کي هٿ ڪيائين. جادوگر هٿ ٻڌي شهزادي کي منٿون ڪيون تہ "ڏٽيءَ جي نالي مون کي نہ مار، باقي جيئن چوندين تيئن ڪندس!" شهزادي چيس تہ "اول اسان کي اُها ڄڃ صحيح سلامت گهرجي، جيڪا تو هن ميدان مان غائب ڪئي آهي." جادوگر گل انداز کي وٺي وڃي اُها ڄڃ ۽ ڪنوار ڏيکاري. شهزادي اُن جاءِ جون ٻيون بہ ڪوٺيون گهمي ڏٺيون، جن ۾ ڪيترائي ماڻهو ۽ نيون نويليون ڪنواريون بند هيون. شهزادي انهن سڀني کي آزاد ڪرائي، خير سان پنهنجي پنهنجي ملڪ ڏانهن روانو ڪيو. انهن ۾ هڪڙيون بہ ڇٽيون، جي بادشاهي گهراڻي جون ڏسڻ ۾ ٿي آيون، تن جو دنيا ۾ ڪوبہ عزيز باقي ڪونہ هو؛ تنهنڪري شهزادي گل انداز گهوٽ کي چيو تہ "تون پنهنجي ڄڃ وٺي روانو ٿيءُ؛ پر هي بہ شهزاديون تو وٽ امانت آهن: جي جيئرو موٽيس، تہ تو وٽان وٺي ويندوسانءِ، نہ تہ الله داني تو داني، اهي توکي پرتيون، پنهنجي ساهہ سئين سارسنڀار پيو لهجئين." ائين چئي، گل انداز پنهنجو رستو ورتو.

ڪجهہ ڏينهن جي مسافريءَ کان پوءِ، هڪڙي ڏينهن شهزادو ٿڪجي پيو، ۽ آرام ڪرڻ لاءِ هڪڙي وڏي وڻ جي ڇانو هيٺ گهوڙي جا سنج سرانديءَ کان رکي، سمهي رهيو. پورا پهر ٿيا ۽ سج ڪاپار تي آيو، تہ اوچتو پکين جي ڦڙڦڙ ۽ آواز تي سندس اک کلي. ڏسي ڪئي تہ هڪڙو وڏو نانگ وڻ تي پيو چڙهي؛ مٿي وڻ تي، جو نظر پيس تہ ڏسي تہ هڪڙو آکيرو آهي، جنهن ۾ پکيءَ جا ٻچا آهن، جي نانگ کي مٿي ايندو ڏسي،

...... ۽ اچي ھو اتي ڪنڌ اندار ڪي پکيءَ تي [illegible] اُڏائو.

ڦڙڪيون پيا ڪائين ۽ دانهون پيا ڪن. شهزادي سمجهيو تہ نانگ انهن ٻچن کي کائي ڇڏيندو، سو ڪڍندي ئي ترار وڻ تي چڙهي ويو، ۽ هڪ ئي ڌڪ سان نانگ ماري ان کي ٽڪر ٽڪر ڪري، پکيءَ جي ٻچن آڏو آکيري ۾ رکي، پاڻ لهي، وري سمهي رهيو. مڃاڻ جو اهو آکيرو گُرڙ پکيءَ جو هو، جنهن کي ٻن ٽن ڏينهن کان شڪار هٿ نہ آيو هو. سو صبح جو ٻچن کي چئي ويو هو تہ 'جيڪڏهن اڄ بہ ڪو شڪار نہ لڳو تہ اوهان جو خير ڪونهي!' ٻچن، جو نانگ جا ٽيرا آڏو ڏٺا، سي ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ ڪجهہ پاڻ کاڌائون ۽ ڪجهہ پنهنجي پيءُ لاءِ رکي ڇڏيائون. خدا جي قدرت، جو گرڙ پکيءَ کي ان ڏينهن بہ شڪار هٿ ڪونہ آيو، سو بک کان ڇتو ٿي آکيري ۾ گهڙيو، ۽ نانگ جي ٽيرن کي پيل ڏسي ڪائڻ ۾ جنبي ويو. جڏهن کائي ڍؤ ڪيائين، تڏهن هڪل ڪري چيائين تہ "ڪي ٻچيا بہ آهيو، يا سڀ کاجي ويئو؟" ٻچا، جيڪي گرڙ جي اچڻ وقت لڪي ويا هئا، سي 'چُون چُون' ڪري ڊوڙي آيا. گرڙ پکيءَ ٻچن کان پڇيو تہ "اوهين سڀ سلامت آهيو، پوءِ مون ڇا کاڌو؟" ٻچن سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايس تہ "وڻ هيٺان جيڪو ماڻهو ستو پيو آهي، انهيءَ اسان جي جان بچائي آهي، نہ تہ اڄ اسان کي جيئرو نہ ڏسين ها." گرڙ پکيءَ ٻچن جي اها ماجرا ٻڌي، دل ئي دل ۾ ڏاڍا شهزادي جا ٿورا مڃيا.

انهيءَ مهل سج لڙي ويو هو، جنهنڪري وڻ جي ڇانو ٻدران شهزادي گل انداز تي اُس اچي ويئي هئي. پر هن تي جو ننڊ جا الوٽ چڙهيل هئا، تنهنڪري اک ئي ڪين کليس. گرڙ پکي، اهو حال ڏسي، يڪدم وڻ تان لهي آيو، ۽ پنهنجا پر پکيڙي شهزادي مٿان ڇانو ڪري بيهي رهيو. هوشيار ٿيڻ تي، گل انداز پنهنجي مٿان گرڙ پکيءَ کي ڏسي، ڏهلجي ويو. پر گرڙ پکيءَ چيس تہ "اي انسان! تون ڪنهن بہ قسم جو خيال نہ ڪر. تو منهنجي ٻچن جي جان بچائي آهي، تنهنڪري آءٌ منهنجو [illegible] جيڪو [illegible] چوندين، اکين سان ڪري ڏيندس." [illegible]

ڪري چيس تہ ”مون کي ’ننڊ ولايت‘ پهچڻو آهي، تنهنڪري تنهنجي مدد جي ضرورت آهي.“ گرڙ پکيءَ اها ڳالهہ وڏيءَ خوشيءَ سان قبول ڪئي، ۽ اُتي جو اُتي گل انداز کي پٺيءَ تي کڻي ونئي اُڏاڻو. اڏامندي اڏامندي ”ننڊ ولايت“ جي سرحد تي نيئي شهزادي کي ڇڏيائين.

شهزادو گرڙ پکيءَ کي موڪل ڏيئي، ’ننڊ ولايت‘ جي شهر ۾ آيو، پر ڇا ڏسي تہ جو ماڻهو جتي آهي، سو اُتي ئي ستو پيو آهي. گهمندي گهمندي، شهزادو نيٺ هڪڙيءَ محلات ۾ گهڙي ويو، جنهن جي دروازي تي ديو ستا پيا هئا. شهزادي کي تہ ڊپ جو تعويذ ٻڌل هو، سو ڊنو اصل ڪونہ! اندر ڪٽي ڏسي تہ هڪڙي پري غسلخاني ۾ وهنجڻ لاءِ گهڙي آهي، ۽ سندس نوڪرياڻي ٻاٽيءَ جو ٻدنو ٻريو بيٺي آهي، پر ٻنهي کي اتي ئي ننڊ ڪٽي ويئي آهي! گل انداز پريءَ کي ڏسڻ شرط، مٿس عاشق ٿي پيو: سو ڇا ڪيائين، جو پريءَ کي غسلخاني مان ڪڍي، اچي پلنگ تي سمهاريائين. پريءَ جي شال ٻاڻ ڪنيائين، ۽ پنهنجي شال پريءَ جي مٿان وڌائين. پريءَ جي منڊي جنهن تي ’ننڊ پري‘ نالو لکيل هو، اُها پنهنجي آڱر ۾، ۽ پنهنجي نالي واري منڊي ڪڍي هن جي آڱر ۾ وڌائين. رات اُتي ئي ترسي پيو، ۽ صبح جو اُتي غسل ڪري، فقير ڪان مليل ڏس تي اُتر طرف روانو ٿيو. ڪجهہ پنڌ ڪرڻ کانپوءِ، ٻڙ جو وڻ ۽ اُن جي ٻرسان ماڙي نظر آيس- ۽ شهزادو اچي انهيءَ ماڙيءَ جي هيٺان بيٺو.

مٿي ماڙيءَ تي ڪن پرين پئي چوپڙ راند ڪئي. اتفاق سان هڪڙي ساري ماڙيءَ تان هيٺ ڪري پئي ۽ اچي گل انداز جي اڳيان ڪري. هن يار بہ ساري کڻي پنهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏي. هڪڙيءَ پريءَ جيئن ساري ڏسڻ لاءِ دري، مان منهن ڪڍيو، تہ ڏسي تہ هڪڙو خوبصورت نوجوان هيٺ بيٺو آهي! هن ٻين ساهيڙين کي سڏ ڪري، اهو لقاءُ ڏيکاريو- ۽ گهڙي کن تہ دريءَ مان ئي ديدار بازي ٿينديءَ رهي. آخر پرين پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ ”هن ملڪ ۾ ههڙو خوبصورت جوان پاڻ کي خدا ڏياريو آهي،

... سونو ٽُڙُ روپا ڏار، جواهري پن ـ لعلون ڀيون لڙڪن، ٿڌڙي هير پئي لڳي، ۽ اهي ساڳيون چار پريون آهن، جي روئن به پيون ۽ لعلون به پيون چونڊين!

تنهن کي هٿان ڪيئن ڇڏيون!‘ سو فيصلو ڪيائون تہ ’ پاڻ چار ڄڻيون آهيون- جنهن جي ڪٽ تي ويهندو، تنهن جو هو ٿيندو: پلا جي سردار جي ڪٽ تي وينو، تہ پوءِ چئن ئي جو ٿيندو!‘ اهو فيصلو ڪري، شهزادي کي ماڙيءَ تي اچڻ لاءِ سڏ ڪيائون. شهزادو گل انداز بہ وڏي چاهہ مان مٿي چڙهي ويو. ماڙي عجب جنسار سان سينگاريل هئي: سون، چانديءَ ۽ هيرن جواهرن مان اُهي اُهي شيون ٺهيل هيون، جن کي ڪا مهل تہ هو عجب مان وات ڦاڙي ڏسندو رهيو. نيٺ جڏهن پرين ويهڻ لاءِ چيس، تڏهن هڪڙي پلنگ تي ويهي رهيو. مڃاڻ، جو اهو پلنگ هو سردار جو! بس پوءِ تہ چئن ئي ڄڻين هن کي ڪٿي پنهنجو ڪيو. اُن بعد راڳ رنگ جون محفلون لڳي ويون، ۽ شهزادو بہ خوشيءَ سان ويهي اهي مجلسون ماڻڻ لڳو.

ڪيترائي ڏينهن راڳ ناچ جي انهن محفلن ۾ اهڙيءَ طرح گذري ويا. هڪڙي ڏينهن شهزادي کي ويٺي ويٺي پنهنجي پيءُ جو خواب ياد پيو. ڏاڍو ويچار ٿيس تہ ’هيترا ڪشالا ڪيم ۽ ڏاکڙا ڏٺم، پر اڃا منزل کي نہ پهتو آهيان!‘ اهو ويچار ڪري مايوس ٿي ويهي رهيو. پرين، جو هن کي اداس ڏٺو، سو ڏاڍي پاڻهہ مان سبب پڇيائونس. شهزادي گل انداز پنهنجي پيءُ جي خواب جي ساري حقيقت کين ٻڌائي. انهيءَ تي پرين چيس تہ ”شهزادا! بس ... ڳالهہ بہ ايتري، جنهن لاءِ ڪٿي دل ننڍڙي ڪئي اٿئي! هاڻي جنهن مهل بہ چوين، توکي اهو تعبير ڪري ڏيکاريون.“ گل انداز، جنهن ايترا ڏاکڙا رڳو خواب جي تعبير لاءِ ڪڍيا هئا، تنهن جو اها ڳالهہ ٻڌي، سو خوش ٿي پرين کي چيائين تہ ”جي ائين آهي، تہ پوءِ دير نہ ڪريو. آءٌ خواب جو تعبير هينئر ئي ڏسڻ چاهيان ٿو.“ انهيءَ تي پرين چيس تہ ”چڱو، اسين جيئن توکي سمجهايون تيئن ڪج. جيڪڏهن ٿورڙي بہ ڀل ڪندين، تہ خطا کائيندين.“ پوءِ چيائونس تہ ”وهنجي سهنجي، ڪير جهڙي اڇي صاف چادر پنهنجي بدن کي ويڙهي، اگهاڙي تلوار هٿ ۾ ڪٺي، هن ڪرسيءَ تي خبرداريءَ سان ويهي رهہ. اسين جيئن

ناچ ڳانو ٿيندو آهي، تيئن تنهنجي اڳيان اچ ناچ ڳانو ڪنديونسين. جنهن وقت ڳائيندي ڳائيندي ۽ نچندي نچندي، اسان مان ڪا به تنهنجي اڳيان اچي جهڪي بيهي، تنهن مهل تون بنان سوچ ويچار جي ٻي ڏڙڪ تلوار جو اهڙو ڌڪ هڻج، جو ان جي سسي ڌڙ کان ڌار ٿي وڃي.... پوءِ راڳ ناچ جي ڪرشمي جي پاڻيهي توکي خبر پوندي! پر ياد رک، انهيءَ ڪم ۾ ڪنهن به قسم جو انديشو ڪيئي، ته پوءِ هڪڙو ته خواب جو تعبير اڌ ۾ رهجي ويندو، ۽ ٻيو ته اسان جو ۽ تنهنجو وڏيڪ جيئڻ مشڪل ٿي پوندو!"

گل انداز سڄي ڳالهه سمجهي، پرين جي چوڻ موجب، وهنجي سهنجي، ڪير جهڙي اڇي صاف چادر ويڙهي، اگهاڙي تلوار هٿ ۾ ڪٽي، هڪڙيءَ ڪرسيءَ تي ٿي وينو. ناچ ڳانو شروع ٿيو؛ پريون ڳائيندي ڳائيندي ۽ نچندي نچندي، جڏهن راڳ ناچ جي پوريءَ موج ۾ آيون، تڏهن انهن مان هڪڙي پري ٻين پرين کان جدا ٿي، شهزادي جي اڳيان اچي ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهي. گل انداز به تيار ٿيو وينو هو، تنهن دل پڪي ڪري، پهرئين ئي ڌڪ سان پريءَ جي سسي لاهي ڇڏي. پريءَ جي سسي ته وڃي پري پيئي، پر ان جو ڌڙ پرپرو وڃي روپو ٿڙ بنجي بيهي رهيو! اهڙيءَ طرح وري ٻي پري هن جي آڏو آئي، لاچار ان جي سري به تلوار سان لاٿائين ۽ ڪٽي جو ڏسي ته سونا ڌار ٿڙ سان مليا بيٺا آهن! وري ٽين پري آئي، ۽ ان به ساڳيءَ طرح پنهنجو سر قربان ڪيو- ۽ ان مان وري وڻ جا جواهري پن نهي پيا! اهڙيءَ طرح چوٿينءَ پريءَ جڏهن پنهنجي سسيءَ جي پيٽا ڏني، تڏهن شهزادو گل انداز ڪٽي جو نظر ڪري، ته سبحان الله!-- "روپو ٿڙ، سونا ڌار، جواهري پن- لالون پيون لڙڪن ۽ ٿڌڙي هير پئي لڳي. ۽ اهي ساڳيون چار پريون آهن، جي روئن به پيون ۽ لالون به پيون چوندين!" گل انداز اهو لقاءُ ڏسي، بيهوش ٿي، ڪرسيءَ تان ڪري پيو. چئن ئي پرين ڊوڙي، اچي هن تي گلاب جو پاڻي ڇنڪاريو. شهزادي جڏهن اک کولي، ته ڏسي ته اهو وڻ غائب، ۽ پريون سندس حاضريءَ ۾ بيٺيون آهن! اهڙيءَ

طرح پيءُ جي خواب جو هيءُ عبرت جهڙو تعبير اکين سان ڏسي، شهزادو بنهہ لاڳاپا لاهي ۽ بي اونو ٿي، چئن ئي پرين سان راڳ رنگ جي هنن هوشربا محفلن ۾ مگن ٿي ويو، ۽ ٿيندي ٿيندي ڪيئي ڏينهن اتيِ هنَ کي ائين گذري ويا. ٿورن گهٽن ڏينهن ڪانپوءِ، هڪڙي ڏينهن نيٺ هن کي ويچار ٿيو تہ 'جنهن ڳالهہ لاءِ هتي آيو هوس، سا پاڻ اکين سان ڏسي، ائين ئي اتي رهجي ويس!- هوڏانهن باد شاهہ سلامت جو ڇا حال هوندو، تنهن جي ڪا اون ئي دل تي ڪانہ ٿو آڻيان!' پوءِ هن پرين کي چيو تہ "مون کي هاڻي پنهنجي ملڪ موٽڻو آهي؛ پر هڪڙي ڳُٽي اٿم تہ خواب جو تعبير جو مون ڏٺو آهي، سو باد شاهہ سلامت کي ڪيئن ثابت ڪري ڏيکاريندس!" تنهن تي پرين چيس تہ "اي شهزادا، تون اها ڳُٽي اصل نہ ڪر: هاڻي اسين تنهنجي سر سان ٻڌل آهيون؛ جڏهن چوين، تڏهن توسان گڏ اتي هلي، باد شاهہ کي خواب جي تعبير ڪري ڏيکارينديونسين!"

پوءِ، چارئي پريون، ڏينهن ٻن بعد، گل انداز کي تخت تي کڻي، اتي اڏاڻيون، ۽ اڏامندي اڏامندي هڪڙي ڏينهن صبح جو، ڪنهن شهر جيَ ٻاهران اچي لٿيون. پرين شهزادي گل انداز کي چيو تہ "هتي ڪجهہ ڏينهن آرام ڪبو؛ تون شهر ۾ ڪا جاءِ مسواڙ تي وٺي، وڃي ان ۾ رهہ. اسين پريون آهيون؛ سو شهر ۾ رهي ڪين سگهنديونسين؛ تنهنڪري سج لٿي کان پوءِ، سج اڀرڻ تائين ڪنهن بہ مهل، هتي ئي اسان سان روزانو اچي ملاقات ڪج!" گل انداز شهر ۾ اچي هڪڙيءَ پوڙهيءَ جي گهر ۾ ٽڪيو، ۽ جيئن پرين ٻڌايو هوس، ان موجب صبح شام شهر جي ٻاهران وڃي هنن سان ملاقات ڪندو هو. خدا جي قدرت، جو هڪڙي ڏينهن، شهر جي باد شاهہ جي وڏ وزير ڌيءَ پنهنجي مڙس جي ڳولا لاءِ چؤنري تي ڦيرائي. پوڙهيءَ بہ گل انداز کي اچي اها حقيقت ٻڌائي. شهزادي ڇا ڪيو جو ميرا ۽ قاتل ڪپڙا پائي، اچي انهيءَ ميڙ ۾ بيٺو. جتي چؤنري ڦري ڦري اچي شهزادي گل انداز جي مٿان بيٺي. ماڻهن، جو ڏٺو تہ هڪڙي گدلي ۽ غريب

ماڻهوءَ تي اچي چونري ڍري آهي، سو هن کي ڏڪا ڏيئي، ميڙ مان ڪيڏي ڇڏيائون، ۽ چوڌاري هوڪار مچي ويئي تہ ”سانئڻ نہ پلي، بانهي پلي! سانئڻ نہ پلي، بانهي پلي!“ ان ڪانپوءِ، وري بہ دفعا چونري ڦيرايائون، پر چونري ڦري ڦري، اچيو شهزادي تي بيهي! اتي شهزاديءَ، جنهن سمورو تماشو پئي ڏٺو، تنهن پنهنجي پيءُ کي چيو تہ ”بابا! وڏيڪ تڪليف ڪريوئي نہ، اهوئي مڙس منهنجي قسمت ۾ لکيل آهي، ۽ مون کي اهو قبول آهي- اڳتي ڪٿي منهنجا ڀاڳ!“ پر بادشاهہ اچي ڪاوڙيو: چي، ”هي الائي ڪير آهي؟ آءٌ اهڙي ڪتل ماڻهوءَ کي پنهنجو نائي ڪيئن ڪريان؟“ تنهن تي شهزاديءَ چيو تہ ”بابا، ائين آهي، تہ پوءِ سياڻي عام دربار ڪرايو، تہ اتي آءٌ پاڻ پنهنجو ڪو ورُ چوندييان!“ بادشاهہ اها ڳالهہ قبول ڪري، شهر ۾ پڙهو گهمارايو تہ ”سياڻي شهزادي عام دربار ۾ پنهنجو ور چونديندي، تنهنڪري جنهن کي قسمت آزمائڻي هجي، تہ اچي آزمائي!“

ٻئي ڏينهن مقرر وقت تي ماڻهو اچي دربار ۾ مڙيا. گل انداز انهيءَ ڏينهن اتي نہ ويو. شهزادي ساريءَ دربار کي ڏسي موٽي ويئي، ۽ بادشاهہ کي چيائين تہ ”وري سياڻي!“ بادشاهہ تپي ٽامڻي تي ويو، ۽ ڪاوڙ ۾ شهزاديءَ کي چيائين تہ ”تو منهنجو نالو ٻوڙي ڇڏيو آهي: ملڪ سڄو مون تان پيو کلي: هاڻي جيڪڏهن سياڻي مڙس نہ چونديئي تہ وچ دربار ۾ هڪڙي ٻي ڏڪ سان تنهنجي سسي لاهي ڇڏيندس!“ ٻئي ڏينهن گل انداز ڇا ڪيو، جو ڪپڙا لٽا ڦاڙي ليڙون ليڙون ڪري، هڪڙو پراڻو سراڻو نڪر جو جمن هٿ ڪري، ان ۾ ڏڏ ۽ مانيءَ جا ڀور وجهي، چرين وانگر ٽيڙ ڪائيندو، گگون ڳاڙيندو، اچي دربار ۾ نڪتو. دربار ۾ جوانن جا هشام هار سينگار ڪري، اُڇا ۽ ريشمي ڪپڙا پائي، شهزاديءَ سان شادي ڪرڻ جي سڌ ۾ اچي گڏ ٿيا هئا: تن جو هن چرئي کي بڇڙن حالن ۾ ڏٺو، سو ڏڪا ڏيئي دربار مان ٻاهر ڪيڏي ڇڏيائونس. شهزادو بہ جنهن هنڌ جتيون

رکيون هيون، اتي پاسو ڏيئي اچي ويهي رهيو. مانيءَ پور بہ پيو ڪائي، ۽ گگون بہ پيو ڳاڙي! ماڻهو پيا ڪلن- چي، ”اڙي هي بہ آيو آهي شهزادي ماڻڻ!“ مقرر وقت تي شهزادي دربار ۾ آئي. ڪئين شهزادا، وزير زادا، امير، سڪيا ستابا ماڻهو، هار سينگار ڪري، اچي گڏ ٿيا هئا. ساري دربار خوشبوءِ سان واسيل هئي. دربار ۾ ڪا گهٽتائي هئي، تہ فقط اها، جو هڪڙو مستانو ماڻهو جتين رکڻ جي جاءِ تي ويٺو هو! شهزاديءَ بہ، دربار لتاڙي، اچي ان مستاني تي هٿ رکي، چيو تہ ”منهنجو مڙس آهي، تہ هيءُ آهي!“ سيني کي حيرت وٺي ويئي. وڏو ويل تہ بادشاهہ سان ٿيو. جتي هيترا شهزادا ۽ اميرزادا اچي گڏ ٿيا هئا، اتي شهراديءَ هڪڙو چريو ۽ گگرُ پنهنجو مڙس چونڊيو هو! قصو ڪوتاهہ، گل انداز جي انهن ئي حالن ۾ شادي ڪرائي ويئي. مگر شاديءَ ڪانپوءِ بہ، شهزادو گل انداز مکر ڪري، سوليءَ طرح نہ پيو ڳالهائي، نہ ٻولهائي. شهزاديءَ ويچاريءَ گهڻائي حيلا وسيلا ڪيا، مگر شهزادو پنهنجيءَ تان هڪڙو تر بہ نہ هٽيو.

گل انداز دستور موجب روزانو صبح شام، شهر کان ٻاهر وڃي، پرين سان ملاقات ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن پرين چيس تہ ”تون ڪجهہ ڏينهن اتي آرام ڪر: تيستين اسين پنهنجي ملڪ مان چڪر هڻي ٿيون اچون.“ گل انداز ٻهرين تہ انڪار ڪيو، پر پوءِ خيال ڪيائين تہ ’پنهنجيءَ تي اچي، زوريءَ هليو وڃن، تہ بہ آءٌ ڇا ڪري سگهندس!‘ تنهنڪري هنن جي محبت ۽ وفاداريءَ کي ياد ڪري، ڪلي خوش ٿي، موڪل ڏنائين. پرين شهزادي گل انداز کي موڪلائڻ مهل پنهنجي وارن جون ڇڳون ڏيئي، کيس چيو تہ ”اسان جي وارن مان ڪمان ناهي پاڻ وٽ رکي ڇڏ: جنهن مهل ضرورت پويئي، تہ رڳو ڪمان کي ڇڪ ڏجئين، تہ هڪدم اسين اچي حاضر ٿينديونسين!“ اتين ڇئي پريون موڪلائي ويندي ون رهيون، ۽ شهزادو موٽي محلات ۾ آيو. هن پنهنجي چريائيءَ واريءَ حالت ۾ اجاتائين ڪوبہ ڦيرو ڪونہ آندو هو: ان ڪري سندس سهرو هن کي ڏسي

پيو سڙندو هو ته ’ههڙي نانيءَ کان ائين ئي پلي هئي!‘ ٻئي ٽئي ڏينهن، هو هلي، شهزاديءَ کان خبر چار ونڻ ويندو هو. شهزادي به گل انداز جي انهيءَ روش کان ڪڪ ته ٿي پيئي هئي، پر دل تي پٿر رکي، هڪڙي ڏينهن بادشاهه کي سنئون سڌو ۽ صاف چٽي ڏنائين ته ”بادشاهه سلامت! منهنجو مڙس چريو آهي يا ڪريو آهي، پر جي آهي ته اهو آهي: اوهان هن مان بيزار آهيو، پر آءٌ ته هن مان بيزار نه آهيان. هاڻي اڳتي جيئن وڻيو، تيئن وجي ڪريو: پر مون کي وري ان باري ۾ ڪو اکر چيو اٿو، ته پاڻ کي اڳو پوءِ زهر ڏيئي ماري ڇڏينديس!“ تنهن تي بادشاهه کي لڳي خار، سو وزير کي چيائين ته ”وزير! ڪا اٽڪل ڪڍ ته جيئن هن چرئي مان جند به ڇٽي، بدنام به نه ٿجي، ۽ شهزاديءَ جو ساهه به سلامت رهي. لال به ليپي ۽ پريت به رهجي اچي. يا ته هن کي ماڳهين مارائي ڇڏجي، يا وري شهر نيڪالي ڏجيس– پوءِ جيڪي ٿئي، تنهن کي ڏسي رهجي.“ اجا انهيءَ ويچار ۾ هئا، ته هڪڙي ڏن ڀروءَ ملڪ جي بادشاهه جو ايلچي ڪچهريءَ ۾ آيو، جنهن پنهنجي بادشاهه جو پيغام آڻي پهچايو ته ”اسين هر سال اوهان کي ڏن ڀريندا هئاسين، مگر هن سال کان اسان ڏن نه ڏيڻ ۽ آزاد رهڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جيڪڏهن اوهان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار آهيو، ته اسين به تيار آهيون. ٻيءَ صورت ۾ پاڻ اوهان کي صلاح ٿي ڏجي ته اسان کي ڏن ادا ڪريو، نه ته اسان جي طرفان هيءُ جنگ جو اعلان ڪري سمجهو!“ بادشاهه هن اوچتيءَ خبر ڪري ويچار ۾ پئجي ويو ته ’هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ جنگ ڪرڻ جي اسان ۾ طاقت ڪانه رهي آهي، ۽ آنڪي ڀري ڏيڻ ته هيڪاري بي عزتي آهي. هاڻي ڪجي، سو ڪجي ڇا!‘

اوڏيءَ مهل گل انداز به ڪچهريءَ ۾ آيو، ۽ بادشاهه کي پريشان ڏنائين. پڇا ڪرڻ تي ساريءَ ماجرا کان واقف ٿيو. گل انداز يڪدم ڪچهريءَ ۾ اٿي بيهنو ۽ ايلچيءَ کي چيائين ته ”پنهنجي بادشاهه کي وڃي چؤ ته ’سَتن ڏينهن اندر ڏن ادا ڪري، نه ته ٻئي هفتي ۾ سندس ملڪ تي

حملو ڪيو ويندو' !" بادشاهه، امير، وزير ۽ درباري سڀئي مانڊ ۾ اچي ويا تہ گل انداز هي ڇا ڪيو؟ پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳا. بادشاهه وزير کان پڇيو تہ "هاڻي ڇا ٿيندو؟" وزير جواب ڏنو تہ "قبلا! ٿيندو وري ڇا؟ هاڻي تہ پاڻ سولائي ٿي: جي گل انداز جنگ کٽي، تہ فتح پنهنجي. جي هارايائين، تہ يا مارجي ويندو يا قيد ٿيندو... ٻنهي حالتن ۾ گل انداز کان پنهنجي جند ڇٽي پوندي!" بادشاهه وزير جي صلاح ٻڌي خوش ٿيو، ۽ گل انداز کي سڏي چيائين تہ "پٽ! تو ڏاڍو خراب ڪم ڪيو: سمجهين ٿو تہ انهيءَ جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟" گل انداز ورندي ڏني تہ "بادشاهه سلامت! نتيجو وري ڪهڙو نڪرندو؟ هڪڙو غلام ملڪ اسان کي هن طرح هيسائي ۽ ڏڃ گهري، تنهن کي اهڙي تہ سزا ڏجي، جو سڄي ڄمار ياد ڪري!" بادشاهه چيس تہ "ائين تہ برابر آهي، پر ان جي مقابلي جي طاقت اسان ۾ ڪٿي آهي؟ نہ آهي زر. نہ لشڪر." گل انداز چيو تہ "انهن سڀني ڳالهين کان اوهين ڇٽل آهيو. اوهين جنگ واري ڏينهن کان فقط هڪڙو ڏينهن اڳ ڏسجو تہ ڇا ٿو ٿئي." بادشاهه، گل انداز جي ڳالهہ ٻڌي، حيران ٿي ويو تہ هفتي ۾ ڪهڙي تياري ڪري سگهندو؟ پر وري وزير واريءَ صلاح جو خيال ڪري، ماٺ ڪري ويهي رهيو. گل انداز جي وري بہ اهائي ساڳي ڪار-نہ ڪنهن سان ڳالهائي نہ ٻولهائي! اتي شهزادي ويچاري ڏاڍي پريشان ٿي تہ 'خدا خير ڪري- ڪٿي شهزادي کي ڪجهہ ٿي نہ پوي!'

جنگ کان هڪ ڏينهن اڳ بادشاهہ گل انداز کي گهرائي چيو تہ "سپاڻي جنگ جو نقارو وڄائڻو آهي. دشمن جو لشڪر منزل هٽي چڪو آهي!" گل انداز شهر کان ٻاهر وڃي پرين جي وارن مان ٿيل ڪمان کي چڪ ڏني، تہ يڪدم چارئي پريون اچي حاضر ٿيون. هن پرين سان ساري حقيقت ڪئي. پرين کيس چيو تہ "اڄ رات وچ ۾، جنگ جي ميدان کان ميل اوري، هڪ هزار تنبو هڻائي ڇڏ: هرهڪ تنبوءَ ۾ ڪٺ، هنڌ ۽ پاڻي

موجود هجي. صبح جو ڪوبہ ماڻهو انهن تنبن جي ويجهو نہ وڃي، نہ تہ مئو پيو هوندو؛ ڇو تہ صبح سان ديون جو لشڪر هتي پهچي ويندو! تون پاڻ بہ انهن تنبن کان پري ٻيهي، ديون کي حڪم ڏج؛ ۽ ٻئي ڪنهن کي بہ تنبن ڏانهن وڃڻ نہ ڏج." ائين چئي پريون ويندڙيون رهيون. شهزادي گل انداز هڪ هزار تنبو جنگ جي ميدان کان اوري هٽائي، ان ۾ ڪتون، هنڌ ۽ پاٿي رکائي ڇڏيا، ۽ حڪم ڪيائين تہ "اڄ رات کان پوءِ اوڏانهن ڪير بہ نہ وڃي،نہ تہ مئو پيو هوندو!" اهو ٻڌي بادشاهہ، وزير ۽ ٻين کي اچي ڪل چڙهي تہ 'هي آهي چريو، سو پاڻ سان گڏ اسان سڀني کي بہ مارائيندو.' خيال ڪيائون تہ 'غنيم سان ڪٿي صلح ڪجي.' ٻئي ڏينهن جڏهن دشمن جو لشڪر سڄي سنيري ميدان ۾ آيو... تہ هتان گل انداز جو اشارو ڏيڻ ۽ ديون جو ميرجڻ. دشمن جي فوج ۾ ڏوڙيو مچائي ڏنائون، ۽ پنجن منٽن ۾ سڄو سپاهہ مارجي ويو. حملو آور بادشاهہ ڏٺو تہ الائي ڪهڙيون آفتون اچي لشڪر ۾ پيون آهن، سو بہ وٺي ڀڳو. هيڏانهن، جو هيءُ بادشاهہ پنهنجي لشڪر سميت جنگ جي ميدان کان پري ميل پري، صلح جو جهنڊو کنيو بيٺو هو، تہ جي گل انداز هارايو، تہ اسين صلح ڪري جان بچائيندا سون، سو ويچارو واٺڙن وانگر، صلح جي جهنڊي سميت، ائين جو ائين رهجي ويو. ان وقت پريون بہ جنگ جو نظارو ڏسي رهيون هيون. گل انداز انهن کي چيو تہ "فتح تہ برابر پنهنجي ٿي آهي، پر دشمن جي لشڪر جو بادشاهہ اجا گرفتار ٿيوئي ڪونهي." تنهن تي پرين هڪڙي ديو کي سڏي، حڪم ڪيو، جو اوڏيءَ مهل دشمن جي بادشاهہ کي صحيح سلامت پڪڙي گل انداز وٽ وٺي آيو.

جنگ کٽڻ کانپوءِ، گل انداز پنهنجي سهري بادشاهہ کي چوائي موڪليو تہ "هاڻي منهنجو لشڪر شهر ۾ گهمڻ واسطي اچي ٿو، ۽ فتح جو خوشيءَ ۾ هنن لاءِ انعام جو بندوبست ڪيو وڃي!" بادشاهہ، ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي، گل انداز جي لشڪر کي شهر گهمڻ جي موڪل ڏني.

جنهن محل ديو شهر ۾ گهڙيا، ان محل هٽ تاڙ تي ويئي. ماڻهو ڀڄندا بادشاهه وٽ آيا ته "هي آفتون شهر مان ڪيو!" بادشاهه جان ڪڻي نظر ڪري، ته مار، رڳا ديو ئي ديو! اڃي ڊپ ورايس، ۽ گل انداز کي چيائين ته "ڏٺيءَ جي نالي هنن آفتن کي شهر مان ڪڍ، نه ته رعيت ڊپ ۾ موي ويندي!" گل انداز چيو ته "هنن مان هرهڪ ديو کي ڏهه سير سونو نيٿر ڳچيءَ ۾ پارايو، ته هليا وڃن!" بادشاهه سڄي شهر جو سون گڏ ڪرايو، مگر انهيءَ مان رڳو هڪ سو ديون جي نيٿرن جي پورت مس ٿي ٿي. نيٺ گل انداز ڇا ڪيو، جو ديون جي سردار کي هڪ مڻ تور جو يڪو سونو زنجير نهرائي ڏنائين، جنهن کان پوءِ سيئي ديو چپ چاپ پنهنجي ملڪ هليا ويا.

شهزادو گل انداز انهن ڪمن کان واندو ٿي محلات ۾ آيو، جتي شهزادي ۽ بادشاهه سندس انتظار ۾ ويٺا هئا. هينئر هو چريو گل انداز ڪونه هو، پر حقيقي شهزادو ڀئي معلوم ٿيو. بادشاهه، گل انداز جي همت ڏسي، ڏاڍو خوش هو، ۽ شهزادي ته هونئن ئي گل انداز تان پنهنجو سر فدا ڪرڻ لاءِ تيار هئي. ٻئي ڏينهن، بادشاهه فتح جي خوشيءَ ۾ جشن ڪيو. گرفتار ٿيل بادشاهه کي گل انداز انهيءَ شرط سان معافي ڏني ته هو سال بسال باقاعدي ڏن ادا ڪندو رهندو. هن بادشاهه به اهو شرط قبول ڪري آڻ مڃي. انهيءَ فيصلي تي سيني واهه واهه ڪئي، ۽ سيئي گل انداز کي پنهنجي اکين ۾ جايون ڏيڻ لڳا.

ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد، گل انداز پنهنجي ملڪ موٽڻ جو ارادو ڪيو: ۽ پنهنجي راڻيءَ سان اها ڳالهه ڪيائين. راڻيءَ چيس ته "آءٌ توسان ٻڌل آهيان: پلي بادشاهه سلامت کان موڪلاءِ، ته هليا هلون." بادشاهه گل انداز جي موڪل گهرڻ تي ڏاڍو غمگين ٿيو، ۽ چيائين ته "گل انداز، مون کي ٻيو ڪوبه اولاد ڪونهي، آءٌ هن وقت مرڻ ڪنڌيءَ تي آهيان، ۽ مرضي اٿم ته جيئري ئي حڪومت جون واڳون تنهنجي حوالي ڪري، عمر

جا باقي ڏينهڙا ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي خدا جي عبادت ڪريان." مطلب ته بادشاهه گهڻي ئي منٿون ڪيس، پر شهزادي وڏيڪ ترسڻ جي نه ڪئي؛ تنهنڪري بادشاهه لاچار ٿي، هنن کي اجازت ڏني. وڃڻ وقت، بادشاهه پاڻ گل انداز کي، سوڪڙيون ۽ تحفا ڏيئي، هڪڙيءَ منزل تائين اُماڻڻ آيو. گل انداز جو هيءُ شاندار قافلو هلندو رهيو، ۽ چارئي پريون ساڻس گڏ مٿان اڏامنديون آيون. هلندي هلندي، گل انداز کي به شهزاديون اچي ياد پيون، جيڪي جادوگر وٽان قيد مان ڇڏايون هئائين. خيال ڪيائين ته انهن کي به هٿ ڪجي، سو منزلون ڪندو اچي ان شهر ۾ نڪتو، جتي اهي شهزاديون هيون. شهزاديون ويچاريون، جيڪي شهزادي گل انداز لاءِ سڪايل هيون. تن هن کي ڏسي روئي ڏنو، ۽ وڏيءَ حب سان پاڻ وٽ رهائي خاطرداري ڪيائونس. آخر گل انداز هنن کان پڇيو ته "اوهان جو ڪو مٽ مائٽ هجي، ته ٻڌايو ته اوهان کي اتي رسائجي!" شهزادين جواب ڏنو، "شهزادا، اسان جو هاڻي وارث وسيلو سڀڪجهه تون آهين. اسان جا سڀ عزيز انهيءَ موذيءَ ديو ماري ڇڏيا، جنهن کان تو اسان کي آزاد ڪرايو هو: تنهنڪري توکانسواءِ هاڻي اسين ڪيڏانهن وڃون؟ تنهنجو اسان تي احسان آهي، تنهنڪري توکان هڪ پل به جدا ٿيڻ نٿيون گهرون!" اهڙين سڪ پرين ڳالهين مهاڙين کانپوءِ، گل انداز انهن کي ساڻ ڪري پنهنجي ملڪ روانو ٿيو.

ڪجهه ڏينهن جي مسافريءَ کانپوءِ، آرام ڪرڻ جي خيال سان، هڪڙي شهر ۾ ڪا جاءِ مسواڙ تي ورتي، پاڻ، راڻيءَ ۽ شهزادين سميت، اتي رهڻ لڳو، ۽ باقي سندس ماڻهو شهر جي ٻاهران رهڻ لڳا. هڪڙي ڏينهن، شهر ۾ گهمندي گهمندي، گل انداز هڪڙا ڇهه ماڻهو ڏٺا، جن جي منهن تي ڪانئڻ جون پريون هيون، سندن ڪپڙا ميرا ۽ ڏاڙهيون وڏيون ٿي ويون هيون. گل انداز کين سڃاڻي ورتو ته 'اهي ته منهنجا ڀائر آهن!' سو پنهنجن ماڻهن کي اشارو ڪيائين، جي ڪانئڻ ڪانئين خريد ڪرڻ جي

ڀاڻي سان، هنن کي پنهنجي جاءِ تي وٺي آيا. اتي گل انداز ڇهن ئي ڄڻن کي چيو ته "اوهين چور آهيو- جيڪڏهن سچي نه ڪندا، ته اوهان کي جيل ۾ وجهائيندس!" ويچارا ڇهه ئي ڄڻا اچي عاجز ٿيا، سو گل انداز کي روئي عرض ڪيائون ته "سائين، نالي خدا جي ڪيئن به اسان جي جند آزاد ڪريو، اسين بي گناهه آهيون." شهزادي چيس، "چڱو، انهيءَ شرط سان معافي ملندوَ، جو اڄ کان پوءِ منهنجا غلام ٿي رهندوَ، ۽ منهنجي مهر توهانجي پٺن تي نشانيءَ طور هڻبي!" ڇهن ئي ڀائرن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته 'اسان کي آخر به پنهنجي ملڪ وڃڻو آهي، ۽ هي سوداگر به انهيءَ ملڪ جو ٿو ڏسجي؛ تنهنڪري اسان کي به ضرور اوڏانهن وٺي هلندو. پنهنجي ملڪ ۾ پهچڻ کان پوءِ، هي سوداگر ڇا ڪري سگهندو؟' سو نيٺ گل انداز کي چيائون ته "اسان کي اها ڳالهه منظور آهي." اتي، گل انداز پنهنجي منڊيءَ سان هرهڪ جي پٺيءَ تي مهر هڻي، ۽ هنن ڇهن ئي جي حوالي رات جو پهري جو ڪم مقرر ڪري ڇڏيائين، ۽ ماني جيڪا گل انداز پاڻ کائيندو هو، سا هنن کي ملندي هئي.

ڪجهه ڏينهن بعد، گل انداز اُتان ڪوچ ڪيو. پرين چيس ته "شهزادا، تون پنهنجي ملڪ پهچي، پوءِ اسان کي گهرائج؛ هينئر اسان کي اجازت ڏي!" پرين جي ڳالهه به عدولي ڪين سگهيو، سو ڪين وڃڻ جي اجازت ڏنائي، پاڻ اُتي وري به پنهنجي وطن ڏانهن روانو ٿيو. ڪن منزلن بعد، هڪڙيءَ رات، گل انداز پنهنجي راڻين کي ٻڌايو ته "اهي ڇهه ئي ڄڻا منهنجا ڀائر آهن!" اتفاق سان گل انداز جي ڀائرن اهو ٻڌي ورتو- سي اندر ۾ سڙي ويا، ۽ پهه پچايائون ته 'ڪيئن به ڪري شهزادي کي ختم ڪجي!' ٻيءَ رات، گل انداز تي، اوچتو، ڇهن ئي گڏجي، حملو ڪيو، جنهنڪري ڪيس سخت زخم رسيا ۽ بيهوش ٿي ويو. شهزادي کي مئل ڄاڻي، ڀائر رات وچ ۾ گهوڙن تي چڙهي، اچي پنهنجي ملڪ کان نڪتا؛ ۽ ناهه ناهي پنهنجي پيءُ کي اچي ٻڌايائون ته "اسين خواب جو تعبير لهي

پئي آيا سين، تہ واٽ تي گل انداز اسان کي ڦري ماري، پاڻ الائي ڪيڏانهن هليو ويو!" ائين چئي، بادشاهہ کي ڪوڙ ٻڌوڙ ٻڌائي، خوش ٿي ويهي رهيا.

گل انداز جا زخم جڏهن ڇُٽا، ۽ هلڻ گهمڻ جهڙو ٿيو، تڏهن منزلون ڪري، اچي پنهنجي ملڪ ۾ نڪتو، ۽ شهر جي ٻاهران هڪڙي باغ ۾ منزل ڪري، پيءُ ڏانهن چوائي موڪليائين تہ "آءٌ خواب جو تعبير ڪري آيو آهيان- هاڻي فقط توهان جي حڪم جي دير آهي!" بادشاهہ، گل انداز جو نياپو ٻڌي، خوشيءَ ۾ نہ ماپيو. يڪدم پٽ سان اچي مليو، ۽ ڪيس چيائين تہ "ٻيون خبرون چارون پوءِ، پهرين خواب جو تعبير!" شهزادو پيءُ سان ڏاڍي ادب سان پيرين پئي مليو، ۽ چيائينس تہ "بادشاهہ سلامت! توهين دربار ڪوٺايو، تہ سڀ خواب جو تعبير ڏسن." بادشاهہ جي حڪم سان اتي جو اتي دربار لڳي ويئي. شهزادي ڇا ڪيو، جو تنبوءَ ۾ وڃي ڪمان ڇڪيائين، تہ چارئي پريون اچي حاضر ٿيون. تن کي چيائين، "هينئر بادشاهہ سلامت کي خواب جو تعبير ڏيکارڻو آهي: آنَ لاءِ اوَهان کي تڪليف ڏني اٿم." پرين، وڏيءَ خوشيءَ سان هائوڪار ڪري، شهزادي کي اڳئين وانگر هدايتون ڏنيون. ان بعد ناچ گانو شروع ٿيو، ۽ گل انداز پاڻ وهنجي سهنجي، ڪير جهڙي اڇي صاف چادر ڍڪي، تلوارَ هٿ ۾ ڪٺي، هڪڙيءَ ڪرسيءَ تي ٿي وينو. جڏهن راڳ رنگ ۽ ناچ گانو اوج تي پهتو، تنهن وقت هڪڙي پري گل انداز جي ويجهو آئي، ۽ هن جي اڳيان ڪنڌ نمائي بيهي رهي. گل انداز هڪدم پنهنجي تلوار سان هن جي سسي لاهي ڇڏي. ماڻهو حيرت وچان ڏسڻ لڳا تہ هڙيءَ حسين عورت کي شهزادي ڇو ماريو: مگر خبر تڏهين پين، جڏهن ڏٺائون تہ سامهون باغ جي وچ ۾ روپو ٿڻ نهيو بينو آهي! اهڙيءَ ريت، ٻيءَ پريءَ جي سسيءَ لهڻ تي سونا ڏار نهي پيا. وري ٽيںءَ جو سر قلم ٿيو، تہ جواهري پن جڙجي ويا: ۽ چوٿينءَ جي سسي لٿي، تڏهن ڏسن ڪٿي تہ 'روپو ٿڙ' سونا ڏار، جواهري پن- لالون پيون لڙڪن: تڏڙي هير پئي لڳي، ۽ اهي ساڳيون چار

پريون آهن، جي روئن بہ پيون ۽ لالون بہ پيون چوڻديون!' بادشاهہ پنهنجي خواب جو تعبير ڏسي خوشيءَ وچان بيهوش ٿي ويو. گل انداز ڏوڙي وڃي اٿاريس. بادشاهہ جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن چيائين تہ "راڳ ناچ جو اهو لقاءُ ورِي بہ ڏسندس!". گل انداز چيس تہ "جيئندا قبلا! اهو اوهين ڪنهن بہ وقت ڏسي سگهو ٿا. ڇو جو اهي چارئي پريون توهان جون نُهرون آهن، ۽ هميشہ هتي ئي رهنديون!"

هاڻي، بادشاهہ کي ڇهن پٽن جو خيال آيو، سو انهن کي گهرائي، چيائين تہ "توهان کي جيڪا بہ گل انداز خلاف شڪايت ڪرڻي هجي، سا هن جي روبرو ڪريو، تہ ان جو هڪدم فيصلو ڪيو وڃي." ڇهن ئي پائرن، جو گل انداز کي ڏٺو، سي شرم ۾ ٻڏي ويا. مگر پيءُ جي آڏو، جا شڪايت ڪئي هئائون، سا بہ سچي ڪرڻي هين. سو، پير ٻڌي، ڪوڙ تي محڪم بنجي رهيا؛ چي، "اهو سيڪجهہ اسان جي محنت جو نتيجو آهي- گل انداز اسان سان دغا ڪري اسان کان ڦري ويو آهي." گل انداز بہ پريءَ دربار ۾ پنهنجن پائرن جي سچي ڳالهہ ڪري ٻڌائي، ۽ آخر ۾ اُها منڊي بہ ڏيکاري، جنهن سان پائرن کي مهر هڻيئين هئائين. اها ڳالهہ ٻڌي، ڇهن ئي پائرن ڪنڌ هيٺ ڪيا، ۽ بادشاهہ بہ سمجهي ويو تہ واقعي گل انداز جيڪي چيو ٿي سو سچ هو. ان کانپوءِ ڏاڍي شان مان سان گل انداز کي سنڌ ئي راڻين سان شهر ۾ آندائون.

راوي هن طرح ٿا بيان ڪن تہ ننڍ پري جنهن وقت سجاڳ ٿي، تہ ڏسي تہ سندس شال جي عيوض ٻي شال مٽائنس پيل آهي، جنهن تي گل انداز جو نالو لکيل هو. وري هٿ منهن ڌوئڻ مهل منڊيءَ تي اک پيس، جنهن تي پڻ گل انداز جو نالو اڪريل، ۽ سندس پنهنجي منڊي غائب! حيران ٿي وينئي تہ هي شيون ڪيئن آيون؟ وري ياد آيس تہ "آءٌ تنهہ واري عرصي کان اڳ غسل ڪرڻ لاءِ حمام ۾ گهڙي هيس ۽ اتي ئي ننڊ ڪٺي وينئي هيم. پوءِ هنڌ تي ڪيئن پهتيس! آخر اهو ماڻهو ڪير آهي، جنهن پنهنجي محبت جون هي نشانيون مون وٽ ڇڏيون آهن؟ بس، منهنجو

سرتاج بہ هاڻي اهو ٿيندو.“ ننڍ پريءَ پوءِ ساري حقيقت پيءُ سان ڪئي ۽ چيائين تہ ”بابا، منهنجو وارث اهوئي ٿيندو، جيڪو مون وٽ پنهنجون نشانيون ڇڏي ويو آهي. تنهنڪري انهيءَ ماڻهوءَ جي ڳولا ڪنديس!“ پٽس گهڻو ئي سمجهايس تہ ”اسين پاڻيهي ان ماڻهوءَ جي ڳولا ڦولا ڪريون ٿا؛“ پر ننڍ پري ضد ڪري بيهي رهي تہ ”آءٌ پنهنجي پرينءَ جي ڳولا پاڻ ڪنديس!“ نيٺ پٽس مجبور ٿي کيس موڪل ڏني.

ننڍ پري قافلو تيار ڪرائي، بہ چار ديو پاڻ سان وٺي، گل لنداز جي ڳولا ۾ نڪتي. جنهن بہ شهر ۾ ويندي هئي. اتي وجي پڙهو ڏياريندي هئي تہ ’ننڍ پري انهيءَ ماڻهو جي ڳولا ۾ نڪتي آهي، جيڪو ننڍ ولايت ۾ پنهنجون نشانيون ڇڏي آيو آهي؛ هاڻي جيڪو بہ ماڻهو پار پتا ڏيندو، اهو ننڍ پريءَ جو سڱ ماڻيندو!‘ پڙهو گهمارائي، بہ ٽي ڏينهن ان شهر ۾ رهندي هئي، ۽ جڏهن ڪوبہ اهڙو ماڻهو ملاقات لاءِ نہ ايندو هو، تڏهن ٻئي شهر ڏانهن ڪوچ ڪندي هئي. اهڙيءَ طرح شهر بحر، ديس بديس گهمندي ڦرندي، پڇا ڳاڇا ڪندي رهي. نيٺ هڪڙي ڏينهن، گل انداز جي شهر ۾ اچي پهتي. اتي بہ اهڙيءَ طرح پڙهو ڏيارائين. ڪيئي ماڻهو ويا، پر ڏسي ڏسي، پري ڪان ئي موٽي ٿي آيا. جيڪو ويجهو وڃي، سو رڳو ديون جون صورتون ڏسي واپس موٽيو اچي. اها ڳالهہ گل انداز جي بہ ڪن تي پيئي؛ تنهن ڇا ڪيو، جو ننڍ پريءَ واري شال ۽ منڊي ڪٺي، سڌو ننڍ پريءَ جي تنبوءَ ڏانهن رخ ڪيائين. تنبوءَ جي اڳيان بہ ديو ويٺل هئا، تن وٺي کيڪڙات ڪيا، مگر هن جوان ڪوبہ خيال نہ ڏنو، ۽ سڌو ننڍ پريءَ جي تنبوءَ جي در تي اچي بيٺو. ننڍ پريءَ بہ شهزادي کي پري ڪان ئي ڏسي، سهي ڪيو تہ ’آهي نہ آهي، اهوئي شخص آهي، جو ديون کان بہ ڪونہ ڊنو آهي؛ شايد هن جو اڳيئي ديون سان واسطو پيل تو ڏسجي. آءٌ بہ ڪيترائي ملڪ گهمي آئي آهيان، پر ڪوبہ ماڻهو رڳو منهنجي در تائين بہ نہ پهتو آهي؛ تنهنڪري لاشڪ گل انداز اهوئي آهي!“ پريءَ گل انداز کي اندر گهرائي چيو تہ ”مون کي پڪ آهي تہ جنهن ماڻهوءَ جي ڳولا ۾ آءٌ نڪتي آهيان، سو تون ئي

آهين. پر شڪ دور ڪرڻ لاءِ وڏيڪ پڪ ڪنديس: هاٿي جي تون ئي آهين، تہ ڪي نشانيون ڏي!" گل انداز شال ۽ مندي ڪڍي ڏيکاريس: جي ڏسي، ننڍ پريءَ کي پڪ ٿي ويئي. پوءِ شهزادو پريءَ کي وٺي شهر ۾ آيو، ۽ اعلان ڪيائين تہ "ننڍ پريءَ سان اسان جي لاڏ ڪوڏ واري شادي شاهاڻي شان مان سان ٿيندي!" شاديءَ واري ڏينهن رستن تي فرش فروش، گلم غاليچا وڇائجي ويا. رات مان ڏينهن ٿي ويو. گهر گهر ۾ بادشاهي حڪم پهتو تہ "ستن ڏينهن تائين ڪوبہ ماڻهو پنهنجي گهر باهہ نہ ٻاري- انهن کي گهر ويٺي کاڌو ملندو." گل انداز لاءِ هيرن جواهرن جو جهلڪيدار وڳو تيار ٿي ويو. سرگس ۾ روپا ۽ سونا ڦل گهور پيا، جي غريب چونڊي امير ٿي ويا. گل انداز پنهنجي انينءَ راڻيءَ، ننڍ پريءَ، کي بہ وٺي، انهيءَ محلات ۾ اچي رهيو، جنهن چئن راڳ راڻين سميت سندس ست راڻيون اڳيئي هيون.

بادشاهہ هاڻي ٻڍو ٿي چڪو هو، سو جيئري ئي پنهنجو تخت ۽ تاج ننڍي پٽ گل انداز جي حوالي ڪري، پاڻ محلات ۾ ويهي، خدا جي عبادت ڪرڻ لڳو.... ۽ گل انداز بہ باقي عمر امن امان، عدل انصاف ۽ عيش آرام سان گذاري.

- جهڙا ميلا انهن سڀني جا ٿيا، تهڙا شل جڳ جهان جا ٿين، ۽ اسان سڀني جي عمر بہ شال انهن وانگر امن امان، عدل ۽ انصاف ۽ سک آرام سان گذري- آمين!

●●●

گل باد شاهہ ، شوق شهزادو

گُل باد شاهہ کي ست زالون هيون. ڀيون سڀ زالون ٻنان اولاد هيون، مگر هڪڙي ٻيرين پاري هئي: تنهنڪري ٻين دل ۾ خيال ڪيو تہ 'جي هن کي پٽ ڄائو، تہ باد شاهہ هن کي وڌيڪ گهرندو، ۽ اسان باد شاهہ کي نہ وڻنديونسين.' سو، هنن ڇا ڪيو جو گاهيءَ کي لب لالچ ڏيئي، حڪم ڪيائون تہ "روز باد شاهہ جو هڪ گهوڙو ماري، راڻيءَ جي محل ۾ ان جا هڏا پوري ايندو ڪر." اهڙيءَ طرح باد شاهہ جا گهوڙا، هڪ هڪ ٿي ڪٽندا ويا. جڏهن باد شاهہ کي ان ڳالهہ جي خبر پيئي، تڏهن باد شاهہ ۽ سندس وزير، سڀ منجهي پيا تہ 'گهوڙا ڪيڏانهن ٿا وڃن!' هڪڙي ڏينهن ڇهن راڻين باد شاهہ کي صلاح ڏني تہ گهوڙن جي ڳولا لاءِ ڪو نجومي گهرائڻ گهرجي، پوءِ پاڻهي خبر پئجي ويندي. باد شاهہ وزير کي حڪم ڏنو ۽ نجومي گهرايو ويو.

نجوميءَ کي راڻين اڳيئي سيکاري ڇڏيو هو: سو، جڏهن باد شاهہ نجوميءَ سان سچي حقيقت ڪئي، تہ نجوميءَ حساب ڪري، باد شاهہ کي چيو تہ "سائين اوهان جي محلات ۾ هڪڙي ٻيرين پاري راڻي آهي، انهيءَ گهوڙا ماري انهن جا هنيانءَ کاڌا آهن. منهنجو علم ٿو چوي تہ گهوڙن جا هڏا راڻيءَ جي محلات ۾ ئي پوريل آهن." باد شاهہ ۽ وزير ۽ ٻيا نوڪر چاڪر سڀيئي انهيءَ راڻيءَ جي محلات ڏي ويا، ۽ جتي نجوميءَ چيو، اتي کوٽي ڏسن تہ برابر هڏا پيا آهن. اهو ڏسي، باد شاهہ ڏاڍو ڪاوڙيو، ۽ حڪم ڪيائين تہ "هن ڏائڻ کي ڪنهن رڻ پٽ ۾ ڦٽو ڪري اچو." حڪم ملڻ شرط، وزير راڻيءَ جون اکيون ٻڌي، ڪين پنهنجي باد شاهيءَ کان ٻاهر، ڪنهن ڏورانهن رڻ پٽ ۾ ڦٽو ڪري آيو.

راڻيءَ جڏهن اکيون کوليون، تہ ڏٺائين تہ چوڌاري رڻ بيابان لڳو پيو آهي. نيٺ ويچاري هڪ پاسي منهن ڪري اٿي هلي. هلندي هلندي، هڪ جهنگ ۾ اچي پهتي. اتي هن کي ويم جا سور بہ ٿيا. لاچار ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي، هڪڙي وڻ هيٺ ويهي رهي. قدرت سان انهيءَ ڏينهن راڻيءَ کي پٽ ڄائو. راڻيءَ، پنهنجو رئو ڦاڙي، ٻار جا ٻنڌڻا وغيره ناهيا، ۽ پنهنجو گذران جهنگلي ميوي تي ڪرڻ لڳي. ٿورا ڳهڻا ڏينهن گذريا، تہ ان ملڪ جو بادشاهہ، شڪار ڪندي، اتان اچي لانگهائو ٿيو. بادشاهہ جو پيري ڪُتو، سيني جي اڳيان پئي آيو، سو اوچتو هڪ هنڌ بيهي ڀونڪڻ لڳو. بادشاهہ وزير کي حڪم ڪيو تہ "وزير، ڏس تہ ڪتو ڇا تي پيو ڀونڪي؟" وزير، سٽ پائي وڃي، ڏسي تہ ڪتو هڪ وڻ جي جهڳٽي جي ٻاهران بيهي ڀونڪي رهيو آهي. وزير لنگهي جهڳٽي جي اندر ويو، تہ راڻيءَ اندران هڪل ڪيس تہ "هيڏانهن نہ اچج، جو آءٌ ٻني سُرتي آهيان." وزير، جو هڙئي جهنگ ۾ عورت جو آواز ٻڌو، سو اچرج ۾ پئجي ويو، ۽ سڌو وڃي بادشاهہ کي حقيقت ٻڌايائين. بادشاهہ هڪدم هڪ چادر ڪنئي، ۽ پاڻ اڪيلو اوڏانهن ويو. ٻاهران بيهي، هڪل ڪري چيائين تہ "مائي! هيءَ چادر وٺ، ۽ ڍڪي ٻاهر اچ. آءٌ هتي جو بادشاهہ آهيان، ۽ تون ڪوبہ الڪو نہ ڪر- تون منهنجي ڀيڻ آهين." راڻي چادر ڍڪي، ٻاهر آئي، ۽ ادب سان بادشاهہ کي سلام ڪري بيهي رهي. بادشاهہ هن کان سموري حقيقت پڇي، ۽ راڻيءَ بہ سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌايس... جنهن جي ٻڌڻ سان بادشاهہ کي ڏاڍو رحم اچي ويو، ۽ پوءِ وڌيڪ شڪار ڪرڻ بند ڪري، راڻيءَ کي پاڻ سان گڏ پنهنجي محلات ڏي وٺي ويو.

ٿورا ڳهڻا ڏينهن گذريا، تہ ڇوڪرو وڏو ٿيو، ۽ ٻين بادشاهي ٻارن سان راند روند ڪرڻ پيو ويندو هو. راند ڪندي ڇوڪرن کي چوندو هو تہ "مان اوهان جو بادشاهہ آهيان." تنهن تي ڇوڪرا چوندا هئس تہ "تون ڪنهن جو پٽ آهين، تنهنجو پيءُ ڪٿي آهي؟" ڪيترا ڏينهن تہ ڇوڪرو

مان ڪري ويندو هو، پر نيٽ هڪ ڏينهن ڪاوڙجي، وڃي ماءُ کي چيائين ته ”اما! منهنجو پيءُ ڪير آهي، ۽ ڪٿي آهي؟“ راڻيءَ هن کي سڄي حقيقت ڪري ٻڌائي ته ”تنهنجو پيءُ پر واري ملڪ جو بادشاهه آهي، ۽ هن جي ڇهن راڻين اسان سان ظلم ڪري، اتان اسان کي لوڌائي ڪڍيو آهي.“ ڇوڪري اها حقيقت ٻڌي تمام گهڻو ارمان ڪيو، ۽ نيٺ ڪجهه سوچ ڪري، ماءُ کي چيائين ته ”اما، مون کي هڪڙو گهوڙو ۽ ترار وٺي ڏي، ته آءٌ بابا وٽ ٿو وڃان.“ پهريائين ته ماءُ پٽ کي گهڻو ئي سمجهايو، پر نيٺ هو جڏهن نه مڙيو، تڏهن بادشاهه کان هڪڙو گهوڙو ۽ ترار وٺي، پٽ کي ڏنائين. ڇوڪرو گهوڙي تي چڙهي پنهنجي پيءُ جي بادشاهيءَ ڏانهن روانو ٿيو، نيٺ اچي اتي پهتو، ۽ وڃي دربار ۾ حاضر ٿيو. قدرت سان، بادشاهه کو سخت بيمار هو، ۽ بيماري به اهڙي موذي هئي، جنهن جي لاءِ حڪيمن ڏس ڏنو هو ته ’ان جو ٻيو ته ڪو به علاج ڪونه آهي، باقي جيڪڏهن ساموندي گهوڙي جو رت ملي پوي، ۽ بادشاهه اهو رت پئي، ته ڇاق چڱو ڀلو ٿي پوي.‘ بادشاهه انهيءَ لاءِ سڄي شهر ۾ پڙهو ڏياريو هو ته جيڪو ساموندي گهوڙي جو رت آڻي ڏيندو، تنهن کي مالامال ڪيو ويندو؛ مگر ڪنهن جي همت ڪانه ٿي ته ڪو ايڏي مسافري ڪري- ۽ وري ڪنهن کي اها به خبر ڪانه هئي ته ساموندي گهوڙا ٿين ڪٿي ٿا. نيٺ بادشاهه، جنهن کي تنهن وچ ۾ ڇهن راڻين مان ڇهه پٽ ٻيا به ڄاوا هئا، تنهن پنهنجن پٽن کي گهرائي، ساموندي گهوڙي جي آڻڻ لاءِ چيو؛ جي نهي سنبري، مسافريءَ تي نڪتا هئا، ته مٿان شهزادو به اچي پنهنجي پيءُ وٽ پهتو هو.

بادشاهه، جو بيمار هو، تنهن انئين ئي شهزادي کان پڇيو ته ”اي جوان! تون ڪير آهين، ۽ مون ۾ ڪهڙو ڪم اٿيئي؟“ ڇوڪري بادشاهه کي ورندي ڏني ته ”سائين، منهنجو نالو ’شوق‘ آهي ۽ آءٌ گل بادشاه جو پٽ آهيان.“ بادشاهه بيماريءَ ۾ اهڙو ڪمزور هو، تنهنڪري وڌيڪ بحث

ڪري نہ سگھيو، پر اينترو سو چيائين تہ ”جيڪڏھن منھنجو پٽ آھين، تہ جيئن منھنجا ڇھہ پٽ اڳي ئي ويا آھن، تيئن تون بہ وڃ، ۽ منھنجي لاءِ ساموندي گھوڙو ڳولي آءُ.“ اھو ٻڌي، ڇوڪري دل ۾ خيال ڪيو تہ ’ مڙسي ڏيکارڻ جي مھل ھيءَ آھي- پنھنجي پيءُ کي بہ شفاياب ڪندس، ۽ منھنجو منھن بہ مٿي ٿيندو.‘ اھو خيال ڪري، ڀائرن جو ڏس پڇي، اتي اوڏانھن روانو ٿيو. ٿوري پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ، ھن کي ڇھہ ئي ڀائر ڳڏيا، جن ڪانئس پڇيو تہ ”تون ڪير آھين؟“ شھزادي وراڻي ڏني تہ ”منھنجو نالو ’شوق‘ شھزادو آھي، ۽ جنھن جا اوھين پٽ آھيو، تنھن جو آءٌ بہ پٽ آھيان. آءٌ بہ بادشاھہ سلامت جي بيماريءَ لاءِ ساموندي گھوڙي جو رت آڻڻ لاءِ اوھان سان گڏجي ھلان ٿو.“ شھزادن، جو اھو ٻڌو، سو اچي حسد جاڳين، ۽ شوق شھزادي کي چيائون تہ ”تون ڪوڙ ٿو ڳالھائين، تنھنڪري اسان سان نہ ھل.“ شھزادي گھڻئي چيو، پر ڇھہ ئي شھزادا پنھنجا گھوڙا تکا ڊوڙائي ھليا ويا، جھٽ پٽ نظر ڪان غائب ٿي ويا.

جڏھن ڇھہ ئي شھزادا نظر ڪان غائب ٿي ويا، تڏھن شوق شھزادو بہ الله تي توڪل ڪري، ھڪ پاسي منھن ڪري اتي ھليو. ھلندي ھلندي، ھڪ باغ ۾ اچي پھتو، ۽ باغ جي اندر ڏسي تہ ھڪڙي ماڙي بيٺي آھي. ھن دل ۾ خيال ڪيو تہ ھتي ڪجھہ ڏينھن بہ ٺارجي ۽ ھتان ڏس پتو پڇي پوءِ اڳتي ھلجي: سو اڳتي وڌي، وڃي ماڙيءَ جو دروازو کڙڪايائين. دروازي کڙڪائڻ سان، ھڪ ڇوڪري لھي آئي ۽ ھڪ آدمزاد کي ڏسي حيران ٿي ويئي. نيٺ پڇيائينس تہ ”تون ڪير آھين ۽ ھتي ڪيئن آيو آھين؟ ڇوڪر ورندي ڏني تہ ”منھنجو نالو شوق شھزادو آھي، ۽ آءٌ ٿڪجي پيو آھيان، سو ڪجھہ وقت آرام ڪندس.“ ڇوڪريءَ چيس تہ ”ھن ماڙيءَ ۾ ست ديو ٿا رھن، جي اجھي آيا ڪي آيا، سو تون ھتان ڀڄي وڃ، نہ تہ توکي ماري ڪائي ڇڏيندا.“ ڇوڪريءَ کي، شھزادي چيو تہ ”انھيءَ جي تہ مون کي پرواھہ ڪانہ آھي، پر مون کي بک لڳي آھي، سو ڪجھہ ھجي، تہ آڻي

ڪاراءِ." ڇوڪريءَ هن کي ميوا وغيره آڻي ڏنا، جي هن ڪائي ڍؤ ڪيا، ۽ پوءِ باغ ۾ وڃي هڪ وڻ هيٺ ويهي رهيو. ڪا مهل ٿي ته ستن ئي ديو به ستيندا، اچي باغ ۾ گهڙيا. اوچتو هڪڙي ديو جي شهزادي تي نظر پئجي ويئي، سو هڪل ڪري پنهنجو گرز کڻي شهزادي تي وريو. شهزادو به اڳي ئي هوشيار ٿيو ويٺو هو، سو وارو بچائي، هڪدم پنيان کڻي جو پنهنجو ڏنڊو هنيائينس، ته ديو ڌو منهن ڀر وڃي ڪريو. پوءِ يڪدم شهزادي رسو کڻي، جهٽ ۾ هن ديو کي وڻ سان ٻڌي ڇڏيو. ڪا مهل ٿي، ته ٻيو ديو پهرئين ديو کي ڳولڻ لاءِ نڪتو. جڏهن ڳوليندي ڳوليندي، اتي اچي پهتو، تڏهن يڪدم شهزادي تي گرز کڻي وار ڪيائين. شهزادي وري به پهرئين وانگر وار بچائي، ديو کي ڏنڊو هڻي ڪيرائي، ان کي به وڻ سان ٻڌي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ستن ئي ديون کي، سُڪ ڪري، وڻ سان ٻڌي ڇڏيائين. نيٺ ڇوڪري، جا اصل ۾ ديون جي پيٽ هئي، تنهن جو اها حالت ڏٺي، سو اچي شهزادي کي منٿ ڪيائين ته "اسين سڀ تنهنجا غلام آهيون، جيئن چوندين تيئن ڪنداسون؛ مهرباني ڪري منهنجن پيئرن کي آزاد ڪر." شهزادي اتي ديون ڪان به پڇيو. ديون به اهو قبول ڪيو، ۽ حضرت سليمان جو قسم به کنيائون. شهزادي انهن ستن ئي ڇٽن کي ڪوليو، جن پوءِ هن کي ڏاڍي آدرڀاءُ سان سٺي ماڙيءَ تي وڃي ويهاريو، ۽ هن جي خوب خدمت ڪيائون. شهزادو هڪ به ڏينهن اتي رهجي پيو. هڪ ڏينهن، جيئن شهزادو دريءَ ڪان ويٺو هو، تيئن پري ڪان دونهين جي لاٽ ڏٺائين. ديون ڪان پڇيائين ته "اهو ڇا آهي؟" ديون جواب ڏنو ته "اهو هڪڙو ديو آهي، جو ٻارهن مهنا سمهندو آهي، ۽ ٻارهن مهينا جاڳندو آهي، هينئر اهو ستو پيو آهي، ۽ اها هن جي نڪ مان نڪتل هوا جي لاٽ آهي. جڏهن اهو جاڳندو آهي، تڏهن پيا ماڻهو ته نهيو، پر اسين ديو به هي ملڪ ڇڏي ڀڄي ويندا آهيون." ڇوڪريءَ انهن کي چيو ته "ڏلجاءُ ڪريو، هاڻي ان ديو جا ڏينهن اچي پورا ٿيا آهن."

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير، شهزادي ديون کي چيو ته ”هاٿي اهو ديو هلي مون کي ڏيکاريو.“ ديو هن سان گڏجي، اوڏانهن روانا ٿيا. ڪجهه مهل ڪان پوءِ، اچي اتي پهتا. ڏسن ته برابر هڪ شاهي ديو اتي سُتو پيو آهي، ۽ پرسان جهوپڙي آهي، جنهن ۾ هڪ حسين عورت ويٺل آهي. عورت هنن کي ڏسي، چيو ته ”خدا جي واسطي، منهنجي هن آفت مان جند ڇڏايو.“ شهزادي ان کي به چيو ته ”اي عورت! تون گهٻراءِ نه.“ ائين چئي، هن دل ۾ خيال ڪيو ته ستل کي مارڻ بهادري نه آهي، هاٿي هن ديو کي ننڊ مان جاڳائي پوءِ حملو ڪجي؛ سو، يڪدم ديو جي ٽنگ ۾ ترار ٽنبي ڪڍيائين. ديو ڪجهه مڙيئي پاسو ورايو، ڇڻ ته ڪنهن جيت وغيره چڪ هنيو هوس. تنهن تي شهزادي وري ٻي ترار ٽنبي ڪڍيس، جنهن تي ديو هڪدم سجاڳ ٿي؛ ويهي رهيو، ۽ ڏٺائين ته هڪ آدمزاد آهي، جو ترار ڪنيو بيٺو آهي. اتي ديو کي به جوش آيو، سو هڪدم هڪ پٿر جي چپ ڪٽي، شهزادي ڏي ڦٽي ڪيائين. ڇوڪري گوهي ڏيئي، پٿر کان پاڻ بچائي، ٽپ ڏيئي، وني جو ترار هنيس، ته ديو جي سسي وڃي پري پيئي. پوءِ ته ان حسين عورت کي هو پاڻ سان وٺي واپس ماڙيءَ ۾ آيا، جتي هن عورت پنهنجي رضا خوشيءَ سان شهزادي سان شادي ڪئي. نيٺ هڪڙي ڏينهن شهزادي اُنهن ديون سان پنهنجي مطلب واري ڳالهه ڪئي، ۽ سامونڊي گهوڙن جو ڏس پڇيائين. ديون شهزادي کي چيو ته ”تون هن تخت تي ويهه، ته اسين توکي اتي ٺا ڪٽي هلون، باقي تنهنجي پهچڻ جي جاءِ نه آهي.“ پوءِ شهزادو تخت تي چڙهي ويٺو، ۽ ديون مان هڪڙو ديو هن کي ڪٽي وٺي اڏاٽو. ستن ڏينهن ۽ ستن راتين جي اڏامڻ کانپوءِ ديو هڪ هنڌ اچي تخت لاٿو. ڏسن ته برابر هڪ گهوڙو بيٺو آهي، ۽ ان تي هڪ پري چوڪيدار آهي؛ مگر اوڏيءَ مهل پري ستي پيئي هئي. شهزادو به پنهنجو رومال هن جي منهن تي وجهي، وننڊي گهوڙي کي واڳ مان، ٽپ ڏيئي هڪدم تخت تي ويهي رهيو، ۽ تخت ڪٽي ديو وٺي اڏاٽو. گهڙي نه

.... تخت ڪنڌي ديو وني اُڏائو

گذري، تہ پري بہ سجاڳ ٿي؛ ڏسي، تہ گهوڙو آهي ڪونہ. يڪدم هيڏانهن هوڏانهن اُڏامي گهوڙي کي ڳولڻ لڳي. نيٺ پري ڪان ڏٺائين تہ ديو گهوڙي کي ڪنيو پيو وڃي. بس ٻي ڪا پڇڻ جي واهہ نہ ڏسي، پاڻ ئہ اچي انهن سان گڏي، ۽ پوءِ سيئي باخيريت واپس اچي ديون جي ملڪ ۾ پهتا. شهزادي پوءِ اتي هن پريءَ سان بہ شادي ڪئي، ۽ پوءِ ٽيئي ڄڻا ديون کان موڪلائي، خير سان پنهنجي ملڪ ڏي روانا ٿيا.

منزلون ڪندي ڪندي، ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ، هيءُ هڪ شهر ۾ اچي پهتا. جتان گل بادشاهہ جو شهر باقي هڪ ڏينهن پنڌ تي هو. اتي هنن جو خيال ٿيو تہ ڪجهہ دير آرام ڪري، پوءِ پنڌ پئجي. شام جو گهمندي گهمندي، هڪڙي هنڌان اچي لنگهيا، تہ شهزادي پنهنجي ڇهن ئي ڀائرن کي ڪانيون وڪڻندي ڏٺو. هن کي اهو ڏسي ڏاڍو ارمان ٿيو، سو اچي انهن کي پنهنجي سڃاڻپ ڪرايائين. ڀائر هن کي ڏسي ڏاڍا رُنا. شهزادي پڇين تہ "اوهان حقيقت ٻڌايو تہ ڪيئن هي حال ٿيوَ!" هنن چيو تہ "اسان جا پئسا سڀ کپي ويا؛ پوءِ ڪيڏانهن وڃون، جو ڪاذي لاءِ بہ پيسو نہ هجي؛ نيٺ پرديس ۾ هي ڌنڌو ڪري پيٽ پيا پاليون." شهزادو پوءِ ڇهن ئي ڀائرن کي وٺي پاڻ وٽ آيو، ۽ انهن کي ٽڙ وغيره ڪرائي، نوان ڪپڙا سبائي ڏنائين، ۽ هنن جا پراڻا ڪپڙا لهرائي پاڻ وٽ رکي ڇڏيائين. پوءِ سڀ اتي پنهنجي ملڪ ڏي روانا ٿيا. رستي تي، جو شهزادي جي ڀائرن ساموندي گهوڙو ۽ خوبصورت راڻيون ڏٺيون، سو نيٺ خراب ٿي وين، ۽ نيٺ هڪ هنڌ شوق شهزادي جون ٽنگون ٻانهون وڍي، هڪ هنڌ ڦٽو ڪري، پنهنجي ملڪ ڏي روانا ٿيا. شهزادي جي راڻين کي هن ڳالهہ جي خبر ئي پئجي ڪانہ سگهي. جڏهن ڇهہ ئي ڀائر راڻين سميت پنهنجي ملڪ ۾ اچي پهتا، تڏهن بادشاهہ کي ساموندي گهوڙو ڏنائون؛ جنهن جو رت ڪيرائي بادشاهہ ڪم آندو، تہ ڇاق چڱو ڀلو ٿي ويو. پوءِ ڇهن ئي ڀائرن کان خبر پڇيائين، جن ڪوڙ سچ ملائي؛ بادشاهہ کي پنهنجي بهادريءَ جي ڳالهہ

ڪري ٻڌائي، بادشاهه ٻڌي، ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ شوق شهزادي جي ٻنهي راڻين کي محلات ۾ رهائي ڇڏيائين. ڏينهن به جڏهن شوق شهزادو پنهنجي راڻين وٽ نه ويو، ته راڻين کي ڏاڍو ويچار ٿيو، تن نيٺ پائرن کان شهزادي بابت پڇيو. ڇهن ئي پائرن ننوليءَ طور سچي حقيقت ڪري ٻڌاين، ۽ چيائون ته ”هاڻي مات ڪري ويهي رهو، نه ته اوهان جو به اهڙو حال ٿيندو، جهڙو هن جو ٿيو.“ اتي پريءَ ٻيءَ شهزاديءَ کي دلجاءِ ڏني ته ”گهٻراءِ نه: آءٌ پاڻهي ٿي شهزادي کي ڳولي اچان.“

پري اتان ونئي اڏاڻي، ۽ ڳوليندي ڳوليندي، نيٺ اچي ڏسي ته شهزادو پنگلو ٿيو، هڪ هنڌ پيو آهي. پري وڃي اچي شهزادي کي ملي، ۽ حقيقت پڇيائينس. شهزادي جواب ڏنو ته ”ڏينهن جو الائجي ڪير ڪاڏو ڏيو وجيم، ۽ رات جو الاجي ڪٿان چار پريون اچيو وڃن، جي اچيو مون کي ٻانهون ٽنگون چنبڙائين، ۽ پوءِ مون کي سرندو هٿ ۾ ڏين. آءٌ سرندو وڄائيندو آهيان، ۽ هو پريون موج ۾ اچيو ڳائينديون ۽ نچنديون آهن. جڏهن صبح ٿئي، تڏهن وري منهنجون ٽنگون ۽ ٻانهون جدا ڪريو هليون وڃن، ۽ آءٌ اهڙي جو اهڙو هتي پيو آهيان.“ پريءَ اهو ٻڌي، چيس ته ”چڱو هاڻي تون مات ڪري جيئن دستور موجب ڪندو آهين، تيئن ڪج: باقي آءٌ پاڻهي ٿي بندوبست ڪريان.“ پوءِ پري واپس محلات ۾ آئي، ۽ شهزاديءَ کي ٻڌائي آئي ته ”شهزادو لڌو آهي، ۽ تون دلجاءِ ڪري ويهه: اسين صبح جو ايندا سون.“ شهزاديءَ ويچاريءَ خدا جو شڪر ڪيو، ۽ صبح جو انتظار ۾ ويهي رهي. سانجهيءَ جو، پري اڏامي، وري ساڳئي هنڌ لڪي، اچي ويهي رهي. دستور موجب، چارئي پريون آيون، ۽ شهزادي کي ٽنگون ٻانهون چنبڙائي، کيس سرندو هٿ ۾ ڏنائون. شهزادي سرندو وڄائڻ شروع ڪيو، ۽ هوڏانهن پريون موج ۾ اچي ويون. تيڏيءَ مهل، اوچتو پريءَ، ظاهر ٿي، ونئي جو گوڙ ڪيو، ته هو چارئي پريون خوف ۾ ڇرڪي، ڀڄي ويون، ۽ هوءَ شهزادي کي ونئي سڌو محلات ۾ آئي، ۽ پوءِ ٽيئي پاڻ ۾ ملي ڏاڍو خوش ٿيا.

صبح جو شھزادي وڃي بادشاھہ کي سلام ڪيو. بادشاھہ ھن کي ڏسي تعجب ۾ پئجي ويو، ۽ چيائينس تہ ”منھنجي لاءِ ساموندي گھوڙي جو رت آندئي؟“ شھزادي بادشاھہ کي چيو تہ ”سائين اھو ڪونہ مليو؟ اھو تہ منھنجا ڇھہ ڀائر ڪٽي آيا ھئا.“ بادشاھہ چيو تہ ”ھائو، اھو تہ برابر انھن آندو ھو.“ تنھن تي شھزادي بادشاھہ کي سڄي حقيقت ڪري ٻڌائي، ۽ پڇاڙيءَ جو ڀائرن جا پراڻا ڪپڙا بہ ڏيکاريائينس، ۽ پوءِ پنھنجي ماءُ جي ۽ ٻين ڇھن راڻين جي دغا جي بہ سڄي حقيقت بادشاھہ کي ڪري ٻڌايائين. بادشاھہ اھو ٻڌي، اھڙو اچي سخت ڪاوڙيو، جو پنھنجن ڇھن ئي راڻين ۽ ڇھن ئي پٽن کي ملڪ نيڪالي ڏيئي ڇڏيائين.... ۽ پوءِ پنھنجي ھن راڻيءَ کي وٺي اچي ڏاڍي مزي سان باقي حياتيءَ جا ڏينھن گذارڻ لڳو.



محمود شاهہ

ڪنهن سمي، هڪڙي ملڪ ۾ هڪڙو انصاف وارو ۽ عاقل بادشاهہ حڪومت ڪندو هو. ڪيس ڏين دنيا ۾ هڪڙوئي پٽ هو. پلا بادشاهي پار، سو بہ سڪي سڪي ڄاول، انهيءَ ڪري شهزادو ڏاڍو ڏاڍلو هوندو هو. ننڍي هوندي، سنگتين ساٿين سان پيو گهمندو ڦرندو ۽ موجون ڪندو هو. جڏهن جوان ٿيو، تڏهن پٽس ڪيس بہ سهٽيون شهزاديون پرڻايون. شهزادي کي گهوڙي سواريءَ جو تمام گهڻو شوق هو. وٽس ڪيترائي عمدا گهوڙا هئا، پر هڪڙي تمام پلي گهوڙي هيس، جنهن سان هن جو ڏاڍو پيار هوندو هو. شهزادو روزانو گهوڙيءَ تي چڙهي، سنگتين سان گڏجي، گهمڻ ويندو هو، ۽ ڪڏهن تہ اڪيلو بہ ويندو هو.

انهيءَ شهر ۾ هڪڙو ريباري رهندو هو، جنهن کي هڪ تمام حسين

ڏيءُ هئي، جنهن جي حسن جي هاڪ چوڌاري پکڙيل هئي. اُها ڇوڪري پنهنجين ساهيڙين سان روزانو گڏجي، پاڻي پرڻ لاءِ درياءَ تي ويندي هئي. هڪڙي ڏينهن، شهزادو انهيءَ محل اتان اچي لنگهيو، جنهن محل هي ڇوڪريون درياءَ تي هيون. گهوڙيءَ جي ٽاپ ٽاپ ۽ سوار جي ڦڙتائيءَ کين متوجهہ ڪيو. عشق جو تير سيني ۾ کپي ويو، ۽ شهزادو هن ريبارڻ ڇوڪريءَ تي موهت ٿي پيو. گهر تہ موٽي آيو، پر آرام نہ پيو اچيس، لوچ پوچ ۽ بيقراريءَ ۾ رات گذري. ٻئي ڏينهن صبح ساڻ، شهزادي گهوڙيءَ تي لانگ ورائي، ۽ ڇوڪريءَ جي رستي تي وڃي بيٺو. هوڏانهن ڇوڪري سهيلين سميت درياءَ تي پاڻي پرڻ لاءِ آئي. شهزادي بہ اچي هنن جي پر ورتي. جڏهن هو پاڻي ڀري موٽيون، تڏهن شهزادو بہ سندن ڪڍ هلڻ لڳو.

اهڙيءَ طرح روز ٿيندو هو. ڇوڪريءَ کي اها ڳالهہ نہ آئڙي. سانده مهينو ائين گذري ويو. آخر ڇوڪريءَ، ڪڪ ٿي، اهو ارادو ڪيو تہ 'شهزادي کي اهڙو سبق سيکاريان، جو سڄي ڄمار ياد ڪري؛ پوءِ، جي بادشاهہ اسان کي ڪٽي لڏايو، تہ اسين لڏي وينداسين.' اهو پڪو پرڻ ڪري گهران نڪتي، تہ شهزادو بہ اچي گڏيس. جڏهن شهزادي جي گهوڙي ڇوڪريءَ جي پرسان آئي، تڏهن هڪدم هن گهوڙيءَ کي اهڙي تہ لپاٽ هنئين، جو گهوڙي غش ٿي ڪري پيئي، ۽ شهزادو بہ پريان وڃي ڪريو. ڇوڪريون تہ هليون ويون، پر گهوڙي، جا نہ اُٿي سا نہ اٿي، ۽ اتي ئي ساهہ ڏنائين. اها ڳالهہ شهزادي کي ڏاڍي ڏکي لڳي. پر ڪري ڇا؟ گهر تہ موٽي آيو، پر ڏک وچان ڪابہ ڳالهہ نہ پيئي وڻيس. مٿان ڪري اونڌي منهن وڃي محلات ۾ ليٽي پيو، ۽ خبر ئي نہ پئي پيس تہ ڇا ڪري. نيٺ دل ۾ اهو پڪو ارادو ڪيائين تہ 'ريبارڻ ڇوڪريءَ کان انهيءَ جو عيوضو ضرور وٺندس.' ان لاءِ هيءَ رٿا رٿيائين تہ ڪنهن اٽڪل سان هن ڇوڪريءَ سان شادي ڪري، پوءِ کيس طلاق ڏجي. اهو پڪو پهہ پچائي، شهزادو ڏڙٽو ماري ويهي رهيو- نہ سنگتين ساٿين سان هلي، ۽ نہ ڪنهن سان گهمي

ڦري، ۽ نہ ماني تڪي کائي: سڄو ڏينهن محلات ۾ وينو هوندو هو. سنگتي ساٿي جڏهن ساڻس ملڻ ايندا هئا، تڏهن انهن سان بہ چڱيءَ طرح سان منهن نہ ڏيندو هو. دوستن پڇيس، ”ڏي خبر، خير تہ آهي؟“ هن جواب ڏنو تہ ”مڙئي خير آهي!“ پر سنگتين سهي ڪري ورتو تہ ڪا ڳالهہ ضرور آهي پر اسان کي نٿو ٻڌائي. اها خبر نيٺ بادشاهہ کي پئي. بادشاهہ دوڙندو آيو: چي، ”پٽ توسان ڪهڙي ويڌن آهي؟“ شهزادي جڏهن ڏنو تہ بابو منهنجي هر ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار آهي، تڏهن يڪدم چيائينس، ”بابا، آءٌ هڪ ريبارڻ کي پيار ٿو ڪريان: منهنجي ان سان شادي ڪرايو!“ بادشاهہ ڳالهہ ٻڌي، کيس دلداري ڏني. شهزادو خوش ٿيو، ۽ اٿي خير سان ماني تڪي کاڌائين.

بادشاهہ يڪدم پنهنجي وزير کي گهرايو، ۽ کيس سربستي ڳالهہ ٻڌائي چيائين تہ ”تون ريباريءَ وٽ وڃ ۽ ڪانئس سڱ جي گهر ڪر!“ وزير جواب ڏنو تہ ”جيئندا قبلا! ريباري گهٽ ذات، اوهان ملڪ جا بادشاهہ- اها شادي نٿي ٿي سگهي. ٻئي ڪندي، هي ٻنهہ بکيا غريب ماڻهو آهن! شهزادي کي چئو تہ پنهنجي هڻ ڪان هيٺ لهي، انهيءَ ۾ ئي سندس ڀلائي آهي!“ بادشاهہ وراڻيو، ”مون تہ گهڻا مٽا مونا هنيا آهن، پر هو مڃي ئي نٿو. باقي تون وڃي سمجهائينس: من سنئين رستي تي اچي.“ وزير بہ شهزادي کي گهڻوئي سمجهايو، پر وريو ڪي بہ ڪين. لاچار وزير کي ريباريءَ وٽ وڃڻو پيو: ۽ کيس سڄي حقيقت ڪري ٻڌايائين. ڳالهہ ٻڌي، ريباري ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو: جي سڱ ٿو ڏئي، تہ برادريءَ مان ٽا ڪڍنس: جي نٿو ڏئي، تہ بادشاهي ڏمر ٿو کٽي! ڪري، سو ڪري ڇا؟ آخر ريباريءَ ڳالهہ جهلي، ۽ هڪ مهيني جي مهلت گهري. وزير هائوڪار ڪئي، ۽ واپس موٽي، اچي شهزادي ۽ بادشاهہ کي حقيقت ٻڌايائين.

ريباريءَ پنهنجي ڌيءَ کان پڇيو تہ ”تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي؟“ ڇوڪريءَ چيو تہ ”جيڪو قسمت ۾ لکيل آهي، سو اوس ٿيندو. جي سڱ

نہ ڏيندؤ، تہ بہ هو مون کي زوريءَ کٽي ويندا: انهيءَ ڪري اها مائٽي ڪٽي قبول ڪريو!" ريٻاريءَ کي بہ اها ڳالهہ دل سان لڳي، ۽ بادشاهہ کي چوائي موڪليائين تہ "مون کي اها مائٽي منظور آهي." آخرڪار ڏاڍي ڌامر ڌوم سان هيءَ شادي ٿي، ۽ شهزادو ريٻارڻ سان گڏ هڪ جدا محلات ۾ رهڻ لڳو، ۽ ريٻارڻ جي سياڻپ ۽ ڏاهپ ڪري شهزادي کي پنهنجو ڪيل پرن بلڪل وسري ويو.

هوڏانهن شهزادي جون ٻيون بہ ڳالهيون اچي حيران ٿيون تہ ڪيئن شهزادي سان ملجي، جنهن هنن کي صفا وساري ڇڏيو هو. انهيءَ سوچ ۾ هيون، تہ در تي هڪ فقير صدا هنئين. راڻين جي خيال ۾ آيو تہ ڇو نہ انهيءَ فقير کي شهزادي ڏي موڪلي، کيس پنهنجي ڪنيل قسم جي يادگيري ڏيارجي. سو فقير کي لالچ ڏيئي، پڪو ڪري، چيائونس تہ "تون شهزادي جي در تي صدا هڻجانءِ: جڏهن ريٻارڻ توکي خيرات ڏئي تہ تون اها نہ ونجانءِ، ۽ چئج تہ 'مون کي شهزادو پاڻ پنهنجن هٿن سان بکياڏئي.' پوءِ شهزادو جڏهن توکان انهيءَ جو سبب پڇي، تڏهن کيس ٻڌائجانءِ تہ 'تنهنجي ريٻارڻ ڏال پاپڻ آهي، هن تنهنجي گهوڙي ماري آهي؛ ۽ هن جي پيٽ ۾ جيڪو ٻار آهي، سو تنهنجي سر جي تباهيءَ جو باعث ٿيندو.'" فقير يڪدم شهزادي جي در تي آيو، ۽ جيئن کيس راڻين سمجهايو هو، تيئن ڪيائين. شهزادي کي پنهنجي ڪيل پرن جي يادگيري پيئي، ۽ مٿان اچي دپ ورايس، ۽ ٻيو وري بادشاهي آرا.... سو يڪدم پنهنجن نوڪرن کي حڪم ڪيائين تہ "هن نياڳيءَ رن کي جهنگ ۾ وڃي ماري اچو، ۽ ثابتيءَ لاءِ سندس اکيون ڪڍي آڻي مون کي ڏيکاريو!"

نوڪر ريٻارڻ کي، مارڻ لاءِ، جهنگ ۾ وني ويا. اُتي پهچي جڏهن هن کي مارڻ لڳا، تہ ريٻارڻ کين روئيندي چيو تہ "مون کي مارڻ مان توهان کي ڇا حاصل ٿيندو؟ توهين مون کي ڇڏي ڏيو، آءٌ توهان کي دعا ڪنديس!" نوڪرن چيو تہ "جيڪڏهن اسين توکي ڇڏي ڏيون، تہ پوءِ شهزادي کي

تنهنجون اکيون ڪيئن ڏيکاريندا سين؟" سامهون ئي هڪ هرڻ پئي چنو، ريبارڻ ان ڏانهن اشارو ڪري، چيو تہ "انهيءَ هرڻ کي ماري، ان جون اکيون ڪڍي، وڃي شهزادي کي ڏيو!" نوڪرن بہ ريبارڻ جي ڳالهہ مڃي، ۽ هرڻ ماري، ان جون اکيون ڪڍي، وڃي شهزادي کي ڏنائون.

ريبارڻ اتان هلندي هلندي، نيٺ هڪ ٻئي شهر ۾ وڃي پهتي. ڪوبہ جاڻ سڃاڻ ڪونہ هوس: وڃي تہ وڃي ڪيڏانهن! انهيءَ ٻڌتر ۾ هئي، تہ اتان جي هڪڙي سوداگر جي هن تي نظر پئجي ويئي، ۽ هن کي مٿس ڪهل آئي، ۽ وڏي اچي خبر چار پڇيائينس. ريبارڻ بہ سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌايس. جنهن تي هن چيس تہ "اڄ کان تون منهنجي ڀيڻ آهين: تون هلي منهنجي گهر تڪ. روز رازق تي آهي، مڙيئي ڀيو وقت گذرندو!" سوداگر ريبارڻ کي گهر چڏي، ۽ پنهنجي زال کي هن جي پارت ڪري، واپس موٽي اچي دڪان تي ويٺو.

ريبارڻ خوشيءَ سان وقت گذارڻ لڳي. هن کي پيٽ بہ هو، سو نون مهينن کيس هڪ پٽ ڄائو: نالو رکيائينس "محمود". ڇوڪر اڃ ننڍو سيان وڏو، اچي سمجهہ ڀريو ٿيو. پاڙي جا ٻار هن کي ڏاڏو ڪڪ ڪندا هئا. چي، "هن جو پيءُ آهي ئي ڪونہ!" هو ڏاڍو شڪي ٿيندو هو. آخر هڪ ڏينهن پنهنجي ماءُ کان پڇيائين تہ "منهنجو پيءُ ڪير آهي؟" ماڻس چيس تہ "ابا، تون اڃا ننڍو آهين: وڏو ٿيندين، تہ پاڻهي خبر پوندئي." پر ڇوڪري چيو، "نہ، مون کي ٻڌاءِ تہ منهنجو پيءُ ڪير آهي؟" آخر، راڻيءَ کيس سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌائي، ۽ چيو تہ "تنهنجو پيءُ بادشاهہ، تنهنجو ڏاڏو بادشاهہ، ۽ تون بہ ڪڏهن بادشاهہ ٿيندين!" اها ڳالهہ ٻڌي، محمود ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ اڳتي نهي نڪي شان مان سان هلڻ لڳو.

هڪ ڏينهن، سوداگر، واپار سانگي، ڪنهن ولايت ڏي سنبريو: تڏهن ريبارڻ چيس تہ "ادا هاڻي تنهنجو ڀاڻيجو اچي وڏو ٿيو آهي: تون هن کي ساڻ وٺي ويندين، تہ ڪجهہ پرائيندو: هتي تہ رڳو پيو سڀني سان وڙهي

۽ جھيڙا ڪري!“ محمود کي جڏھن اھا خبر پيئي، تڏھن ڏاڍو خوش ٿيو. بئي ڏينھن، سھي سنيري، موڪلائي توڪلائي ھو سوداگر سان گڏ سفر تي نڪتو. ھلندي ھلندي ڪيئي ولايتون پوئتي ڇڏي، ھڪ ڏينھن جاوا ٻيٽ جي ھڪ ملڪ ۾ اچي پھتا. محمود پنھنجي مامي کان موڪل وٺي ويو شھر ۾ گھمڻ. گھمندي گھمندي، اچي ھڪ ميدان ۾ پھتو، جتي گھوڙن جي ڊوڙ پئي ٿي. خبر پيس تہ سال بسال، ھتي، بادشاھہ جي سامھون، گھوڙن جون شرطون لڳنديون آھن، اج بہ اھو ڏينھن آھي. ھن ڏٺو تہ ھڪ مٿاھينءَ جاءِ تي، ھڪ عاليشان تخت تي بادشاھہ وينو آھي. ھن نڪا ڪئي ھم نڪا تم، سڌو وڃي بادشاھہ جي پير ۾ وينو. بادشاھہ ھن کان پڇيو تہ ”ڇوڪرا تون ڪير آھين؟“ ڇوڪري جواب ڏنو، ”منھنجو پيءُ بادشاھہ، منھنجو ڏاڏو بادشاھہ، ۽ آءٌ بہ ڪڏھن بادشاھہ ٿيندس! حال ھتي گھمڻ آيو آھيان!“ ھن جو جواب ٻڌي، بادشاھہ ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ھن کي وٺي پنھنجي قريب ويھاريائين. گھوڙن جي ڊوڙ ڏسڻ کانپوءِ، محمود شھر جي بزار ڏسڻ ويو. جڏھن ھڪڙي جوھريءَ جي دڪان وٽ آيو، تڏھن ڏٺائين تہ جوھري ھڪ شخص کي نڳڻ جي ڪوشش ڪري رھيو ھو- ڇي، ”ھي سچا موتي آھن!“ محمود، جو اھو ناحق ٿيندو ڏٺو، سو يڪدم دڪان تي چڙھي ويو؛ ۽ چيائين، ”ڪير ٿو چئي تہ ھي سچا موتي آھن، تو وانگر ھي بہ ڪوڙا آھن!“ جوھريءَ کي عجب بہ ٿيو، ۽ ڪاوڙ بہ لڳي تہ ھي وري ڪير آھي، جو منھنجي ڪم ۾ ھروڀرو ٿو دخل ڏئي. تنھن چيس تہ ”ميان! جيڪڏھن تون ھي سچا موتي ڪوڙا ثابت ڪندين، تہ آءٌ توکي پنھنجو سڄو دڪان ڏيندس؛ پر جي تون ڪامياب نہ ٿئين، تہ تون سڄي عمر منھنجو ٻانھو ٿي رھندين!“ محمود چيو، ”مون کي منظور آھي.“ جوھريءَ چيو، ”چڱو، آءٌ اميں ٿو وٺين اچان.“ دل ۾ خيال ڪيائين تہ ڪنھن کي ڪجھہ پيسا ڏيئي، سيڪاري ڇڏيندس، بس پوءِ شرط منھنجي ٿيندي. پر محمود بہ چالاڪ ھو، تنھن ٻڌندم چيس تہ ”اميں آءٌ آڻيندس.“

ائين چئي، سڌو بادشاهہ وٽ ويو، ۽ ڪيس سڄي ڳالھہ ڪري ٻڌايائين. بادشاهہ يڪدم جوهريءَ کي گهرايو، ۽ اُهي ساڳيا موتي شاهي جوهريءَ کي ڏيکاريائين، جنهن تصديق ڪئي تہ اهي موتي ڪوڙا آهن. ڪپتئي جوهريءَ جون بہ ويون ڇهہ بہ ويون؛ منهن مٿو پٽيندو، وڃي گهر وينو؛ ۽ محمود سندس دڪان جو مالڪ ٿي ويهي رهيو.

هوڏانهن جڏهن محمود کي ڪجھ دير ٿي وئي، تڏهن مامس کي اچي اونو ٿيو؛ سو يڪدم هن کي ڳولڻ لاءِ روانو ٿيو، ۽ بزار مان گهمندي گهمندي، هو اچي جوهريءَ جي دڪان وٽان لنگهيو. محمود مامي کي ويندي ڏٺو، سو يڪدم سڏ ڪيائينس؛ مامو، محمود کي ڏسي خوش ٿيو، ۽ خبر چار پڇيائينس. هن ڪيس سربستي ڳالھہ ڪري ٻڌائي، ۽ چيائينس تہ "هاڻي هي سڄو دڪان پنهنجو آهي؛ توهين هتي ويهو، تہ آءٌ ماڻهو وٺي اچان، تہ هتان سڀ سامان کڻايون." پوءِ مامي کي اُتي ويهاري، هو سڌو جهاز تي ويو، ۽ اُتان ماڻهو وٺي سامان ڍوئڻ لڳو، ۽ نيٺ سمورو سامان سڙو ڪٽي، جهاز هاڪاريائون. هلندي هلندي هڪ ٻيٽ تي اچي پهتا، جتي رات ٽڪڻ جو فيصلو ڪيائون. محمود پهري تي وينو، ۽ ٻيا سڀ ننڊ ۾ سمهي پيا. ٿوري رات گذري، تہ محمود ڏٺو تہ بہ پکي، هڪ ننڍو ۽ ٻيو وڏو، وڻ جي ٽار تي هڪٻئي ۾ ڳالهيون ڪري رهيا آهن- وڏي پکيءَ چيو تہ "جيڪڏهن ڪو منهنجو گوشت کائي، تہ ان جو الهہ تلهہ ڇٽ ٿي وڃي!" وري ننڍي پکيءَ چيو تہ "ڪو ماڻهو جيڪڏهن مون کي ماري کائي، تہ اهو بادشاهي ماڻي!" محمود، جو اهو ٻڌو، تنهن يڪدم تير ڇوڙيا؛ ۽ ٻئي پکي اچي پٽ تي پيا؛ ننڍي جو گوشت پچائي پاڻ کاڌائين، ۽ وڏو اچلائي ڪتن کي ڏيئي ڇڏيائين. سوداگر اُهوئي ستو رهيو، ۽ محمود وري بہ جاڳندو رهيو. اڌيءَ رات جو، ڪن پريان روشنائي ڏٺي؛ پهريدار کي سجاڳ ڪري پاڻ سڌو روشنيءَ ڏي ويو. هلندي هلندي وڃي هڪ ٻڙ جي ريجهو پهتو. ڇا ٿو ڏسي تہ چار پريون ويٺيون چوپڙ راند ڪن، خيال ڪيائين تہ انهن مان هڪ کي ضرور جهلجي؛ ۽ جهڙي اُچانگ



ڏنائين، تهڙو پريون تہ اُڏامي ويون، پر هڪڙي پري جنهن ڊارا ۽ چوپڙ ڪٽڻ تي گهريا، تنهن کي ٿوري دير ٿي ويئي، جنهنڪري پنيان رهجي ويئي، ۽ هڪڙو ڊارو بہ پوئتي رهجي ويس. محمود، رهيل ڊارو کڻي، انهيءَ پريءَ جي پنيان پيو. هيءَ پري، ٿورو اڳتي هلي، بيهي رهي، ۽ اتي هڪڙو دروازو هو، انهيءَ ۾ اندر گهڙي ويئي. گهڙڻ وقت ايترو چيائين تہ "جي محمود هجين، تہ مون کي ڳولي هٿ ڪج!" پريءَ جا اهي گفتا محمود ٻڌا، ۽ خيال ڪيائين تہ اندر وڃان، پر غار تمام اونهو هو، جنهنڪري هن پنهنجو اهو خيال لاٿو، ۽ اتان جا ڪي نشان کڻي واپس ماڳ تي موٽي آيو.

صبح جو سويل قافلو روانو ٿيو، ۽ ڪجهہ ڏينهن جي سفر ڪرڻ کانپوءِ اچي پنهنجي ڳوٺ جي پرسان پهتا، اتي ٻاهرئي محمود کي پنهنجا ننڍپڻ جا دوست گڏيا، تن محمود کي خبرچار ٻڌائڻ لاءِ ترسايو. محمود پنهنجي مامي کي ڊارو ڏيئي موڪليو تہ "هي وڃي اما کي ڏي، ۽ آءٌ اچان

ٿو." سوداگر کي ڏسي، ريپارڻ پنهنجي پٽ جي پڇا ڪئي، جنهن ٻڌايس ته اهو به آيو آهي، ۽ ٻاهر دوستن سان ڪچهري ڪري اجهو اچي ٿو. پر سوداگر اهو ڏارو، جيڪو محمود ڏنو هوس، سو ريپارڻ کي نه ڏنو، ۽ خيال ڪيائين ته اسان جي کهڙي ڪم ايندو؛ ڇو نه بادشاهه کي ڏيئي، خوشنودي حاصل ڪريان! وري محمود به ماءُ کان نه پڇيو ته ڪو مامي توکي ڏارو ڏنو يا نه؟ آخرڪار سوداگر هڪ ڏينهن ڏارو کڻي وڃي بادشاهه کي ڏنو، جنهن اهو وري پنهنجي راڻين کي ڏنو. راڻين هڪڙو ڏارو ڏسي، چيو ته "هن هڪڙي ڏاري مان ڇا ٿيندو؟ اسان کي اهڙا ٻه ٻيا به ڏارا گهرائي ڏي!" بادشاهه يڪدم سوداگر کي سڏايو، ۽ حڪم ڪيائينس ته "جيترو جلد ٿي سگهي، اهڙا به ٻيا به ڏارا پيدا ڪر، نه ته ڦاسي تي چاڙهيندوسانءِ!" سوداگر ويچارو اچي حيران ٿيو ته هاڻي ڇا ڪريان؟ آخر ٻڌي ٽري ڪجهه مهلت گهريائين. بادشاهه اها ڳالهه مڃي. سوداگر گهر موٽي آيو ۽ اونڌي منجي ڪري سمهي پيو. محمود سوداگر کي انهيءَ حالت ۾ ڏنو، تڏهن پڇيائينس ته "ماما، تو ڇو ههڙو حال بنايو آهي؟" مامس کيس سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي. محمود چيو، " بس ڳالهه به اها! پاڻ هلي ٻيا ڏارا هٿ ڪري اچون! بادشاهه وٽ وڃ ۽ وڃي کيس چئو ته 'مون کي ڪاٺي جي ڪوني ۽ ريشم جي رسي تيار ڪرائي ڏي' !" سوداگر جي پيٽ ۾ ساهه پيو، ۽ ڊوڙندو بادشاهه وٽ ويو ۽ کانئس ڪاٺي جي ڪونيءَ ۽ ريشم جي رسيءَ جي گهر ڪيائين، جي ٻئي شيون هن کي جهٽ نهي مليون.

اهو سامان کڻائي، ٻئي ڄڻا روانا ٿيا. هلندي هلندي، هو انهيءَ بريٽ ۾ پهتا، جتان محمود اهو ڏارو لڌو هو، ۽ اچي انهيءَ غار وٽ بيٺا، جتي هڪ پري غائب ٿي ويئي هئي. محمود مامي کي چيو ته "هاڻي آءٌ ڪاٺي جي ڪونيءَ ۾ ويهان ٿو، ۽ تون مون کي هيٺ لاهيندو وڃجانءِ؛ جڏهن آءٌ ڏور کي لوڏو ڏيان، تڏهن سمجهج ته آءٌ ڪنهن منزل تي پهتو آهيان. پوءِ جڏهن وري آءٌ ٻي ڇڪ ڏيان، تڏهن تون پيٽي ڇڪي

ونجانءِ. . . " ائين چئي، هو پيتيءَ ۾ ٽپي وينو، ۽ پيتي ڊرندي ڊرندي، وڃي هڪ ميدان ۾ لٿي. ٻاهر نڪري، ڏور کي لوڏو ڏيئي، اڳتي هليو، چوڌاري نظر ڪيائين، پر ڪجهہ بہ نظر نہ آيس. ٿورو اڳيرو هليو، تہ هڪڙي محلات جي چوٽي ڏسڻ ۾ آيس: ٽڪڙو ٽڪڙو اوڏانهن رخ رکيائين. اها هڪ تمام وڏي محلات هئي، جنهن کي هڪ ننڍڙو دروازو هو: دروازي مان گهڙي اندر داخل ٿيو، تہ حيران ٿي ويو. چؤطرف باغ بستان لڳا پيا هئا، ڦوهارا جهرمر لايو بيٺا هئا، پر عجب اهو هو تہ ماڻهو هڪ بہ نہ هو- چوڌاري سڃ لڳي پيئي هئي! محمود آهستي آهستي اندر گهڙيو، تہ ڇا ڏسي تہ هڪ حسين نوجوان ڇوڪري تخت تي چڙهي ويٺي آهي! هيءَ اُهائي ڇوڪري هئي، جنهن محمود کي چيو هو تہ "جي محمود هجين، تہ مون کي ڳولي لهج." ڇوڪري محمود کي ڏسي ڇرڪي، ۽ ڊپ وچان چيائين تہ "اي آدمزاد، تون ڪير آهين، ۽ هتي ڇو آيو آهين؟" محمود جواب ڏنس، "آءٌ محمود آهيان، ۽ توکي ڳولڻ لاءِ هت آيو آهيان!" ڇوڪريءَ جو منهن خوشيءَ وچان ٻهڪڻ لڳو، ۽ ڊوڙي وڃي هن کي ياکر پاتائين. خوشيءَ وچان ٻيئي مانڻ ۾ هئا: آخر محمود هن کان خبر چار پڇي تہ "تہ تون ڪير آهين، ۽ هتي ڪيئن آئي آهين؟" ڇوڪريءَ جواب ڏنو تہ "آءٌ پارس ولايت جي بادشاهہ جي ڌيءَ آهيان، ۽ هتي هڪ ظالم ديو جي قيد ۾ آهيان، جنهن ۱۲ ڪوهن جي آباديءَ ۾ هڪ بہ ماڻهو نہ ڇڏيو آهي، هو صبح جو ويندو آهي، ۽ شام جو موٽي ايندو آهي: هو ظالم توکي بہ ڪانہ ڇڏيندو! پر تون ڪوبہ خيال نہ ڪر، آءٌ جادوءَ جي زور تي توکي طوطو بڻائي ڇڏينديس!" محمود چيس تہ "ڀلا توکي ڪيئن خبر پوندي تہ ديو آيو آهي؟" شهزاديءَ جواب ڏنس تہ "ڀرين واچ لڳندي آهي، پوءِ پٿرن جو مينهن پوندو آهي- اها نشاني ديو جي اچڻ جي آهي!" ايتري ۾ واچ لڳڻ شروع ٿي. شهزاديءَ يڪدم محمود تي ڦيٿو پڙهيو، ۽ هو طوطو ٿي وڃي وڻ تي ويٺو. هاڻي پٿر اڏامڻ شروع ٿيا، مينهن پيو، ۽ آخر راڪاس بہ اچي نڪاءُ ڪيو. اچڻ سان ئي وني رڙيون ڪرڻ لڳو تہ "آدم بوءِ! آدم بوءِ!"

ڇوڪريءَ ڇيس تہ ”ڇريو ٿيو آهين ڇا؟ هتي ڪٿان آيو آدم؟“ جڏهن ڪجهہ نظر نہ آيس تہ مات ڪري سمهي پيو. صبح جو راڪاس اُٿي هليو ويو، ۽ شهزاديءَ محمود کي ساڳيءَ شڪل ۾ آندو؛ اهڙيءَ طرح ٻتي ڏينهن گذري ويا.

هڪ ڏينهن، محمود شهزاديءَ کي سمجهايو تہ ”تون ديو جو منجهہ ڪيد تہ سندس ساهہ ڪٿي آهي؟“ شهزاديءَ هائوڪار ڪئي، ۽ ديو جي اچڻ کان اڳ ڪارا ڪپڙا پائي، زر زيور لاهي، منهن سڃائي ويهي رهي. ديو، جو هن کي اُداس ڏٺو، تنهن ڪانئس پڇيو تہ ”سچي ڪر، ڇا ڳالهہ آهي؟“ ڇوڪريءَ ڇيو تہ ”ڳالهہ وري ڇا آهي! تون روز الائي ڪيڏانهن ٿو هليو وڃين، ۽ آءُ هتي اڪيلي ويٺي آهيان؛ قضا سان ڪير توکي ماري وجهي، تہ پوءِ منهنجو ڇا ٿيندو؟“ ائين چئي، اچي روئڻ ۾ ٻيٺي. ديو ٿهڪ ڏيئي، چيو تہ ”تون انهيءَ جو ڪوبہ فڪر نہ ڪر، مون کي ڪير بہ ماري نٿو سگهي!“ شهزاديءَ پڇيس تہ ”ڇو، ائين ڇو آهي؟“ راڪاس جواب ڏنس تہ ”منهنجو ساهہ منهنجي بدن ۾ ڪونهي- منهنجو ساهہ هڪ ٻئي هنڌ محفوظ رکيل آهي!“ شهزاديءَ وري پڇيس تہ ”ائين وري ڪيئن هوندو!“ تنهن تي هن چيو تہ ”هن پنهنجي محلات جي باغ جي اتر پاسي هڪ غار آهي؛ ان غار جي مٿان هڪ سؤمڻو پٿر رکيل آهي؛ اهو پٿر مون ڪانسواءِ فقط محمود نالي شخص چوري سگهي ٿو: انهيءَ غار ۾ لوهہ جو پڃرو رکيل آهي؛ ان پڃري ۾ هڪ پوپٽ آهي، ۽ انهيءَ ئي پوپٽ ۾ منهنجو ساهہ آهي! هاٿي تہ پڪ ٿيئي تہ مون کي ڪوبہ نٿو ماري سگهي!“ ڳالهہ ٻڌي، شهزادي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ هن سان ڪلي ڳالهائڻ لڳي.

صبح جو، جڏهن راڪاس ويو، تڏهن هوءَ محمود سان گڏجي انهيءَ غار ڏي ويئي. وڃي ڏسن تہ برابر هڪ پٿر رکيو آهي؛ محمود ان کي ڏڪي پري ڪيو، ۽ اندر گهڙي ويو. غار ۾ هڪ پڃرو پيو هو، ۽ پڃري ۾ پوپٽ پئي ڦيرا ڪاڏا. محمود يڪدم ڪٽي پوپٽ کي جهليو. هوڏانهن راڪاس، جو پاڻ کي جهليل سمجهيو، سو وني پڳو؛ ۽ مينهن واءُ ڪندو، اچي

پنهنجي محلات ۾ پهتو ۽ جيئن محمود ڏانهن وڌيو، تيئن هن پوئنر جي هڪ ٽنگ اچلائي ڇڏي. راڪاس جي به هڪ ٽنگ غائب ٿي ويئي! تڏهن به هو هڪڙيءَ ٽنگ تي ڏوڪيندو آيو. اتي محمود پوئنر جي ٻي ٽنگ پڻ اچلائي.... ته راڪاس جي ٻي ٽنگ به گم ٿي وئي! تڏهن به راڪاس پيٽ پر رڙهندو پئي آيو. محمود يڪدم هن جي منڍي مروٽي اچلائي، ته هن جي سسي به غائب ٿي ويئي، ۽ راڪاس مري ويو. راڪاس جي مرڻ کانپوءِ، هو ڪيترا ڏينهن آرام سان رهيا، ۽ آخر هڪ ڏينهن اهڙا ڍارا ۽ ٻيا هيرا جواهر پاڻ سان کڻي، اچي ڪائي جي ڪونيءَ وٽ بيٺا، سامان سڙا ان ۾ رکي بس ڪيائون، ته ڏنائون ته جاءِ ته رڳو هڪڙي ماٺهو جي آهي! سو محمود شهزاديءَ کي ان ۾ ويهاري، رسي لوڏي، ۽ شهزاديءَ کي چيائين ته ”متي وڃي ڪوني وري هيٺ موڪلج ته آءٌ به اچان!“ ڪائي، جي پيتي جڏهن متي پهتي، تڏهن سوداگر حيران ٿي ويو، جان کڻي ڏسي ته ڍارن جي پيتي ۽ ٻيا به ڪيترائي هيرا جواهر پيا هئا. سوداگر جي دل ۾ اچي ٻي ايماني جاڳي، سو ڇا ڪيائين، جو پيتي پڄي پور ڪري ڇڏيائين. پريءَ گهڻيون ئي رڙيون ڪيون، پر هن ڪجهه به نه ٻڌس، ۽ زوريءَ وني آڻي گهر ويهاريائينس.

پري سڄو ڏينهن پيئي محمود جي ياد ۾ روئندي هئي. هڪ ڏينهن، سوداگر پريءَ کي چيو ته ”ڪيترا ڏينهن پيئي روئنديءَ ۽ رڙنديءَ؟ تون مون سان شادي ڪر....“ پريءَ ڏٺو ته سوداگر هٿ ڌوئي اچي پنيان پيو آهي، سو ڪجهه وقت مهلت ڏيڻ لاءِ عرض ڪيائينس، جاڳالهه سوداگر خوشيءَ سان قبول ڪئي، ۽ انهيءَ خوشيءَ ۾ سوداگر هڪ وڏي دعوت ڪئي، ۽ ملڪ جا مشهور ۽ وڏا پنڊت ’شڀ گهڙيءَ‘ ڳولڻ لاءِ گهرايائين. پنڊت متو هٽي هٽي بيٺا، پر ويجهڙي ڪا سندس شاديءَ جي ’شڀ گهڙي‘ ڳولي نه سگهيا. پر سوداگر کي هئي تڪڙ... انهيءَ ڪري ته متان ڪٿان مخمود اچي نڪري!

هوڏانهن محمود ڳچ ڏينهن انتظار ڪري سمجهي ويو ته سوداگر دغا

ڪئي، سو اچي حيران ٿيو. آهستي آهستي پور پچائيندو، ديو جي محلات ڏانهن وڃڻ لڳو. اتي ڏنائين ته پاڏي جيڏا پکي آهن، جي پيا ديو جو ڏيڙر کائين. محمود چا ڪيو، جو لڪندو لڪندو وڃي هڪ پکيءَ جي ٽنگ جهليائين. پکي اڏامڻ لڳو. هي به پکيءَ سان گڏ اڏامندو، اچي هڪ وڻ تي لٿو. وڻ تان لهي، پيرين پنڌ اڳتي هلڻ لڳو. پريان هڪ جهوپڙي ڏنائين، تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو، انهيءَ پاسي ويو، ۽ جهوپڙيءَ ۾ اندر گهڙي ويو. ڏنائين ته اتي هڪ درويش ويٺو آهي. ڏاڍي ادب سان مليس. درويش هن کي ماني ٽڪي کارائي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، جڏهن محمود درويش کان موڪل گهري، تڏهن هن کيس به دٻليون ڏنيون، ۽ چيائين ته "هن وڏيءَ دٻليءَ ۾ جيڪو گل پيو آهي، ان کي سنگهڻ سان ماڻهو پير مرد ٿي ويندو آهي، ۽ ننڍيءَ دٻليءَ واري گل سنگهڻ سان وري جوان ٿي ويندو. هي منهنجي پاران تحفو اٿئي. هڪ نه هڪ ڏينهن توکي ضرور ڪم ايندو!" محمود درويش جو ٿورو مڃيو، ۽ پنهنجي ڳوٺ جو رستو پڇي روانو ٿيو.

هلندي هلندي، آخر هڪ ڏينهن، پنهنجي ڳوٺ اچي پهتو. رستي تي محمود وڏو گل سونگهيو، ۽ هو سچ پچ پوڙهو ٿي ويو. ڳوٺ رسڻ کانپوءِ، هو سڌو وڃي هڪ ڪنيار جي گهر وٽ بيٺو. ڪنيار سمجهيو ته هي ڪو وڏو درويش آهي، سو مهماني قبول ڪرڻ لاءِ عرض ڪيائينس، جو هن خوشيءَ سان قبول ڪئي. ماني ٽڪي کائڻ کانپوءِ، خبر چار هلي: ڪنيار ٻڌايس ته "هتي هڪڙو سوداگر ولايت مان هڪ نهايت سهڻي شهزادي وٺي آيو آهي، تنهن سان شادي ڪرڻ ٿو گهري، پر ڪو شيءِ لڳن نٿو نڪريس." محمود چيو ته "آءٌ وڏو پنڊت آهيان: وڃي ٻڌائينس ته آءٌ کيس شيءِ لڳن ڪڍي ڏيندس!" ڪنيار اٿيو، ۽ جلدي جلدي سوداگر وٽ ويو، ۽ وڃي کيس اهو حال ٻڌايائين. سوداگر يڪدم هڪ عاليشان سواري موڪلي، جنهن تي محمود چڙهي آيو، ۽ ڏٺائين ته محفل لڳي پئي آهي، جنهن ۾ بادشاهه به ويٺو آهي. ۽ دغاباز مامس به ويٺو آهي. هو يڪدم ڀوتي کولي ويهي رهيو. گهڻيءَ دير کان پوءِ هن ٻڌايو ته "اڄ رات جو لڳن

اچي ويو ۽ هن دفعي طعام ۽ ڪپڙن کي اصل باھہ ڪانہ لڳي. اتي ڪجھہ بادشاھہ ۽ راڻيءَ کي بہ هانءَ تي پاٽي پيو. نيٺ هو اتي ئي رهڻ لڳا.

بادشاھہ کي اُتي رهندي، ٿورائي ڏينهن گذريا، تہ هڪ رات راڻيءَ بادشاھہ کي ٻڌايو تہ ”مون کي اميدواري آهي.“ بادشاھہ کي فقير واري اها ڳالھہ تہ ’تون پٽ جي پاڳ ۾ وجي ڪاءُ‘ ، وسري ويئي هئي؛ ڏکن ۾ هو اهڙو غلطان هو، جو هن کي ان ڳالھہ جو گهٽو خيال ئي ڪونہ رهيو هو.

صبح جو جڏهن ٻيئي دوست شڪار تي ويا، تڏهن هن کي هڪ هرڻوتو نظر آيو. تير مارينديءَ کيس فقير جو پٽ ياد آيو، ۽ ان سان گڏ فقير جو پاراتو بہ. هن کي ياد آيو تہ گذريل رات راڻيءَ بہ کيس ٻڌايو هو تہ ’هوءَ ٻن جيئن سان آهي‘ . اهو ياد ڪري، پنهنجي دوست کي چيائين تہ ”ادا، هاڻي اسان جو پاڳ شايد جاءِ تي ايندو.“ ۽ پوءِ کيس فقير وارو پاراتو ۽ راڻيءَ جي ٻن جيئن سان هجڻ جو ٻڌايائين، ۽ ملڪ موٽڻ لاءِ موڪل بہ گهرڻ لڳس. يار ڀريائين تہ منع پيو ڪريس، پر آخر موڪل ڏنائينس، ۽ وڃڻ وقت ٻڌايائينس تہ سندس راڻيءَ کي بہ پيٽ آهي. انهيءَ تي ٻنهي دوستن هڪٻئي سان وعدو ڪيو تہ ’جيڪڏهن هڪڙي کي پٽ پيدا ٿئي ۽ ٻئي کي ڌيءَ، تہ ٻنهي جي پاڻ ۾ شادي ڪرائيندا سون.‘

بادشاھہ جڏهن پنهنجي ملڪ ۾ آيو، تہ سندس رعيت ڏاڍي خوش ٿي. اُهو ساڳيو سڙيل خزانو وري پنهنجي اصلي صورت ۾ اچي ويو. رب ڏک ڏور ڪيس، ۽ ٿوري وقت کان پوءِ کيس پٽ ڄائو، جنهن جو نالو ”ڏول شهزادو“ رکيائين.

ڏول شهزادو اڃ ننڍو سيبان وڏو، جڏهن جوان ٿيو، تڏهن هيءُ بہ پنهنجي پيءُ وانگر شڪار جو شوقين ثابت ٿيو؛ اجا بہ پيءُ کان چار پير چوکا ڪنيائين. پٽس تہ تير ڪمان سان شڪار ڪندو هو، پر هيءُ هرڻن کي

"سُنبي" سان ماريندو هو، يعني گهوڙي کي ڏُڪائي، جڏهن هرڻن جي مٿان وجي پوندو هو، تڏهن سنبو انهن جي پنيءَ ۾ وڃي کوڙيندو هو.

ڊول شهزادي جي ٻي عادت هئي تہ رڳو نر هرڻ ماريندو هو، تنهنڪري ٿيندي ٿيندي هن جي ملڪ ۾ ڪو هڪ نر هرڻ بہ ڪونہ بچيو. هڪڙي هرڻي هئي، تنهن کي پيٽ هو، جنهن سمجهيو تہ جيڪڏهن ڪيس هرڻوٽو ڄائو، تہ ڊول شهزادو انهيءَ کي بہ ماري ڇڏيندو؛ تنهنڪري چڱو ائين سمجهيائين تہ هيءُ ملڪ ڇڏي ڪنهن ٻئي بادشاهہ جي بادشاهيءَ ۾ هلي وڃي. اها ڳالهہ ڳڻي، هوءَ اُتي پنڌ پيئي، ۽ هلندي هلندي، هڪڙي ڏينهن شام جو هيءَ اچي هڪڙي باغ جي ويجهو پهتي. جڏهن رات ٿي، تڏهن وڃي باغ ۾ چرڻ لڳي. اُتي هن کي سور ٿيا، ۽ ويم ڪري ٻچڙو ڄڻيائين. جڏهن صبح ٿيو، تڏهن ماليءَ هرڻيءَ کي ڏسي، بادشاهہ جي ڌيءَ کي، جا انهيءَ باغ جي مالڪياڻي هئي، اطلاع ڏنو. ملوڪزادي يڪدم باغ ۾ هلي آئي، ۽ هرڻيءَ جي ٻچڙي کي ڏسي، ان کي ڪٺڻ لڳي. چوندا آهن تہ انهيءَ زماني ۾ هرڪا شي ڳالهائيندي هئي،- سو هرڻيءَ بہ ملوڪزاديءَ کي چيو، "ڊول شهزادي جي سورن ڪان تہ هتي ڀڄي آيس، پر جند هتي بہ نہ ڇٽي." ملوڪزادي ڊول شهزادي جو نالو ٻڌي، هرڻيءَ کان ان بابت پڇڻ لڳي. هرڻيءَ ڊول شهزادي جي صورت ۽ ان جي ڏاڍائيءَ جي سڄي ڳالهہ ملوڪزاديءَ کي ٻڌائي. ملوڪزاديءَ چيو، "ڪنهن صورت ۾ اهو هت اچي سگهندو؟" هرڻيءَ جواب ڏنو، "هن ٻَچَ جي خدمت ڪر، تہ اهوئي وٺي ايندس."

اها ملوڪزادي اُها هئي، جنهن جي پيءُ سان ڊول شهزادي جي پيءُ جي دوستي هئي، ۽ هڪٻئي کي سڱ ڏيڻ جو وعدو ڪيو هئائون. ملوڪزاديءَ ان هرڻوٽي کي خوب پاليو. پهريائين باغ جي ٻاهران ڏهہ هٿَ ڪوٽ ڪڍايائين، ۽ دروازو بند ڪري هرڻ کي باغ جي اندر ڇيڪ ڇڏي

ڏنائين، -- جنان هو هڪڙي ڏينهن ٽِپُ ڪائي ٻاهر هليو ويو. شهزاديءَ جي ٻانهي پوءِ هن کي ڏتاري وري ڪوٽ ۾ وني آئي، ۽ شهزاديءَ هڪدم ڪوٽ جو هڪ هٿ وڌائي ڇڏيو.... ائين ٿيندي ٿيندي شهزاديءَ جيئن جيئن ڪوٽ کي هڪ هڪ هٿ وڌائڻ شروع ڪيو، تيئن تيئن هرڻ به ٽِپ

وڌائيندو ويو. جڏهن ڪوٽ ويهه هٿ اُوچو ٿي ويو، تڏهن ملوڪزاديءَ کي پڪ ٿي ته هرڻ هاڻي ڪافي طاقت وارو ٿي چڪو آهي؛ تنهن هرڻ کي چيو

تہ ”تون ڊول شهزادي جي بادشاهيءَ ۾ وڃ ۽ هن کي هتي وٺي اچ!“

هرڻ ماءُ کان موڪلائي هليو ويو. ۽ جڏهن ڊول شهزادي جي حد ۾ پهتو، تڏهن ڏٺائين تہ هرڻين جو هڪ وڏو ولر بيٺو آهي. سڀڪا هرڻي چوڻ لڳي: ”هي منهنجو مُڙس آهي!“ انهن ۾ جيڪا وڏي هئي، تنهن چيو: ”ترسو، مان فيصلو ٿي ڪريان.“ پوءِ هن کي چيائين: ”هڪڙي هڪڙي رات هرهڪ وٽ رهہ ۽ ڪڏهن ڪڏهن مون غريب کي بہ ياد ڪجانءِ!“ هن سڀني هرڻين کي چيو تہ ”مون کي بادشاهہ جو باغ ڏيکاريو، ۽ اوهان سڀ بيفڪر ٿي، هلي اُهو ڪائو.“ اُهي سڀ خوش خوش سندس پوئتان هليون؛ باقي بيڏڙي هرڻي، سا هن جي بہ اڳ ۾ هلڻ لڳي. جڏهن رات ٿي، تڏهن سڀ هرڻيون اچي باغ ۾ پيون، ۽ ٻيلي ناس ڪري ڇڏيائونس. اَسُر وقت سڀني کي چيائين: ”هاڻي اوهين سڀ هليون وڃو!“ تنهن تي سڀ هرڻيون هليون ويون. پوءِ پاڻ باغ ۾ بالم ٿي ويهي رهيو.

صبح جو مالهي اچي باغ گهمي، تہ سڄو سڄ ٿيو پيو آهي. رڳو هڪ سونن سڱن ۽ سونين ڇيرين سان هرڻ اندر ڏسڻ ۾ آيس؛ تنهنڪري چاهيائين تہ ’اهو سون انهيءَ هرڻ کان لاهي وٺان، ۽ پوءِ وڃي بادشاهہ کي اطلاع ڏيان.‘ مالهي ڊوڙي وڃي پنهنجي زال کي سڏي آيو، ۽ ان کي در وٽ بيهاري، چيائين تہ ”ٻانهون ڪنديري مضبوط ٿي بيهہ، تہ مان هرڻ کي، هوڏانهن وڃي هڪليان.“ مالهيءَ جي هڪلڻ تي هرڻ دروازي ڏانهن ستَ ڪئي، ۽ مالهڻ جي ٽنگن جي وچ مان گوهي ڏيئي نڪري ويو. مالهڻ ويچاري ڪِري پيئي. مالهي منهن مهتيندو، سڌو ڊول شهزادي وٽ ويو، ۽ سڄي حقيقت وڃي ٻڌايائينس.

ڊول شهزادو گهوڙي تي سوار ٿي، سنبو هٿ ۾ ڪٺي، ٿيو هرڻ جي پنيان روانو؛ ۽ گهوڙو ڊوڙائي يڪدم اچي ويجهو پيس. هرڻ رکيو پيرن تي زور تہ شهزادي بہ ڏني گهوڙي کي مُٺ. تمام گهڻو پنڌ انهن ڪلاڪن ۾ ڪٽجي ويو. نيٺ گهوڙو اچي ٿڪو. شهزادو بہ اچي ڪڪ ٿيو، پر هرڻ

پنهنجي ويجهو اچڻ ئي نہ ڏئيس. آخر ڏول شهزادي خيال ڪيو تہ 'الائي ڪيترو پنڌ پري نڪري آيو آهيان. گهر جو ڏگ هٿ ايندو، يا مفت ۾ رُلي مرندس!' سو ڪيڏندي ئي ڪمان ڪلهي مان ڇڪي اهڙو تير هنيائين، جو وڃي هرڻ جي ٽنگ ۾ لڳو. هرڻ ويهي رهيو، ۽ ڏول ڏانهن نهاري، چيائين: "اڙي شهزادا، باقي رڳو هڪ منزل جو پنڌ هو. پوءِ هلي مڱينديءَ جو منهن ڏيکاريانءِ ها!"

ڏول شهزادو ڳالهہ سمجهي ويو، ۽ يڪدم گهوڙي تان لهي، پنهنجو پٽڪو ڦاڙي، اُچي هرڻ جو زخم ٻڌائين، ۽ گهٽوئي پڇتايائين، ۽ هرڻ کان معافي پڻ گهريائين. پوءِ هرڻ کي چيائين: "تون رڳو رستو ڏيکاريندو هل، مان توکي گهوڙي تي کنيو ٿو هلان." پر هرڻ چيس تہ "تون پرواهہ نہ ڪر. اجا بہ تنهنجو گهوڙو مون کي پهچي نہ سگهندو!"

آخر ٻيئي هلندا هلندا، اچي ان ملڪ ۾ پهتا. هرڻ ڏٺو تہ سندس مالڪياڻيءَ انهيءَ باغ جي پٽ کي ڏهہ هٿ وڏيڪ اوساري ڪرائي ڇڏي آهي، ۽ ان جي مٿان وري لوهہ جون سيخون ٽنبائي ڇڏيون اٿائين! هرڻ ڏول شهزادي کي چيو: "يار، جيڪڏهن ٽنگ زخمي نہ ڪرين ها، تہ اهي ڪوٽ جهل ڪونہ ڏين ها، پر هاڻي الله توهار اٿيئي." ائين چئي وڃي زور سان ڇلانگ ڏنائين، پر پوئينءَ ٽنگ نہ ٻڌايس ۽ سيخ ۾ ٽنبجي ويهي رهيو، ۽ پساهہ پورا ڪيائين.

ملوڪزاديءَ جڏهن هرڻ کي ٽنگيل ڏٺو، تڏهن ڊوڙي آئي. جڏهن ڏٺائين تہ هرڻ جي پوئين ٽنگ زخميل آهي، تڏهن ڏاڍو ارمان ٿيس. چي، 'ناحق ڪوٽ تي سيخون هڻايم. خير، جيڪي ٿيڻو هو سو ٿيو.' پوءِ هرڻ کي اُتان لهرائي، ان جي مٿان ڇڇري نهرائي ڇڏيائين.

ڏول شهزادو جڏهن پنهنجي سهري وٽ ويو، تڏهن ان سندس ترار ڏٺي، جنهن تي ٻنهي دوستن جو وعدو لکيل هو. ترار ڏسڻ کانپوءِ، ڏول شهزادي جي شادي ملوڪزاديءَ سان ڪئي ويئي.

ڏول شهزادو شاديءَ جي شوق ۾ ايترو مشغول ٿي ويو، جو پيءُ، ماءُ به وسري ويس. هڪ رات خواب ۾ ڏسي ته سندس پيءُ، ماءُ پنندا ٿا وتن! چرڪ ماري، ڪلمو پڙهي، اُٿي ويٺو. زال پڇيس، "پلو ٿيئي، خير ته آهي؟" شهزادي خواب جي ڳالهه ٻڌايس. صبح جو، ڏول شهزادي سُهري ڪان پنهنجي وطن وڃڻ جي موڪل گهري، جنهن خوشيءَ سان اجازت ڏنيس.

ڏول شهزادو وڃڻ لاءِ سنبريو، ته زال به ساڻس گڏ هلڻ لاءِ سنبري بيني. ڏول شهزادي گهٽوئي ڪيس پليو ته رستي ۾ تڪليف آهي، پر هوءَ نه مڙي. پيڻ ڪي ويندو ڏسي، ڏول شهزادي جي سالي به وڃڻ لاءِ زور پريو. هو به جهل پل تي جهلجي نه سگهيو. چيائين، "مان ساندهه ان ڏينهن اُڃ جهلي ٿو سگهان، تنهنڪري ضرور هلندس!"

خير سان ٿيئي ڇڻا موڪلائي روانا ٿيا. جڏهن ٻنپهرن جو پند ڪيائون، تڏهن ڏول شهزادي جي سالي کي اڃي اُڃ ورايو! ڏول شهزادي کلندي چيس، "تو ته انن ڏينهن تائين اُڃ جهلڻ لاءِ چيو هو؟ هاڻي پاڻ ڇاڻ." پر ملوڪزاديءَ جي رت ريلو ڏنو، تنهن چيو، "ڪيئن به ڪري منهنجي ڀاءُ کي بچاءِ."

ڏول شهزادو انهن کي اتي ڇڏي، پاڻ پاڻيءَ جي ڳولا ۾ نڪتو. هڪڙي هنڌ ڏسي ته هڪ سائي ٻير بيٺي آهي. خيال آيس ته اتي ضرور پاڻي هوندو. سو هڪلي ويو اُتي. ڏسي ته هڪڙو پاڻيءَ جو تلاءُ آهي. پاڻيءَ جي مشڪ ڀري جڏهن ٻير جي هينان آيو، تڏهن خيال ڪيائين ته جهٽ کن ساهي پٽي وٺان: سو اُتي ئي ٻير جي هينان وڻ جي ٿڌيءَ ڇانو هينان ويهي رهيو. ويهندي ئي ننڊ جي ڳهر اچي ويس، ۽ اُتي ئي سُڪ ٿي ويو. خدا جي قدرت ڏسو، جو اُتي هڪ پيئٽو نانگ رهندو هو، تنهن ڏول شهزادي جي وات ۾ زهر وجهي کيس ماري ڇڏيو.

جڏهن ڏول شهزادي جي سالي ۽ ملوڪزاديءَ ڏٺو ته شهزادو ڪونه موٽيو، تڏهن سندس پير کڻي اچي انهيءَ تلاءُ تي نڪتا. ڏول شهزادي جي سالي ته ست ڪئي پاڻيءَ تي، باقي ملوڪزادي اچي مڙس کي اٿارڻ لڳي.

پلا هن کي تہ پکي ننڊ هئي، سو ڪيئن اُٿي؟ ويچاري ٽاڙهو ٽاڙهہ دانهون ڪرڻ ۽ روئڻ لڳي. ڏول شهزادي جي سالي تہ پيڻ ڏانهن نهاريو بہ ڪين، ۽ پاڻي پيئندي ڪيائين گهر ڏي منهن! ملوڪزادي ويچاري هڪ اڪيلي، ٻيو مڙس جو ڏک؛ اچي منجهي. جهٽ گذري، تہ ٻہ جوڳيسر اچي انهيءَ تلاءَ تي نڪتا. پاڻي پي، جيئن ئي چانو ۾ ويهڻ لاءِ ٻير ڏانهن آيا، تيئن ملوڪزاديءَ کي ڏسي عبرت ۾ پئجي ويا. پڇڻ تي ملوڪزاديءَ سڄو واقعو ٻڌايو. جوڳيسرن ڏول شهزادي کي ڏسي سمجهي ورتو تہ هن کي نانگ جي زهر ماريو آهي؛ تن يڪدم مَنڊ جي زور تي هن مان زهر ڪڍي ورتو. اتي شهزادي بہ پاسو ورايو، ۽ گهڙي رکي، ڪلمو پڙهي اُٿي ويهي رهيو.

جڏهن ملوڪزاديءَ سڄو قصو ٻڌايس، تڏهن جوڳيسرن کي گهڻوئي انعام ڏنائين، ۽ الله جا شڪرانا ادا ڪري ملوڪزاديءَ سميت اڳتي روانو ٿيو.

ڪن ڏينهن جي مسافريءَ کانپوءِ، نيٺ اچي پنهنجي ملڪ ۾ پهتا. ڏول شهزادي دل ۾ خيال ڪيو تہ 'سال ٿي ويا آهن، ملڪ جي الائي ڪهڙي حالت ٿي هوندي؟ تنهنڪري حال في الحال پڇا ڪجي؛ پوءِ جيئن هوندو ائين ٿيندو.' اها ڳالهہ ڳڻي، هو شهر جي ٻاهران اچي ترسيا. ڏول شهزادو ملوڪزاديءَ کي هڪ هنڌ لڪائي، پاڻ ويو شهر ۾. هڪ ماڻهو مليس، جنهن کان پڇا ڪيائين تہ "هن بادشاهيءَ جو بادشاهہ ڪير آهي؟ ۽ اهو ڪهڙيءَ طبع جو آهي؟" تڏهن اُن ماڻهوءَ ٻڌايس، "ادا، ڪهڙي ڳالهہ ٻڌايانءِ، تون شايد ڪو پرديسي آهين، نہ تہ هرڪو ڄاڻي ٿو تہ هتي هڪ انصاف وارو بادشاهہ رهندو هو. اوچتو ان جو پٽ ڏول شهزادو شڪار ڪندي گم ٿي ويو. بادشاهہ ان جي ڏاڍي ڳولا ڪرائي، پر هو هٿ نہ آيو. آخر بادشاهہ ان جي غم ۾ روئي روئي انڌو ٿي ويو. پوءِ جلد ئي وزير ڦري بادشاهہ ٿي ويٺو، ۽ بادشاهہ ۽ بادشاهہ جي راڻيءَ کي محلات مان لوڌي ڇڏيائين. بادشاهہ ويچارو تہ الائي ڪٿي وڃي ڪريو آهي، باقي

راڻي، سا ويچاري هيستائين پنندي رهي هئي. تيون ڏينهن جيڪا برسات پيئي هئي، تنهن ۾ مينهن کان بچڻ خاطر هڪ پت جي پر ۾ ويٺي هئي، جو مٿان اوچتو اها پت ڪري پيس، ۽ مري ويئي. هن ظالم بادشاهه کي جڏهن خبر پيئي، تڏهن حڪم ڪيائين ته 'ڏاندن جو جوڙو ڍڪائي، هر جي چوٽي راڻيءَ جي وات ۾ وجهي، ڍير تي اُڇلائي اچوس!' سو نيٺ ويچاريءَ کي ڍير تي اُڇلارائي ڇڏيائين، جتان خبر نه آهي ته سندس لاس ڪاڏي ويو!" ڍول شهزادي انهيءَ شخص کان پڇيو، "جي ڍول شهزادو اچي وجهي، ته پوءِ؟" هن جواب ڏنو، "تنهنجو وات گلاب، پر هو هاڻي ڪٿي ٿو اچي! جي اچي وجهي، ته جيڪر سڀ رعيت هن ظالم کي بُج بُج ڪري کوهي ڇڏي."

بئي ڏينهن ڍول شهزادي شهر جي پوڙهين پوڙهين کي خرچي ڏيئي چيو ته هو هرهڪ گهر ۾ اهو اطلاع خفيه نموني ۾ ڏيئي اچن ته "ڍول شهزادو اچي ويو آهي، ۽ سڀاڻي شام جو شهر ۾ ايندو!" ائين اها ڳالهه گهر گهر ۾ مشهور ٿي ويئي. صبح جو جيڪو ماڻهو جتان نڪتو، اُتان لٺ، بانو، لوڙهه، ڪهاڙي هٿ ۾ ڪيو آيو. آخر شام ٿيندي ئي سڄيءَ خلقت اچي شهر جو در ورتو..... ۽ ظالم وزير کي قتل ڪري ڍول شهزادي کي تخت تي ويهاريائون. بئي ڏينهن هڪ دائيءَ اچي شهزادي کي ٻڌايو ته "تنهنجو پيءُ مون وٽ لڪل آهي. اڄ جڏهن اهو ظالم خبيث وزير مري چڪو آهي، تڏهن اها ڳالهه ظاهر ٿي ڪريان!" ڍول شهزادي پيءُ کي گهرائي، ڳچيءَ لڳي ڏاڍو رُنو، ۽ انهيءَ دائيءَ جو گهر سون سان پري ڇڏيائين.

●●●

شهزور بادشاهه

آڳاٽي زماني جي ڳالهه ڪندا آهن ته هڪڙو ڪو بادشاهه هوندو هو، جو بهادريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هوندو هو؛ جهڙس ٻيو ڪو ورلي هوندو. نالو سندس شهزور هو، ۽ هو روزانو ڇا ڪندو هو، جو صبح جو سويل اُٿي، گزڪمان ڪڍي، پنهنجي زال وٽ ويندو هو، ۽ هن کي چوندو هو ته "تون وينديءَ کي هٿ سان نڪ تي سنئون ڪري جهل، ته آءٌ وچان ان جي تير لنگهايان!" پوءِ ڪمان ڪشي، تير ان وينديءَ مان لنگهائيندو هو، ۽ راڻيءَ جي نڪ کي ڪوبه نقصان ڪونه ٿيندو هو. پوءِ زال کان پڇندو هو ته "ڪيئن؟ دنيا ۾ مون جهڙو ڪو پهلوان هوندو؟" زال چوندي هيس ته "نه!" راڻي ويچاري انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ پيئي ڳرندي هئي ته 'ڪنهن ڏينهن انهيءَ تير وڳهي نه مري وڃان!' هڪڙي ڏينهن سندس ماءُ وٽس آئي، ۽ پڇيائينس، "ڇو ڌيءَ! روزانو ڳرندي پئي وڃين؟" راڻيءَ چيس ته "اما! منهنجو مڙس روزانو منهنجي وينديءَ مان تير لنگهائيندو آهي، ۽ مون کي ڊپ آهي ته ڪنهن ڏينهن، جي اهو تير لڳي ويم، ته مري وينديس. انهن ئي ڳڻتين ۾ ڳرندي ٿي وڃان." تڏهن ماڻس چيس ته "هاڻي تير هڻي، جڏهن تنهنجو مڙس توکان پڇي ته 'مون جهڙو ڪو ٻيو شهزور آهي؟' - ته تون چئجانس ته 'پلان پليءَ جو ڪو ڇيهه ئي ڪونهي.' پوءِ هو پاڻهي چوندو ته 'آءٌ وڃان ٿو پلان پليءَ جو ڇيهه ڏسڻ'... اهڙيءَ طرح تون هن روز روز جي موت کان بچي پونديئن."

ٻئي ڏينهن دستور موجب تير هڻڻ بعد، جڏهن شهزور راڻيءَ کان پڇيو ته "مون جهڙو ڪو ٻيو پهلوان آهي؟" تڏهن راڻيءَ چيس ته "پلان پليءَ جو ڇيهه ئي ڪونهي!" تڏهن شهزور ڪاوڙجي پيو، ۽ چيائين ته

"جيڪڏهن ائين آهي، تہ پوءِ آءٌ وڃان ٿو پلان پليءَ جو چيهہ ڏسڻ." زال توڙي متن مائٽن کيس گهڻوئي روڪيو، پر هن ڪنهن جي بہ نہ ٻڌي، ۽ تيار ٿي اُٿي روانو ٿيو.

شهزور بادشاهہ کي هلندي هلندي، رات اچي هڪڙي بيابان ۾ پيئي. تنهن رات، هو اُتي ترسيو، ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو اُٺي وري هلڻ لڳو. سڌ کن پنڌ جو اجا مس هليو، تہ ڏسي تہ هڪ نوجوان شخص آسمان ڏي نهاري، پيو هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي: اِيتري ۾ مٿان هڪ ڪونج اچي ڪري جا هن ڊوڙي وڃي ڪنئي! شهزور بادشاهہ نوجوان جي اها بهادري ڏسي عجب ۾ پئجي ويو، ۽ وٽس اچي چيائين، "دوست! تو جهڙو پهلوان تہ دنيا ۾ ڪو مشڪل هوندو!" تڏهن اُن ڪونج مار شخص چيس تہ "يار، بهادر تہ آهي شهزور بادشاهہ، جنهن جي پرپٺ مون ياري مڃي آهي!" اِتي شهزور بادشاهہ چيس تہ "اهو تہ مان آهيان." تڏهن ڪونج مار يڪدم پاڪر پائي، چيس تہ "جيڪڏهن اهو تون آهين، تہ پوءِ هاڻ جيڏانهن تون تيڏانهن مان." تڏهن شهزور چيس تہ "جيڪڏهن ائين آهي، تہ پوءِ هل- جيڪا تنهنجي مرضي." پوءِ ٻيئي دوست گڏجي اڳتي هلڻ لڳا.

اجا ٿورو پنڌ ڪري اڳتي پهتا، تہ ڏسن تہ هڪ ٻڪرار آهي، جنهن جي ڪلهي تي ٻبر جو وڻ آهي، پنن تي ڪانبي ۾ ٻڪرين جا ڦر اٿس، ۽ هٿن ۾ سٽيءَ جو ڍيرو اٿس، جنهن کي ڪتيندو ڏاڍي مزي سان پيو اچي! جڏهن هي هن جي ويجهو پهتا، تڏهن شهزور بادشاهہ چيس، "ميان! تو جهڙو پهلوان تہ دنيا ۾ ڪو ورلي ملندو!" تڏهن ٻڪرار وراڻيو تہ "ادا، پهلوان تہ شهزور بادشاهہ آهي، جنهن جي هاڪ ٻڌي، اوڏانهن پيو وڃان!" تڏهن شهزور ٻڌايس تہ "اهو تہ مان آهيان!" اهو ٻڌي ٻڪرار چيو تہ "ادا، جيڪڏهن اهو تون آهين، تہ پوءِ آءٌ بہ توسان: جيڏانهن توهين تيڏانهن آءٌ." اهڙيءَ طرح ٽيئي يار گڏجي اڳتي هلڻ لڳا.

ڪجهہ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ وري هڪ عجيب واقعو ڏٺائون. ڏسن تہ

هڪ نوجوان آهي، جو سؤ پُرھ اونهي کوھ جي تري مان کوڙر جو لپو امالڪ ٻاهر پيو اُڇلائي! تڏهن شهزور کي ڏاڍو عجب لڳو، ۽ چيائينس، "دوست! تون تہ وڏو بهادر ٿو ڏسجين!" تڏهن ان نوجوان جواب ڏنس تہ "ادا، بهادر تہ آهي شهزور بادشاھ، جنهن جي مون پرپٺ ياراڻي قبولي آهي!" اتي ان کي بہ ٻڌايائين تہ "اهو شهزور بادشاھ آءٌ آهيان." تڏهن انهيءَ نوجوان بہ وراڻيو تہ "جي اهو بادشاھ تون آهين، تہ پوءِ اوهان سان هلندس." پوءِ تہ چارئي ڄڻا گڏجي اڳتي هلڻ لڳا.

اڳتي هلي، هنن کي هڪ ٽَڪر ۾ اجهو ونڻو پيو. ان ٽڪر ۾ هڪ لوهار رهندو هو، جنهن جو نالو هو 'ٽڪر ٽاڪو لوهار.' ان لوهار، پنهنجي ٽڪرن جي وچ ۾ ويهي، هڪڙي ترار پئي ناهي، پر مٿس ٽڪرن بہ حملو پئي ڪيو: لوهار انهن ٽڪرن کي ٺونڻين سان ڌڪي پري جهليو بيٺو هو، ۽ ترار بہ پئي ناهيائين! اهو واقعو ڏسي، شهزور بادشاھ ۽ سندس يارن کي ڏاڍو عجب لڳو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هن جي ويجهو اچي سلام ورايائون، ۽ شهزور بادشاھ چيس تہ "ٻيلي! تو جهڙو پهلوان تہ ڪو ورلي ليندو!" اتي ٽڪرٽاڪو لوهار چيو تہ "ياءُ، پهلوان تہ آهي شهزور بادشاھ، جيڪو روزانو پنهنجي راڻيءَ جي وينڊي مان تير لنگهائيندو آهي، ۽ ان لاءِ ئي تہ هيءَ تلوار ناهي اٿم!" شهزور اها ڳالھ ٻڌي ڏاڍو سرهو ٿيو، ۽ چيائينس تہ "تون بيشڪ پهلوان آهين، توکي پلي مائٽن جائو. اهو شهزور بادشاھ جنهن جي تون تعريف پيو ڪرين، اهو آءٌ آهيان. هاڻي اها امانت جا تو مون لاءِ تيار ڪئي آهي، سا مون کي ڏي!" لوهار يڪدم تلوار ڪڍي شهزور جي حوالي ڪئي، ۽ پاڻ بہ سنيري انهن سان گڏ سفر تي تيار ٿيو.

پوءِ پنج ئي دوست گڏجي پيا. هلندي هلندي ٿوري پنڌ کان پوءِ، هنن کي هڪ ٻيو عجيب لقاءُ ڏسڻ ۾ آيو. ڏسن تہ هل جوان مڙس پنهنجي سٿڻ جا وَرَ پيو ڪڍي. هن کان پڇيائون تہ "ڇا ٿو ڪرين؟" چيائين تہ "آءٌ هنن سان هرڻ جهليندو آهيان، ۽ هينئر بہ ڪجھ هرڻ ٿاڙيا اٿم." ائين چئي

اوچتو وني دوڙ پاتائين، ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ ڏسن تہ هو بہ هرڻ جهليو پاڪر ۾ ڪنيو پيو اچي! هرڻ ڏسي، شهزور ڏاڍو خوش ٿيو، پوءِ هن کي بہ ساڳي حقيقت ٻڌائي، پاڻ سان ڪنيائون.

هلندي هلندي، ڪهندي ڪهندي، ڪين هڪ هنڌ رات پئجي ويئي. سيني کي بک بہ ڏاڍي اچي لڳي. شهزور بادشاهہ چين تہ "هاڻ توهان مان هڪ جڻو وڃي ڪنهن ويجهيءَ بستيءَ مان ٽانڊو ڪٽي اچي، تہ ڪو ڪاڌي جو بندوبست ڪريون." هونئن تہ هرڪو پنهنجي فن ۾ قابل ۽ پهلوان هو، پر پهريائين ڪونج مار همراهہ کي ٽانڊي ڪڻڻ لاءِ موڪليائون. جڏهن اُهو جوان ان بستيءَ ۾ پهتو، تڏهن ڏٺائين تہ ٽانڊي جو مچ پيو ٻري، ۽ هڪ پوڙهو فقير اتي وينو آهي. ڪونج مار همراهہ ايندي ئي هٿن سان ٽانڊو کڻڻ لڳو. تڏهن ان پير مرد چيس تہ "ابا، هي چمٽو پيو آهي، ان سان ٽانڊو کڻ!" ڪونج مار جوان سوچيو تہ پوڙهو چوي نيڪ ٿو، سو نوڙي چمٽو کڻڻ لڳو. فقير يڪدم سسيءَ ۾ هٿ وجهي ڪٽي گوڏن هيٺ هنيس.

جڏهن ڪونج مار جوان واپس نہ موٽيو، تڏهن هنن سمجهيو تہ 'هن ياري ڪانہ نڀائي، ۽ سنگت ڇڏي ڀڄي ويو.' آخر وري ٻڪرار کي ٽانڊي کڻڻ لاءِ موڪليائون، پر اهو بہ نہ موٽيو. ان کانپوءِ وري کوهہ واري همراهہ کي موڪليائون، ان سان بہ فقير ساڳي حالت ڪئي. ٿوريءَ دير کان پوءِ، لوهار ويو، پر اهو بہ واپس نہ موٽيو. جڏهن لوهار بہ واپس نہ موٽيو، تڏهن شهزور بادشاهہ سمجهيو تہ ضرور ڳالهہ ۾ ڪجهہ رولو آهي. سو، هرڻ واري همراهہ کي اتي ويهاري، پاڻ ٽانڊي کڻڻ لاءِ روانو ٿيو. شهزور بادشاهہ جڏهن اتي پهتو، تہ فقير کي وينل ڏٺائين. شهزور بادشاهہ سمجهي ويو تہ اها ڪيڏ مڙيئي هن فقير جي آهي: سو ويندي شرط ٻنان ڪنهن ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي پاسو وني ٽانڊو کڻڻ لڳو. فقير ٻين وانگر هن کي بہ چيو "ابا ائين هٿ سڙندئي- هي چمٽو ڪٽي، ان سان ٽانڊو کڻ!" شهزور هڪ تہ بادشاهہ، ٻيو پهلوان، تيئن وري کيس خدا عقل بہ ڪافي

ڏنو هو. سو ٽيڏي، اڪ ساڻ فقير کي به جاچڻ لڳو ۽ پٺي طرف هٿ وڌائي چمٽو به ڪٽڻ لڳو. فقير جو به هٿ هريو بيٺو هو. سو جيئن هٿ وڌائي شهزور کي ٽي جهليائين، تيئن شهزور بادشاهه ڦڙتائيءَ سان اٿندي نڪاءُ جو ڪٽي ٽڪڙ ڪرائينس، ته فقير سڄا ست قدم پري وڃي ڪريو، ۽ شهزور جا سڀ ساٿي هڪ هڪ ٿي فقير جي گوڏن مان نڪري اچي شهزور پيڙا ٿيا. فقير جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن سڌو اچي شهزور جي پيرن تي ڪريو، ۽ چيائينس، "تو مون کي پهرين ڇو نه ٻڌايو ته تون شهزور آهين؛ مان ته پرپٺ تنهنجو يار آهيان. جي هي مون کي ٻڌائين ته 'اسين شهزور جا ساٿي آهيون،' ته آءٌ هنن جي وار جو به نالو نه وٺان ها. پر هاڻي مون کي معاف ڪر، ۽ مون کي پنهنجو دوست سمجهه. هاڻ مان اجهو ٿو سيڌو ڪٽي اچان، پوءِ رڌي توهان به کائو، ۽ مون کي به کارايو."

اهو فقير ديون جو سردار هو، جو شهزور جي ڳولا ۾ ماڻهوءَ جي صورت ۾ فقير ٿي، اچي اتي ويٺو هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ، وٽس ڪا مشڪ جي دٻلي هئي، تنهن کي کوليائين؛ ته ديو ديو جي ذات اچي گڏ ٿي، ۽ اڪ ڇنب ۾ الائي ڪٿان ڪٿان ڇانورن جون ڳوٽيون، ۽ گيهه، مرچ، مصالحا ۽ ٻيا ٻانت ٻانت جا کاڌي جا سامان آڻي ڪنا ڪيائون. شهزور به وري اهڙي اهڙي ته لذيذ ماني تيار ڪئي، جو هو ديون جو سردار، جو ڪن ڏينهن جو ڪو بکايل هو، تنهن بنهه دل تي کائي ڪيو ڍؤ. اها رات اتي رهيا، ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو، ان "فقير" کي ساڻ وٺي، شهزور بادشاهه ساٿين سميت اتي پنڌ پيو.

هلندي هلندي هڪ نئين شهر ۾ اچي نڪتا. مڃاڻ تن ڏينهين ان شهر جي بادشاهه جو پٽ مري ويو هو؛ پر لاش کي جيڪي به ڪانڌي مقام تي ڪٽي ٿي ويا، اُهي واپس نه ٿي موٽيا. باقي لاش هر هر واپس موٽي ٿي آيو! انڪري بادشاهه جو حڪم هو ته جيڪو به ٻاهريون ماڻهو اچي، ته لاش ان کان کڻائي قبرستان ڏانهن موڪليو وڃي. سو هي ست ئي يار،

فقير سميت، سچ لٿي ساڻ جيئن ان شهر ۾ پهتا، تيئن بادشاهہ جي ماڻهن کين پڪڙي، وجي بادشاهہ وٽ پيش ڪيو. جنهن کين يڪدم لاش ڪٽائي ڪانڌي ڪري مقام ڏانهن روانو ڪيو. جڏهن شهزور بادشاهہ ۽ سندس ساٿي اُتي پهتا، تڏهن کين اُتي رات پئجي ويئي. شهزور ۽ سندس ٻيا ساٿي سمهي پيا، باقي پهرئين پهر لوهار پهرو ڏيڻ لڳو.

ٿوريءَ دير ڪان پوءِ، هڪ پوڙهو ڪن پٽ جوڳي آيو، جنهن اچي مرليون وڄائڻ شروع ڪيون. مرلين جي آواز تي لاش جي وات ۾ اچي گٿ پيئي، ۽ آهستي آهستي سندس بدن مان هڪ ڪارو نانگ نڪتو، جو مرلين جي وڄت تي ناچ ڪرڻ لڳو، ۽ شهزادو ڪلمو پڙهي، نوبنو ٿي اٿي ويهي رهيو. لوهار بہ سڀ لقاءُ پئي ڏٺو، تنهن وجهہ وني تلوار هڻي نانگ کي ماري وڌو، ۽ ڪڌ ڪوتي ڪٽي ان ۾ نانگ کي پوري ڇڏيائين. پوءِ پنهنجو پهريون پهر پورو ڪري، هرڻ واري همراهہ کي اُٿاري، شهزادو ۽ پاڻ ڇپڙي ڪري سمهي رهيا.

هرڻ واري همراهہ کي پهرو ڏيندي، اڃا ٿوري دير گذري هئي، تہ ڏسي تہ ٽي پريون لهي آيون ۽ هڪ چؤپڙ سنئين ڪري، ان تي ويهي راند ڪيڏڻ لڳيون. هرڻ واري همراهہ بہ وجہ وني هڪ ئي ڏڪ سان تنهي کي پورو ڪري، چؤپڙ ڪٽي ور ۾ هٽي ڇڏي، ۽ پوءِ پنهنجو پهرو پورو ڪري، وري فقير يعني ديون جي سردار کي اُٿاري پاڻ سمهي پيو.

فقير کي پهرو ڏيندي، اڃا ٿوروئي وقت ٿيو هو تہ ڏسي تہ ڪا شيءِ آهي، جا مقام ۾ هُل ڪريو بيني آهي. ويجهو وڃي ڏسي تہ هڪ ڏائڻ آهي، جا ڪنهن تازي مئل ماڻهوءَ جو هانءُ ڪڍيو پيئي کائي، ۽ دانهون نہ پئي ڪري. فقير بہ لڪي لڪي وڃي نڪا جو ڏڪ ڪرائيس، تہ ڏائڻ جو ساهہ نہ تو ڏنو نہ مون ڏٺو، جهڙي هئي ئي ڪانہ! آخر فقير بہ پنهنجي پهري جو وقت پورو ڪري، شهزور کي اُٿاري، پاڻ اچي سمهي رهيو.

شهزور بادشاهہ کي بہ اڃا گهڙي ڪن مس ٿي هئي، تہ سچي مقام

مان رڙين جا آواز اچڻ لڳس. شهزور بادشاهه به يڪدم ترار هٿ ۾ ڪٽي، انهن رڙين جي آواز ڏانهن هلڻ لڳو. جڏهن ويجهو پهتو، ته ڏسي ته ننڍن ٻارن جو گوڙ لڳو پيو آهي- سڀ پيا رڙيون ڪن. شهزور ڇوڪرن کان پڇيو ته "توهان سان ڪهڙي ويڌن آهي، جو رڙيون پيا ڪريو؟" تڏهن ڇوڪرن چيس ته "هاڻ ٿوريءَ دير ۾ ست سسيو راڪاس ايندو؛ پوءِ جيڪو به اسان ۾ تلهو ڏسندو، ان کي کائي ويندو. خدا جي واسطي اسان جي جان بچاءِ!" ايتري ۾ ست سِسيو راڪاس به اچي ڪڙڪيو. شهزور بادشاهه هڪ طرفان ٿي بيٺو، ۽ راڪاس جون ڦرئين ئي ڏک سان ست ئي سسيون لاهي ان کي ماري رکيائين، ۽ ان جو ڪن پڇ وڍي، ور ۾ هٽي، اچي سمهي رهيو.

آخر صبح ٿيو ۽ شهزور بادشاهه ۽ سندس ساٿي بادشاهه جي پٽ کي صحيح سلامت وني واپس موٽيا. جڏهن بادشاهه وٽ پهتا، تڏهن بادشاهه کي چيائون ته "جيڪڏهن اسين توکي تنهنجو پٽ بلڪل چڱو ڀلو ڪري ڏيون، ته پوءِ اسان کي ڪهڙو انعام ڏيندين؟" بادشاهه چيو ته "جي توهان مون کي منهنجو پٽ چڱو ڀلو ڪري ڏيو، ته آءٌ توهان کي اڌ راڄ ۽ اڌ ياڳ ڏيندس، ۽ پنهنجي وڏي ڌيءَ به توهان کي پرڻائيندس." سڀني اها ڳالهه منظور ڪئي، ۽ شهزور بادشاهه جي صلاح سان، شهزادي جي ٻانهن ان بادشاهه کي هٿ ۾ ڏيئي، سندس شهزادي ڪونج واري پهلوان کي پرڻايائون، ۽ شهزور بادشاهه جو خنجر هن کي نشانيءَ طور ڏيئي، پيو ٻڪرار به ان جي خدمت لاءِ اتي ڇڏي، پاڻ وري اڳتي هلڻ لڳا.

هلندي هلندي، هنن کي رات پئجي ويئي، پر هي هڪلينڌا هڪلينڌا نيٺ هڪ ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ اچي پهتا، ۽ هڪ هنڌ رهي پيا. فقير کي حڪم ڪيائون ته "تون ڪٺان سيڌو آڻ، ته ماني تيار ڪريون." ٿوريءَ دير ۾ فقير سيڌو آٽي حاضر ڪيو ۽ هرڻ واري همراهه ماني تيار ڪري ورتي.

مڃاڻ اتي ڪو ٻيو به راڪاس رهندو هو. ان ملڪ جو بادشاهه ان

راڪاس کي روزانو هڪ ڳاڏي چانور، هڪ سانهہ پاڏو ۽ هڪ ماٺهو ۽ اواڏو پاٽيءَ جو ڏيندو هو؛ تنهنڪري انهيءَ مصيبت کان بچڻ لاءِ باد شاهہ چوڏاري پڙهو گهمائي ڇڏيو هو تہ 'جيڪو بہ انهيءَ راڪاس کي ماريندو. ان کي اڌ راڄ، اڌ ڀاڳ، ۽ وڏي ڏيءَ پرڻائيندس!' سو جڏهن هرڻ واري همراهہ اها ماني تيار ڪري رکي، تڏهن اهو راڪاس "ٻلي" تي چڙهي آيو، ۽ هرڻ واري کي ٻڌي، سڀ ماني کائي ويو. جڏهن هن کان پڇيائون تہ "ماني ڪٿي؟" تہ هرڻ واري چيو تہ "ماني مون کائي ڇڏي!" تڏهن سيني چيس تہ "ادا! چڱو ڪيئي." ٻيءَ رات وري ٻئي کي ويهاريائون، ان سان اها حالت ٿي. ساڳيءَ طرح پوڙهي فقير تائين سيني سان اها حالت ٿيندي رهي، پر سڄي ڪنهن بہ ڪانہ ڪئي. آخري رات جڏهن شهزور باد شاهہ جو وارو آيو، تڏهن هو بہ طعام تيار ڪري ويهي رهيو، تہ ڪنهن مهل سڄيءَ جاءِ ۾ گهنگهرن جي آواز جو شور مچي ويو. شهزور وائڙو ٿي، هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو، تہ اينتري ۾ اهو ساڳيو راڪاس، جو روزانو شهزور جي ساٿين کان ماني کائي ويندو هو، سو آيو، ۽ روزانيءَ عادت وانگر ٻنان ڪنهن پچا ڳاڇا جي، اچي ٿانون جا ڍڪ لاهڻ لڳو. شهزور يڪدم ٽپ ڏيئي اٿيو، ۽ هڪل ڪري پڇيائينس تہ "ڪير آهين؟" تنهن تي اُن "ٻلي" تي سوار چيس تہ "آءٌ راڪاس آهيان؛ مون سان گوڙ نہ ڪر! جي پنهنجو خير گهرين، تہ مانُ ڪري ويهي رهہ؛ آءٌ نٿو گهران تہ ڪو تو جهڙو جوان منهنجي هٿان مري!" شهزور باد شاهہ ڪڙڪي سان چيس: "پر آءٌ تہ چاهيان ٿو تہ تو جهڙو منحوس منهنجي هٿان مري!" اها ڳالهہ ٻڌي راڪاس تپي باهہ ٿي ويو، ۽ اٿندي ئي شهزور تي وار ڪيائين، پر شهزور تہ اڳ ۾ ئي مڃيل پهلوان هو، تنهن وڇندي ئي ٻڪُ، بہ چار اندريان ٻاهريان ڄاڻنا جو هنيس تہ ٿان ڪري اچي هيٺ ڪريو؛ شهزور بہ ٽپ ڏيئي چڙهي وينس سيني تي، ۽ ترار ڪڍي ٿي ڪنائينس، تہ راڪاس چوڻ لڳس: "يار! تو مون کي دغا ڪري ڄاڻنا هٿي ڪيرايو آهي، اها ڳالهہ نيڪ نہ آهي!" پر

شهزور بادشاهه هٿندي ئي ترار اُتي ئي پورو ڪري رکيس. پوءِ سندس ڪن پڇ وڍي، سڌو اچي اُتي جي بادشاهه کي ثبوت طور ڏنائين، ۽ پوءِ ان کان اڌ راڄ اڌ ياڳ ورتي، هرڻ واري کي ڏنائين، ۽ بادشاهه جي ڌيءَ به هن کي پرڻايائين. پوءِ ان کي اتي ڇڏي، ۽ ڪوهه وارو همراهه هن جي خدمت لاءِ اتي مقرر ڪري، وري اڳتي هلڻ لڳا. هلڻ وقت هرڻ واري پهلوان کي هڪ ڪپ نشانيءَ طور ڏنائين، ۽ چيائنس ته "جڏهن هي ڪپ ڪتجي، ته سمجهج ته منهنجو خير ڪونهي."

هلندي هلندي، هنن کي هڪ ٻيلي ۾ رات پئجي ويئي، ۽ رات گذارڻ لاءِ لاچار هنن کي اتي ئي رهڻو پيو. انهيءَ ٻيلي ۾ هڪ آفت رهندي هئي، جنهن جي خوف کان شينهن شير خدا جا به ٻيلو ڇڏي ڀڄي ويا هئا. ان ٻيلي ۾ هڪ شهمير نالي ڏاڙيل به رهندو هو، جنهن شهر مان هڪ شهزادي کڻي اچي ان ٻيلي ۾ ويهاري هئي. ان رهزن وٽ ڪجهه مينهون ۽ هڪ ڪتو به هو، جن جي وسيلي هو انهيءَ خوفناڪ آفت کان پاڻ بچايو وينو هو. جڏهن شهزور بادشاهه ۽ سندس ساٿي، لوهار ۽ فقير، ٻيلي ۾ هلڻ لڳا، تڏهن ڪين اها جاءِ ڏسڻ ۾ آئي، جنهن ۾ اها راڻي رهندي هئي. ان وقت اهو ڏاڙيل مينهن چارڻ لاءِ جهنگ ۾ ويل هو، ۽ راڻي اڪيلي ان جاءِ ۾ ويني هئي. هي سڌو ان جاءِ ۾ گهڙي ويا، ۽ ان مائيءَ کي چيائون ته "اسين مسافر آهيون، ۽ ڏاڍي بک لڳي اٿئون: جيڪڏهن اسان کي ماني کارائيندينءَ، ته توکي ثواب ملندو!" راڻيءَ هنن کي ماني انهيءَ شرط تي کارائي ته 'ماني جهوليءَ ۾ وجهي کائيندا به وڃو، ۽ ڀڄندا به وڃو: ڇو ته ان شهمير بدمعاش وٽ جيڪو ڪتو آهي، سو ٻارهن ميلن اندر ڪنهن به مسافر کي جيئرو نه ڇڏيندو آهي.'

شهزادو ته ڪافي عقلمند هو، سو يڪدم هيءُ راز سمجهي ويو ته ضرور بدمعاش هن شهزاديءَ کي ڪٿان زوريءَ کڻي آيو آهي ۽ هيءَ معصوم زبردستيءَ پنهنجي جواني سورن ۾ پيئي ساڙي. ٿوريءَ دير کان

پوءِ شهزاديءَ هنن کي ماني تيار ڪري، آٽي ڏني ۽ کين پچڻ لاءِ هوشيار ڪيائين. شهزور باد شاهہ ماني ڪٽي ميل ٻن پنڌ تي وڃي، پنهنجي ساٿين کي سڏي صلاح ڪئي تہ ”هن شهزاديءَ کي انهيءَ آزار مان آزاد ڪري پوءِ اڳتي هلنداسون.“ اها صلاح ڪري، سيئي گڏجي هڪ وڻ تي چڙهي ويهي رهيا.

سج لٿي ڪانپوءِ، شهمير بدمعاش بہ مال ڪاهي گهر موٽيو. ڪتي ايندي شرط جو اتي ڌارين ماڻهن جا پير ڏٺا، سو پير سونگهندو اوڏانهن رخ رکيائين، جيڏانهن شهزور باد شاهہ ويو هو. شهمير ڏاڙيل بہ اهو رنگ ڏسي، گرز کڻي، ڪتي جي پويان وڃڻ لڳو: هلڻ وقت راڻيءَ تي بہ ڪجهہ ڪاوڙيو تہ ڌارين ماڻهن کي ڇو تي گهر ۾ اچڻ ڏنائين.

خير، قصو ڪوتاهہ، ڪتو پير سونگهندو اچي اتي پهتو، جتي شهزور باد شاهہ ۽ سندس ساٿي وڻ تي چڙهيا وينا هئا. ڪتي اچڻ سان وڻ تي ٽپ ڏيڻ شروع ڪيا، پر وڻ تي چڙهي نہ سگهيو، ۽ اتي ئي هيٺ ويهي سهڪڻ لڳو. شهزور باد شاهہ جي ساٿين جو تہ ساهہ ئي سڪي ويو هو، باقي شهزور باد شاهہ هوشيار ٿي سڀ رنگ جانچي رهيو هو. هن ڏٺو تہ هينئر ڪتو سهڪي پيو، پر ٿڪ پچي وري ٻُل ڏيڻ شروع ڪندو: اجا ان خيال ۾ هو، تہ سندس نظر اوچتو شهمير تي پيئي، جيڪو پريان گرز کڻيو پئي آيو، هن سوچيو تہ اهو ضرور اسان کي مارڻ پيو اچي، سو ڇا ڪيائين، جو اجا شهمير ان وڻ هيٺ پهتوئي مس، تہ مٿانس ڪٽي پنهنجي سامان واري هڙ اڇليائين. هڙ جي ڪرڻ سان ڪتي سمجهيو تہ مٿان ڪو ماڻهو ڪريو آهي، سو ڏيندي ٽپ هڙ تي چڙهي ويو، ۽ هٽندي چڪ شهمير جا آنڊا اوجهريون ڪڍي رکيائين. شهمير ويچارو اتي ڦٿڪي مري ويو، ۽ ڪتو وري وڃي پريان ڊب تي ويهي رهيو. شهزور باد شاهہ جي تہ مرضي اها هئي تہ هي بدمعاش مري، سو وجهہ وني ٽپ ڏيئي هيٺ لٿو، ۽ شهمير وارو گرز کڻي، نڪاءُ جو ڪرائي ڪتي کي، تہ ڪتو اتي ئي ڍير ٿي پئجي

رهيو.

ان وقت رات ٿي ويئي هئي، تنهنڪري هيءُ وري بہ وڻ تي چڙهي ويهي رهيا. اجا رات ٿوري گذري هئي، تہ هڪ بلي جهڙي آفت اچي ان وڻ هيٺ نڪتي، ۽ هنن کي وڻ تي وينل ڏسي، اها آفت وڻ تي چڙهڻ لڳي. شهزور بادشاهہ جڏهن آفت کي مٿي چڙهندو ڏٺو، تڏهن لڳي گرز هڻڻ، پر گرز جو هن تي ڪوبہ اثر نہ ٿيو- رڳو هيٺرو ٿيو، جو مٿي چڙهڻ کان بازي ڪري بيهي رهي. آفت جڏهن وڏيڪ مٿي نہ چڙهي سگهي، تڏهن بيهي ان وڻ جون پاڙون ڪوٽڻ شروع ڪيائين. قدرت سان، جڏهن پاڙون بيون پٽي دنگ ڪيائين ۽ باقي هڪ پاڙ رهي، سا جيئن زور ڏيئي ٿي پٽيائين، تيئن وڻ بہ تڙڪاٽ ڪري اچي ان آفت جي مٿان ڪريو، ۽ اها آفت اتي ئي ان وڻ هيٺان دٻجي مري ويئي. اها رات تہ اتي ئي ٽيئي ڄڻا ويچارا وڻ جي اوٽ ۾ لڪا وينا رهيا، پر صبح جو جڏهن ڏٺائون تہ آفت ان وڻ هيٺ مئي پيئي آهي، تڏهن ڏاڍا سرها ٿيا. پوءِ شهزور بادشاهہ ان جو ڪَن پڇ وڍي پاڻ سان کنيو، ۽ ٽئي دوست گڏجي شهزاديءَ ڏي وڃڻ لڳا.

ٿوريءَ دير ۾ هي ٽيئي ڄڻا اچي ان شهمير واري شهزاديءَ وٽ پهتا، ۽ شهزور بادشاهہ کيس ڪتي، شهمير ۽ آفت جي مرڻ وارو سمورو قصو ٻڌايو ۽ اهو بہ ٻڌايائينس تہ "منهنجو نالو شهزور بادشاهہ آهي." راڻيءَ هنن کي ٻڌايو تہ "آءٌ بہ هڪڙيءَ ولايت جي بادشاهہ جي ڌيءَ آهيان، پر بدقسمتيءَ سان هن شهمير بدمعاش مون کي آڻي هن جهنگ ۾ قِيد ڪيو آهي؛ پر وري بہ خدا جو شڪر آهي، جو توهان جي مدد مون کي هن ذاڙيل جي مصيبت مان ڇڏايو آهي."

شهزور بادشاهہ ان وقت ئي پنهنجي ساٿين کي سنيرائي، تيار ٿي، شهزاديءَ کي وٺي اچي ان ولايت ۾ پهتو، ۽ اتي جي بادشاهہ وٽ وڃي سندس ڌيءَ سندس حوالي ڪيائين، ۽ پي بہ سموري حقيقت ٻڌايائينس، ۽ پنهنجي بهادريءَ جي ثبوت لاءِ وري آفت جا وڍيل ڪن ۽ پڇ ڪڍي

ڏيڪاريائينس. باد شاهہ ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ سڄيءَ محلات ۾ عاليشان جشن ڪيائين، ۽ ان خوشيءَ جي موقعي تي اها شهزادي پڻ شهزور باد شاهہ کي عطا ڪيائين: جنهن وري اها شهزادي پنهنجي دوست لوهار کي پرڻائي. پوءِ لوهار کي اتي ڇڏي، باقي فقير کي پاڻ سان وٺي وري اڳتي روانو ٿيو.

هي ٻئي دوست پوءِ هلندي هلندي، جر جبل لتاڙيندي، هڪ اهڙي بيابان ۾ اچي نڪتا، جتي ماڻهوءَ جي تہ ڪا بوءِ ئي ڪانہ هئي. ان بيابان جي پاسي ۾ هڪ شهر هو، جنهن کي چوڌاري قلعو ٻڌل هو. ان ڪوٽ جو سؤ مڻ لوهي هڪ دروازو هو، جو سڄ لهڻ کانپوءِ بند ٿي ويندو هو، ۽ وري صبح جو کلندو هو. شهزور باد شاهہ، فقير کي ٻاهر ٻيهاري، جڏهن ان شهر ۾ اندر گهڙيو، تہ ڇا ڏسي تہ حلواين جا دوڪان تازي مٺائيءَ سان ڀريا پيا آهن، ڪپڙي جا دوڪان ڪپڙي سان ٽمٽار ٿيا پيا آهن، ميوات جا دوڪان تازيءَ ميوات سان ڏٽيا پيا آهن، پر سڄي شهر ۾ ڪو ماڻهوئي ڪونهي! هن کي ڏاڍو عجب لڳو، پر هي اڳتي هلندو ويو. ٿورو پنڌ ڪيائين، تہ هڪ عاليشان محلات نظر آيس، ۽ بسم الله ڪري گهڙي پيو ان محلات ۾. ڇا ڏسي تہ هڪ خوبصورت مائي تمام گهريءَ ننڊ ۾ ستي پيئي آهي. هيءُ مات ڪري هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو، تہ اوچتو هن جي نظر دريءَ تي اُڪريل هڪ منتر تي وڃي پيئي. اصل ڳالهہ هيءَ هئي تہ اهو منتر پڙهي، هڪڙو ديو ان راڻيءَ کي ننڊ ۾ سمهاري ويندو هو. سو شهزور باد شاهہ بہ اهو منتر پڙهي، جڏهن راڻيءَ تي شوڪاريو، تہ راڻي يڪدم اُٿي ويهي رهي. راڻي پهرين تہ ڪاوڙجي ويئي تہ 'ڪير آهين ۽ هتي ڇو آيو آهين؟' پر پوءِ پاڻ جهڙو انسان پنهنجي سامهون بيٺل ڏسي، هڪدم نرم ٿي ويئي، ۽ پيو شهزور باد شاهہ جي سونهن هن جي دل تي اثر ڪيو، سو ٿوري ئي وقت ۾ پاڻ ۾ رلي ملي ويا، ۽ هڪٻئي سان پنهنجا پنهنجا احوال اورڻ لڳا. ڪجهہ وقت کانپوءِ، راڻيءَ شهزور باد شاهہ کي چيو تہ "هاڻي

ديو جي اچڻ جي مهل ٿي آهي، تنهنڪري تون ڪٿي لڪي وڃ!" پر شهزور بادشاهه کيس دلاسو ڏيئي، چيو ته "تون ڊپ نه ڪر، الله مڙيئي چڱا ڪندو؛ تون رڳو ديو کي اچڻ ڏي!" پوءِ ته وري به ويهي پاڻ ۾ پيار محبت جون ڳالهيون ونڊڻ لڳا. آخر جڏهن ديو جي اچڻ جو گوڙ ٿيڻ لڳو، تڏهن راڻيءَ شهزور بادشاهه کي هڪ پيتيءَ ۾ لڪائي ڇڏيو.

جڏهن ديو آيو، تڏهن راڻيءَ کي اٿاري، هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو: "آدم بوءِ، آدم بوءِ!" شهزادي ويچاري پهرين ته ڏڪي ويئي، پر پوءِ چيائينس: "هتي ته آءٌ ئي هڪ آدمزاد آهيان، مون کي ئي ڪٿي کاءُ؛ باقي ٻيو ته هتي ڪير ئي ڪونهي." تنهن تي ديو ڏند ڪڍي کلڻ لڳو- ۽ پوءِ اچي شهزاديءَ سان پيار جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. راڻي به؛ شهزور بادشاهه جي چوڻ موجب، ديو سان بيدليا ناز نخرا ڪرڻ لڳي، ۽ چيائينس ته "سڄي عمر مون ۾ اعتبار ڪيئي، پر اڄ مون تي شڪ آڻي بي عزت ڪيو اٿئي!. ديو اتي شرمسار ٿي، راڻيءَ کان معافي گهرڻ لڳو. پر راڻي مڪر ڪري، سندس اچي روئڻ ۾ پيئي: نيٺ ديو پرچائڻ لاءِ اچي، جڏهن ڳراٽڙي پاتيس، تڏهن چيائينس ته "هن سڄ ۾ توکانسواءِ منهنجو ٻيلا ٻيو ڪير آهي؟ مٺ به ويا، مائٽ ويا، باقي آءٌ هت اڪيلي؛ خدا پيو خير ڪري، تون به وري هر روز و ٽين هلڻو ٻاهر! مون کي ڊپ آهي ته جيڪڏهن توکي ڪٿي ڪو ماري وجهي، ته پوءِ مان ته هتي دربدر ٿي ويندس!"

چوندا آهن ته مرد، جي جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي وڃي، ته به زال کيس چپٽيءَ جي اشاري سان لاهي سگهي ٿي؛ پر جي زال ڪنهن خسيس پٽر تي چڙهي ويهي رهي، ته مرد ڪيڏي به ڪوشش ڪري، ته زال کي نه لاهي سگهندو. سو، بيوقوف راڪاس به راڻيءَ جي مٺين ڳالهين تي ٽڙڻ لڳو، ۽ سمجهيائين ته 'هاڻ راڻي مون سان سچ پچ پيار ٿي ڪري؛ سو کيس چوڻ لڳو: "جاني، تون دلجاءِ ڪر، منهنجو مارجڻ ڪو اهڙو سولو نه آهي! جو ته منهنجو ساهه، هتان کان سو ميل پري، الهندي طرف هڪ

ڪوهہ آهي، جنهن جي مٿان سو مڻ ڳري ڇپ رکيل آهي ۽ ان ڪوهہ ۾ هڪ پڃرو آهي، جنهن ۾ هڪ چتون ويٺل آهي- ان چتونءَ ۾ آهي: جيسين اهو چتون نہ مرندو، تيسين مان بہ نہ مرندس. پر جيڪڏهن ڪو مون کي ماري بہ ڪٽي، تہ بہ منهنجو ٻول آهي تہ ان کي پنهنجي رت ۾ ئي ٻوڙي ماريندس. مون کي فقط شهزور بادشاهہ ئي ماري سگهندو، باقي ٻئي ڪنهن جي جاءِ نہ آهي." شهزادي اهي ڳالهيون ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي، ۽ شهزور بادشاهہ جو نالو ٻڌي هيڪاري خوش ٿي: پر ظاهريءَ طرح وري بہ ديو کي ياڪر پائڻ ۽ چمڻ چٽڻ لڳي، ۽ چيائينس: "منا، هاڻي مون کي پڪ ٿي تہ تون مون کي دل سان گهرين ٿو!"

خير، قصو ڪوتاهہ، صبح ٿيڻ تي، راڪاس تہ روز وانگر هليو ويو. پوءِ شهزاديءَ شهزور بادشاهہ کي پيتيءَ مان ڪڍيو، ۽ رات واري سڄي حقيقت کيس ٻڌايائين. شهزور بادشاهہ ڳالهہ ٻڌي، يڪدم ڪوهہ ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيو، ۽ وڃڻ وقت شهزاديءَ کي هڪ منڊي نشاني ڏنائين ۽ چيائينس تہ "جيڪڏهن هيءَ منڊي ڪاري ٿي وڃي، تہ سمجهجانءِ تہ شهزور مر ويو."

شهزاديءَ کي الوداع چئي، شهزور بادشاهہ ڪوهہ جو رخ رکيو، ۽ ڪهندي ڪهندي، منزلون ڪندي، آخر اچي ان ڪوهہ وٽ پهتو. پهلوان تہ اڳ ۾ ئي هو، سو خدا کي ياد ڪري، نڪا جو سؤ مڻيءَ ڇپ کي ٺڏو ڪرايائين، تہ ڇپ سؤ قدم وڃي پري ڪِري! پوءِ اندر هٿ وجهي، يڪدم پڃري کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين، ۽ پڃرو ڪڇي وري واپس راڻيءَ ڏانهن رخ رکيائين.

هيڏانهن ديو کي جا خبر پئي تہ هن جو ساهہ ڪنهن جي مُٺ ۾ اچي ويو آهي، سو بہ ڏوڪيندو آيو. شهزور بادشاهہ بہ ڪاهيندو اچي راڻيءَ وٽ پهتو، ۽ اتي پهچڻ سان چتون ڪڍي ان جي هڪ ٽنگ پٽيائين، تہ راڪاس جي هڪ ٽنگ پڃي پيئي: پر تہ بہ ديو هڪ ٽنگ تي هن کي مارڻ

لاءِ سامهون ڪاهيندو آيو. شهزور باد شاهه وري چتونءَ جي ٻي ٽنگ پٽي، تہ وري ديو ڀيَر تي ڏوڪيندو هن جي ويجهو پڻ لڳو. اتي شهزور باد شاهه چتونءَ جي ٻهرين هڪڙي ڪنيڙاتي، پوءِ ٻي، پوءِ آخر ڳچي پٽي ڪٽي پٽ تي هنئي، تہ ديو بہ ڍير ٿي اُتي ئي ڪِري پيو.... پر سندس رت چوڏاري، ڦوهارا ڪري وهڻ لڳو! اتي شهزور ۽ شهزادي دروازا بند ڪري ويهي رهيا، ۽ ٽن ڏينهن-کان پوءِ جڏهن ديو جو رت سڪو، تڏهن هيءُ دروازو کولي ٻاهر نڪتا.

شهزور يڪدم فقير کي پاڻ وٽ گهرايو. جڏهن فقير شهزور وٽ پهتو، تڏهن هن ڪيس محلات تي ٻهري ڏيڻ لاءِ چاڏيو پر فقير، جيڪو اصل ۾ ديو هو، تنهن جو ڇهن مهينن جي ننڊ جو مدو پرجي آيو، سو شهزور کان اجازت وٺي، سنئون نئون ٿي سمهي رهيو. سمهڻ وقت شهزور کي چيائين تہ "جيڪڏهن ڪا بہ مشڪل اچي وجهي ۽ منهنجي مدد جي ضرورت پوي، تہ پوءِ هي لوهہ جا ٻہ گولا منهنجي نڪ ۾ وجهي نوڪجو تہ آءٌ سجاڳ ٿي پوندس، ڇو تہ پوءِ منهنجو ساهہ اچي مِنجهندو، پر جنهن وقت آءٌ اٿان، ان وقت منهنجي منهن کان پري ٿجو، ڇو تہ اُٿڻ سان آءٌ ڇڪ ڏيندس، جنهن ڪري اهي گولا زور سان نڪ مان نڪرندا- متان اهي توهان مان ڪنهن کي لڳن ۽ هو مري پوي!"

قصو ڪوتاهہ، فقير تہ سمهي پيو: باقي راڻي ۽ شهزور باد شاهہ پنهنجي محلات ۾ مزي جا ڏينهن گذارڻ لڳا. قدرت سان ان شهر جي پر ۾ ٻيو بہ هڪ شهر هو، ۽ اتي جو باد شاهہ بہ ان شهزاديءَ تي اڳ ۾ ئي کو عاشق هو: پر جڏهن ان شهزاديءَ کي ديو کٽي ويو، تڏهن هيءُ لاچار ماٺ ڪري ويهي رهيو هو. پر جڏهن ڪيس اها خبر پيئي تہ هاڻي ان ديو کي ڪنهن راهگير شخص ماري، راڻيءَ کي پنهنجي قبضي ۾ ڪيو آهي، تہ هن کي وري راڻيءَ جي هٿ ڪرڻ جو خيال ٿيو. آخر گهڻي سوچ ويچار کانپوءِ، هن هڪ ڏوتي راڻيءَ ڏي موڪلي، تہ جيئن اها وڃي راڻيءَ کي هٿ ڪري

اچي.

ڏوتي بہ بنهہ ڪا استاد هئي! سو ايندي شرط، هن ڳالهين ۾ ئي راڻيءَ کي ريبي، ڪٿي پنهنجو ڪيو، ۽ اتي ئي راڻيءَ وٽ پورهيت ٿي ڪمائڻ لڳي. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ، ڏوتيءَ راڻي کي چيو تہ ”تون پنهنجي مڙس، شهزور کان پڇ تہ سندس ساهہ ڇا ۾ آهي؟“ تڏهن راڻيءَ ڪلي چيس، ”ساهہ هوندس پيٽ ۾، ٻيو وري ڇا ۾ هوندس؟“ اتي ڏوتيءَ چيس، ”چري! توکي ناهي خبر، پهلوانن جو ساهہ هميشہ ڪنهن ٻيءَ شيءِ ۾ هوندو آهي. جيڪڏهن تنهنجو مڙس توکي دل سان گهرندو هوندو، تہ اها ڳالهہ توکان ڪڏهن ڪين لڪائيندو.“ چوندا آهن تہ زالون زالن جو وياءُ، سو يڪدم هوءَ ڏوتيءَ تي وسهي ويئي.

جڏهن رات ٿي، تہ راڻي ڪارا ڪپڙا ڍڪي، اونڌي کٽ ڪري، سمهي رهي. شهزور جڏهن راڻيءَ کي هن حالت ۾ ڏٺو، تڏهن پڇيائينس تہ ”آخر ڳالهہ ڇا آهي، جو يڪدم پنهنجا هيءَ حال ڪٿي ڪيا اٿئي؟“ تڏهن راڻيءَ روئيندي چيس، ”جيڪڏهن تون مون کي گهڻو گهرين ٿو، تہ مون کي ٻڌاءِ تہ تنهنجو ساهہ ڇا ۾ آهي؟“ شهزور سمجهي ويو تہ هيءُ عقل هن کي ضرور ڪنهن دشمن ڏنو آهي، سو راڻيءَ کان پڇيائين تہ ”اها مت توکي ڪنهن ڏني آهي؟“ راڻيءَ ٻڌايس تہ ’پوڙهيءَ نوڪرياڻيءَ.‘ اتي شهزور ڏوتيءَ جي سڄي چالاڪي سمجهي ويو؛ پر شهزاديءَ کي دلاسو ڏيندي، چيائين، ”منهنجي پياري راڻي! جيڪڏهن پنهنجي محبت سچي آهي، تہ ڪوبہ پنهنجو وار ونگو ڪري نہ ٿو سگهي، پر اها منهنجي نصيحت ياد رک تہ هن پوڙهيءَ کان پاسو ڪج؛ باقي منهنجو ساهہ هن ترار ۾ آهي.“

شهزاديءَ اها ڳالهہ ڪنهن طرح ڏوتيءَ سان ڪري وڌي، جنهن ان ڏينهن کان ڇيٽا چوندڻ شروع ڪيا، ۽ ٻن چئن ڏينهن ۾ هڪ ڪوني ڇيٽن سان ڀري ڇڏيائين. آخر هڪ رات، شهزور کي ستل ڏسي، سندس ترار ڪسڪائي ورتائين، ۽ ان ڇيٽن واريءَ ڪونيءَ کي باهہ ڏيئي، ترار ڪٿي ان ۾

اڇلايائين... تہ شهزور جيئن ستو پيو هو، تيئن وري نہ اُٿيو. فقير تہ اڳ ۾ ئي ڇهن مهينن جي ننڊ ۾ ستل هو. سو، ڏوتيءَ زبردستيءَ راڻيءَ کي گهلي وڃي عذاب ۾ هنيو.... ۽ اهڙيءَ ريت هن کي ڪنيي، اچي ٻئي بادشاهہ جي حوالي ڪيائين.

بادشاهہ راڻيءَ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ڏوتيءَ کي ڏاڍا انعام اڪرام ڏيئي، خوش ڪري، روانو ڪيائين. پوءِ اچي راڻيءَ کي چيائين تہ "شاديءَ لاءِ يڪدم تيار ٿيءُ!" اتي راڻيءَ هن کي چيو تہ "اسان ۾ جنهن جو مڙس مري ويندو آهي، اها ٻارهن مهينا عدت ۾ ويهندي آهي؛ توهان ٻيو نہ، تہ بہ ڇهہ مهينا مون کي ڇڏيو؛ پوءِ آءٌ توهان سان شادي ڪنديس." بادشاهہ بہ سوچيو تہ 'هاڻ هن جو ڪهڙو واهرو آهي، جو اچي هن کي ڇڏائيندو!' سو هن کي خوشيءَ سان ڇهن مهينن جي موڪل ڏنائين.

ٻئي طرف ڪونج واري همراهہ کي بہ پنهنجي ساٿين کان ٽئي اچي ٻارهن مهينا ڪن ٿيا هئا، ۽ ٻيو وري جو ڏنائين تہ سندس يار جي ڏنل نشاني بہ ڪاري ٿي ويئي آهي، سو ڊپ ۾ پرجي، اتي هن جي ڳولا ۾ نڪتو. ڪهندي ڪهندي، نيٺ اچي هرڻ واري همراهہ کي هٿ ڪيائين. پنهنجي ساٿيءَ کي ڪمهلو آيل ڏسي، پهرين تہ هو اُٺ ترڻ ۾ پئجي ويو، پر پوءِ آڌر ڀاءُ ڪري، ڪيس ويهاري، خبرون چارون پڇڻ لڳس. ڪونج واري ٻڌايس تہ "شهزور جو هيءُ نشانيءَ طور ڏنل خنجر ڪارو ڏسي، سمجهيم تہ هو ڪنهن مصيبت ۾ آهي؛ سو ان جي مدد لاءِ نڪتو آهيان، ٻيو مڙيئي خير." اتي هرڻ وارو همراهہ بہ ڊوڙي وڃي شهزور بادشاهہ واري ڏنل ٽڪي کي پيتيءَ مان ڪڍي ڏسي، تہ اهو بہ ڪارو ٿيو پيو آهي. پوءِ تہ ٻيئي دوست راتو واهہ اتان اٿي پڳا، ۽ هلندي هلندي اچي لوهار وٽ پهتا. لوهار هنن کي ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو، پر جڏهن هنن کيس حقيقت ٻڌائي، تہ ويچارو هي بہ ڳڻتين ۾ پئجي ويو. وري اندر وڃي ڏسي تہ منڊي، جا کيس شهزور ڏني هئي، سا بہ ڪاري ٿي پيئي آهي، پوءِ تہ وار ئي ڪاندارجي

ويس، ۽ انهيءَ وقت ئي تيئي دوست سنيري نڪتا سفر تي.

هلندي هلندي آخر اتي اچي پهتا، جتي شهزور ۽ فقير ستل هئا، هنن شهزور کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن هو نہ اٿيو، تڏهن لوهار کي ڪجهہ شڪ پيو، ۽ هو يڪدم پيتيون کولي شهزور جي ترار ڳولڻ لڳو. جڏهن اها نہ لڌيس. تڏهن پنهنجي ساٿين کي چيائين تہ "پهرين ڪيئن بہ ڪري ترار ڳوليو!" پوءِ تہ يڪدم سيئي ترار جي ڳولا ۾ لڳي ويا.وهار ڳي، ڏسي تہ هڪڙي ڪوني سڄي چيٽن جي رک سان پري پئي آهي: هن يڪدم ان ۾ گهڙي هٿوراڙيون ڏنيون، تہ ترار هٿ ۽ حي ويس! پوءِ تہ يڪدم اچي ان کي صاف ڪرڻ وينو. ترار جو جڏهن هڪ پاسو صاف ٿيو، تہ شهزور هڪ پاسو ورايو، ۽ جڏهن ٻيو پاسو بہ صاف ٿي ويس، تہ يڪدم سمو پڙهي اٿي ويهي رهيو، ۽ پنهنجا ساٿي اتي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو . . . ڏيئي اٿي، انهن سان ڀاڪر پائي ملڻ لڳو. پوءِ پنهنجي سڄي حقيقت ساٿين کي ٻڌايائين، جنهن تي لوهار چيس، "تو تہ بيوقوفن جهڙو ڪم ڪيو، جو اهو راز راڻيءَ کي ٻڌايئي، پر خير! هاڻي هن فقير کي اٿار، تہ راڻيءَ جي ڳولا ڪريون." شهزور ڪين چيو تہ "هي بہ لوهي گولا ڪٿي نڪ ۾ نوڪي وجهوس!" پوءِ هنن اهي بہ گولا نوڪي فقير جي نڪ ۾ وڌا. تہ يڪدم هو ٿپ ڏيئي اٿي وينو، ۽ وني جو ڇڪ ڏنائين، تہ گولا سندس نڪ مان نڪاءُ ڪري ٻاهر نڪتا، ۽ سامهون واريءَ پٽ کي بہ چيري، وڃي ٻاهر ڪريا. فقير هنن کان ڪچيءَ ننڊ مان اٿارڻ جو سبب پڇيو. شهزور بادشاهہ کيس سموري حقيقت ڪري ٻڌائي، ۽ چيائينس تہ "هاڻي راڻيءَ کي ڳولڻ جو بندوبست ڪر." پوءِ تہ فقير اوڏيءَ مهل ئي اتي راڻيءَ جي تلاش ۾ روانو ٿيو.

هلندي هلندي، فقير اچي نيٺ انهيءَ ملڪ ۾ پهتو، جتي راڻي بند هئي. پوءِ هٿ ۾ هڪ ڪشتو ڪٺي، در در پنندو، اچي راڻيءَ جي محلات جي در تي بيٺو. جڏهن اتان خيرات وٺڻ لاءِ صدا هنيائين، تہ راڻيءَ هن کي سڃاڻي ورتو، ۽ اچي پڇيائينس تہ "تون هتي ڪيئن آئين؟" فقير چيس تہ

"آءٌ توکي ونڻ آيو آهيان، پر هاڻ تون هيءَ اٽڪل ڪر، جو بادشاهه کي چئو تہ توسان شادي ڪري؛ پوءِ شاديءَ جي ڏينهن، جڏهن بادشاهه جون سڀ عزيزياڻيون وغيره اچي محلات ۾ گڏ ٿينديون، تڏهن محلات کي ڏيندس مٿو، پوءِ سڏو هلي شهزور بادشاهه وٽ تڪرنداسون." راڻيءَ کي اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي، سو فقير سان ڳالهہ پڪي ڪري، سڏو ويئي بادشاهه ڏانهن.

راڻيءَ بادشاهه کي اچي چيو تہ "هاڻي آءٌ توهان سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان!" بادشاهه جي الله ٻڌي، سو يڪدم اٿي تياريءَ ۾ لڳو، ۽ سڄي شهر ۾ جشن ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. آخر شاديءَ جي رات بادشاهه جون عزيزياڻيون ۽ اها ڏوتي وغيره سڀ اچي بادشاهه جي سينگاريل محلات ۾ گڏ ٿيون. فقير بہ نڪا ڪئي هم نڪا تم، يڪدم ڏيندي مٿو محل کي گهڙين ۾ اچي شهزور بادشاهه وٽ محل ڪڙڪايائين. جڏهن بادشاهه ٻڌو تہ سندس محل ۽ عزيزياڻيون سڀ غائب آهن، تہ مٿان ٿي اهڙو تہ پٽ تي ڪريو، جو وري ڪونہ اٿيو.

شهزور بادشاهه پنهنجي راڻيءَ کي صحيح سلامت پاڻ وٽ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ دوڙي اچي هڪٻئي کي ڀاڪر پاتائون. ڏوتيءَ کي ان وقت ئي ان ديو سان پرڻائي روانو ڪيائون، ۽ باقي ڏوتيءَ سان آيل لشڪر کي بہ فقير جي حوالي ڪري، پاڻ واپس موٽڻ لڳا.

شهزور بادشاهه، رستي ۾ پنهنجي راڻي پاڻ سان ونئي، باقي ٻين دوستن، کي پنهنجي بادشاهيءَ ۾ ڇڏيندو، اچي واپس پنهنجي وطن پهتو. سندس پهرين راڻي تہ سندس جدائيءَ ۾ گهڻو وقت ٿيو مري ويئي هئي، باقي سندس ماءُ پيءُ پنهنجي پٽ کي ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيا. پوءِ تہ ملڪ ۾ هر هنڌ جشن ۽ خوشيون ۽ خيرخيرات ٿيڻ لڳا، ۽ شهزور بادشاهه ۽ شهزادي بہ باقي عمر سک سانت ۽ مزي خوشيءَ ۾ بي اونا ٿي گذارڻ لڳا.

●●●



لال ملوڪ بادشاهه

هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪڙو ڪو غريب شخص رهندو هو. هڪ سال ملڪ ۾ اچي ڏڪار پيو، سڀ ماڻهو ڪنهن ٻئي آباد ملڪ ڏانهن ڀڄي ويا، تڏهن هن غريب شخص به اوڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو، ۽ گهران زال ۽ پٽ سميت سنپيري روانو ٿيو. واٽ تي هنن کي اچي بک لڳي. غريب شخص دل ۾ خيال ڪيو ته 'اَن جو ڪڻو به ڪونهي، ڇو نه ڇوڪري کي کهي ان جو گوشت کائون ۽ اڳتي هلڻ جهڙا ٿيون.' هن اها ڳالهه پنهنجي زال سان ڪئي، جنهن پهرين ته ناڪار ڪئي، پر چوندا آهن "بک ٻڇڙو ٽول، دانهه ديوانا ڪري" ، سو آخر زال به هائوڪار ڪئي. غريب شخص ڇوڪري کي وٺي، پري ڪنهن پاسائينءَ جاءِ تي پهتو. ڇوڪر کي سمهاري ڪهڻ تي هو، ته ايتري ۾ پرسان پيل هڪڙي مئل هرڻ تي نظر پيس، جنهن کي ڪنهن شينهن ماري اڌ کائي ڇڏيو هو ۽ باقي اڌ اوباري اتي ڇڏي ويو هو.

تڏهن ڇوڪري کي ڇڏي، انهي هرڻ کي ڪٽڻ ويو... ۽ وري اچي ڏسي ته ڇوڪرو آهي ئي ڪونه! سمجهيائين ته ان کي اهوئي شينهن کڻي ويو هوندو، جنهن هرڻ کي ماري اتي ڇڏي ڏنو هو. پوءِ ڇا ڪيائين، جو هرڻ جي کل لاهي: ڪجهه گوشت پچائي پاڻ کاڌائين، ۽ ڪجهه زال وٽ کڻي آيو. ويچاريءَ زال اهو ڏسي چيو: "هاءِ افسوس! هيءُ منهنجي ٻچڙي جو گوشت آهي؟ آءٌ نه کائيندس." غريب شخص جواب ڏنو ته "هيءُ گوشت ڇوڪري جو نه آهي." تنهن تي زال پڇيو: "پوءِ ڪنهن جو گوشت آهي؟ تڏهن منهنجو ٻچڙو ڪٿي؟" غريب شخص چيو: "پريان ٽڪر جي اوٽ ۾ ڇوڪري کي سمهاري ڪهڻ وارو هوس، ته پرسان مئل هرڻ ڏٺم: ڇوڪر کي اتي ڇڏي ان کي ڪٽڻ ويس، ته انهيءَ وچ ۾ ڇوڪر کي ڪو شينهن کڻي ويو، ۽ آءٌ انهيءَ هرڻ جو هيءُ گوشت کڻي آيو آهيان." زال اهو گوشت پچائي کاڌو، ۽ پنهنجي مڙس کي چيائين: "مون کي هلي اها جاءِ ڏيکار- ضرور انهيءَ ٽڪر ۾ ڪٿي اوسي پاسي شينهن جو غار هوندو.". ٻئي ڄڻا گڏجي اتي آيا، ۽ ٻُولا ڪندي شينهن جو غار ڏٺائون، پر ڇوڪرو ڪونه لڌن. ڇوڪري جي پنيءَ جا نشان سو بينا هئا، ۽ پرسان شينهن جي پيرن جا نشان ڏٺائون، جنهن مان پڪ ٿين ته شينهن ڇوڪري کي ڇُر اندر گهلي ويو آهي. اهو ڏسي، ٻيئي ڄڻا، ٻي ڪا واهه نه ڏسي، نا اميد ٿي هليا ويا، ۽ چيائون ته "هاڻ ڪٿي ڇوڪر جو پاڳ." زال ۽ مڙس سمجهيو ته شينهن ڇوڪر کي کائي ويو هوندو، سو آسرو پلي روانا ٿيا.

انهيءَ غار ۾ هڪ شينهڻ پنهنجن ٻچن سان رهندي هئي، اها هن ڇوڪري کي به ڪير پيارينڊي هئي: جنهنڪري شينهڻ جا ننڍڙا ٻچا به هن سان هري مري ويا. ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ، جڏهن اهي شينهڻ جا ٻچا ۽ ڇوڪر وڏا ٿيا، تڏهن غار مان ٻاهر نڪري شڪار ڪرڻ ويندا هئا. اهي بادشاهه جي ٻڪرين جي ڌڻ تي اچي هريا، سو روزانو اتان ٻڪريون شڪار ڪري کڻي ايندا هئا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، جڏهن بادشاهه کي

خبر پيئي تہ شينهن جا ٻچا رات جو واڙ مان ٻڪريون ماريو ڪٽيو تا وڃن. تڏهن بادشاهہ واڙ جي چوڌاري هڪڙو وڏو لوهي ڪوٽ اڏايو. جيئن تہ واڙ مٿان ڪليل هئي، شينهڻ جا ٻچا ۽ چوڪرا هو ڪوٽ بہ ٽپي هر روز ٻڪريون ڪٽي ويندا هئا. بادشاهہ خيال ڪيو تہ لوهہ جي ڪوٽ جي ڪري بہ ٻڪرين جو بچاءُ ٿي نہ سگهيو، سو ڇا ڪيائين، جو ڪوٽ جي چوڌاري اونهي کاهي کٽائي ڇڏيائين. رات جو شينهڻ جا ٻچا تہ کاهي ٽپي ويا، پر چوڪر ٽپي نہ سگهيو، ۽ کاهيءَ اندر ڪِري پيو ۽ ٻاهر نڪري نہ سگهيو. صبح جو بادشاهہ جا ماڻهو آيا ۽ اچي ڏٺائون تہ کاهيءَ اندر هڪڙو چوڪرو پيو آهي، جو شينهن وانگر گوڙيون پيو ڪري. اها حالت ڏسي، اهي سڀ ڊڄي ويا، ۽ چيائون: ”هيءُ ماڻهوءَ جو ٻچو شينهن جي گجگوڙ ڪيئن ٿو ڪري!“ اها حقيقت وڃي بادشاهہ کي ٻڌايائون. بادشاهہ چيو تہ ”هڪڙو دهل، ڪپڙا ۽ رسيون کڻي وڃو؛ دهل وڄائي، ان ماڻهوءَ جي ٻچي

کي ڊيڄاريو، جنھن تي ڪا ھيءَ مان نڪرڻ لاءِ ھو اُتي بولاٽيون ڪائيندو ۽ ٽپا ڏيندو. پوءِ جڏھن ٽپا ڏيئي ڏيئي ساٽو ٿي ڪري پوي، تڏھن ڪپڙن سان ڍڪي، رسين سان ٻڌي، قابو ڪري وٺي اچوس." نوڪرن، بادشاھ جي حڪم جي تعميل ڪئي، ۽ ھن کي ٻڌي سوگھو ڪري، بادشاھ وٽ وٺي آيا. بادشاھ ڪيس ھڪڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪرائي، قلف ڏيارائي ڇڏيو. انھيءَ جاءِ ۾ ھڪڙي دري ھئي، جتان ھن کي ماني ۽ پاڻي ڏيندا ھئا. اھڙيءَ طرح ڪجھ ڏينھن ڪانپوءِ، ھو ماڻھن جون ڳالھيون ٻڌي ٻڌي، ڳالھائڻ سکندو ويو. ھڪڙي ڏينھن ماڻھن کي چيائين: "ٻيلي، مون کي ڪپڙا ڏيو تہ پايان. آءٌ اڳ ننڍي ھوندي جھنگ ۾ رھندو ھوس، مون کي ھڪ شينھڻ کڻي ويئي، ان جي ٻچن سان گڏ نپنس ۽ جانورن وارا لڇڻ سکيس؛ پر آءٌ اوھان جھڙوئي انسان آھيان." تنھن تي بادشاھي نوڪرن ھن کي ڪپڙا ڏنا.

انھيءَ شھر ۾ ھڪڙو سوداگر رھندو ھو، جنھن کي اولاد ڪونہ ھو. جڏھن ھن ڇوڪري جي ڳالھہ ٻڌي، تڏھن بادشاھ وٽ ويو ۽ بادشاھ کي چيائين تہ "انھيءَ ڇوڪر جي ٻانھن مون کي ڏيو، ڇاڪاڻ تہ مون کي ڪوبہ اولاد ڪونہ آھي." بادشاھ اھو ڇوڪرو سوداگر جي حوالي ڪيو، جو کيس پنھنجي گھر وٺي ويو، ۽ لاڏ ڪوڏ سان ٻيئي زال مڙس ھن کي پالڻ نپائڻ لڳا. سندس نالو "لال ملوڪ" رکيائون، ۽ خاص نوڪر چاڪر رکي ڪجھ وقت خلاصيءَ جاءِ ۾ ھن جي رھڻ جو بندوبست ڪيائون. ڪجھ ڏينھن ڪانپوءِ، سوداگر کي زال چيو تہ "ڇوڪر کي ھاڻ وٺي اچو تہ آءٌ ڏسان." سوداگر ٻئي ڏينھن ڇوڪر کي گھر وٺي آيو، ۽ پوءِ ھو اتي گھر ۾ ئي رھڻ لڳو. اھڙيءَ طرح لال ملوڪ اچي جوان ٿيو. لال ملوڪ جي جواني ۽ حسن ڏسي، سوداگر جي زال جي اچي نيت خراب ٿي ۽ کيس تمام گھڻو تنگ ڪرڻ لڳي. لال ملوڪ چيو تہ "توھان مون کي پنھنجو پٽ ڪري پاليو آھي ۽ تون منھنجي ماءُ لڳين؛ مون کان اھڙو ڪڌو ڪم ڪڏھن نہ ٿيندو."

جڏهن سوداگر جي زال سڀ حيلا هلائي ٿڪي، تڏهن ڪيس دڙڪو ڏيئي چيائين: "چڱو اٿئي ته منهنجو چوڻ مڄ، نه ته سوداگر کي چئي، توکي بدنام ڪري مارائينديس." لال ملوڪ چيو ته "مون کي مارائين، ته ڀلي مارائي ڇڏ: منهنجي نظر ۾ تون اهائي منهنجي ماءُ آهين." سوداگر جي زال ڏنو ته وڏيڪ چوڻ هن کي اجايو آهي، سو ڇا ڪيائين، جو جڏهن سوداگر گهر آيو، تڏهن بڇڙا حال ڪري، سوداگر کي چيائين ته "تو گهر ۾ نانگ پاليو آهي. هن حيوان کي نمڪ جو به قدر ڪونه پيو: ڪيترن وقت کان مون ۾ بدنظر رکيو وينو آهي. هيترا ڏينهن مون توهان سان ڳالهه ڪانه ڪئي: هن کي ڪيتروئي سمجهايم، پر هيءُ نٿو سمجهي: تڏهن لاچار اچ اوهان کي ٻڌايان ٿي." سوداگر هو سياڻو، دل ۾ خيال ڪيائين ته 'جي ڇوڪري کي لوڏي ڪڍيم يا مارايم، ته ملڪ ۾ بدنام ٿيندس ۽ اجائي ڳالا به ٿيندي: تنهنڪري اهڙي ڪا اٽڪل ڪريان، جو هو پاڻهي مري وڃي ۽ آزار ڪان به آجو ٿي پئجي.' اهو خيال ڪري، هڪ ڏينهن، ڇوڪر کي سڏي چيائين ته "پٽ، مون کي پيٽ ۾ سور پوندڙ آهي، اج ڏس مليو اٿم ته شينهڻ جو کير ملي ته اهو پيئڻ سان، سور لهي ويندو: سو تون ڪٿان به شينهڻ جو کير وٺي اچ." سوداگر خيال ڪيو ته 'شينهڻ جو کير آڻڻ تمام ڏکيو ڪم آهي، تنهنڪري ڇوڪرو ڊپ جي ڪري پاڻهي ڀڄي ويندو يا ڪيس شينهن ماري ڇڏيندا، ۽ اهڙيءَ طرح اسين خواريءَ کان به بچنداسون ۽ هن مان به جند ڇٽندي.' ڇوڪر اها ڳالهه ٻڌي، سوداگر کي چيو: "مون کي هڪ گهوڙو ۽ لوٽو آٽي ڏيو!" پوءِ سوداگر هن کي گهوڙو ۽ لوٽو آٽي ڏنو، جو هو وٺي روانو ٿيو.

لال ملوڪ جنهن ڏينهن کان شينهڻ جي ٻچن کان جدا ٿيو هو، انهيءَ ڏينهن کان وٺي، اُهي لال ملوڪ جي جدائيءَ ۽ فراق ۾ غمگين گذاريندا هئا. سو جڏهن لال ملوڪ گهوڙي تي چڙهي غار جي ويجهو آيو، ته پري کان شينهڻ جي ٻچن ڏسي ماءُ کي چيو ته "اما! اج ادو پيو اچي." شينهڻ

چيو: "ٻچا! اهو وري ڪٿان آيو؟ اوهين ڀلجو ٿا، اهو ڪو ٻيو هوندو." اينري ۾ لال ملوڪ بہ اچي پهتو، ۽ هڪڙي ڀٽر سان گهوڙو ٻڌي ڇڏيائين، ٻچن ڊوڙي اچي ڪيس ڀاڪر پائي ڪيڪاريو، ۽ ڏاڍي چاهہ سان ونڻي وڃي ويهاريائونس ۽ حال احوال پڇيائونس. لال ملوڪ سڄي پيرائتي ڳالهہ ڪري ڪين ٻڌائي، ۽ چيائين تہ "اڄ آءٌ ڪير ونڻ آيو آهيان!" ٻچن چيو تہ "ادا، ڪير ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي، توکي جي اسان جو سر کپي تہ اهو بہ حاضر آهي." جڏهن لال ملوڪ شينهڻ مان ڪير ڏهي، لوٽو ڀري، موڪلائڻ لڳو، تڏهن ٻچن چيو تہ "اسين بہ توسان گڏ هلنداسين." لال ملوڪ چيو تہ "ادا هلو تہ ڀلي، پر جيئن آءٌ چوان، تيئن ڪجو." ٻچن ائين ڪرڻ قبول ڪيو. لال ملوڪ چيو تہ "آءٌ گهوڙي تي چڙهي هلان ٿو، ۽ اوهين ڀويان گجڪارون ڪندا هلو؛ پر جڏهن شهر جي ويجها هلو، تڏهن سڀئي گڏجي گجڪارون ڪندا سون." آخر سڀ گڏجي روانا ٿيا. جڏهن شهر جي ويجهو پهتا، تڏهن شينهڻ جي ٻچن ۽ چوڪري گڏجي ونئي گجڪارون ڪيون. ماڻهو اچي ڏٺا ۽ شينهڻ جي ٻچن کي ڏسي ڊپ وچان هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا. لال ملوڪ شينهڻ جي ٻچن سميت شهر ۾ پهچي ويو، ۽ ڀڄندڙ ماڻهن کي دلداري ڏيئي، چيائين: "اوهين ڪو بہ ڊپ نہ ڪريو ۽ ڀڄو نہ، اوهان جو ڪو بہ نالو نہ وٺندو." تڏهن ماڻهن کي دلجاءِ ٿي ۽ ڀڄڻ بند ڪيائون. لال ملوڪ ڪير آڻي سوداگر کي ڏنو. سوداگر اهو ڏسي خيال ڪيو تہ ڇوڪرو هن نہ ونئي مئو ئي ڪونہ، تڏهن لاچار ٿي لال ملوڪ کي چيائين: "تون اسان کي نہ کپين؛ هاڻ جيڏانهن جو آهين، مات ڪري اوڏانهن هليو وڃ." لال ملوڪ شينهڻ جي ٻچن کي چيو تہ "هاڻ ڀلي موٽي وڃو." تڏهن اهي سڀ موڪلائي روانا ٿيا. انهن جي وڃڻ کان پوءِ، پاڻ بہ اهو شهر ڇڏي، هڪ طرف روانو ٿيو.

ويندي ويندي، لال ملوڪ وات تي ڏٺو تہ هڪ ماڻهو گرڪمان سان ڪونج ماريو بيٺو آهي. اهو ڏسي لال ملوڪ چيو: "يار! تو تہ انصاف

ڪري ڇڏيو آهي، جوهڪ ٺي ڏڪ سان ايترو مٿي ۽ ايتري تکي اڏامندڙ ڪونج ماري ڇڏي اٿئي." تنهن تي هن ماڻهوءَ جواب ڏنو: "ادا! انهيءَ ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي؛ مون تہ فقط هڪڙي ڪونج ماري اهي؛ پر شابس تہ لال ملوڪ کي آهي، جو شينهن جي ٻچن سان گڏ ٿو گهمي!" لال ملوڪ چيو: "اهو تہ آءٌ آهيان!" تڏهن هن چيو تہ "جيڪڏهن لال ملوڪ تون آهين، تہ آءٌ بہ توسان گڏ هلندس." لال ملوڪ چيس تہ "ڀلي هل." پيئي ٽئي ڄڻا گڏجي، اڳتي هلي ڏسن تہ هڪڙي ماڻهوءَ ڏوڙي وجهي هرڻ کي جهليو. ويجهو اچي هنن چيس: "تون تہ ڏاڍو ڪو افلاطون آهين، جو ڏوڙي وجهي هرڻ کي جهليو اٿئي!" ان ماڻهوءَ وراڻيو: "ادا! انهيءَ ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي؛ شابس تہ لال ملوڪ کي آهي، جو شينهن جي ٻچن سان گڏ ٿو گهمي!" تنهن تي لال ملوڪ چيو: "اهو تہ آءٌ آهيان." هرڻ مار چيو تہ "پوءِ آءٌ بہ توسان هلندس!" لال ملوڪ چيس تہ "ڀلي هل." آخر ٽيئي ڄڻا روانا ٿيا. اڳتي اچي ڏسن تہ هڪڙو واڍو آهي، جو نونئين سان پيو وڻ ڦوڙي. تڏهن لال ملوڪ چيو: "تو جهڙو ڏاڍو مڙس بہ ڪو پيو، جو نونئين سان پيو وڻ ڦوڙي!" واڍي چيو: "ادا، انهيءَ ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي؛ شابس تہ لال ملوڪ کي آهي، جو شينهن جي ٻچن سان گڏ ٿو گهمي!" لال ملوڪ چيو: "اهو تہ آءٌ آهيان!" تڏهن واڍي چيو تہ "پوءِ آءٌ بہ توسان گڏ هلندس!" آخر چارئي ڄڻا گڏجي اتان روانا ٿيا. اڳتي هلي ڏسن تہ هڪڙو راڪاس آهي، جو ريڙهيون پائيندو پيو وڃي! ويجهو اچي هنن چيس: "ائين ڇو ٿو هلين؟ اُٿي ڇو نٿو هلين؟" انهيءَ راڪاس چيو تہ "جي اُٿي ٿو هلان، تہ منهنجي وڪ آهي وڏي، هڪڙو پير هتي تہ ٻيو پير ڏنگ ڪان بہ پرتي هليو ٿو وڃي، پر منهنجو ڪم هتي اورتي آهي، تنهنڪري ائين ٿو هلان." لال ملوڪ چيو: "تون تہ ڏاڍو ڪو حيرت جهڙو مڙس آهين، جو وک ٿي ايڏي ٿو کڻين!" راڪاس چيو: "ادا، انهيءَ ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي؛ شابس تہ لال ملوڪ کي آهي، جو شينهن جي ٻچن سان گڏ ٿو گهمي!" لال ملوڪ چيو تہ "اهو تہ آءٌ آهيان!" تڏهن راڪاس چيو تہ "پوءِ آءٌ بہ توسان گڏ

هلندس!"

پوءِ هي پنج ئي يار گڏجي اڳتي روانا ٿيا. اڳتي ويا ته هڪڙو شهر نظر آين، پر ان ۾ ڪوبه ماڻهو ڪونه هو. ان شهر ۾ هڪڙو هڪ اکئو راڪاس رهندڙهو، جنهن شهر جا سڀ ماڻهو کائي کپائي ڇڏيا هئا؛ فقط هڪ حسين ڇوڪري هئي، جنهن کي پاڻ وٽ رکيو هئائين. راڪاس ان ڇوڪريءَ کي ڏينهن جو اڪيلو ڇڏي، ٻاهر ڪيڏانهن نڪري ويندو هو، ۽ وري رات جو موٽي ايندو هو. آخر گهمندي گهمندي، جڏهن انهيءَ جاءِ وٽ پهتا، جتي اها ڇوڪري رهندي هئي، تڏهن لال ملوڪ ڇوڪريءَ وٽ ويو. ڇوڪريءَ هن کي ڏسي چيو ته "اي آدمزاد! تون هتي ڪيئن آيو آهين؟ ڀڄ! نه ته هڪ اکئو راڪاس توکي ڏسندو، ۽ ٻنهي سرنهن جيڏا داڻا ڪري ڇڏيندءِ!" لال ملوڪ هن کي دلداري ڏني، ۽ چيائين ته "تون ڪوبه خيال نه ڪر؛ رڳو ٻڌاءِ ته راڪاس ڪيڏيءَ مهل ايندو آهي؟" ڇوڪريءَ چيو: "راڪاس سج لٿي مهل ايندو آهي." سج لٿو، ته هڪ اکئو راڪاس به آيو، ۽ هنن کي ڏسي عجب ۾ پئجي ويو ته 'هي ڪير آهن، جو ايتري همت



اٿن؟ آءٌ تہ شڪار ڳولڻ لاءِ ٻاهر ويس، پر هي تہ گهر ويني هٿ اچي ويا!‘ دل ۾ اها ڳالهہ ڳٽي، پانيائين تہ اڳوپوءِ هنن کي پورو ڪري ونان، تہ لال ملوڪ پنهنجي دوست، وڏ-وڪئي راڪاس، کي اشارو ڏنو.... ۽ اک چنبي ۾ ويڙهہ شروع ٿي ويئي. آخر لال ملوڪ جي دوست، هن ديوس راڪاس کي دَسي، ٻڌي، ڏکن ۽ چنبن سان هٽي پورو ڪري ڇڏيو. پوءِ ان کي سيني گڏجي ڪٽي تيل جي تتل ڪڻاهيءَ ۾ وڌو، جتي ٻُجي ٻُجي ڪوڪي ٿي ويو. پوءِ سڀ دوست گڏجي اُتي رهڻ لڳا. لال ملوڪ انهيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي.

ڪجهہ وقت گذرڻ ڪانپوءِ، هڪ ڏينهن سڀ دوست لال ملوڪ وٽ آيا، ۽ چيائونس تہ ”وطن جي سڪ ٿي اٿئون. هاڻ موڪلائيندا سون.“ لال ملوڪ پاڪر پائي ۽ هٿ هٿ ۾ ڏيئي سيني سان موڪلايو، ۽ هرهڪ دوست کي هڪڙو گل ڏنائين، ۽ چيائين تہ ”مون تي جڏهن بہ ڪا آفت آئي، تہ هيءُ گل ڪومائجي ويندو، ۽ سمجهجو تہ آءٌ وڏيءَ مصيبت ۾ آهيان، ۽ جي يار آهيو تہ انهيءَ مهل اچي منهنجي خبر ونجو!“ واڍي لال ملوڪ کي پوءِ زڪ جي هڪ تلوار، خالي هٿن سان نپي ناهي، تيار ڪري ڏني، جنهن ۾ لال ملوڪ جو ساهہ رکيل هو، ۽ چيائينس: ”اها تلوار نہ ٻاهہ ۾ وجهج ۽ نہ وري پاڻيءَ ۾، ۽ نہ وري ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏج. جيستائين اها سلامت هوندي، تيستائين تنهنجي سر کي ڪوبہ جوکو نہ رسندو.“ انهيءَ بعد، هي چارئي يار موڪلائي روانا ٿيا، ۽ لال ملوڪ پنهنجي زال سميت اتي ئي رهي پيو.

لال ملوڪ جي زال تمام سهڻي هئي. هن جي جتيءَ تي سون جو پرت ۽ هيرن جي جڙت ٿيل هئي. هوءَ هر روز صبح جو درياءَ تي وهنجڻ ويندي هئي. لال ملوڪ وٽ پاليل هڪ ڪتو ۽ هڪ ٻلي پڻ هئا. هڪ دفعي جيئن هن جي زال درياءَ تي وهنجڻ ويئي، تيئن جهڙو جُتي ٿي پاتائين، تهڙو هڪڙو پادر ترڪي وڃي درياهہ ۾ ڪريس. جتيءَ جي پادر کي گهڻوئي ڳوليائين، پر هٿ نہ آيس. قضا سان اهو پادر هڪ مڇي ڳهي

ويئي، جا هڪڙي مهاڻي جي ڄار ۾ وڃي ڦاٿي. مهاڻي اها مڇي وڃي بزار ۾ وڪڻڻ لاءِ رکي، جا هڪڙي شاهوڪار خريد ڪئي، ۽ گهر وڃي ان کي وڍيائين، تہ اندران جتيءَ جو پادر نڪتو! شاهوڪار جي جوان پٽ جڏهن جتيءَ جو هيُءُ سهڻو پادر ڏٺو، تڏهن خيال ڪيائين تہ 'جنهن ڇوڪريءَ جي جتي ئي ههڙي آهي، سا پاڻ تہ الائي ڪهڙي سهڻي هوندي!' سو پرپٺ ان تي عاشق ٿي پيو، ۽ دل ۾ پڪو ارادو ڪيائين تہ انهيءَ ڇوڪريءَ کي ڳولي لهندس، ۽ ان سان ئي شادي ڪندس.' پوءِ اتان اٿي سڌو پنهنجي پيءُ وٽ آيو ۽ چيائينس: "ابا، جي مون کي شادي ڪرائڻي اٿئي، تہ هن جتيءَ واريءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪراءِ!" پيءُ جو ڇوڪري سان تمام گهڻو پيار هو، ۽ هن کي پئسي جي پرواهہ تہ هئي ڪانہ. ۽ پئسي سان ڇا نٿو ڪري سگهجي! سو ڇوڪريءَ جي پڇا ڳاڇا لاءِ ڇڻن ئي ڪندن تي ڪيترائي ماڻهو ۽ ڏوتيون ڪٽي ڇڏيائين، ۽ چيائين: "ڪوشش ڪري، اها ڇوڪري هٿ ڪريو: جي نہ، تہ بہ پڇا ڳاڇا ڪري، ڏس پتو ڪڍي اچو تہ اها ڪير آهي ۽ ڪٿي جي رهندڙ آهي. جيڪو بہ اها خبر آڻيندو، تنهن کي جهجهو انعام ڏيندس."

هڪڙي ڏوتي، ملڪ گهمندي، ڏيهہ ڏوريندي، آخر هڪڙي ڏينهن وڃي ڇوڪريءَ واري شهر ۾ پهتي، جتي پڇا ڪندي نيٺ لال ملوڪ جي گهر جو ڏس مليس، ۽ ڪجهہ ڏينهن اُتي رهي، واقفيت حاصل ڪري، وڃي ان ڇوڪريءَ تائين پهتي. ڇوڪريءَ جي خوشامد ڪندي، ان کي چوڻ لڳي: "آءٌ تنهنجي ناني آهيان، توکي راڪاس ڪٽي ويو هو، تنهنجا ماءُ پيءُ تنهنجي وڇوڙي ۾ مري ويا، ۽ آءٌ بہ پڇائون ڪندي ڪندي، الائي ڪيڏن ڪشالن کان پوءِ اڄ هتي پهتي آهيان- خدا ڪيو، جيئري تنهنجو منهن اچي ڏٺو اٿم!" آخر اتي رهي، هيءَ ڏوتي ڇوڪريءَ سان اهڙي تہ گهائل مائل ٿي ويئي، جو خيال ڪيائين تہ ڇوڪريءَ کي هاڻي ڪنهن طرح هتان ڪڍجي. آخر ڪنهن نموني هن کي خبر پيئي، تہ لال ملوڪ جو ساهہ آهي ترار ۾، جيڪا ڏينهن رات هو ساهہ سان سانديو پيو گهمي، سو

خيال ڪيائين تہ ’اها ترار مڙيوئي ڪنهن اٽڪل سان هٿ ڪريان ۽ لال ملوڪ کي ماري پوءِ هن ڇوڪريءَ کي ونيءَ وڃان. پر اها ترار لال ملوڪ ڪڏهن بہ پنهنجي جان کان جدا ڪونہ ڪندو هو. پر چوندا آهن تہ ’شڪاريءَ کي جيڪڏهن صبر آهي، تہ شڪار ڪڏهن نہ ڪڏهن پاڻهي اچي سندس جهوليءَ ۾ پوندو‘ : سو هڪڙي ڏينهن اتفاق اهڙو ٿيو، جو لال ملوڪ ترار گهر ۾ ڇڏي، پاڻ ٻاهر ڪنهن ڪم سان هليو ويو. ڏوتيءَ بہ ڏٺو تہ ’وجهہ تہ واهہ جو اڄ مليو آهي، وري اهڙو موقعو هٿ نہ ايندو!‘ سو ڇا ڪيائين، جو هڪدم اها ترار ڪٺي، لڪائي، پاسي واري درياءَ ۾ وڃي اڇليائين. ٻئي طرف لال ملوڪ جتي ويل هو، انهيءَ گهڙيءَ اتي ئي مري پيو! اوڏيءَ ئي مهل، سنگتين کي ڏنل لال ملوڪ جا گل اوچتو ڪومائجي ويا. سنگتين خيال ڪيو تہ ’اڄ لال ملوڪ تي ڪا آفت اچي ويئي آهي!‘ سو هر ڪو جتي هو، اتان اتي روانو ٿيو. ڏينهن رات هڪ ڪندا، نيٺ سڀ سنگتي اچي لال ملوڪ جي گهر پهتا، ۽ اچي ڪٿي ڏسن تہ نہ آهي لال ملوڪ نہ آهي ان جي زال- ڪاريءَ وارا ڪڪ لڳا پيا آهن. دوستن مان ٻيا تہ سڀ آيا، پر راڪاس ڪونہ آيو هو، تنهنڪري سڀ ڊوڙي ويا راڪاس وٽ. اتي اچي ڏسن تہ راڪاس الوڻ ننڊ ۾ ستو پيو آهي. تڏهن ٻڪرين جو ڏڻ هڪلي آڻي هُن جي ناسن ۾ وڌائون، تہ راڪاس سجاڳ ٿي اٿي ويهي رهيو. پوءِ هن کي بہ لال ملوڪ ۽ سندس زال جي سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايائون.

ڳالهہ هيءَ هئي تہ لال ملوڪ جيئن گهران نڪتو، تيئن وري نہ موٽيو؛ تنهن تي سندس زال کي ڏاڍي اُڻ تڻ ٿي پيئي، مگر ڏوتيءَ هن کي دلداري ڏيندي چيو: ”تون ڪوبہ فڪر نہ ڪر، ڪنهن ڪم سان ٻاهر پرڀرو نڪري ويو هوندو، پاڻهي موٽي ايندو، تون ڇو ٿي ڳڻتي ڪرين؟“ نيٺ هڪڙي ڏينهن ڏوتيءَ ان ڇوڪريءَ کي چيو تہ ”هل تہ ٻہ سان درياءَ تان گهمي ڦري اچون.“ ڇوڪري هن کي پنهنجي ناني سمجهندي هئي، سا هن سان گهمڻ

لاءِ ٻاهر نڪتني، ۽ اچي درياءَ تي پهتيون. اتي اڳي ئي رٿيل منصوبي موجب، شاهوڪار جا ماڻهو ٻيڙن سميت تيار بيٺا هئا، ۽ ڇوڪريءَ کي زوريءَ ٻيڙي ۾ وجهي روانا ٿي ويا، ۽ سڌو اچي ماڳ پهتا. ڇوڪريءَ کي گهڻي ئي لالچون ڏنائون، آخر ۾ دڙڪو به ڏنائونس ته "شاهوڪار جي پٽ سان شادي ڪر، نه ته توکي کوهيءَ ۾ پوري ڇڏبو." ڇوڪريءَ هنن جي هڪ به نه مڃي، پر هو به هن کي روز ستائڻ لڳا. ڇوڪريءَ ڏٺو ته هنن مان هاڻ ڪيئن جند ڇڏايان، سو هڪ ڏينهن انهن کي چيائين: "جن جا مڙس مري وڃن ٿا، سي به ٻارهن مهينا ويهن ٿيون، منهنجو مڙس ته جيئرو آهي: گهٽ ۾ گهٽ مون کي به ته ڇهه مهينا ڪن مهلت ڏيو، پوءِ آءٌ شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان." هن جو خيال هو، ۽ کيس اميد هئي، ته ڇهن مهينن اندر لال ملوڪ منهنجي ضرور پوئواري ڪندو ۽ هتان جند ڇٽي ويندي. شاهوڪار خيال ڪيو ته ڇهه مهينا اجهي ڪي اجهي گذريا. تنهنڪري هن کي وڏيءَ خوشيءَ سان مهلت ڏنائين.

لال ملوڪ جا سنگتي ۽ راڪاس به پيچا ڳاچا ڪندا. آخر اچي انهيءَ درياءَ جي ڪنڌيءَ تي پهتا. اتي لال ملوڪ جا پاليل ڪتو ۽ ٻلي اڳي ئي وينا هئا، جن کي هن ڇوڪريءَ کي ڳولڻ لاءِ موڪليو. چوندا آهن ته "ڪتن ٻلين کان ڪنهن جا گهر لڪل ڪين آهن." سو ڳوليندي ڳوليندي، نيٺ لال ملوڪ جو ڪتو ۽ ٻلو وڃي انهيءَ شهر ۾ پهتا ۽ شاهوڪار جو گهر ڳولي وڃي هٿ ڪيائون، ۽ ڇوڪريءَ کي اکئين ڏسي، خاطري ڪري، اچي لال ملوڪ جي دوستن کي ساري حقيقت ٻڌايائون.

ٻئي طرف لال ملوڪ جا دوست، ڪتي ۽ ٻلي کي روانو ڪري، اتي ئي ترسي پيا هئا.... جيستائين ڪتو ۽ ٻلي واپس موٽي اچن. هڪڙي ڏينهن سڀ سنگتي وڃي انهي درياءَ ۾ وهنجڻ لڳا. چوندا آهن ته "بخت ورندي ويرم نه ڪانهه ٿئي"، سو واڍي کي وهنجندي وهنجندي، پير ۾ ڪجهه لڳو، جهٽ ڏيئي هٿ وجهي، ڪڍي ٻاهر ڪڍيس، ته ڏسي ته

ساڳي لال ملوڪ واري ترار، جا پاڻ هٿن سان نا هي هئائين! ترار ڏسي، سيني سنگتين کي پڪ ٿي تہ لال ملوڪ سان دغا ٿي آهي. پوءِ ترار مهٽي مهٽي خوب صاف ڪيائون، ۽ اهڙو چلڪايائونس جهڙي وج. هيڏانهن ترار صاف ٿيندي ويئي، ۽ هوڏانهن لال ملوڪ جتي هيترا ڏينهن پيو هو، اتي ڪر موڙيندو جاڳندو ويو، ۽ نيٺ نوبنو ٿي اُٿي ويهي رهيو. پوءِ پيرين سيرين ٿي پنڌ ڪري، انهيءَ گهڙيءَ اچي هو پنهنجي گهر پهتو، ۽ ڇا ڏسي تہ سڄو گهر ڀڙڀانگ لڳو پيو آهي. ڏسندي وائسندي، پتو پيس تہ سڀ سندس دوست درياءَ جي ڪپ تي لٿل آهن ۽ سندس ۽ سندس زال جي ڳولا پيا ڪن. پوءِ لال ملوڪ هڪدم دوڙي اچي دوستن سان مليو، ۽ پاڻ ۾ حالي حوالي ٿيا. اينتري ۾ ڪتي ۽ ٻلي بہ لال ملوڪ جي زال جي خبر آڻي کين ڏني. لال ملوڪ، دوستن سان صلاح ڪري، ڪتي ۽ ٻلي هٿان پنهنجي وفادار زال کي نياپو ڪيو تہ ”تون ڪوبہ فڪر نہ ڪر: شاهوڪار کي چئو 'آءٌ شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر انهيءَ شرط سان تہ شادي ستن ڏينهن اندر ٿئي!' پوءِ جڏهن شاديءَ جي پوريءَ طرح تياري ٿي وڃي، تڏهن شهر جي سيني زالن کي چئج تہ پنهنجن ٻارن سميت سڀ هڪڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ ويهي ڳيچ ڳائين. جڏهن اهي ڳيچن ڳائڻ ۾ مشغول ٿي وڃن، تڏهن ٻاهر نڪري، جاءِ کي ڪلف ڏيئي، تاڙي وڄائج. اسين بہ اتي پرسان بيٺا هونداسين، ۽ هڪدم اچي تو وٽ پهچنداسون، ۽ انهيءَ ئي گهڙيءَ توکي واپس وني هلنداسون. هاڻي، انهن ڳالهين جي پورائي ڪري، اسان کي جواب واپس موڪل.“

ڪتو ۽ ٻلو، جي بيحد سياڻا هئا، لال ملوڪ جو نياپو کڻي، هڪ ئي دوڙ وجي ڇوڪريءَ وٽ حاضر ٿيا، ۽ سمورو نياپو ذري پرزي هن کي رسايائون، جنهن کين روڪي حال في الحال پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيو. ڇوڪريءَ پوءِ شاهوڪار کي چوائي موڪليو تہ ”آءٌ شادي ڪرڻ لاءِ هاڻي تيار آهيان، پر انهيءَ شرط سان تہ شادي اڄ کان ٻنهہ ستين ڏينهن ٿئي!“

شاهوڪار تہ اڳي ئي آتو ويٺو هو، تنهن جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن خوشيءَ ۾ اهڙا ونيءَ ٻڌا ٻڌا تپ ڏنا، جو ماڻهن سمجهيو تہ مغز سان ڪجهہ معاملو ٿي ويو اٿس. مطلب تہ هڪدم شاديءَ جي تياريءَ جو حڪم ڏنائين، ۽ شاديءَ جون تياريون زور شور سان شروع ٿي ويون: چوڌاري دعوتون ڏجي ويون، ٻڪرا ڪسجي ويا، ديڳيون چڙهي ويون، ۽ دعوتي پڻ سوداگر جي گهر اچي گڏ ٿيڻ لڳا. چوڪريءَ سمورو احوال ڪتي کي ڪن ۾ ٻڌائي، لال ملوڪ ڏانهن روانو ڪيو. جڏهن ڪتو لال ملوڪ وٽ پهتو، تڏهن سموري حقيقت معلوم ڪري سڀ خوش ٿيا، ۽ هڪدم اوڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويهي رهيا.

انجام موجب ٽئين ڏينهن شاديءَ جي تياري پوري ٿي ويئي. رات جو شهر جون نندڙيون وڏيون زالون ٻارن سميت سڀ اچي گڏ ٿيون. چوڪريءَ چيو تہ "مهرباني ڪري سڀيئي هن ڪوٺيءَ ۾ ويهي ڳيچ ڳايو." جڏهن سڀ زالون ڳيچ ڳائڻ ۾ لڳي ويون، ۽ ٻارڙا سمهي رهيا، تڏهن چوڪري اٿي، انهيءَ ڪوٺيءَ کي ڪلف ڏيئي، ٻاهر نڪري، تاڙي وڄائي ويهي رهي. تاڙيءَ جي آواز تي لال ملوڪ ۽ سندس دوست، جي ويس بدلائي آيل هئا، سي سڀ ظاهر ٿيا. پوءِ تہ لال ملوڪ جي دوست، راڪاس، زالن واري ڪوٺي هڪدم کڻي وڃي درياءَ جي ٻئي ڪپ تي ڇڏي، ۽ واپس اچي، ظالم شاهوڪار تہ نهيو، پر سڀ شهر جا ماڻهو، جيڪي ههڙي ظالم کي شهر ۾ ڇيڪ ڇڏيو ويٺا هئا، ۽ هميشہ هن جي آڏو هٿ جوڙ ڪيو بيٺا هوندا هئا، ماري ختم ڪري، ۽ سڄي شهر کي باهہ ڏيئي، ساڙي، ڀسم ڪري، موٽي آيو پنهنجن ٻين سنگتين وٽ. ڪوٺي کولي ڏسن تہ سبحان الله، اندر تہ ڪي اهڙيون حسين حورون ويٺيون آهن، جن جي ڳالهہ ئي نہ پڇو! پوءِ سڀ گڏجي آيا لال ملوڪ جي جاءِ تي، جتي لال ملوڪ سڀني دوستن کي ... چار چار دلگهريون شاديون ڪرايون. پوءِ ٿي حبر خوشيءَ جا ڪئ جشن ڏينهن اچي گذاري،

هڪڙي ڏينهن انهن سنگتين لال ملوڪ کي چيو تہ ”يار، هاڻ موڪلائيندا سون، وطن پيو ساري!“ لال ملوڪ ڏاڍي ڏک سان دوستن کان موڪلايو، ۽ پاڻ سوداگر جي شهر جون زالون ۽ ٻار وٺي، پنهنجي سلطنت ۾ سهڻيءَ زال سميت وري اچي اهو شهر وسائي ويهي رهيو، جنهن هڪ اکئي راڪاس ڦتائي نابود ڪري ڇڏيو هو، جنهن کي پوءِ هن پاڻ تتل تيل جي ڪڙاهيءَ ۾ وجهي ڪوڪي ڪري هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيو هو.

هائو سائين، لال ملوڪ جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪري ڪهڙيون ڪجن! جهڙو هوس نالو، تهڙو ئي بيشڪ هو مڙس لال ملوڪ!

امير حمزو ۽ ڪٺ ڪراٽي

ٻاله ٿا ڪن ته هڪڙي بادشاه کي ست پٽ هئا، جن مان ڇهه ڄڻا ته بي عقل ۽ بي همت هئا، باقي جيڪو ننڍو هو، سو ڏاڍو سورهيه ۽ سياڻو هو. سندس نالو هو امير حمزو. بادشاه جي مرضي هئي ته ستن ئي پٽن کي اهڙي گهران پرڻايان جو ست ئي ڪنواريون پاڻ ۾ ڀينرون هجن. غريبن وٽان ته اهڙا سڱ ڪهڻائي ملي پيا سگهيا، پر بادشاهي گهر ۾ انهن جو جوڙ جڙڻ مشڪل هو. آخر بادشاه پنهنجي وزير کي چيو ته "خدا جي خدائي گهمي ڦيري اچ، ۽ اهڙي ڳولا ڪر. جتي به ڪنهن بادشاه جون ست ڌيئر هجن، ان سان [illegible] جي مائٽي ڪري اچ!" وزير، خزاني اچي ڳاڙهي جي ڀري، اٿي روانو ٿيو. هڪلينڊو هڪلبندو، ڪيترين ئي بادشاهيون لتاڙي ويو- ڪٿي چار، ڪٿي پنج، ته ڪٿي ڇهه ڪنواريون به مليون ٿي- پر جن جو نالو ست، سي ملنس ئي نه.

آخر پڇائيندي پڇائيندي، هڪڙي ڏينهن، هو هڪڙي شهر ۾ اچي پهتو، جتي رات جو هڪڙيءَ پوڙهيءَ دائيءَ جي گهر اچي مهمان ٿيو. جڏهن رات ٿي، تڏهن ٻڍڙيءَ سان رهاڻيون ڪندي، ڪيس پنهنجا ٻار ٻچا ياد پيا، ۽ روئي ڏنائين. مائيءَ جي پڇڻ تي، هن سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. دائيءَ کان ڪل نڪري ويئي. وزير کي عجب به ٿيو، پر ڏاهو ماڻهو هو، تنهن سمجهيو ته هاڻي شايد ڪا واهه پيدا ٿي پوي- تنهنڪري ٻڍڙيءَ کان کلڻ جو سبب پڇيائين. مائيءَ چيس ته "ابا! ڪٿي چور سُڄا، ڪٿي ڍور سُڄا.... اجا گذريل رات هڪ وزير هتي تڪيل هو، سو وري وتيو ٿي پنهنجي بادشاهه جي ستن ڌيئرن جا ور ڳوليندو! اجهو ٻنهه اڄ صبح جو، هتان فلاڻي شهر ڏانهن روانو ٿي ويو آهي." وزير، هيءَ ڳالهه ٻڌي. جيئن تيئن ڪري رات نباهي، ۽ صبح ٿيندي ئي ڪيائين ان شهر جو رخ. جيئن ڏينهن جو پنڌ ٻن ڏينهن ۾ پورو ڪيائين، پر ڪيس انهن ٻارن پٽن وارو ماڻهو وات ۾ ڪٿي به ڪونه مليو. وزير، اتي به هڪ دائيءَ جو گهر ڳولي، پنهنجي رهڻ جو بندوبست ڪيو، ۽ گهوڙو اتي ٻڌي، اچي شهر جي ٻاهران دروازي وٽ وينو، ۽ سامهون رستي ۾ اکيون وجهي ويهي رهيو.

ٻن ڏينهن جي انتظار کان پوءِ، هيءُ جيئن ئي نااميد ٿي، دائيءَ جي گهر ڏانهن وڃڻ لاءِ پئي سنبريو، تيئن ڪيس سڙڪ مان رَڃي اُٿندي نظر آئي. هيءُ بيهي رهيو، ۽ ڪن به ڪانه گذري، ته هڪڙو گهوڙي سوار اچي دروازي تي لٿو. وزير ٻارن پٽن مان هن کي سڃاڻي ورتو ته هيءُ ته اهو ساڳيو ماڻهو آهي، جنهن جو دائيءَ ٻڌايو هو. سو، سواءِ ڪجهڻ پڇڻ جي، انهيءَ سوار جي پٺيان لڳو، تان جو سوار به پڇائي پڇائي، وڃي انهيءَ ساڳيءَ دائيءَ جي گهر تڪيو، جتي وزير پاڻ تڪيل هو. جڏهن رات ٿي، تڏهن وزير وڃي انهيءَ نئين آيل مهمان جو پاسو ورتو. پاڻ هرتو ڪيس ٻڌايائين ته "مان ستن ڪنوارين جي تلاش ۾ نڪتل آهيان!" جنهن تي اهو سوار، جو پاڻ به وزير هو، تنهن چيس ته "ادا! آءٌ پاڻ به اهڙن ستن شهزادن

جي ڳولا ۾ آهيان، جن سان منهنجي بادشاهه جي ستن شهزادين جو سڱ ٿئي!" بس پوءِ ته هو انهيءَ وزير سان گڏجي، ستن شهزادين جي ملڪ ۾ ويو، ۽ اتي جي بادشاهه سان ڳالهه پڪي ڪري، شاديءَ جي تاريخ مقرر ڪري موٽي اچي پنهنجي بادشاهه وٽ پهتو. بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ شادين جون تياريون ٿيڻ لڳيون.

مقرر تاريخ تي، بادشاهه هڪ وڏي جڃ وٺي، ستن گهوٽن سميت روانو ٿيو. جڏهن شهر کان ٻاهر نڪتا، تڏهن امير حمزو پيءُ وٽ آيو، ۽ چيائين ته "قبلا! ٻويان جيڪڏهن ڪو غنيم ڪاهي اچي، ته ان سان ڪير مقابلو ڪندو؟ چڱو ائين آهي ته اسان مان هڪڙو جڻو هت رهي پوي." سڀني چيو ته "ڳالهه سورهن آنا نيڪ آهي، پر هتي رهي ڪير؟" سڀڪو پيو چاهي ته مان ضرور وڃان. نيٺ امير حمزي چيو ته "اوهان سڀ وڃو، مان هتي ٿو ترسان. منهنجي ڪنوار کي لائون منهنجي گز سان ڏيارجو." وڃڻ وقت کين تاڪيد ڪيائين ته "رستي تي هڪڙي هنڌ کوهه آهي، ۽ ان جي پرسان هڪڙو عاليشان ٻڙ جو وڻ بيٺو آهي، جنهن جي هيٺان رهڻ جي لاءِ جاءِ به ڏاڍي وڻندڙ آهي... پر انهيءَ هنڌ هڪ ديو ٿو رهي، تنهنڪري اُتي منان نڪپا آهيو!" اها ڳالهه ٻڌي، سڀني هائو ڪئي: جڃ رواني ٿي؛ باقي اميرحمزو گهر موٽي آيو.

هلندي هلندي، جڃ جڏهن انهيءَ کوهه وٽ پهتي، تڏهن رات پئجي ويئي: سڀئي ڏاڍا ٿڪل هئا. رات رهڻ جي لاءِ جاءِ به ڏاڍي سني هئي، پر ديو جي خوف کان اُتان هليا ويا، ۽ وڃي ٻئي هنڌ رات رهيا. اهڙيءَ طرح منزلون ڪندا ڪندا، نيٺ هڪڙي ڏينهن، اچي انهيءَ بادشاهيءَ ۾ پهتا، جتي مانگيون ڪيل هيون. شاديون خير سان پوريون ٿيون، ۽ هرڪو ماڻهو انعام اڪرام وٺي خوش ٿيو. امير حمزي جي ڪنوار کي سندس گز سان

پرڻايو ويو، ۽ آخر موڪلائي، ڪنواريون وني، پنهنجي بادشاهيءَ ڏانهن روانا ٿيا. ويهندا وڳندا، پنڌ ڪٽيندا، جڏهن انهيءَ ديو واري ڪوهه وٽ پهتا، تڏهن وري رات پئجي وين. ڪن ماڻهن چيو ته اڳتي هلجي، پر شهزادن چيو ته "سڄي ججهه ٽڪجي چور ٿي پئي آهي، الائجي ديو آهي به يا رڳو وهم آهي، چو پاڻ کي تڪليف ۾ وجهون، پر جي ديو هوندو به سهي، ته اسان هيترن سارن جي اڳيان ان جي ڪهڙي دال ڳرندي! اميرحمزو پهلوان آهي، ته اسان به ان کان گهٽ ڪونه آهيون. پاڻهي مقابلو ڪندا سون."

رات جو سيڪو ڪائي پي سمهي رهيو. پرڀات جو ڏسن ته جڻ سندن چوڏاري ڪارو ڪوٽ چڙهيو پيو آهي. سيئي دڄي ويا. جڏهن سج اڀريو، تڏهن ڏنائون ته هڪرو وڏو ازگر ڪارو نانگ آهي، جو ججهه کي چوڏاري ويڙهيو پيو آهي- پڇ ورائي، ڪٽي وات ۾ وڌو اٿس.... نڪرڻ جي ڪا جاءِ ئي ڪانهي. پوءِ ته هرڪو منهن مٿو پٽڻ لڳو، ۽ اميرحمزي جا يائر ويچارا ته منهن لڪائي ويهي رهيا. آخر امير وزير وجي نانگ کي التجائون ڪرڻ لڳا ته "اسان کي ڪنهن حيلي حوالي رستو ڏي." نانگ جواب ڏنو ته "امير حمزو منهنجو يار آهي، مون کي سندس منهن ڏسڻ جي ڏاڍي سڪ آهي؛ هونئن ته هتي هرگز نه ايندو، پر جيڪڏهن سندس ڪنوار هتي ڇڏي ويندؤ، ته هو ضرور ان کي وٺڻ ايندو، ۽ انهيءَ بهاني سان آءٌ پنهنجي يار کي ڏسي سگهندس. هاڻي جي امير حمزي جي ڪنوار مون وٽ ڇڏيو، ته پوءِ اوهان سڀني کي موڪل آهي، نه ته پلي سڀ اتي وينا هجو." وزير نانگ کي چيو ته "بيون ڪيتريون به زالون چوين، ته توکي ڏيون؛ باقي ڪنوارين جي ڳالهه نه ڪر." نانگ، اها ڳالهه ٻڌي، پُڇ کي گهمڻ شروع ڪيو، گهيرو ويو سوڙهو ٿيندو، ۽ ماڻهو ويا هڪبئي جي مٿان چڙهندا.

اتي سيني ماڻهن بادشاهه کي عرض ڪيو ته "سائين، هاٿي جيئن وٺيئي تيئن اسان کي هن اويڙ مان ڇڏاءِ." بادشاهه پاڻ نانگ وٽ ويو، ۽ ڪيس

چيائين ته "منهنجي ٻين ڇهن پٽن مان جنهن جي ڪنوار وٺيئي تون روڪ، باقي اميرحمزي جي ڪنوار نه روڪ." پر نانگ جي ڳالهه هڪ -جي، "ڏيو ته اميرحمزي جي ڪنوار، نه ته سيني جون هڏيون ڳڏيون پيچي ڇڏيندس." ائين چئي، پڇ کي وڌيڪ ڳهڻ شروع ڪيائين. جڏهن ماڻهو هڪٻئي جي مٿان سٽجڻ لڳا، تڏهن بادشاهه کي چيائون ته "سائين، هڪ ماڻهوءَ جي ڪري سڀ مري ويندا سين... وڌيڪ پاڻ ڄاڻ." نيٺ بادشاهه مجبور ٿي امير حمزي جي ڪنوار نانگ کي ڏني، جنهن تي نانگ پڇ وات مان ڪڍيو، ۽ اميرحمزي جي ڪنوار وني کوهه ۾ هليو ويو. باقي ڄڃ روئندي پٽيندي، ملڪ ڏانهن رواني ٿي.

اميرحمزو روزانو شهر جي ٻاهران ويهي ڄڃ جو انتظار ڪندو هو. هڪ ڏينهن، هيءَ جيئن شهر جي ٻاهران ويهي ڄڃ جو انتظار ڪري رهيو

هو، تيئن ڏنائين تہ جيئن پيئي اچي. . پر نہ دهل نہ دماما، نہ راڳ نہ روپ، ويتر پنهنجو سنهڪو پيو ٻڌجي. . . تڏهن پڪ ٿيس تہ هي ضرور ڪوهہ تي رات تڪيا هوندا! جڏهن ويجهو پهتا، تڏهن پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيس تہ برابر ائين هو. . . ۽ نانگ سندس ڪنوار روڪي ڇڏي هئي! اها ڳالهہ ٻڌي، اتان ئي گهوڙي تي چڙهي، هڪ نوڪر ساڻ ڪري، ڪوهہ روانو ٿي ويو. بادشاهہ کيس گهڻوئي پليو، مگر هي نہ مُڙيو. آخر سڀ سندس حياتيءَ جو آسرو لاهي، ماتم ڪندا شهر ڏانهن ويا. اميرحمزو جڏهن ڪوهہ وٽ پهتو، تڏهن خيال ڪيائين تہ گهوڙي ۽ نوڪر کي پري بيهارجي- پوءِ بہ پنهنجو سر وڃي، هنن ويچارن ڪهڙي چوري ڪئي! اها ڳالهہ سوچي، گهوڙو پري هڪ وڻ سان ٻڌي، نوڪر کي اتي بيهڻ جو حڪم ڏنائين. نوڪر بہ پنهنجو گهوڙو تيار ڪري بيهي رهيو- چي، 'ڪا نہ ممل ڪنهن جهڙي، تہ ڏيان گهوڙي کي مُنڌ.'

اميرحمزو ڪوهہ جي مٿان اچي ڏسي تہ سندس دشمن ننڊ ۾ ستو پيو آهي، ۽ سندس ڪنوار هڪ پاسي کان موڙهي وينئي آهي. هڪ دل چويس تہ ستل جو ئي ڪم لاهجي، پر پوءِ خيال ڪيائين تہ ڪنوار چوندي تہ گيدي هو، جو ستل دشمن تي وار ڪيائين. اها ڳالهہ ڳڻي، هڪل ڪيائين: جنهن تي ديو جاڳي پيو، ۽ هٿ ٻڌي اميرحمزي کي عرض ڪيائين: "سائين! تنهنجي ديدار جي ڏاڍي سِڪ هئي، سو اُهو نصيب ٿيو. هاڻي، هيءَ اوهان جي ڪنوار حاضر آهي، ٻيلي وٺي وڃو. پر منهنجو هڪ عرض آهي تہ 'ڪٽڪ راڻي ملوڪزادي، جنهن جو منهن سٺن برسن مان بہ ائين پيو چمڪندو آهي، جو سڄو محلات رات جو بہ ڏينهن وانگر پيو ٻرندو آهي. اها ڏتيل ديو مون کان کسي ورتي آهي، سا تون ئي وٺي ڏيندين؛ مان تنهنجو ۽ الله جو آسرو ڪري، هن ڪوهہ ۾ اچي ڪِريو آهيان- هاڻي منهنجي مدد ڪر!' اميرحمزي دل ۾ چيو تہ 'ٻيلي، يا تہ مدد نہ گهري ها؛ جي گهري اٿس، تہ هاڻي مڙسن جو وڙ نہ آهي، جو دل لاهي جواب ڏجي.'

سو ديو کي چيائين تہ "چڱو يار! اسان جي الاتوهار آهي.... جي جيئرا رهيا سون، تہ اچي پنهنجي ڪنوار هٿ ڪنداسون، جي مئا سون تہ اها بہ توکي پرتي." ديو چيو تہ "سائين! هيءَ تہ تنهنجي ئي ملڪيت اهي. مان ڪيس هر طرح جو آرام ڏيندس. تون رڳو مون کي پنهنجو حق وني ڏي." امير حمزو نوڪر رت موتي آيو، ۽ ان کي چيائين "هاڻي توکي موڪل آهي، وجي منهنجي عزيزن کي سلام ڏي ۽ ٻڌائين تہ آءُ وجان ٿو ديون جي منهن ۾ - هوندي حياتي تہ اچي ملندس." ائين چئي الاتوهار ڪري ٿيو روانو.

اجا هڪ ڏينهن جو پنڌ مس ڪيائين، تہ ڪيس هڪ ٻڪرار نظر آيو، جو مڻ جو ڪهاڙو ڪلهي تي رکيو، سؤ ليلا ڪتي جي ڪانبي ۾ وجهيو، انهن لاءِ پُور ڍنگرن جو مٿي تي ڪنيو، ڊيرو ڪتيندو ٿي وتيو. امير حمزو هن جي پهلوانيءَ تي حيران ٿي ويو. ويجهو ٿي سلام واري هن شخص کي چيائين تہ "يار. تون آهين تہ ڏاڍو جوان!" ٻڪرار ورندي ڏني: "سائين، مان ڪهڙو ڏاڍو جوان آهيان، ڏاڍو جوان تہ آهي امير حمزو، جنهن جو ذرتيءَ تي ڏاڪو آهي." اميرحمزي ورندي ڏني تہ "ادا، هڪڙو اميرحمزو تہ آءُ بہ آهيان." ٻڪرار چيو: "سائين، جي اميرحمزو تون آهين، تہ آڳل تنهنجي پيچل منهنجي." ائين چئي، ٻڪريون اتي ئي ڇڏي، اميرحمزي سان اتي پنڌ ٿيو.

بيئي ڄڻا هڪليندا آيا، تان جو هڪڙي هنڌ ڇا ڏسن تہ هڪڙو ميهار آهي، جو نديءَ جي ڪپ تي مينهون پيو چاري ۽ ڪوڏي وچ ڪچ ۾ جهلي، تپ ڏئي ٿو، تہ نديءَ جي هُن پر وڃي ٿو بيهي.... اُتان وري تپ ڏئي ٿو، تہ نديءَ جي هِن پر اچيو بيهي. هن کي ڏسي، بيئي ڄڻا حيران ٿي ويا. ويجهو اچي، سلام ورائي، اميرحمزي چيس تہ "يار، تون تہ ڪو ڏاڍو جوان ٿو ڏسجين!" ميهار ورندي ڏني: "ادا، مان ڪهڙو ڏاڍو جوان آهيان. ڏاڍو جوان آهي تہ اميرحمزو آهي، جنهن جو ذرتيءَ تي ڏاڪو آهي."

اميرحمزي چيو تہ "هڪڙو اميرحمزو تہ مان بہ آهيان." تنهن تي ميهار چيو تہ "سائين، جي اميرحمزو تون آهين، تہ مان بہ تنهنجي ڪڌ. مينهوڙ پرتيون ربّ ڪي." ائين چئي، هو بہ هنن جو همراهہ ٿي پيو.

اڳتي اچي ڏسن تہ هڪڙو لوهار آهي، جو وينو تير ناهي. سندس پاسن کان بہ ٽڪريون آهن، سي جڏهن آهستي آهستي رڙهيون اچيو پاڻ ۾ ويجهيون ٿيون ٿين، تڏهن انهن ڪي رڳو نونٺ ٿو هٽي، تہ وري پوئتي هٽي ٿيون وڃن. انهيءَ وقت اُهي ٽڪريون بہ هن ڪي اچي ويجهو پيون، تہ مٿان اميرحمزي، ٻڪرار ۽ ميهار بہ اچي سلام ورايو. لوهار ٻهريائين تہ نونئيون هٽي ٽڪرين ڪي پري ڏڪيو، پوءِ و عليڪم سلام چئي اچي هنن سان مليو. هي تيئي ڄڻا حيران رهجي ويا. اميرحمزي چيس تہ "ٻيلي، تون تہ ڪو ڏاڍو جوان ٿو ڏسجين!" لوهار وراڻي ڏني تہ "ادا، آءٌ ڪهڙو ڏاڍو جوان آهيان، ڏاڍو جوان تہ آهي اميرحمزو جنهن جو ذرتيءَ تي ڏاڪو آهي." تنهن تي اميرحمزي چيو: "هڪڙو امير حمزو تہ آءٌ بہ آهيان." لوهار چيو تہ "سائين، جي اميرحمزو تون آهين، تہ پوءِ آءٌ بہ تنهنجو پوئلڳ آهيان." ائين چئي، دوڪان ڦٽو ڪري، هن بہ اميرحمزي جي ڪڌ ورتي.

اجا ٿورو پنڌ اڳتي هليا، تہ ڪين هڪڙو ماڻهو نظر آيو، جو ميدان ۾ بيٺو هو، ۽ اکيون آسمان ۾ هيس. سلام وارڻ بعد، اميرحمزي پڇيس "ادا، تون ڇو اُڀ ۾ اکيون پايو بيٺو آهين؟" هن وراڻيو: "سائين، ڇهہ مهينا ٿيندا، ڪو مون هڪڙيءَ ڪونج ڪي گز هنيو هو. آءٌ گز اهڙي زور سان هڻندو آهيان جو اهو پنج مهينا پيو مٿي ويندو آهي، ۽ هڪ مهينو ان ڪي موٽڻ ۾ لڳندو آهي. اڄ ان جي ڪِرڻ جو ڏينهن آهي، تنهنڪري انهيءَ انتظار ۾ آهيان." اجا هن ڳالهہ بہ پوري ڪانہ ڪئي تہ گز ڪونج سميت اچي هيٺ ڦهڪو ڪيو. اهو ڏسي سڀ حيران ٿي ويا. اميرحمزي چيس تہ "ٻيلي، تو جهڙو ڏاڍو جوان تہ ڪڏهن بہ ڪو نہ ڏٺو سين." هن وراڻيو: "سائين، مان ڪهڙو ڏاڍو جوان آهيان، ڏاڍو جوان آهي تہ اميرحمزو آهي جنهن جو

ذرتيءَ تي ڏاڪو آهي." اميرحمزي چيو: "هڪڙو اميرحمزو تہ مان بہ آهيان." هن چيو: "سائين، جي تون اميرحمزو آهين؛ تہ مان بہ تنهنجي ڪڌ ٿو لڳان." اهڙيءَ طرح اهو پنجون يار بہ اچي هنن سان مليو.

ڪونج ڏسي، سيني کي مانيءَ جو خيال ٿيو؛ سو خيال ڪيائون تہ ڪٿي ڪا ماهہ نظر چڙهي، تہ ڪونج پچائي ماني جهل ڪجي. انهيءَ لاءِ بڪرار کي چيائون تہ "ڪنهن وڻ تي چڙهي، ڪو دونهين جو نشان ڏس." بڪرار يڪدم هڪ وڻ تي چڙهي ويو، ۽ ڏٺائين تہ هڪ طرف کان دونهين جي سنهي لاٽ پيئي نظر اچي. هيٺ لهي، سيني دوستن کي ٻڌايائين. سيني چيس تہ "ماهہ بہ تو ڏٺي آهي، تہ ڪٽي بہ تون اچ." هيءُ مڙس بہ هاڪاري ڪري هليو ويو. اُتي وڃي ڏسي تہ هڪڙو ديو آهي، جو ليٽيو پيو آهي- سندس اکين جا ڇپر وڏي وڃي گوڏن تي پيا آهن. بڪرار چاهيو تہ هن کي چيڙڻ جو ضرور ڪونهي، ماهہ کنيو هليو وڃان؛ پر پوءِ خيال آيس تہ ان موڪلائي شي کڻڻ مردن جو وڙ نہ آهي، سو هڪل ڪري چيائينس تہ "ماما! هتان ڇيڻو دکائي وٺان؟" ديو چيو تہ "باباً پلي، پر پهريائين مون کي هٿ ڏيئي اٿاري تہ ويهار، گهڻي وقت کان سمهڻ ڪري پاسائي لڳي ويا اٿم." بڪرار جيئن وڏي اچي ديو کي هٿ ڏنو، تيئن هن ورائي ڪٽي گوڏي هيٺان ڏنس. مڙس اتي ئي هٽيڪو ٿي ويو.

هوڏانهن اميرحمزي ۽ ساٿين جڏهن گهڻو وقت بڪرار جو انتظار ڪيو، تڏهن سمجهيائون تہ شايد مڙس کي اچي ليلا ياد پيا، جو ٻچاڙيءَ جو موڪلايائين بہ ڪين. انهيءَ ڪري ميهار کي چيائون تہ "ادا، تون وڃ ۽ ماهہ ڪٽي اچ!" ميهار، بڪرار جا پير کڻي، روانو ٿيو. ساڳئي هنڌ پهچي، ديو کي ڏسي ڍلجي ويو؛ مگر همت جهلي، ماهہ مان ڳوهو دکائڻ تي هو، تہ ديو دانهن ڪئي: "اي شخص! مون بيڏي کي پاسي اٿلائي ڏينهن ٿي ويا آهن؛ پلائي ڪري هٿ ڏيئي اٿار تہ سهي." ميهار جيئن وڏي وڃي سندس هٿ ورتو، تيئن ديو هن کي بہ ورائي ڪٽي گوڏي هيٺان ڪيو.

ڳچ وقت ميهار کي به تڪيائون، پر هو نه موٽيو هو نه موٽيو. اميرحمزي چيو ته "ادا! هن کي به ڪنديون ياد پيون، ويندي ويرم ئي نه ڪيائين. هاڻي اوهان مان ڪو وڃي." اهو ٻڌي، لوهار سنبري اٿي هليو؛ مگر وڃڻ وقت هن کي چيائون ته "ٻيلي! ادا! دڪان تي وڃڻو هجيئي، ته هينئر ئي ڪٽي ٻڌاءِ!" لوهار چيو ته "جي دوڪان جي ايتري ڳڻتي هجي ها، ته هتي اچان ئي ڪونه ها." ائين چئي، هو روانو ٿي ويو. جڏهن دونهينءَ تي پهتو، تڏهن ديو ڏسي ڪجهه شڪ پيس، پر دل جهلي چوڻ لڳس ته "ماما! ڇيٽي دڪاڻ جي موڪل آهي؟" پر ديو هن کي به ساڳيءَ طرح ستت ڏيئي، ڪٽي ٻين سنگتين سان ٻيڙو ڪيو.

جڏهن لوهار به ڪين موٽيو، تڏهن اميرحمزي ڳارڙئي کي چيو: "ادا، هو سڀئي وڃي پنهنجي پنهنجي گهر آسودا ٿيا، تون به جي سنگت نوڙين، ته هاڻي ئي ڪٽي ٻڌاءِ!" تنهن تي هن چيو ته "سائين، وڃڻ وارا ويا، منهنجو سرُ سائينءَ سان آهي." ائين چئي، هو به اُٿي ٿيو ساڳين پيرن تي روانو. پر اتي پهتو، ته هن سان به ديو ساڳي ڪار ڪئي.

جڏهن اميرحمزي يارن جي موٽڻ جو آسرو پليو، تڏهن پاڻ به انهن ئي پيرن تي اُٿي پنڌ پيو. ڇا وڃي ڏسي ته ٻلي! هڪڙو آفت جيڏو ديو ستو پيو آهي! شڪ پيس ته هن ئي منهنجا دوست گم ڪيا آهن. اجا انهيءَ ويچار ۾ هو ته ڪيس چار ڇيٽا به دونهينءَ جي پر ۾ پيل نظر آيا. هاڻي پڪ ٿيس ته اهو ڪم انهيءَ ديو جو آهي. سو، وڃي وڃي پڇيائينس ته "سائين! باهه ڪٽي وجان؟" ديو ساڳيءَ طرح وراڻيو ته "بابا! ٻلي، پر مون ٻڍڙي کي ته هٿ ڪان وٺي اُٿاري ويهار." اميرحمزي ته ڪيس سڃاتو هو، تنهن هٿ ڪان وٺي اهڙي ستت ڏنيس، جو ديو ته وڃي ميل پنڌ تي ڪريو- پر ڇا ڏسي ته سندس دوست 'ڪيڙو ڪيڙو' ڪيو پيا اُٿن! اميرحمزو پنهنجن دوستن سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ هنن کان قيد ٿيڻ جو پڇيائين- تڏهن سڀني ساڳي ڳالهه ڪئي. ايتري ۾ ديو به ڏڪ جهلي، را ڪهور

پريندو، اچي ويجهڙو بيٺو، پر پَوَ ڪان ڏڪيو پئي. اتي اميرحمزي ديو کي چيو تہ "اي شخص، تون تہ ڪو ڏاڍو جوان آهين، جو منهنجا چار بهادر دوست هڪ ئي گوڏي هيٺ ڪري ويهي رهئين!" ديو هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ "سائين، مان ڪهڙو پهلوان آهيان ڏاڍو مڙس آهي تہ اميرحمزو آهي، جنهن جو ڏرتيءَ تي ڏاڪو آهي." اميرحمزي چيو تہ "هڪڙو اميرحمزو تہ مان بہ آهيان." ديو هٿ ٻڌي چيو تہ "سائين، جي اميرحمزو تون آهين، تہ آڳو تنهنجو پيڇو منهنجو!" ۽ ائين چئي هو بہ اميرحمزي وارن جو همراهہ ٿي پيو.

جڏهن ڪجهہ پنڌ ڪيائون، تڏهن ديو پڇيو تہ "سائين، آخر ڪيڏانهن هلڻ جو ارادو آهي؟" اميرحمزي ڪيس ٻڌايو تہ "مان وڃان ٿو ڏڦيل ديو جي قيد مان ڪٽڪ راڻيءَ کي ڇڏائڻ؛ توکي خبر آهي تہ اهو ڪهڙي هنڌ آهي؟" ديو هٿ ٻڌي عرض ڪيو: "قبلا، اهو خيال لاهي ڇڏ؛ هو اهڙي بلا آهي، جو اسين بہ هن جي پَوَ ڪان پڃي، ست بادشاهيون پري دونهيون دکائي اچي هتي ڪريا آهيون.... ڪوبہ ديو سندس ملڪ ۾ ڪونہ ٿو رهي؛ سو تون اڪيلو آدمزاد اتي ڇا ڪري سگهندين؟ چڱو ائين ٿيندو تہ ڪنهن ٻئي پاسي منهن ڪر. جنهن بہ بادشاهيءَ جي ڪا بہ حسين ۽ سهڻي عورت توکي وڻي، سا آءٌ آڻي تو وٽ حاضر ڪريان، باقي انهيءَ نامراد ديو جي اوڏو نہ وڃ." اهو ٻڌي، اميرحمزي چيس تہ "اي يار، مون پنهنجي هڪڙي دوست سان وعدو ڪيو آهي، سو مڙندس اصل ڪونہ، توکي هلڻو آهي تہ هل، نہ تہ اسين وڃون ٿا." اهو ٻڌي ديو هنن سان گڏ هلڻ تي رضامند ٿيو- چيائين تہ "هيءُ تہ هڪڙو سرُ آهي، پر جي ڏهہ هجن، تہ بہ دوستن تان قربان ڪري ڇڏيان."

ديو ملڪ جو سونهون هو، تنهنڪري هنن کي ڪا تڪليف ڪانہ ٿي، تان جو اچي هڪڙي شهر وٽ پهتا. اميرحمزي چئن ئي يارن کي هڪ هڪ رپيو ڏنو، تہ پلي وڃي شهر گهمي ڪاڌي پيتي جو سامان وٺي

اڇن: باقي ديو کي هڪ سو رپيا ڏنائين- چو ته ڇاتائين ته ته هن جو پيٽ ٿوري مان نه ڀربو. ٻيا ته سڀ مُلهه سان شيون خريد ڪري ڪاڻ لڳا، باقي ديو رپيا دوڪاندارن جي منهن ۾ اُڇلائيندو ويو. جڏهن روپين کان جند آزاد ٿيس، تڏهن جيڪي جتان وٺيس، سو کٽي کائڻ لڳو. ٿورو گهٽو ڏُک ٻُجو ته مٿس اثر ئي ڪونه پيو ڪري. آخر پڇاڙيءَ جو جيترو سامان کٽي سگهيو، سو کٽي اميرحمزي وٽ آيو. شهر جي ماڻهن وڃي بادشاهه کي اهو اطلاع ڏنو. بادشاهه لشڪر تيار ڪري، مقابلي لاءِ سنيري آيو. اميرحمزي ديو کي چيو "ته تو ناحق ڪري ڇڏيو! هاڻي ڪير هنن سان منهن ڏيندو؟" ديو نڪا ڪئي هم نڪا تَمَ، پر واريءَ ٽڪريءَ تان وڏيون ڇپون کٽي، لشڪر تي اڇلائڻ لڳو، ۽ ڳچ لشڪر چٽ ڪري ڇڏيائين. بادشاهه پيش پيو، صلح جي شرطن ۾ اڌ بادشاهيءَ جو ۽ ڌيءَ جو سڱ ڏنائين. اميرحمزي اهو سڱ ٻڪرار کي ڏنو، ۽ اڌ بادشاهي به ان کي بخشي، کيس هڪ تير ڏيئي اڳتي روانو ٿيو- وڃڻ وقت چيائينس ته "هيءُ پاڻ وٽ سوگهو رکجانءِ. جڏهن ڏسين ته تير ڪنجي ويو آهي، تڏهن پڪ ڄاڻجانءِ ته منهنجي سر ڏي خير ڪونهي."

جڏهن ٻئي شهر وٽ پهتا، تڏهن اميرحمزي ٻين ٽن ڄڻن کي هڪ هڪ رپيو خرچي ڏنو، باقي ديو کي وري به سَو رپيا ڏيئي، نصيحت ڪيائين ته "اجائي جهڳڙي مان کهڙو سود.... پنهنجا پئسا ڏيئي، جيڪي وٺئي سو وڃي کاءُ پيءُ." پر ديو جي وري به ساڳي ڪار! وڃي شهر ۾ مانڌاڻ وڌائين. بادشاهه وٽ شڪايت پهتي، تنهن هن بلا سان مقابلي لاءِ لشڪر روانو ڪيو. ديو به، هڪ وڻ پاڙئون ڪڍي، رخ رکيائين لشڪر ڏانهن- ڪيترا سپاهي هٽي ستي وڌائين. آخر هن بادشاهه به اڌ بادشاهي ۽ ڌيءَ جو سڱ ڏيئي، جند ڇڏائي. اميرحمزي اهو سڱ ۽ بادشاهي ميهار جي حوالي ڪئي، ۽ وڃڻ وقت هن کي به هڪ تير ڏنائين، ۽ کيس سمجهايائين ته "جيڪڏهن تير ڪنيل ڏسين، ته منهنجو خير نه

سمجهجانءِ."

هاڻي هيءُ چار ڄڻا روانا ٿيا ۽ وڃي رات جو هڪ شهر جي ٻاهران نڪتا. صبح جو شهر گهمڻ لاءِ لوهار ۽ گازڙي رهيو رهيو وڃي روانا ٿيا؛ باقي ديو کي اميرحمزي ٻه سو روپيا ڏيئي، چيو ته "بيلي! باقي وڃي چار ڄڻا بچيا آهيون. هروڀرو چو ٿو ڪترا ڳ ڪرين؟" ديو وعدو ڪيو ته "سائين، هاڻي ڪجهه به نه ڪندس." مگر جڏهن شهر ۾ پير پاتائين، ته وري به اهو ڳن اهو ڪهاڙو! ڪيائين لٽ مار شروع. هڪڙيءَ شاديءَ لاءِ ڪٽاه ٻئي تيار ٿيا... لذيذ طعام ڏسي، دل نه رهيس: سو پلٽي ماري وينو کائڻ. ماڻهو ته سندس هيبت کان اڳ ۾ ئي ڀڄي ويا هئا، سو مڙس بي فڪر ٿي وينو پيٽ پرڻ. شهر ۾ هل پئجي ويو. ماڻهن وڃي بادشاهه جو ڳلو ورتو، جنهن پنهنجي پٽ کي هاٿيءَ تي چاڙهي روانو ڪيو. ديو به طعام کائي، شهر کان ٻاهر نڪتو مس، ته شهزادو اچي پهتس. ديو، شهزادي کي هاٿيءَ سميت ڪنيي ڪڇ ۾ اچي اميرحمزي وٽ پهتو. بادشاهه پنهنجي پٽ جي آزاد ڪرائڻ لاءِ وزير کي موڪليو، جنهن سان اميرحمزي وري به اڌ راڄ ياڳ ۽ ڌيءَ جي سڱ ملڻ تي ناهه ڪري، شهزادي کي آزاد ڪرايو. اميرحمزو اهو سڱ ۽ بادشاهي لوهار جي حوالي ڪري، هڪڙو تير کيس به نشانيءَ طور ڏيئي، اڳتي روانو ٿيو.

جڏهن ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ پهتا، تڏهن وري به ديو جي شرارت سبب اتان جي بادشاهه جنگ ڪئي، مگر هار کائي، اميرحمزي کي ڌيءَ جو سڱ ۽ اڌ بادشاهي جو ڏنائين. اميرحمزي اهو سڱ گازڙئي کي پرڻائي، بادشاهيءَ جو حصو کيس بخشي، ٻين وانگر هن کي به هڪ تير نشاني ڏنو ۽ پاڻ اڳتي روانو ٿيو. هاڻي رڳو وڃي ديو همراهه رهيو هوس. منزلون ڪندا ڪندا اچي ڪٽڪ راڻيءَ جي محلات کي ويجها پيا. جڏهن ديو جي اک ڏٺيل ديو جي محلات تي پيئي، تڏهن هن، اميرحمزي جي پيرن تي هٿ رکي، کانئس موڪلايو-چي، "سائين، جي ديو کي مات ڪيئه، ته اچي

تو وٽ سهزندا سون، نه ته پرتين پيرن ڪي!"

امير حمزو جڏهن ويجهو پهتو، تڏهن ڏٺائين ته سڄو محلات پيو جهرڪي. ڪوبه ان جو اوهي واهي نه ڏسي، گهڙي پيو محلات ۾. اندر وڃي ڏسي، ته هڪ ملوڪزادي ستن برقعن ۾ منهن بند ڪيو ويٺي آهي.

وڃي، سندس برقعا لاٿا. ملوڪزادي هن جي حسن تي حيران ٿي ويٺي، ۽ هيءُ وري سندس سونهن تي موهجي پيو. آخر پڇا ڪيائين ته "تنهنجو نالو ڇا آهي، ۽ هت ڪيئن ٿي رهين؟" ملوڪزاديءَ ٻڌايو ته "اي شهزادا، منهنجو نالو 'ڪٽڪ راڻي' آهي. سون ڪي هيءُ ديو منهنجي پيءُ جي بادشاهيءَ مان زوريءَ ڪٽي آيو آهي. ڏينهن جو هو شڪار تي ويندو آهي، ۽ شام جو موٽي ايندو آهي. هيءُ ديو سيني ديون کان وڌيڪ خراب آهي. توکي هتي ڏسندو، ته ماري ڇڏيندو؛ تنهنڪري بهتر ٿيندو ته تون هڪدم هتان هليو وڃ." اميرحمزي چيو: "راڻي، آءٌ آيو ئي تنهنجي ڳولا ۾ آهيان؛ يا ته اچان نه ها، جي آيو آهيان ته هاڻي مڙس ٿي منهن ڏيندس."

سڄو ڏينهن رهاڻيون ڪندي گذاريائون. جڏهن شام ٿي، تڏهن پهريائين ڇوهو آيو ۽ آسمان تي غبار ڇانئجي ويو. ڪٽڪ راڻي، اميرحمزي کي ٻڌايو ته "هيءَ انهيءَ ديو جي هلڻ ڪري دز اُڏاڻي آهي. هاڻي ڄاڻ هو آيو، تنهنڪري پڄي وڃي ڪٿي لڪ!" پر اميرحمزو ويٺوئي رهيو. ٿوريءَ دير بعد، مينهن جي ڪڻ ڪڻ شروع ٿي؛ ڪٽڪ راڻي اتي هن کي ٻڌايو ته "هاڻي هو بلڪل ويجهو آهي." پر اميرحمزي تڏهن به ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. جهٽ ڪانه گذري، ته ديو "آدمبوءِ، آدمبوءِ" ڪندو پهچي ويو. اميرحمزو به ديو سان مقابلي لاءِ محلات کان ٻاهر نڪري آيو. ديو، پنهنجي محلات اڳيان هڪڙي آدمزاد کي ڏسي، ڪاوڙ ۾ ڪارو ٿي ويو، ۽ هڪڙي چپ ڪٽي اميرحمزي تي اُڇلايائين. اميرحمزي ڍال سان اُن چپ کي اهڙو ته تيز ڏنو، جو وڃي ڪوهن ۾ ڪري. ديو ڏٺو ته مار، هيءَ ته ڪا وڏي آفت آهي! تڏهن ويجهو اچي، چيائينس ته "هشيار اُڇلاءِ؛ اچ ته

هٿين خالي مقابلو ڪريون." اميرحمزي بہ ترار ڪٽي اڇلائي، ۽ ٻئي ٻڪين پئجي ويا. پهريائين اميرحمزي کي ديو ڦيرائي پٽ سان هنيو، تہ گوڏن تائين زمين ۾ ويهي ويو. اميرحمزي پاڻ کي آجو ڪري، ديو کي ٻڪ وجهي مٿي کنيو، ۽ ڦيرائي ڦيرائي اهڙي زور سان زمين تي هنيائينس، جو هو چيلهہ تائين زمين ۾ گهڙي ويو. وري ديو ڪاوڙ مان اتان نڪري، اميرحمزي کي گهمائي گهمائي، زمين تي هنيو، تہ هو سيني تائين مٽيءَ ۾ پورجي ويو. اتي اميرحمزي يڪدم پاڻ ڇڏائي، جوش مان ديو کي ڦيرائي اهڙو تہ زور سان زمين تي هنيو، جو هو ڳچيءَ تائين ڏوڙ ۾ دفنجي ويو، ۽ گهڻي ئي ڪوشش ڪيائين، پر اتان نڪري نہ سگهيو. پوءِ اميرحمزي ڌڪ هڻي ماري ڇڏيس.

امير حمزي جو دوست ديو، جنهن اهو تماشو پري کان پئي ڏٺو، سو اڏامندو آيو، ۽ اميرحمزي کي ڪلهي تي کڻي يڪدم سڄي شهر جي چوڌاري ڦيرائي، آڻي محلات ۾ لاٿائينس. ان کان پوءِ، اميرحمزي کي چيائين: "سائين، مون انهيءَ ديو جي ڀَوَ کان ٻارهن مهينا ننڊ نہ ڪئي آهي، هاڻي اجازت ڏيو تہ اک لائي وٺان.... پر ڇهہ مهينا مون کي نہ اُٿارجو." اميرحمزو پوءِ اچي ڪٽڪ راڻيءَ سان مليو، جا اڳ ۾ ئي درٽ بيٺي هئي. ٻيئي ملي ڏاڍا خوش ٿيا.

اميرحمزو شهر گهمي ڏسي، تہ سڄو ويران ٿيو پيو آهي. ماڻهو جيئڻو ڪوبہ ڪونهي، باقي کاڌ خوراڪ جو ڪاٿو ڪونہ هو. هن کان تہ پنهنجو ملڪ ئي وسري ويو. رات ڏينهن شڪار جي شوق ۽ ڪٽڪ راڻيءَ جي محبت ۾ غرق هو. هڪڙي ڏينهن، ڪٽڪ راڻيءَ جيئن محلات جي هيٺان وهندڙ نديءَ ۾ تڙ ڪيو، تيئن ڦڻي ڏيئي، ڦڻيءَ ۾ ڦاٿل وار ڳوڙهي ڪري ڪٽي نديءَ ۾ اڇلايائين. اچي جا هڪ سينگاري مڇي، تنهن اُهي وار ڳِهي ڇڏيا. ڪٽڪ راڻيءَ جا وار سونا هئا.

هڪڙي ڏينهن، پاسي واريءَ ڪنهن ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ هڪڙي مهاڻي

چار وڌو. اتفاق سان اهائي سينگاري مڇي جار ۾ ڦاٿي، جنهن جي پيٽ ۾ ڪٽڪ راڻيءَ جا سونا وار هئا. انهيءَ ڏينهن جار ۾ ڦاٿي بہ رڳو اهائي هڪڙي مڇي، سو مهاڻي دل ۾ خيال ڪيو تہ مون کي تہ آهي گهل ٻچن جي، سو هن مان انهن جو ڪيئن پيٽ پربو.... تنهنڪري انعام جي لالچ تي بادشاهہ وٽ سوکڙي ڪري کڻي آيو. بادشاهہ مڇيءَ جو تحفو قبول ڪري، مهاڻي کي انعام ڏيئي روانو ڪيو. پانهيءَ جڏهن وڃي مڇي چيري، تہ ڏسي تہ اندر سونن وارن جي هڪ ڳوڙهي پيئي آهي. پانهي اهي سونا وار کڻي سڌو بادشاهہ وٽ آئي. بادشاهہ سونا وار ڏسي ڪٽڪ راڻيءَ تي اڻ ڏٺو عاشق ٿي پيو، ۽ يڪدم شهر ۾ هوڪو ڏياريائين تہ "جيڪو ماڻهو مون کي اها راڻي آڻي ڏيندو، تنهن کي ڏيءَ جو سڱ، ۽ اڌ بادشاهي ڏيندس." پڙهو ٻڌي، هڪڙي پوڙهي بادشاهہ وٽ آئي ۽ اچي چيائين تہ "اي بادشاهہ، اهو ڪم آءٌ ڪنديس، پر هينئر مون کي مهاڻا گهرائي ڏي." مهاڻن کي گهرايو ويو. پوڙهيءَ انهن کان پڇيو تہ "هن موسم جي مڇي اوپاري يا لهواري؟" مهاڻن جواب ڏنو تہ "لهواري." پوڙهيءَ پوءِ بادشاهہ کي چيو تہ مون کي هڪڙي ٻيڙي چئن مهاڻن سميت ڏي، ۽ انهن لاءِ ڇهن مهينن جو سيڌو بہ ڏي. بادشاهہ حڪم ڪيو تہ "پوڙهي جيڪي بہ گهري سو کيس هڪدم ڏيو." آخر پوڙهيءَ ٻيڙو کڻي درياهہ ۾ هاڪاريو.

ٻيڙو اوپارو هلندو رهيو. جڏهن ڪٽڪ راڻيءَ جي محلات کي اوڏو آيا، تڏهن پوڙهيءَ ملاحن کي ٻيڙي بيهارڻ لاءِ چيو. جڏهن ٻيڙو ڪنڌيءَ لڳو، تڏهن پوڙهي محلات ۾ وڃڻ بدران شهر ۾ هلي ويئي. شهر گهمي ڏٺائين تہ سڄو سڃ لڳو پيو هو. خيال ڪيائين تہ هتي ضرور ڪنهن ديو جو واسو آهي. اهو خيال ڪري، هن وڃي محلات جو پاسو ورتو، ۽ لڪي لڪي محلات ڏانهن نهاريندي رهي. ڪٽڪ راڻي جڏهن گهمندي ڦرندي اچي هڪ دريءَ وٽ بيٺي، تڏهن هن جا سونا وار ڏسي پوڙهيءَ مائيءَ کي

پڪ ٿي تہ هيءَ اهائي راڻي آهي، جنهن جي تلاش ۾ آئي آهيان. اتي پوڙهيءَ مڪريلڻ ڇا ڪيو، جو تيل جي هڪڙيءَ مَٽيءَ ۾ ويهي، يڪدم ٻاهر نڪري آئي، ۽ انهيءَ حالت ۾ ئي ڪٽڪ راڻيءَ جي محلات ۾ هلي ويئي. ڪٽڪ راڻي هن کي ڏسي ڏاڍي حيران ٿي، ۽ ڪانئس پڇيائين: "اي ٻڍڙي! تون ڪير آهين ۽ ڪٿان آئي آهين؟" ٻڍڙيءَ جواب ڏنو: "اما، بادشاهن واقعا پوندا، جَتي ڪانہ ويچاري: مان هن شهر جي بادشاهہ جي ماءُ هيس. جڏهن اهو مُئو ديو هن شهر تي اچي ڪريو، تڏهن ٻيا تہ سڀ ڪائي ڪپائي ڇڏيائين، باقي مان تيل جي هڪ مَٽيءَ ۾ وڃي لڪيس. تيل جي بانس سبب هن کي منهنجي بانس ڪانہ آئي، انهيءَ ڪري بچي ويس. هاڻي جڏهن ڏٺم تہ ديو مارجي ويو آهي، تڏهن هٿ وسهن سمجهي، هلي آئي آهيان. الله جي ڏني مان ڪو ڪٿو ڏيندينءَ تہ واهہ، نہ تہ الله خوش رکيئي." ڪٽڪ راڻيءَ کي هن تي رحم اچي ويو. تنهن چيس تہ "ماسي، ويني ڪاءُ. مان اڪيلي ٿيندي آهيان. هاڻي هڪ ڪان ٻہ ٿي پيونسين.

جڏهن شام ٿي، ۽ اميرحمزو موٽي آيو، تڏهن ٻڍڙيءَ کي ڏسي چرڪ پيس. ڪٽڪ راڻيءَ کان ان بابت پڇيائين. ڪٽڪ راڻيءَ سچي حقيقت ٻڌايس. اميرحمزي چيو تہ "هاڻي خير ڪونهي. هن مڪريل پير ڪوڙي ڪوڙ هنيو آهي. انهيءَ مان ڀلائي ڪانہ ٿيندي. چڱو ائين آهي تہ هن کي هاڻي ئي ٽڙا مٽي تي ڏي." پر ڪٽڪ راڻي چوي تہ "پوڙهي جهور، پنهنجي ئي ساهہ ۾ ٿي مري، سا اسان کي ڪهڙو نقصان رسائيندي!" ڪٽڪ راڻيءَ جي ضد تي ٻڍڙي اُتي ئي ترسي پيئي.

هڪ ڏينهن خدا جو ٿيو، تہ ٻڍڙيءَ ڳالهين ڪندي، ڪٽڪ راڻيءَ کي چيو تہ "عورت ڪيتري بہ سچي هجي، مگر مرد کي ان ۾ اعتبار نہ ويهندو." ڪٽڪ راڻيءَ چيو تہ "منهنجو مڙس مون تي پورو ويساهہ رکندو آهي." ٻڍڙيءَ چيو تہ "تون پنهنجي دل ۾ ڪٿي ڪيترو بہ خوش هجين، پر ڳالهہ سچي اها اٿيئي، جا مون ٻڌائي آهي." آخر گهڻي جهڳ جهڳ

ڪانپوءِ، ٻيڙيءَ چيو تہ ”تون ڪٿي منهنجي ڳالهہ کي آزمائي- جڏهن اميرحمزو اچي، تڏهن ڪانئس پڇجانءِ تہ سندس ساهہ ڪهڙيءَ شيءِ ۾ آهي؟“ ڳالهہ پڪي ٿي ويئي. رات جو اميرحمزو ماني کائي جيئن سُتو، تيئن ڪٽڪ راڻيءَ پڇيس: ”اي شهزادا! ٻڌاءِ تہ تنهنجو ساهہ ڪهڙيءَ شيءِ ۾ آهي؟“ اميرحمزي کي هانءَ ۾ چڻ ڌڪ لڳي ويو. سمجهيائين تہ اهي ڪم انهيءَ پوڙهيءَ ڏائڻ جا آهن. پوءِ ڳالهہ ڳٽي، جواب ڏنائين: ”اها بہ ڪا عقل جي ڳالهہ آهي! ساهہ سيڪنهن جو بدن ۾ هوندو آهي، ٻ ـ ـ وري چا ۾!“ پر هيءَ بہ پڪي پڙهايل هئي، سا مڃي ڪٿي ٿي! نيٺ اميرحمزي کي مجائي وڌائين، جنهن انجام ڪيس تہ ”مهيني کان پوءِ توکي ڏسيندس.“

صبح جو ٻيڙيءَ راڻي کان پڇيو، جنهن تي هن ٻڌايس تہ ”مهيني جووعدو ڪيو اٿس.“ پوڙهي بہ نڪرين جي پڙهيل هئي: تنهن چا ڪيو، جوُ هڪ ڏاڳو ڪٺي هڪڙي ڳنڍ ڏيئي ڇڏيائين. جڏهن ٻيو ڏينهن ٿيو، تڏهن وري ٻي ڳنڍ ڏنائين. اهڙيءَ طرح هر روز هڪ ڳنڍ ڏيندي هئي. جڏهن مهينو پورو ٿيو، تڏهن وري راڻيءَ کي چيائين: ”راڻي، اڄ رات مهينو پورو ٿيو، هاڻي وري پڇجانس.“ رات ٿي، تہ ڪٽڪ راڻيءَ وري بہ اميرحمزي کي چيو تہ ”هاڻي پنهنجو وعدو پورو ڪر.“ اميرحمزي سمجهيو هو تہ زائفان جي ذات آهي، ڳالهہ وسري ويندي. پر هيءَ تہ ڪنهن پڪي مُلي جي پاڙهيل هئي: تنهنڪري لاچار ٿي ٻڌائڻو پيس تہ ”منهنجو ساهہ هِن ڪَني (ترار) ۾ آهي.“

اجا صبح ئي مس ٿيو تہ ٻيڙيءَ اچي پاسو ورتس. ڪٽڪ راڻيءَ بہ ڪيس سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. ٻئي ڏينهن پوڙهي شهر گهمڻ جو بهانو ڪري، وڃي ٻيڙيءَ وارن ملاحن سان پڪ ڪري آئي تہ ”سياڻي فلاڻي گهيڙ وٺ اچي ٻيڙي کي جهلجو.“ ٻئي ڏينهن ڪٽڪ راڻيءَ کي چيائين تہ ”اما، اڄ تہ ميٺ تيل ڪري نديءَ مان تڙ ڪري اچون.“ ڪٽڪ راڻيءَ بہ ڪٿي هائو ڪئي. جڏهن ٻيئي ڄڻيون نديءَ تي پهتيون، تڏهن ملاحن کي ڪٿي اشارو

ڪيائين، جن ڪٽڪ راڻيءَ کي وجهندي ئي پاڪر، ڪٽي ٻيڙيءَ ۾ وڌو؛ ۽ هڪلي ٿيا روانا. اجا سڌ پنڌ پريرو ويا ته اتي ٻڍڙيءَ کي اميرحمزو ياد آيو. سو يڪدم محلات ۾ موٽي ويئي، ۽ ڇا ڪيائين، جو اميرحمزي جو ڪنو ٻئي ڪني سان بدلائي، ڪپهه جي ٻُرڪين ۾ ويڙهي، مٿان تيل هاري، ڪٽي باهه ڏنائينس. پوءِ موٽي اچي ٻيڙي تي پهتي، ۽ ٻيڙو هاڪاري ٿيا پنهنجي ملڪ ڏانهن روانا.

اميرحمزي ان مهل شڪار پٺي ڪيو ـــ جو سندس ڪپڙن کي اوچتوئي اوچتو اچي باهه ورتو. هو ڳالهه سمجهي ويو، سو يڪدم گهوڙي تي چڙهي محلات ڏانهن موٽيو. پر تيستائين سندس سڄو جسم سڙي ويو. نيٺ هو بيهوش ٿي، اچي پلنگ تي ڪريو، ۽ دم ڏنائين ـــ ڇو ته ڪنو انهيءَ وچ ۾ سڄو سڙي ڪارو ٿي ويو هو.

جڏهن ڪٽڪ راڻيءَ کي بادشاهه وٽ آندائون، تڏهن بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ انعام موجب ٻڍڙيءَ جي پوٽي کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ۽ اڌ بادشاهي ڏنائين. ان کانپوءِ، ڪٽڪ راڻيءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ سنيهو موڪليو. مگر ڪٽڪ راڻيءَ جواب ڏنس ته "جن جا وَرَ مري ٿا وڃن، سي ٻه چار مهينا عدت ۾ ويهنديون آهن؛ پر آءٌ ته مڙس ڇڏي آئي آهيان، سو مون کي ٻارهن مهينا مهلت ڏي.... ان کانپوءِ تنهنجي مرضي." بادشاهه اها ڳالهه قبول ڪئي، هن کي نديءَ جي ڪپ تي هڪڙو جدا محلات ٺهرائي ڏنائين، جنهن ۾ ڪٽڪ راڻي ڪارا ڪپڙا ڍڪي، اميرحمزي جي ارمان ۾ ويهي رهي.

اميرحمزي جا يار هڪڙي ڏينهن فجر جو اُٿيا، ته سندن تير ڪٽيا پيا هئا. جوانن جي دل ڪاجي ويئي. ٻڪرار پڳو سڌو ميهار وٽ. ميهار اڳيئي سنيريو ويٺو هو. ٻنهي جڻن رکيو پيرن تي زور.... سڌو آيا لوهار وٽ. لوهار به حال احوال پڇي هنن سان ڪيو تيلهڙو. هليا اڳتي، ته گارڙيو به پنهنجي گز ڪمان سان تيار ويٺو هو. چارئي جڻا حال احوال ڏيندا،

هڪليندا جڏهن امير حمزي جي محلات وٽ آيا، تڏهن ڏسن ته محلات جي هيٺان ديو ستو پيو آهي، سندس کونگهري جو نڪاءُ پيو لڳي! جاڳايائونس، پر هن پيچڙي به نه چوري. صلاح ڪيائون ته هن کي جاڳائڻ به ضرور آهي. سو ڍنگرن جا پور ڪٽي اچي هن جي مٿان ڪُهَڙَ بٽايائون، ۽ نوڪي ڏنائونس تيلي. تڏهن باهه جي سيڪ تي 'اون اون' ڪري اُٿي وينو. يارن تي ناراض ٿي چيائين: "اجا اک ئي مس لڳي هئي، ته اچي جاڳايو اٿو!" تنهن تي هنن ٻڌايس ته "خدا خير ڪري، امير حمزي جو الائي ڪهڙو حال آهي، جو اسان جا گز ڪٽجي ويا آهن، نيٺ ديو اُٿيو. سيئي ويا محلات ۾. ڇا ڏسن ته امير حمزو سڄو سڙيو ڪارو ٿيو پيو آهي. ڏاڍو تعجب لڳن ته ٻيو ڪو به تپڙ ڪونه سڙيو، باقي جوان ڪيئن سڙيو؟ لوهار هو سياڻو، تنهن تپڙ ڦولهڻ شروع ڪيا. ڏسي ته ٻيا سڀ تپڙ، جو جتي آهي تتي ڪيو آهي، باقي هڪ ڪنو سو سڙيو پيو آهي. هن سهي ڪيو ته حرڪت ئي انهيءَ ڪني ۾ آهي؛ سو نڪريون ڪٽي، اچي وينو، ڪني کي گسڻ. اجا ان جو هڪ پاسو صاف ڪيائين، ته امير حمزي پاسو بدلايو. وري ٻيو پاسو صاف ڪيائين، ته امير حمزي پاسو بدلايو. وري ٻيو پاسو صاف ڪيائين، ته ڪلمو پڙهي اُٿي وينو. اُٿڻ شرط پڇيائين ته "ڪٽڪ راڻي ڪٿي آهي؟" هنن چيس ته "اسان کي خبر ڪانهي." پوءِ ته پوڙهي ياد آيس، ۽ سڄو معاملو سمجهي ويو. ديو کي چيائين ته "ڪيئن به ڪري ڪٽڪ راڻيءَ کي ڳول." ديو، طوطو ٻڌجي، ڪٽڪ راڻيءَ کي ڳولڻ لاءِ اُڏامي روانو ٿي ويو. طوطي ڪان، سو به ديو طوطي ڪان، ڪهڙي ٿي ڳالهه لڪي رهي... سو ڇئن ئي ڪنڊن تي لامارا ئي چار ڏنائين، ته وڃي راڻيءَ کي ڳولي هٿ ڪيائين، ۽ پري کان راڻيءَ کي چتائي ڏسڻ ويهي رهيو.

ڪٽڪ راڻيءَ طوطي کي پاڻ ڏي ائين ڏسندو ڏسي، چيو ته "جي منهنجو آهين، ته مون ڏانهن اچ." طوطو خوش ٿيندو تلندو ڏانهنس ويو، ۽ وڃي خبر چار ٻڌايائينس. نيٺ صلاح ڪيائون ته ڪٽڪ راڻي بادشاهه کي چوي ته هوءَ شاديءَ لاءِ تيار آهي. ٻئي ڏينهن ڪٽڪ راڻيءَ بادشاهه کي

- تڏهن ديو محلات کڻي ترِيءَ تي رکيو.....

ٻڌايو. بادشاهه ٻڌي، ڏاڍو خوش ٿيو. رات جو شهر جون خوبصورت ۽ معتبر زالون ان ساڳيءَ پوڙهيءَ مڪريلڻ سان گڏ ڪٽڪ راڻيءَ کي ميندي لائڻ ويون. جڏهن سڀ محلات ۾ پهتيون، تڏهن ديو اهو محلات کڻي ترِيءَ تي رکيو، ۽ خيمن جو تيئن اک ڇنڀ ۾ آڻي اميرحمزي جي اڳيان حاضر ڪيو. اميرحمزو ڪٽڪ راڻيءَ سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ٻين کي دوستن جي حوالي ڪري ڇڏيائين. ديو عرض ڪيو ته "سائين! اها پوڙهي مون کي ڏيو." اميرحمزي اُها ان کي ڏني، جنهن ڄنهن ڄنگهه تي ڄنگهه رکي چيري ڇڏيس.

امير حمزي کي هاڻي خيال آيو ته پنهنجي ملڪ وڃان. يارن کان موڪلائي، ديو کي چيائين ته "اسان کي هڪدم انهيءَ ڪوهه تي پهچاءِ، جنهن ۾ ديو رهي ٿو." ديو جي اڳيان ڪهڙي دير هئي! جهٽ پٽ اُتي اچي ڇڏيائين. اميرحمزي ڏٺو ته هائو ٻيلي، اُهو ديو اجا ستو پيو آهي، ۽ سندس ڪنوار ويچاري اهائي موڙهي سوڙهي هن جي پاسي ۾ ويٺي آهي. ڏاڍي غيرت آيس، پر ڪاوڙ پي ويو، ۽ هڪل ڪري اُٿاريائينس. ديو اميرحمزي کي ڏسي ڏڪي ويو. اميرحمزي چيو: "مان ڪٽڪ راڻيءَ کي وٺي آيو آهيان، ۽ تنهنجو دشمن به ماري آيو آهيان. هاڻي مون کي پنهنجي ڪنوار ڏي." ديو چيو: سائين، تنهنجي ملڪ آهي.... وٺي وڃ، ۽ ڪٽڪ راڻي مون کي ڏي!" اميرحمزي کي ڏاڍي خار آئي، ۽ نڪاءُ جو ترار ڪرايائينس ته سِسي وڃي پري پيس. پوءِ ڪنوار وٺي، ڪٽڪ راڻيءَ سميت خير سان گهر پهتو. سندس ماءُ، پيءُ هن جي غم ۾ روئي روئي انڌا ٿي پيا هئا. انهن جڏهن ٻڌو ته اميرحمزو آيو آهي، تڏهن اول ته اعتبار ئي نه پيا ڪن. پر جڏهن اميرحمزي جو ڳالهاءُ ٻڌائون، تڏهن ڏاڍا خوش ٿيا. بس پوءِ ته ملڪ ۾ خوشيون ٿي ويون؛ ۽ بادشاهه پنهنجي پٽ امير حمزي کي پنهنجي جيئري ئي ڪٽي تخت تي ويهاريو. – جهڙو ميلو انهن جو ٿيو، تهڙو شل جڳ جهان جو ٿئي.

●●●



سونن وارن واري شهزادي

ڪنهن ملڪ جي بادشاهه کي هڪڙو سڪيلڌو پٽ هوندو هو، پر ڏاڍو ائنٽرو هوندو هو. شهزادي جي ارڏاين کان رعيت ڏاڍي تنگ ٿي... آخر گهڻيءَ دانهن ۽ شڪايت تي، بادشاهه غصي ۾ اچي، شهزادي کي ديس نيڪالي ڏيئي، ملڪ مان ڪڍي ڇڏيو. شهزادي جا ٽي دوست هئا: هڪ برهمڻ، ٻيو سونارو ۽ ٽيون واڍو. شهر ڇڏڻ کان اڳ ۾، شهزادو جڏهن انهن کان موڪلائڻ آيو، تڏهن يارن چيس: "شهزادا، جيڏانهن تنهنجو پنڌ، اوڏانهن اسين به هلنداسين. دوست اهو، جو دوست جو سر ڏيندڙ ساٿي بڻجي." نيٺ چارئي دوست، پلن گهوڙن تي چڙهي، وطن کي پٺ ڏيئي، ڏور ڏيهه ڏانهن روانا ٿيا ويا.

هلندي هلندي، ڪين هڪڙي جهنگل وٽ سج اچي لٿو ۽ رات پئجي ويئي. اتي شهزادي پنهنجن يارن کان پڇيو ته "يارو، اوهان کي ڪهڙو ڪهڙو هنر ٿو اچي؟" برهمڻ چيو: "ادا، آءٌ فقير تن مائٽن جو اولاد آهيان.

مون کي پيو تہ ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو اچي، باقي جيڪڏهن ڪو بہ لاش ڏسندس تہ ڏٺيءَ کي سنڀالي، ان تي چار اُبتا، چار سبتا ڦيٽا وجهندس، تہ مالڪ جي مهربانيءَ سان، اهو مردو کهڙو بہ هجي ۽ ڪڏهن بہ مئو هجي، چڱو ڀلو ٿي پوندو." اهو ٻڌي، شهزادي چيو: "اهو هنر تہ تمام سٺو آهي." انهيءَ کان پوءِ سوناري چيو تہ "ادا، منهنجو پيءُ سونارو هو. مون هن کان اهو ڏنڌو سکيو آهي؛ پر مون جيڪا وڏي ڳالهہ دڪان تي ويهي پرائي، سا هيءَ تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ منهنجي ڪنهن دوست واقفڪار سان ڪڏهن بہ ۽ ڪٿي بہ ڳالهايو هوندو تہ آءٌ جڏهن ان ماڻهوءَ کي ڏسندس يا ڳالهائيندو ٻڌندس تہ هڪدم چئي ڏيندس تہ هن منهنجي فلاڻي کي فلاڻي دوست واقفڪار سان ڳالهايو ضرور آهي. آءٌ تہ اجهو اهو هنر ٿو ڄاڻان." اهو ٻڌي، سيني چيو: "ادا، اهڙو هنر تہ لاجواب آهي." انهيءَ کان پوءِ واڍي جي پٽ چيو تہ "ادا، مون کي بابي اهڙو واڍڪو هنر سيکاريو آهي، جنهن جو مٽ ئي ڪونهي: مون کي جيڪڏهن سنو ڪاٺ ۽ سامان موجود ملندو، تہ ڪاٺ کي گهڙي ناهي، ان ۾ اهو تہ هنر رکي ڇڏيندس، جو اهو ڪاٺ اڏامر ڪنولِيءَ جيئن اڏامي اتي هلندو." اهو ٻڌي، سيني واهہ واهہ ڪئي-چي، "هيءُ تہ واقعي هڪ عجيب هنر آهي، وقت سر ڏاڍو سٺو ڪم ڏيندو." پوءِ جڏهن شهزادي جو وارو آيو، تڏهن هن چيو تہ "ادا 'وهان سيني جا هنر وڏا.... منهنجو ڪم آهي حيواني: آءٌ بادشاهي پر- جنگ ۾ ماهر، تير هڻڻ جو هوشيار، تلوار جو ڪوڏيو- جيڪڏهن ڪا بہ مشڪل سر تي اچي وجي، تہ پٺ ڏيڻ بدران منهن ڏيئي بيهي رهندس پوءِ مران يا ماريان. اڳي آءٌ انهيءَ حيواني بهادريءَ سبب پاڻ کي شيءِ سمجهندو هوس، پر هاڻي سمجهان ٿو تہ وڙهي ڪتا بہ سگهن ٿا- اهو وڙهڻ ماڻهن جو ڪم نہ آهي. اوهان ٽنهي جا ڪم اعليٰ آهن." اهڙيءَ طرح گهڻي گهڻي تائين ڳالهيون ٻولهيون ڪندي، هنن کي ننڊ اچي وئي ۽ هو سمهي رهيا.

صبح جو اٿي، گڏجي هڪ طرف منهن ڪري هليا، ۽ هڪڙي جهنگل ۾ وڃي پهتا. اتي هڪ شينهن مئو پيو هو. اهو ڏسي شهزادي برهمڻ کي چيو ته "ادا، تنهنجي آزمودي جو وقت ته پهرين ئي اچي ويو: هاڻي هيءُ شينهن مئو پيو آهي، اهو اسان کي اٿاري ڏيکار.... ته اسان جي دل کي پڪ ٿئي." جواب ۾ برهمڻ چيس ته "هيءُ شينهن خدا جو شير آهي- اٿندو، پاڻ کي وچوڙي چڏيندو. انهيءَ ڳالهه کي ئي ڪٽي ڇڏ!" ٻين دوستن به برهمڻ جي ڳالهه کي ٽيڪ ڏني. پر شهزادو اچي ضد تي چڙهيو- چي، "انهيءَ کان تون ڇڙو آهي. شينهن کي مارڻ منهنجي ڏاڏي هٿ جو کيل آهي. انهيءَ کان ڇو ٿا ڊڄو؟" يار چون ته "شهزادا، ڏاهو ٿي! هيءُ شينهن اٿندو، تون ته هن سان وڙهنديين، پر اسين ڊپ کان اٿي ڀڄندا سون- تنهنڪري پاڻ کي رڇوڙو اچي ويندو. ڪجهه خيال ڪر!" پر شهزادو مڃيني نه. آخر برهمڻ به وني به چار آڏا ابتا ڦيتا هنيا، مالڪ منان کي سوال ڪيو.... ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ شينهن گجڪار ڪري اٿي کڙو ٿيو. ٻيا همراهه شينهن کي ڏسي، اٿي ڀڳا، پر شهزادو شينهن کي سامهون ٿي بيهي رهيو. آخر ته بادشاهي يار هو: شينهن ۽ شهزادو سڄو ڏينهن لڙندا رهيا. سج لهڻ ڌاري شينهن بيزار ٿي، اٿي ڀڳو: شهزادو پٺيان لڳس، پر شينهن وڃائي ڇڏيس! پاڻ اڪيلو پنجي ويو! ان جان ڪٿي ڏسي، ته مارا نه يار، نه ساٿي! اڪيلوئي اڪيلو! افسوس ۾ پنجي ويو ته "يارن جيبو سچ ٿي، هاڻي يارن کان به وڇڙيس- مانئن کان پوءِ ڏڍ هنيا. ته اهي ئي هئا."

آخر سوچيندي سوچيندي، رات پنجي ويس، ۽ جهنگلي جانورن ۽ مرن جي خوف کان، هڪڙي وڏي وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. پلا جيڪو ريشمي هنڌن تي سمهندڙ هجي، انهيءَ کي ڪنڊن تي اهڙي هنڌ اڪيلي سر ننڊ اچي- ڪرڻ جو خوف تنهن کانسواءِ سو. شهزادو اُپو ٿيو وڻ تي ويٺو رهيو. ننڊ مٿس غلبو ڪري، ته پاڻ کي جهنبڙيون وجهيو، وري سجاڳ ڪيو ڇڏي- ۽ اهڙيءَ طرح پاڻ کي هوشيار ڪندو جاڳندو رهيو. اڌ رات

جو اوچتو لؤٽو ورائي ڪٽي جو پنيان نهاري ته ڏسي ته هڪ اژگر نانگ آهي، جو پنهنجي وات ۾ تاندو ڪنيو پڳو اچي. اهو ڏسي، هن کي حيرت لڳي ته نانگ سڙي ڇو نٿو؟ پر پوءِ ياد آيس ته چوندا آهن ته ڪلاداري نانگن کي متي ۾ مڻ ٿيندي آهي- لاشڪ ته هيءُ به ڪلاداري نانگ آهي، ۽ اهو جرڪو انهيءَ مڻ جو آهي، ايتري ۾، نانگ به اچي انهيءَ وڻ هيٺ پهتو. نانگ هڪ هنڌ اها مڻ رکي، ناچ ڪرڻ لڳو. مڻ جي نور کان جهرجهنگ چمڪڻ لڳو. ڪئين جيت جناور انهيءَ روشنيءَ تي اچي گڏ ٿيا، ۽ نانگ جيڏيءَ مهل ناچ ڪري ٿڪو، تڏهن اهي جيت جانور ماري، شڪار ڪري پنهنجو پيٽ ڀري، مڻ ڳيهي، هليو ويو. ڪلاداري نانگ جي مڻ بابت شهزادي گهڻيئي ڪرامتي ڳالهيون ٻڌيون هيون، سو هاڻي نانگ جي وڃڻ بعد شهزادي انهيءَ مڻ جي هٿ ڪرڻ جو پورو ارادو ڪيو.

شهزادي کي ڏپ وچان سڄي رات ننڊ نه آئي ۽ پور پچائيندي صبح ڪيائين. صبح جو وڻ تان لهي، شهزادو پر واري شهر ۾ويو، ۽ هڪڙي لوهار کي چيائين ته "لوهه جو ٻن ٽن سيرن جو هڪڙو چلو ناهي، انهيءَ ۾ چوڏاري تيز پاڪيءَ جهڙي ڏار وجهي، مون کي ڏي، ۽ اها ڏار اهڙي تکي هجي جوجيڪو به ان کي ويجهو وڃي، سو هڪدم وڍجي به ٽڪر ٿي پوي." لوهار شهزادي کان خرچ وٺي، چوڻ موجب شهزادي کي تکيءَ پاڪيءَ جي ڏار وارو اهڙو چلو ناهي ڏنو.

شهزادو، اهو چلو هڪ ننڍڙيءَ پيتيءَ ۾ رکي، ڪٽي، ساڳئي وڻ تي وڃي وينو، ۽ چلي جي سوراخ ۾ سٽيءَ جي ڏور ٻڌي، ويهي نانگ جو انتظار ڪرڻ لڳو. آخر نانگ پنهنجي وقت تي مڻ وات ۾ جهلي ساڳئي رستي تان هلندو، اچي انهيءَ وڻ هينان پهتو، جنهن تي شهزادو لڪو وينو هو. نانگ وات مان مڻ ڪڍي، ساڳئي هنڌ رکي، اڳئين وانگر ناچ ڪرڻ لڳو، ۽ جيت جناور دستور موجب اچي مڻ کي ڦري بيهي رهيا. موقعو ڏسي، شهزادي آهستي ڪري ڏور ۾ ٻڌل چلو اهڙيءَ طرح لٽڪايو.

جو منڍ ان جي وچ ۾ اچي ويئي. نانگ منڍ جي آڏو ڪا شيءِ ڏسي، ڇلي ڪي ڇڪ هنيو، ته زبان ۽ منهن پاڪيءَ جي ڏارن سان لڳي، زخمجي پيس. نانگ هيڪاري ڪاوڙ ۾ اچي، وري ڇلي تي حملو ڪيو.... پر جهڙو ان تي وار ڪيائين. تهڙو سري وڍجي وڃي پري پيس. پوءِ ته نانگ ڦٿڪڻ لڳو، ۽ ڦٿڪي ڦٿڪي اتي ئي مري ويو.

شهزادي، پوءِ وڻ تان لهي، منڍ ڪٽي قابو ڪئي، ۽ جتان نانگ آيو هو، اوڏانهن روانو ٿيو. نانگ جو ليڪو هلندي هلندي وڃي پاڻيءَ جي پريل هڪ واهه ۾ گهڙيو. شهزادو به واهه ۾ گهڙڻ لاءِ تيار ٿيو. ڪيس حيرت لڳي ته پاڻ جيئن واهه طرف پئي ويو، تيئن واهه جو پاڻي هن کان هٽندو پري ٿيندو پئي ويو. اتي خيال آيس ته اها منڍيا ڪا هن منڍ ۾ ئي آهي! منڍ ڪڍي، ڪٽي پاڻيءَ کي ويجهي ڪيائين، ته پاڻي ان کان پري هٽي ويو. بس، پوءِ ته شهزادي کي پريل واهه مان جڳهه ملندي ويئي ۽ شهزادو ان ۾ هيٺ لهندو ويو.

ويندي ويندي، واهه جي تري ۾ شهزادي کي هڪ محلات جي دري ڏسڻ ۾ آئي، ۽ هو هڪدم لنگهي ان ۾ اندر ٿيو. شهزادو هڪ سنو عاليشان محلات ڏسي، حيران ٿي ويو. محلات ۾ گهمندي گهمندي هڪ هنڌ ويو، ته ڏسي ته هڪڙي سدا ملوڪ سهڻي شهزادي، جنهن جا سونا وار آهن، هار سينگار ڪيو پلنگ تي ويٺي آهي. ذارئي ماڻهوءَ کي اندر محلات ۾ ڏسي، هوءَ حيران ٿي ويئي، ۽ شهزادي کي چيائين ته "اي بدنصيب انسان، تنهنجو هن دوزخ ۾ ڪيئن اچڻ ٿيو؟ جيئن آيو آهين، تيئن هتان پٺي وڃ! هتي هڪڙو ڪلاداري نانگ رهي ٿو، اجهو آيو ڪي آيو، توکي ڏسي ماري ڇڏيندو. تو جهڙو هڪ حسين خوبصورت نوجوان منهنجي اڳيان مارجي، اهو مون کان ڏٺو نه ٿيندو؛ پنهنجي جوانيءَ تي قياس ڪر، ۽ هڪدم هتان پٺي وڃ!" شهزادي جواب ۾ وراڻيو ته "تنهنجو نانگ مون کان ڏاڍو نه آهي، آءٌ هن کي ختم ڪري سگهان ٿو؛

تون چوڻا يتري ڊچي رهي آهين؟" شهزاديءَ جواب ڏنو تہ "اي انسان، توکي هن مردود نانگ جي خبر ڪانهي- هن زمين تي هڪ شهر آهي، جتي منهنجي پيءُ جي حڪومت هئي: هن نامراد نانگ الائي ڪيئن مون کي اُتي ڏسي ورتو، ۽ مون تي عاشق ٿي پيو. پوءِ منهنجي پيءُ ۽ ڀائرن کي ماري، مون کي هتي ڪٺي آڻي قيد ڪيو اٿس. ان بعد، روزانو انهيءَ شهر ۾ وڃي اتي جا ماڻهو ٿورا ٿورا ڪري ماري ڇڏيائين، ۽ اهڙيءَ ريت سڄو شهر برباد ٿي ويو. منهنجا مائٽ نانگ ماري ڇڏيا، ۽ آءٌ هتي قيد ۾ پيئي آهيان- گهڻن ڏينهن ڪانپوءِ، تو جهڙي خوبصورت انسان کي ڏسي، دل کي ڪجھہ آٿت آيم، پر وري بہ خيال ٿي ڪريان تہ نانگ بي رحم توکي بہ ماري ڇڏيندو. پنهنجو ساهہ بچائڻ انسان تي فرض آهي، تنهنڪري تون ڇو هرويرو منهنجي ڪري پنهنجي حياتي ٿو وڃائين؟ انهيءَ ڪري ئي توکي منٿ ٿي ڪيم تہ مون کي پنهنجي قسمت تي ڇڏي ڏي: تون پنهنجو ساهہ بچاءِ!"

شهزادو هن جي ڳالهہ ٻڌي، غم ۾ ٻڏي ويو، پر ساڳئي وقت دل ۾ڏاڍو خوش ٿيو تہ چڱو ٿيو، جو ههڙي ظالم نانگ کي پورو ڪيم. شهزادي کي ماٺ ۾ ڏسي، شهزاديءَ سمجهيو تہ شايد هو نانگ کان ڊنو آهي، سو چوڻ لڳي تہ "اي نوجوان، هاڻي آءٌ توکي اڪيلو مرڻ نہ ڏينديس- ڀرين آءٌ، پوءِ تون. آءٌ بہ هاڻي قيد ۾ رهي رهي، پنهنجي جان کان بيزار ٿي پيئي آهيان، سو ڇو نہ گڏجي نانگ کي مارڻ جي ڪوشش ڪريون: جي مري وياسين، تہ بہ هنن سورن کان جند آزاد ٿيندسين. هينئر نانگ جي اچڻ جي مهل آهي، اجهو آيو ڪي آيو: تنهنڪري تون هن پلنگ هيٺان پيتيءَ ۾ لڪي ويهي رهہ- نانگ اچي، جيڏيءَ مهل مڻ وات مان ڪڍي، پلنگ تي ويهي، اوڏيءَ مهل يڪدم پلنگ هيٺان نڪري، ترار هڻي ماري ڇڏجئينس- پوءِ آءٌ ۽ تون، جيڏانهن چوندين، اوڏانهن هليا هلنداسين."

ايترو ٻڌي، شهزادي سونن وارن واريءَ شهزاديءَ کي نانگ جي مارجڻ جي سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي، ۽ من ڪيدي، ڪٿي هن جي اڳيان رکيائين.

شهزادي نانگ جي مرڻ ۽ مڻ هٿ اچڻ تي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ شهزادي کي چيائين ته "اي نوجوان، خدا ڪيو ته ڏکن جا ڏينهن لهي ويا، ۽ تو جهڙو بهادر ۽ خوبصورت شهزادو مون کي خدا ڪٿي ملايو؛ هاڻي آءٌ تنهنجي آهيان.... چو نه هن ئي محلات ۾ ڪي ڏينهن آرام سان گذاريون!" شهزادو به هو پنهنجي دل گهرين يارن کان وڇڙيل ۽ ڏاکڙن جو ڏکويل، تنهن شهزاديءَ جي آڇ قبول ڪئي؛ پوءِ ته ٻيئي جڻا گڏجي ڪي ڏينهن عيش عشرت سان اُتي گهارڻ لڳا.

شهزاديءَ وٽ هڪڙو ڳالهائيندڙ طوطو پڃري ۾ بند هو، جنهن سان اڪيلائيءَ ۾ هوءَ ڳالهيون ٻولهيون ڪري، ڏک سور اوري، دل جو بار گهٽ ڪندي هئي؛ پر شهزادي جي ملڻ کان پوءِ، هن طوطي کي بلڪل وساري ڇڏيو. طوطو ويچارو پنهنجي مجبوريءَ تي راضي رهي ۽ شهزاديءَ جي آزاديءَ تي خوش ٿي، پنهنجي منهن سر ويٺو ٻوليون ڪندو هو. آخر هڪ ڏينهن، شهزاديءَ کي طوطي جي ياد گهري آئي. ۽ شهزادي کي وٺي اچي مٺوءَ خوش ڪلام سان ملاقات ڪرايئين ۽ ٻڌايائينس ته "اي شهزادا، منهنجو هي مٺو عاقل آهي، ۽ دنيا جي هر ڳالهه کي ڄاڻي ٿو." شهزادو مٺو کي ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو.

خير، خدا جو ڪرڻ ٿيو، هڪ ڏينهن سهڻو شهزادو ۽ شهزادي ٻئي جڻا گڏجي [illegible] ڪٿي ٻاهر [illegible] آيا، ۽ رٿيائون پنهنجي اڳيان اچرا [illegible] مٺو [illegible] [illegible] سان هڪ [illegible] ۾ [illegible] پيو ۽ [illegible]

[illegible]

[illegible]

ڪونهيم، پر ڊپ ٿو ٿئيم تہ متان اهو وار اسان تي ڪا مصيبت آڻي، اسان جي وچ ۾ ڪا جدائي نہ وجهي." تنهن تي شهزادي سمجهايس تہ "جنهن ڌڻيءَ هيستائين موت کان بچايو آهي، اڳتي بہ انهيءَ تي ننگ آهي- دلگير نہ ٿيءُ." شهزادي جي پرچائڻ تي شهزاديءَ مان ڪئي، ۽ گڏجي محلات ۾ آيا.

هوڏانهن سونو وار پاڻيءَ ۾ لڙهندو لڙهندو، وڃي هڪ مڇيءَ جي وات ۾ پيو، جنهن ڳرڪائي ڇڏيو. خدا جي قدرت، مڇيءَ جي پيٽ ۾ وار وڃڻ سان مڇيءَ جو رنگ سونو ٿي پيو. سوني مڇي درياءَ مان هلندي هلندي، وڃي ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ نڪتي. هڪڙو غريب مهاڻو الله جي آس ڪيو ٻچن جي گذر سفر لاءِ درياءَ ۾ ڄار وجهيو ويٺو هو، ۽ مڇي وڃي ان جي ڄار ۾ ڦاٿي. مهاڻو سوني مڇي ڏسي دل ۾ خوش ٿيو، ڌڻيءَ جا شڪرانا بجا آندائين تہ "اڄ مالڪ مهربان ٿيو آهي، جو ههڙي عجيب مڇي هٿ آئي آهي- جو نہ اها بادشاهہ کي تحفو ڏجي، ۽ شاهي انعام حاصل ڪري، زندگيءَ جا ڪجهہ ڏينهن سکيا گذارجن. اهو خيال ڪري، مهاڻو اها سوني مڇي کڻي بادشاهہ جي دربار ۾ ويو. بادشاهہ مهاڻي کي چڱو انعام ڏيئي رخصت ڪيو، ۽ مڇي شاهي بورچيءَ جي حوالي ڪئي. جڏهن بورچيءَ مڇيءَ کي چيريو، تڏهن مڇيءَ جي پيٽ مان سونو وار نڪري آيو، جو کڻي هن سڌو اچي بادشاهہ کي دربار ۾ پيش ڪيو. انهيءَ مهل دربار ۾ اميرن وزيرن سان گڏ بادشاهہ جو وڏو پٽ، جو اڪ کان ڪاڻو هو، سو بہ تخت جي پير ۾ بادشاهہ سان گڏ ويٺل هو. بادشاهہ ۽ سڀ درباري سونو وار ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا، پر ڪڻائي شهزادي جي، سونو وار ڏسي، هيڪاري دل اچي ويئي، ۽ ٻيءَ کي ڳولائڻ [illegible] بادشاهہ انهيءَ صورت سان ڪڪڙين، جنهن جي مٿي جو اهو سونو وار آهي.

[illegible] ۽ ٿورو بادشاهہ ڪچهري [illegible]

[illegible]

مجي. آخر بادشاهہ پڙهو گهمايو تہ ”جو بہ شخص شهزادي کي اها سونن وارن واري عورت آڻي ڏيندو، ان کي آءٌ پنهنجو اڌ راڄ يا ڳ ورهائي ڏيندس.“

هڪڙي ڏينهن، هڪ پوڙهي جادوگرياڻي بادشاهہ جي دربار ۾ آئي. بادشاهہ کان انجام وني، انهيءَ سونن وارن واريءَ شهزاديءَ جي ڳولا ۾ اٿي هلي. پوڙهي، ڊارو هٽي، شهزاديءَ ۽ شهزادي جي رهڻ جو هنڌ ڳولي، اچي انهيءَ محلات تي پهتي، جنهن ۾ هيءَ ٻيئي رهندا هئا. پوڙهي وجهہ ڳولي محلات ۾ گهڙي آئي، ۽ شهزادي ۽ شهزاديءَ کي کو ڪوڙو بيان ٺاهي ٻڌايائين. هنن ٻنهي قياس ڪري پوڙهيءَ کي رهايو: پر طوطو اها پوڙهي ڏسي، ڏاڍو رنج ٿيو، ۽ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ ويهي هن کي لوڏڻ لڳو، جنهن تي شهزادي ۽ شهزاديءَ چيس تہ ”ميان منو، رڳو تو واري ٺاهپ بہ هميشہ ڪانہ هلندي.... هيءَ اسان جي پوڙهي ناني آهي، تون اجايو بيزار نہ ٿيءُ.“ اهو ٻڌي طوطو تہ ماٺ ڪري ويهي رهيو. طوطي دل ۾ چيو تہ ’عجيب اسرار آهي- دشمن گهر ۾ آهي، تڏهن بہ منهنجا مالڪ ان کي عزيز سمجهيو وينا آهن، ۽ دشمن ۽ سڄڻ جي ڪا ساڃاهہ ڪانہ ٿا رکن. خير، پاڻهي پوڳيندا.‘ چالاڪ پوڙهيءَ، ٿورن ئي ڏينهن ۾، شهزادي ۽ شهزاديءَ کي منيون منيون ڳالهيون ٻڌائي؛ پنهنجو ڪري ڇڏيو.

مهيني ڏيڍ کان پوءِ، هڪ ڏينهن اها پوڙهي شهزاديءَ کي وهنجڻ جي بهاني سان درياءَ تي وني آئي. جڏهن راڻي ميٽ مٽي ۾ وجهي مٿو ڌوئڻ لڳي، تڏهن ڌوتيءَ چيو تہ ”شهزادي، مون کان ڦٽي آڻ تہ وسري وئي! مڻ ڏينم تہ وانءِ تپي محلات مان وجي ڪٽي اچان.“ راڻيءَ مڻ ڪٽي ڏنيس. ڌوتيءَ ڇا ڪيو، جو محلات ۾ وڃي سٽل شهزادي کي ترار سان ماري ڇڏيائين، ۽ مڻ ڪٽي ٻاهر هلي آئي، ۽ شهزاديءَ کي وجي انهيءَ ٻيڙيءَ ۾

ويهاريائين، جا پاڻ ڪاهرائي آئي هئي. شهزاديءَ کي چيائين ته ”هيءُ بيڙو تنهنجي پيءُ جو آهي. نانگ جنهن وقت ڪان وني تنهنجو ملڪ ناس ڪيو، تنهن ڪان پوءِ اڄ تو اچي هن تي پير رکيو آهي.“ شهزادي ڏاڍي خوش ٿي. پوڙهيءَ سان گڏ بيڙي تي ويهي رهي، ۽ پنهنجا مائٽ ياد ڪري افسوس ڪرڻ لڳي. هوڏانهن پوڙهي جادوگرياڻيءَ پنهنجن ماڻهن کي اشارو ڪيو، جن وني بيڙو هاڪاريو.

گهڙيءَ ڪان پوءِ، شهزادي جان ڪٽي نهاري، ته بيڙي وچ سمنڊ ۾ پيئي هلي! پوءِ ته گهٽيئي دانهون ڪوڪون ڪيائين، پر ڏوتيءَ چيس: ”اڙي شهزادي، دانهن مان ڪي ڪين ورندئي.... هاڻ ڪٽي مات ڪر!“ راڻي ويچاري قسمت کي ڏوهه ڏيندي، اچي ڪاٺي شهزادي جي ملڪ ۾ پهتي. ڪاٺو شهزادو ڏسو ته باغ باغ پيو ٿئي. آخر شهزاديءَ بيو ڪو وسيلو نه ڏسي، ڪاٺي کي چيو ته ”جن جا مڙس مريو وڃن، سي به سال سڄو سوءَ ۾ ويهن ٿيون، پر آءٌ ته پنهنجو مڙس جيئرو ڇڏي آئي آهيان، تنهنڪري سال مون کي به اجازت ڏيو، ۽ اهي ٻارهن ئي مهينا ملڪ ۾ خير خيرات ڪريو، طعام رڌي غريب غربي ايندڙ ويندڙ کي کارايو- تنهن ڪان پوءِ جيڪا منهنجي قسمت، سا مون کي قبول آهي.“ ڪاٺي شهزادي ڏوتيءَ ڪان پڇيو ته ”هن جو ڪو پنيان وارث وسيلو آهي؟“ ڏوتيءَ جواب ڏنو ته ”رڳو مڙس هوس، سو به ماري آئي آهيان.“ اهو ٻڌي، ڪاٺي شهزادي هن کي سال لاءِ خوشيءَ سان اجازت ڏني، ۽ عام خاص لاءِ بني چاڙهائي ڇڏيائين، جنهن مان هرڪو ايندڙ ويندڙ کائي ويندو هو.

هوڏانهن شهزادي کي جيڏيءَ محل ڏوتيءَ ڪنو، اوڏيءَ محل طوطو رڙيون ڪري پڃري مان نڪري آيو، ۽ شهزادي جي لاش تي ويهي رهيو.... بس، شهزادي جي انهيءَ حال تي پيو لڙڪ ڳاڙيندو هو.

خدا جي قدرت، جو شهزادي جا وچڙيل دوست- سونارو، برهمڻ ۽ وادو- ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ، هلندي هلندي، انهيءَ شهر ۾ آيا، جنهن

۾ شهزاديءَ عام دعوت جو اعلان ڪرايو هو، ۽ ۽ آيو ويو، امير توڙي غريب، هر وقت اتان ڪا يو پيو ويندو هو. شهزاديءَ جو هيءُ دستور هوندو هو تہ جيسنائين لنگر پيو هلندو هو، تيستائين محلات جي دريءَ ۾ ويٺي رهندي هئي، ۽ جيڪو بہ ڪاڏو ڪائڻ ايندو هو، تنهن کي چتائي ويٺي ڏسندي هئي. شهزادي جي هنن ٽنهي دوستن کي بہ اچي بک لڳي، سو لنگهي آيا انهيءَ عام لنگر ۾. ماني ڪائي، ٽيئي دوست جنهن مهل شهزاديءَ جي اڳيان اچي لنگهيا، تنهن مهل سوناري شهزاديءَ کي ڏسي، يارن کي چيو تہ "ادا، الله ٺٺو پلائيم، تہ هن شهزاديءَ پنهنجي دوست شهزادي سان ضرور ڳالهايو آهي." دوستن چيس: "مان ڪر تہ شهزادي نہ هئي، نہ تہ پوندا سين آزار ۾!" پر هيءُ چوي تہ "ادا، چوان تہ سچ ٿو!" اها سڄي حالت شهزاديءَ پئي ڏٺي، تنهن يڪدم حڪم ڏنو تہ "هنن ٽن مسافرن کي هيڏانهن سڏيو." يڪدم ٽيئي دوست شهزاديءَ وٽ حاضر ڪيا ويا. شهزاديءَ پڇين تہ "اوهان ڪير آهيو؟" جواب ڏنائون تہ "اسين آهيون هڪ سونارو، ٻيو برهمڻ ۽ ٽيون واڍو." شهزاديءَ سهي ڪيو تہ منهنجو مڙس، جن يارن جو ذڪر ڪندو هو، سي اِهي ئي آهن. پوءِ ڪين اڪير سان مليي، ۽ سڄي حقيقت پنهنجيءَ پر ۾ ڪين ٻڌا يائين. ڇڻن ئي ڇٽن صلاح ڪئي، ۽ ٻئي ڏينهن شهزاديءَ ڪاٺي شهزادي کي چوائي موڪليو تہ "شاديءَ جي تياري ڪر، آءٌ تيار آهيان." ڪاٺي خوش ٿي شاديءَ جو بندوبست ڪيو. ٻئي ڏينهن شهزادي جي يارن شهر ۾ هوڪو ڏنو تہ "اسين اڏام کٽولي ناهي سگهون ٿا." شهزاديءَ ڪاٺي کي چوائي موڪليو تہ "تون اڏام کٽولي نهراءِ، تہ پاڻ ان ۾ لائون لهنداسون." پوءِ تہ ڪاريگر گهرائجي ويا، ۽ اڏام کٽولي ٿورن ڏينهن ۾ ٺهي ويئي. ڪاٺي شهزادي سونن وارن واريءَ شهزاديءَ سان هڪ سونارڻ، هڪ برهمڻياڻي، هڪڙي واڍي ۽ پوڙهي جادوگرياڻي گهرائي اڏام کٽوليءَ ۾ ويهاريون.

.... ۽ هوءَ ڪوڙهيءَ ڪتيءَ جهڙو منهن ڪري،

ڪنڌ ۾ ويڙهجي سيڙهجي ويهي رهي.

هوڏانهن هو تيئي ڪاريگر بہ اڏند ڪٽوليءَ تي هڪ ڪنڌ ۾ لڪا وينا هئا. ٿوري اشاري تي، اڏامر ڪٽولي فرش ڇڏي عرش ونئي اُتي اڏاٽي. هينان ويچارو ڪاٺو شهزادو لولاٽ ڪندو رهجي ويو. آسمان تي پهچڻ ڪانپوءِ، سونارو، برهمڻ ۽ واڍو بہ نڪري ظاهر ٿيا. پوڙهيءَ ڏوتيءَ چيو تہ "هتي اوهين ڪيئن آيا؟ نڪرو ٻاهر!" پر هي ٻڌن ئي نہ پيا. پوڙهي جادوگرياڻيءَ جي عادت هوندي هئي تہ شهزادي واري "مڻ" هميشہ ساڻ رکندي هئي. شهزاديءَ ڇا ڪيو، جو جهٽ ڏيئي، هن ڏوتيءَ کي ڪٽي جُندن کان جهليائين- چي، "ڪڍ مڻ ٻاهر، نہ تہ ڏيانءِ تي اڏنڌ ڪٽوليءَ کان هيٺ ڏڪو- پرزا پرزا ٿي ويندينءَ." تنهن تي ڏوتيءَ ڇيڙي ڪري، مڻ ڪڍي، ڪٽي شهزاديءَ کي ڏني، ۽ ڪوڙهيءَ ڪتيءَ جهڙو منهن ڪري، ڪنڌ ۾ ويڙهجي سيڙهجي ويهي رهي.

اڏامر ڪٽولي، اڏامندي اڏامندي، اچي انهيءَ محلات وٽ لٿي، جنهن ۾ شهزادو ڪٺو پيو هو. شهزاديءَ کان ڏسي رڙ نڪري ويئي- چي، "هيءُ قهر ڪنهن جو؟" طوطي جي نظر، جو ڏوتيءَ تي پيئي، سو پڙڪو ڏيئي، اچي هن کي چنبن ۽ نونگن سان ورتائين- هٽي هُن وٺواند کي رتوڇاڻ ڪري وڌائين. شهزاديءَ اتي منوءَ کي جهليو، ۽ چيائينس: "تورو صبر ڪر، تنهنجي فرياد جو فيصلو بہ ٿئي ٿو." شهزادي جي دوستن جڏهن شهزادي جو اهو حال ڏٺو، تڏهن برهمڻ کي چيائون: "ادا، واهر ڪر، وقت هيءُ اٿئي!" پوءِ برهمڻ شهزادي تي بہ چار منتر جنتر پڙهيا، ۽ ڏٽيءَ کان دعا پنيائين، تہ شهزادو ڪلمو پڙهي اُٿي وينو. ۽ پنهنجا يار وفادار ڏسي، حيرت ۾ پئجي ويو- چي، "ادا، مون کي ننڊ مان اٿاري ڪٽي ڪڙو ڪيو!" تنهن تي يارن سڄي حقيقت ٻڌايس، ۽ هو سمجهي ويو تہ طوطي جو چوڻ صحيح هو. سونارڻ، واڍي ۽ برهمياڻي بہ اهو قصو ٻڌي حيران ٿي ويون،

۽ پوءِ سونارڻ، سوناري سان، واڍي، واڍي سان، ۽ برهمياڻي برهمڻ سان پرڻيون. باقي شهزادي خوشيءَ جي ڳوڙهن جا ڳُڪ ڳاڙي، اٿي اچي شهزادي سان ملي- ۽ ڪا دير ته ٻيئي هڪٻئي کي چپ چاپ ويٺا ڏسندا رهيا. ۽ پوءِ سيني يارن کي واپس ڳوٺ ورڻ جو خيال ٿيو، ۽ پوڙهيءَ ڏوتيءَ کي اڪيلو ان محلات ۾ بند ڪري، پاڻ طوطي سميت، اڏند کٽوليءَ تي چڙهي، اچي وطن پهتا. سيئي پنهنجن پنهنجن مائٽن سان مليا.... پوءِ ته عيدون ٿي ويون- ۽ باقي حياتيءَ جا ڏينهڙا، پنهنجي وطن ۾ هڪٻئي سان وفاداريءَ ۾ گذاريائون.



ڪرمان ۽ ڪوري بادشاهه

بادشاهن جو بادشاهه ته رب پاڪ آهي، پر ڪوڙي زماني جو هڪڙو ڪو بادشاهه هوندو هو، جنهن کي مايا ملڪيت جي ته ڪا پرواهه ڪانه هئي، پر سير مٽيءَ (اولاد) جو بکيو هو. اهو بادشاهه ذات جو ڪوري هو. هڪڙو ڏينهن الله جو اهڙو ٿيو، جو دربار ۾ پنهنجن سڀني اميرن ۽ وزيرن کان صلاح پڇيائين ته "جيڪڏهن آءٌ مري ويس، ته پوءِ منهنجي رعيت ته سڄي دربدر ٿي ويندي! مون کان پوءِ ڪير آهي، جو انهن جي سار سنڀال لهندو! خدا پاڪ ته مون کي ٻيو سڀ ڪجهه ڏنو آهي، پر انهيءَ ڏن جو ڏنار ڪونه ڏنو اٿس. هاڻي هيءَ رعيت ئي منهنجو سچو پچو اولاد آهي؛ تنهنڪري منهنجو خيال آهي ته آءٌ پنهنجي سموري مايا ۽ ملڪيت جيئري ئي پنهنجي هن اولاد کي پنهنجن هٿن سان ورهائي ڏيان، ۽ چوان ته اها ملڪيت، جا هونئن پڻ سندن ئي آهي، سوگهي ڪري پاڻ وٽ سميٽي رکن. البت جيسين منهنجي حياتي آهي، تيسين ان کي هٿ نه لائين، باقي منهنجي مرڻ پڄاڻان پلي پنهنجي ڪم آڻين. سندن وقت پوءِ سٺو پيو گذرندو."

وزيرن ۽ عقل جي ويرن کي بادشاهه جي انهيءَ 'بيوقوفيءَ' تان ڏاڍي کل به آئي، مگر ڪنهن کي به همت نه پيئي ٿي، جو ڪجهه ڪڇي سگهي! آخر هڪڙي پيرسن وزير دل جهلي، ٻانهون ٻڌي، ڪنڌ نمائي، بادشاهه کي چيو: "جهان پناهه، بادشاهه سلامت جي سر بخت جو سدائين شل خير هجي، جنهن جي حڪومت اندر شينهن ٻڪري گڏ ڪائين ٿا، جنهن جي انصاف ۽ عدل جي هنڌين ماڳين هاڪ لڳي پيئي آهي،-

اسان سيني کي بادشاهه سلامت جن جي بي اولاد هجڻ تي دل ۾ ڏاڍو ارمان ۽ افسوس آهي؛ پر سچو بندو الله جو اُهو آهي، جو مرڻ گهڙيءَ تائين الله پاڪ جي مهربانين مان اميد لاهي نااميد نه ٿئي. ڪالهه اسان کي خبر پيئي آهي، ته پنهنجي شهر کان ڏهن ڪوهن جي پنڌ تي جبل جي هڪڙي غار ۾، هڪ الله لوڪ درويش رهي ٿو، جو هميشه خدا جي عبادت ۾ ئي رڌل رهي ٿو، ۽ گهڻو ڪري ڪنهن به بني بشر سان نٿو ڳالهائي. ٻڌو اٿئون ته سندس منهن مان هميشه نور پيو وسي. ڪڇهري ڪنهن سان به ڪونه ڪري، سڄو وقت اکيون پوريون پيون اٿس، ۽ تسبيح سوريندو ۽ چپ چوريندو رهي ٿو- جيڪي به پيو پڙهي، سو سڀ دل ۾. اسان جو سائينءَ جن کي عرض آهي ته انهيءَ درويش کان به ته هلي سوال ڪري دعا پني ڏسو! من ڀاڄهارو ڏٺي انهيءَ وليءَ جي مهابي ڪٺي سير مٿيءَ جي مهرباني ڪري!"

بادشاهه وزير کي وراڻيو ته "اي عقل جا اڪابر وزير! آءٌ تنهنجي انهيءَ نيڪ راءِ سان شامل آهيان. هڪدم سواريءَ جو بندوبست ڪريو ته هلي درويش کي ڏسجي." حڪم جي دير هئي؛ بادشاهه سلامت ۽ ساڻس گڏجي ويندڙ وزيرن اميرن جي سواريءَ جو يڪدم بندوبست ٿي ويو. دربار پوري ڪري، منزل ڪوچ ڪئي ويئي؛ ڏينهن ٽپي ويو هو، جنهن ڪري واٽ تي هڪ وڏي گهاٽي وڻ جي هيٺان ڪاڙهو ناريائون. پر ۾ بيٺل پاڻيءَ جي ڍُبن مان گهوڙن کي پاڻي پياريائون، ٿورو وقت آرام ڪيائون، آنڊل ڪاڏو ڪاڏائون، ته مٿان اچي اڳينءَ جي مهل ٿي. سج لڙندو ڏسي، بادشاهه ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڪيو. يڪدم منزل ڪوچ ٿي، ۽ وچينءَ مهل وڃي درويش وٽ پهتا. درويش به اوڏيءَ مهل غار کان ٻاهر نڪري، پنهنجي ڀاريل ٽڪريءَ جي وچ ۾ دڪايل دونهينءَ کي ڪوڙو ڏيو، پاٿولي ماري اکيون بند

ڪيو وينو هو، ۽ تسبيح پڙهي رهيو هو. بادشاهه جيڏيءَ مهل دونهينءَ جي ويجهو ويو، تيڏيءَ مهل درويش پنهنجي دونهينءَ جي ڀئي پاسي وڇايل تڏي تي ويهڻ لاءِ اشارو ڪري، ڪانئس پڇيو ته "بادشاهه سلامت کي اڄ اسان غريبن جي ڪيئن يادگيري آئي، جو هيڏي ساري تڪليف ورتي اٿن!"

بادشاهه فقير کي چيو ته "الله جو ڏنو، اوهان الله لوڪ درويشن جو ڏنو، ٻيو سڀڪجهه آهي؛ سير مٽيءَ جو طالبو آهيان، جنهن جي ڳاراٽي ۾ ڳري رهيو آهيان. انهيءَ ڪري ئي اڄ اوهان جي حاضريءَ ۾ حاضر ٿيو آهيان. اوهان درويشن کي الله پاڪ وڏي سگهه ڏني آهي، اوهان جي ڪيل ڪمائيءَ تي ڪلتار راضي آهي. چوندا آهن ته ڪامل درويش جي هنئي ڪڏهن به ڪين گسي! درويش جي دعا کي الله پاڪ به نٿو موٽائي، تنهنڪري مون بي اولاد بندي جي حق ۾ الله جي دربار مان دعا گهري، سير مٽيءَ جو وني ڏيوم، جنهن جو ڏاڍو بڪايل ۽ سڪايل آهيان!"

درويش بادشاهه جي سموري حقيقت ٻڌي ٽپيءَ ۾ پئجي ويو. ٿورو وقت صبر ڪري، ڪلي، چيائين: "بادشاهه سلامت! تنهنجي لاءِ اولاد ته مون کي لکيل ئي نظر نٿو اچي؛ آءٌ به خدا جي سموري خدائيءَ کي اُٿلائي پٿلائي، ڳولي ڦولي آيو آهيان. جنهن صورت ۾ توکي ڪو اولاد ئي لکيل نه آهي، تنهن صورت ۾ هيءُ گنهگار بندو ڇا ٿو ڪري سگهي!"

اتي، ڏس ڏيندڙ وزير، ٻانهون ٻڌي، وچ ۾ عرض ڪيو ته "فقير سائين! جيڪڏهن اسان جي بادشاهه سلامت جي پٽ پڌري ٿيڻ لاءِ سير مٽيءَ جو لکيل هجي ها، ته ضرور ڪيس ملي ها؛ جڏهن ته لکيل ئي ڪونه آهي، تڏهن ته اوهان جي قدمن ڇهڻ لاءِ اچي حاضر ٿيا آهيون!"

اتي بادشاهه وچ ۾ وراڻيو: "لکيو ته سڀڪو لهي ٿو، پر ڪمائيءَ وارا ڪامل بزرگ ۽ درويش اُهي، جي اڻ لکيا پلئه پائين ٿا!"

انهيءَ تي درويش جون ڳاڙهيون مشعل جهڙيون اکيون ڪلي ويون ۽ هڪل ڪري دهشت سان چيائين: "بابا! انهيءَ ڳالهہ تان لهي وڃو. خدا جي ڳجهہ ۾ ڪنهن کي بہ هٿ وجهڻ جي طاقت نہ آهي. تنهنڪري ماٺ ڪري جتان آيا آهيو، اوڏانهن واپس هليا وڃو!"

بادشاهہ تمام ڪيرتون ڪري عرض ڪيس: "درويش سائين! اڇٽا اڇي چڪاسين، باقي اهڙيءَ دربار مان بنا وٺ ونڻ جي هٿين خالي موٽي، پاڻ کي مهٽيهاب ڪين بنائيندا سين. تنهنڪري عرض آهي تہ تون پاڻ کي سجاڳي، سوال ڪري، اسان جو سبب پورو ڪر، تہ اسين مانائتا تي موٽي وڃون."

اها حقيقت سڻي، فقير سائين وري تبيءَ ۾ پئجي ويو. ڳچ ڳچ جيتريءَ دير ڪان پوءِ، ڪنڌ لوڏي، ٿورو مشڪي چيائين: "بادشاهہ سلامت، توکي مبارڪ هجي! الله پاڪ جي دربار ۾ عرض اگهاڻو آهي. سنت ئي توکي بہ بار ٿيندا، اول نياڻي ۽ ان کان پوءِ پٽ. نياڻي جڏهن وڏي ٿيندي ۽ بلوغت کي پهچندي، تڏهن پروارن بادشاهن ۾ تنهنجي لاءِ دشمني پيدا ٿي پوندي، ۽ هو لڙاين لاءِ ميدان اچي والاريندا:" فقير وري تبيءَ ۾ پئجي ويو، ۽ ساعت ڪن کانپوءِ چيائين: "پر فتح نيٺ تنهنجي ٿيندي."

اها حقيقت ٻڌي، بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ آندل سيئي تحفا درويش جي اڳيان نذرانو رکي، درويش کان مليل ڪير جي وٺي پي، موڪلائي پنهنجي شهر تخت گاهہ ڏانهن روانا ٿيا، ۽ خير سلامتيءَ سان اچي پنهنجي شهر پهتا: جتي بادشاهہ کي پنهنجي محلات ۾ چڏي، سيڪو وڃي پنهنجي پنهنجي آستاني تي آرامي ٿيو.

خير! ڳالهيون سگهيون پوريون ٿين، ڏينهن پنهنجي مُدي تي گذرن. ٿوري گهٽي ڏينهين بادشاهہ جي ٻن راڻين کي اميد واري ٿي. بادشاهہ بہ خوشيءَ ۾ ڪيتروئي خزانو لٽايو. غريبن بہ بادشاهي انعام وٺي پنهنجا

پنهنجا گهر پريا. آخرڪار، مدي پوري ٿيڻ تي، هڪ راڻيءَ کي ڌيءُ ڄائي، ۽ مهيني ٻن کان پوءِ ٻيءَ راڻيءَ کي پٽ ڄائو. بادشاهه خدا پاڪ جا شڪرانا ڪري، نجوميءَ کان ٻارڙن جي بخت بنسبت پڇيو، جنهن پڻ ڪامل درويش واري ڳالهه ڏسي؛ بلڪ صاف طرف کولي بيان ڪئي. چي: "بادشاهه سلامت جي ٻنهي ٻچڙن مان صاحبزاديءَ ۽ صاحبزادي جا بخت بلڪل زور آهن. باقي ٿوري رنڊڪ آهي- جيڪڏهن جهان پناهه اسان کي جيئدان ڏئي، ته اُها به بيان ڪريون."

بادشاهه کين وچن ڏنو ته "اوهان بنا ڪنهن خوف جي حقيقت بيان ڪريو." انهيءَ تي آيل نجومين مان هڪڙي جهور پوڙهي نجوميءَ، جنهن جي ڪنن جون پاپڙيون پئي لڏيون، پانهون ٻڌي چيو: 'جيئندا قبلا! جنهن وقت اوهان جي صاحبزادي، اسان رعيت جي شهزادي، بلوغت کي پهچندي، تنهن وقت حڪومت کي ڪجهه لوڏو ايندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر جلدي ئي فتح ۽ ڪاميابي اسان جي بادشاهه سلامت جي ٿيڻي آهي، ۽ جيڪي به غنيم چڙهي ايندا، سي هار کائي وڃي پڇندا، ۽ انهن سڀني جو جنگي مال ۽ اسباب پڻ بادشاهه سلامت جن جي هٿ ۾ ايندو."

خير، ڏينهن به مدائنا گذري اچي پورا ٿيا. شهزادي به اچي بالغ ٿيڻ کي ويجهي پهتي؛ [illegible]

چئن ئي ڏسين کان ٻين بادشاهن جا قاصد، ڪوري بادشاهه وٽ سندس ڌيءَ جي سڱ وٺيءَ لاءِ ايندا رهيا. بادشاهه به سڀني کي ڇوٽ جواب ڏيندو رهيو. ٻين بادشاهن ته ڪئي سان ڪئي، پر سندس ڏکڻي بادشاهه، جنهن

[illegible]

[illegible]

[illegible]

اچان، تہ پنهنجيءَ حڪومت مان ڪجهہ ڏاڙيل موڪلي بہ سندس حڪومت هٿ ڪري سگهان ٿو. سو منهنجي هيڏي ساري ڪٽڪ اڳيان ڪيئن دم پٽي سگهندو؟' ساري رات ڪرمان بادشاهہ کي اهڙن پورن پچائڻ ۾ پلنگ تي لچندي پچندي گذري ويئي، مگر ننڊ نہ آيس. صبح جو سويل دربار ۾ جڏهن سڀ امير وزير اچي گڏ ٿيا، تڏهن ڪرمان بادشاهہ ساٿن گذريل رات واري سموري حقيقت بيان ڪري، ڪائنن صلاح پڇي: جنهن تي ٻين سيني بادشاهہ سان هائو ۾ هائو ملائي، مگر هڪ پيڙهو وزير ماٺ ۾ ئي رهيو: جنهن تي بادشاهہ چيس: "پيڙا وزير، تون چو ٿو ڪچين؟ ڇا اسان جي راءِ توکي نہ ٿي وڻي؟" پيڙي وزير هٿ ٻڌي چيو تہ "بادشاهہ سلامت جي سربخت جو سدائين خير هجي! جيڪي حضور جن فرمايو آهي، سو سڀ برحق سچ آهي، مگر منهنجي مرضي آهي تہ توهان وري بہ کيس هڪ خط لکو، جنهن ۾ ڪٽس حقيقت کولي ٻڌايو تہ 'جنهن صورت ۾ تو منهنجي پٽ جي آيل مائٽي عدولي آهي، تنهن صورت ۾ بادشاهي قاعدي ۽ قانون موجب جنگ ڪرڻ ئي ٿي جڳائي: هاڻي يا تہ سڱ ڏي يا تہ جنگ ڪر!' پوءِ هو ڏجي ويندو، ۽ ڪٽي سڱ ڏيندو." بادشاهہ ۽ ٻين سيني کي پيڙي وزير جي اها صلاح پسند آئي، جنهن ڪري بادشاهہ کي ڪرمان، پنهنجي خاص ڪاتب کان خط لکائي، شاهي مهر هڻي، پيڙي وزير هٿان ڪوري بادشاهہ ڏانهن موڪليو. پيڙو وزير ڪوري بادشاهہ جي دربار ۾ وڃي ادب سان حاضر ٿيو، ۽ بادشاهي خط هڪڙي سوني ٿالهيءَ ۾ رکي، ٻيءَ سوني ٿالهيءَ سان ڍڪي، بادشاهہ سلامت کي پيش ڪيائين، ۽ ڪرمان بادشاهہ کان آندل هيرا ۽ جواهر بہ تحفو ڪري پيش ڪيائين.

ڪوري بادشاهہ پنهنجي اڪابر وزير کان خط پڙهايو، ۽ جنگ جي ڌمڪيءَ جو ٻڌي، تپي باهہ ٿي ويو. خط ڦاڙي ساڙيو ويو، ۽ آندل هيرا

جواهر به اڇلارايا ويا، ۽ آيل ٻيڙي وزير کي چيو ويو: "تنهنجي پيرسنيءَ تي قياس ٿو اچيم ۽ خدا جو خوف ٿو ٿئيم، جنهنڪري توکي سلامت واپس وڃڻ ٿو ڏيان: هاڻي آندل خط جو اهو جواب اٿيئي، جو پنهنجي مغرور بادشاهه کي وڃي پهچاءِ ته 'جنگ جا دڙڪا نه ڏي: لڙائي ڪرڻي اٿئي، ته لهي اچ ميدان ۾، ته خبر پوي!' "

ٻيڙو وزير بادشاهه جو زباني پيغام کڻي، پنهنجي كرمان بادشاهه وٽ پهتو، ۽ اکر به اکر وڃي کيس ٻڌايائين. كرمان بادشاهه سموري حقيقت ٻڌي، تپي باهه ٿي ويو، ۽ هڪدم جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻ جو حڪم ڏنائين. طبل وڄي ويا، جنگ لاءِ سيڌا سامان ۽ هٿيار پنوهار گڏ ٿي ويا. هڪ شاهي ڪٽڪ تيار ٿي ويو. آخرڪار بادشاهه به پنهنجن گهوڙن ٻيڙن سميت اچي كوري بادشاهه جي تخت گاهه کان اڌ ميل کن پنڌ تي پنهنجا خيما کوڙيا، ۽ كوري بادشاهه کي چوائي موڪليائين ته "آءٌ لڙائيءَ لاءِ فوج وٺي آيو آهيان، تون به پنهنجي فوج وٺي اچي لڙائي ڪر، يا پنهنجي ڌيءَ جي منهنجي وڏي پٽ سان شادي ڪري ڏي، ته پوءِ آءٌ واپس هليو وڃان!"

كوري بادشاهه، پيغام پهچڻ تي، پنهنجو لشڪر تيار ڪري. وڏي وزير جي هٿ هيٺ، كرمان بادشاهه سان لڙائي ڪرڻ لاءِ موڪليو. وڏي وزير جي جڏهن كرمان بادشاهه جي لشڪر تي نظر پيئي، تڏهن پاڻ ۽ سندس سپهه سالار دهلجي ويا، ۽ بادشاهه کي پيغام ڏياري موڪليائون ته "كرمان بادشاهه سان ايڏو ته ڪٽڪ آهي، جو پنهنجو لشڪر ان جي اڳيان ڪجهه به نه آهي: تنهنڪري اسان جو عرض آهي ته اجائي خونريزي ڪرڻ ۽ لشڪر مارائي رت جي نديون وهائڻ مان ڪجهه به ڪين ورندو. سنو ائين ٿيندو ته اوهان پنهنجي صاحبزاديءَ جو سڱ ڪٽي كرمان بادشاهه

جي صاحبزادي کي ڏيو، ائين ڪرڻ سان هڪڙو تہ ٻنهي ڌرين جي عزازت ڳنيجي پوندي، ۽ ٻيو تہ ٻنهي بادشاهن جي وچ ۾ ايتري تہ محبت وڌي ويندي، جو ٻيو ڪوبہ ڏاريو غنيم اوهان ٻنهي بادشاهن تي ڪاهہ ڪري نہ سگهندو."

ڪوري بادشاهہ کي جڏهن پنهنجي وزير جو اهو پيغام پهتو، تڏهن ڪيس ڏاڍي منيان لڳي، ۽ ائين سمجهيائين تہ "اسان جو لشڪر يا تہ ڊنو آهي، يا تہ دشمن جي لشڪر سان ملي هڪ ٿي ويو آهي." تنهنڪري پنهنجي لشڪر کي سبق سيکارڻ ۽ ڪرمان بادشاهہ سان دوبدو ڳالهائڻ لاءِ پاڻ هڪ اَرڙو گهوڙو تيار ڪرائي، ان تي سوار ٿي، ونی گهوڙي کي اڙي هنيائين، تہ گهوڙو اک چنب ۾ بادشاهہ سميت اچي سندس پنهنجي ڪٽڪ ۾ ڪڙڪيو. بادشاهہ جي گهوڙي، جو ڪرمان بادشاهہ جا گهوڙا پريان بيٺل ڏٺا، سو امالڪ ڪٽي انهن ڏي رخ رکيائين. ڪوري بادشاهہ، گهڻوئي گهوڙي کي روڪيو، پر گهوڙو سندس وَس کان ٻنهہ ٻاهر نڪري ويو، جنهنڪري بادشاهہ کي پنهنجي ڪرڻ جو اچي خوف جاڳيو. گهوڙو اهوئي پڄندو، دشمن جي لشڪر ڏي ڪاهيندو پئي ويو. ڪوري بادشاهہ بہ نيٺ، پنهنجي ڪرڻ کان بچڻ لاءِ، ڪٽي هڪ وڻ کي ياڪر وڌو. گهوڙو جو ڌوڪيندو پئي ويو، سو وڻ بہ بادشاهہ جي ٻڪن ۾ اچي پاڙان پٽجي ويو، ۽ بادشاهہ جي ڪلهي تي اچي پيو.

ڪرمان بادشاهہ جي ڪٽڪ جڏهن ڏٺو تہ "مار! ڪوري بادشاهہ جي ٻي فوج تہ الائي ڪٽي آهي! سندس فوج جو هڪ رواجي سپاهي بہ ٻي ڊپو اهڙيءَ بهادريءَ سان گهوڙي کي ڪڏائيندو، وڻ پاڙان پٽيو ڪلهي تي ڪنيو، اسان تي ڪاهيندو پيو اچي، ۽ اسان جي لشڪر کي چيريندو سڌو بادشاهہ سلامت جي تنبوءَ ڏانهن ڌوڪيندو پيو وڃي!' - سي ڊپ ۾ ڇڙوڇڙ ٿي، وني ڀڳا.

ڪوري بادشاهه کي سِر سان اچي لڳي، سو به وڏي واڪ دانهون ڪندو پئي ويو تہ ”ڪٽي ڪِران!“ پر ڪرمان بادشاهه ۽ سندس لشڪر سمجهيو تہ ڪوري بادشاهه للڪاريندو پيو اچي، تہ ”ڪٽي ڪرمان!“ جڏهن ڪرمان بادشاهه جي ڪَن تي هيءُ پڙلاءُ پيو، تڏهن تنبوءَ کان ٻاهر نڪتو جان ڪٽي ڏسي تہ سندس فوج ڀڄي ويئي آهي، ۽ ڪيترا ماڻهو سرڪش گهوڙي پنهنجي لتن هيٺان آٽي، سنبن سان ئي سوراٽي ڇڏيا آهن.... سو ٻہ وارن بينل گهوڙن مان تڙ تڪڙ ۾ هڪڙو گهوڙو ڇوڙيندي، مٿس سوار ٿي وني ڀڳو؛ مگر مٿيون اهڙيون تہ منجهي پيس، جو گهوڙي جي پچاڙي ڪيڻ وسري ويس، جنهنڪري گهوڙي جي، سٽ ڏيڻ سبب، پوئين جنگهہ ڀڄي پيئي! تيسين ڪوري بادشاهه جو گهوڙو بہ اچي مٿس

ڪڙڪيو، ۽ جيئن بينل گهوڙي سان وڙهڻ لاءِ نَرا ڪنيائين، تيئن بادشاهه جي ڪلهي تان پٽيل وڻ ڪِري پيو، ۽ وڃي ڪرمان بادشاهه کي لڳو، ۽ ڪرمان بادشاهه ان جي هيٺان چيچجي مري ويو. هيڏانهن ڪوري بادشاهه خود گسڪي وڃي زمين تي پيرن ڀر بيهي رهيو. ڪوري بادشاهه پاڻ سان خدا جي مدد ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو: ۽ ڪرمان بادشاهه جو ملڪ ۽ آندل لشڪر جا هٿيار ۽ سامان سمورا ڪٺي، وڃي خيرن سان اڳي کان به وڌيڪ عدل ۽ انصاف سان پنهنجي بادشاهي هلائڻ لڳو.

پاڳوَند بادشاهہ

هڪڙو هو بادشاهہ، اُن پنهنجي لشڪر کي حڪم ڪيو تہ "سپاٽي شڪار تي هلنداسين: جنهن جي سامهون شڪار اچي، اُهوئي اُن جي پنيان پوي!" ٻئي ڏينهن صبح جو، بادشاهہ پنهنجي اَتالي سميت جهنگ ڏي روانو ٿيو: اوچتوئي اوچتو، هڪ هرڻ وٽن جي جهڳٽي مان نڪتو ۽ بادشاهہ جي سامهون ٽي اڳتي وڌي ويو. بادشاهہ بہ ڪٽي هرڻ جي پنيان لغام ٿيڪيو. اڳيان هرڻ پنيان بادشاهہ، وڃي اهڙي هنڌ نڪتا، جتي وسنهن نہ واڙي؛ جهنگ بہ اُتي گهاتو هو، هرڻ ڇلانگ ڏيئي اُن جهنگ ۾ گم ٿي ويو، ۽ بادشاهہ حيران ٿي بيهي رهيو. بادشاهہ آخر وري گهوڙي کي وني ڊوڙايو، پر گهڻي پنڌ ڪان پوءِ بہ هن کي ڪا وسندي نظر نہ آئي. گهوڙو بہ سڄو ڏينهن اُڃ بک ۾ ڊوڙيو هو، سو بہ اچي ماندو ٿيو، ۽ ٿوري پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ ۾ڳتي هلڻ ڪان جواب ڏيئي بيهي رهيو. خار ۾، بادشاهہ گهوڙي کي ٻتي ڇهبڪ وهائي ڪڍيا، گهوڙي کي اهڙو ڪو ڏڪ بلائتو لڳو، جو يڪدم ڪري پيو ۽ مري ويو. بادشاهہ هاڻ تہ هيڪاري اچي پريشان ٿيو. آخر توڪل جو ترهو ٻڌي، پيرين پنڌ اتي اڳتي هليو. سج بہ اچي لٿو هو، ۽ بک اُڃ ۾ بادشاهہ بنهہ بيحال ٿي پيو: اينتري ۾ اوچتو هڪ هنڌ چلڪو ڏسڻ ۾ آيس، ۽ منهن ۾ ڪجهہ رونق آيس، ۽ همت ٻڌي وني ان طرف روانو ٿيو. مڃاڻ اهو چلڪو هڪ تلاءُ جو هو! جيئن تيئن ڪري، بادشاهہ اتي پهتو، پاڻي پيتائين، ۽ پوءِ جهٽ ڪان پوءِ اگهور ننڊ ۾ پئجي ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو بادشاهہ ننڊ مان اُٿيو: هيڏي هوڏي ڏٺائين تہ بنهہ بيابان آهي. ... ڪ نہ چارو. خيال ڪيائين تہ ... ۾ هيءَ هڪ ٽي

تلاءَ آهي، ضرور ڪو جانور هتي ايندو هوندو. سو گهاٽي گاهه ۾ لڪي ويهي رهيو. جهٽ نه گذري، ته هرڻن جو ٽولو پاڻي پيئڻ لاءِ آيو، ۽ پاڻي پي پرسان بيهي چرڻ لڳا. جڏهن بادشاهه جي پرسان هڪ هرڻ آيو، تڏهن بادشاهه اُچانگ ڏيئي ڪٽي ٽنگ ۾ ورتس، ۽ هڪدم ليٽائي ڪٽي تڪبير وڌائينس، ۽ پوءِ سچيءَ ڪوڙيءَ ڪانيءَ کي گسائي، باهه ٻاري، گوشت پچائي، پيٽ پري کاڌائين. اهڙيءَ طرح روز پيو گذارو ڪندو هو. انهيءَ وچ ۾ بادشاهه جي حالت صفا جهنگلين جهڙي ٿي ويئي هئي. ڪپڙا به اچي ڳُٽس. جهنگ گهمي گهمي هڪ گاڏر چارو هٿ ڪيائين. پوءِ اڳئين وانگر هڪڙو هرڻ جهلي، ان کي ڪٽي، اتي هڪ طرف روانو ٿيو. ٻن ڇئن ڪوهن جي پنڌ کان پوءِ، هڪ شهر ڏسڻ ۾ آيس. شهر ۾ گهڙيو ته پهريائين ڏٺائين ته هڪ ٻڪڻ وينو ڪاٺ ڪمائي. بادشاهه ٻڪڻ وٽ پهچي سلام ورايو. ٻڪڻ سلام جو جواب ڏيئي، پڇيس ته "يار، هرڻ وڪو اهي ڇا؟" بادشاهه چيس ته "يا ته يار نه سڏين ها، جي يار سڏيو اٿيئي ته پوءِ مُلهه وري ڪهڙا ٿو پڇين! جي گهرج هجيئي، ته هرڻ حاضر آهي." ٻڪڻ گهڻوئي زور پريس، ته پيسا وٺ، پر بادشاهه صفا جواب ڏنس. بادشاهه جڏهن وڃڻ لڳو، تڏهن ٻڪڻ چيس ته ادا "الله ته اڙي اوچتي نه وجهندئي، پر جي ڪنهن وقت ڪا ڏکيائي پيش اچيئي، ته مان فلاڻي پاڙي ۾ وينو آهيان، هڪل ڪندين ته اچي حاضر ٿيندس!"

بادشاهه وري ساڳئي تلاءَ تي موٽي آيو. ٻئي ڏينهن به وري هرڻ جهليائين، ۽ خيال ڪيائين ته شهر جي ٻئي پاسي کان وڃي، هرڻ وڪڻي؛ ڪپڙو لٽو وٺان. اهو پور پچائي، شهر جي ٻيءَ ڪنڊ کان اچي نڪتو. ڇا ڏسي ته هڪڙو ملنگ وينو آهي. بادشاهه ملنگ کي سلام ڪيو، جنهن سلام جو جواب ڏيئي چيس، "يار، جي هرڻ وڪڻين، ته ملهه ٻڌاءِ!"

بادشاهہ جواب ڏنس تہ ”فقير سائين يا تہ يار نہ سڏين ها، پر جي يار سڏيو اٿئي تہ پوءِ مُلهہ ڪهڙا ٿو ڪٿائين! لوڙهہ هجي، تہ هرڻ حاضر آهي.“ ائين چئي، بادشاهہ هرڻ فقير کي ڏنو، ۽ پاڻ هلڻ لڳو. فقير چيس، تہ ”بابا، الله ڪم تہ ڪونہ وجهندئي، پر جي ڪم پوئي تہ اِنهيءَ دونهين تي پيو اچجانءِ!“

وري ٽئين ڏينهن به ساڳي ءَطرح بادشاهه هرڻ پڪڙيو، ۽ شهر جون اڳي به ڪندون چڙي، ٽينءَ ڪنڊ جي راهه ورتائين. اڳيان هڪ سوداگر مليس. بادشاهه ان کي سلام ڪيو، ۽ هن وراڻي ڏيندي چيو ته "يار، ڪر خبر، هرڻ ويڪو آهي ڇا؟" بادشاهه چيو ته "يارن سان کهڙا مُلهه، اڇي هرڻ تون ڪڻ!" جڏهن موٽڻ لڳو، تڏهن سوداگر چيس ته "خدا ڪم ته ڪونه وجهندئي، پر جي ڪا گهڙي وقت جي پيئي، ته اسين حاضر آهيون! منهنجو نالو فلاڻو اٿيئي."

چوٿين ڏينهن به وري ساڳي ڪرت. هن ڀيري بادشاهه کي اُتي جي بادشاهه جو پٽ مليو، جنهن ڪانئس، يار چئي، هرڻ ورتو، ۽ پاڻ کي هن جو دوست ڪري هليو ويو. بادشاهه موتي اچي تلاءَ تي ليٽي پيو. اجا سج ئي نه اُڀريو هو، ته هڪ واهر پير ڪٽي اچي تلاءَ جي پرسان وجايا، ۽ بادشاهه کي ڪٽي ٻڌائون، چي: "تون خون ڪري هتي اچي لڪو آهين!" بادشاهه ويچاري اهو اَمر الله طرفان سمجهيو، ۽ چپ چاپ هنن سان گڏ هلڻ لڳو. جڏهن بادشاهه کي انهيءَ بادشاهيءَ ۾ آندائون، جتي هي ٻُهرڻ ڏيئي ويندو هو، تڏهن هن کي ياد آيو ته واهر اُهي ئي پيرا ڪنيا آهن، جن سان هيءُ هرڻ ڏيئي موٽندو هو. آخر بادشاهه کي اچي شهر جي بنديخاني ۾ بند ڪيائون، ۽ ڪيس ٻڌايائون ته "توکي سڀاڻي ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويندو!" بادشاهه ڏاڍو ششدر ٿيو، آزيون نيزاريون ڪرڻ لڳو، وڏي واڪي دعائون پنڻ لڳو. مجاڻ قيد جي پرسان بادشاهه به اچي لنگهيو. انهيءَ، جو بادشاهه جون آهون دانهون ٻڌيون، تنهن ڇا ڪيو جو گهڙي ويو جيل ۾، ۽ داروغي کي چيائين ته "مون کي فلاڻي قيديءَ وٽ وٺي هل!" داروغي يڪدم هن کي قيدي بادشاهه وٽ پهچايو، جنهن وٽ بادشاهه پاڻ کي جيل جي داروغو ظاهر ڪيو، ۽ چيائينس ته "جيڪڏهن توکي پنهنجي ڪنهن دوست يار سان ملڻو ڪرڻو هجي، ته ٻڌاءِ، ته ان کي گهرائجي." قيدي بادشاهه چيو ته "مون پرديسيءَ کي ڪوئي ڪونه ٿو

سجاڻي؛ ها، باقي شهر جي فلاڻي پاسي هڪ ملنگ فقير وينو آهي، ان کي سڏي ڏيو.“ بادشاهہ يڪدم فقير کي گهرايو، ۽ هو قيدي بادشاهہ جي آڏو پيش ڪيو ويو. فقير کي ڏسي هن چيو: ”يار، پنهنجا تہ حال اجهي هي اٿيئي!“ ملنگ پنهنجي يار جي اها حالت ڏسي، سڀڪجهہ سمجهي ويو، ۽ چيائينس: ”يار، خدا ڪندو تہ بادشاهہ سڀاڻي توکي ڇڏي ڏيندو؛ پر جي نہ ڇڏيائين، تہ شهر اسان بہ غرق ڪري ڇڏينداسونس؛ هاڻي وڃي مزي سان رات گذار.“

پوءِ قيدي بادشاهہ کان پڇيائون تہ ”جيڪڏهن ڪو ٻيو يار هجيئي، تہ ان کي بہ آندو وڃي!“ جنهن تي هن ڊکڻ جو نالو ڪنيو. تنهن تي ڊکڻ کي هڪدم وٽس حاضر ڪيو ويو. ڊکڻ کي ڏسي هن چيو تہ ”يار، اسان جي هاڻي الله توهار آهي؛ سڀاڻي بادشاهہ ڦاسيءَ تي چاڙهائي ڇڏيندو: مون چيو تہ يار کان موڪلايو وڃان!“ ڊکڻ چيس تہ ”يار، خدا ڪندو، بادشاهہ توکي سڀاڻي ڇڏي ڏيندو؛ جي نہ، تہ محلات جا ٿنڀا مون ناهيا آهن، ۽ انهن ۾ هڪ اهڙي چيپر آهي، جو اُها ڪڍي ونان، تہ بادشاهہ جي سڄي محلات ڇٽ تي وڃي. هاڻي الله کي ياد ڪر، سڀاڻي اسان توکان اڳي اُتي هونداسين!“ ائين چئي ڊکڻ رمندو رهيو.

پوءِ وري قيدي بادشاهہ کان پڇيائون تہ ”ٻيو ڪو يار هجيئي، تہ ٻڌاءِ!“ هن پوءِ سوداگر جو نالو ٻڌايو، جنهن کي اتي جو اتي آڻي وٽس پيش ڪيائون. سوداگر، يار جي اِها حالت ڏسي، حيران ٿي ويو؛ خبر چار ورتائينس. آخر قيدي بادشاهہ سوداگر کي چيو تہ ”يار، چيم هاڻي مرون ٿا، سو يار سان تہ موڪلائي ڪجي!“ سوداگر جواب ڏنس تہ ”اسين تنهنجا يار باقي ڇا لاءِ آهيون، هاڻي، تون ڪو خيال نہ ڪر، سڀاڻي آءٌ دنيا جو واڪ ڏيندس، جي بادشاهہ ان تي بہ راضي نہ ٿيو، تہ آءٌ انهن ٻن گهوڙن جو بہ واڪ ڏيندس، جن تي بادشاهہ عاشق آهي؛ پر جي انهن تي بہ [illegible] نہ ٿيو، تہ پوءِ آءٌ پنهنجي [illegible] ڪٽندس — ان تي [illegible]

آهي! پر انهيءَ تي بہ جي راضي نہ ٿيو، تہ پوءِ ڀائو، الله واهي!" ائين چئي سوداگر هليو ويو.

قيدي بادشاهہ ڪان وري بہ پڇا ٿي تہ "اٿئي ڪو ڀيو بہ يار دوست، تہ ان کي بہ گهرائي ونجي!" تنهن تي هن شهزادي جو نالو ٻڌايو. يڪدم شهزادي کي گهرايو ويو. شهزادي پنهنجي دوست جي اها حالت ڏسي، ڏک جو اظهار ڪيو، ۽ چيو تہ "يار، خدا ڪندو تہ بادشاهہ سياڻو، توکي ڇڏي ڏيندو؛ جي نہ ڇڏيائين، تہ پوءِ پنهنجا بہ هٿ بادشاهہ ۾ آهن- پوءِ ڪٽن ياڳ!، ائين چئي شهزادو بہ هليو ويو.

جڏهن صبح ٿيو، تڏهن بادشاهہ ڪچهري ڳڏ ڪئي، ۽ قيدي بادشاهہ کي بہ گهرايائين. جهٽ ڪانہ گذري، تہ سوداگر بہ گهوڙا وٺي اچي ڪچهريءَ جي پرسان بيٺو. هڪ گهوڙي تي سون جون خرزينون هيون، ۽ ٻئي تي سندس سدا ملوڪ گهر واري ويٺي هئي. ٻئي پاسي ڏکڻ بہ محلات جي هڪ ڪنڊ ونيو وينو هو. هوڏانهن شهزادو بہ پنهنجو لشڪر وٺي تيار ٿيو بيٺو هو. ٻئي پاسي وري ملنگ پنهنجو سڄو هٿ رنبيءَ وانگر زمين ۾ پُرڙي وينو هو.

شهر جي بادشاهہ کي تہ اڳي ئي سڀ ڳالهہ جي خبر هئي، باقي رڳو پئي پاڳوند بادشاهہ جا پاڳ آزمايائين. سوداگر بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ "هيءُ خوني سون جي بدلي مون کي توري ڏيو." بادشاهہ انڪار ڪيو، تڏهن سوداگر پنهنجا گهوڙا آڇيا، پر بادشاهہ وري بہ "نہ" ڪئي. تنهن تي هن پنهنجي زال پيش ڪئي، پر بادشاهہ اها ڳالهہ بہ نہ مڃي. وري ڏکڻ کي سڏ ڪيائين، پر ڏکڻ اُتائين رڙ ڪئي تہ "جيئندا قبلا، ڦريائين منهنجي يار کي آزاد ڪر، تہ پوءِ اُتان، نہ تہ محلات اڃئي تي پٽ تي!"

انهن ڳالهين مقالن ڪانپوءِ، بادشاهہ، پاڳوند بادشاهہ کي آزاد ڪري، سوداگر کي پاڪر پاتو، ۽ سوداگر جي زال کي پيٽ جي گنديءَ مٿي ... ڪائي، چيائين تہ "واقعي منهنجي نيت بد هئي؛ پر اڄ کان پوءِ تون

منهنجي پيڻ آهين!" ان بعد فقير کان معافي ورتائين، ڏکڻ کي انعام ڏنائين، ان کان پوءِ پنهنجي پٽ کي پاڪر پائي، چيائين تہ "بيشڪ تون حلالي بار آهين."

انهيءَ کان پوءِ پاڳوند بادشاهہ کي پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڏنائين. جڏهن گهوٽ ڪنوار سيج تي وينا، تڏهن پاڳوند بادشاهہ پنهنجي ڪنوار کي ٻڌايو تہ "شهزادي آءٌ هتي رڳو اجوڪي رات آهيان: سياڻي پنهنجي وطن ويندس. جيڪڏهن تون اوڏانهن مون سان گڏ وطن هلين، تہ ڀلي: نہ تہ اسان جي الله توهار اتيئي!" شهرادي پهرين تہ حيران ٿي ويئي، پر پوءِ چيائين تہ "نيڪ آهي: تنهنجي آءٌ ٻانهي آهيان- جيڏانهن تون، تيڏانهن آءٌ بہ تنهنجي پنيان!" تنهن تي پاڳوند ٻڌايس تہ "شهزادي مان پاڻ بادشاهہ آهيان، تنهنجو پيءُ بہ منهنجو ڏنَ پرو آهي! تون فڪر نہ ڪر: قسمت جي لکئي مون کي هتي آندو آهي، نہ تہ ڪير ائين ايندو آهي!"

صبح جو پاڳوند بادشاهہ پنهنجي سهري کي بہ سچي ڳالهہ ٻڌائي، جو پڻ ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ بادشاهہ ۽ شهزاديءَ کي خوشيءَ سان پنهنجي ملڪ موٽي وڃڻ جي موڪل ڏنائين.

بادشاھ ۽ ٻڪرار

زماني جو هڪڙو بادشاھ هوندو هو، جنهن وٽ ٻيءَ ڪنهن شيءِ جي تہ ڪمي ڪانہ هئي، پر اولاد ٿيندو ئي ڪونہ هوس. آخر گهڻي خير خيرات ۽ دعائن سڪائن کان پوءِ، هن ڪي ڪنهن فقير دعا ڪئي، ۽ کيس پٽ ڄائو. بادشاھ جو پٽ، اڃ ننڊو سيان وڏو، نيٺ اچي لائق ٿيو، هڪ تہ بادشاهي ٻار ۽ ٻيو سِڪي سِڪي ڄاول، سو آزاد ٿي پيو گهمندو هو. اُتي هڪ ٻڪرار بہ رهندو هو، جنهن سان بادشاھ جي پٽ جي جيڪي سو زياده دوستي هوندي هئي. ٻڪرار ڌڻ ڪاهي جهنگ ڏانهن ويندو هو، تہ شهزادو بہ وجي ساڻس گڏبو هو. بادشاھ کي جڏهن اها خبر پئي، تڏهن ڏاڍو ناراض ٿيو. کيس اها ڳالھ پسند ڪانہ هئي تہ ڪو سندس پٽ ٻڪرار جي دوستيءَ ۾ جهنگل گهمندو وتي، مگر پيار ۽ لاڏ سبب کيس چوندو ڪجهہ بہ ڪونہ هو.

هڪڙي ڏينهن، ٻئي دوست درياءَ جي ڪناري تي ويٺا هئا ۽ ٻڪرين کي پاڻي پيئڻي پيارہائون، تہ هڪ غوراب اچي لنگھيو، جنهن تي هڪ چند جهڙي سهڻي، پري پيڪر، انساني روپ ۾، پسار ڪري رهي هئي. سندس حسن جي تجليءَ شهزادي کي موهي ڇڏيو، ۽ هو بت بڻجي بيهي ڏانهس ڏسڻ لڳو.

عشق جو تير ٻنهي طرفن لڳي چڪو هو، هڪ ٻئي ڏک سان پيئي نشانو بڻجي چڪا هئا- ۽ پريان شهزادي بہ شهزادي سان اکيون اڙائي بيهي رهي.

ٻانهي، جنهن اهو لقاءُ ويٺي ڏٺو، تنهن شهزاديءَ کي هوش ۾ آندو، ۽ چيائينس تہ "پرديسيءَ سان پريت جو پيچ پائڻ آهي پاڻ نهوڙڻ. ڪير ڄاڻي، هيءَ ڪٿي جي بلا!" شهزاديءَ چيو تہ "حيلو آءٌ بہ ڪنديس، وسيلو پاڻهي ٿيندو!" ائين چئي، شهزادي جي ڏسندي ڏسندي، هڪ ٿالهہ ڪٽي ان ۾ هڪڙي سوپاري وڌائين؛ وري اُها سوپاري ڪٽي وچ ٿالهہ تي رکيائين؛ اُتان ڪٽي وري پنهنجيءَ چوٽيءَ تي رکيائين؛ اتان ڪٽي وري ڏندن تي رکيائين، پوءِ اُتان ڪٽي، اکين تي رکي، درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏيائين، آخر پُٺ ورائي، غوراب اندر هلي ويئي. اينتري ۾، شهزادي جي ٻنهہ اکين آڏو غوراب مَٽي، اڳتي روانو ٿي ويو.

اهو سڄو تماشو ٻڪرار بہ پئي ڏٺو، شهزادي ٻڪرار کان پڇيو تہ "انهن اهڃاڻن جو مطلب ڪهڙو؟" ٻڪرار دل ۾ خيال ڪيو تہ جي 'سڄي حقيقت، جيئن مون سمجهي آهي، تيئن ڪيس ٻڌائيندس، تہ شهزادي کي صبر ايندو ئي ڪونہ، ۽ چوندو تہ هينئر ئي غوراب جي پٺيان هليا هلون!' تنهنڪري جواب ڏنائين تہ "آءٌ ٻنهہ ٻُوز، ٻڪرار؛ مون کي ڪهڙي خبر تہ هن

ڇا ٿي ڇيو؟ گونگن جا اشارا گونگا سمجهن ۽ ٻيا سمجهن گونگن جا مائٽ!"



خير، غوراب ته هليو ويو، پر شهزادو انهيءَ حسينه جي فراق ۾ روزبروز ڳرندو ويو. نيٺ شهزادي جي پريشانيءَ جي خبر وڃي بادشاه تائين پهتي؛ جنهن نه سوچيو نه ويچاريو، ڳنڍ ڪٽي ٻڌائين ته 'هي

سيڪجھہ ٻڪرار جي صحبت جو اثر آهي، ۽ هن جي ڪري ئي منهنجي پٽ جي حياتي برباد ٿي رهي آهي!' ۽ حڪم ڏنائين تہ "ٻڪرار کي شهر نيڪالي ڏيئي، ڏيهان ڏور ملڪان پري، ڪنهن اهڙي هنڌ اماڻي ڇڏيو، جو اتان وري ڪڏهن موٽي هيڏانهن منهن نہ ڪري سگهي!"

ڏاڍي جي لٺ کي بہ مٿا، غريب جي ڇا مجال، جو ڪجهہ ڪري سگهي! سو، ٻڪرار ويچارو اهو شهر ڇڏي، ڪنهن ٻئي شهر ڏانهن هليو ويو. پر شهزادو هو، جو ڏينهون ڏينهن ويو پٺي پوئتي پوندو. باد شاھہ نيٺ کانئس هن ڳٽڻيءَ جو سبب پڇيو؛ جنهن تي شهزادي پهريائين تہ ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو، پر نيٺ، اکين مان زارو زار ڳوڙها ڳاڙيندي ڳاڙيندي، سچي حقيقت ڪري ٻڌايائين. باد شاھہ پنهنجي وزيرن ۽ اميرن کي گهرائي، شهزادي جي ڳجهارت ڀڃڻ لاءِ چيو، مگر منجهانئن ڪوبہ ڳجهارت جو منجهہ لهي ڪين سگهيو. اتي باد شاھہ کي اچي شهزادي جي حياتيءَ جو ڌپ لڳو، تنهنڪري حڪم ڏنائين تہ "ٻڪرار کي ئي ڪنهن طرح ڳولي هٿ ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ نيٺ بہ هو شهزادي جو دوست آهي؛ ممڪن آهي تہ ڳجهارت جو حل هن وٽان ئي هٿ اچي سگهي!"

حڪم جي دير هئي، باد شاھہ جا ماڻهو، مٿا مونا هٽي، چارئي ڪندون نهاري، نيٺ ٻڪرار کي ڳولي وٺي آيا. باد شاھہ کيس شهزادي جي سموري حقيقت ٻڌائي، ۽ چيو تہ "هيءُ هاڻ مرڻ کي اچي ويجهو ٿيو آهي، سندس علاج ڪو توکي سجهندو هجي، تہ مهل هيءَ اٿيئي! هاڻي ٻڌاءِ تہ اصل اِها ڳالهہ ڪيئن آهي؟" ٻڪرار باد شاھہ کي ٻڌايو تہ "باد شاھہ سلامت! اها ڳالهہ آسان آهي. مون شهزادي سان رڳو انهيءَ ڪري نہ ڪئي، جو انهيءَ مهل ٻڌي ها، تہ يڪدم اوڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿئي ها، ۽ جهان پناھہ جو ڏمر وري بہ ناحق مون غريب تي ٿئي ها!"

پوءِ ٻڪرار باد شاھہ کي ٻڌايو تہ "شهزاديءَ جنهن وقت ٿالهہ ڪنيو، تنهن مان مطلب اهو نڪتو تہ شهزادي 'ٿالهار' شهر جي آهي؛ سوياري

ٿالهه جي وچ ۾ رکيائين، تنهن جو مطلب اهو هو ته سندس محلات وچ شهر ۾ آهي، ۽ ان جي دروازي تي سوپاريءَ جو وڻ بيٺل آهي؛ چوڙيءَ تي سوپاريءَ رکڻ جو اهو مطلب هو ته چوڙيگر جو دڪان به پرسان ئي اُتي ڪٿي آهي؛ وري سوپاريءَ کي ڏندن تي رکڻ مان هيءُ مطلب ظاهر ٿيو ته هوءَ 'ڏاندار' بادشاهه جي ڌيءَ آهي؛ ۽ ان کي اکين تي رکڻ مان مطلب اهو نڪتو ته 'جيڪڏهن توهين اُتي ايندا، ته منهنجين اکين ۾ جايون لهندا!' آخر ۾، سوپاريءَ کي درياءَ ۾ اڇلڻ جو مطلب هيءَ هو ته 'اها ڳالهه ائين بڌي ۽ سُڻي، سوپاريءَ جيان خسيس سمجهي، مَن تان لاهي، وساري نه ڇڏجو!' "

ٻڪرار جي ڳالهه ٻڌي بادشاهه ۽ سندس امير وزير پهريائين ته حيران ٿي ويا، پر پوءِ ڏاڍو خوش ٿيا. بادشاهه کيس چيو ته "هاڻي اهو سڄو ڪم تنهنجي حوالي آهي. منهنجي پٽ جي حياتي هاڻ توکي ئي بچائڻي آهي!" ائين چئي، شهزادي ۽ ٻڪرار، ٻنهي جي سفر اسهڻ لاءِ هڪدم بندوبست ڪرڻ جو حڪم ڪيائين. بس، پوءِ ته ٻيئي ٻيئي تياريون ٿي ويون، ۽ ٻئي ڏينهن شهزادو ۽ ٻڪرار پرديس وڃڻ لاءِ سنيري اڇي ٻاهر بيهي رهيا: ٻه پلا گهوڙا ناٿي جي خرزينن سان پري کين ڏنائون، جن تي چڙهي، انهيءَ ئي مهل ٻيئي اُتي هليا.

ٿوري گهٽين ڏينهين، منزلن پويان منزلون ڪندا، ڏسندا وائسندا، ۽ پڇائون ڳاڇائون ڪندا، نيٺ شهزادو ۽ ٻڪرار اچي 'ٿالهار' جي شهر ۾ پهتا. شهر ۾ جاءِ هڪڙي مسواڙ تي ڪري، گهوڙن کي اتي ٻڌي، هڪدم نڪري شهر ڏانهن گهمڻ لاءِ روانا ٿي ويا. گهمندي ڦرندي، ڏٺائون ته هڪ محل شهر جي وچ ۾ آهي، جنهن جي اڳيان سوپاريءَ جو وڻ بيٺل آهي، ۽ چوڙيگر پرسان دڪان جمايو برابر اتي ويٺو آهي. هنن کي پڪ ٿي ته 'هيءَ ئي اها محلات آهي، جنهن لاءِ هيترا ڪشالا ڪڍي، اسين هت آيا آهيون!' اهڙيءَ طرح ٻيو به ڪيترو ئي ملڪ جو واءُ سواءِ لهي، ڳچ وقت کان پوءِ هو

موٽي پنهنجي رهڻ واريءَ جاءِ تي آيا ، ۽ جو ڪجهہ ڏٺو وائنو هيائون، تنهن تي گهٽيءَ گهٽيءَ تائين ڳالهيون مقالون ڪندي ڪندي، هڪ منا تي سمهي رهيا ۽ ننڊ ڪٽي وين.

ٻئي ڏينهن سوير صبح جو اُٿندي ئي، نيرن پاڻي ڪري، ٻڪرار وڃي هڪڙيءَ پوڙهيءَ مائيءَ کي هٿ ڪري آيو، ۽ هن کي پئسا ٽڪا ۽ ٻيا دم دلاسا ڏيئي، سمجهائي پڪو ڪري، ٻنهي پنهنجو ڪري ڇڏيائين: چوندا آهن تہ "هوندئن نہ ماسي، پئسي سان سيڪا ماسي" ، سو ٻئي ڄڻا هاڻ کيس "ماسيءَ ماسي" ڪري سڏڻ لڳا. پوءِ کيس چيائون تہ "تون محلات ۾ وڃ، ۽ شهزاديءَ کي فقط ايترو چئو تہ 'تو جيڪي ساريا، سي آيا!' بس، پوءِ تون ڇٽينءَ!" پوڙهي "ماسي" پهريائين تہ ڏني، مگر پئسن جي لالچ تي دل ٻڌي، شهزاديءَ وٽ ويئي، ۽ چيائينس تہ "تو جيڪي ساريا، سي آيا!" شهزادي اها ڳالهہ ٻڌي، باغ باغ ٿي ويئي! پهريائين "ماسيءَ" کي ڪجهہ انعام ڏنائين، ۽ پوءِ هڪ تالهہ آٽي ڏنائينس، جنهن ۾ اٽي جا قبا نهيل هئا ، جن مان هڪ ڦبو چوٽيءَ کان پڳو پيو هو! تنهن کان پوءِ، شهزاديءَ کيس هڪڙي ڏاڍي مار ڏيئي، لوڏي پاڻ وٽان روانو ڪري ڇڏيو! چي: "ڪِني رن، ههڙي ڪِي تهڙي، هلي آهين نامحرم مردن جا نياپا پهچائڻ. . . ٻي ڌري وڃ منهنجي منهن تان، تہ ٻيهہ ڪل نہ پرائي ڇڏيئين!" پوڙهيءَ "ماسيءَ" تالهہ آٽي ٻڪرار کي ڏنو، جنهن اُتي جو اُتي سڄين ڳجهارتن کي سمجهي ورتو. هي ٻيئي ڄڻا پوءِ اُتي شهر جي چوڌاري چڪر هڻڻ لڳا . نيٺ ڏٺائون تہ شهزاديءَ جيڪي نشان ڳجهارت ۾ موڪليا هئا ، انهن نشانن وارا قبا شهر جي ٻاهران ٻينا هئا! رات ٿي، تہ ٻڪرار، چيڙڙي ڪري، شهزادي کي چوٽيءَ لٿل قبي ۾ ويهاري ڇڏيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ، شهزادي بہ اچي اتي پهتي، ۽ اهڙيءَ طرح شهزادي ۽ شهزاديءَ جي پهرين ملاقات ٿي. پوءِ انهيءَ جاءِ تي روزانو ملڻ جو وعدو ڪري، فجر مهل شهزادي جيئن آئي هئي، تيئن محلات ڏانهن واپس موٽي هلي ويئي.

ٻيءَ رات، ڪيل وعدي موجب، شهزادي مقرر وقت تي محلات کان ٻاهر نڪتي، پر اتفاق اهڙو ٿيو، جو اڃا شهر جي گهٽين ۾ مس پهتي، تہ ڪنهن چوڪيدار کيس ڏسي ورتو، ۽ هڪل ڪري، سندس آڏو ڏگ جهلي بيهي رهيو. شهزادي بہ آواز تي هيسجي، جتي هئي اتہ هڪدم بيهي رهي. چوڪيدار ويجهو اچي کانئس ايڏيءَ مهل محلات مان نڪرڻ جو سبب پڇيو. تنهن تي شهزاديءَ منهن پڪو ڪري، کيس جواب ڏنو تہ "منهنجي فلاڻي پير تي باس باسيل آهي، سو اوڏانهن ٿي وڃان." چوڪيدار خاموش ٿي ويو. پوءِ شهزادي چوڪيدار کي ڪجهہ مڪائي، انهيءَ ئي ويل ڏسيل جاءِ تي اچي پهتي، جتي رات جو باقي حصو شهزادي سان رهاڻيون ڪيائين، ۽ اڳينءَ رات وانگر، فجر کان اڳ موٽي محلات ڏانهن هلي ويئي.

ٽيءَ رات وري چا ٿيو، جو شهزادي اڃا قبي وٽ وعدي موجب پهتي ئي مس، تہ کيس مجاور ڏسي ورتو، ۽ جڏهن قبي اندر ويئي، تڏهن مجاور ٻاهران بيهي ڪَنائڻ لڳو. ٻڪرار دل ۾ خيال ڪيو تہ هن وقت، جي ڳالهہ رهجي آئي، تہ چڱو: نہ تہ خير ڪونهي. سو ظاهر ٿي سڌو مجاور وٽ آيو، ۽ کيس چيائين تہ "پري کان پنڌ پيو آهيان: مون کي پنهہ هينئر زيارت ڪرڻي آهي- آءٌ قبي اندر ويندس!" مجاور پهريائين تہ اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو، پر کيس جڏهين خاصو نذرانو ٻڪرار کان مليو، تڏهين راضي ٿيو، ۽ چيائينس تہ "ميان، جيئرن جاڳندن ولين جي زيارت کان ڪهڙي جهل!" ٻڪرار ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ اندر وجي، سڄي ڳالهہ شهزاديءَ کي ڪري ٻڌايائين. نيٺ صلاح ڪيائون تہ 'هتان هاڻي جلد نڪرڻ گهرجي.' شهزاديءَ جواب ڏنو تہ "سياڻي سج لٿي، اوندهہ ۾ مهل، گهوڙا تيار ڪري هتي پهچجو: پاڻ هتان نڪري هلندا سون!" پوءِ شهزادي ٻڪرار جو پٽڪو ٻڌي، ۽ ٻڪرار جي اجرڪ ڪلهن ۾ ويڙهي، ۽ پنهنجي جتي هٿ ۾ ڪٽي، ٻڪرار جي جُتي پيرن ۾ پائي، قبي کان ٻاهر نڪري ويئي. گهٽيءَ

گھڻيءَ دير ڪانپوءِ، جڏھن مجاور در ڪڙڪايو، تہ ٻڪرار ۽ شھزادو ٻاھر نڪري آيا، جن وري بہ خاصو نذرانو ڏيئي، صدق دل سان دعائون گھريس، ۽ پوءِ خير سان ٻيئي موٽي اچي پنھنجيءَ جاءِ تي آرامي ٿيا.

شھزادي ۽ ٻڪرار ٻنهي ڏينھن سفر لاءِ سامان سڙو ناھي، سڄو ڏينھن آرام ڪيو، ۽ رات جو مقرر وقت تي ڏسيل جاءِ وٽ وڃي پھتا. جيئسين شھزادي اچي ئي اچي، تيسين، ٻڪرار شھزادي کي چڙي، پاڻ ويجھڙائيءَ ۾ چڪر ھڻڻ لڳو، تہ جيئن ڪنھن اوچتي خطري جو اڳ ٻچاءُ ڪري سگھجي. مڄاڻ، پرسان ماڙيءَ تي ھڪ جادوگرياڻي رھندي ھئي، جنھن ان ئي گھڙيءَ پنھنجي نوڪرياڻيءَ کي پئي پنھنجي ڪانيءَ مانيءَ جو مقالون ٻڌايون. ٻڪرار، جو اھو آواز ٻڌو، سو ڪَن ڏيئي ڳالھہ ٻڌڻ لڳو. جادوگرياڻيءَ نوڪرياڻيءَ کي پئي چيو تہ ”اڄ اسان جي شھر مان ڏاندار بادشاھہ جي شھزادي وڃي رھي آھي. ساڻس گڏ ھڪ شھزادو بہ آھي. واٽ تي ھيءَ ھڪ ٻير جي ھيٺان لنگھندا: شھزادو ٻير مان ٻير پٽي ڪائيندو، جنھن جي زھريلي اثر ڪري شھزادو مري ويندو! پر جيڪڏھن اتان ھو بچي ويو، تہ ڪُس تي ھڪ ڏوڏياڻي ڏُڌ ڪنيو پئي ايندي: پر ان ڏُڌ ۾ نانگ جو زھر مليل ھوندو، ۽ جي اھو ڏڌ پيئندو، تہ اُقت مري ويندو! پر جيڪڏھن اُتان بہ ھو بچي ويو، تہ جڏھن پنھنجي محلات ۾ سمھندو، تڏھن رات جو ھڪ بلا شھزاديءَ جي ڳِل تي زھر ھاري ويندي: شھزادو ننڊ جي خمارِ ۾ ڪيس چُمي ڏيندو، ۽ يڪدم مري ويندو! پر جيڪڏھن ڪو ماڻھو ھيءَ ڳالھہ ٻڌي، اڳي يا پوءِ، شھزادي کي ٻڌائيندو، تہ ان ماڻھوءَ جو سڄو بدن پنڊپھڻ ٿي پوندو!“ اتي نوڪرياڻيءَ جادوگرياڻيءَ کان پڇيو تہ ”ان ويچاري جو بُت پھڻ مان ڪيئن ڇٽندو؟“ تنھن تي جادوگرياڻيءَ جواب ڏنس تہ ”شھزادي جي پھروني پُٽ جو رت سندس بدن تي پوندو، تہ ھو وري ساڳيءَ حالت ۾ ايندو: ٻيءَ صورت ۾ ھو ھميشہ ائين ئي رھندو!“

ٻڪرار اھا سڄي حقيقت ٻڌي، مان ڪري ھليو آيو، اِتي ڪنھن

محل شهزادي به اچي پهتي. پوءِ هيءُ سڀ گهوڙن تي سوار ٿي، پنهنجي ملڪ ڏانهن روانا ٿيا. هلندي هلندي، ڏينهن ٿي وين. پوءِ اڌ سج مٿي چڙهيو، ته گس تي هڪ ٻير پڪي ڏنائون. شهزادي ٻيرن کائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، ۽ ٻڪرار کي چيائين ته ”ٻير کي ڌوڻ، ته ڪجهه کائون!“ ٻڪرار هڪدم ’هائو‘ ڪئي، ۽ ٻير کي ڌوڻڻ لاءِ مٿي چڙهيو، پر شهزادي کي چيائين ته ”جيسين آءٌ لهي نه اچان، تيسين ڪنهن ٻير کي چکڻ اوهان تي حرام آهي!“ آخر ٻير کي ڌوڻي، ٻڪرار هيٺ لهي آيو، ۽ هڪدم ٻيرن سان خرزين ڀري، ان ۾ ٽنگ ڪري ڇڏيائين، ۽ شهزادي کي چيائين ته ”اڳتي هلي آرام سان ويهي ٿا ٻير کائون: جتي پاڻي به ملي سگهي؛ رستي تي سِڪڻ وانگر ٻير کائڻ پنهنجي منهن تي ڪونه ٿو پوي!“ شهزادو اها ڳالهه ٻڌي، لاچار گهوڙو هڪلي اڳتي وڌيو. ٻڪرار به پنيان گهوڙي کي ڊوڙايو. جيئن گهوڙا ڊوڙيا، تيئن خرزين مان سڀ ٻير هڪ هڪ ٿي پٽ تي ڪِري پيا. اڳيان هڪڙي چشمي تي نظر پين، سو اتي لهي، شهزادي ٻڪرار کان ٻير گهريا. ٻڪرار خرزين ۾ هٿ وڌو، ۽ رڙ ڪري چيائين: ”مار... ٻير ته سڀ هارجي ويا! خرزين کي ڪو اڳي ئي ٽُنگ هو!“ شهزادي ٻڪرار جي اها ڳالهه ٻڌي، ڪٿي صبر ڪيو. چشمي جي ڪپ تي ٿورو مانجهاندو ڪري، سڀ گهوڙا هڪلي، سڄي رات پنڌ ڪيائون، ورندي ٻئي ڏينهن، جڏهن پورن ٻنپهرن جي گهڙي هئي، ته رستي ۾ ڪين هڪ ڏوڏياٽي گڏي. شهزادي تنهن تي چيو ته ”مون کي اُڄ لڳي آهي، ۽ گرميءَ به چيهه ڪري ڇڏيا آهن: هتي ترسو، ته ڏُڌ پي، ڪجهه نڙيءَ کي سائو ڪريون، ۽ آرام ونون!“ تنهن تي ٻڪرار چيو ته ”شهزادا سڄي ماٽي ٿا خريد ڪريون، اڳتي هلي آرام سان پيئجو!“ پوءِ ٻڪرار ڏڌ جي سڄي ماٽي خريد ڪري، ڪٿي پنهنجي اڳيان رکي، ۽ گهوڙو هڪلي اڳتي وڌڻ لڳو. ڪجهه پنڌ هليا، ته ٻڪرار ماٽيءَ مان هٿ ڪڍي ڪيرايو، ته ڏڌ سڀ هارجي ويو، ۽ ماٽي پڄي پيئي! شهزادي جڏهن ڏٺو ته ڏڌ سڀ

هارجي ويو آهي، تڏهن وري بہ صبر ڪان ڪم ورتائين، ۽ جهڙو هو تهڙو مات ڪري اڳتي هلڻ لڳو.

آخر هلندي هلندي، شهزادو، شهزادي، ۽ ٻڪرار اچي پنهنجي ملڪ پهتا. ٻڪرار شهزادي کي چيو تہ ”اج رات تنهنجي محل تي آءُ پهرو ڏيندس!“ شهزادي کِلي کيس اجازت ڏني. رات جو شهزادو ۽ شهزادي پلنگ تي ستا پيا هئا، تہ اوچتو هڪ بلا آئي، جيڪا شهزاديءَ جي ڳل تي زهر هاري هلي ويئي. ٻڪرار اهو سڄو لقاءُ ڏسي رهيو هو: تنهن ڇا ڪيو، جو يڪدم راڻيءَ جي ڳِل تان پنهنجي پٽڪي جي پلوَ سان زهر اگهڻ لڳو.

قدرت جي ڳالهہ، اوچتو شهزادي سجاڳ ٿي پيئي، ۽ پڪ ٿيس تہ ’ماڻهوءَ جي ڪرڻ جي ڪا مند ڪانهي، سو هن ٻڪرار جي نيت ۾ بہ ڪو وڏو خلل هو!‘ سندس دانهن تي شهزادو بہ اٿي ويهي رهيو! شهزاديءَ سموري ڳالهہ کيس ڪري ٻڌائي، ۽ چيائينس تہ ’هن نمڪ حرام کي هن گستاخيءَ جي اهڙي سزا ڏجي، جو دنيا ڏسي ۽ عبرت وٺي.“ شهزادو پهريائين تہ ٻڪرار جي ههڙيءَ حرڪت جو ٻڌي تپي باهہ ٿي ويو، پر پوءِ کيس پنهنجي هڪ پڳ مٽ يار جي وفاداري ۽ سچائي ياد پئي: جنهنڪري ٿڌو ٿي، ڪانئس حقيقت پڇيائين. ٻڪرار چيس تہ ”شهزادا، مون گستاخي برابر ڪئي آهي، مگر انهيءَ ۾ ڪو راز رکيل آهي، مون کان هوند نہ پڇو، تہ بهتر!“ شهزادي چيس تہ ”پنهنجي جان جي امان ٿو گهرين، تہ اِتي جو اِتي ٻڌاءِ تہ اهو راز ڪهڙو آهي!“ ٻڪرار لاچار ٿي پيو، ۽ سڄي ڳالهہ ٻڌائي، تيئن تيئن پيرن کان شروع ٿي، مٿي تائين پنڊپهڻ ٿيندو ويو! ٻڪرار جي هيءَ حالت اکئين ڏسي، شهزادي کي پڪ ٿي تہ هن جيڪي چيو ٿي، سو سچ ٿي چيو.... ۽ سندس ئي حياتيءَ جو بچاءُ ڪندي، هن پاڻ کي انهيءَ مصيبت جي منهن ۾ وڌو هو. ٻڪرار غريب جي نيٺ حالت هيءَ اچي بيني جو هوڏانهن بلا جي زهر واري ڳالهہ ۽ پنهنجي

چوٽڪاري واري ڳالهہ ٻڌائي پوري ڪيائين، ۽ هيڏانهن سسيءَ سوڏو پنڊپهڻ بنجي بيهي رهيو!

ٻڪرار جي هيءَ حالت ڏسي، شهزادو ۽ شهزادي ڏاڍا غمگين ٿيا، ۽ دعا گهريائون تہ پاڻ کي ڪو پٽ جمي، تہ هن ٻڪرار تي سندس رت هاري، ڪيس هن تڪليف کان ڇوٽڪارو ڏيون. نيٺ ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ، سندن دعا اگهي، ۽ کين چنڊ جهڙو هڪ سهڻو ۽ سلڇڻو پٽ ڄائو. پوءِ هڪ ڏينهن، شهزادي ۽ شهزاديءَ، ٻنهي صلاح ڪري، پنهنجي سڪيلڌي پٽ جو رت ٻڪرار جي بدن تي هاريو تہ ٻڪرار صحيح سلامت ساڳيءَ حالت ۾ اچي ويو! اهڙيءَ طرح هيءُ ٽيئي ڄڻا پوءِ خوش ٿي هڪ دفعو وري هڪٻئي کي مليا، ۽ حياتيءَ جا باقي ڏينهن خير خوبيءَ سان گذارڻ لڳا. شهزادي جي پٽ جي ڏؤنري تي سو هڪڙو وڏو جو نشان سڄي عمر ڇٽوئي ڇٽو بينو رهيو، ڇاڪاڻ تہ اتي ئي ٽڪو ڏيئي، سندس رت ٻڪرار جي پنڊپهڻ جسم تي هاريو هئائون، ۽ پوءِ هو پنهنجي اصلوڪيءَ صورت ۾ آيو هو.

ڪليون هٽندو، وجي جاري ٿي وينو: ۽ جڏهن ٻانهين کي نشي ورتو، تڏهن وني نيٽان ٻائيءَ جو هندورو ڏاڍيان لوڏيائون، تہ هندوري جون واڳون اچي جاري کي لڳيون ۽ هن ڦڙتائيءَ سان اهو ڪدو ڪٽي ورتو، ۽ هيٺ لهي ۽ گهوڙي تي لانگ ورائي، وني پڳو، ۽ ڏينهن کي رات ۽ رات کي ڏينهن ڪندو، منزلون ماريندو، نيٺ اچي پنهنجي شهر جي ٻاهران شاهي باغ ۾ لٿو. لهڻ ساڻ ڪدوءَ کي چير ڏيئي، جان ڪٽي ڏسي تہ سبحان الله! هڪ سهڻي من مهڻي پري پيڪر انساني صورت ۾ ڪنڌ نمايو هن جي اڳيان بيني آهي! باد شاهہ ڏسڻ سان هوش حواس وڃائي ويهي رهيو ۽ پتنگ جيان اهڙو تہ مٺس موهت ٿي پيو، جو پانئي تہ بيني بيني دل جان قربان ٿئي، تہ بار لهي. هوڏانهن نيٽان ٻائي بہ، جو ڪدوءَ جي قيد مان آزاد ٿي، سو دل ئي دل ۾ باد شاهہ جي ٻنجي ويئي. رڪي رڪي، نيٺ باد شاهہ نيٽان ٻائيءَ کي چيو تہ "مان زماني جو باد شاهہ آهيان، تنهنڪري شادي پنهنجي شان مطابق ڪندس." ۽ کيس ان باغ ۾ رهائي، پاڻ شاديءَ جي تياريءَ لاءِ شهر ڏانهن روانو ٿيو.

هيڏانهن هڪ پوڙهي ڏائڻ اتي ان باغ ۾ رهندي هئي. جا مانٺ مانٺ ڪري، پنهنجي ڌيءَ کي گهليندي، باغ ۾ لنگهي آئي، ۽ نيٽان کي اچي چيائين تہ "توکان سهڻي تہ هيءَ منهنجي ڌيءَ آهي!، نينان چيس تہ "جهڙي تون پاڻ تهڙي تنهنجي ڌيءَ!" ڏائڻ چيس تہ "ڪٽي آءُ آرسي، تہ ڏسون." نيٽان ٻائيءَ جواب ڏنو تہ "آرسي هتي باغ ۾ ڪٿان آئي؟" ڏائڻ چيس تہ "پوءِ هل تہ باغ جي کوهہ تي هلون، جتي ٻنهي جا چهرا ڏيکاربا!" پوءِ ٽيئي جڻيون نڪري ٻاهر باغ جي کوهہ تي اچي بيٺيون.... ۽ جهڙو نيٽان ٻائي ۽ ڏائڻ جي ڌيءَ گڏجي، نوڙي پاڻيءَ ۾ پنهنجا منهن ڏسڻ لڳيون، تهڙو وجهہ وني پوڙهيءَ ڏائڻ ڇا ڪيو، جو وني نيٽان ٻائي کي ڌڪو ڏنائين، تہ ڌو وجي ويچاري کوهہ ۾ ڪِري- ۽ ڪرڻ سان هڪ سهڻو گل ٿجي پاڻيءَ ۾ ترڻ لڳي.

...... جان ڪٽي ڏسي تہ سبحان الله! هڪ سهڻي من مهڻي پري پيڪر.... اڳيان بيٺي آهي!

پوڙھي ڏائڻ خوش ٿي پنھنجي ڌيءَ کي نيٽان بائيءَ جي پوشاڪ پھرائي، اچي باغ ۾ نيٽان بائيءَ جي جاءِ تي ويھاري ڇڏيو، ۽ پاڻ ڪيڏانھن گم ٿي ويئي. ٿوري وقت کان پوءِ، بادشاھ بہ ڏامر ڏوم سان ڇڄ وٺي اچي نڪتو، ۽ ھن ڇٽ کي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو، ۽ پڇيائينس: ”توکي ھيءُ ڇا ٿي ويو، جو تنھنجو رنگ ۽ ڊول ويني ويني ايترو بدلجي ويو آھي؟“ تنھن تي ڏائڻ جي پڪيءَ پڙھايل ڌيءَ جواب ڏنس تہ ”بادشاھ سلامت! مان ساڳي نيٽان آھيان، مگر مان ھن کان اڳ ڪدوءَ ۾ ھيس- سڄ، چنڊ ۽ ھيءَ ھوا مون ڏٺي ئي ڪانہ ھئي؛ ھيئنئر انھن جي اثر کان ڪجھہ رنگ روپ ڦري ويو آھي.“ بادشاھ ان تي اعتبار ڪري، ساڻس شادي ڪئي، ۽ پوءِ جيئن تيئن ان سان گڏ گذارڻ لڳو.

ھيڏانھن نيٽان بائي گل بڻجي کوھہ ۾ تري رھي ھئي، ۽ ڪيترن ئي ماڻھن ان کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيس ڪڍي ڪونہ سگھيا. ٿوري گھڻي ڏينھين، اھو گل پاڻھي مالھہ جي ھڪ لوٽيءَ ۾ پئجي، اچي ٻاھر پاڙڇ ۾ پيو، ۽ اتان وري لڙھي نيسر جي ذريعي، اچي ڪسيءَ ۾ پيو، ۽ اُتي ھڪ ٻوٽي جي شڪل ۾ وٺي ڦٽو جو ٿوري گھڻي ڏينھين وڏي وڻ ٿيو ۽ گُل بہ جھلڻ لڳو. ان جي ڇانوَ ۽ خوشبوءِ جي واڪاڻ ايڏي وٺي پکڙي، جو بادشاھ جي ڪنن تائين خبر وڃي پھتي، ۽ بادشاھ جڏھن اُتي آيو ۽ ان جي ڇانو ۾ وينو ۽ خوشبوءِ سُنگھيائين، تڏھن ھن کي ھيءُ وڻ ايترو تہ وڻيو، جو ھر روز ٿڪجي ٽٽجي اچي ھن وڻ جي ھينان گھڙي ڪن ويھندو ھو ۽ آرام وٺندو ھو. ان وقت ڪيترائي گل بادشاھ جي جھوليءَ ۽ سيني تي پيا ڪِرندا ھئا، پر بادشاھ انھن کي سواءِ سُنگھڻ جي، پنھنجي کيسي ۾ وجھندو ويندو ھو. ٿورن گھڻن ڏينھن گذرڻ کان پوءِ، پوڙھيءَ ڏائڻ کي پتو پيو تہ نيٽان بائيءَ وارو گل وڻ جي شڪل وٺي بيٺو آھي، ۽ روز بادشاھ ان وڻ جي ڇانو ۾ وڃي ويھندو ۽ سمھندو آھي؛ تنھنڪري ڪيس

ساڙ ورتو ۽ دل ۾ خيال ڪيائين تہ 'ڪيئن بہ ڪري اهو وڻ پاڙون پٽائي دل ناريان، نہ تہ منهنجي ٻچڙيءَ کان ڪڏهن نہ ڪڏهن بادشاهہ جي دل بنهہ ڪٽي ٿي پوندي.' سو هڪڙي ڏينهن، وجهہ وٺي، لڪي ڇپي، اچي ڏيءَ کي پٽي پڙهائي ويئي. ٻئي ڏينهن، ڏيٽس مڪر ڪري، ڏکي ٿي سمهي رهي، ۽ وٺي سنهيون سنهيون، ڏيجڙي جهڙيون ڇيخون ڪرڻ شروع ڪيائين- چي، "پيٽ سور مران، ڙي پيٽ سور مران!" آخر بادشاهہ کي خبر ڏنائون، سُنيون ڦڪيون آيون، پر پيٽ جو سور هٽ جو، سو فرق ئي نہ پوي. تنهن تي بادشاهہ پڇيس تہ "آخر تنهنجو سور ڪيئن لهندو؟" هن چيو تہ "آءٌ سمجهان ٿي تہ جيڪڏهن بادشاهہ سلامت، پنهنجي باغ واري هُن وڻ جون پاڙون ساڙائي، تہ انهن جي رک هوند هفتو ڏيڍ ڦڪيان، تہ دل تي ڇنيم تہ پوءِ منهنجو درد هوند جهڪو ٿي وڃي" ... بس، حڪم جي دير هئي. وڻ پاڙون پٽجي ويو، ۽ سندس سڀ گل ڪومائجي ويا . فقط هڪڙو گل سرسبز ۽ تازو وڃي ان جي چوٽيءَ واريءَ ٽاريءَ ۾ رهيو.

هيڏانهن هڪڙو ٻڪرار هو، سو ٻڪرين جي ڪاٺ لاءِ وڻ جون ٽاريون ڇانگي، ڀري ٻڌي، گهر ڪٽي آيو. اُتي ٻڪرار جي زال ڪومايل پنن جي وچ ۾ اهو تازو گل ڏسي، حيرت ۾ پئجي ويئي. ۽ جنهن وقت ان کي پٽي ۽ نڪ تي رکي، سُنگهيائين، تہ.... ان مان انهيءَ ئي گهڙيءَ هڪڙي سدا ملوڪ ۽ سهڻي ڇوڪري پيدا ٿي پيئي. ٻڪرار کي اولاد ڪونہ هو، سو ههڙي چند جهڙي نينگر ڏسي، ٻيئي زال مڙس ڏاڍو خوش ٿيا ، ۽ وڏي لاڏ ڪوڏ سان هن جي پرورش ۽ پالنا ڪرڻ لڳا.

ٿوري گھٽي ڏينهين بادشاهہ جي زال کي ڏائڻ ماءُ کان پٽنو پيو تہ نيٽان بائي ٻڪرار جي گھر وري پيدا ٿي آهي. اهو ٻڌي، هوءَ ڏاڍي ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويئي، ۽ وري بہ مکر ڪري وٺي دانهون ڪرڻ لڳي تہ "هاءِ پيٽ سور مران، پيٽ سور مران!" بادشاهہ ڏي بانهي ڀڄندي آئي، چي، "بادشاهہ سلامت! راڻي ٿي مري." بادشاهہ ڀڄندو آيو، ۽ ڪئين طبيب ۽ حاذق حڪيم اچي ڪناٽيا، مگر سور لهي ئي نہ. آخر راڻيءَ بادشاهہ کي چيو تہ "بادشاهہ سلامت! جيڪڏهن مون سان دل اٿيئي، تہ تنهنجي ٻڪرار جي گھر جيڪا ڌيءَ ڄائي آهي، ان کي کهائي، ان جو رت منهنجي پيٽ کي مکيندين تہ پوءِ مهيني اڌ ۾ آءٌ شايد چڱي ڀلي ٿي پونديس." بادشاهہ اهو ٻڌي، فڪر ۾ پئجي ويو، ۽ دل ۾ خيال ڪيائين تہ 'هو وڻ تہ هو منهنجي باغ جو، جو مون وڍرائي ڇڏيو، باقي پرائيءَ ڌيءَ منهنجو ڪهڙو قصور ڪيو آهي، جو ان ويچاريءَ کي بي ڏوهہ مارايان!' پر راڻي هئي، جا رکي رکي اُهي پيئي دانهن مٿان دانهون ڪري، جو ماڻهوءَ جا وار پيا ڪاندارجن- چي: "ٻڪرار جي ڌيءَ جو رت آٽيو.... رت آٽيو!" اتي بادشاهہ کي دل ۾ اچي شڪ جاڳيو تہ آخر ڳالهہ ڇا آهي، جو هروڀرو راڻي وٺي غريب ٻڪرار جي ڌيءَ پنيان هٿ ڌوئي پيئي آهي؟"

اها ڳالهہ دل ۾ رکي، بادشاهہ پنهنجي سر شهر ۾ جاچ ڪرڻ ۾ ملڪ جو واءُ سواءُ لهڻ لاءِ ويو، تہ راڻيءَ جي پيٽ سور لاءِ آخر ماڻهن ۾ ڪهڙا ڇڙبول هئا! گھمندي گھمندي، ماڻهن جون اُبتيون سبتيون ڳالهيون ڪنائيندي ڪنائيندي، اچي هڪڙيءَ گھٽيءَ ۾ نڪتو. جان ڪٿي سامهون

نهاري، تہ ڏسي تہ هڪڙي ڇوڪري بيني آهي، جا هوبهو پنهہ "نيٽان بائيءَ" جهڙي! بادشاهہ کي ڏاڍو عجب لڳو، ۽ ان جي پيءُ کي سڏرائي، پڇيائينس تہ "بابا! سچ ٻڌاءِ تہ هيءَ ڇوڪري ڪنهن جي آهي؟ تنهنجي تہ هيءَ ڌيءَ ٿي نٿي سگهي، ڇو تہ تون ڏنار ماڻهو، ۽ هيءَ سڀاجهي سهڻي نينگر تہ شهزادين کي بہ ڇيهہ ڏيو بيني آهي!" تنهن تي لاچار ٿي ٻڪرار باغ مان وڻ جي ٽارين ڪٽي اچڻ، ۽ انهن جي هڪ گل کي سندس زال جي سنگهڻ، ۽ ان مان ان ڇوڪريءَ جي پيدا ٿيڻ جي سموري حقيقت بيان ڪري ٻڌائي. بادشاهہ اچرج ۾ پئجي ويو، ۽ وڪ وڌائي نينگر ڏانهن ويو، جنهن سڄيءَ حقيقت کان هن ريت واقف ڪيس تہ "اي بادشاهہ سلامت! آءٌ اُها نيٽان بائي آهيان، جا ڪدوءَ ۾ جايس، ڪدوءَ ۾ نپنيس، ۽ لوهي ڪوٽ اندر وڏيس ۽ وڏي ٿيس؛ جنهن کي توهانِ اتان ڪڍي پنهنجو ڪيو، ۽ پوءِ مون کي باغ ۾ ڇڏي، شهر هليا ويؤ: پنيان اِها ڏائڻ جا هن وقت اوهان جي راڻي آهي، تنهن جي مڪريلڻ پوڙهيءَ ماءُ مون کي کوهہ ۾ اڇلائي ڇڏيو، جتي آءٌ 'گل' ٿي ترڻ لڳيس، ۽ مون کي ڪوبہ اُتان ڪڍي نہ سگهيو، خيال ڪيم تہ من بادشاهہ اچي اتان ڪڍيم، پر اوهان بہ ڪونہ آيا: پوءِ آءٌ پاڻهي اتان ٻاهر نڪتيس، ۽ وڻ ٿيس ۽ گُل جهليم، توهان منهنجي ڇانو ۾ ويهندا هئا، ۽ آءٌ اوهان جي مٿان گل ٿي ڪرندي هيس، تہ من ڪڏهن ڪو گُل سُنگهيو، پر اوهان ڪوبہ گل ڪونہ سُنگهيو- فقط ڪيسي ۾ وجهندا هيا- نہ تہ اوهان جي هٿن ۾ آءٌ اهائي نيٽان بائي ٿي پوان ها؛ پر اوهان مون کي پاڙئون پٽي ڪٽي ڦٽو ڪرايو! منهنجي ڪا قسمت

سني هئي، جو باقي هڪ گل ۾ منهنجا پساهه وجي رهيا، ۽ هيءُ پڪرار
الن وڻ جون ٽاريون ڪٽي آيو، ۽ هن جي زال اهو اڌ ڪومايل گل سُنگهيو، ۽

آءٌ هتي هنن غريبن وٽ پيدا ٿي پيس، جتي مون کي پيار مليو ۽ پنهنجائپ

ملي، آءٌ هينئر بہ اوهان جي اهائي مِلڪ آهيان!"

باد شاهہ هيءَ خبر ٻڌي ڏاڍو ارمان ڪيو، ۽ يڪدم ڏائڻ راڻيءَ کي ماءُ سوڌو گهرائي آلن توئن ۾ وجهي، سازائي خاڪ ڪرائي ڇڏيو.... ۽ ٻڪرار کي جهجهو انعام اڪرام ۽ پهرياڻيون پهرايون؛ پوءِ باد شاهہ نيٽان ٻائيءَ سان ڏاڍي ڌام ڌوم ۽ شان مان سان شادي ڪري، دل جي قتل باغ کي سائو ڪيو، ۽ هنن جي سڄي حياتي خوشين ۾ پرجي ويئي: ڪالهہ ڏنا سين تہ ٻيئي گلاب جي گل وانگر پئي ٽڙيا، ۽ خوش لڳا وينا هئا.

●●●

نورُ شاهہ بادشاهہ

زماني جو هڪڙو بادشاهہ هو، جنهن کي اولاد اصل ڪونہ ٿيندو هو. گهٽيئي ڏس پتا ڪيائون ۽ در پيتيائون، پر ڪي بہ ڪين وريو. هڪڙي ڏينهن، هڪ سيلاني فقير اچي اتان لانگهائو ٿيو. بادشاهہ کي غمگين ڏسي، پڇيائين، "بادشاهہ سلامت! چو، ايترو غمگين پيا ڏسجو؟" بادشاهہ ٻڌايس تہ "اولاد اصل ڪونہ ٿو ٿئي. گهڻائي جتن ڪيا اٿم، پر سڀ اجايا." اِهو ٻڌي، فقير چيس، "هاڻي هيئن ڪر، جو هيءَ دعا جي سوٽي ٿو ڏيانءِ– وڃي ڪنهن ٻير کي هڻ. جيترا ٻير ڪريا. اوترا پٽ، ۽ جيترا پَن ڪريا، اوتريون ڌيئرون ڄمنديئي." فقير، بادشاهہ کي اها سوٽي ڏيئي، رمندو رهيو، ۽ بادشاهہ اوڏيءَ مهل ئي سوٽي کڻي، پنهنجي باغ ڏانهن روانو ٿيو، ۽ اُتي پهچي، بسم الله ڪري، هڪ ٻير کي هنيائين..... ۽ هڪڙو پڪل ٻير اچي پَٽ تي ڪِريو، جو کڻي وڃي هن پنهنجي راڻيءَ کي کارايو. خدا جي قدرت، جو ٻير کائڻ کانپوءِ، راڻيءَ کي اميدواري ٿي، ۽

پورن ڏهن مهينن ڪانپوءِ، هِن کي هڪ چنيهه لڪٽو پٽ ڄائو، جنهن جو نالو نور شاهه رکيائون.

نور شاهه شهزادو، اچ ننڍو سيان وڏو، آخر اچي جوان ٿيو. کيس هڪ استاد وٽ پڙهڻ ويهاريائون، جنهن ٻارهن ورهين جي عمر ۾ ئي هن کي سڀ علم ۽ هنر ۽ بادشاهي آداب وغيره سيکاري، پڙ ڪيو، ۽ پوءِ وٺي آٽي بادشاهه جي اڳيان پيش ڪيائينس. بادشاهه هن جو امتحان ورتو ته شهزادو کيس سيکنهن ڪم ۾ قابل نظر آيو. جنهن تي هن جي استاد کي گهڻا انعام اڪرام ڏيئي، خوش ڪري روانو ڪيائين. نور شاهه شهزادي کي شيل شڪار جو ڏاڍو شوق هوندو هو؛ سو، هڪ ڏينهن، وزير سميت، جيئن جهنگ ڏانهن سير ڪرڻ ويو، تيئن گهمندي گهمندي، پري نڪري ويا، ۽ اچي هڪڙيءَ عاليشان جاءِ وٽ پهتا. اندر جو نگاهه پين، ته ڏسن ته هڪڙيون ٽي عورتون آهن، جي پاڻ ۾ پيون ڳالهائين، هڪڙيءَ چيو، "ادي، جيڪو مون سان شادي ڪندو، تنهن جي پاءَ اَٽي مان آءٌ سندس گهر ۽ اوطاق جو ڪاڏو پورو ڪنديس." ٻيءَ چيو، "مون سان جنهن شادي ڪئي، تنهن کي سُٽ جي هڪ سير مان گهر ۽ اوطاق جا سيئي تپڙ ناهي ڏينديس." ٽينءَ عورت چيو، "مون کي جيڪو شخص پرڻبو، تنهن کي هڪ اهڙو پٽ ڄڻي ڏينديس، جو سندس منهن ۾ سِج ۽ پُنيءَ ۾ چنڊ هوندو. جنهن جاءِ ۾ ويهندو، اها جاءِ پيئي ٻرندي." اتي نورشاهه شهزادي ۽ وزير پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته 'انهن ٽنهي ڇوڪرين جا سڱ هٿ ڪجن.' ٻئي ڏينهن بادشاهه سان صلاح ڪري، نورشاهه شهزادي، وزير جي هٿان، انهن ٽنهي ڇوڪرين جي وارثن ڏانهن شاديءَ جو پيغام ڏياري موڪليو، جن خوشيءَ سان اهو قبول ڪيو، ۽ ٿوري گهڻي ڏينهين، هن انهن ٽنهي ڇوڪرين سان ڏاڍي ڏام ڌوم سان شادي ڪئي، ۽ ڪين

پنهنجي محلات ۾ وٺي آيو.

نورشاهہ شهزادي انهن ٽنهي ڇوڪرين سان شادي تہ رچائي، پر ساڻن ڳالهائڻ ٻولهائڻ صفا بند رکيائين. هڪ ڏينهن، انهن مان جيڪا وڏي هئي، تنهن همت ڪري، شهزادي ڪان پڇيو، "اسان سان ڪاوڙيل آهيو ڇا، جو ڳالهايوئي ڪونہ ٿا؟" تنهن تي نورشاهہ شهزادي چيو تہ "توهان جيڪي انجام ڪيا هئا، سي پاڙيا اٿو، جو توهان سان ڳالهايان؟" اهو ٻڌي، هن جواب ڏنو تہ "پنهنجي شاديءَ کي پورو هڪڙو چنڊ لنگهيو آهي- مان روز سيڏي مان هڪڙو پاءُ اٽي جو بچائي رکندي ويئي آهيان..... هاڻي ڏس تہ ڪيئن نہ ٽي پاءُ اٽي مان تنهنجي گهر ۾ اوطاق جو ڪاڏو پورو ڪيان!" ائين چئي، اٽي جي پاٽ ڪڍي آئي، ۾ ان جون مانيون پچائي سڄي گهر ۾ اوطاق کي کارائي ڊؤ ڪرائي اٽي ڪڙي ٿي! ساڳيءَ ريت شهزادي جي وچينءَ زال بہ سُٽ جو سير گهرائي، ان مان ڌاڳا وٽي، گهر ۾ اوطاق جا سڀ ٽپڙ سڀي ناهي ڪٽي حاضر ڪيا! باقي رهي سڀ کان ننڍي زال، تنهن سان بہ شهزادو وجي رات جو ملاقاتي ٿيو، ۾ خير سان هُن کي اميد واري ٿي. پورن ڏينهن تي، هن کي سچ چنڊ جهڙو هڪرو منهن ملوڪ سهڻو پٽ ڄائو.... پر هن جي ٻن ساهيڙين ڊوهہ ڪري، هن جي پاسي ۾ ڪوئلن جو ڇڄ رکي، سندس ٻار کي وجي شهزادي جي گهوڙن جي ڪُڙهہ ۾ پوري ڇڏيو، ۾ جڏهن نورشاهہ شهزادو آيو، تڏهن هن کي ٻڌايائون تہ "هن اسان جي ساهيڙيءَ تہ اجهو هي ڪوئلن جو ڇڄ ڄڻي ڏنو آهي!" اهو ٻڌي، نورشاهہ شهزادو پنهنجي ننڍي زال تي ڏاڍو اچي ڏمريو، ۾ ڪيس چيائين تہ "تون ڪوڙي ۾ دغاباز آهين- هنن ٻنهي پنهنجي انجامن کي پاڙي ڏنو، پر تو ڪوڙ ڳالهايو.... تنهنڪري ان جي سزا ۾ مان توکي پنهنجي هنن ٻن راڻين جي ٻانهي ٿو ڪريان." ان

ڏينهن ڪان وٺي، نورشاهه شهزادو پنهنجيءَ ننڍيءَ زال کي ڏکيو رکڻ لڳو- ۽ هوءَ ويچاري ٻه هڪ ڪنڊ ۾ پئي رهندي هئي.

هڪڙي ڏينهن، نورشاهه شهزادو، گهمندي ڦرندي، اچي پنهنجي گهوڙن جي ڪُڙهه ۾ پهتو. ڏسي ته گهوڙن جي سڄي ڪڙهه پيئي جرڪي، ۽ ان مان چمڪات پيا نڪرن! اهو ڏسي گهڙي پلڪ ته حيران ٿي ويو؛ پوءِ وزير کي چيائين، "آءُ پنهنجي اوطاق اچي ٿو هن گهوڙن جي ڪڙهه اڳيان اڏايان، جيئن ماڻهو سمجهن ته جهڙو شهزادو پاڻ، تهڙي سندس گهوڙن جي ڪڙهه!" جڏهن شهزادي جي ان فيصلي جي خبر، سندس وچينءَ ۽ وڏيءَ زال کي پئي، تڏهن اچي ڊپ لڳن، ۽ ان خيال کان ته متان بادشاهه کي سندن ڪرتوتن جي خبر پئجي وڃي، وٺي ڳجهه ڳوهه ۾ ان جاءِ کي کوٽيائون، جتي انهن ٻار کي جيئرو دفن ڪيو هو. ڇا ڏسن ته ڇوڪري جي وات ۾ مصري آهي، جا وينو چوسي، ۽ هٿ ۾ به مصريءَ جي هڪ ٽڪ اٿس! ڇوڪري کي جيئرو جاڳندو وينل ڏسي، ڪين حيراني به ٿي، ته ڊپ به لڳن. پر دل پڪي ڪري، ڇوڪري کي اتان ڪڍي، وڃي چاري ۾ مينهن جي لنگهه وٽ پوري آيون، ته پلي مينهون کُرن سان لتاڙي ڪيس ماري ڇڏين. آخر جڏهن مينهون چاري مان لنگهيون، تڏهن ويچارو معصوم ٻار انهن جي لتن ۾ ڇيڀاڻجڻ لڳو. کُرن لڳڻ ڪري، ڏاڍو رت وهڻ لڳس، ۽ ان جو هڪ ٽيپو وڃي پاسي تي ڪجهه پريرو ڪريو. ٿوري گهڻي ڏينهين، ان هنڌ، جتي رت جو ڦڙو اچي ڪريو هو، هڪ ٻبر جو وڻ پيدا ٿيو، جو آهستي آهستي وڌڻ لڳو، ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ وڏي وڏو وڻ ٿي پيو.

هڪ ڏهاڙي، نورشاهه شهزادو ۽ وزير وري گهمندا ڦرندا اچي ان وڻ هيٺان پهتا، ۽ ان وڻ جي ٿڏي ۽ مٿي ڇانو ڏسي، ان جي هيٺيان ويهي رهيا. ڪين ڇانو ايڏي ته وڻي ويئي، جو اتان اٿڻ تي دل ئي ڪانه پيئي

ورين. شهزادي وزير کي چيو، ”آءٌ پنهنجي اوطاق پٽائي، اچي ٿو هن ٻير جي وڻ هينيان اڏايان.“ شهزادي جي وچينءَ ۽ وڏيءَ زال کي وري جڏهين

هيءَ ڳالهہ ڪن تي پيئي، تہ مينهن جي چاري وٽ ٻير جو هڪ وڻ پيدا ٿيو آهي، ۽ شهزادي پنهنجي اوطاق ان جي هينان اڏائڻ جو فيصلو ڪيو آهي، تڏهن انهن خيال ڪيو تہ ان وڻ کي پٽرائي ڇڏڻ ئي چڱو ٿيندو. سو هڪ ٻڪرار کي حڪم ڏنائون تہ ”ان وڻ کي صبح ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي پاڙن سوڌو ڪپي ڇڏ.“ ٻڪرار اهو حڪم ٻڌي، پرهہ ڦٽيءَ کان بہ اڳ ۾ اتي، اچي ان وڻ کي رسيو ۽ پاڙن کان ڪپي ڪٽي پٽ تي اڇلايائينس، ۽ ان کي پنهنجي ٻڪرين جي حوالي ڪيائين تہ پلي ڪائي ڏؤ ڪن. ان ٻير جي وڻ جي چوٽيءَ ۾ هڪ گل هو، جو هڪ ٻڪريءَ کاڌو. اها ٻڪري اصل ڪانہ لڳندي هئي، ۽ جي لڳندي هئي تہ اُٺلي پوندي هئي. پر ان گل کائڻ کانپوءِ، ٻڪريءَ لڳ ڪرايو، ۽ جڏهن ويائي، تڏهن هڪ اهڙو ڇيلڙو ڄڻيائين، جو تمام

سپاجهڙو ۽ خوبصورت هو.

هڪ دفعي شهزادي جي نظر وجي ان ڇيلي تي پيئي. هن کي ڇيلو ڏاڍو وڻيو، سو ٻڪرار کي چيائين ته ”اهو ڇيلو مون کي ڏي.“ ٻڪرار ڇيلو هڪدم شهزادي جي حوالي ڪيو. جڏهن شهزادي جي وڇڻ ۽ وڏيءَ زال جي ڏيان تي اِها ڳالهه آئي، ته شهزادي کي هڪ ڇيلو ڏاڍو پسند اچي ويو آهي، ۽ اهو انهيءَ ٻڪريءَ جو پيٽ ڄائو آهي، جنهن انهيءَ ٻبر جو گل کاڌو هو، جيڪو هنن ٻڪرار کان وڍائي ڇڏيو هو، تڏهن ڪين ان ڇيلي ۾ به شڪ پوڻ لڳو ته ان ۾ ضرور ڪجهه آهي. سو پهه ڪيائون ته ’ان ٻڪر کي مرڳو ڪهرائي ڇڏجي، ته جنڊئي ڇٽي پوي.‘ اهو ڇيلو رهندو ته بادشاهه جي اوطاق ۾ هو، پر ان جي سنڀال وري به اهو ساڳيوئي ٻڪرار ڪندو هو. هڪ رات بادشاهه جون ٻيئي زالون لڪي ٻڪرار وٽ پهتيون، ۽ هن کي چيائون ته ”شهزادي کان اسين موڪلائي آيون آهيون- اهو ڇيلو اسان جي حوالي ڪر، ته ڪهي ان کي اسين خيرات ڪيون.“ ٻڪرار کي ان ڳالهه تي اعتبار نه آيو، ڇو ته هن کي خبر هئي ته شهزادو ڇيلي کي ڏاڍو پائيندو آهي، سو ان کي ڪهي خيرات ڪرڻ جي موڪل ڪيئن ڏيندو! سو هن ڇيلي ڏيڻ کان انڪار ڪيو، ۽ چيائين ته ”شهزادو پاڻ اچي مون کي حڪم ڏئي، ته پوءِ مان هيءُ ڇيلو اوهان کي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، باقي اوهان جي چوڻ تي ڪونه ڏيئي سگهندس.“ ٻڪرار جي هن جواب ٻڌڻ کان پوءِ به هو ڪونه مڙيون، ۽ هن کي ڇيلي ڏيڻ لاءِ تنگ ڪرڻ لڳيون. پر هو به ڇيلي ڏيڻ کان صفا نابُري واري ٻيهي رهيو. جڏهن ٻڪرار ڏٺو ته راڻيون به ڇڏڻ واريون ڪونه آهن، تڏهن ڇيلي کي وٺي، اوطاق مان ان وقت ئي اٿي هليو، ۽ سفر ڪندو ڪندو، پري وڃي ڪنهن ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ پهتو، ۽ پوءِ اتي ئي رهڻ لڳو. اتي هن ٻيون به ڪيتريون ئي ٻڪريون ڌاريون: جن ڏاڍو کير ڏيڻ شروع ڪيو. هن وٽ ايترو ته کير ٿيڻ لڳو، جو وڪري ڪرڻ کانپوءِ به ڪيترو ئي کير هاري ڇڏڻو پوندو هوس. اهو ڏسي، هڪ ڏينهن ڇيلي، جو هاڻي وڏي وڏو ٻڪر ٿي پيو هو، صلاح

ڏنيس تہ ”ڪير ڪي اجايو هاري ڇو ٿو ڇڏين! هل تہ اهو ٻڇيل ڪير هلي بادشاهہ جي اوطاق تي ڏيئي ايندا ڪريون، تہ مسافر پي دعائون ڪندا.“ ٻڪرار کي ٻڪر جي اها صلاح وڻي، ۽ ان ڏينهن کان پوءِ، هو ٻڪر کي ساڻ وٺي، پنهنجو سمورو ٻڇيل ڪير هر روز بادشاهہ جي اوطاق تي پهچائي ايندو هو.

ٿورا گهڻا ڏينهن گذريا، تہ ٻڪر ٻڪرار کي چيو تہ ”بادشاهہ جي ڌيءُ مون کي وڻي ويئي آهي- هاڻي اها مون کي پرڻاءِ!“ ٻڪرار هن کي دلاسو ڏنو، ۽ چيائينس، ”تون ڪو خيال نہ ڪر، مان توکي بادشاهہ جي ڌيءُ ضرور پرڻائيندس.“ اها ڳالهہ ٻڌي، ٻڪر خوش ٿي، وڃي ٻڪرين سان چرڻ لڳو، ۽ ٻڪرار سڌو ٿيو بادشاهہ جي اوطاق ڏانهن روانو. ٻڪرار بادشاهہ جي اوطاق ۾ ويهي ويهي ٿڪجي پيو، پر بادشاهہ ڪونہ آيو. هن اتي ويٺل ٻين ماڻهن کان پڇا ڪئي تہ ”بادشاهہ جي ڪا جوان ڌيءُ ويٺل آهي ڇا؟“ انهن ’هائو‘ ڪئي، پر ٻڌايائونس تہ ”جنهن بہ ڇڳي مٿي بادشاه کان ڌيءُ جو سڱ گهريو آهي، تنهن جون ٽنگون ۽ ٻانهون ڪپرائي، ان کي پنگلو ڪري ڇڏيو اٿس.“ ٻڪرار ٻئي ڏينهن بہ بادشاهہ جي اوطاق تي ويو. ان ڏينهن بادشاهہ وينو هو، جنهن ٻڪرار کي سڃاتو ۽ هن کان پڇيو، ”ٻڌاءِ، تون ڪهڙي ڪم سان آيو آهين. توتي سڀ گناهہ معاف آهن، ۽ تون جيڪو بہ ڪم چوندين، سو ضرور پورو ڪندس.“ ٻڪرار هٿ ٻڌي عرض ڪيو، ”قبلا، مون وٽ هڪ ٻڪر آهي. انهيءَ جو اوهان جي ڌيءُ پرڻجڻ تي ضد آهي، سو اوهان مهرباني ڪري مون کي پنهنجي ٻڪر لاءِ ڌيءُ جو سڱ ڏيو!“ بادشاهہ کي اهو ٻڌي ٻڪرار تي سخت ڪاوڙ بہ آئي، تہ کل بہ آئي. بادشاهہ هن کي چيو تہ ”مون سان مسخري نہ ڪر.... وري سڀاڻي اچي ٻيو ڪجهہ گهرجانءِ.“ ائين چئي، بادشاهہ اوطاق مان اٿي هليو ويو. جڏهن ٻيو ڏينهن ٿيو، تہ ٻڪرار وري اچي بادشاهہ جي اوطاق تي پهتو. بادشاهہ هن کي وري ڪجهہ گهرڻ لاءِ چيو، پر ٻڪرار اها ساڳي ڳالهہ چئي، جا پهرين چئي هئائين. بادشاهہ

ڏنو تہ ٻڪرار تہ ڪو هنيلو شخص آهي، ۽ هو هوڏ تان لهڻ وارو ڏسجي ئي نٿو، سو هن تي ڪاوڙ بہ ڏاڍي پئي آيس تہ 'چريو، ٻڪر لاءِ منهنجي ڌيءُ گهري رهيو آهي، جنهن جو سڱ بادشاهن کي بہ ڪونہ ٿو ڏيان! بيوقوف، هي بہ نٿو سمجهي تہ هن جي ٻڪر تي پنهنجي ڌيءُ کي ڪيئن قربان ڪندس!' پر بادشاهہ بہ مجبور هو، جو هن جا گناهہ اڳ ۾ ئي پريل اوطاق ۾ معاف ڪري ڇڏيا هئائين، ۽ هن سان وعدو بہ ڪري چڪو هو تہ جيڪي گهرندو، سو هن کي ملندو. هاڻي بادشاهہ پنهنجي تڪڙ تي پڇتائڻ لڳو، ۽ ويچارڻ لڳو تہ هن احمق ٻڪرار مان جند ڪيئن ڇڏائجي. آخر هڪ ڳالهہ سُجهي آيس، ۽ ٻڪرار کي چيائين تہ "مان پنهنجي ڌيءُ جو سڱ تنهنجي ٻڪر لاءِ ضرور ڏيندس، پر ان لاءِ شرط هيءُ آهي تہ تون مون کي ڪوهہ ٽڪن جو پري آڻي ڏي!" ٻڪرار بادشاهہ جو اهو شرط قبول ڪيو، ۽ سيني ڪان موڪلائي اوطاق مان اٿي آيو.

ٻڪرار بادشاهہ وارو شرط وڃي ٻڪر کي ٻڌايو. ٻڪر چيس تہ "بس، ڳالہ بہ ايتري! چڱو تون ڪوهہ ۾ پنهنجي ٻڪرين جون ڦولهڙيون وجهي پري ڇڏ، ۽ پوءِ مون کي اچي ٻڌاءِ." ٻڪرار ڇا ڪيو، جو ٻن ٽن ڏينهن ۾ پنهنجي واڙ مان ڦولهڙيون ميڙي، ڪوهہ پري ٽمٽار ڪري ڇڏيائين، ۽ پوءِ اچي ٻڪر کي خبر ڪيائين. ٻڪر چيس، "هاڻي تون ڇٽين، بادشاهہ کي وڃي چئو تہ 'سڀاڻي صبح جو اچي، پنهنجو ٽڪن سان پريل ڪوهہ هٿ ڪري. ٻڪر جي هيءَ ڳالهہ ٻڌي، ٻڪرار اٿي پنڌ پيو، ۽ سڄ بيٺي ئي وڃي بادشاهہ جو سلامي ٿيو، ۽ چيائينس "حضور، ٽڪن سان پريل ڪوهہ حاضر آهي، صبح جو هلي سائينءَ جن پاڻ پنهنجن اکين سان ڏسن."

بادشاهہ ٻڪرار جي ڳالهہ ٻڌي، ڪلي ڪتي چپ ڪئي، ۽ ٻڪرار موٽي سڌو پنهنجي گهر آيو. اِتي ٻڪر ڇا ڪيو، جو، رات ٿي ۽ ٻڪرار سمهي رهيو، تہ ڇيڙي ڪري، ڪوهہ تي ويو ۽ ڦولهڙين جي ڍير مٿان بيهي، ڪتي جو پنهنجو ٻاڪرو پوش لاٿائين، تہ هڪدم سڄو ڪوهہ روشن ٿي ويو، ۽ موتين وانگر ڦولهڙيون تجليٰ ڏيئي چمڪڻ لڳيون! پوءِ گهڙيءَ گهڙيءَ ڍير تائين

هو اُتي وينو رهيو، ۽ ويهي ويهي، صبح جو سج اڀرڻ کان اڳ وري پاڻ کي ٻاڪري روپ ۾ آڻي، موٽي پنهنجي گهر آيو، ۽ اچي ڏسي تہ ٻڪرار اجا ستو پيو آهي. ٻڪرار کي اٿاري، چيائين تہ ”هاڻ وڃ، وڃي بادشاهہ کي وني آءُ، متان تڪن پريل ڪوهہ ڪو ٻيو نہ ڪٽي وڃيس!“ ٻڪرار اُٿندي وني ڪٽي ڪڙي ڪئي، ۽ وڃي بادشاهہ کي سڏي اٿاريائين- چي، ”سائين، هلو.... وچ ۾ ڪو ٻيو نہ تڪا ڪٽي وڃي“ لاچار بادشاهہ پنهنجن اميرن وزيرن سان گڏ اُتي ٻڪرار سان هليو. ڪنهن کي اعتبار ئي نہ پيو اچي، پر پوءِ جڏهن وڃي پنهنجن اکين سان ڏٺائون، تہ حيرت جي حد ئي نہ رهين. بادشاهہ کي اطمينان هو تہ هيءُ غريب ٻڪرارتڪن سان پريل ڪوهہ آڻڻ وارو شرط ڪڏهن بہ پورو نہ ڪري سگهندو، جنهن ڪري سندس ڌيءُ جي ٻڪر سان شادي روڪجي ويندي، ۽ اهڙيءَ طرح ان ٻڪرار مان هميشہ لاءِ جند ڇٽي پوندي. پر هاڻي جڏهن ٻڪرار ڪيس شرط پورو ڪري ڏيکاريو، تڏهن بادشاهہ مجبور ٿي ويو، ۽ پنهنجو قول پاڙي پنهنجي ڌيءُ ٻڪر کي پرڻائي ڏنائين، ۽ پنهنجي ڌيءُ کي هڪ جدا محلات ڏنائين، جنهن ۾ زال مڙس پنهنجي ٻانهين ۽ ٻانهن سان رهڻ لڳا.

بادشاهہ جي ڌيءُ کي پنهنجي پيءُ جي قول رکڻ خاطر ٻڪر سان شادي تہ ڪرڻي پيئي، پر هن کي ٻڪر کان سخت نفرت هئي، ۽ هوءَ ان جي ويجهو بہ ڪانہ ويندي هئي. اهڙيءَ طرح، چڱا ڏينهن گذري ويا. آخر جڏهن ٻڪر ڏٺو تہ سندس زال تہ سندس پاڇي کان بہ پيئي ڊڄي، ۽ هن سان پيار ڪرڻ تہ ڇا، پر هن سان ڳالهائڻ لاءِ بہ تيار نہ آهي، تڏهن، هڪ رات هن اوچتو ڪٽي پنهنجو ٻاڪرو پوش لاٿو.... تہ اندران هڪ سهڻو ۽ سندر شهزادو نڪري آيو. هن جو ظاهر ٿيڻ، ۽ سڄيءَ محلات ۾ ڏينهن جهڙي روشني ٿي وڃڻ! شهزادي، جا اتي موجود هئي، تنهن، جو هيءَ اوچتي روشني ڏٺي، سو اچرج ۾ پئجي ويئي. وري جو ڪٽي پنهنجو منهن ورائي پنيان ڏسي، تہ ٻڪر جي جاءِ تي هڪ نهايت سهڻو ۽ ناهوڪو شهزادو ڏانهنس ڏسي ۽ مشڪي رهيو آهي، ۽ ٻاڪري کل هن جي ٻانهن

.... ڪٽي جو ڏسي ته ٻڪر جي جاءِ تي هڪ سهڻو شهزادو مُشڪي رهيو آهي!....

تي ٻانهن تي رکي آهي! شهزادي جي چهري ۾ ايترو تہ نور آهي، جو سڄي محلات ۾ سندس روشني پکڙجي ويئي آهي! شهزاديءَ جڏهن ڏٺو تہ سندس مڙس حقيقت ۾ ٻکر نہ، پر هڪ خوبصورت شهزادو آهي، تہ خوشيءَ وچان ٽڙي پيئي. بس کپڙن ۾ ئي نہ پيئي ماپي. يڪدم هڪ ٻانهيءَ کي پنهنجي پيءُ ڏانهن روانو ڪيائين، جنهن وڃي بادشاهہ کي چيو، ”قبلا سائين، شهزادي چئي ٿي تہ ’اچي منهنجي مڙس کي ڏسي وڃو.‘ “ بادشاهہ تہ اڳ ۾ ئي ان شاديءَ تي سڙيو وينو هو، تنهن اهو ٻڌي، نڪاءُ ڪيو ٻانهيءَ کي موچڙو، ۽ واپس ڪري ڇڏيائينس. ٻانهيءَ موٽي اچي شهزاديءَ کي سربستو احوال ٻڌايو. تنهن تي شهزاديءَ ان ٻانهيءَ کي وري پنهنجي پيءُ ڏانهن موٽائي موڪليو، ۽ چيائينس تہ ”وڃي چئينس تہ ’جي ڏيءُ جو منهن ڏسڻو اٿو، تہ اچي ڏسو، نہ تہ هوءَ مري ويندي.‘ “ بادشاهہ کي جڏهن اهو نياپو پهتو، تڏهن پنهنجي راڻيءَ سميت شهزاديءَ جي محلات ڏانهن وڃي پڳو. ڌيءُ جي محلات ۾ پهچي ڏسن تہ مار! ٻکر جي بدران هڪ خوبصورت شهزادو وينو آهي، ۽ سندس منهن ۾ ايترو تہ نور آهي، جو ان سبب سڄو محلات پيو جرڪي ۽ جهرمر ڪري! اهو ڏسي بادشاهہ ۽ سندس راڻي باغ باغ ٿي ويا، ۽ پنهنجي ڌيءُ ۽ شهزادي کي ڪٽي ڳلي لڳايائون، ۽ پوءِ شهزادي ۽ شهزاديءَ جو نڪاح ڏاڍي چاهہ سان ۽ وڏيءَ ڌام ڌوم سان ٻيهر ڪرايو ويو.

ٿورا ڏهاڙا گذريا، تہ شهزادي پنهنجي زال کي چيو تہ ”هاڻي هل تہ مان توکي پنهنجو پيءُ ۽ ماءُ ڏيکاريان. شهزاديءَ کي بہ پنهنجي سس ۽ سهري کي ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هو، سو ماڻهن کان موڪلائي اُٿي هليا، ۽ نور شاهہ بادشاهہ جي شهر جي ٻاهران اچي تنبو کوڙيائون. (تنهن وچ ۾ هوڏانهن نور شاهہ شهزادو پيءُ جي گذاري وڃڻ تي راڄ-ڀاڳ ڌڻي بڻجي، تخت تي وينو هو، ۽ شهزادي مان ڦري هاڻي بادشاهہ ٿيو هو.) جڏهن نور شاهہ بادشاهہ کي خبر پيئي تہ ڪنهن ٻيءَ بادشاهيءَ مان هڪ شهزادو ۽ سندس زال اچي سندس بادشاهيءَ ۾ لٿا آهن، تہ هو انهن مهمانن جي آڌر

پاڻ ڪرڻ لاءِ انهن وٽ ويو، ۽ ڪين وڏيءَ عزت ۽ شان سان پنهنجي محلات ۾ وني آيو. ٻئي ڏينهن تي شهزادي بادشاهه کان پڇيو، "هوءَ پراڻن ۽ قاتل ڪپڙن ۾ ويڙهيل عورت، جيڪا ڪنڌ ۾ پيئي آهي، سا ڪير آهي؟" بادشاهه شهزادي کي سموري حقيقت ڪري ٻڌائي، ۽ چيائين، "…. هاڻي ان دوکي جي هن کي اها سزا ملي رهي آهي!" اهو ٻڌي، شهزادي چيو، "قبلا، مون کي ان ڳالهه جو ڪيئن اعتبار اچي ته ڪا عورت ڪوئلن جو ڇچ به ڄڻي سگهي ٿي! ضرور تنهنجيءَ وڏيءَ ۽ وچينءَ راڻيءَ ساڙ وچان تو سان ۽ تنهنجي هن ننڍيءَ راڻي سان ڪو ظلم ڪيو آهي. اهو ٻڌي، نور شاهه بادشاهه کي شهزادي تي ڪاوڙ اچي ويئي، ۽ چيائينس، "تون ڪيئن ٿو منهنجي راڻين تي الزام لڳائين، ۽ انهن کي هرويرو بدمان ڪرين. اهي ٻيئي مون سان بيحد وفادار آهن، ۽ انهن مون کي ڪڏهن به دوکو نه ڏنو آهي. هن ڪمبخت کي ضرور ڪوئلن جو ڇچ ڄائو هوندو. ڀلا جي پٽ ڄميس ها، ته اهو ڪيڏانهن گم ٿي ويو؟" شهزادي چيس، "تنهنجي ان راڻيءَ کي ڪوئلن جو ڇچ هرگز نه ڄائو هو، ۽ هن پنهنجي وعدي مطابق توکي اهڙو ئي پٽ ڄڻي ڏنو هو، جهڙو تو گهريو ٿي….. ۽ اهو مان آهيان!" پوءِ شهزادي نور شاهه بادشاهه کي سڄي حقيقت اکر اکر ڪري ٻڌائي. نور شاهه بادشاهه کي جڏهن سڄيءَ حقيقت جي خبر پيئي، ته ڏاڍو پشيمان ٿيو، ۽ پنهنجي پٽ کي ڪڇي ڇاتيءَ سان لاتائين ۽ هڪدم وڃي پنهنجي ننڍيءَ راڻيءَ کان روئي معافي ورتائين، ۽ ڪيس سندس پٽ ڏيکاريائين. پوءِ پنهنجن، وڏيءَ ۽ وچينءَ، ٻنهي راڻين کي اگهاڙين پيرين محلات مان ڪڍي، ملڪ نيڪالي ڏيئي ڇڏيائين، ۽ پوءِ پنهنجي ننڍيءَ راڻيءَ، پٽ ۽ ننهن سان زندگيءَ جا باقي ڏهاڙا خوشيءَ ۾ گذارڻ لڳو.

جمڙو بادشاھ

هڪڙو هو بادشاھ: بادشاھ تہ پاڻ الله آهي، پر هيءُ ڪُوڙيءَ دنيا جو بادشاھ هو. هن جو نالو هو "جمڙو بادشاھ". بادشاھ ڇا ڪندو هو، جو جيڪا بہ زال پرڻبو هو، ان کي هڪ رات پاڻ وٽ رهائي، صبح جو ماري ڇڏيندو هو. اهڙيءَ طرح، ڪنئين زالون ماري، هڪڙي ڪا نئين شادي ڪرڻ پئي ويو، تہ وات تي هڪڙي ڪوھ تي هڪڙيون بہ ڪنواريون ڇوڪريون پاڻي ڀري رهيون هيون، جي ڪنهن ٻڪرار جون ڌيون هيون؛ تن مان وڏيءَ ڀيڻ ننڍيءَ کي چيو تہ "اڄ بادشاھ وري ٻي زال پرڻجڻ پيو وڃي، پر ان ويچاريءَ کي بہ هڪ رات رهائي ماري ڇڏيندو!" تنهن تي ننڍيءَ چيو: "ڪنهن زال جا هٿ ڪونہ لڳا اٿس، نہ تہ جيڪر ڪنن سان پادر ٻڌائي ڇڏيس!" بادشاھ جڏهن اهي لفظ ٻڌا، تڏهن ڏاڍا خار لڳس، ۽ دل ۾ چيائين: "هيءَ شادي ڪري اچان، پوءِ اها ڇوڪري ضرور پرڻبس: ڏسان تہ ڪيئن ٿي ڪنن سان پادر ٻڌائيم!'

بادشاھ شادي ڪري آيو- رات گذري، صبح ٿيو.... تہ اڳين راتين وانگر، اُن کي بہ ماري ڇڏيائين. بادشاھ کي تہ ٻڪرار جي ڌيءُ وارو گفتو ياد بيٺو هو، سو هڪدم وزير کي ٻڪرار ڏانهن موڪليائين تہ ڪانئس وڃي سڱ جي گهر ڪري. وزير ٻڪرار وٽ آيو ۽ کيس بادشاھ جو پيغام ڏنائين. ٻڪرار چيو تہ "آءٌ جڏڙو جسم، مون ۾ تہ ڪم جي پهچ بہ ڪانہ رهي آهي. سڱ ڏيئي، هڪ هٿ وڍائي ڇڏيان، تہ پوءِ منهنجي ڪير ڪندو!" پر وزير ڏاڍو مٿس زور رکيو، تنهن تي ٻڪرار نيٺ چيس تہ "پنهنجي ڌيءُ کان پڇي اچان، پوءِ جيئن هن چيو تيئن ٿيندو." ائين چئي، هو پنهنجي ڌيئن وٽ آيو، ۽ وزير واري ساري حقيقت کين ٻڌايائين. وڏيءَ

ڏيءُ ته ڳالهه ٻڌي يڪدم چيو ته "ڪنهن کي مرڻو آهي، جو بادشاهه سان شادي ڪندي؟ آءٌ ته ڪانه ڪنديس!" تنهن تي ننڍيءَ ڌيءُ چيس ته "بابا تون وزير کي وڃي چئو ته پنهنجي ننڍي ڌيءُ بادشاهه کي انهيءَ شرط تي ڏيندس ته ان جي تور برابر سون مون کي ڏيندو'." وزير ٻڪرار جو اهو شرط قبول ڪري، بادشاهه وٽ آيو، ۽ کيس ساري ڳالهه ڪري ٻڌايائين.

آخر بادشاهه، نبار سون ۾ ڪانيءَ سڻ تورائي، ٻڪرار جي ڌيءُ ورتي، ۽ ڌاڍي ڌامر ڌومر سان شادي ڪيائين. خير جي رات گذري، صبح ٿيو... ته بادشاهه ٻه مياڻ مان ترار ڪڍي! راڻيءَ، اهو ڏسي، چيس: "بادشاهه سلامت! اهو ڇا؟ ماڻهو ڇا چوندا ته راڻي بادشاهه کان زور تي پئجيو ويئي، يا مرڳو پڄيو تي ويئي، جو بادشاهه يڪدم ماري ڇڏيس! آخر تو به سون ۾ توري مون کي ورتو آهي: اڄ ڇڏيو، سڀاڻي ڪٽي مارجو!" نيٺ ٻي رات گذري، صبح ٿيو... ته بادشاهه وري به يڪدم ڊوڙي، وڃي ترار ڪنئين. تنهن تي راڻيءَ چيس: "بادشاهه سلامت، مون کي پوءِ مار... پهرين 'ڇؤٻول راڻي' ته پرڻجي اچ، ته آءٌ به سمجهان ته تون برابر مرد آهين- نه ته سمجهنديس ته گيدي آهين، رڳو هيڻين زالن کي ماري ڄاڻين!" اهو ٻڌي، بادشاهه ترار ڦٽي ڪري، راڻيءَ کان ڇؤٻول راڻيءَ جي ملڪ جا پار پتا پڇيا، ۽ پوءِ مال جا ٻيڙا ڀرائي، سوداگر جو ويس پائي، اوڏانهن روانو ٿي ويو.

ويندي ويندي، نيٺ وڃي هڪڙي هنڌ لنگر هنيائون. پريان ڏسي ته هڪڙو منڊو آهي، جو هڪ ٽنگ تي يڪساهيءَ ڊوڙندو اچي! منڊي، اچڻ سان، بادشاهه کي چيو: "تنهنجي پيءُ منهنجي ڄنگهه ڪپائي هئي... سو، يا ته ڄنگهه جي ڄنگهه ڏي، يا ڄنگهه جي تور سون ڏي، نه ته هن تر جو بادشاهه آءٌ آهيان، تنهنجا هي ٻيڙا درياءَ داخل ڪري ڇڏيندس!" بادشاهه، جند ڇڏائڻ لاءِ، جهولي سون جي هن کي ڏني، ۽ ٻئي ڏينهن تي ٻيڙا ڇوڙائي، اتي اڳتي هليو. ويندي ويندي، نيٺ وري ٻئي هنڌ اچي لنگر

.... رات گذري، صبح ٿيو، تہ بادشاهہ بہ مياڻ مان نر ر ڪيدي!

هنيائون. پريان ڏسي تہ هڪڙو ڪاٺو آهي، جو اک تي هٿ رکيو ڊوڙندو اچي. ڪاٺي، اچڻ سان، بادشاهہ کي چيو: ”تنهنجي پيءُ منهنجي اک ڪڍائي هئي... سو، يا تہ اک جي اک ڏي، يا اک عوض سچين موتين جو ٿالهہ ڏي، نہ تہ هن تر جو بادشاهہ آءٌ آهيان، تنهنجا هي ٻيڙا درياءَ داخل ڪري ڇڏيندس!“ بادشاهہ، جند ڇڏائڻ لاءِ، ٻڪ موتين جو هن کي ڏنو، ۽ ٻئي ڏينهن تي ٻيڙا ڇوڙائي اتي اڳتي هليو. ويندي ويندي، نيٺ هڪڙي ڏينهن اچي، چؤٻول راڻيءَ جي باغ جي پر ۾ نڪتو، جتي هڪڙي پير رکيل هئي. جيڪو بہ شهزادو چؤٻول راڻيءَ لاءِ ايندو هو، سو پهريائين اچي پير تي ڏونڪو هڻندو هو. بادشاهہ بہ جو اينترا ڪشالا ڪڍي، اتي آيو هو، سو اچڻ سان وڃي، ان پير تي ڏونڪو هنيائين. پير جي آواز تي، راڻيءَ ٻانهيءَ کي موڪليو، جنهن اچي چيس: ”گهر جو تنتو آهين، يا زال جو ماريو؟ ڪهڙي ويڌن اتئي، جو پير تو ڦاڙين!، بادشاهہ چيس: ”نہ آهيان گهر جو تنتو، نہ آهيان زال جو ماريو: تون ڇيڙي ڪري وڃ، ۽ وڃي پنهجي راڻي کي چئو تہ ’پنهنجا ٻول ٻڌاءِ، يا ڪٽ تي ويهڻ ڏي!“ ٻانهيءَ چيس تہ ”چؤٻول راڻيءَ جو پهريون ٻول آهي تہ ’هي ڪاٺ جو ڪهاڙو ڪڻ، هوڏانهن هو لوهہ جو بنڊ ڏسين ٿو- ان سان وڃي اهو ڏار!“ بادشاهہ ڪاٺ جو ڪهاڙو ڪٽي، ٻينو لوهہ جو بنڊ ڏارڻ. بہ ٿي ڏڪ هنيائين، تہ ڪاٺ جو ڪهاڙو چيتيون چيتون ٿي ويو، ۽ لوهہ جي بنڊ کي ڪجهہ ڪونہ ٿيو. پوءِ، راڻيءَ جي حڪم موجب، بادشاهہ کي ونڀي وجي نارَ ۾ جوٽيائون، ۽ ان نارِ ۾ جيڪو اڳ شهزادو وهيو پئي، تنهن کي ڇوڙي، ڪارو ڏاڳو ڳچيءَ ۾ ٻڌي، گهيتو ڪري، ان کي جاءِ ۾ بند ڪري ڇڏيائون.

چؤٻول راڻيءَ وٽ بادشاهہ کي نار ۾ جُتئي بہ ڏينهن ٿي ويا.... اِتي سندس راڻيءَ کي پڪ ٿي تہ بادشاهہ جو خير ڪونهي، تنهن پنهنجي سس سهري کان موڪل ونئي، مردانو وڳو ڊڪي، هٿيار پنهوار پهري، گهوڙن تي سوار تي، اتالي سميت، پنهنجي مڙس جي ڳولا لاءِ، اتي اڳتي هڪليو.

هڪليندي هڪليندي، انهي ساڳئي پٽ تي آيا، جتي باد شاهہ کي منڊو ڦري آيو هو. هن بہ منزل ڪئي تہ اهو ساڳيو منڊو ڊوڙندو آيو، جنهن اچي راڻيءَ کي چيو: ”تنهنجي پيءُ پر مون کان منهنجي ٽنگ اڏاري ورتي هئي.... هاڻي يا تہ ٽنگ جي ٽنگ ڏي يا ٽنگ جي تور سون ڏي!“ راڻيءَ نوڪرن کي چيو: ”هن منڊي جي ٻي ٽنگ وڍيو، تہ توري سون پورو ڪري ڏيونس.“ منڊي ڏٺو تہ مار! هاڻي ٻي ٽنگ بہ ٿي وڃي! سو، جو ڪجهہ سڄي عمر ڦريو ماريو هئائين، اهو واپس ڏيئي، اڳتي لاءِ توبهہ ڪري، جند ڇڏائي، دعائون ڪندو هليو ويو. راڻيءَ ٻئي ڏينهن، وري ٻئي هنڌ منزل ڪئي، تہ اتي وري ڪاڻو ڊوڙندو آيو- چي: ”اک سنئين اک ڏي، يا سچن موتين جو ٿالهہ ڏي!“ راڻيءَ پنهنجي ماڻهن کي چيو: ”هن جي ٻي اک ڪڍو، ۽ منهنجي بہ اک ڪڍو، تہ توري برابر ڪري ڏيونس.“ ڪاڻي ڏٺو تہ هاڻي ٻي بہ اک ٿي وڃي، تنهن بہ، جو ڪجهہ سڄي عمر ڦريو ماريو هئائين، سو واپس ڏيئي، اڳتي لاءِ توبهہ ڪري، جند ڇڏائي، رکيو پيرن تي زور.

راڻي، اُنهن جهنگ جي 'باد شاهن' مان ائين جند ڇڏائي، اتي اڳتي رواني ٿي. هلندي هلندي، هڪڙي هنڌ هنن کي اچي سج لٿو ۽ رات پئجي وين: راڻيءَ چيا ڪيو، جو نوڪرن چاڪرن کي سمهاري، پاڻ بيهي پهرو ڏيڻ لڳي. پهر کن رات جو مس گذريو، تہ اولهہ پاسي کان دانهن ٿي. راڻي هڪلي ان طرف ويئي: ڏسي تہ هڪ جن آهي، جو گوڏن ڀر منهن هنيو، ٿاڙهو ٿاڙهہ پيو روئي! جن، راڻيءَ کي ڏسي، چيو: ”مائي دائي، مردانو ويس ڍڪيو اٿئي تہ ڀولو ڪونهي.... خدا جو اسم اٿئي، منهنجي زال ٿي ويامي، تون هلي هن جي ڪا مدد ڪر!“ ان تي راڻيءَ چيس: ”تون جن، آءٌ آدمزاد، سو توتي منهنجو ڪهڙو اعتبار؟“ تنهن تي جن حضرت سليمان جو قسم کڻي وچن ڏنس تہ ”آءٌ توکي ڪو بہ نقصان ڪونہ پهچائيندس.... ۽ يا عمر ٻچن سوڏو تنهنجو ٻانهو ٿي رهندس!“ ان ڪانپوءِ، راڻي جن سان

ڳڏجي سندس جاءِ تي آئي، اتي جن ڇا ڪيو، جو هڪ سؤ هٿ ڏاس جو اُٽيل ڪتو راڻيءَ کي ڏيئي، چيائين تہ "جيڪو بہ ٻار ڄمندو وڃي، تنهن کي هڪ هٿ ڪتو ڦاڙيندي ويڙهيندي وڃجانءِ... جڏهن سؤ ٻار ڄمي بس ٿين، تڏهن چئجان تہ 'بابا، ڏاڏا، منهنجي جند ڇڏيو!' تہ پوءِ ٻار ڄمڻ بيهي ويندا." راڻي پوءِ ويني جنڙيءَ کي ٻار ڄڻائڻ. جڏهن نوانوي ٻارن ڄمڻ کان پوءِ ٻيو ٻار ڄائو، تڏهن راڻيءَ چيو: "بابا، ڏاڏا، هاڻ منهنجي جند ڇڏيو!" تنهن تي ٻار ڄمڻ يڪدم بند ٿي ويا، ۽ جنڙي اتي يڪدم راڻيءَ جي پيرن تي ڪِري پيئي، ۽ چيائين تہ "گهر، جيڪي گهرڻو هجيئي!" راڻيءَ چيس تہ "مائي، مون کي خدا جو ڏنو سيڪجھہ آهي، مون کي ڪجھہ بہ نہ گهرجي." ان تي جنڙيءَ پنهنجن پٽن کي چيو تہ "جيڪو توهان مان حلالي هجي، سو هن مائيءَ جي وڃي خدمت چاڪري ڪري." جنڙيءَ جو جيڪو وڏو ٻار هو، سو ٽپ ڏيئي اچي راڻيءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو: راڻي پوءِ هن کي پاڻ سان وٺي پنهنجي تنبوءَ تي آئي.

اجا ٻيو پهر رات جو گذريو، تہ ڏکڻ طرف کان وري ٻي دانهن ٻڌڻ ۾ آيس. ٻاهر نڪري ڏسي، تہ هڪ ديو آهي، جو مينهن واچ ڪندو، پڇندو پيو اچي.... ۽ امالڪ اچي راڻيءَ جي پيرن تي ڪِريو، ۽ چوڻ لڳو: "مائي دائي، خدا جو واسطو اٿئي! هل، منهنجي زال تي هٿ پير لهي." راڻي چيس: تون ديوزاد ۽ آءٌ آدمزاد، مون کي توتي ڪهڙو اعتبار؟" ديو چيو: "مون کي حضرت سليمان جو سُنهن آهي، تنهنجو ڪير بہ نالو نہ وٺندو... ۽ يا عمر ٻچن سوڌو آءٌ تنهنجو ٻانهو ٿي رهندس!" اهو ٻڌي، راڻي اتي هن سان هلي، ۽ اچي ديو جي جاءِ تي پهتي. ديو هن کي سؤ ڪانا ڏگهو سرن جو مڙهيل توئو ڏنو، ۽ چيائين تہ "ٻار ٻار کي هڪ ڪانو هن مان چني ويڙهجانءِ، ۽ جڏهن سو ٻار ڄمن، تڏهن چئجان تہ 'بابا، ڏاڏا، منهنجي جند ڇڏيو!' تہ پوءِ پاڻهي بند ٿي ويندا، ۽ تون اتي ڪڙي ٿجانءِ" ديو جي چوڻ موجب، راڻيءَ ائين ڪيو. جڏهن ديوڻ ٻار ڄڻي دنگ ڪيا، تڏهن

ڏکي اچي راڻيءَ جي پيرن تي ڪِري پيئي، ۽ چيائينس: ”گهر، جيڪي گهرڻو هجيئي!“ ان تي راڻي چيو: ”مون کي خدا جو ڏنو سڀڪي آهي، مون کي ڪجهه به نه گهرجي.“ ان ڪانپوءِ، ديوڻ پنهنجي ٻارن کي چيو ته ”توهان مان جيڪو حلالي ٻار هجي، اهو وڃي راڻيءَ جي خدمت چاڪري ڪري.“ تنهن تي ديوڻ جو وڏو پٽ هڪدم اٿي راڻيءَ سان گڏجي هليو، ۽ پوءِ جو وڏو پٽ هڪدم اٿي راڻي سان گڏجي هليو، ۽ پوءِ ٻيئي اچي پنهنجي تنبوءَ تي رسيا.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، هلندي هلندي، راڻي اچي چؤٻول راڻيءَ جي باغ ۾ نڪتي، ۽ اچڻ سان ٻني ڏونڪا زورائتا پير تي وهائي ڪديائين. پير جو آواز ٻڌي، ٻانهي يڪدم ڊوڙي آئي، ۽ هن کي ڏسي چيائين ”اي بخت ڦٽل! گهر جو تڙيل آهين، يا زال جو ڪتيل....!“ ان تي راڻي، جا مرداني ويس ۾ هئي، تنهن مرداني آواز سان چيس: ”پنهنجي راڻيءَ کي وڃي چئو ته ’پنهنجا ٻول ٻڌاءِ، يا ڪٽ تي ويهڻ ڏي.‘“ ٻانهيءَ چيس ته ”هان، ون هي پهريون شرط: ڪاٺ جي کهاڙي سان لوهه جو بند ڏاري ڏي!“ راڻيءَ کهاڙو ونيو، ديو سان صلاح ڪئي: ديو کيس پنهنجي ٻج جا ٻه ٽي وار ڏيئي، چيو: ”هي وار کهاڙي کي ويڙهي، اک ٻچائي کهاڙي جو ڌڪ زمين تي هڻجانءِ... زمين ڪانه وڍبي، ۽ آءٌ چنبو هڻي، بند کي ڏاري وجهندس.“ راڻيءَ، ديو جي ٻج جا وار کهاڙي کي ٻڌي، نظر ٻچائي، کهاڙو ڪٽي زمين تي هنيو... ته هوڏانهن ديو چنبو هڻي، لوهه جي بند کي سروسر ڏاري وڌو، ۽ ”وه واه!“ ٿي ويئي. راڻيءَ جهٽ پٽ ٻيو ٻول پڇيو، جنهن تي ٻانهي چؤٻول راڻيءَ وٽ پڇندي ويئي، ۽ سمورو احوال وڃي ٻڌايائينس. چؤٻول راڻي ٻيو ٻول ٻڌائي، ٻانهيءَ کي واپس موڪليو. ٻانهي راڻيءَ وٽ آئي، ۽ ٻيو ٻول ٻڌايائينس- چي: ”خرار چانورن جو رڌارائي، هڪڙي ماڻهوءَ سان گڏجي ويهي، کائي وڃ!“ راڻيءَ، ديو ۽ جن سان صلاح ڪئي، جن راڻيءَ کي چيو ته ”تون مانڙي ڪري، هڪ هڪ چانور پيئي

ڪٺجانءِ... اسين پاڻهي پٽ جو ڪم پورو ڪنداسون." خير، پورو خار چانور رڌا، راڻي هڪڙي ماڻهوءَ سان گڏجي ويهي، هڪ هڪ چانور ڪري ڪائڻ لڳي.... پر خبر تڏهن پيئي، جڏهن نه تو ڏنو نه مون ڏنو، چانورن جون ديڳيون خالي ٿي ويون، ۽ پنيان داڻو ڪونه پڇيو، جو ڪو ڪڪڙ ڪٽي چڳي. ماڻهن کي آڱريون ڏندن ۾ اچي ويون، ۽ وري به "واه واه!" ٿي ويئي.

بن ٻولن پوري ٿيڻ کان پوءِ، راڻي سڌي محلات تي آئي، ۽ چؤٻول راڻيءَ جي کٽ تي ويهي، کيس چيائين: "هاڻي ٻڌاءِ، ٻيا ڪهڙا به شرط اٿيئي؟" راڻي هڪي ٻڪي ٿي ويئي، ۽ چيائينس: "پهريون شرط هي آهي ته هي دلو ۽ ڏيئو ڳالهائين، ۽ ٻيو شرط هي آهي ته هي ويهاڻو ۽ هار تنهنجي واڪاڻ ڪن!" راڻيءَ وري به ديو ۽ جن سان صلاح ڪئي، جن چيو ته "آءٌ پهريائين ڏيئي ۽ پوءِ دلي ۾ ويهي، تو سان ڳالهائيندس.... ۽ پوءِ وري هار ۽ ويهاڻي ۾ ويهندس، ۽ تون جيڪي ڳالهائيندينءَ، ان جو جواب ڏيندس." تنهن تي راڻيءَ هڪدم ڏيئي کي چيو: "اڙي ڏيئا!" ڏيئي چيو: "جيءُ زي چؤٻول راڻيءَ جا مڙس ڪيئا!" چؤٻول راڻيءَ کي جا لڳي ڪاوڙ، سو يڪدم چنبو هڻي، ڏيئي کي ڪيرائي، پڇي وڌائين- چي: "ماريا! آءٌ تو ۾ انهيءَ لاءِ تيل ۽ وٽيون وجهندي هيس، ته تون منهنجو دشمن ٿين!" ان کان پوءِ، راڻيءَ وري دلي کي چيو: "اڙي دلا!" دلي جواب ڏنو: "جيءُ زي چؤٻول راڻيءَ جا مڙس نلا!" چؤٻول راڻيءَ، اهو ٻڌي، ڪاوڙجي، وٺي جو دلي کي ڌڪ هنيو، ته اهو به پڇي پيو- چي: "ماريا! مون تو ۾ هن ڏينهن لاءِ پئي پاڻي پريو، ته تون منهنجو دشمن ٿين!" ان کانپوءِ راڻيءَ وري ويهاڻي کي چيو: "اڙي ويهاڻا!" ويهاڻي ورندي ڏني: "جيءُ زي چؤٻول راڻيءَ جا مڙس راڻا!" اهو ٻڌي، چؤٻول راڻيءَ ڪاوڙجي، ويهاڻي کي ڦاڙي چيري ڇڏيو- چي: "ماريا بيقدر! ساري جمار آءٌ توتي مٿو رکي، انهيءَ لاءِ سُتيس، ته اڄ تون منهنجو دشمن ٿين!" ان کانپوءِ، راڻيءَ وري هار کي

چيو: ”اڙي هار!“ هار چيو: ”جيءَ ڙي چؤبول راڻيءَ جا مڙس مننار!“ اهو ٻڌي، چؤبول راڻيءَ ڪاوڙجي، هار ۾ هٿ وڌا ۽ ان کي ڇنڻ تي هئي، تہ راڻيءَ يڪدم هٿ جهلي، چيس: ”هار نہ ڇن!“ چؤبول راڻيءَ هار ڇنڻ کان بس ڪئي، ۽ هار مجي پاڻ کي هِن راڻيءَ جي حوالي ڪيائين.

صبح جو سڄي شهر ۾ اها خبر پکڙجي ويئي، ۽ شاديءَ جي تياري ٿيڻ لڳي- ڏسون ڪٽي تہ ٻڪريون پيون کُسن، ڪڪڙيون پيون نچن، ٻوڙ پلاءُ جي هونگ لڳي ويئي.... غريب غربو ڪايو دعائون ڪندو پئي ويو. خير، شادي بہ ٿي. شاديءَ واريءَ پهرينءَ ئي رات، راڻيءَ چيا ڪيو، جو چؤبول راڻيءَ سان، ترار وچ ۾ رکي، سمهي رهي. چؤبول راڻيءَ ان جو سبب پڇيس، جنهن تي راڻيءَ چيس: ”منهنجي ماءُ باس باسي هئي تہ ’جيسين ڳوٺ نہ اچين، تيسين چؤبول راڻيءَ سان نہ سمهجانءِ.‘ هاڻي جيسين ڳوٺ نہ پهچندس، تيسين توکي هٿ نہ لائيندس.“

خير سان اها رات بہ گذري، صبح ٿيو... تہ راڻيءَ چؤبول راڻيءَ کان قيد خاني جون ڪنجيون وٺي وڃي دروازو کوليو، جيڪي بہ جانور بيٺل هئا، تن جي ڳچين مان ڪارا ڏاڳا ٽوڙيا.... تہ اهي ڦري، چند جهڙا منهن ملوڪ شهزادا ٿي پيا. پوءِ تہ سڀني کي آزاد ڪري، خرچ پکو ڏيئي پنهنجي پنهنجي ملڪ روانو ڪيائين. پوءِ ڪند ڪند ڪري، هيڏانهن هوڏانهن، گهڻوئي ڳوليائين نهاريائين.... مگر پنهنجو ”جمڙو بادشاهہ“ ڪٿي بہ نظر نہ آيس. نيٺ وري چؤبول راڻيءَ وٽ آئي، ۽ ان کان حقيقت پڇيائين- جنهن چيس: ”اجا هڪڙو شهزادو آهي، جيڪو باغ ۾ نار پيو ڪاهي.“ راڻي وڃي ڏسي، تہ برابر جمڙو بادشاهہ آهي، جو نار پيو ڪاهي. نار ڪاهي ڪاهي، جڏهن سج لٿو، تڏهن چؤبول راڻيءَ جي باغائيءَ چيا ڪيو، جو جمڙي بادشاهہ کي نار مان ڇوڙي، ڳچيءَ ۾ ڪارو ڏاڳو ٻڌي، گهيٽو بنائي، سامهون مُنيءَ سان اٽڪائي ڇڏيائينس. راڻيءَ اهو سمورو لقاءُ پاڻ پنهنجي سر اکئين ڏٺو.... نيٺ رکي رکي، ڪا ڳالهہ ڳتي، وڏي وڃي

جمڙي باد شاهه جي ڳڇيءَ مان ڪارو ڌاڳو ٽوڙيائين، ته جمڙو بادِ شاهه به ڏند ڪڍي، ٻانهون ٻڌي، با ادب سامهون بيهي رهيس. راڻي پوءِ هن کي چؤٻول راڻيءَ وٽ وني آئي، ۽ چيائينس ته ”هن ويچاري کي ڪٽي تا نوڪر ڪري ٻيهاريون... هيءُ غريب به ڇا ياد ڪندو!“ پوءِ ته جمڙي بادِشاهه کي خاص پنهنجو نوڪر ڪري ڪٽي پاڻ وٽ ٻيهاريائون.

ٿورا گهڻا ڏينهن گذريا.... نيٺ راڻيءَ چؤٻول راڻيءَ کي گهوٽ هلڻ لاءِ چيو. چؤٻول راڻي تيار ٿي. ڏينهن ٻن ڪانپوءِ، راڻي، پنهنجي لاءِ لشڪر سان، جمڙي باد شاهه کي ساڻ ڪري، اتي پنهنجي ملڪ ڏي هلي. سياري جي موسم هئي، ۽ سيءُ به تمام گهڻو پئي پيو- سو راڻيءَ ڇا ڪيو، جو هڪ نئين نڪور، پٽ جي تؤنرن واري، پنهنجي جتي ڪٽي جمڙي باد شاهه کي ڏني، ته ”هيءَ ڪنن سان ٻڌ، متان سيءُ نه ڪن ساڙي ڇڏيئي!“ جمڙو باد شاهه هوندي ته درگران باد شاهه هو، مگر هاڻي ته هنن جو نوڪر هو- سو ڇا ڪري! نيٺ جتي وني، ڪٽي ڪنن کي ٻڌائين.

جڏهن پنهنجي باد شاهيءَ ۾ آيا، ۽ شهر جي ويجها پهتا، تڏهن اتي لهي پيا. اتي، راڻيءَ جمڙي باد شاهه کي جهنگ ۾ وني، وڃي چيو: ”جيڪڏهن سنڌ تي مهر هڻڻ ڏين، ته هيءَ چؤٻول راڻيءَ ۽ سڀ سامان سڙو ڪٽي توکي ڏيان.... پنهنجون کهڙيون ڳالهيون- جتان جا آهيون، اوڏانهن هليا ويندا سون.“ جمڙي باد شاهه کي ٻيو ڇا گهربو هو.... سو، هيدانهن هوڏانهن نهاري راڻيءَ جي پيرن تي ڪري پيو، ۽ ٻانهون ٻڌي، چوڻ لڳو: ”اي دنيا جهان جا شهزادا، انڌو گهري الله کان هڪڙي اک، تون ته مون کي ٻيئي ٿو ڏين! باقي بندي کي ڇا گهرجي.... مون کي شرط قبول هي!“ تنهن تي، راڻيءَ منديءَ جي ٽڪ گرم ڪري، باد شاهه جي سنڌ تي هنئين، ۽ پوءِ ڪنهن بهاني سان، قافلي کي اتي ڇڏي، چپ چاپ وڃي، پنهنجي محلات ۾ نهي جڙي ويهي رهي.

اتي جمڙو باد شاهه به نئين سر ڦنگرجي، شينهن ٿي پيو- ۽ سارو

لاءِ لشڪر وٺي، چوٻول راڻيءَ سميت، پنهنجي شهر ۾ داخل ٿيو، ۽ محلات تي پهچي.... سرڙي وجي ترار ڪڍيائين. راڻيءَ چيس ته ”ڇا ٿو ڪرين؟“ بادشاهه چيو: ”چوٻول راڻي آندي اٿم، هاڻي توکي ماريان ٿو.“ راڻيءَ چيس: ”ميان! مار ڀلي، پر ڪجهه ترس، ته اها چوٻول راڻيءَ آڻ ته ڏسان!“ راڻي اُتان اُٿي چوٻول راڻيءَ وٽ آئي.... ۽ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائينس. چوٻول راڻي سڌي بادشاهه وٽ آئي، ۽ ساري ڳالهه ورائي اچي منهن ۾ هنيائينس، ۽ اها منڊي به ڏيکاريائينس- چي: ”هن جو نشان تنهنجي سٿر تي آهي، ۽ هيءَ منڊي تنهنجي انهيءَ راڻيءَ جي آهي، جنهن توکي منهنجي ٻانهن به ڏني، ۽ توکي منهنجي قيد مان به آزاد ڪرايو.... ۽ هاڻي ان کي مارڻ لاءِ تيار ٿيو آهين!“

بادشاهه اها ڳالهه ٻڌي، ڊوڙي، ٻيهر وجي راڻيءَ جي پيرن تي ڪريو.... ۽ چيائين: ”مون توبهه ڪئي، هاڻي وڌيڪ خوار نه ڪر!“ تنهن تي کِلي، راڻيءَ چيس: ”بادشاهه سلامت، ڪنن کي پادر ٻڌو....، ڪيئن ڪجهه سيءَ کان بچاءُ ٿيو؟....؟“ بادشاهه هيڪاري ڦڪو ٿيو، ۽ کوهه واري ڳالهه به ياد پيس-- پوءِ ته ماڳهين ڪنڌ هيٺ ڪري، ويهي رهيو، ۽ راڻيءَ جي مارڻ جو خيال لاهي ڇڏيائين.

چوبول راڻي

هڪڙو هو بادشاهه: بادشاهه تہ پاڻ خدا آهي، پر هي زمين جي ٽڪري جو بادشاهه هوندو هو. هن جي هڪڙي اصيل نانگ سان ياري هوندي هئي. هڪڙي پيري اهو اصيل نانگ بادشاهه وٽ آيو، ۽ چيائينس تہ ”آءٌ ڪنهن ڪم سانگي ڪجهہ ڏينهن لاءِ ٻاهر وڃان ٿو، تنهنڪري منهنجي گهر جي پارت اٿيئي.“ ائين چئي، نانگ موڪلائي ويندو رهيو.

ڪجھ عرصو گذري ويو. هڪڙي ڏينهن، اوچتو بادشاهه کي اها ڳالهہ ياد آئي تہ نانگ مون کي گهر جي پارت ڪري ويو هو، پر آءٌ اڄ ڏينهن تائين اوڏانهن نہ ويو آهيان. اهو خيال ڪري اُٿيو، ۽ نانگ جي گهر ڏانهن رخ رکيائين. جنهن وقت نانگ جي گهر ۾ گهڙيو، تہ ڇا ڏسي تہ هڪ ڪپر نانگ سندس يار جي زال سان سُتو پيو آهي. بادشاهه کي غيرت اچي ويئي، سو يڪدم تلوار مياڻ مان ڪڍي، ڪپر تي وار ڪيائين. اينتري ۾، نانگڻ، جو بادشاهه کي وار ڪندو ڏٺو، تنهن ڇا ڪيو، جو پڇڙيءَ جي اُڇل سان ڪپر نانگ کي ڇت ۾ اُڇلي ڇڏيائين؛ پر بادشاهه جي وار سان مرڳو سندس پڇڙي وڍجي پيئي. اتي بادشاهه کي ڏاڍو ويچار ٿيو تہ هي ڇا ٿيو؟ ڪپر جي مرڻ بدران ماڳهين منهنجي يار جي زال جي پڇڙي وڍجي پيئي، هاڻي يار کي ڇا چوندس؟ انهيءَ ويچار ۾، بادشاهه موٽي پنهنجي محلات ۾ آيو.

ڪن ڏينهن ڪانپوءِ، نانگ مسافريءَ تان موٽي آيو. گهر ۾ گهڙڻ شرط، هن جي نظر پنهنجي پڇ وڍيل زال تي پيئي. نانگ حيران ٿي ويو، ۽ پنهنجي زال کان ان جو سبب پڇيائين. زال مڪر ڪري، روئي ٻڌايس تہ ”تون پنهنجي يار بادشاهه کي گهر جي پارت ڪري وئين. بادشاهه ٻئي

چوٿين ڏينهن اچي خبرچار ونندو هو: نيٺ هن جي نيت ۾ خرابي ٿي، پر مننجي انڪار تي ڪاوڙجي، تلوار سان منهنجي پيچڙي وڍي ويندو رهيو."
تنهن تي نانگ پڇيس: "پلا انهيءَ ڳالهه جو ڪو شاهد؟" نانگڻ چيو: "شاهد اهو ڪپر آهي، جنهن چٽ مان سيڪجهه ويني ڏٺو."

نانگ ڪپر کان پڇيو ته "اڙي ڪپر! ڪر خبر، حقيقت ڪيئن آهي؟" ڪپر جواب ڏنو: "سائين، توهان جي زال جيڪي چيو، سو سڀ سچ آهي." اصيل نانگ ويچارو ڏاڍي ويچار ۾ اچي ويو. آخر ڪپر کان پڇيائين: "هاڻي پلا ڇا ڪرڻ گهرجي؟" ان تي ڪپر ورندي ڏني ته "سائين، ڪرڻ وري ڇا گهرجي؟ ائين ڪجي، جيئن بادشاهه ڪيو آهي. هُن تلوار سان توهان جي زال جي پيچڙي وڍي آهي، ۽ توهين وري هڪ ئي ڦوڪ سان سڄو شهر ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيوس." اصيل ڏاڍو خوش ٿيو- ۽ ڪپر کي چيائين: "چڱو، لهي اچ، ته ٻيئي گڏجي هلي اهو ڪم ڪري اچون."

پوءِ ٻيئي ڄڻا گڏجي شهر ڏانهن هليا. جڏهن شهر جي نزديڪ آيا، تڏهن ڪپر نانگ، اصيل نانگ کي چيو ته "هتان ئي ڦوڪ ڏيئي، شهر کي ساڙ، ته موٽي هلون!" پر اصيل چيس ته "ڪپر، خبر ٻڌ! پنهنجو ڪنهن گناهه ڪيو آهي، بادشاهه ئي ڪيو آهي، ۽ نه سڄي شهر. تنهنڪري بدلو بادشاهه کان ئي وٺڻ گهرجي. هاڻي سڌا ٿا هلون بادشاهه جي محل ۾. تون هلڻ شرط، هلي سندس جتيءَ ۾ ويهي رهج، ۽ آءٌ وري بادشاهه جي کير ۾ زهر هاري، پاسو وني ويهي رهندس. پوءِ جي کير پيئندين، ته به مري ويندو، ۽ جي جتيءَ ۾ پير وڌئين، ته وري تون ڏنگ هڻجئينس." اها صلاح ڪري، سڌو محل ۾ آيا. اصيل نانگ کير ۾ زهر هاري، پاسو وني وڃي ويهي رهيو، ۽ ڪپر بادشاهه جي جتيءَ ۾ وڃي ويٺو.

جنهن ڏينهن بادشاهه نانگ جي گهر ويو هو، ۽ نانگڻ جي پيچڙي وڍجي پيئي هئي، ان ڏينهن کان وٺي هو ڏاڍو مايوس رهندو هو- نه ڪنهن سان ڳالهائيندو هو، نه ٻولهائيندو هو. امير وزير ويچارا سڀ حيران هئا ته

آخر بادشاهه کي ٿيو ڇا آهي! سي به انهيءَ ڏينهن گڏجي بادشاهه وٽ محلات ۾ آيا، ۽ هٿ ٻڌي عرض ڪيائون ته "بادشاهه سلامت، اوهان سان ڪهڙي ويڌن آهي، جو ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن ته ڪنهن سان ڳالهايو ئي ڪون ٿا! رعيت سڄي ويچاري انهيءَ ڪري حيران ۽ پريشان آهي. آخر اسين به ته اوهان جا نمڪ حلال نوڪر آهيون، اسان کي ٻڌايو ته ڇا آهي- من اوهان جي ڪنهن ڪم اچي سگهون!" ان تي بادشاهه، پنهنجي اميرن ۽ وزيرن کي اصيل نانگ جي ياراڻيءَ، نانگڻ جو ڪپر سان خراب ٿيڻ، ۽ نانگڻ جي پڇڙي وڍجڻ جي سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي، ۽ چيو ته "هاڻي جڏهن اصيل نانگ ايندو، ۽ پنهنجي زال جي پڇڙي وڍيل ڏسندو، تڏهن ضرور پڇندو؛ ان تي زال ۽ ڪپر منهنجي خلاف ڪونه ڪو ڪوڙ نانگ کي ٻڌائيندا، ۽ نانگ ڪاوڙجي منهنجي بادشاهيءَ کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيندو. بس، اهوئي ارمان اٿم ته هيتري ساري خلق خدا جي بي گناهه مارجي ويندي." اها سموري ڳالهه اصيل نانگ به ٻڌي، سو يڪدم اچي بادشاهه جي جهوليءَ ۾ وينو، ۽ چيائينس ته "پهريائين ته اهو نامراد ڪپر تنهنجي جتيءَ ۾ وينو آهي، تنهن کي ماراءِ، پوءِ جون ڳالهيون پوءِ سان." بادشاهه يڪدم ڪپر کي مارائي ڇڏيو، ۽ ان کان پوءِ نانگ جي ٻڌائڻ تيي کير به هارائي ڇڏيائين. انهيءَ ڪم کان پوءِ، ٻيئي دوست پاڻ ۾ ملي ڏاڍو خوش ٿيا، ۽ دل کولي رهاڻ ڪيائون. موڪلائڻ وقت، نانگ پنهنجي مڻ ڪڍي، بادشاهه جي بدن سان لڳائي، چيو: "بادشاهه سلامت، هن مڻ ۾ اها خاصيت آهي، جو تون سڪرات ۾ پيل ماڻهوءَ جي حالت ڏسي سگهندين، ۽ پکين ۽ جانورن جون ڳالهيون به سمجهي سگهندين. پر ياد رک جي اها ڳالهه ڪنهن سان به ڪندين، ته اُتي مري پوندين." ائين چئي، نانگ ويندو رهيو.

هڪڙي ڀيري، بادشاهه شهر جو گشت ڪندي ڪندي، اهڙي هنڌان اچي لانگهائو ٿيو، جتي رڳو غريب مينگهواڙن جا گهر ۽ دڪان هئا، ۽

ڏٺائين تہ هڪڙي هنڌ ماڻهن جا ميڙ لڳا پيا آهن. بادشاهہ بہ اُن ميڙ ۾ آيو، ۽ ڏسي تہ هڪڙو مينگهواڙ بيمار پيو آهي، ۽ سڪرات واري حالت اٿس. ڪيترائي مينگهواڙ بيمار جي خدمت چاڪريءَ ۾ لڳا پيا هئا. ايتري ۾ ڇا ڏسي تہ موت جو فرشتو آهي، جنهن جي هٿ ۾ هڪڙو سائو ريشمي رومال آهي، تنهن اچي ان بيمار جو روح قبض ڪيو آهي، ۽ اهو روح ان رومال ۾ ويڙهي کڻي ويندو رهيو. اها حالت ڏسي، بادشاهہ جي اکين مان ڳوڙها ڪري پيا، ۽ موٽي محلات ۾ آيو. بادشاهہ راڻيءَ سان بہ مينگهواڙ جي مرڻ جي ڳالهہ ڪري روئي ڏنو. جنهن تي راڻيءَ چيس: "بادشاهہ سلامت، افسوس جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، تنهنجي شهر ۾ ڪئين پيا مرن ۽ ڪئين پيا ڄمن." پر راڻيءَ کي ڏاڍو عجب لڳو تہ هڪ خسيس مينگهواڙ لاءِ بادشاهہ ڇو رنو.

ٿوري گهڻي ڏينهين، راڻيءَ جو پيءُ سخت بيمار ٿي پيو، جنهنڪري بادشاهہ راڻيءَ سميت اچي پنهنجي ساهراڻي گهر نڪتو. گهر ۾ گهڙڻ سان پنهنجي سهري تي نظر پيس، جو سڪرات جي حالت ۾ هو. بادشاهہ پنهنجي سهري جي سيرانديءَ کان اچي ويٺو. اجا ٿورو وقت گذريو ئي ڪونہ، تہ ڏسي تہ موت جو فرشتو پيو اچي، جنهن جي هٿ ۾ جاڳري ٻير جي ڇانپ آهي؛ اها کڻي اچي بادشاهہ جي بدن ۾ هنيائين، ۽ ان ۾ هن جو ساهہ قبض ڪري کڻي ويندو رهيو. بادشاهہ جڏهن اها حالت ڏٺي، تڏهن هن کان ٽهڪ نڪري ويو. راڻيءَ کي ننهن کان چوٽيءَ تائين باهہ وٺي ويئي، مگر ان وقت هوءَ ڪجهہ ڪين سگهي. جڏهن لاش کي دفنائي واپس آيا، تڏهن راڻيءَ يڪدم بادشاهہ کي چيو تہ "بادشاهہ سلامت، مون کي اهو تہ ٻڌايو، جو پنهنجي شهر ۾ هڪڙو خسيس مينگهواڙ مئو، تہ اوهان جي اک مان ڳوڙهوئي ڪين ٿي بيٺو، پر اڄ، جڏهن منهنجي پيءُ وفات ڪئي، تڏهن اوهان کان يڪدم ٽهڪ نڪري ويو- انهيءَ جو ڪهڙو سبب؟" انهيءَ تي بادشاهہ چيس تہ "راڻي! انهيءَ ڳالهہ کي هن وقت ڇڏي ڏي، توکي اها

حقيقت پوءِ ٻڌائيندس.“ مگر راڻي ضد ٻڌي بيٺي- چي: ”مون کي ڪيئن به ڪري هينئر ٻڌاءِ!“ بادشاهه ويچارو ڏاڍو لاچار ٿي پيو، نيٺ چيائين ته ”چڱو! توکي انهيءَ جو سبب ٽن ڏينهن کان پوءِ ٻڌائيندس.“

راڻي انهيءَ ڳالهه تي راضي ٿي. آخر ٽي ڏينهن به گذريا. راڻيءَ وري به بادشاهه جا ڪن ڪڙا ڪيا. بادشاهه ويچار ڪيو ته ’نانگ جو چوڻ آهي ته جي اها ڳالهه ڪنهن کي ٻڌائيندين ته مري ويندين: هاڻي ڪيئن ڪريان! نانگ به ته ڪوڙ ڪونه ڳالهايو هوندو.‘ سو، راڻيءَ کي چيائين ته ”ڳالهه وڃي ڪانه ٿي، پٺين اجا تازو مئو آهي، پلي ته چاليهو گذري، ۽ مهمان به وڃن، ته پوءِ هڪ منو ٿي، توکي ٻڌائيندس.“ راڻيءَ اها ڳالهه قبول ڪري، ڪٿي مانڪ ڪئي. نيٺ چاليهه ڏينهن به گذري ويا. چاليهي جو ختمو آيو، مهمان به جيڏانهن جا هئا، سي اوڏانهن روانا ٿي ويا. تڏهن راڻيءَ وري به بادشاهه کي ساڳي ڳالهه ياد ڏياري. بادشاهه کي ته اڳيئي سڌ هئي، تنهن راڻيءَ کي چيو ته ”راڻي! توکي انهيءَ ڳالهه جو ڏاڍو فڪر آهي، هيءَ ڪا خاص ڳالهه ته آهي ئي ڪانه، جنهن جي لاءِ ايتري تڪڙ ٿي ڪرين. هاڻي توسان وعدو ٿو ڪريان ته پنهنجي ملڪ هلي، سربستي ڳالهه ٻڌائيندوسانءِ.“

نيٺ هفتي کن گذرڻ بعد، بادشاهه پنهنجي ملڪ موٽ ڪاڏي. هلندي هلندي، هڪڙي هنڌ ڏسي ته هڪڙو ٻڪرين جو ڌڻ جهنگ ۾ پيو چري، جنهن ۾ هڪڙو ٻڪر آهي، جو ٻڪريءَ کي بوڪڻ لاءِ پيو ڦري... ۽ ٻڪري آهي، جا هن کان پاسو ڪندي رهي ٿي. نيٺ جڏهن ٻڪر اچي سوڙهو گهتيس، تڏهن ٻڪريءَ چيس ته ”تنهنجي ڳالهه مون کي منظور آهي، پر هڪڙو شرط آهي- پهرين هن پر واري ڪوهه جي تري مان گاهه جو بوڙو پٽي آڻي ڏي.“ ان تي ٻڪر چيس: ”اهو بي وقوف بادشاهه آهي، جو راڻيءَ جي چوڻ تي پنهنجو سر ٿو ڏئي. مون کي جي تون بوڪڻ نه ڏيندينءَ، ته مون لاءِ بيون به هزار آهن.“ ائين چئي ٻڪر هليو ويو. بادشاهه مڻ جي زور تي ٻڪر جي اها ڳالهه ٻڌي، دل ۾ چوڻ لڳو ته ”مار! آءُ ته هن ٻڪر کان به گهٽ

ٿيس: مون کي ته هن جيترو به عقل ڪونهي. ڇا ٿيو، جي هيءَ زال ويئي، ٻي پرڻجي پوندس: هروڀرو پنهنجو سر ڇو وڃايان!" بادشاهه يڪدم ٻڪرار کي گهرائي، ان کان اهو ٻڪر خريد ڪري، اچي پنهنجي ملڪ ۾ رسيو.

بادشاهه جو محلات ۾ پهچڻ، ۽ راڻيءَ جو ڳالهه پڇڻ. اجا راڻيءَ ڳالهه چوري ئي مس، ته بادشاهه بيد جو لڪڻ ڪڍي، اچي راڻيءَ کي ورتو. راڻيءَ جي دانهن مٿان دانهن- چي: "مون انهيءَ ڳالهه جي پڇر ئي ڦٽي ڪئي!" پر بادشاهه چوي ته "نه.... بيهه، ته آءُ توکي پيرائتي ڳالهه ٿو ڪري ٻڌايان." نيٺ ڏڪن هٿي راڻيءَ کي ساٽو ڪري وڌو، ۽ مٿان ٿي ڪري پيئي. تنهن کان پوءِ، بادشاهه پڇيس ته "اجا به ڳالهه ٻڌڻ جو شوق اٿئي؟" راڻيءَ چيو ته "مون توبهه ڪئي، مون کي ڪانه ٿي ڳالهه کپي." ٻئي ڏينهن، بادشاهه شهر ۾ پڙهو گهمارايو ته "هي ٻڪر منهنجو دوست آهي، جنهن مون کي موت جي منهن مان بچايو آهي، تنهنڪري ڪوبه هن جو نالو نه وٺي. جيڪو به هن جو نالو وٺندو، تنهن کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويندو. ٻڪر جيترو به ڪنهن جو زيان ڪندو، ان کي ٽيل زيان جو ٻيٽو حصو منهنجي خزاني مان ملندو." ان بعد، ٻڪر کي ڪٽي شهر ۾ ڇيڪ ڇڏيائون. ٻڪر به سڄي شهر ۾ مزي سان گهمندو وتيو. مجال آهي جو ڪير ان جو نالو وٺي. ڪنهن جو به زيان ٿيندو هو، ته اهو شاهي خزاني مان ٻيٽو ڪري وٺي ويندو هو. ٿورن ئي ڏينهن ۾، ٻڪر ڪائي مٿارو ٿي پيو. بادشاهه کي به ٻڪر جي اون ڪانه هوندي هئي- اچي ته ڇا، نه اچي ته ڇا، بعضي بعضي ته ٻه ٻه ٽي ٽي ڏينهن به شهر ۾ ڪونه ايندو هو.

هڪڙو ڏينهن خدا اجو ٿيو - نماشام جي مهل، مينهن به ڏاڍو پيو، ۽ ٻڪر به شهر کان ٻاهر نڪري، شهر جي پر واري جبل تي ٽڏڪار سانگي وڃي ويهي رهيو. سج لهي ويو، پر ٻڪر شهر ڏانهن نه موٽيو. اتفاق سان ڪي چار ماڻهو انهيءَ جبل تان اچي لنگهيا، جن کي بک ڏاڍو هلاڪ ڪيو هو. هيڏانهن هوڏانهن نظر ڪيائون ..... ڏسن ته هڪڙو ٻڪر آهي، جو

بي فڪر ٿيو سُتو پيو آهي. صلاح ڪيائون تہ چو نہ انهيءَ ٻڪر کي ڪٺي حلال ڪجي.... پر هڪڙي ڄڻي چين تہ "بيلي، ٻڪر خبر نہ آهي تہ ڪنهن جو آهي؛ تنهن ڪان سواءِ، بنا اجازت پرائو مال کائڻ بہ گناهہ آهي. تنهنڪري ڪاڏي جو پيو ڪو بندوبست ڪرڻ گهرجي." نيٺ يارن گهڻي ويچار ڪان پوءِ، چيو تہ "ادا، اها ڳالهہ برابر آهي، پر پانئجي ائين ٿو تہ قدرت خود اسان جي لاءِ هيءَ نعمت موڪلي آهي، تنهنڪري ڪريوس حلال- صبح جو ڪٺي پر واري شهر مان پڇا ڪري، ٻڪر جي ڏٽيءَ کي عيوض پري ڏيندا سون، يا بخش ڪرائيندا سونس." ان تي سڀني راضي ٿي، ٻڪر کي جهلي کهي ڪٺي باهہ تي رکيو، ۽ پوءِ کائي پي سمهي رهيا.

رات خير سان گذري، صبح ٿيو. هي چارئي سنگتي آيا شهر ۾؛ پڇا ڪيائون تہ 'هڙين پارين فلاڻو ٻڪر ڪنهن جو هو!' جنهن ڪان ڪٽيو پڇن، سو چوي تہ "اهو ٻڪر تہ بادشاهہ جو آهي." نيٺ بادشاهہ وٽ آيا، ۽ بادشاهہ کي ٻڌايائون تہ "هڙيءَ طرح، اسان اوهان جو ٻڪر کهي کائي چڏيو آهي، هاڻي جيڪو ڏنڊ ڏوهہ رکو، سو اسين پرڻ لاءِ تيار آهيون." ان تي بادشاهہ چين تہ "انهيءَ ٻڪر کي هٿ لائڻ يا کجهہ چوڻ لاءِ منهنجو حڪم ڦاسيءَ جو آهي، تنهنڪري توهان چارئي ڄڻا ڦاسيءَ تي چاڙهيا ويندا."

انهيءَ تي انهن چئن ئي ڄڻن چيو تہ "بادشاهہ سلامت، ٻڪر اسان بي خبريءَ ۾ کهي کاڌو آهي؛ جي چوري ڪري کائون ها، تہ توهان وٽ اچي حاضر ٿي ٻڌائڻ جو اسان کي ڪو ضرور ئي ڪونہ هو؛ ۽ جي هليا وڃون ها، تہ اسان کي ڪير سڃاڻي ڪونہ، جو اچي ڳولي هٿ ڪري ها؛ پر اسان خود ائين مناسب نہ ڄاتو تہ ڪو پرايو مال بنا اجازت جي کائي، خدا جي آڏو شرمسار ٿيون. هاڻي توهان ڪان جي پڇي سگهي، تہ اسان کي گناهہ بخش ڪريو؛ جي نہ تہ جيڪا ٻڪر جي قيمت مقرر ڪريو، اها اسين پري ڏيڻ لاءِ تيار آهيون." بادشاهہ چين تہ "منهنجو واعدو ڪيل آهي، تنهنڪري توهان کي ڦاسيءَ تي لٽڪائبو." اِتي هنن يارن ڏنو تہ بادشاهہ

ڇڏيندو بنهه ڪونه، سو پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري، بادشاهه کي چيائون ته ”جهان پناهه، اسين چارئي يار، ڪنهن ٻيءَ دنيا جا رهواسي آهيون، شيل شڪار سانگي هن سرزمين تي آيا آهيون؛ اسان اڄ ڏينهن تائين ڪنهن کي به ڏکوئيو ڪونهي. ڪالهه به اوهان جو ٻڪر بي خبريءَ ۾ ڪاڏو سون. هاڻي جيڪڏهن اوهين اهو ٻڪر اسان کي بخش ڪندا، يا ان جي قيمت اسان کان نه وٺندا، ته ٻين پنهنجن ديس ڀائرن ۾ اسان جي عزت رهندي: تنهنڪري اسان صلاح ڪئي آهي ته اوهان کي ’چوبول راڻي‘ پرڻايون، جنهن جهڙي سهڻي روءِ زمين تي ڪانهي– ان جي عيوض اسان کي ٻڪر جو خون معاف ڪريو.“ بادشاهه اها ڳالهه ٻڌي، حيرت ۾ پئجي ويو. ويتر چوبول راڻيءَ جو ٻڌي، بنهه دل پڇي پيس. آخر هنن کان پڇيائين ته ”اها راڻي ڪير آهي، ۽ ڪيئن هٿ اچي سگهي ٿي؟“ تنهن تي منجهانئن هڪڙي ٻڌايو ته ”اسين گهمندي گهمندي، هڪڙي شهر ۾ پهتاسين؛ شهر جي ٻاهران هڪڙو وڏو نار نظر آيو، جنهن کي سؤ ماڻس گڏجي زور لائين، تڏهن مس ڇُري سگهي. پڇا مان خبر پئي ته هتي جي بادشاهه کي چوبول راڻيءَ نالي سهڻي ڌيءُ آهي، جنهن جهڙي خوبصورت روءِ زمين تي نه ملندي. ان شهزاديءَ جا شرط آهن ته جيڪو اڪيلي سر اهو نار ڦيرائي ويو، ۽ ٻيو ته راڻيءَ سان اڪيلو ويهي، رهاڻ ڪندي، ڪن ڳالهين جي جواب وٺڻ لاءِ جيڪڏهن راڻيءَ کي چار دفعا ڳالهارائي ويو، ته پوءِ هوءَ ان سان شادي ڪندي؛ پر جنهن به انهن شرطن ۾ هارايو، سو ڦاسيءَ چڙهندو. سو، اي بادشاهه، اسان کي ته چوبول راڻيءَ جي ڪا ضرورت ڪانه هئي، تنهنڪري هليا آياسين: هاڻي، تنهنجو اسان تي احسان ٿيندو؛ ان ڪري اسان جي مرضي آهي ته اها راڻي توکي پرڻايون.“

بادشاهه چيو: ”اهو ته ڏاڍو چڱو، پر ٻڌايو ته اوهين مون سان مدد ڪيئن ڪندا؟“

چئن شخصن ٻڌايو ته ”عاليجاه، تون رڳو نار کي هٿ وجهي هلندين، زور اسين لائيندا سون. ماڻهو اسان کي ڏسي ڪونه سگهندا،

تنهن جي خاطري رک: تنهنڪري سمجهندا ته نار بادشاهه پيو ڦيرائي ۽ راڻيءَ سان ملاقات مهل، اسين چارئي يار راڻيءَ جي ويهاڻي، هار، ڏئي ۽ ٽنيءَ ۾ لڪي ويهي رهنداسين. تون اول راڻيءَ سان خبر چار ڪج: جيڪڏهن راڻيءَ جواب ۾ ڳالهايو، ته وه واهه؛ نه ته به اسان مان هڪڙي هڪڙي سان خبر چارڪندو اچج، پوءِ من ڪنهن طرح ڳالهائي."

بادشاهه اها ڳالهه ٻڌي، راضي ٿيو، ۽ انهن چئني ئي همراهن سان گڏجي، لاءُ لشڪر ساڻ ڪري، اُتي هليو چوبول راڻيءَ جي ملڪ.

ٿورن گهڻن ڏينهن جي مسافري بعد، اچي چوبول راڻيءَ جي شهر پهتا. بادشاهه لشڪر کي پاسي تي لهڻ جو حڪم ڏيئي، پاڻ سڌ سماءُ رکڻ لاءِ نار تي آيو. آزمودي لاءِ نار کي ٻه ٽي زور به ڏنائين، پر نار چري نه سگهيو. اتي بادشاهه کي پڪ ٿي ته 'ٻيلي، هنن جيڪي چيو ٿي، سو سچ آهي.' ٻئي ڏينهن مقرر وقت تي، بادشاهه اچي پير تي ڏونڪو هنيو. سڄي شهر ۾ هُل اٿي ويو ته 'اڄ وري راڻيءَ جو ڪو نئون عاشق آيو آهي....' سو سڀ ماڻهو نار وٽ اچي گڏ ٿيا. بادشاهه به سڌو نار تي آيو، ۽ يارن جي چوڻ موجب اچا نار جي ڳاڌيءَ تي هٿ رکيائين، ته نار وهڻ لڳو.... ۽ پاڻي باغ کي ٻوڙي، ريل ڇيل شهر ڏانهن وهي هلڻ لڳو. اهو حال ڏسي، سڀ ماڻهو بادشاهه وٽ ڊوڙي آيا، ۽ اچي چيائونس ته "بادشاهه سلامت، شهر ٿو ٻڏي.... مهرباني ڪري راڻيءَ جي عاشق کي چوائي موڪليو ته نار ڪاهڻ بند ڪري!" نيٺ بادشاهه جا ماڻهو هن وٽ آيا، ۽ اچي چيائونس ته "توهان کي هن شهر جي بادشاهه گهرايو آهي." اچا هنن ائين چيوئي مس، ته نار ازخود بيهي رهيو. اتي بادشاهه انهن ماڻهن کي چيو: "اوهين هلو. آءٌ پاڻيهي اوهان جي بادشاهه وٽ ايندس."

جڏهن اهي ماڻهو ويا هليا، تڏهن هو چارئي شخص ظاهر ٿي، بادشاهه سان مليا، ۽ ساڻس صلاح مصلحت ڪري، راڻيءَ جي محل ڏانهن هليا ويا.

بادشاهه به سڌو چوبول راڻيءَ جي پيءُ وٽ آيو، ۽ هن کي پنهنجي

اچڻ جو مقصد ٻڌايائين. چوبول راڻيءَ جي پيءُ چيس ته "تون پلي چوبول راڻيءَ سان اڄ رات ڳالهاءِ! پر جي هن کي نه ڳالهارائي سگهئين ته ڦاسي ملنديئي، ۽ جي ڳالهارائي وئينس، ته هن سان تنهنجي شادي ٿيندي!"
بادشاهه اهو شرط منظور ڪري، موٽي پنهنجي جاءِ تي آيو.

بادشاهه شام جو سويل ئي ماني ٽڪي ڪائي، اچي پير تي ڏونڪو هنيو. چوبول راڻيءَ جون ٻانهيون آيون، جي هن کي راڻيءَ جي ڪمري ۾ چڙهي هليون ويون. ڪجهه وقت ته بادشاهه ڏسندو رهيو. ته من ڳالهائي، من ڳالهائي، پر راڻي ڪٿي تي ڳالهائي! بادشاهه هتان هُتان جون خبرون چارون ڪرڻ لڳو، پر راڻي اهڙو ڪچي جهڙي پت. نيٺ بادشاهه ڪڪ تي چيو: "انڌير ته ڏسو، جو آءُ راڻيءَ وٽ مهمان ٿي آيو آهيان، ۽ راڻي ڳالهائي به نه ٿي! هاڻي هيءَ قيامت جهڙي رات ڪيئن گذرندي؟ اهڙو ڪو دوست به ڪونهي. جنهن سان ويهي دل جو حال ونڊجي!" ائين چئي، ويهاڻي کي سڏ ڪري، چيائين: "اي يار ويهاڻا!" ته ويهاڻي مان آواز آيو: "جيءُ راڻيءَ جا دلبند يار سياڻا!" راڻيءَ، جو ويهاڻي مان آواز ايندو ٻڌو، تنهن خار وچان يڪدم ويهاڻي کي سيرانديءَ کان ڪڍي، مروٽي سروٽي، وني جا اچل ڏني، ته وڃي پري پيو. اتي ويهاڻي وري چيو: "بادشاهه سلامت، -ڏٺو راڻيءَ جي ڪاوڙ!.... مون ڪهڙو گناهه ڪيو؟ ساري سپ جمار راڻيءَ جي سيرانديءَ کان گذاريو اٿم، اڄ فقط توسان ڳالهايو اٿم، ته منهنجي هيءَ حالت ٿي آهي.... سو تون به مانٺ ڪري هليو وڃ، نه ته توسان به اهڙي ڪار ٿيندي، جهڙي اڄ مون سان ٿي آهي." تنهن تي بادشاهه چيس: "يار ويهاڻا، اهي سڀ ڳالهيون سمسائي، سِر تان آسرو ڪٽي آيو آهيان: هاڻي پُني ڏيڻ مڙس جو ڪم ڪونهي. چڱو جو ڳالهائڻ لاءِ ساٿي ته ٿي پئين. رات جا پهر به آهن چار، ته ڳالهيون به چار! ويهه، ته ويهي ڪچهري ڪريون. هاڻي ڪا اهڙي ڳالهه ٻڌاءِ، جنهن ۾ رات جو هڪڙو پهر ته گذري وڃي!" ويهاڻي وراڻيو: "بادشاهه سلامت! تو هرويرو اچي هن راڻيءَ جي پويان سِر ڏنو آهي. تون به آزار ۾ پئين، ۽ اسان کي به

اچي تڪليف ۾ وڌ. چڱو، هاڻي جي چوين ٿو، ته ٻڌا!" ائين چئي ڳالهه شروع ڪيائين:

"بادشاهه سلامت! هڪڙا هئا چار دوست: هڪڙو هو واڍو، ٻيو درزي، ٽيون سونارو ۽ چوٿون فقير. چئني ئي ڄڻن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته 'پنهنجي شهر ۾ پورهيو ذات ڪونهي، ويهي ڪيترو وقت گذرابو؟ آخر ته ٻچا پارٽا آهن، ڇو نه هلي ٻئي ڪنهن شهر ۾ ڌنڌو ڪريون!' اها صلاح ڪري، چارئي ڄڻا پورهئي جا اوزار کڻي اتي هليا. هلندي هلندي، هڪڙي رڻ ۾ اچي رات پيئي. هن وٽ ڪاڌي پيتي جو به سڀ سامان موجود هو، سو يڪدم ماني تيار ڪيائون. ڪاڌي پيتي کان پوءِ صلاح ڪيائون ته 'اسان وٽ سامان به ڪافي آهي؛ جي چارئي ڄڻا سمهي رهنداسون، ته متان ڪو واتهڙو يا چور چڪار سمورو سامان کڻي ٿئي راهي.... تنهنڪري ڇو نه واري تي سيڪو جاڳي؟' اها رٿ ڪيائون ته 'ڄڻا به آهيون چار ۽ رات جا پهر به چار- هڪڙو هڪڙو پهر هڪڙو هڪڙو جاڳي.' اها تجويز ڪري، پهريون پهر واڍي کي ڏنائون، ٻيو درزيءَ کي، ٽيون سوناري کي، ۽ چوٿون پهر فقير کي. پهريون پهر واڍي جو هو، تنهنڪري اهو ويهي جاڳڻ لڳو، ۽ ٻيا ٽيئي ڄڻا سمهي رهيا. واڍو ڪجهه وقت ته ويٺو، پر نڪو ڳالهائڻ وارو نڪو ٻولهائڻ وارو. آخر ڪيس اوٻاسيون اچي ورايو، ۽ جهوٽا کائڻ لڳو. ويٺي ويٺي ننڊ اچي ويس، ۽ خواب ۾ ڇا ٿو ڏسي ته هڪ حسين پري آهي، جا اڏامندي وڃي. اينتري ۾ اک کلي ويس. واڍي کي پريءَ جي سهڻي صورت وڻي ويئي، سو خيال ڪيائين ته 'ڇونه اها خواب واري پري ويهي ناهيان، ته وقت به گذري ويندو ۽ ننڊ به نه اچي!' سو اوزار کڻي، جتي سُتا پيا هئا، اتي پاسي ۾ ڪو سڪل ڪاٺ جو ٻنڊ پيو هو، ان مان ٽڪر وڍي، ويهي پريءَ جو ٻوتو ناهڻ لڳو. رات جو پهر به پورو ٿيو، ته هن پريءَ جي مورت به ناهي تيار ڪري کڻي آڏو رکي. ۽ پوءِ درزيءَ کي اُٿاري پاڻ سمهي رهيو.

"درزي جڏهن ننڊ مان اٿيو، ۽ اچا پوري [illegible] ڪانه کلي هيس، ته

نظر وجي مورت تي پيس. سمهي ڪيائين ته ’اهو ڪم واڍي جو آهي، جنهن پهر رات ڄرويهي هيءَ وندر ڪئي آهي.‘ مورت ۾ ڏاڍي وڻيس، سو ڪڍندي ئي ڪپڙو ۽ سئي، پنهنجي پهر ۾ انهيءَ ڪاٺ جي مورت کي جهڙ جهڙا پلا ڪپڙا سبي، پارائي ڇڏيائين. اني رات جو ٽيون پهر به اچي پورو ٿيو، تنهنڪري ٽئين ساٿيءَ سوناري کي اٿاري پاڻ سمهي رهيو.

”سونارو به اوٻا سيون ڏيئي، اچا واندو مس ٿيو، ته نظر وجي مورت تي پيس. ڏسي ڪٿي ته هڪڙي حسين عورت سامهون بيٺي آهي. عجب ۾ پئجي ويو. نيڻ دل نه رهيس، هٿ لائي ڏنائين- پڪ ٿيس ته ڪاٺ جي مورت آهي. دل ۾ چيائين ته ’واڍي به پنهنجو پهر سجايو ڪيو ۽ درزيءَ به ته سني محنت ڪئي آهي. هاڻي آءٌ به ڇو نه ڪي ننهان چوٽيءَ ڳهه پارائين ڇڏيانس!‘ اهو خيال ڪري، اوزار ڪڍي ويهي زيور ناهڻ لڳو. اچا پهر رات جو مس گذريو ته سڀ ڳهه تيار ڪري، مورت کي پارائي، فقير کي اٿاريائين، ۽ پاڻ سمهي رهيو.

”فقير به ننڊ مان سجاڳ ٿي، ڪٿي ڏسي ته هڪ حسين عورت ڪپڙا گنديون پايو نهي نڪي بيٺي آهي. هن جي به دل نه رهي، سو اُٿي هٿ لائي پڪ ڪيائين، ۽ دل ۾ چيائين ته ’واڍي مورت ناهي، درزيءَ ڪپڙا پارايس ۽ سوناري ڳهه وڌس.... هاڻي خدا کان سوال ڪري ساهه آءٌ به ته وجهانس!‘ سو پره ڦٽيءَ جي وقت، فقير ڏٽيءَ جي در ڪٿي ٻاڏايو. قدرت الله جي سان ڪاٺ جي مورت ۾ ساهه پيو، ۽ چم چم ڪري هوءَ چرڻ پرڻ لڳي.

”اتي هو به ٽيئي يار سجاڳ ٿيا، پر هڪو چوي ته ’زال منهنجي!‘ چارئي جڻا اچي پاڻ ۾ وڙهيا....“

ايتري ڳالهه ٻڌائي، ويهاڻي پڇيو ته ”بادشاهه سلامت، هاڻي ٻڌاءِ ته اها زال ڪنهن جي ٿي؟“

بادشاهه يڪدم جواب ڏنو: ”اي يار ويهاڻا، اها زال ٿي فقير جي، جنهن ساهه وڌس.“

اتي راڻيءَ هڪل ڪري بادشاهه کي چيو: ”اڙي بي وقوف بادشاهه، زال سوناري جي ٿي، جنهن نٿ پارايس. پيا ڳهه ڳنا مانئت به ڏيندا آهن، پر نٿ هميشه مڙس ڏيندو آهي.“

بادشاهه، اهو ٻڌي، يڪدم وجي پير تي ڏونڪو هنيو ـ چي: ”راڻيءَ مون سان پهريون ٻول ٻوليو.“

بادشاهه وري به ڳالهائڻ لاءِ حيلا وسيلا ڪيا، پر راڻي اڳي کان به وڌيڪ مپ ماري ويهي رهي. نيٺ بادشاهه هڪل ڪئي ته ”اڙي هار!“ تنهن مهل هار مان آواز آيو: ”جي، اٿي بادشاهه جا دلبند يار!“ اجا هار اها ورندي مس ڏني، ته راڻيءَ جو [illegible] ٿيو، ۽ هڪ ٻي [illegible] مان چني، وني جو اُچل ڏنائينس ته [illegible] اتي هار چيو: ”بادشاهه سلامت، ڏنئي؟ ڪڏهن اها حالت [illegible] راڻي، [illegible] ۽ اڄ ڏاڍو نه ڏاڍي پيڙو!“ اتي بادشاهه [illegible] ”يار هار، ٻڌاءِ ڪو دردن جو داستان، ته غم جي رات ڪٽجي [illegible] جو ٿاسي [illegible] آهي.“ ان تي هار پنهنجي [illegible] شروع ڪئي:

”بادشاهه سلامت! هڪڙا چار موالي [illegible] دوست هوندا هئا. انهن مان هڪڙي جو ڪو ڳڏهه [illegible] تنهن جو پير ڪٽي، هو اتي هليا. پير ته ڪٽيندا اچن، ۽ [illegible] پيئندا اچن. هڪڙي هنڌ هنن کان ڳڏهه جو پير وڃائجي [illegible] منجهي پيا، ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته [illegible] ۾ ڳوليون، پوءِ جيڪو منهن لڳو، سو [illegible] ويندو؟“ سو به چار ڏم هڻي، ويهي ان کي [illegible] وقت کان پوءِ، هڪڙي مواليءَ هڪل ڪئي ته ”يار، اتو اتو ڪاٻي طرف هڪڙو شهر آهي، ڳڏهن اتي پيو ڏسجي.“ چارئي جڻا ڪاهي اچي انهيءَ شهر ۾ گهڙيا. گهمندي گهمندي، ٻئي مواليءَ چيو: ”يار، هيءَ جاءِ ڏسو ٿا، انهيءَ ۾ پاڻ واري ڳڏهه جي لڏ پيئي ڏسجي، ۽ ڳڏهه به شايد اتي ئي آهي.“ صلاح ڪيائون ته ”پاڻ پرديسي آهيون: جي هنن جي ماڻهن کي ائين ٻڌائينداسون، ته شايد

گڏهه لڪائي ڇڏين. تنهنڪري چو نه بادشاهه سان هلي خبرچار ڪريون.‘
سو سڏا آيا بادشاهه وٽ، ۽ هن کي ساري ڳالهه ڪري ٻڌايائون. بادشاهه حيرت ۾ پئجي ويو. نيٺ آزمودي خاطر موالين کي حڪم ڪيائين ته ’سڀاڻي صبح جو اچجو، ته توهان کي گڏهه وناڻي ڏيندس.‘ ٻئي ڏينهن بادشاهه ڇا ڪيو، جو پيالي ۾ هڪڙو ڏاڙهون رکي، مٿان رومال سان ان کي ڍڪي، سامهون ميز تي رکي ڇڏيائين ۽ پاڻ گلم وڇارائي، طول ويهاڻي تي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو. موالي به ڏاڍا وزم واڙي هٽي، ڪائي پي، سڌا بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ آيا. بادشاهه پڇين ته ’سامهون ميز تي ڇا آهي؟‘ هي چارئي ڄڻا تبيءَ ۾ پئجي ويا. ڪجهه وقت ڪان پوءِ هڪڙي موالي‌ءَ هٿ سان بند چنبي جيترو اشارو ڪري چيو: ’آهي به هيڏو هيڏو!‘ تنهن تي ٻئي چيو: ’آهي به ڳاڙهو ڳاڙهو.‘ ٽئين چيو: ’اٿس به ڳاڙها ڳاڙها موتي!‘ تنهن تي چوٿين چيو: ’بادشاهه سلامت، توهان جي سامهون ميز تي ڏاڙهون ته نه آهي!‘ بادشاهه هنن جي ڳالهه ٻڌي، گڏهه موالين کي وناڻي ڏنو.“

ايترو ٻڌائي، هار بادشاهه کان پڇيو ته ”اي بادشاهه سلامت، هاڻ ٻڌايو ته ڇئن ئي مان انصاف ڪنهن جو؟“

بادشاهه ورندي ڏني ته ”انصاف پهرئين جو، جنهن آٽڏني ڳجهارت پڳي.“

اتي راڻيءَ کان رهيو نه ٿيو، ۽ بادشاهه کي چيائين:

”اڙي بي عقل بادشاهه، انصاف ٽئين جو، جنهن اندر جو ڳجهه ٻڌايو ته منجهس ڳاڙها موتي آهن.“

بادشاهه وري به اُٺي پير تي ڏونڪو هنيو ته ”راڻيءَ مون سان ٻيو ٻول به ٻوليو.“

راڻي وري به ٻم ٻڌي ويهي رهي. نيٺ بادشاهه ڏئي کي هڪل ڪئي: ”او يار ڏيا!“ ڏئي مان آواز آيو: ”جيءُ راڻيءَ جا يار دلبند ڪيئا!“ اڃا ڏيئي ايترو ئي مس چيو، ته راڻيءَ يڪدم اُٿي جو ڏئي کي اُڇل ڏني، ته

زريون ذريون ٿي ويو. چي: "اڄ هي بہ ٿو ڳالهائي!" اتي ڏئي بادشاهہ کي چيو تہ "اي بادشاهہ، ڏسين پيو راڻيءَ جو ڪست. مون پلا ڪهڙو گناهہ ڪيو، جو هھڙي تعدي ٿي اٿم؟" بادشاهہ جواب ڏنو: "اڙي ڏيا! راڻي پل پيئي مذاقون ڪري، هن کي ڇڏي ڏي. صبح جو مون کي ڦاسيءَ تي چڙهڻو آهي، هاڻي اهڙي ڪا ڳالهہ ٻڌاءِ، جو رات جو ڪجهہ وقت وندر ٿئي." اتي ڏئي ڳالهہ شروع ڪئي:

"بادشاهہ سلامت، هڪڙا چار ماڻهو ڪنهن بادشاهہ جي ڪچهريءَ ۾ آيا، ۽ چيائون تہ 'اسين بادشاهہ وٽ نوڪري ڪنداسين.' بادشاهہ پڇين تہ 'اوهين پگهار ڪيترو وٺندا، ۽ ڪم ڪهڙو ڪندا؟' هنن ورندي ڏني: "بادشاهہ سلامت، جيڪي ڏينديں، سو وٺنداسين، ۽ ڪم اهو ڪنداسين جيڪو ٻيا نہ ڪري سگهن!" بادشاهہ عجب ۾ پئجي ويو، ۽ چئني ئي کي ڪٽي نوڪريءَ ۾ رکيائين. هي چارئي ڄڻا مان ڪيو وينا هجن. هاڻي اهڙو ڪم اچي ڪٿان، جو ٻيا نہ ڪري سگهن؟ آخر ڇهہ ٻارنهن مهينا گذريا.... اتفاق سان بادشاهہ جو پٽ گذاري ويو. لاش کڻي اجا مقام تي پهتا، تہ سج لهي ويو، ويتر جهڙ سبب اوندهہ انڌوڪار لڳي ويئي، ۽ آفت بہ اُتي ڪا بنهہ بي پير پيئي ڏسائبي هئي... سو ڪوبہ ماڻهو مقام ۾ ترسي ئي نہ پيو: تنهنڪري لاش کڻي واپس موٽي آيا. اتي وزير بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ 'بادشاهہ سلامت، رات جو مقام ڏانهن ڪوبہ ماڻهو ڪونہ ٿو وڃي: تنهنڪري هي جو چار ڄڻا وينا آهن، سي ڇا جي لاءِ آهن؟ اڄ اهو ڪم انهن کي ڏيو، تہ وڃي لاش دفن ڪري اچن.' بادشاهہ هنن چئني ئي کي گهرائي، سڄي ڳالهہ ٻڌائي، ۽ حڪم ڪيو تہ 'هي ڪم، جو ٻين کان نٿو ٿئي، سو توهان کي ڪرڻو آهي.' چارئي يار اها ڳالهہ خوشيءَ سان قبول ڪري، ضروري شيون ۽ لاش کڻي، سڌا مقام تي آيا. قبر کوٽي پاڻ ان ۾ تي وينا، ۽ لاش قبر جي مٿان رکي ڇڏيائون. صلاح ڪيائون تہ 'ڄڻا بہ آهيون چار ۽ رات جا پهر بہ آهن چار، تنهنڪري پاڻ مان هرهڪ پهر پهر جاڳي، ۽ ٻيا سمهن.' اها صلاح ڪري، هڪڙو

جاڳيو، ۽ پيا تي جتا سمهي رهيا. ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ، هن ڏٺو تہ ڪو شخص آهي، جو لاش ڏانهن پيو اچي. هن يڪدم ڏهہ ويهہ پٿر ميڙي پاڻ وٽ ڍڳ ڪري ڪٺي رکيا. اهو شخص سڌو لاش وٽ آيو. هن جي هٿ ۾ چار ڏونڪا هئا، تن مان ٻہ سيرانديءَ ۽ ٻہ پيرانديءَ هنيائين، تہ بادشاهہ جو پٽ اُٿي ويهي رهيو. پوءِ هن يڪدم چوٻڙ وڄائي، ۽ هو ٻيئي جتا پاڻ ۾ راند ڪرڻ ويهي رهيا. جڏهن راند ختم ٿيڻ تي هئي، تڏهن قبر ۾ويٺل همراهہ ڇا ڪيو، جو وني زور سان هڪ ٻئي پنيان پٿر اُڇلڻ لڳو. هن غيبي شخص، جو پٿرن جا ڦهڪا ٻڌا، سو ڪٽ تان لهي اُٿي ڀڳو. پوءِ هن همراهہ بہ يڪدم قبر مان نڪري، ڏونڪا ڪٽي پٽيا.... تہ بادشاهہ جو پٽ جهڙو هو تهڙو لاش تي پئجي رهيو، ۽ پاڻ اُها چوٻڙ ۽ ڏونڪا ڪٽي وري قبر ۾ گهڙي ويو. اِتي رات جو پهريون پهر پورو ٿيو، ۽ هو ٻئي جتي کي اُٿاري، پاڻ سمهي رهيو.

"ٻئي جتي ڪجهہ وقت جاڳڻ کانپوءِ، ڏٺو تہ هڪڙو اصيل نانگ ڦوڪون ڏيندو، اچي پاسي واري هڪڙي وڻ هيٺ پهتو آهي. گهڙيءَ کن ۾ وات مان مڻ ڪڍي، اُن جي جرڪي تي نانگ ٻيهي اُتي راند ڪرڻ لڳو. هن يار دل ۾ خيال ڪيو تہ اها مڻ ڪيئن بہ هٿ ڪجي: سو ڇا ڪيائين، جو پنوڙو ناهي، اُن ۾ ڪنڊا هڻي، اهو پٽڪي ۾ ٻڌي قبر مان نڪتو، ۽ لڪندو لڪندو، وڻ تي چڙهي ويو. اُتان آهستي آهستي اهو پنوڙو ڪٽي، سڌو مڻ تي اُڇليائين. نانگ، جو اوچتي اوندهہ ڏٺي، سو يڪدم مڻ واريءَ جاءِ تي آيو ۽ پنوڙي کي ڏنگ هڻڻ لڳو. نيٺ نانگ ڏنگ هڻي هڻي ڪنڊن وڳهي مري ويو. جڏهن نانگ مئو، تڏهن هيءُ همراهہ وڻ تان لهي آيو، ۽ مڻ ڪٽي، وَر ۾ وجهي، اچي قبر ۾ گهڙيو. اِتي رات جو ٻيو پهر ختم ٿيو، ۽ هو ٽئين ساٿيءَ کي اُٿاري، پاڻ سمهي رهيو.

"ٽيون جتو بہ ڪجهہ وقت تہ اوبا سيون ڏيڻ لڳو: نيٺ جڏهن چڱيءَ طرح سجاڳ ٿيو، تڏهن ڏٺائين تہ هڪ عورت آهي، جا ميڻهن واچ ڪندي پڳي اچي. هن کي پڪ ٿي تہ اها ڏائڻ آهي، جا لاشڪ شهزادي جي لاش

ڪاڻڻ لاءِ آئي آهي: تنهنڪري هي اڳواٽ ئي تلوار ڪڍي، هوشيار ٿي وينو. جيڏيءَ مهل ڏائڻ ويجهي آئي، تيڏيءَ مهل هن هڪل ڪيس... جنهن تي ڏائڻ دهلجي بيهي رهي. هيءُ به يڪدم قبر مان نڪري ٻاهر ٿيو.... ۽ ڏائڻ وٺي ڀڳي. هن تلوار اُڇلي هنيس، جنهن سان ڏائڻ جي ٻانهن به ڪپجي پيئي ۽ گندي به وجي پري پيس. هن اُها ٻانهن ۽ گندي ڪٽي، بلائتي ڪئي. پوءِ چوٿين ساٿيءَ کي اُٿاري، پاڻ سمهي رهيو.

چوٿون ساٿي اُٿي وينو. ويهندي ويهندي اچي فجر ٿي، پر هن ڪا به خاص ڳالهه ڪانه ڏٺي. دل ۾ خيال ڪيائين ته 'هنن ٽنهي جڻن ضرور ڪانه ڪا نشاني هٿ ڪئي هوندي، هاڻي آءٌ به ڪا چيز ته هٿ ڪريان!' اهو خيال ڪري، قبر مان ٻاهر نڪتو. لاش کي پنن پويان ڇڏي، مقام ڪان ٻاهر آيو. جان ڪٿي ڏسي، ته هڪڙو لشڪر آهي، جو مينهن واچ ڪندو ڪاهيندو اچي. هن به اوڏانهن رخ رکيو. جنهن وقت ڊوبڊو ٿيا، تڏهن هن لشڪر وارن کان خبر چار پڇي. هنن ٻڌايو ته 'اسين ديو آهيون، ۽ وڃون ٿا هن بادشاهيءَ کي تباهه ڪرڻ.' تنهن تي هن يار پڇين 'توهان ڳهٽا جڻا آهيو؟' ديون ورندي ڏني: 'هڪ ڳهٽ لک ديو آهيون.' اتي ديون وري هن کان پڇيو: 'تون ڪير آهين ۽ ڪيڏانهن پيو وڃين، ۽ پنن تي ڇا ڪنيو وڃين؟' ان تي هن جواب ڏنو: "آءٌ عزرائيل آهيان. الله تعاليٰ مون کي اڄوڪيءَ رات ۾ لک ديون جي ساهه قبض ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. ساري رات ڊوڙيو آهيان، تڏهن مس مس هڪڙي ديو جو ساهه قبض ڪيو اٿم، جو پويان ڪنيو وتان: شڪر ٿيو، جو ڳهٽيءَ تڪليف کان ڇٽي پيس- توهان سڀني جو ساهه قبض ڪري، اڄهو تو لک پورو ڪريان: تنهنڪري هاڻ توهين سڀ مرڻ لاءِ تيار ٿيو.' هن جي اها ڳالهه ٻڌي، ديون کي ڏڪڻي وٺي ويئي، ۽ آزيون نيزاريون ڪرڻ لڳا، مگر هي ـ هڪڙي ڳالهه وٺي بيهي رهيو. چي: 'سڀني جو روح قبض ڪندس.' تيستائين ديون چيس ته 'جيئن تون چوين، تيئن ڪرڻ لاءِ تيار آهيون... رڳو اسان جي جند ڇڏ!' تڏهن هن چين: 'هاڻي هڪڙي شرط سان اوهان کي ڇڏيو ٿو ڇڏيو

هيءَ تہ سج اُڀرڻ کان اڳ هن شهر جي ٻاهران سرِ روپي ۽ سرِ سونيءَ سان محلات نهي وجي. محلات جي اڳيان هڪ عاليشان باغ هجي، جنهن ۾ سونو نار پيو وهي. جي اهو شرط منظور ڪريو تہ توهان کي جيئدان ڏيندس، نہ تہ سڀني جو ساهہ قبض ڪندس.' ديون اها ڳالهہ منظور ڪئي ۽ وڃي ڪم کي لڳا.

"هي شخص بہ واپس قبر تي آيو، ۽ لاش کي ڏوليءَ ۾ سمهاري، تنهي ساٿين کي اُٿاريائين تہ 'هاڻي صبح ٿي ويو آهي، لاش کي دفن ڪريو، تہ هلون.' ان تي پهرئين جٽي جنهن وٽ ڏونڪا ۽ چوٻڙ هئي، تنهن چيو تہ 'لاش کي پوربو ڪونہ، پر واپس کڻي هلنداسون.' پوءِ تہ لاش کڻي سڌو بادشاهہ وٽ آيا. وزيرن اميرن، جو ڏٺو، تن بادشاهہ کي چيو تہ 'هنن تہ پيسا ئي حرام ڪري ڇڏيا، اجهو لاش واپس کنيو اچن!' بادشاهہ کي ڪاوڙ بہ آئي، مگر صبر ڪري هنن کان خبر چار پڇيائين. تنهن تي پهرئين جٽي چيو: "بادشاهہ سلامت، اسان مان هرهڪ رات جو پهر پهر ورهائي کنيو هو. مون کي پهريون پهر مليو. هاڻي مون انهيءَ وقت ۾ ڇا ڏٺو، اهو بيان پڇاڙيءَ ۾ ٻڌائيندس. اول هنن کان پڇيو وڃي تہ هنن ڇا ڏٺو؟' بادشاهہ هرهڪ کان پڇيو، جنهن تي ٻئي پهر واري ساري ڳالهہ ٻڌائي، ۽ نشاني 'مڻ' ڪڍي بادشاهہ جي اڳيان رکي. وري ٽئين پهر واري بہ پنهنجو داستان ٻڌائي، ڏائڻ واري ٻانهن ۽ گندي کڻي بادشاهہ جي اڳيان رکي. چوٿين پهر واري بہ پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي، چيو تہ 'سائينءَ جن محلات تي چڙهي، يا سرزمين تي هلي، سر سوني ۽ سر روپيءَ وارو محلات پنهنجين اکين سان ڏسن.' بادشاهہ ۽ امير وزير گڏجي آيا، ۽ اچي ڏٺائون تہ برابر محلات، سونين ۽ روپين سرن سان، باغ سميت، تيار بيٺو آهي ۽ ان ۾ سونو نار چڙهيو تيار ٿيو بيٺو آهي. هاڻي بادشاهہ پهرئين جٽي کي چيو تہ 'تون بہ پنهنجو بيان ڪر!' ان تي هن ڇا ڪيو، جو اُهي ڏونڪا ڪڍي لاش جي بہ سيرانديءَ ۽ بہ پيرانديءَ کان هنيائين، تہ بادشاهہ جو پٽ ڪلمو پڙهي اُٿي ويهي رهيو. بادشاهہ پٽ کي جيئرو ڏسي ڏاڍو

خوش ٿيو ۽ هنن کي گهڻو انعام ڏنائين."

ايتري ڳالهه ڪري، ڏئي بادشاهه کي چيو: "اي بادشاهه، هاڻي ٻڌاءِ ته انهن چئن مان انصاف ڪنهن جو؟" بادشاهه جواب ڏنو: "ڏيا! انصاف ان شخص جو، جنهن بادشاهه جي پٽ جي جان بچائي، ٻيو وري انصاف ڪنهن جو!"

اتي راڻيءَ هڪل ڪري، چيو ته "او بيوقوف بادشاه، انصاف ان شخص جو، جنهن ديون کي بچائي، ڏيهه تان ڏرت لاٿو."

بادشاهه يڪدم اُٿي پير تي ڏونڪو هنيو ته "راڻيءَ مون سان ٽيون ٻول به ٻوليو!" پوءِ وري اچي راڻيءَ سان ڳالهائڻ لڳو، مگر راڻي وري به پٽ ٻنجي ويهي رهي.

بادشاهه وري لاچار ٿي، ٿنڀ کي هڪل ڪئي: "اي يار ٿنڀ!" ٿنڀ وراڻيو: "جيءَ راڻيءَ جا يار دلنڀ." اتي راڻي وڏيڪ حيران ۽ پريشان ٿيڻ لڳي ته 'اڄ منهنجو خير ڪونهي، جو محلات جي هرهڪ شيءِ پيئي ڳالهائي!' بادشاهه ٿنڀ کي چيو: "يار، تون به ڪا ڳالهه ٻڌاءِ، ته رات جو باقي هڪڙو پهر آهي، سو ته گذري وڃي؛ صبح جو ته هونئن ئي ڦاسيءَ تي چڙهندس." تنهن تي ٿنڀ ڳالهه شروع ڪئي:

"اي بادشاهه، هڪڙو سوداگر هو، جنهن وٽ ملڪيت ته ڪافي هئي، پر سندس مرڻ کان پوءِ سڄي ملڪيت سندس زال ۽ صغير پٽ خرچي کپائي ڇڏي. ڪجهه ڏينهن بعد، جڏهن هن جو پٽ اچي لائق ٿيو، تڏهن ماءُ کي چيائين ته 'اما مون کي ڪو دڪان کولي ڏي ته ٿورو گهڻو گذر سفر ويهي ڪريان.' ماءُ هن کي ڪپڙي جو دڪان کولي ڏنو. ڪجهه وقت گذرڻ بعد، ماڻس دل ۾ خيال ڪيو ته 'آءُ جو ماڻ ڪيو ويٺي آهيان، سو چونه ويهي ڪو ڪم ڪريان.' تنهن ويهي، پرت تي هڪ عاليشان رومال ناهي پٽ کي ڏنو، چيائينس ته 'هي رومال به وڃي دڪان تي رک، هن جو ملهه ئي ڪونهي- جنهن اگهه ۾ دل چوئي، تنهن اگهه ۾ ڏيئي ڇڏج.' هڪڙي ڏينهن هڪ شخص هن جي دڪان تي آيو، ۽ هن کان رومال جي قيمت

پڇيائين. ڇوڪري هڪڙي قيمت ٻڌايس. تنهن تي هن شخص چيس ته 'يار، مون وٽ ته ايتري رقم موجود ڪانهي؛ جي ڪنهن گهٽ رقم تي ڏين، ته ڏاڍو چڱو.' ڇوڪري ورندي ڏنيس ته 'يار سڌيو اٿيئي، ته هاڻي مون کي پئسو وٺڻ حرام آهي- رومال ڪٺي وڃ. يارن تان سر به صدقي، رومال ڪهڙي راس آهي!' هن شخص گهڻوئي نٽايو، مگر ڇوڪري رومال ڪٺي هٿ ۾ ڏنس. هلندي وقت انهيءَ شخص پنهنجو ڏس پتو ڏيئي، چيس: "يار، ڪاريءَ رات جو ڪم پويئي، ته به بنا حجاب جي هليو اچجئين- اڄ ڏينهن کان پنهنجي ياراني پڪي ٿي." ڇوڪري رات جو ماءُ کي سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي. ٻئي ڀيري وري ماڻس ٻيو رومال ڏيئي چيس ته 'ابا! هن رومال جي به قيمت ڪانه اٿيئي- جنهن ۾ دل گهريئي، تنهن ۾ وڪڻي ڇڏج.' ڇوڪرو اهو رومال کڻي، دڪان تي آيو. اتفاق سان انهيءَ ڏينهن سپهه سالار سندس دوڪان تي آيو، ۽ هن جي نظر وڃي رومال تي پيئي. رومال ڏاڍو وڻي ويس. تنهنڪري ڇوڪر کان رومال جي قيمت پڇيائين. ڇوڪر هن کي ڪا چڱي موچاري قيمت ٻڌائي، جنهن تي سپهه سالار چيس ته 'يار، قيمت گهٽ ڪر!' تنهن تي ڇوڪر چيس ته 'ادا، جي يار ٿو چوين، ته رومال ڪٺي وڃ- مون کي هاڻي پئسو وٺڻ به حرام آهي.' ائين چئي، رومال کڻي هن جي هٿ ۾ ڏنائين. سپهه سالار ڇوڪري جي صداقت ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ هن سان ويهي رهاڻ ڪيائين. آخر هلندي مهل، سپهه سالار چيس: "آءٌ بادشاهه جي لشڪر جو سپهه سالار آهيان، ڪنهن به وقت ڪم پويئي، ته منهنجو سر به تو دوست تان قربان آهي." ڇوڪري شام جو موٽي وري به ماءُ کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. ماڻس هن ڀيري به ڪانه ڪڇي، ۽ وري به هن کي ٽيون رومال ڏيئي چيائين ته 'هي اڳين ٻن کان به وڌيڪ قيمتي آهي، پر جيئن نظر ۾ اچيئي، تيئن وڪڻي ڇڏج.' هن ٻئي ڏينهن اهو رومال به دوڪان تي ٽنگي ڇڏيو. خدا جي قدرت، انهيءَ ڏينهن هن جي دوڪان تي هڪڙو ٻيو نوجوان چڙهي آيو، جنهن جي نظر به وڃي رومال تي پئي. دل کي وڻي ويس، سو ڇوڪر کان

قيمت پڇيائين. چوڪر قيمت ٻڌائي. پر وري ٻہ اڳين وانگر ريڙهہ پيڙهہ ڪندي، نوجوان چيو تہ 'يار، قيمت ۾ ڪجهہ چندچاڻ تہ ڪر.' دستور موجب چوڪر اهو ٻڌي، چيو تہ 'هاڻي وري يارن سان ليکا ڪهڙا؟ رومال کڻي وڃ، توکان هڪڙو پئسو وٺڻ بہ حرام آهي.' اهو نوجوان، جيڪو وزير جو پٽ هو، سو عجب ۾ پئجي ويو تہ هي دوڪاندار وري ڪهڙو آهي! هن رومال وٺڻ کان انڪار ڪيو، پر چوڪري زوريءَ کڻي هٿ ۾ ڏنس. انهيءَ تي وزيرزادي چيس: "دوست، اوکيءَ ويل ۾ منهنجو سر بہ تو اڳيان حاضر آهي." ائين چئي، وزيرزادو ويندو رهيو. چوڪري شام جو گهر اچي ماڻس کي چيو تہ 'اما، رومال تہ اڄ بہ هڪڙو يار آيو، سو کڻي ويو!' ماڻس ڪاوڙ مان چيس: "ابا! جي تنهنجا اهڙا ئي ٻيا يار آيا، تہ پوءِ تو بہ دڪان هلايو!" ٻئي ڏينهن وري ٻيو هڪڙو رومال ڏيئي تاڪيد ڪيائينس تہ 'هيءُ سڀ کان سنو رومال اٿيئي.' انهيءَ ڏينهن اتفاق سان بادشاهہ جو پٽ اتان اچي لانگهائو ٿيو، ۽ هن جي نظر وڃي رومال تي پيئي. شهزادي دڪان تي چڙهي، ان جي قيمت پڇي. چوڪري قيمت ٻڌايس. شهزادي ايتريءَ قيمت تي رومال وٺڻ نٿي گهريو؛ تنهنڪري ٻيهي سوال جواب پڇڻ لڳو. اتفاق سان هن جي وات مان بہ "يار" جو لفظ نڪتو. اتي چوڪر چيس: "جي يار ٿو سڏين، تہ رومال کڻي وڃ! يارن تان تہ سر بہ صدقي ڪري ڇڏجن!' ۽ رومال کڻي شهزادي جي هٿ ۾ ڏنائين. شهزادي پهرين تہ انڪار ڪيو، پر چوڪر زوريءَ رومال کڻي مڙهايس. آخر موڪلائڻ وقت شهزادي چيس: "يار، جيڪڏهن ڪوبہ ڪم مون ۾ پويئي، تہ ڪوبہ حجاب نہ ڪج. آءٌ هن ملڪ جي بادشاهہ جو پٽ آهيان." ائين چئي، شهزادو ويندو رهيو.

"هنن ڳالهين کي ڪجهہ ڏينهن گذري ويا. هڪڙي ڏينهن سوداگرزادو دير سان دڪان بند ڪري، بادشاهہ جي محلات وٽان اچي لانگهائو ٿيو، تہ اوچتو 'چور چور' جو آواز ٿيو. چوڪيدارن، جو هن کي ڏٺو، سو کڻي ٻڌائونس. ۽ يڪدم بادشاهہ وٽ وني ويس. بادشاهہ حڪم ڏنو تہ 'هن

ڪي سپاٽي ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي.‘ سوداگرزادي ڪان پڇيائون تہ ’توکي ڪجھہ چوڻو آهي؟‘ هن بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ ’منهنجا چار يار آهن، تن کي اطلاع ڏنو وڃي.‘ بادشاهہ اها ڳالهہ قبول ڪئي.

”سوداگرزادي جي پهرئين يار جڏهن اها حقيقت ٻڌي، سو اڌ رات جو ئي بادشاهہ وٽ آيو، ۽ عرض ڪيائين تہ ’بادشاهہ سلامت، منهنجي يار کي آزاد ڪيو وڃي. جيڪو بہ ڏنڊ ڏوهہ رکو، سو آءٌ ڀري ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.‘ مگر بادشاهہ انڪار ڪيو. اتفاق سان انهيءَ رات بادشاهہ تي پهري ڏيڻ جو وارو وزير جي پٽ جو هو. بادشاهہ کي بہ خبر پيئي تہ هيءُ بہ سوداگرزادي جو يار آهي، سو هن کي بہ چرڪ وچان ننڊ نہ آئي، ۽ پئي پاسا اُٿلايائين. وزيرزادو بہ تلوار مياڻ ۾ تيار ڪيو بيٺو هو، تہ ڪٿي بادشاهہ کي ننڊ اچي تہ پورو ڪريانس. بادشاهہ خيال ڪيو تہ ڏسان هيءُ ڇا ٿو ڪري، سو دت هٿي پئجي رهيو. وزيرزادي بہ وجھہ ڏسي تلوار سان وار ڪرڻ جي ڪئي، پر بادشاهہ کٽي جهليس، ۽ چيائينس تہ ’مون کي خبر آهي تہ تون هن جو سچو يار آهين، تنهنڪري توسان واعدو ٿو ڪريان تہ تنهنجي دوست کي ڦاسي ڪونہ ڏيندس. تنهنجي ياريءَ جي خبر پيم، باقي ٻين يارن جي بہ تہ خبر پوي.‘ وزيرزادي کي جڏهن پڪ ٿي تہ منهنجي يار جو وار بہ ونگو ڪونہ ٿيندو، تڏهن هن ڪٿي صبر ڪيو. وري جڏهن بادشاهہ جي پٽ کي خبر پئي، تڏهن هن يار کي ڇڏائڻ لاءِ پيءُ سان بغاوت ڪرڻ جو خيال ڪيو، ۽ رات وچ ۾ لشڪر جو ڪجھہ حصو وٺي، ڦاسيءَ گهاٽ وٽ ويهاري ڇڏيائين- انهيءَ لاءِ تہ جنهن وقت سوداگرزادي کي سپاهي ڦاسيءَ لاءِ وٺي اچن، ان وقت حملو ڪري، يار کي بچايو وڃي. هنن ٽنهي يارن جي خبر سوداگرزادي کي پيئي، مگر چوٿون يار سپهہ سالار پيدا ڪونہ ٿيو. سوداگرزادي کي ان جو ڏاڍو ويچار ٿي پيو. اِتي صبح بہ اچي ٿيو. بادشاهہ حڪم ڪيو تہ ’هن کي ڦاسي ڏني وڃي.‘ اتي سوداگرزادي وري بہ عرض ڪيو تہ ’بادشاهہ سلامت، منهنجو باقي چوٿون دوست اجا ڪونہ آيو آهي، تنهنڪري مون کي سندس گهر وٽان وٺي

هلو، جيئن آخري وقت ۾ سندس منهن ڏسان.' بادشاهه هن جو اهو عرض به قبول ڪيو، ۽ پاڻ به ساڻس هلڻ لڳو. انهيءَ خيال سان ته هن جي ٻين ٽن دوستن جي سچائيءَ جي به خبر پئي، باقي چوٿون يار ڏسان ته ڪهڙا ٿو ڪمال ڪري. جنهن وقت سپهه سالار جي در وٽ پهتا، تڏهن خبر پيئي ته رات هن جي شادي ٿي آهي، ۽ هينئر لائون لهي ويٺو آهي. سوداگرزادي سڏ ڪيس: "او يار، ٻاهر نڪر، ته آخري ديدار ته ڪريون- ڦاسيءَ تي ته ائين ئي ٿو چڙهان!" سپهه سالار ويچاري، جو پنهنجي يار جو سڏ ٻڌو، سو يڪدم تلوار هٿ ۾ ڪٽي اُٿيو. ڪنوار، جو هن جي حالت ڏٺي، ۽ ويتر تلوار هٿ ۾ ڏٺائينس. تنهن سمجهيو ته اڄ خير ڪونهي. سو مڙس کي ڪٽي جهليائين. مگر سپهه سالار زال کان جند ڇڏائي، اڃا اڳيرو هليو، ته هن وري اچي پويان جهليس. اتي سپهه سالار ڏٺو ته هيءَ رن ڇڏي ئي ڪانه ٿي، سو زال کي هڪ ئي ڌڪ سان ختم ڪري، ٻاهر نڪتو. تلوار رت سان ڀريل، شاديءَ وارا ڪپڙا، شينهن وانگر گوڙ ڪري، بادشاهه تي حملو ڪيائين. چي: 'جيسين منهنجي سسيءَ ۾ ساهه آهي، تيسين يار جو نالو ڪير وٺي؟' سپاهين سپهه سالار کي به گرفتار ڪري، ڪٽي ڦاسي گهاٽ جو رستو ورتو. اڃا ڪجهه اڳتي هليا، ته پريان هٿيارن پهنوارن سان هڪڙي ٽولي ظاهر ٿي، جنهن جو اڳواڻ شهزادو هو. شهزادي اچڻ شرط بادشاهه کي چيو ته 'بادشاهه سلامت، منهنجي هن ٻي ڏوهي يار کي آزاد ڪر، نه ته پهريائين مون سان جنگ ڪر، ۽ پوءِ منهنجي يار کي ڦاسي ڏي.' بادشاهه هنن چئن ئي دوستن جي سچائي ڏسي، سڀني کي چيو: 'مون وزير جي پٽ سان رات ئي واعدو ڪيو هو ته آءٌ توهان جي يار کي ڦاسي ڪونه ڏيندس. مون کي فقط اوهان جي ياريءَ جو امتحان وٺڻو هو.' ائين چئي، سوداگر جي پٽ کي آزاد ڪيائين."

اينتري ڳالهه ڪري، ٽنپ پڇيو ته "اي بادشاهه، هاڻي ٻڌاءِ ته انصاف ڪنهن جو؟"

بادشاهه جواب ڏنو: "انصاف وزيرزادي جو، جنهن بادشاهه کي

ماريو ٿي، تڏهن ئي باد شاهه ڪيس ڇڏڻ جو واعدو ڏنو." انهيءَ تي راڻيءَ هڪل ڪئي تہ "اي بيوقوف باد شاهه، انصاف سٽپهه سالار جو، جنهن پنهنجي دوست خاطر پنهنجي نئينءِ ڪنوار کي بہ ڪهي ڇڏيو."

اتي باد شاهه اُٿي پير تي ڏونڪو هنيو تہ "راڻيءَ مون سان چوٿون ٻول بہ ٻوليو!"

باد شاهه، جو محلات ۾ انتظار ۾ وينو هو، سو ڏيءُ وٽ آيو، ۽ چيائينس تہ "تو چار دفعا باد شاهه سان ڳالهايو آهي، هاڻي اقرار موجب تون هن جي زال ٿي چڪينءَ."

بس، پوءِ تہ ڏاڍي ڌام ڌوم سان شادي ٿي- ڪجريون پيون ڪُسن، ٻڪريون پيون نچن: ٻوڙ پلاءُ جي هونگ لڳي ويئي.... اسان جهڙا غريب غربا پيٽ ڪائڻ ۽ ڪٽڻ ۾ مشغول ٿي ويا- ۽ باد شاهه بہ چوٻول راڻيءَ کي وٺي پنهنجي ملڪ ۾ آيو.

اِتي هنن چئن ئي جٽن باد شاهه کي وعدو ياد ڏياريو. باد شاهه انهن کي ٻڪر جو خون معاف ڪيو، ۽ هو چار ئي جٽا موڪلائي هليا ويا.

●●●●

●●●

●●●

●

انبولهہ راڻي

هڪڙي ڀيري، هڪڙي ٻڙ جي وڻ تي ٻہ نرماد پکي، چڪوو ۽ چڪوي، آکيرو ناهي اچي ويهي رهيا. انهيءَ ٻڙ سان اهڙو ڪو حساب هو، جو ڇهين ڇهين مهيني ان کي باهہ لڳندي هئي.... پر پکين کي اها خبر ڪانہ هئي. نيٺ پکين اُتي آنا لاٿا، جن مان ٻہ ٻچا ٿيا- ٻيئي نَر هئا. ڇهہ مهہ پورا ٿيا، تڏهن ٻڙ کي اوچتو اچي باهہ لڳي، چڪوو تہ باهہ ڏسي، پنهنجي جان بچائڻ لاءِ، اُڏامي ويو، پر مادي ويچاري پنهنجن ٻچن کي ڪوڙي ۾ ڪري ويهي رهي، ۽ ڌڻيءَ در وينتيون ڪرڻ لڳي تہ "اي مالڪ تون منهنجن ٻچن کي بچاءِ، توکان سواءِ اسان کي ڪو اجهو آسرو ڪونهي." ڌڻيءَ در هن جو عرض اگهاڻو، ۽ باهہ ٻرندي ٻرندي، جڏهن آکيري واريءَ ٽاريءَ وٽ آئي، تڏهن اُجهامي ويئي ۽ هو سڀ بچي ويا.

جڏهن باهه وساڻي، تڏهن چڪويءَ پنهنجن ٻچن کي چيو تہ "اوهين ويهو، تہ آءٌ اوهان جي لاءِ چوڳو هٿ ڪري اچان." ائين چئي، اُتان اڏامي ويئي. هن جي وڃڻ کان پوءِ، چڪوو آيو، ۽ ڏٺائين تہ ٻڙ جي باهہ وسامي ويئي آهي.... تڏهن پاڻ اچي ٻچن جي پرسان ويهي رهيو. ٻچن ڏنو تہ بابا اسان کي تڪليف ۾ ڏسي پڇي ويو هو ۽ هينئر آيو آهي، سو ڪيس نؤنگا هڻڻ لڳا. چڪوي چيس تہ "ٻچا، آءٌ توهان جو پيءُ آهيان- نونگا ڇو ٿا هڻو؟" ٻچن چيو تہ "جڏهن ٻڙ کي باهہ لڳي هئي، تڏهن تون ڀڄي ويو هئين، ۽ امان ويني هئي.... جي تون اسان جو هجين ها، تہ ڀڄي ڪونہ وڃين ها؛ هاڻي نہ اسين تنهنجا ٻچا، ۽ نہ تون اسان جو پيءُ." انهن جو اجا جهيڙو هليو پئي، تہ ايتري ۾ مادي بہ چوڳو هٿ ڪري آئي. چڪويءَ جڏهن مڙس



کي ڏنو، تڏهن چيائين تہ "جنهن مهل اسين تڪليف ۾ هئاسين، تڏهن ڀڄي وئين، ۽ هاڻي وري ڇاجي لاءِ آيو آهين؟ پنهنجو گس وٺي هليو وڃ! اڄ

ڪانپوءِ، منھنجي ٻچن سان تنھنجو ڪوبہ واسطو ڪونھي." ائين ٻيئي اچي ٽڪريا- چڪوو چوي تہ "ٻچا منھنجا!" ۽ مادي چوي تہ "ٻچا منھنجا!"

نيٺ ٻيئي گڏجي، فيصلي لاءِ بادشاھہ وٽ آيا- چي: "تون اسان جو فيصلو ڪر تہ ٻچا پيءُ جا يا ماءُ جا؟" بادشاھہ چيو تہ "ٻچا پيءُ جا ٿيندا، ماءُ جو ڇا وڃي!" ان تي چڪويءَ چيو تہ "بادشاھہ سلامت، ڪُنياءُ ڇو ٿو ڪرين؟ جڏھن ٻچا باھہ ۾ ٿي سڙيا، تڏھن تہ ھي ڀڄي ويو ۽ آءُ ويھي رھيس... ۽ ھاڻي وري وڏو وارث ھيءُ ٿو ٿئي!" بادشاھہ چيو تہ "بس، منھنجو اھوئي فيصلو آھي." تڏھن چڪوي ويچاري ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي، روئندي روئندي، رواني ٿي ويئي.... ۽ نيٺ انھيءَ ڏک ۾، سامھون وڻ تي ويھي ويھي، آڪيري ڪي ڏسندي ڏسندي، مري ويئي.

مرڻ ڪانپوءِ، چڪويءَ وڃي ھڪڙي واڻئي جي گھر جنم ورتو، جتي ھن جو نالو ڪسونبا رکيو ويو. ڪسونبا، اڄ نندي سڀان وڏي، آخر اچي جوان ٿي. سيٺ جي ڀرواڙيءَ ۾ اوڏر رھيل ھئي، انھيءَ جي اُگاڙڻ جو خيال ڪري، ھن ڪانياواڙ مان ھڪڙو ڀلو گھوڙو گھرايو. اُتي جي بادشاھہ کي جڏھن گھوڙي جي خبر پيئي، تڏھن خيال ڪيائين تہ 'مون وٽ ڀلي گھوڙي بيني آھي، مگر ھتي ڪو ڀلو گھوڙو آھي ئي ڪونہ- تنھنڪري جي ڪانياواڙي ڀلو گھوڙو آيل آھي، سو ڇو نہ گھوڙي ميڙايان، تہ ڦر سٺو ٿئي.' اھو خيال ڪري، بادشاھہ سيٺ کي نياپو موڪليو تہ "پنھنجو گھوڙو ڏي، تہ آءُ پنھنجي گھوڙي ميڙايان." اھا خبر جڏھن ڇوڪريءَ کي پيئي، تڏھن پنھنجي پيءُ کي چيائين تہ "بابا، بادشاھہ کي گھوڙو ڀلي ڏيو، پر ھڪڙو انجام ونوس تہ جڏھن ڦر ڇھن مھينن جو ٿئي، تڏھن اسان کي ڏيکاري وڃي." بادشاھہ سيٺ سان اھو انجام ڪري، نيٺ پنھنجي گھوڙي ميڙائي. جڏھن گھوڙيءَ ناڻ ڏنو ۽ وڇيرو ٿيو، جو ڇھن مھنن تي انجام موجب سيٺ کي ڏيکارڻو ھو، تڏھن بادشاھہ کي اھا ڳالھہ وسري ويئي، ۽ مٿان اچي ان مھينا ٿيا. ڇوڪريءَ سيٺ کي انھيءَ ڳالھہ جي

يادگيري ڏيا يري تہ ”بابا، انجام موجب اجاتائين ڦر ڏيڪارڻ لاءِ ڪونہ موڪليو آهي.“ ان تي سيٺ باد شاهہ ڏي نياپو موڪليو، تڏهن بادشاهہ کي يادگيري پيئي، ۽ پنهنجن ماڻهن کي چيائين تہ ”گهوڙي وڇيري سميت ونئي وڃو، ۽ سيٺ کي ڦر ڏيکاري واپس آڻيو.“ بادشاهہ جا نوڪر گهوڙي ونئي سيٺ وٽ آيا، ۽ سيٺ ڇوڪريءَ کي چيو تہ ”گهوڙي آئي آهي، ان جو ڦر هليو ٿس.“ ڇوڪريءَ چيو تہ ”گهوڙي ڦر سميت حويليءَ ۾ اندر گهرايو.“ آخر گهوڙي اندر آئي، تڏهن ڇوڪريءَ پنهنجن ماڻهن کي چيو تہ ”وڇيرو ٻڌي ڇڏيو.“ انهن وڇيرو ٻڌي ڇڏيو، ۽ پاڻ بادشاهہ جي نوڪرن کي چيائين تہ ”وڇيرو اسان جو آهي- اهو فيصلو خود بادشاهہ جو پنهنجو ڪيل آهي- باقي گهوڙي ونئي وڃو، ۽ وڃي اها حقيقت بادشاهہ کي ٻڌايو.“ نوڪرن اها حقيقت اچي بادشاهہ سان ڪئي.... تڏهن بادشاهہ کي پنهنجي اڳئين فيصلي جي يادگيري پيئي، ۽ ڪٽي مات ڪيائين.

بادشاهہ جي پٽ کي جڏهن انهيءَ ڳالهہ جي خبر پيئي، تڏهن خيال ڪيائين تہ ’ڇو نہ اُنهيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪري، پوءِ طلاق ڏيئي، ڪانئس اهو وڇيري وارو وير ونان!‘ هي بادشاهہ جو اڪيلو ۽ دادلو پٽ هو، جنهنڪري بادشاهہ جو منئس گهڻو پيار هو، ۽ جيئن چوندو هو تيئن بادشاهہ ڪندو هو. شهزادي ڇا ڪيو، جو اونڌو ڪنولو ڪري سمهي رهيو. جڏهن بادشاهہ کي اها خبر پيئي، تڏهن يڪدم ڊوڙندو آيو، ۽ اچي پٽ کي پاڪر وڌائين، ۽ چيائين تہ ”پٽ، ڇنہ، توکي ڇا کپي؟ جيڪي چوين، سو آڻي ڏيانءِ.... تون ڪو خيال نہ ڪر.“ شهزادي چيو تہ ”بابا، مون کي اها واڻئي جي ڌيءُ پرڻاءِ.“ بادشاهہ کي سمجهايو تہ ”پٽ، تون شهزادو آهين، ۽ هوءَ پنهنجي رعيت ....سو، اها شادي نهي ئي ڪانہ ٿي. تنهن ڪانسواءِ، پاڻ مسلمان ۽ هو هندو، سو ڇوڪري ڪو ڏيندا؟ تنهنجون بہ راڻيون اڳيئي آهن.... وري بہ ڪنهن بادشاهہ جي ڌيءُ جيڪا چئين سا

توکي پرڻايان." مگر شهزادي ضد ڪيو ته "مون کي پرڻائين، ته اِها واڻئي جي ڌيءُ پرڻاءِ؛ جي نه، ته تون ڄاڻ، تنهنجي بادشاهي..... آءٌ وڃي ٿو جوڳي ٿيان." بادشاهه ڏٺو ته شهزادو ضد تان نه لهندو، تڏهن کيس دلاسو ڏيئي، اچي پنهنجي وزير سان صلاح ڪيائين. آخر ٻنهي ڄڻن صلاح ڪري، هڪڙو هوشيار ماڻهو واڻئي وٽ سڱ گهرڻ لاءِ موڪليو، جنهن اچي واڻئي سان اها ڳالهه ڪئي. واڻئي چيو ته "سائين! بادشاهه مسلمان، اسين هندو.... تنهن ڪانسواءِ، هو بادشاهه، اسين غريب - اهو سڱ ڪو نهي ٿو؟ مون کي پنهنجي برادري نيات مان ڪڍي ڇڏيندي! پيو جيڪو به حڪم بادشاهه جو ملندو، سو مڃڻ لاءِ تيار آهيان، باقي ڇوڪريءَ جو سڱ ڪونه ڏيندس." اهو ماڻهو واپس موٽي آيو، تڏهن بادشاهه وزير کي موڪليو- تنهن کي به واڻئي ساڳيو جواب ڏنو. تڏهن وزير کيس سمجهايو ته "بادشاهه کي هڪ پٽ آهي، جو ڏاڍو دادلو آهي. شهزادي ضد ڪيو آهي.... تون جي خوشيءَ سان سڱ ڏيندين، ته واه، نه ته بادشاهه زوريءَ به توکان سڱ وٺندو، جنهن ۾ تنهنجي بدنامي ٿيندي." اها خبر نيٺ ڪسونبا کي پيئي- ۽ اها به خبر پيس ته شهزادي جي دل ۾ ڇا هو- پر پيءُ کي چوائي موڪليائين ته "اوهين ڳڻتي پائيءَ جي نه ڪريو..... مان ڪري سڱ ڏيو." انهيءَ نياپي ملڻ تي، سيٺ بادشاهه کي سڱ ڏنو، ۽ رسم موجب ناريل ڇني ڏنو، ۽ ٽيٽو ڏسي، لڳن نهاري، شاديءَ جا ڏينهن به ڇتا ڪري ڏنا. وزير خوش ٿي موٽي ويو، ۽ وڃي سڄي حقيقت بادشاهه کي ٻڌايائين، جتي مبارڪون ملي ويون ۽ ڏاڍا شادمانا ٿيا. هنڌ هنڌ ڳالهه پکڙجي ويئي- ڇي: "واڻئي جي گهر بادشاهه جي پٽ جو وهانءُ ٿيو آهي!" جيترا وات اوتريون ڳالهيون، ڪو ڪيئن پيو چوي، ڪو ڪيئن شهزادي کي به راڻيون اڳ ۾ به هيون، جن کي شهزادي چيو ته "واڻئي جي ڌيءُ سان آءٌ فقط گهوڙي جي وڇيري جي وير پاڙڻ لاءِ شادي ڪريان ٿو، ۽ کيس هفتي اندر طلاق ڏيئي ڪڍي ڇڏيندس." جيئن

جيئن شاديءَ جا ڏانهن ويجها پوندا ويا، تيئن تيئن پنهي پاسي زور شور سان تياريون ٿيڻ لڳيون. آخر مقرر ڏينهن تي جڃ تيار ٿي، رواني ٿي، ڪنواريتن جڃ جو آدرڀاءُ ڪيو، شادي خير سان پوري ٿي، ۽ شهزادو ڪنوار وٺي گهر آيو. پوءِ ستن ڏينهن جا ست هفتا گذري ويا، پر شهزادو هجي، جو نئينءَ ڪنوار جي محلات مان نڪري، ڪنهن ڏانهن سنئون منهن ڪري نهاري به ڪين. تڏهن سندس اڳين راڻين کيس چوائي موڪليو تہ ”اُهي شهزادائي ڪهڙا، جيڪي پنهنجا وچن وساري ڇڏين..... ڪا هڪ اڌ نگاهہ تہ هيڏانهن اسان ڏانهن بہ ڪيڏيءَ مهل ڪندا ڪريو!“ اتي شهزادي کي پنهنجو قول ياد پيو، ۽ ڪسونبا کي چيائين تہ ”توکي طلاق ڏيندس!“ تڏهن ڪسونبا کلي چيس تہ ”مون ۾ ڪهڙي اوڻائي آهي، جو طلاق ٿو ڏين؟ مون کي طلاق ڏيئي، انبولهہ راڻي ٿوروئي پرڻجي ايندين... اهڙو بهادر هجين ها، تہ پهرين اُها وڃي پرڻجين ها!“ شهزادي کي جاڪاوڙ لڳي، سو چيائين تہ ”تون بہ هتي، مان بہ هتي.... آءٌ انبولهہ راڻي ضرور پرڻبس.“ تنهن تي ڪسونبا چيس تہ ”پوءِ پهرين انبولهہ راڻي پرڻجي اچ- طلاق مون کي پوءِ بہ ڏيئي ٿو سگهين!“ هي ٻڌي، شهزادو پنهنجا بيلي ٻانها سنيرائي، گهوڙن تي چڙهي، انبولهہ راڻي پرڻجڻ لاءِ اُتي گهران روانو ٿيو، ۽ هڪ ولايت ڇڏي، ٻيءَ ولايت ۾ ويو، جتان ڏس پتو پڇندو، منزلون ماريندو، آخر اچي انبولهہ راڻيءَ جي ملڪ ۾ رسيو، ۽ نيٺ انهيءَ شهر ۾ پهتو، جتي انبولهہ راڻي رهندي هئي.

انبولهہ راڻيءَ جو شرط هو تہ ”جيڪو ماڻهو مون سان شادي ڪرڻ چاهي، سو پهرين نغاري تي ڏونڪو هڻي. آءٌ ان کي اندر گهرائيندس، ۽ سڄي رات پاڻ وٽ رهائيندس- ۽ انهيءَ وچ ۾ آءٌ اصل ڪونہ ڪڇنديس.... پر جي مون سائس ڳالهايو، تہ پوءِ آءٌ کيس مباح آهيان- ۽ جي نہ ڳالهايم، تہ صبح جو اُهو منهنجو غلام ٿي رهندو، ۽ آءٌ کيس پنهنجي مرضيءَ موجب وڪڻي ڇڏينديس: اهو شرط جنهن کي قبول هجي، سو اچي نغاري تي ڏونڪو هڻي!“

شهزادو بہ انبولهہ راڻيءَ جي شهر ۾ ڪجهہ وقت رهي، سموري خبر چار وٺي، هڪڙي ڏينهن وڃي نغاري تي بيٺو، ۽ ڪٽندي ڏونڪو زور سان هڪڙو، پيو، ٽيو يڪساهيءَ وهائي ڪڍيائينس. نغاري جو آواز ٻڌي، انبولهہ راڻيءَ هڪدم ڪيس اندر گهرايو. پوءِ تہ ساري رات شهزادي ڪي جيڪي مرليون وڄائيون هيون، سي وڄائي وڃي دنگ ڪيائين- پر راڻيءَ ڪي، جو نہ ڳالهائڻو هو، سو چپ سڀي ويهي رهي.... تان جو اچي صبح ٿيو، ۽ انجام موجب راڻيءَ هن کي پنجن ڪوڏين ۾ هڪڙي چاڪيءَ وٽ وڪڻي ڇڏيو، جنهن هن کي وٺي وڃي گهاڻي تي بيهاريو، جتي ويچارو سڄو ڏينهن ڍڳو ٿيو پيو گهاڻو گهليندو هو.



شهزادو جيئن گهران نڪتو، تيئن سندس پيءُ کي ڪا بہ خبر ڪا نہ هئي تہ هي ڪيڏانهن ويو هو. بادشاهہ جي ليکي تہ شهزادو اڳيئي گهمڻ ڦرڻ ۽ سير شڪار تي ويندو آهي ۽ موٽي ايندو آهي، سو هينئر بہ گهمڻ ڦرڻ ويو هوندو. ٽي چار مهينا گذريا، شهزادو نہ موٽيو، تڏهن پڇا ڪيائين

..... سڀ پيا چون ته "اسان کي خبر ناهي." آخر شهزادي جي ٻن راڻين جي محلات مان پڇا ڪيائين. جنان ٻه ڪو پتو ڪونه پيس. نيٺ بادشاهه شهزادي جي ننڍيءَ راڻيءَ وٽ لنگهي ويو، جنهن سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس ته "اڙٻنگ شهرادو انبولهه راڻي پرڻجڻ ويو آهي!" بادشاهه انبولهه راڻيءَ جا شرط اڳيئي ٻڌا هئا، سو خاطري ٿيس ته شهزادي کان اُهي شرط پورا ٿي نه سگهيا آهن، ۽ هو ڪنهن نه ڪنهن تڪليف ۾ ضرور آيو آهي، ۽ تنهنڪري واپس موٽي نه سگهيو آهي، سو پنهنجن ماڻهن کي چيائين ته "وڃي شهزادي کي ڳولي وٺي اچو." بادشاهه جا ماڻهو پوءِ چئني ئي ڪنڊن تي پکڙجي ويا، پر ڪيترائي ڏينهن گذري ويس، ۽ منجهانئن ڪوبه واپس ڪونه موٽيو. تڏهن ڪسونبا بادشاهه کي چيو ته "اجا ته شهزادي جو ڪو پتو ڪونه پيو آهي، هاڻي مون کي نوڪر چاڪر ڏيو، ته آءٌ ٿي شهزادي کي هٿ ڪري اچان." بادشاهه کيس اجازت ڏني، ۽ نوڪر چاڪر ۽ مال اسباب ڏيئي، کيس روانو ڪيائين.

ڪسونبا چا ڪيو، جو مردانو ويس ڪري، پيلي ٻانها وٺي، گهوڙن تي چڙهي رواني ٿي، ۽ هڪلينديءَ هڪليندي، نيٺ اچي انبولهه راڻيءَ جي شهر ۾ پهتي. اُتي هڪڙو مندر هو، جنهن ۾ سڀ وڃي لٿا، اُنهيءَ مندر ۾ هڪڙو جوڳي رهندو هو، جو ڇهه مهينا سمهي ننڊ ڪندو هو ۽ ڇهه مهينا جاڳي ڏٿيءَ جي عبادت ڪندو هو. هي جڏهن اتي پهتا، تڏهن جوڳي ننڊ ۾ هو، ۽ جڏهن ٿن جي جاڳڻ جو وقت ويجهو آيو، تڏهن ڪسونبا، جا مرداني ويس ۾ هئي، تنهن وڃي هن لاءِ دونهين دکائي تيار ڪئي. ڇهه مهينا پورا ٿيا، جوڳي جاڳيو... ۽ ڏسي ته دونهين اڳي ئي تيار آهي، ۽ سامهون هڪ سهڻو جوان ڪرنش ۾ بيٺو آهي. پوءِ ڪسونبا هٿ ٻڌي، ۽ سيس نمائي، چيو ته "آديس گهرو!" جوڳي هن جي اهڙيءَ نماڻائيءَ تي بلڪل خوش ٿيو، ۽ دونهين مان رک ڪڍي، ٻت کي ملي، ڀڀوت ٿي، ڌيان ۾ ويهي رهيو.... ۽ دير دير ڪانپوءِ، جولان ۾ اچي، هن ڏانهن منهن ڪري،

چيائين: ”بچا، جو تنهنجي دل ۾ آهي، سو اسان سڀ سمجهون ٿا، پر جيڪڏهن آديس گرو نہ ڪرين ها، تہ اهڙ جيڏا داڻا ڪري ڇڏيونءِ ها: هاڻي جيڪي گهرڻو هجيئي، سو گهر!“ تڏهن ڪسونبا چيو تہ ”مون کي انبولهہ راڻيءَ سان شادي ڪرڻي آهي- مهرباني ڪري آسيس بہ ڪريو ۽ مدد بہ ڪريو، جيئن من جي مراد پوري ٿئي.“ تڏهن جوڳيءَ خوش ٿي، هن کي آسيس ڪئي، ۽ دونهين مان ڪجهہ رک ڪڍي هن کي ڏيئي چيائين تہ ”هيءَ رک پاڻ سان قابو بڌي ڇڏ. توکي راڻيءَ جي شرطن جي خبر آهي.... جڏهن راڻي توکي اندر گهرائي ۽ تون ڳالهائي ڳالهائي ڪڪ ٿين- ۽ راڻي تو سان نہ ڳالهائي- تڏهن راڻيءَ جي کابي هٿ جي چيچ جهلي، ان کي هيءَ رک ملج.... انبولهہ راڻي پنهنجي بالڪي آهي- اميد تہ تنهنجي من جي مراد پوري ٿيندي.“ ڪسونبا رک وٺي قابو ڪئي، ۽ جوڳيءَ کان آسيس وٺي، موڪلائي ٻاهر نڪتي، ۽ وڃي نغاري تي ڏونڪو هنيائين. نغاري جو آواز ٻڌي، انبولهہ راڻيءَ کيس اندر گهرايو. پوءِ تہ ڪسونبا ڪيترين ئي هيٺ مٿي، اوپاريون لهواريون ڳالهيون ويهي ڪيون، پر انبولهہ راڻي اهڙي ڪچي جهڙي پٿ. پوءِ پره ڦٽيءَ مهل، ڪسونبا، راڻيءَ جي کابي هٿ جي چيچ جهلي، ان کي رک ملي.... ۽ پوءِ ٽڏو ساهہ پري چيائين: ”انبولهہ راڻي، هاءِ هاءِ!“ ڪسونبا جي بس اينري چوڻ جي دير هئي- ۽ انبولهہ راڻيءَ کان جهليو نہ ٿيو، ۽ چيائين: ”جيءُ ڙي ڪوسنبا راءِ!“ پوءِ، ڪسونبا تہ ڪسونبا، پر جنهن ڳالهہ ٻڌي، سو حيران ٿي ويو- چوڌاري واڌايون وري ويون، ۽ ماڻهن دوڙي وڃي اها خبر انبولهہ راڻي جي پيءُ بادشاهہ کي ٻڌائي، جو بہ ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ هڪدم دهل گهرائي شاديءَ جي تيارين کي لڳي ويو، ۽ ڏينهن چٽا ڪري، ڪسونبا سان ڌيءُ جي شادي ڪرائي ڇڏيائين.

انبولهہ راڻيءَ جي شادي، جو ٿي، سو پٽ جي هونگ لڳي ويئي- امير اُمرا، غريب غربا سڀ ڪائي خوش ٿي پئي ويا.... جيڪو ٿي آيو، سو

ڪائي پي، پٽ جي هڙ بڌي ٿي موٽيو- سڄو شهر پئي ڪائڻ آيو. تڏهن چاڪيءَ پنهنجي نوڪر "شهزادي" کي چيو ته "تون به وڃ، شادي ڏسي، پٽ ڪائي اچ، ۽ اسان جي لاءِ به ڪٽي اچ." سو هي به ويچارو پٽ ڪائڻ ويو. ڪسونبا حڪم ڪيو هو ته "جيڪو ماڻهو پٽ ڪائڻ اچي، سو پهرين مون وٽ حاضر ڪري، پوءِ ان کي پٽ ڪارائيندا وڃو." نوڪر سڀ ڪنهن ماڻهوءَ کي هن وٽ وٺي پئي آيا ، ۽ ڪسونبا انهن کي ڏسي، نوڪرن کي حڪم پئي ڏنو ته "هاڻي هن کي پٽ ڪارائي، ڏؤ ڪرائي، روانو ڪريو." جڏهن شهزادو چاڪيءَ جي نوڪر جي ويس ۾ پٽ ڪائڻ لاءِ آيو، تڏهن نوڪر کيس ڪسونبا وٽ وٺي آيا ، جنهن کيس سڃاتو ۽ نوڪرن کي چيائين ته "هن کي ڪٿو ڪٿو ڪري پٽ ڪارايو، جيئن آهستي آهستي ڪائي، ۽ پوءِ ڪائي بس ڪري، ته مون وٽ وٺي اچوس." هن ويچاري گهاٽي جي ڏڪي دل ۾ چيو ته "يا خدا ، هي ڇا؟ ساري خلقت ڪايو وڃي، مون لاءِ هتي به مصيبت- جيڪا ٿڙي، سا ڪاٽي جي اک ۾! هاٽي، الاجي ڇا ڪندا؟ الاجي ٻي وري ڪهڙي مصيبت اچڻي آهي." سو ويچاري کي ڊپ وچان ماني به نه وڻي، ۽ مٿان وري چونس ته "ڏؤ ڪري ڪاءُ- شاهي حڪم آهي!" پوءِ ته چانور ڇانور ڪري، چڻي چڻي، ويچاري جي ڄڙهه .ئي نڪري ويئي.... مٿان اچي رات پيس، تڏهن مس وڃي ڪا ڦيلهي پٽ جي نڙيءَ ڪان هيٺ لٿس، پوءِ غريب کي ڇڪي وٺي آيا ڪسونبا راڻيءَ وٽ، جنهن ڪانئس حال احوال پڇيو، ۽ چيائينس ته "ڊپ نه ڪر، سچي سچي حقيقت ڪري ٻڌاءِ- توسان ڪهڙي ويڌن آهي؟" پوءِ ڏڪندي ڏڪندي، هن سچي سچي حقيقت ڪري ٻڌائي..... تڏهن ڪسونبا بادشاهه جي وزير کي گهرائي، چيو ته "هن ويچاري جي قيمت ئي ڪيتري! هاٽي گهاٽائيءَ وٽ وڃ، پنجن ڪوڏين بدران پنج ٽڪا کيس ڏيئي، هن جي جند ڇڏائي اچ!" وزير گهاٽائيءَ کي گهرائي چيو ته "تنهنجي نوڪر جي بادشاهه جي نانيءَ کي ضرورت آهي، تو پنجن ڪوڏين ۾ خريد ڪيو آهي، اسين توکي

هن جا پورا پنج ٽڪا ڏيون ٿا- سي وٺ، ۽ نوڪر ڏي." گهاٽائيءَ ڏنو تہ پنجن ڪوڏين جا پنج ٽڪا بہ ٿا ملن، ۽ هن روئٽيءَ صورت مان جند بہ ٿي ڇٽي- ۽ بادشاهہ جو نئون ناني بہ ٿو راضي ٿئي- سو وزير کي چيائين تہ "سائين، لهي تہ هيءُ ڪوڙي ڪوڏي بہ ڪونہ، اوهان تہ مون کي پنجن ڪوڏين جا پنج ٽڪا ٿا ڏيو! آءٌ تہ هونئن ئي هن ڪوڙي ڏڳي مان ڪڪ آهيان.... ڪيو پنج ٽڪا، ۽ ڪاهيو هن گاهہ جي وٽاهہ کي!" پوءِ وزير هن ڏڳي شهزادي جي جند ڇڏائي، ان کي آڻي ڪسونبا وٽ حاضر ڪيو، ۽ ٻڌايائينس تہ چاڪيءَ کهڙا ٿي هن جي سارهہ جا ڏڪ پريا.... جيڪي وزير جي واتان ٻڌي، ڪسونبا کلي کلي کيري ٿي پيئي!

رات جو، انبولهہ راڻي جڏهن ڪسونبا سان گڏي، تڏهن ڪسونبا وچان ترار رکي، رات گذاري صبح ڪيو.... ۽ اهڙيءَ ريت جڏهن بہ چار راتيون گذريون، تڏهن انبولهہ راڻيءَ هن کان ان جو سبب پڇيو. تنهن تي ڪسونبا چيو تہ "سبب تہ ڪوبہ ڪونهي، پر منهنجي باس باسيل آهي تہ ڇهہ مهينا عورت کي ويجهو نہ ويندس- جن مان چا رمهينا ٿيا آهن، باقي بہ مهينا آهن، اُهي پورا ٿين، تہ پوءِ تون منهنجي راڻي آهين ۽ آءٌ تنهنجو شهزادو.... تون ڪوبہ خيال نہ ڪر."

پوءِ ڪجهہ وقت اُتي رهڻ بعد، موڪلائي سڀ واپس موٽيا. شهزادو بہ نوڪر جي حالت ۾ ساڻن گڏ هو. منزلون ڪندا، اچي پنهنجي شهر کي ويجهو پهتا. شهر کان اجا منزل ٻن جي پنڌ تي ئي هئا، تہ ڪسونبا هنن کي چيو تہ "اوهين هتي ترسو، تہ آءٌ هتان جي بادشاهہ سان ملاقات ڪري اچان." ائين چئي، هنن کي ڇڏي، پاڻ بادشاهہ وٽ آئي، ۽ اچي سچي حقيقت ڪري ٻڌايائينس، ۽ پاڻ زنانا ڪپڙا ڪري، چپ چاپ وڃي محلات ۾ ويئي. بادشاهہ باهر نڪري انبولهہ راڻيءَ وٽ ويو، ۽ هنن کي ڏاڍن دهلن دمامن سان گهر وٺي آيو. شهزادو پنهنجي پيءُ کي ڏسي، عجب ۾ پئجي ويو. پوءِ تہ بادشاهہ، هن کي ڳراٽڙي پائي، پريرو وٺي، وڃي سچي حقيقت

ڪري ٻڌائي، جا ٻڌي شهزادو ڏاڍو ڦڪو ٿيو. انبولهہ راڻي بہ هيءَ ڳالهہ ٻڌي، عجب ۾ پئجي ويئي، ۽ وڏي محلات ۾ ويئي، جتي ڪسونبا زناني ويس ۾ ويٺي هئي. ٻئي ڄڻيون هڪٻئي کي ڏسي، اچي ڪل ۾ ڇتيون، ۽ کلي کلي پيٽ ۾ سور پئجي وين. هي اجا ڪل ڇرچي ۾ هيون، تہ مٿان شهزادو بہ آيو. ڪسونبا ڪيس ادب سان اٿي چيو تہ "انبولهہ راڻيءَ سان شادي ڪري موتيا آهيو، ان لاءِ مبارڪون هجنو- پر ڏينهن سو گهٽا لاتو!" شهزادو ڏاڍو شرمسار ٿيو- بس ذرتي جاءِ ڏئيس، تہ هوند پيهي وڃي.... ۽ ڪسونبا کي ڪٽي پاڪر وڌائين- چي: "سبق سڪٽو هوم، سو سکيس.... وڌيڪ بچڙو نہ ڪرينم- نہ تہ باقي جيئڻ ئي ڪهڙو!" پوءِ ڪسونبا شهزادي کي معافي ڏني، ۽ کلي خوش ٿي هڪٻئي سان ڪير کنڊ ٿي ويا.

●●●●
●●●
●●
●

لالُ شهزادو

ڪنهن زماني ۾، هڪڙو ڪو بادشاهه هو، جنهن کي ٻي ته دنيا ۾ ڪنهن ڳالهه جي ڪمي ڪانه هئي، پر اولاد جو سڪايل هو. بادشاهه کان وڌيڪ، رات ڏينهن، راڻيءَ کي اولاد جو فڪر ۽ ارمان هوندو هو. هڪ ڏينهن راڻي، شاهي محلات جي ڪِڙڪيءَ تي اڪيلي ئي اڪيلي، اداس ۽ وياڪل، ويٺي هئي، ته اوچتو پريان نظر وڃي هڪڙي فقير تي پيس. فقير به راڻيءَ کي ڏٺو، ۽ هن کي ايترو اداس ڏسي، خيال ڪيائين ته 'راڻيءَ کي دنيا جون سڀ نعمتون موجود آهن... پوءِ ڪهڙو سبب آهي جنهن کان راڻي ڏکويل آهي؟ لاشڪ، راڻيءَ کي اولاد جو ڳاراڻو ئو ماري!' سو، وڃي محلات جي در تي صدا هنيائين. ٻانهيءَ هن کي خيرات ڏيڻ جي ڪئي، پر فقير وٺڻ کان انڪار ڪيو، ۽ چيائين ته "راڻي پنهنجن هٿن سان خيرات ڏئي، ته فقير دعائون ڪنس!"

ٻانهيءَ سموري ڳالهه اچي راڻيءَ کي ٻڌائي. راڻيءَ سمجهيو ته 'فقير لالچي آهي، ڏسي ٿو ته راڻيءَ جي هٿن سان جيڪا خيرات ملندي، سا ٻانهيءَ جي خيرات کان گهڻي هوندي.... پر فقير آهي، پل وجي خوش ٿئي- لهي مون مان به ڪونه ويندو.' پوءِ هن هڪڙي مهر ڪٺي، اچي فقير جي جهوليءَ ۾ وڌي، پر فقير مهر وٺڻ کان انڪار ڪيو، ۽ چيائين ته "راڻي، خيرات ۾ ڏيڻو اٿئي، ته ڳچيءَ جي هار مان هڪڙي 'لعل' لاهي ڏي." راڻيءَ ڪلي، هار مان لعل ڪڍي، ڪٽي فقير کي ڏني. فقير خوش ٿي چيس: "راڻي! هاڻي گهر، جيڪي گهرڻو اٿيئي!" راڻيءَ اکين ۾ پاڻي آڻي چيو: "فقير سائين! الله جو ڏنو سڀڪجهه اٿم، باقي اولاد جي ٻُکي آهيان- خدا کان پني، مون کي ڪو اولاد ڏيار!" فقير چيس ته "راڻي، دلگير نه ٿيءُ! الله ڪندو ته توکي لعل عوض لالُ ملندو." ائين چي، فقير رمندو رهيو.

خدا جي قدرت سان، راڻيءَ کي اميداواري ٿي. بادشاهه به خوش ٿيو، ۽ خير خيراتون ٿيڻ لڳيون. هڪڙي ڏينهن، راڻي هندوري ۾ ليٽي پيئي هئي، ته اوچتو سندس اک وڃي مٿان هڪڙي جهرڪيءَ جي آکيري تي پيئي. ڇا ڏسي، ته جهرڪ ۽ جهرڪي، اڪيلائي اڪيلا، هڪٻئي تي گهوريا پيا وڃن! راڻي انهن پکيئڙن جي ايڏي پريت ڏسي، اينري ته خوش ٿي، جو هر روز هندوري ۾ ليٽي، آکيري ۾ اک وجهيو ويٺي رهندي هئي. ٿورا گهڻا ڏينهن گذريا، ته جهرڪيءَ به آنا لاٿا.... ٻچا ڦٽا.... ۽ پوءِ، هڪڙي ڏينهن، ويچاري جهرڪي ڪٿي ونجي پيئي.... ۽ واپس ڪانه آئي، سا ڪانه آئي! ڏينهن به گذريا نه گذرئي جهڙا.... ته جهرڪ سان گڏ ٻيءَ هڪڙيءَ جهرڪيءَ اچي آکيري ۾واسو ڪيو- ۽ اچڻ سان ٻچن کي ونندي ڪنيڙاتين ڪان، اُڇلائي هيٺ ڦٽي ڪري ڇڏيائين.... ۽ پوءِ ويهي جهرڪ سان پيار ونڊڻ لڳي! راڻي، هيءَ ماجرا ڏسي، اُڇانگ ڏيئي هندوري مان اُٿي، ۽ ڪارو ويس پائي، اونڌي منجي ڪري، سمهي رهي. بادشاهه آيو، جنهن راڻيءَ جي اها حالت ڏسي، ڪانئس پڇيو ته "ڇا ڳالهه

آهي؟" راڻيءَ جھرڪين وارو سمورو قصو ڪري ٻڌايس، ۽ چيائينس تہ "تي سگهي ٿو تہ مون سان بہ اهڙي حالت ٿئي.... انهيءَ ڪري مون سان واعدو ڪر تہ مون ڪان پوءِ ٻي شادي نہ ڪندين؟" بادشاهہ راڻيءَ کي، ڳراٽڙي پائي، دلداري ڏني، ۽ ساڻس انجام ڪيائين تہ 'چاهي ڇا بہ ٿي پوي، توکان پوءِ ٻي شادي ڪانہ ڪندس!'

ڏينهن پڄاڻا، راڻيءَ کي هڪ پٽ ڄائو- نالو رکيائونس "لالُ". پر راڻي ڍهي پيئي، ۽ اڄا ڇوڪري کي ڄائي پنج ڇهہ مهينا مس گذريا، تہ راڻيءَ دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. راڻيءَ جي موت کي اڄا ڪي مهينا ئي ڪين گذريا، تہ اميرن وزيرن اچي بادشاهہ کي ورايو- چي، "بادشاهہ سلامت! انسان نِرجو آهي- مٿي پنيان ڪيترو ڪو مري سگهندو! ٻيءَ ڳالهہ لاءِ نہ، تہ پنهنجي راڄ رعيت لاءِ ئي سهي- حضور جن کي ٻي شادي ڪرڻ ئي کپي!" پر بادشاهہ صفا نابري واري- ۽ ائين ڪي سال گذري ويا. شهزادو لال بہ اِتي چڱو خاصو جوان اچي ٿيو- سونهن ۽ جواني ڏسوس، تہ منهان ڦاٽي پئي ٻاهر نڪريس! تنهن وچ ۾، اميرن وزيرن ۽ بادشاهہ تي زور رکڻ ۾ وسئون ڪين گهٽايو.... ۽ ٿيندي ٿيندي، جڏهن بادشاهہ جي عمر بہ اچي هٽي، تڏهن آخر هڪ ڏينهن بادشاهہ مجبور ٿي شاديءَ لاءِ هائوڪار ڪئي. ڏاڍي ڌام ڌوم سان شادي ٿي. بادشاهہ جي شاديءَ کي سال بہ گذريائي مس، تہ هڪ ڏينهن نئين راڻي بادشاهہ وٽ، وار ڇوڙي، ٻيڙا حال ڪري، سانگ رچائي، ويهي رهي- چي، "مان اڳي ئي دانهيندي هيس تہ لال شهزادي جي نظر چڱي نہ آهي! اڄ ساڳيو ٻانهيءَ هٿ هي سنيهو موڪليو اٿس!" ۽ ائين چئي، شهزادي جي رومال ۾ ويڙهيل سوپاري ۽ لؤنگ ڪٽي بادشاهہ جي آڏو رکيائين. بادشاهہ جا بہ، جو ٻڌي ٻڌي ڪن ئي ڪڙا ٿي ويا هئا، سو هاڻ، جو راڻيءَ سان ٻانهي بہ ها ۾ ها ملائي بيهي رهي، تنهن تي بادشاهہ بنهہ تپي باهہ ٿي ويو، ۽ نڪا ڪيائين هم نہ تم، يڪدم حڪم ڪيائين تہ "آخر ڪيترو ڪو سهي، ڪيترو سهندو! شهزادي کي پري ڪنهن هنڌ چپ چاپ وٺي وڃي پورو ڪري اچو، ۽ هن جون اکيون ڪڍي آڻي راڻي کي ڏيو!"

جڏهن وزير ۽ وزير جا سپاهي، راتو رات، شهزادي کي وٺيو، هڪ رڻ پٽ مان اچي لنگهيا، تہ ڏسن تہ هڪڙا چار فقير آهن، جي دونهين دکايو، ان جي چوڌاري پلٿيون هنيو، آکيون بند ڪيو، ڌيان لڳايو، ويٺا آهن. فقيرن، جو پرسان پيرن جو کڙڪو ٻڌو، سو اکيون کوليں، هنن کي ڏسي، هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا: "سمجهو، يارو، سمجهو! ويل ڳالهہ ڪيئن وري. . . .!" پوءِ، انهن فقيرن مان هڪڙي فقير شهزادي ڏانهن نهاري، وڏي وات چيو تہ "افسوس! هيءُ شهزادو سياڻي هوري ويندو!" تنهن تي ٻئي فقير چيو: "يا، و، اسان پنهنجي حياتيءَ جو اڌ هن شهزادي کي ڏنو!" اِتي وري ٽئين فقير چيو تہ "ڌ حياتيءَ جو اسان بہ هن شهزادي کي ڏنو!" تڏهن چوٿون فقير اُٿيو، ۽ اچي شهزادي جي پُني نپري چيائين: "شهزادي کي مبارڪ هجي. . . . سياڻي شهزادو گهوٽ ٿيندو. . . .!" ائين چئي، چارئي فقير اکيون بند ڪري، وري پنهنجي ڌيان ۾ لڳي ويا، ۽ شهزادو ۽ شهزادي جا ويري ويچار ۾ عجب ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري، اتي اڳتي پنڌ پيا.

اِتي، شهزادي وزير کان پڇيو: اوهان مون کي آخر چو ٿا مارڻ گهرو؟ منهنجو ڏوهہ ڪهڙو؟ مون کي بہ تہ ٻڌايو!" وزير چيو: "سا تہ اسان کي بہ سڌ ڪانهي. . . . پر اسين حڪم جا ٻندا آهيون- توکي ماري، تنهنجون اکيون راڻيءَ کي ڏيڻيون اٿئون. . . . بادشاهہ سلامت جو حڪم اهو آهي!" انهيءَ تي شهزادي وزير کي چيو "بس، هاڻي مون سمجهيو- اها سڄي سازش راڻيءَ جي آهي. پر تون بہ اولاد وارو آهي- توکي بہ ٻچا آهن! مون تہ پنهنجي ماٽيلي ماءُ کي بہ سڳي ماءُ ڪري سمجهيو، پر جنهن جي دل ڪاري هجي، تنهن کي ڪيترو ڪو پنهنجو ڪري سگهندو!" وزير چيو: "شهزادا، تون اسان جي سر جو سائين آهين: جيڪي چوين ٿو، سو تہ اسين بہ سمجهون ٿا تہ سورهن آنا سچ اهو آهي: پر تون ئي چئو تہ بادشاهہ سلامت کي هٿين خالي ڪهڙو جواب وڃي ڏيان!" شهزادي چيو تہ "اوهين ڪنهن هرڻ جون اکيون ڪڍي، وڃي راڻيءَ کي ڏيکاريو- هوءَ سمجهندي تہ آءُ مري ويس. . . . ۽ بادشاهہ سلامت بہ ٻڌي، مان ۾ اچي ويندو." وزير ۽

وزير جي ماڻهن جي دل تي فقيرن جون ڳالهيون تہ اڳي ئي بارُ بنيو بيٺيون هيون، سو شهزادي جي هيءَ ڳالهہ ٻڌي، سڀ سرها ٿيا ۽ شهزادي کي اتي ڇڏي، صبح سان ئي، هڪ هرڻ جو شڪار ڪري، اُن جون اکيون ڪڍي، وڃي راڻيءَ کي ڏنائون.... ۽ ڳالهہ رهجي آئي.

صبح جو سوير، شهزادو بہ اُتي اڳتي پنڌ پيو- نہ وسنهن نہ واٽ، اڪيلوئي اڪيلو، ائين ئي منهن سامهون هلندو هليو. ايتري ۾ ڪنهن محل ڏسي تہ هڪ شاهي ڄڃ آهي، جا دهلن دمامن سان ڌانهس پيئي اچي! ڄڃ کي پريان ايندو ڏسي، شهزادو بيهي رهيو.... ۽ ڄڃ اچي پرسان لنگهيس. ڄاڃين، جو هڪ حسين ڇوڪرو ٻَر ۾ بيٺل ڏٺو، سو بيهي رهيا، ۽ پوءِ وڏي اچي شهزادي کان پڇيائون تہ "سچي ڪر، ڪير آهين؟" شهزادي چيو: "آءٌ غريب پرديسي آهيان، ۽ پنهنجي واٽ ونيو پيو وڃان!" اتي گهوٽ جو پيءُ گهوڙي تان لهي، وٽس آيو، ۽ چيائينس: "ٻڌ موڙ! هيءَ گهوڙو اٿئي، مانڙي ڪري ان تي چڙهي ويهہ، ۽ سڌو ٿي جيڏانهن اسين وڃون ٿا، اوڏانهن اسان سان هليو هل!" مڄاڻ هنن جو گهوٽ هو ڪو ڪاڻو ۽ ڪوجهو، ۽ ويا ٿي ڪنهن ملوڪزاديءَ سان اُن جي شادي ڪرائڻ.... پر ڊپ هون تہ متان اُن ڪاڻي ڪوجهي گهوٽ کي ڏسي، ڪنواريتا ڳالهہ تان ڦري وڃن، سو بربٽ ۾ هنن کي هھڙو اڙٻنگ سدا ملوڪ شهزادو جو ملي ويو، تہ سڀ اوسيئڙا لهي وين.... ۽ شهزادي کي جهلي ڪٿي گهوڙي تي ويهاريائون! چي: "هڪ ڏينهن جي هن مزوريءَ جون توکي پوريون هڪ هزار سونيون اشرفيون انعام ڏيندا سين!" شهزادي گهڻوئي ڪنڌ ڪڍائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر گهوٽ پيءُ اگهاڙي تلوار ڪڍي مٿانئس بيهي رهيو- چي، "اشرافت سان هلين، تہ هل، نہ تہ اتي جو اتي سر قلم ٿيو پيو هوندئي!" لاچار، شهزادو ويچارو خالي هٿين، جو اوچتو ائين ٻڌجي پيو، سو نيٺ ڪاڻي گهوٽ جي هيءُ ڄڃ پويان ڪري، اُتي اڳتي هليو. جڏهن ڄڃ ڪنواريتي گهر پهتي، تڏهن شهزادي جي سونهن ڏسي، سڀ خوش ٿيا. رات جو نڪاح ٿيو، ۽ گهڻيءَ دير ڪانپوءِ، شهزادي لال کي ڪنوار جي حوالي ڪيو ويو. ڪنوار گهوٽ کي

ڏسي، دل جو دل ۾ بهار ٿي ويئي، پر شهزادو اهوئي موڙهو وينو رهيو. ڪنوار خبر چار پڇيس، پر شهزادو مٿي جي سور جو بهانو ڪري ليٽي پيو، ۽ شهزادي ويهي مٿي کي زور ڏيڻ لڳيس، ۽ حجاب ڪان وڏيڪ ڪجهه به پڇي ڪين سگهيس.

صبح جو جڏهن جڳ هلڻ لڳي، تڏهن بادشاهه شهزادي لال کي چيو ته "بابا، تون هاڻي اسان جي اولاد برابر آهين.... جي مون وٽ رهين ته هيءَ بادشاهي به تنهنجي آهي؛ جي نه رهين، ته به نيٺ تنهنجي آهي." شهزادو بادشاهه جي ڳالهه ٻڌي، ادب وچان چپ ڪري ويهي رهيو.... ۽ پوءِ شاهي آداب بجا آڻي، بادشاهه کان موڪلايائين، ۽ سڌو، گهوٽ لاءِ بادشاهه جيڪو خاص گهوڙو ڏنو هو، تنهن تي چڙهي، وڃي ڪنوار جي پالڪيءَ پرسان بيهي رهيو. نيٺ جڏهن سڀ تياريون پوريون ٿيون، تڏهن

جج اُتي هلي، ۽ شهزادو بہ اُن سان گڏ چپ چاپ هلڻ لڳو- آخر ويچارو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو، پنهنجي وس تہ هوئي ڪونہ. هلندي هلندي، آخرڪار، جج اچي انهيءَ هنڌ پهتي، جتي شهزادي کي ڪنيو هئائون. ڪاٺي گهوٽ جي پيءُ وڏي اچي شهزادي کي چيو تہ "هاٺي لهہ گهوڙي تان، موڙ چوڙي ڏي مون کي، هي وٺ پنهنجون هزار اشرفيون، ۽ جتان جو آهين، ڇُيڙي ڪري اوڏانهن هليو وڃ." اِتي ڪاٺو گهوٽ بہ شينهن ٿيو، ۽ موڙ ٻڌي، معتبر بنجي، وڃي ڪنوار جي پالڪيءَ وٽ بيٺو. شهزاديءَ هيءُ رنگ اندران ئي اندران چپ چاپ ويني ڏٺو، پر هيءَ ويچاري بہ ڇا ٿي ڪري سگهي! اِتي شهزادي ڇا ڪيو، جو ڪاٺي گهوٽ جي پيءُ کان اشرفيون وٺندي ئي ڪٽي جج جي مٿان اڇلايائين. ڇاجين، جو هيءُ اوچتو اشرفين جو مينهن وسندو ڏٺو، سو وايون ٻٽال ٿي وين، ۽ ڪيترائي منجهانئن اشرفين تي اونڌا ٿي ڪري پيا. ايتري ۾ شهزادي، ست ڏيئي، شهزاديءَ کي ٻوهي ڪٽي گهوڙي تي ٻيلهہ ويهاريو.... ۽ پر ڪري وٺي جو ڪاٺي گهوٽ کي لپات هنيائين، تہ موڙن سوڌو، گهوڙي سوڌو، وڃي منهن ڀر هيٺ ڪِريو.... ۽ پوءِ وٺي جو گهوڙي کي اَڙي هنيائين، تہ ....نہ تو ڏٺو نہ مون ڏٺو- بس واءُ ٿي ويو. سڄيءَ جج ۾ ترٿلو مچي ويو.... هر ڪنهن جي زبان تي ڳالهہ هڪڙي تہ "پرديسي ڪير هو، ڪيڏانهن ويو!" گهڻوئي هيڏانهن هوڏانهن گهوڙا ڊوڙايائون، پر شهزادو ڪٿي هجي، تہ ملين- بس، ائين گم ٿي ويو، جڻ ڪا زمين ڳهي ويس! نيٺ ڪاٺي گهوٽ جي جج، جهڙي هئي تهڙي، ڪنوار ڦُرائي، خالي هٿين، جتان آئي هئي اوڏانهن اُتي هلي. هوڏانهن شهزادي کي جڏهن پڪ ٿي تہ جج وارن مان ڪابہ پهر هن جي پوئتان ڪانہ هئي، تڏهن گهوڙو ورائي، منزلون ڪندو، شهزاديءَ سميت اچي شهزاديءَ جي پيءُ وٽ پهتو، ۽ سڄي ڳالهہ، منڍ کان وٺي آخر تائين، هن کي ڪري ٻڌايائين- جنهن تي بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ پنهنجو تاج تخت هن جي حوالي ڪري، پاڻ گوشائتو ويهي، عمر جا باقي

ڏيهاڙا خدا جي بندگيءَ ۾ گذارڻ لڳو.

هوڏانهن لال جو پيءُ هڪ رات خواب ۾ ڏٺو ته سندس پهرين پٽ راڻي متو اگهاڙو ڪيو بيني روئي- چي: "افسوس، بادشاهه سلامت! تو پنهنجو انجام پورو نه ڪيو!" بادشاهه ڇرڪ ڀري ننڊ مان جاڳي اُٿيو، ۽ يڪدم وزير کي گهرائي هن سان سڄي ڪيفيت ڪيائين. وزير به بادشاهه کي پنهنجي ڳالهه ڪري ٻڌائي. بادشاهه خوش ٿيو ۽ ڇئن ڪندن تي پنهنجا ماڻهو پٽ جي ڳولا ۾ موڪليائين، جن ٿوري گهٽي ڏينهين، اچي سموري احوال کان واقف ڪيس. بادشاهه پوءِ پنهنجي اُن وٽواند راڻيءَ کي جوڳي سزا ڏني؛ ۽ پنهنجو راڄ ڀاڳ شهزادي لال جي حوالي ڪري، پاڻ گوشه نشين ٿي ويهي رهيو.

●●●●

ڪوڙهيو بادشاهه

هڪڙو هو بادشاهه، تنهن کي ڪوڙهه جي مرض اهڙو ته اچي ورايو هو، جو ڏينهون ڏينهن ويس ٿي بدن جي ڦٽن ۾ واڌارو ٿيندو، ۽ انهن مان هر وقت ريشو پيو وهندو هوس. تان جو نوبت اِتي اچي پهتي، جو سندس وزير، امير امراءَ ۽ ٻيا خاص ڪچهريءَ وارا ماڻهو به هن وٽ وڃي لاچار ڪان اچي ويهندا هئا - ۽ جو به وقت دربار ۾ هوندا هئا، ته پنهنجي نڪ کي ڪپڙو ڏيئي مس مس وقت پورو ڪندا هئا. ٿورن ڏينهن ڪان پوءِ، اهو مرض ايترو ته وڌي ويس، جو دربار ۾ اچڻ ڪان ئي بس ٿي ويو. بادشاهه مرض ڪان آجي ٿيڻ لاءِ دنيا اُٿلائي وڌي، پر ڪٿان به ڪيس شفا ڪانه ٿي. هڪڙي ڏينهن، جيئن بادشِاهه غم ۾ ويٺو هو ۽ پئي ليلايئين ته "اي ڌڻي! يا صحت ڏي، يا اهڙن عذابن ڪان مرڳوئي ماري ڇڏ!" تيئن، هن وٽ هڪڙو چٽون هوندو هو، تنهن هن جي جڏهن اها حالت ڏٺي، سو ان کي هڪدم اکين ۾ پاڻي اچي ويو، ۽ بادشاهه سلامت کي چيائين ته "جيئندا قبلا! اوهان به دوائن ۽ دعائن سان ڪين گهٽايو آهي: پر جيڪڏهن مون کي موڪل ڏيو، ته مان هوند، جهنگ جر ۽ بر ٻر رُلي، اهڙي ڪا دوا هٿ ڪري آڻي ڏيانو، جو هڪدم اوهان هوند اُٺي ڪڙا ٿيو!" تنهن تي بادشاهه سلامت چٽونءَ کي چيو ته "اي مِنو! ٻيا ته سڀ مون ڪان بيزار ٿي ويا آهن... پر گهڙي پلڪ توسان ڪو اچي حال اوريندو آهيان، سو شايد تون به هينئر مون ڪان بيزار ٿي پيو آهين، جو اهو بهانو ڪري، پنهنجي جند ڇڏائڻ چاهين ٿو!" اُن تي چٽونءَ ڪيس ورندي ڏني: "بادشاهه سلامت! منهنجي پيٽ ۾ اِوهان جو نمڪ پيل آهي، ۽ مَري پوءِ اوهان جي گهران نڪرندس. مون هي رڳو اُن ڪري چيو، ~ ۽ اوهان جي حالت ڏسي، وڏيڪ

سهي نٿو سگهان!" نيٺ، گهڻيءَ منٿ ميڙ ڪانپوءِ، بادشاهه چتونءَ کي موڪل ڏني، ۽ پنهنجن هٿن سان اُتي ان جي پڃري جو دروازو کوليو.... ۽ پوءِ، چتون بادشاهه سلامت کان موڪلائي، وني اُڏامي ٿو.

اُڏرندو وڃي، اُڏرندو وڃي، نيٺ هڪڙي ڏينهن، چتون وڃي هڪ جبلستان ۾ پهتو، جتي ڏاڍو اڃي مينهن پيو. مينهن ۾ هن جا پَر پُسي پيا، ۽ اُڏرڻ کان لاچار ٿي پيو. هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو، ته پرسان ڪيس هڪڙو ٻِرڙ ڏسڻ ۾ آيو، ۽ لنگهي ويو ان ۾ اندر. اجا اندر مس ويو، ته هڪڙيءَ مئنا هڪل ڏنيس ته "اڙي ٻانيڻ، هيڏانهن نه اچ! منهنجي ڪنواري ڌيءُ ويٺي آهي!" چتونءَ اها ڳالهه ٻڌي، مئنا کي چيو، "ڀلا ڪهڙي شرط سان اندر اچڻ ڏيندينءَ؟" مئنا چيس، "جيڪڏهن منهنجي ڌيءُ سان شادي ڪرين، ته پوءِ ڀلي اچ!" چتونءَ دل ۾ چيو، 'هيءُ برسات وارو وقت ته ڪنهن نموني ٽارجي، پوءِ ڏٺو ويندو.' سو مئنا جو اهو شرط قبول ڪيائين، جنهن تي مئنا ڪيس وڏو آدر ڀاءُ ڏيئي، اندر وني آئي، ۽ جيءَ ۾ جاءِ ڏنائينس. مئنا ڪانئس حال احوال ورتا، ته چتونءَ ڪيس بادشاهه جي بيماريءَ واري ڳالهه اول کان آخر تائين ڪري ٻڌائي. تنهن تي مئنا ڪيس چيو ته "اسان جا وڏڙا ڳالهه ڪندا هئا ته مور وڻ جا گل ڪوڙهه جي بيماريءَ لاءِ اڪسير آهن، ۽ اهو وڻ پارس ولايت ۾ هڪڙي هنڌ آهي، جتي آدم ذات جي وڃڻ جي پيٽي نه آهي. پر تون ڪو خيال نه ڪر- مان توکي اُهي گل ڪيئن به ڪري آڻي ڏينديس. پارس ولايت ۾ منهنجا عزيز قريب آهن، جن کي هينئر به گڏجڻ لاءِ پئي ويس- ۽ مينهن اچڻ جي ڪري، هتي روهه ۾ رهي پيئي آهيان!" چتون اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. اتي برسات به بند ٿي ويئي، ۽ چتون ٻِرڙ مان ٻاهر نڪري، پنهنجا پَر سُڪائڻ لڳو. مئنا به چتونءَ جي پنيان لڳي آئي، ۽ ڪيس چيائين ته "هاڻي تون پنهنجو ڪيل واعدو پاڙ!" تنهن تي چتونءَ ڪيس چيو ته "جيڪڏهن مور وڻ جا گل آڻين، ته پوءِ مان تنهنجي ڌيءُ سان ضرور شادي ڪندس، نه ته مان

وڃاڻ ٿو- ڇو ته مان پنهنجي بادشاهه سان انجام ڪري آيو آهيان ته 'جيسين هنجي مرض جو دارون هٿ نه ڪندس، تيسين سک ٿي ڪين سمهندس!" مئنا چتونءَ جو اهو شرط ٻڌي، حيران ٿي ويئي، پر لاچار ڏيءُ سميت اُتي پارس ولايت ڏانهن رواني ٿي..... ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، مور وڻ جا گل پٽي، آڻي چتونءَ جي حوالي ڪيائين. چتون، گل هٿ ڪري، نه موڪلائڻ نه توڪلائڻ، يڪدم ونئي اُڏاڻو. مئنا به، جو چتونءَ جي اِها دغا ڏٺي، سو ڏيءُ کي ساڻ ڪري وٺي هن جي پويان اُڏاڻي. ڳپل پنڌ کانپوءِ، چتون پنيان جو ڪٽي نهاري، ته ڇا ڏسي ته مار! مئنا ۽ سندس ڏيءُ پويان رَئي آسمان هڪ ڪنديون، اُڏامنديون پيون اچن! اهو ڏسي، چتون به وٺي زور سان اُڏاڻو، ۽ اُڏرندو اُڏرندو، سهڪندو سهڪندو، اچي پنهنجي بادشاهه جي جهوليءَ ۾ پيو. بادشاهه سلامت، جو چتونءَ کي ڏٺو، سو خوش ٿيو، ۽ کيس چيائين ته "مِنو هُلو ڪٿي هنيو اٿيئي! پيو ته خير آهي؟" تنهن تي چتونءَ جواب ڏنس ته "جيئندا قبلا! منهنجي پنيان به بلائون اُهي اچن ٿيون، جو ڪٿي بس ڪريو." تنهن تي بادشاهه سلامت چتونءَ کي دلداري ڏني ته "منو، ڪو فڪر نه ڪر! تون هينئر ڏٽڪو آهين." بادشاهه سلامت، چتونءَ کان مور وڻ جا گل وٺي، نوڪرن کي حڪم ڏنو ته "هڪدم گرم پاڻي ڪري، اُن ۾ هي گل وجهي، مون کي تَڙ ڪرايو!" نوڪرن حڪم جي تعميل ڪري، مور وڻ جي گلن سان بادشاهه کي غسل ڪرايو.... بس، غسل ڪرڻ کانپوءِ، جو ڦٽ جتي هو، اهو اُتي سڪي ويو، ۽ بادشاهه سلامت جو سڄو بدن گلاب جي گل جهڙو لال ٿي پيو. اِتي بادشاهه سلامت خدا پاڪ جا شڪرانا بجا آندا، ۽ خوب خيراتون ۽ شادمانا ڪيائين.

اجا اهي خوشيون ۽ شادمانا هلياڻي پئي ته مئنا به ڏيءُ سميت بادشاهه سلامت وٽ اچي نهڪو ڪيو ۽ بادشاهه سلامت کي چتونءَ جي واعدي ڪرڻ جي ڳالهه اول کان آخر تائين ڪري ٻڌايائين. بادشاهه سلامت

.... پادشاه سلامت سڄي شهر ۾ ڍنڍورو گهمارائي ڇڏيو ته "اڄ
رات منهنجو چتون گابهه ڪٽيندو!" — ص ٢٤٨

مئنا جي اها ڳالهہ ٻڌي، چتونءَ ڏانهن نهاريو. ان تي چتونءَ بادشاهہ کي چيو، ”سائين منهنجا! مان شاديءَ کان بيزار آهيان، ڇو تہ اڃو ڪيون زالون سک سان ويهڻ ئي ڪونہ ٿيون ڏين. شايد اوهان ٻن پائرن واري ڳالهہ نہ ٻڌي آهي! چڱو اها ڳالهہ مان اوهان کي رات ڪٿي ٻڌائيندس، پوءِ اوهان پاڻ امين ٿجو!“ بادشاهہ سلامت سڄي شهر ۾ پڙهو گهمارائي ڇڏيو تہ ”اڄ رات جو منهنجو چتون ڳالهہ ڪندو!“ ماڻهن، جو اهو پڙهو ٻڌو، سو سڄ بيني سان ڪولين وانگر اچي ڪنا ٿيا، ۽ رات ٿي، تہ چتونءَ بہ پنهنجي ڳالهہ شروع ڪئي.

چي: ”بادشاهہ سلامت، هڪڙا هئا بہ پائر، جي جدا جدا شهرن ۾ رهندا هئا. انهن مان هڪڙو بينل هو ۽ ٻيو لُڏيل هو. لُڏيل پاءُ مهيني ماس پنهنجي بينل پاءُ وٽ ايندو هو، ۽ هن کي پنهنجو هيٺو حال ٻڌائي، ڪجهہ نہ ڪجهہ کانئس ڇڏائي ويندو هو. اهڙيءَ طرح، سال بہ لُڏيل پاءُ پنهنجي بينل پاءُ کان هر مهيني مدد وٺندو رهيو. آخر، هڪ دفعي، بينل پاءُ جي گهر واريءَ پنهنجي مڙس کي چيو، ’ميان، اها ڳالهہ سُٺي تہ نہ آهي، جو تنهنجي پاءُ لُٽ ڪٽي ٻڌي آهي. آخرڪار اسان بہ ٻچڙيوال آهيون. پاڻ وٽ آهي، تہ جڳ وٽ آهي.“ مهينو پورو ٿيو، تہ لُڏيل پاءُ وري پنهنجي بينل پاءُ وٽ آيو، ۽ پنهنجي ڀاڄائيءَ سان ملي، پنهنجي پاءُ جي پڇا ڪيائينس. سندس ڀاڄائيءَ کيس چيو، ’ادا، پاڻهي تہ ٻاهر ويو آهي، ۽ سڀاڻي ايندو!‘ خير، هيءُ رات جو اُتي رهي پيو، ۽ ماني کائي، لت ڏئي سمهي پيو. سندس ڀاڄائي ڪا جادو ڄاڻندي هئي. سو اهڙو ڪم ڪيائين، جو سڳي تي منتر پڙهي، جو ڏير جي ڳچيءَ ۾ ٻڌائين. سڳي ٻڌڻ شرط، هو ويچارو ڀاڄائيءَ جي اڳيان ڍڳي جو ڍڳو ٿي بيهي رهيو!

”جڏهن صبح ٿيو ۽ سندس مڙس گهر آيو، تہ گهر ۾ ڍڳو ٻڌل ڏسي، زال کان پڇيائين تہ ’هيءُ ڍڳو ڪنهن جو آهي؟‘ زال ورندي ڏنيس، ’ميان، ڪالهہ پاڻهي آيو هو، ۽ هيءُ ڍڳو پاڻ کي وهائڻ لاءِ ڏيئي ويو آهي.‘ اها

ڳالهه ٻڌي هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ٻئي ڏينهن، صبح جو سويل، ان ڏيڳي کي پنهنجي نار ۾ وجهي ٻڌائين، ۽ ڏينهن لڙئي تائين هن کي وهائي وهائي، واپس آڻي، گاهه جو پاڪر اڏ آهر ۾ هن جي اڳيان اڇلائي، ڪلي سان ٻڌي ڇڏيائينس.

”اهڙيءَ طرح، ڪجھ ڏينهن گذري ويا. هڪڙي ڏينهن اهڙو خدا جو ڪم ٿيو، جو ان لُڏيل پاءُ، ڏيڳي جي روپ ۾، نار ويني ڪاهيو، ته اتان هڪڙي جڃ اچي لانگهائو ٿي. ڪوهه کي ڏسي، سموري جڃ پاڻي پيئڻ جي ارادي سان اتي ترسي پيئي، ۽ سڀ ماڻهو واري واري سان اچي پاڻي پيئڻ لڳا. اتي ڪنوار ڪان اوچتو ٿمڪ نڪري ويو. جاجي ڪنوار کي زور سان ڪلندو ڏسي عبرت ۾ پئجي ويا، ۽ ڪانئس کلڻ جو سبب پڇيائون. تنهن تي ڪنوار ٻڌاين ته ’اهو ڏيڳو، جيڪو نار ۾ وهندو ڏسي رهيا آهيو، سو حقيقت ۾ ڏيڳو نه، پر انسان آهي، ۽ اهو جادوءَ جي زور تي ڏيڳو بڻجي ويو آهي!‘ ڪنوار جي هيءَ ڳالهه ٻڌي، سڀ جاجي مٿس کلڻ لڳا. اهو ڏسي، ڪنوار نڪا ڪئي هم نڪا تمُ، ڏوليءَ مان لهي، سڌو ان نار تي ويئي، ۽ ڏيڳي جي ڳچيءَ مان ست ڏيئي وجهي سڳو ڇوڙيائين، ته ڏيڳو سيني جي سامهون هڪدم انسان بڻجي بيهي رهيو. ’ڏيڳي‘ جو پاءُ، جو پڻ اُتي موجود هو، تنهن هن کي ڏسي، حيرت وچان چيو، ’اڙي ادو آهين!‘ تنهن تي لڏيل پاءُ کيس چيو ته ’واه جو ادي کي ناهيو اُتو!‘ ۽ اول کان آخر تائين پنهنجي پاجائيءَ جي ڳالهه ڪري ٻڌايائينس. پاڻس جو اِها سموري ڳالهه ٻڌي، سو زال کان بيزار ٿي بيهي رهيو. وري هوڏانهن هو گهوٽ جيڪو پنهنجي ڪنوار کي جڃ ڪريو وني پئي ويو، سو به انڪاري ٿي بيهي رهيو- چي، ’جا جادو سڃاڻي سگهي ٿي ۽ لاهي سگهي ٿي، تنهن کي پاڻ جادو ڪرڻ ۾ ڪا دير! ‘ نيٺ به پائر هي، ۽ ٽيون اهو گهوٽ، تنهي اُتان ئي ڪٽي بَرُ منهن ڪيو. هڪليندا وڃن، هڪليندا وڃن.... نيٺ وڃي هڪ بادشاهي شهر ۾ پهتا، ۽ اتي هڪڙي جاءِ مسواڙ تي وٺي ان ۾ رهڻ لڳا.

ٿورن ڏينهن ۾، انهن ٽنهي جي شرافت ۽ ڇڱمڙسيءَ جون ڳالهيون سڄي شهر ۾ مشهور ٿي ويون، ۽ هنن جي واڪاڻ بادشاهه جي ڪنن تائين به وڃي پهتي. بادشاهه ماڻهو موڪلي، انهن ٽنهي کي پاڻ وٽ گهرايو، ۽ کين پنهنجي محلات جو چوڪيدار ڪري رکيائين. سال کن گذرڻ بعد، بادشاهه کين شادي ڪرڻ لاءِ چيو. ٽنهي ڄڻن شاديءَ جو ٻڌي، بادشاهه سلامت، کي عرض ڪيو ته 'جيئندا قبلا! اسان شادي ڪرڻ کان بيزار آهيون!' پر اڳيان به بادشاهي ڳالهه، سو نيٺ هنن ويچارن ٽنهي اشراف مڙسن کي زوريءَ پرڻائي ڇڏيائون، ۽ پوءِ لاچار، هو پنهنجي زالن سان رهڻ لڳا.

"بادشاهه سلامت، هاڻي ڪجهه پويان جو حال به ٻڌو. جڏهن ٽنهي ڄڻن برُ منهن ڪيو هو، ته نئينءَ وهانيل ڪنوار ڇا ڪيو، جو پهريائين انهن ٻن پائرن جي زالن کي ڳولي هٿ ڪيائين، ۽ پوءِ پاڻ ۾ صلاح ڪري، مڙسن کي ڳولڻ لاءِ، جادوءَ جي زور تي ڪاري رنگ جون ڪبريون ٿي، ٽيئي ونئي اُڏاڻيون، اُڏرنديون اُڏرنديون، آخر اچي اُن بادشاهيءَ ۾ پهتيون، جت سندن مڙس رهندا هئا. هڪ ڏينهن ٽيئي ڄڻا، پنهنجي زالن سان گڏ روح رهاڻ ۾ وينا هئا، ته اهي ٽيئي ڪبريون اوچتو اچي انهن جي گهر جي پٽ تي وينيون، ۽ مڙسن کي ٻين زالن سان گڏ وينل ڏسي، ونئي چيخڻ لڳيون. اهو ڏسي جيئرين جاڳندين زالن پنهنجن مڙسن کي چيو، 'اڙي ميان! اوهان کي اڳي به ڪي زالون آهن ڇا؟' تنهن تي ويچارا ٽيئي ڄڻا سمجهي ويا، ۽ جواب ڏنائون ته 'اڳ ته اسان جي شادي ڪيل نه آهي!' تنهن تي هنن زالن وري چيين ته 'هي پٽ ت يوينل ڪبريون، جو چيئي رهيون آهن ته "اهي آهن! اهي آهن!"' نيٺ، ڳچ ريڙهه پيڙهه کان پوءِ، ويچارن اشرافن سڄي ڪئي. اها ڳالهه ٻڌي، زالن کين چيو ته 'هي اوهان جون اڳيون زالون آهن ڪاريون ڪبريون، ۽ اسين پاڻ کي ڪٽي ٽيئون ڪمريون ڪبريون بنايون. . . ۽ پوءِ هنن سان وڙهندي وڙهندي، جڏهن کين

پٺ تي ڪيرايون، تڏهن اوهان هيئن ڪجو، جو انهن ڪارين ڪبرين کي ماري ماري، ڪٺي ڍير ڪجو!' ائين چئي، اهي تيئي جٽيون، اُتي جو اُتي

ليٽي پيٽي ڪمريون ڪبريون ٿي پيون، ۽ ڪارين ڪبرين سان وڙهڻ لاءِ ونيءِ متي اُڏاٽيون. وڙهندي وڙهندي، ڪاريون ڪبريون ۽ ڪمريون ڪبريون سڀ اچي هيٺ پٽ تي ڪريون. اِتي تنهي يارن هڪبئي کي چيو تہ "ڪهڙين کي مارجي ڪهڙين کي ڇڏجي؟" اتي منجهانئن جيڪو نئين نويلي ڪنوار ڇڏي آيو هو، تنهن دانهن ڪئي تہ "نہ ڇڏيو ڪاريون، نہ ڇڏيو ڪمريون!" تنهن تي پيا، جو تيئي جٽا، سو ڪٺي پنهنجن هٿن ۾ ڏنڊا، اچي ورتائون ڇهن ئي ڪبرين کي ۽ ماري ڪيائون سيني کي ڍير! ۽ پوءِ ڪيائون اُتان بہ ڪنهن ٻئي پاسي منهن!

"سو بادشاهہ سلامت! اجوڪين زالن جا اهي اتو حال. . . . تنهنڪري، مان هرگز شادي ڪا نہ ڪندس."

چتونءَ جي ڳالهه ٻڌي، بادشاهه سلامت مئنا ڏانهن نهاريو. تنهن تي مئنا ڪيس عرض ڪيو ته "بادشاهه سلامت، اوهان شايد سوداگر ۽ سندس زال وارو قصو ڪونه ٻڌو آهي، جنهن ۾ زال جي ڪيڏي نه وفاداريءَ جي ساراهه آهي.... ۽ اهو قصو مان سياڻي رات اوهان کي ٻڌائيندس- پوءِ اوهين پاڻ آمين ٿجو!" جڏهن خير سان ٻي رات ٿي، ۽ خدا جي خلق اچي مڙي، تڏهن مئنا پنهنجي ڳالهه شروع ڪئي.

"بادشاهه سلامت، هڪڙو سوداگر هوندو هو، جنهن کي قدرت اهڙي ته زال ڏني هئي، جو ڪنهن بادشاهه جي گهر ۾ به اهڙي منهن ملوڪ ۽ سيئين پرئين سهڻي عورت ڪانه هوندي. مائيءَ کي خدا جيترو حسن عطا ڪيو هو، اوتروئي شرافت ڪيس بخشي هئائين. پر اهو سوداگر دل جو نهايت شڪي هوندو هو. انهيءَ ڪري هو واپار وڻج تي به گهٽو ٽٽو ڪونه ويندو هو. اهو ڏسي، هڪ دفعي سندس زال چيس ته 'ميا'ن، تون وڻج واپار به ڪونه ٿو ڪرين: آخر ڪيترا ڏينهن ويهي کائبو! جيڪڏهن تنهنجو مون تي اعتبار نه آهي، ته هيئن ڪر، جو مان توکي کير جي اڇي رنگ ڪپڙا ڏوئي، انهن کي پنهنجي پاڪدامنيءَ جو ڪلف ڏيئي ڏيان ٿي. تون اهي ڪپڙا پائي، جنهن ڏيسارو تي وڃيئي، اتي وڃي پنهنجو وڻج واپار ڪر. جيڪڏهن ڪٿي به انهن ڪپڙن کي ڪو داغ ٿيئي، ته پوءِ سمجهجانءِ ته مون توسان بي وفائي ڪئي آهي!' ائين هيناهيون مٺانهيون ڏيکاري، نيٺ مڙس کي واپار سانگي ڏيسارو تي اسهڻ لاءِ تيار ڪيائين، ۽ سوداگر سامان سان ٻيڙا ڀرائي سفر تي راهي ٿيو. هڪليندو وڃي، هڪلیندو وڃي، نيٺ وڃي هڪڙي بادشاهيءَ ۾ نڪتو، ۽ سُنگ پرڻ جي خيال سان ٻيڙن کي بندر تي اچي بيهاريائين. اتي جي شهزاديءَ جو قانون هوندو هو ته ڪوبه سوداگر ايندو هو ته ان شهزاديءَ سان ڍاري راند ضرور ڪندو هو. جيڪڏهن اها راند سوداگر کٽي ويندو هو، ته ڪيس ڪوبه سُنگ وغيره ڀرڻو نه پوندو هو، ۽ جيڪڏهن هارائي وڃندو هو ته عمر ڀر شهزاديءَ وٽ

نظربند رهندو هو، ۽ سندس ٻيڙا سامان سميت ضبط ڪيا ويندا هئا.

”نيٺ، اهو سوداگر به شهزاديءَ وٽ ڏاري راند ڪرڻ لاءِ ويو، ۽ راند شروع ٿي. پر سوداگر راند هارائي وينو. شهزادي پنهنجي ٻانهيءَ کي حڪم ڏنو ته ’سوداگر کي اونداهيءَ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيو وڃي، ۽ سندس ٻيڙا مال سميت ضبط ڪيا وڃن!‘ ان حڪم ملڻ شرط، سوداگر کي اونداهي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيو ويو، ۽ سندس سڀ ٻيڙا به مال سميت ضبط ڪيا ويا. اڃا ٻه ٽي ڏينهن مس گذريا، ته ان ساڳيءَ شهزاديءَ وٽ هڪڙو چاڪي آيو ۽ ڪانئس هڪڙو ٻانهو خريد ڪيائين. پوءِ چاڪيءَ کي انهيءَ ڪوٺي ۾ وٺي ويا، جتي هيءُ سوداگر ۽ شهزاديءَ جا ٻيا قيدي بند هئا. چاڪيءَ ڏسندي ڏسندي، سيني قيدين مان ان سوداگر کي ڪجهه سؤکو سهنجو ڏنو ۽ کيس وٺي اچي پنهنجي گهاڻي تي چڙهيائين. اهڙيءَ طرح، ان گهاڻي تي ڪم ڪندي ڪندي، سوداگر کي مهينو ڪن گذري ويو. ان ملڪ جو بادشاهه، روز اچي اتان لانگهائو ٿيندو هو ۽ ان سوداگر جا ڪپڙا سدائين اڇا اُجلا ڏسندو هو. روز ائين ڏسي، بادشاهه هڪڙي ڏينهن دل ۾ خيال ڪيو ته ’ضرور ان جو ڪو سبب هوندو، نه ته هڙي سخت ۽ گدلي ڪم ۾ لتا اڇا ڪيئن رهندا!‘ سو هڪدم هڪڙيءَ ڏوتيءَ کي گهرايائين، ۽ کيس چيائين ته ’فلاڻي گهاڻي تي هڪڙو ماڻهو آهي، جنهن جا سدائين ڪپڙا اڇا آهن. سو، تون وڃي ان جو اوگر لهي اءُ ته ان جو سبب ڪهڙو آهي!‘ ڏوتي، بادشاهه سلامت جي اها ڳالهه ٻڌي، هڪدم اوڏانهن رواني ٿي، ۽ سوداگر سان اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪري، نيٺ پنهنجي مطلب تي آئي، ۽ ڪانئس سندس ڪپڙن جي هميشه اڇي رهڻ جو سبب پڇيائين. سوداگر به هن جي فريب ۾ اچي، اول آخر تائين پنهنجي زال جي ڳالهه ڪري ٻڌايس. اتان اٿي، ڏوتيءَ سربستو احوال اچي بادشاهه کي ٻڌايو. اهو ٻڌي، بادشاهه ڏوتيءَ کي حڪم ڏنو ته ”مهيني جي اندر اندر ان عورت

ڪي اچي مون وٽ حاضر ڪر!‘ ائين چئي، ڏوتيءَ ڪي سامان جا ٻيڙا ڀرائي، واپار جي بهاني سان، اوڏانهن روانو ڪيائين. ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ، اها ڏوتي ان سوداگر جي ملڪ ۾ وڃي پهتي، ۽ سوداگر جي زال کي ڳولي هٿ ڪري، ڪيس چيائين ته ’اما، تنهنجي سوداگر مڙس اسان جي بادشاهيءَ ۾ شهزاديءَ سان ڏاري راند ڪندي، پاڻ کي قيد ڪرايو آهي، ۽ هينئر هڪڙي چاڪيءَ وٽ ڳاٽو وهندو آهي. سو مون کي موڪليو اٿس ته هيءَ ’منهنجي خبر منهنجي زال کي وڃي ٻڌاءِ، ۽ ڪيس هيڏانهن وٺي اچ!‘ سوداگر جي زال، جا هئي عقل ۾ اڪابر، تنهن کي گمان پيو ته ان ۾ ضرور ڪو ڏوهه آهي. سو، ڳالهه دل ۾ سانڍي، ان ڏوتيءَ کي چيائن ته ”سڀاڻي پرهه ڦٽيءَ جو پنهنجا سڀ نوڪر وٺي اچجانءِ، ته منهنجو سامان کڻي، هلي ٻيڙن ۾ وجهن، ته پوءِ هليا هلون.“ ڏوتي اهو ٻڌي دل ۾ ڏاڍي خوش ٿي. پنيان سوداگر جي زال اهڙو ڪم ڪيو، جو پنهنجا ماڻهو اندر ويهاري ڇڏيائين. اجا پرهه مس ڦٽي، ته ڏوتي به پنهنجا سڀ نوڪر چاڪر وٺي، اچي پهتي.... پر سوداگر جي گهر ۾ اندر داخل مس ٿي، ته سوداگر جي زال جا ماڻهو مٿن چڙهي ويا، ۽ سڀني کي پورو ڪري، صندوقن ۾ بند ڪري، درياهه داخل ڪري ڇڏيائون.

”پوءِ سوداگر جي زال مردانو لباس پهري، ڏوتيءَ جي ٻيڙن تي سوار ٿي، ٻيڙن کي وٺي پوئتي هاڪاريو. نيٺ ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ، اچي اُن بادشاهيءَ ۾ پهتي، جتي سندس مڙس مصيبت ۾ گرفتار هو. لهڻ سان، سوداگر جي زال شهر مان پڇا ڪئي ته ’شهزادي ڪهڙي نموني سان راند ڪندي آهي!‘ تنهن تي ماڻهن ڪيس ٻڌايو ته ’شهزادي ڏاري راند ڪرڻ وقت هڪڙو ڏيئو ٻاري، ويهي اُن جي سوجهري تي راند ڪڏندي آهي!‘ سوداگر جي زال عجب ۾ پئجي ويئي ته ’شهزادي آخر ڏيئو ٻاري ڇو ٿي راند ڪري؟ نه ڏينهن جو ٿي راند ڪري ۽ نه ٻاهه تي ۽ نه ڪنهن

شمعدان تي... بس جي راند ڪري ٿي، ته هڪ ڏيئي تي! ۽ هميشه پيئي راند ڪتي! انهيءَ ۾ مڙيوئي ڪو راز رکيل آهي!' آخر سوچيندي سوچيندي، پڇائون ڪندي ڪندي، هوءَ سمجهي ويئي، ته اصل ڳالهه ڇا آهي. ڳالهه، بادشاهه سلامت، اصل هيءَ هئي ته شهزاديءَ وٽ هڪڙا به ڪئا پاليل هوندا هئا، جن کي، راند ڪرڻ وقت، هوءَ پنهجن بغلن ۾ لڪائي ويهي رهندي هئي.... پوءِ، جي سامهونءَ واري جو ڇڪو پوندو هو، ته شهزاديءَ جو هڪڙو ڪئو وڃي ڏيئو وسائيندو هو، ۽ ٻيو ڪئو ڊوڙي وڃي ڇڪي مان ڇوڪنڪو ناهي ڇڏيندو هو! اهڙي نموني سان، شهزاديءَ سوداگرن جون بس چٽيون لاهي ڇڏيون هيون! هاڻي، جڏهن سوداگر جي زال شهزاديءَ جي اها حرفت سمجهي ويئي، تڏهن ڇا ڪيائين، جو هڪدم ٻليءَ جا هڪڙا ٻه ٻلونگڙا هٿ ڪيائين.... ۽ پوءِ دستور مطابق شهزاديءَ وٽ ڊاري راند ڪرڻ ويئي. راند ڪندي ڪندي، جڏهن سوداگر جي زال جو ڇڪو پيو، ۽ اوچتو شهزاديءَ وٽي پنهنجن ڪئن کي ڇڏيو، ته سوداگر جي زال به هيڏانهن ٻليءَ جي ٻلونگڙن کي ڪٽي ڇڏيو، جن جهٽ هٽي، وڃي ڪئن کي قابو ڪيو.... ۽ شهزاديءَ راند هارائي! پوءِ سوداگر جي زال شهزاديءَ کي چيو ته جيڪي به سوداگر تو وٽ قيد آهن، انهن کي هڪدم آزاد ڪر!' شهزاديءَ کيس جواب ڏنو، 'هينئر اُهي سڀ نظربند سوداگر تنهنجي حوالي آهن..... جيئن تون انهن جو فيصلو ڪرين، تيئن وس وارو آهين.' پوءِ سوداگر جي زال سڀني سوداگرن کي گهرائي، آزاد ڪري ڇڏيو، ۽ ڏوتيءَ جي مليل ڏس تي پنهنجي مڙس کي به ڳولي هٿ ڪري، اُن چاڪيءَ کي پئسا ڏيئي، اُتان آزاد ڪرائي، ٻيئي زال مڙس پنهنجي وطن ڏانهن وريا.... ۽ ٿورن ڪمن ڏينهن جي سفر کانپوءِ، نيٺ خير سان اچي پنهنجي ملڪ پهتا.

"سو، سائين اهڙيون به ته زالون آهن، جيڪي پنهنجن مڙسن کي

نئين حياتي ڏيئي ڇڏين ٿيون!"

باد شاهہ سلامت مئنا جي اها ڳالهہ ٻڌي، چتونءَ ڏانهن نهاريو. پر چتون ڏسو تہ ونءُ پيو وجي! نيٺ باد شاهہ سلامت مئنا کي چيو تہ "مائي مئنا، تنهنجو مون تي برابر احسان آهي: پر مان ڇا ڪريان! زور جي ميندي تہ تون بہ ڄاڻين ٿي تہ لڳڻي ڪانهي: پر جي لڳندي، تہ بہ جتاءُ ڪانہ ڪندي. باقي، پنهنجي ڌيءُ سميت مون وٽ رهہ، تہ جا خدمت مون ڪان پڄندي، اها توهان جي مان ڪندو رهندس..... من چتونءَ جي بہ دل ڪڏهن وري پوي، ۽ ڪٽي تنهجي ڪاريءَ ڪلونڙيءَ منهن ملوڪڙيءَ ڌيءُ کي پنهنجو ڪري!" تنهن تي مئنا ڪاوڙ ۾ باهہ ٿي ويئي، ۽ ڌيءُ سميت، جيڏانهن جي هئي، تيڏانهن هلي ويئي.... ۽ پوءِ باد شاهہ سلامت پنهنجي چتونئڙي سان گڏ ۽ پنهنجي راڄ ڀاڳ سان گهڻو گهڻو.... تمام گهڻو خوش گذارڻ لڳو.

●●●

ڪدو شهزادو

هڪڙي باد شاهه کي اولاد ٿيندوئي ڪونه هو. آخر سِڪي پني هڪڙي ڌيءُ ڄايس، جنهن کي ڏاڍي لاڏڪوڏ سان نپايائون. جڏهن شهزادي وڏي ٿي، تڏهن باد شاهه هن جي رهڻ لاءِ درياءَ جي ڪپ تي تمام سهڻو محلات نهرايو، جنهن ۾ شهزادي پنهنجي ساهيڙين سرتين سميت رهڻ لڳي. هوءَ اهڙي ته نازڪ بدن هئي، جو روزانو سونيءَ ساهميءَ ۾ فقط هڪڙي گلاب جي گل ۾ تُرندي هئي.

هڪ دفعي، هوءَ پنهنجن سرتين سان گڏجي تلاءُ تي وهنجڻ ويئي. انهيءَ تلاءَ جي ڪنڌيءَ سان ڪدوءَ جون ڪيتريون ئي سايون سهڻيون وليون پکڙيون پيون هيون، جن ۾ مزيدار پيلا پيلا سهڻا گل ٽڙيا بيٺا هئا. وهنجندي وهنجندي هڪڙي گل ڏانهن شهزاديءَ جي دل ڇڪجي ويئي ۽ اهو ول مان ڇڄي، اچي تلاءُ ۾ پيو، ۽ پوءِ ترندو ترندو، لڏندو لمندو، سڌو شهزاديءَ وٽ آيو، ۽ اتفاق سان شهزاديءَ جي وات ۾ پئجي ڳسي ويو. پوءِ وهنجي سهنجي، شهزادي موٽي پنهنجي محلات ۾ آئي.

ڪجهه ڏينهن گذريا، ته هڪڙي ڏينهن، شهزاديءَ جي تور هڪ گل مان وڌي ٻه گل ٿي پيئي، وري ٻئي ڏينهن ٽي گل، ۽ اهڙيءَ طرح شهزاديءَ جي تور وڌي وڃي گلن جي ٽوڪريءَ کي پهتي، ۽ اڃا به هر روز هڪ هڪ گل شهزاديءَ جي تور وڌندي رهي. اتي باغائڻ شهزاديءَ کي چيو، "سائڻ! آهي ته خير، جو تنهنجي تور وڌندي وڃي!" شهزادي پاڻ به حيران هئي، جو چيائين، "مون کان ٿي پڇين....! مون کي ڪهڙي سُڌ!"

باغائڻ سڌي باد شاهه وٽ آئي، ۽ اچي کيس ساري حقيقت ٻڌايائين. باد شاهه باغائڻ جي واتان اهڙي ڳالهه ٻڌي، سڌو ڌيءُ وٽ آيو. گهڻوئي پڇيائينس ڳاڇيائينس.... پر ويچاري شهزادي ڪجهه به ٻڌائي ڪانه سگهي.

پوءِ ٿوري گهڙيءَ ڏينهن معلوم ٿيو ته شهزادي ٻن جيئن سان آهي! هڪڙي ڳالهه ٻڌي، ٻئي کي ٻڌائي..... ۽ ٿيندي ٿيندي، چوڏاري ڳالهه پکڙجي ويئي- تان جو ڳالهه وڃي بادشاهه جي ڪنن تائين پهتي. بادشاهه کي ڏک به ٿيو، ۽ ڪاوڙ به لڳي..... ۽ نيٺ ويچاري ويچاري، شهزاديءَ کي چوائي موڪليائين ته "رات وچ ۾، محلات ڇڏي، جيڏانهن وڻيئي تيڏانهن هلي وڃ!"

شهزادي ويچاري، پيءُ جو حڪم ٻڌي، اڌ رات جو محلات ڇڏي، پنهنجي اياڻ تي روئندي، جهنگ منهن ڪري رواني ٿي. هلندي هلندي، صبح ٿي ويس، ۽ شهزادي ٿڪجي پيئي. شهزادي ڀلا سيپڪڙو ساهه،

سو ڊپ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳي، ۽ ڇا ڏسي ته چوڏاري برپٽ لڳو پيو آهي! .... نيٺ دير دير ڪان پوءِ، پريان جهڳٽو ساون ساون وڻن جو ۽ هڪڙي جهوپڙي ڏنائين-- ۽ شهزادي لاچار انهيءَ جهوپڙيءَ ۾ گهڙي ويئي. جهوپڙيءَ ۾ به پيرسن زال مڙس رهندا هئا، ۽ جي ههڙيءَ منهن

ملوڪ نينگر ڪي ڏسي حيران ٿي ويا ، ۽ پرسان ويهاري، هن ڪان خبر چار ورتائون. . . . جنهن تي شهزاديءَ ٻڌايو: ”هونءَ تہ آءٌ شهزادي آهيان، پر هن وقت منهنجو ڪوبہ ڪونهي-- توهان وٽ پناهہ وٺڻ آئي آهيان. . . . ۽ هتي ئي حياتيءَ جا باقي ڏينهن گذاريندس!“ پوءِ شهزاديءَ جي اکين مان زار زار ڳوڙها وهڻ لڳا. . . . ۽ هن جي موهڻي مورت ۽ بيڪسيءَ کي ڏسي، ٻنهي زال مڙس کي رحم اچي ويو، ۽ چيائون: ”اي شهزادي! تون ڪا چنتا نہ ڪر. . . . اڄ کان وٺي، تون اسان جي ڌيءُ آهين: جهڙو اسان جو غريباڻو حال آهي، تهڙو توسان ونڊيو پيا هلنداسين.“ هنن جي دلداريءَ تي شهزاديءَ جي اکين مان لڙڪ وهڻ بند ٿيا ۽ هوءَ اتيئي رهڻ لڳي.

ڪجهہ ڏينهن بعد، شهزاديءَ کي هڪڙو گول مول ننڍڙو 'ڪدو' ڄائو. وڏي مائي ويچاري ڏاڍي حيران ٿي-- شهزاديءَ کي ٻڌايائين، جنهن چيس: ”ڪدوءَ کي ڇا ڪنداسين؟ ڪٿي وڃي ڍير تي ڦٽو ڪريوس!“ وڏي مائي ڪدوءَ کي ڪٺي ڍير تي ڇڏي، اجا آئي مس، تہ ڏسن تہ ساڳيو ڪدو ٽپڪ ٽپڪ ڪندو، اچي گهر ۾ گهڙيو. وري بہ هن کي ڍير تي ڇڏي آيا ، تہ وري ٽپڪ ٽپڪ ڪندو واپس اُتي پهچي ويو. اِتي شهزاديءَ جي دل پرجي آئي ۽ ڪدوءَ کي ڪٺي ڇاتيءَ سان لاتائين.

جڏهن جاڳي جاڳي لوڪ لقاءُ سمهي پوندو هو ۽ شهزاديءَ جي بہ اک لڳي ويندي هئي، تڏهن ڪدوءَ کي بہ ماءُ جي پاسي ۾ ننڊ ڪٺي ويندي هئي. صبح جو شهزادي اجا ستي ئي پيئي هوندي هئي، تہ ڪدو سوير ئي اکيون کولي وينو ٻوليون ڪندو هو! اهڙيءَ طرح، اڄ ننڍو سڀان وڏو. . . . جڏهن ڪدو اچي وڏو ٿيو، تڏهن هن کي ڍور وٺي ڏنائون، جي هي پيو چاريندو هو. جهنگ ۾ ڌراڙ هن سان جهيڙو جهٽو ڪندا هئا ، تہ انهن کي ٽپڪيون ڏيئي، چڱي سيکت ڏيندو هو. پر هن جي هڪڙي عادت هوندي هئي، جو ٻين جي سامهون ڪڏهن بہ تلاءَ ۾ ڪين وهنجندو هو- ڇو تہ تلاءَ ۾ وهنجڻ لاءِ ويندو هو، تہ ڪدوءَ جا پڙدا لاهي هڪ سدا ملوڪ شهزادو ٿي پوندو هو ۽ گهڻي گهڻي تائين گل وانگر پاڻيءَ ۾ پيو ترندو هو.

هڪڙي ڏينهن هڪڙي تلاءَ تي هي ڪدوءَ جا پڙدا لاهي، اڪيلوئي اڪيلو پئي وهنتو، تہ ان ملڪ جي ڪا شهزادي هئي، جا پنهنجي سهيلين سان شيل شڪار تي نڪتي هئي، تنهن هن کي ڏسي ورتو ۽ هن تي عاشق ٿي پيو. هي تہ وهنجي سهنجي، ڪدوءَ جا پڙدا پهري، موٽي پنهنجي گهر آيو: پر شهزاديءَ پنهنجي پيءُ کي چيو تہ "آءُ پرڻبيس، تہ ڪدوءَ سان!" بادشاهہ پنهنجي ڌيءُ جي انگل رکڻ لاءِ، هن ڏانهن ان ڏهہ ڪدو ڏياري موڪليا! شهزاديءَ ڪدو واپس ڪري پيءُ کي چوائي موڪليو: "هنن ڪدن سان منهنجو ڪهڙو واسطو! مون کي هلندڙ گهمندڙ ڪدو گهرجي." بادشاهہ حيران ٿي ويو، ۽ اچي ڳڻتي ٿيس تہ 'شهزادي چري ٿي پيئي آهي؟ هلندڙ گهمندڙ ڪو ڪدو ٿيو؟' نيٺ پڇا ڳاڇا مان خبر پيس تہ برابر هڪ اهڙو ڪدو آهي.... ۽ بادشاهہ اُن کي گهرائي، شهزاديءَ ڏي موڪليو. شهزادي ان کي ڏسي، ڏاڍي خوش ٿي، ۽ پنهنجي پيءُ کي چوائي موڪليائين تہ "آءُ هن سان شادي ڪنديس." بادشاهہ ٻڌي اچي ٿڪن ۾ پيو- چي، ڌيءُ چري آهين ڇا؟ ڪدوءَ سان بہ ڪنهن شادي ڪئي، جو تون ٿي ڪرين! شهزاديءَ چيو: "ڪجهہ بہ هجي، پر آءُ تہ هن سان شادي ڪنديس." اها ڳالهہ سڄي شهر ۾ پکڙجي ويئي، هرڪو پيو کلي-چي: "شهزادي ڪدوءَ سان شادي ٿي ڪري!" بادشاهہ پنهنجي اميرن وزيرن سان صلاح ڪئي، جن چيس تہ "بادشاهہ سلامت! شهزادي آهي ٻار، ياڻي تہ ڪنهن گُڏي سان شادي ڪري ڏسان. سو، شهزاديءَ جو انگل ڪٽي پورو ڪيو. پوءِ ڏسو تہ شهزادي جهٽ ۾ ڪڪ ٿي ڪيئن اچلائي ٿي ڇڏيس!" مطلب تہ نيٺ شهزاديءَ جي ڪدوءَ سان شادي ٿي.

هڪڙي ڏينهن، بادشاهہ وٽ هڪ ايلچي آيو- چي: "توهان هن سان آنکي ڪانہ پياري آهي- سو، يا تہ آنکي ڏيو، يا جنگ لاءِ تيار ٿيو!" بادشاهہ وزيرن سان صلاح ڪئي تہ "هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟" وزيرن صلاح ڏنيس تہ ڪدوءَ کي انهيءَ جنگ تي موڪلجي.... جي فتح ڪري آيو، تہ ساري عمر آنکي ڀرڻ کان ڇٽي پوندا سين: ڀلا جي مارجي ويو، تہ

شهزاديءَ جي هيءَ چريائپ لهي پوندي." بادشاهہ جنهن کي شهزاديءَ جي ڳڻتي رهندي هئي، تنهن کي اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي- سو، ايلچيءَ کي چيائين تہ "آنکيءَ پرڻ وارا ڏينهن گذري ويا.... جي توهان جي بادشاهہ کي جنگ ڪرڻ جو ارادو آهي، تہ اسين تيار آهيون." ايلچي روانو ٿي ويو، ۽ بادشاهہ جنگ جي تياري ڪرڻ لڳو. جڏهن جنگ جو وقت نزديڪ آيو، تڏهن بادشاهہ ڪدوءَ کي چيو تہ "هاڻي جنگ لاءِ تيار ٿيءُ!"

نيٺ ڪدو لشڪر وٺي جنگ جي ميدان تي آيو، ۽ پنهنجي سڄي لشڪر کي چيائين: "ڪوبہ ماڻهو جنگ نہ ڪري- آءٌ هڪ ئي هنن لاءِ ڪافي آهيان." ائين چئي دشمن جي لشڪر ۾ ڪاهي پيو. هن کي جيڪو ڏڪ هڻي، تنهن جو ڏڪ هن کي لڳي ئي نہ، ۽ جي لڳي تہ اثر ئي ڪونہ ڪريس- ۽ هي بہ ڏيئي ڪنهن جو مٿو ڦيهيو وينو آهي، ڪنهن جون پاسريون پڄيو بينو آهي- ڪنهن جي ٽنگ چٽ، ڪنهن جي ٻانهن چٽ....تان جو هن ڪيترائي ماڻهو ماري چڏيا، ۽ نيٺ وڃي لشڪر جي سردار کي جهليائين. دشمن جي فوج سمجهيو تہ 'هيءَ الائجي ڪهڙي ازغيبي آفت آهي! هن کان ڪير بچي، ڪير بچندو!' سو پويان پير ڪري، اُٿي ڀڳا. پوءِ ڪدو لشڪر جي سردار کي ڪنڌ کان جهلي، بادشاهہ وٽ وٺي آيو. اهو ڏسي، بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو.

ڪدو جنگ ڪٽي محلات ۾ آيو، ۽ اچي پنهنجي شهزاديءَ سان مليو. رات ٿي.... سڀڪو وڃي آرامي ٿيو. ڪدو بہ پنهنجي لِڪَ واري پوشاڪ لاهي سمهي رهيو. ڪدوءَ جي پڙدن لهي وڃڻ ڪري سڄيءَ محلات ۾ شعاع ٿي ويو، ۽ فتح جي شادمانن ۾ جيڪي ماڻهو جاڳيا پئي، تن شعاع ڏسي سمجهيو تہ محلات ۾ باهہ لڳي آهي. سي ڊوڙي بادشاهہ وٽ ويا. بادشاهہ پاڻ بہ حيران ٿي ويو، ۽ سڌو محلات تي آيو. اچي ڪٽي ڏسي تہ شهزاديءَ جي پر ۾ هڪڙو سدا ملوڪ شهزادو ستو پيو آهي، ۽ ويهاڻي جي پرسان ڪدوءَ وارا اُودا پيلا پڙدا لٿا رکيا آهن! اتي بادشاهہ پنهنجي هڙئي پريزاد نانيءَ کي ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ماڻهن

ڪي ٻڌايائين تہ ”اها باهہ ڪانهي، پر منهنجي پريزاد نانيءَ جي سونهن جي تجلي آهي.“ اها ڳالهہ ٻڌي، هرڪو ماٺهو واپس موٽي ويو.

ڪدو رات جو پڙدا لاهي سمهندو هو ۽ ڏينهن جو چاڙهي ڇڏيندو هو. شهزاديءَ کي اها ڳالهہ نہ وڻي، تنهن ڇا ڪيو، جو هڪڙيءَ رات ڪدوءَ جا پڙدا ڪٽي ساڙي ڇڏيائين. ڪدو صبح جو اُٿي ڏسي، تہ پڙدا آهن ئي ڪونہ! شهزاديءَ کان پڇيائين، جنهن چيس: ”اهي تہ مون ساڙي ڇڏيا.“ اها ڳالهہ ٻڌي، هو ڪاوڙجي پيو ۽ يڪدم ليٽي پيٽي، ڪبوتر ٿي اُڏامي هليو ويو.... ويندي وقت شهزاديءَ کي چئي ويو تہ ”منهنجا پڙدا سو ساڙيا اٿئي، پر تون بہ سڄي عمر پيئي سڙنديينءَ پڇرنديينءَ!“

چون ٿا تہ اها شهزادي پوءِ ڪبوترن کي ڏاڻو پائيندي هئي... ۽ جڏهن ڏسبو هوس، تڏهن تلاءَ تي ڪدوءَ جي ڳلن ڏانهن وينِي ڏسندي هئي... ۽ ائين ئي پيئي هر گهڙيءَ تڏا ساهہ پريندي هئي.

سج شهزادو ۽ چند شهزادو

هڪڙو بادشاهه هو، جنهن کي به راڻيون هونديون هيون، پر اولاد ٿيندوئي ڪونه هوس. گهڻيئي پير فقير پيتيائين، پر ڪٿان به دل جي مراد پوري نه ٿيس. هڪڙي دفعي اوچتوئي اوچتو هڪ فقير گڏيس، جنهن بادشاهه کي دعا ڪئي ۽ به بير ڏنا- چي، ”وجي راڻين کي کاراءِ، ته به فرزند ٿيندئي، جن مان هڪ پٽ تنهنجو هڪ پٽ منهنجو.“ بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ فقير جي ڳالهه قبول ڪري، ٻنهي راڻين کي اچي هڪڙو هڪڙو بير کارايائين. ڏينهن گذرڻ بعد، ٻنهي راڻين مان به پٽ ڄاوس، جن مان هڪ جو نالو ’سج‘ ۽ ٻئي جو نالو ’چند‘ رکيائين، ۽ منجهانئن هڪڙي کي لڪائي، هڪ ٻُهري ۾ پالڻ لڳو، ته جيئن فقير کي پٽ ڏيڻو نه پوي.

فقير کي اڳي ئي خبر هئي: سو، ٿوري گهڻي ڏينهين، لنگهي بادشاهه وٽ آيو، ۽ انجام ياد ڏياري، کانئس هڪڙي ڇوڪري جي گهر ڪيائين. بادشاهه فقير کي چيو ته ”مون کي ته ڄائوئي هڪڙو پٽ.“ تنهن تي فقير چيس ”ٻُهري وارو ڇوڪرو تڏهن ڪنهن جو آهي؟“ بادشاهه ڏنو ته فقير کي سڀ معلوم آهي، سو ٻهري وارو چند شهزادو آڻي فقير جي حوالي ڪيائين. موڪلائڻ مهل، چند پنهنجي پاءُ سج کي منڊي ڏيئي، چيو ته ”جنهن وقت هن جي ٽڪ ڪاري ٿئي، تنهن وقت سمجهجانءِ ته مون ڏانهن خير ڪونهي.“

جڏهن شهزادو هلڻ لڳو، تڏهن هڪڙي ٻانهي هئي، جنهن رنو به پئي، ته کليو به پئي! اهو ڏسي، شهزادي ٻانهيءَ کان پڇيو ته ”ڇو روئين به ٿي ۽ کلين به ٿي؟“ تنهن تي ٻانهيءَ چيو ته ”روئان انهيءَ لاءِ ٿي ته هيءُ فقير جادوگر آهي، جنهن وٽ هڪ تيل جو ڪٽاهه آهي، جنهن جي ڇوڏاري توکي ڦيرا ڏياري ڏياري، ان ۾ ڦٽو ڪري ماري ڇڏيندو. پر تون خبردار ٿي، فقير کي انهيءَ مهل چئج ته ’آڳي گرو پيڇي چيلا‘ ۽ پوءِ

اٽڪل سان هن کي پنيان ڏڪو ڏيئي، ڪٽاهه ۾ اڇلائيندين، ته پاڻ ان ۾ سڙي مري ويندو.... ڪلان تي انهيءَ ڪري." شهزادو پوءِ فقير جي پويان هلندي، سچ لٽي مهل اچي فقير جي گهر پهتو. فقير چيس، "شهزادا، هيءَ نماشام جي مهل آهي- تون هن ڪٽاهه کي پهرين ست ڦيرا ڏي، ۽ پوءِ اچي مون وٽ ويهه، ته استاد جي ڏني مان ڪجهه ڀاڱو مليئي." شهزادي چيو ته "فقير سائين، سو ته سچ، پر آڳي گرو پيڇي چيلا." پوءِ اڳ ۾ فقير ۽ پويان شهزادو ڪٽاهه جي چوڌاري ڦرڻ لڳا. جڏهن شهزادي موقعو ڏٺو، تڏهن اٽڪل سان فقير کي ڏڪو ڏيئي، ڪٽي ڪٽاهه ۾ اڇلايائين، ۽ فقير گهڙيءَ ۾ جلي ڪوئلو ٿي ويو. پوءِ چنڊ شهزادو فقير جي مڪان ۾ گهڙيو، ته اتي به گهوڙا سنجيا نهيا ٻڌا بيٺا هئا، تن مان هڪڙي کي چوڙي، ان تي لانگ ورائي، اتي پنڌ پيو، ۽ اچي هڪڙي شهر ۾ پهتو. اتي جي بادشاهه جي ڌيءُ، جا ان وقت محلات جي دريءَ تي بيٺي هئي، تنهن جڏهن پري کان چنڊ شهزادي کي ڏٺو، ته مٿس عاشق ٿي پيئي، ۽ ٻانهيءَ کي چيائين ته "انهيءَ گهوڙي واري ماڻهوءَ کي هيڏانهن مون وٽ وٺي اچ." ٻانهي ڊوڙندي، سڏي چنڊ شهزادي وٽ آئي، ۽ شهزاديءَ ڏي هلڻ لاءِ عرض ڪيائينس، پر شهزادي انڪار ڪيو، ۽ سڌو وڃي شهر جي ٻاهران هڪڙي باغ ۾ لٿو.

صبح جو سوير شهزاديءَ پنهنجي پيءُ کي چيو ته "آءٌ ڏني تي وَر ڪندس." بادشاهه اها ڳالهه قبول ڪئي، ۽ ملڪان ملڪ پڙهو گهمي ويو ته "مهيني جي چوڏينهن‌ءَ رات، شاهي باغ ۾، تلاءَ جي ڪپ سان شهزادي سير تي نڪرندي ..... ۽ اُتي ڏني تي پنهنجو ور چونڊيندي." پوءِ جڏهن اهو ڏينهن آيو، سج لٿو ۽ رات ٿي، ته ملڪ ملڪ جا بادشاهزادا اچي اُتي گڏ ٿيا، ۽ چنڊ شهزادو به پنهنجي گهوڙي تي چڙهي اچي اُتي لٿو. شهزاديءَ به چونڊي چونڊي، وڃي چنڊ شهزادي جي ڳچيءَ ۾ هار وڌو، ۽ پوءِ ٻنهي جي ڏاڍي ڌام ڌوم سان شادي ٿي.

شهزاديءَ چنڊ شهزادي کي، پنهنجي ملڪ جون ڳالهيون ٻڌائيندي ٻڌائيندي، جهلي چڏيو ته "هن ملڪ جي ٽن ڪندن تي جڏهن وڃيو ۽ جيئن وڃيو، تيئن پيا گهمجو ڦرجو ۽ سير شڪار ڪجو، پر چوٿينءَ ڪنڊ تي

پلجي ڪري به نه وڃجو، جو نقصان جو انديشو آهي.“ شهزاديءَ جي ڳالهه دل تي رکي، چنڊ شهزادو روزانو شڪار تي ويندو هو- ڪڏهن ڪهڙي پاسي، ڪڏهن ڪهڙي پاسي، پر چوٿينءَ ڪنڊ جو ڪڏهن خيال به ڪونه ڪندو هو. هڪڙي دفعي اوچتو اچي دل تي ڳالهه وينيس، سو اُتي چوٿينءَ ڪنڊ ڏانهن روانو ٿيو. هلندي هلندي، اوچتو هن جو گهوڙو بيهي رهيو- گهٽيئي اڙيون هڻيائينس، لغام کي ڇڪيائينس، هيڏانهن هوڏانهن ڪيائينس، پر گهوڙو چري ئي نه. ايتري ۾، ڇا ڏسي ته سامهون به حسين شهزاديون، هٿ هٿ ۾ ڏيو، ڏگ جهليو بيٺيون آهن. چنڊ شهزادو گهوڙي تان لٿو. شهزادين هن کي اشارو ڏنو، ۽ بيوس ٿي هنن جي پٺ ورتائين، ۽ هلندي هلندي، اچي اُنهن جي جاءِ تي پهتو. شهزادين چيس ”تون هينئر اسان جي قبضي ۾ آهين- پر پاڻ ڊاري راند ڪنداسين، پوءِ جيڪڏهن اسان مان هڪڙيءَ کان به تو کٽيو، ته اسين تنهنجون آهيون؛ جي نه ته تون اسان جو غلام ٿي رهندين.“ هن اها ڳالهه قبول ڪئي، ۽ ڊاري راند شروع ٿي. هي شهزاديون دراصل جادوگرياڻيون هيون، ۽ هنن وٽ ڪئا پاليل هئا، جي اونداهيءَ ۾ اچي، ڊارو ڦيرائي ڇڏيندا هئا. هن شهزادي سان به اها ساڳي ڪار ٿي، ۽ ڊاري راند ۾ هارائي ويهي رهيو. پوءِ ورتل قول موجب جادوگرڻين چنڊ شهزادي کي سُئي هٽي، گهيتو بنائي، پاڻ وٽ بيهاري ڇڏيو. هوڏانهن چنڊ شهزادي جو ڀاءُ سچ شهزادو به هر روز منڊيءَ کي پيو ڏسندو هو. هڪڙي ڏينهن منڊيءَ کي ڏسي، ته اُن جي ٽڪ سڄي ڪاري ٿي پيئي آهي. هن کي پڪ ٿي ته اَدو چنڊ ضرور ڪنهن اَئيءَ ۾ آيل آهي، ۽ مدد لاءِ پيو پڪاري.

اهو خيال ڪري، سچ شهزادو ڀاءُ جي ڳولا ۾ اُٿي هليو، ۽ هلندي هلندي اُتان اچي لنگهيو، جتان چنڊ شهزادي گهوڙو ڪنيو هو. سچ شهزادو به اُتي بيٺل پيو گهوڙو ڇوڙي، اُن تي چڙهي وينو، ۽ هڪلي اڳتي روانو ٿيو: ۽ هلندو هلندو، پڇندو پڇندو، سڌو اچي اُن شهر ۾ پهتو، جتان سندس ڀاءُ چنڊ شهزادي شادي ڪئي هئي. شهزادا، بيئي ڀائر، هڪ

مهاندي تي هئا. تنهنڪري سپني پئي چيو ته ”چنڊ شهزادو الاجي ڪٿان اچي نڪتو آهي، ۽ هيترا ڏينهن الاجي ڪٿي هو!“ سج شهزادو به پڇا ڪندو پنهنجي پاجائيءَ جي محلات ۾ ويو. راڻيءَ هن جي ڏاڍي خاطر تواضح ڪئي، ۽ ٻنهي ڀائرن جا مهاندا، جو ٻنهه هڪجهڙا هئا، سو راڻيءَ سمجهيو ته سندس مڙس، چنڊ شهزادو، آيو آهي. رات ٿي ته راڻي هن کي پنهنجو مڙس سمجهي ساڻس گڏ سمهي رهي. سج شهزادي چيس، ”منهنجو هڪڙو قول ٿيل آهي، سو ڪي ڏينهن رات جو آءٌ ڪنهن سان به ملاقات ڪانه ڪري سگهندس. باد شاهزاديءَ کي انهيءَ ڳالهه تي اعتبار اچي ويو، ۽ چيائين: ”جيڪا تنهنجي مرضي.“

صبح ٿيو، ته سج شهزادو شهر ۾ ويو، ۽ ويندي ئي وڃي هڪڙيءَ ٻڍڙيءَ مائيءَ جي اڱڻ ۾ لٿو. جنهن کان پنهنجي ڀاءُ بابت پڇا ڳاڇا ڪيائين. ٻڍڙيءَ چيس ته ”تنهنجو ڀاءُ شڪار جي خيال سان هن ملڪ جي چوٽيءَ ڪنڊ ڏانهن، جنهن جي منع ٿيل هيس، ويل آهي: پر اتي جادوگرڻيون ۽ انهن جا پاليل ڪُتا رهن ٿا، جيڪي ڊاري راند ڪيڏڻ مهل، ونداهيءَ ۾ ڊارو ڦيرائي چڏيندا آهن، ۽ بازي هميشه جادوگرڻيون کٽنديون آهن..... پوءِ جيڪو بازي هارائيندو آهي، ان کي جادوءَ جي زور تي، گهيٽو بنائي پاڻ وٽ بيهاري ڇڏينديون آهن.... سو، تنهنجي ڀاءُ کان به اها شرط کٽي هونداڻون، ۽ ٻين وانگر هو به وڃي وتن ڦاٿو آهي... هاڻي تون هيئنئن ڪر، جو هڪ ٻلي پالي، پوءِ وڃي انهن جادوگرڻين سان راند ڪر- پوءِ ڏس ته توکان ڪيئن ٿيون راند کٽن!“ سج شهزادي پوءِ هڪ ٻلي هٿ ڪئي، ۽ ٻه ٽي ڏينهن انهيءَ کي پڙهائي پڪو ڪري- جيئن ٻليءَ جو ڊپ لهي ۽ ماڻهن سان رلي ملي ويهي سگهي- هو اتي ملڪ جي ان چوٽيءَ ڪنڊ ڏانهن روانو ٿيو. هلندي هلندي، هڪڙي هنڌ ڏٺائين ته هڪ سونن سڱن سان هرڻ پڳو وڃي. شهزادي جلدي پنهنجو گهوڙو انهيءَ هرڻ جي پويان ڊوڙايو، ۽ شهزادي جي گهوڙي اڳيان ڊوڙندي ڊوڙندي، هرڻ وڃي شهزادي کي هڪ وڏي ڪوٽ ۾ ڪڍيو، جتي اِهي جادوگرڻيون هونديون هيون. پوءِ هرڻ غائب ٿي ويو. سج شهزادي عجب ۾ پئجي، هرڻ کي ڳولڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، پر هرڻ جهڙو هوئي ڪونه. ايتري ۾

جادوگرڻيون شهزادي کي چوڏاري ڦري ويئون، ۽ سج شهزادو سمجهي ويو ته ٻڍڙيءَ واري ڳالهه سراسر صحيح پئي نڪري.

جادوگرڻين شهزادي کي اُهوئي ڏاري راند وارو شرط ڏنو، جنهن سان هنن چنڊ شهزادو ۽ ٻيا ڪيترائي بادشاهزادا پاڻ وٽ گهيتا بنائي ٻيهاري ڇڏيا هئا. سج شهزادي هنن جي ڏاري راند کيڏڻ واري ڳالهه قبول ڪئي، ۽ پنهنجي ٻليءَ جي مٿي تي هڪ ڏيو ٻاري، انهن جادوگرڻين سان راند کيڏڻ ويهي رهيو. پوءِ ڇا ٿيو، جو جادوگرڻين جا ڪئا اچن، ته ٻليءَ کي ڏسيو واپس ڀڄيو وڃن- اهڙيءَ طرح راند ٿيئي دفعا سج شهزادو جادوگرڻين کان کٽي ويو.... ۽ ڪيل انجام موجب اُهي سڀ جادوگرڻيون هن جي تابع ٿيون. سج شهزادي پهرين ته انهن جادوگرڻين کي جادو ڪرڻ ۽ ماڻهن کي تڪليف ڏيڻ کان توبهه ڪرائي، ۽ انجام ورتائين ته اڳتي ڪنهن کي به تڪليف ڪانه ڏينديون ۽ جادو نه ڪنديون. تنهن کان پوءِ سج شهزادي پنهنجي ڀاءُ چنڊ شهزادي جي جان جادوءَ کان آزاد ڪرائي، ۽ واپس هن کي ماڻهوءَ جي شڪل ۾ آڻايو. پوءِ انهن جادوگرڻين مان هڪ سان پاڻ شادي ڪيائين ۽ ٻيءَ کي چنڊ بادشاهه سان پرڻايائين؛ ۽ ٻيا به گهڻيئي، جيڪي جادوءَ جي زور تي جانور ٿيا اُتي ٻڌا هئا اُنهن کي به ماڻهو ڪري سيني جي جند آزاد ڪرايائين، ۽ انهن کي خرچ پاڙا ڏيئي، پنهنجي پنهنجي ملڪ روانو ڪيائين، ۽ ٻيئي ڀائر جادوگرڻين سميت، پوءِ واپس چنڊ شهزادي واريءَ شهزاديءَ جي ملڪ ۾ آيا. چنڊ شهزادو پنهنجي ڀاءُ سج شهزادي کي پنهنجي محلات ڏانهن (جتي شهزادي رهندي هئي) وٺي ويو، ۽ اُتي سج شهزادي بادشاهزاديءَ کي سڄي پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌائي. سج شهزادو پوءِ ڪجهه ڏينهن اُتي رهي، پنهنجي ڀاءُ چنڊ شهزادي ۽ ٻين سيني کي ساڻ ڪري، پنهنجي ملڪ ڏانهن واپس موٽيو، ۽ اچي پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ يارن دوستن سان مليو، ۽ پوءِ سڀ ڏاڍي مزي ۾ وقت گذارڻ لڳا، جهڙو ميلو اُنهن جو ٿيو، تهڙو ميلو شل جڳ جهان جو ٿئي. (آمين)

●●●

شهزادو ۽ فقير

هڪ بادشاهه هوندو هو، جنهن کي اولاد ڪونه ٿيندو هو. هن هڪ ٻئي پٺيان اولاد لاءِ ست زالون ڪيون، پر قدرت سان هڪڙيءَ مان به اولاد ڪونه ٿيس. هن انهيءَ لاءِ گهڻيئي ڏس پنڌ پڇيا، فقيرن جا در پيٽيا، مگر ڪجهه ڪين وريو. هڪڙي ڏينهن بادشاهه سان وزير ڳالهه ڪئي ته ”قبلا، پنهنجي شهر جي ٻاهران هڪ اهڙي فقير اچي ڏوٽي هڻئي آهي جو جيڪو به ڪنهن به سوال لاءِ وٽس وڃي ٿو، ته ان جو مطلب پورو ٿئي ٿو- سو، انهيءَ بزرگ وٽ هلي سوالي ٿجي، من ڪا مراد پوري ٿئي!“ بادشاهه چيو ته ”سڀاڻي صبح جو هلندا سين.“

ٻئي ڏينهن، بادشاهه ۽ وزير ٻئي گڏجي، فقير ڏي ويا، ۽ فقير کي پنهنجو دلي مطلب ٻڌايائون، ۽ عرض ڪيائونس ته ”اي سائين بابا، بادشاهه جي حق ۾ ڪا دُعا گهرو!“ فقير چيو ته ”اي بادشاهه، سڀاڻي صبح جو، تيرڪمان کڻي، پنهنجي باغ ۾ وڃجو، ۽ ڌڻيءَ کي ياد ڪري ٻير جي وڻ ۾ تير هڻجو- جيترا ٻير ڪرندا، اوترا اوهان کي پُٽ ڄمندا، ۽ جيترا پن ڪِرندا اوتريون ڌيون... پر، شرط اهو آهي ته هڪ پٽ مون کي ڏيندا.“ بادشاهه هائو ڪئي، ۽ فقير کان ادب سان موڪلائي، ۽ وزير سان گڏجي پنهنجي محلات ڏي موٽي آيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير، بادشاهه تير ڪمان کڻي، پنهنجي باغ ۾ وڃي پهتو، ۽ ٻير جي سامهون بيهي تير ڪمان تيار ڪري، ونئي جو ٻير جي وڻ ۾ تير هنيائين، ته قدرت سان ڪل ست ٻير اچي زمين تي ڪِريا. بادشاهه اهي ٻير کڻي، سڌو پنهنجي محلات ڏي آيو، ۽ هرهڪ راڻيءَ کي اچي هڪ هڪ ٻير کارايائين. خدا جي قدرت اهڙي، جو سڀني راڻين کي ڏهين مهيني پٽ ڄائو. بادشاهه خوش ٿيو، پر وري اچي فڪر لڳس ته

فقير سان وعدو ڪيو هوم تہ هڪڙو پٽ ڪيس ڏيندس- سو، دل ئي نہ چويس تہ ڪو پٽ فقير کي ڏيان. نيٺ هڪ وڏو ڪوٽ ٺهرايائين، جنهن جي اندر ست ئي شهزادا پئي نپنيا ۽ چوبدارن کي حڪم ڪيائين تہ ڪوبہ شهزادو ڪوٽ کان ٻاهر نہ ڪڍيو وڃي. اهڙيءَ طرح ڪيترا ڏينهن گذري ويا.... ۽ شهزادا، اڄ ننڍا سڀاڻي وڏا، اچي سمجهہ ڀريا ٿيا. هڪڙي ڏينهن، فقير کي ويني ويني دل ۾ خيال آيو تہ بادشاهہ کي تہ ضرور پٽ ڄاوا هوندا، پر بادشاهہ مون کي هڪ شهزادو نہ ڏنو: هاڻي هلي، بادشاهہ کي ڏسان تہ ڪهڙي حال ۾ آهي؟ سو سڌو آيو بادشاهہ جي محل ڏي. چوبدارن وڃي بادشاهہ کي ٻڌايو تہ "قبلا، هڪ درويش آهي، جو اوهان سان ملاقات ڪرڻ ٿو گهري." بادشاهہ ٻڌڻ شرط يڪدم سمجهي ويو تہ لاشڪ ساڳيو فقير آهي، جنهن سان قول ڪيو هوم.... پر خير هلي ٿو منهن ڏيانس. پوءِ حڪم ڪيائين تہ فقير کي باعزت وني وڃي مهمان خاني ۾ ويهاريو وڃي. چوبدارن فقير کي باعزت وني، وڃي مهمان خاني ۾ ويهاريو. بادشاهہ بہ نهي سنيري فقير وٽ ويو، ۽ وڏيءَ عزت سان فقير سان گڏيو. فقير بادشاهہ سان حال احوال ڪندي، اشارو ڏنس تہ "سائين، هاڻي پنهنجو قول پورو ڪريو!" بادشاهہ فقير کي صاف جواب ڏنو تہ "سائين، بابا، مون کي اڃا ڪوبہ اولاد ڪونہ ٿيو آهي." فقير کي پڪ هئي تہ بادشاهہ کي ست پٽ ڄاوا آهن، پر چپ ڪري، بادشاهہ کان موڪلائي، واپس ويو، ۽ وڃي بادشاهہ جي ڪوٽ جي ٻاهران، هڪ وڻ هيٺ دونهين دکائي ويهي رهيو.

هڪڙي ڏينهن اهڙو اتفاق اچي بڻيو، جو بادشاهہ جي سڀني ئي شهزادن پاڻ ۾ ڪينهي راند پئي ڪئي، تہ ڪينهو وڃي پٽ کان ٻاهر ڪريو. سڀني ڀائرن گڏجي ٻن ڀائرن کي مٿي چاڙهيو، تہ وڃي بال کڻي اچن. جيئن هو ٻئي ڀائر هيٺ لٿا تيئن درويش بہ هنن کي ڏسي ورتو، ۽ يڪدم ڊوڙي اچي شهزادن وٽ پهتو. شهزادن کان پڇيائين تہ "اوهين بادشاهہ جا پٽ آهيو؟" شهزادن چيو تہ "هائو، سائين بابا!" نيٺ ڇوڪرن کي فقير چيو

تہ "بابا، منهنجو هڪڙو ڪم آهي- اُهو تہ مهرباني ڪري، ڪري آڻي

ڏيو!" شهزادن چيو تہ "هائو، بابا، ٻڌاءِ." فقير هڪڙو لوٽو ڏيئي چين تہ "بابا، هي تہ مون کي ماڪ سان ڀري آڻي ڏيو." شهزادا "حاضر سائين" چئي، پرسان ننڍڙن بينل ٻوٽن ڏي روانا ٿيا. اُتي وڃي هنن گهڻي ڪوشش ڪئي، تہ ماڪ لوٽي ۾ گڏ ٿئي، پر لوٽي ۾ تہ ماڪ جو ڦڙو بہ نہ پيو گڏ ٿئي. نيٺ هڪڙي چيو تہ "ادا، ڪپڙو جهل تہ آءٌ ان تي ماڪ کي ڌوڻ ڏيان، ۽ پوءِ جڏهن اهو سڄو پُسي پوندو، تڏهن لوٽي ۾ نپوڙي وجهندا سين." ٻنهي ڄڻن ائين ڪيو، تہ ٿوريءَ ئي ويرم ۾ لوٽو ماڪ سان ڀرجي ويو. پوءِ ٻنهي ڄڻن لوٽو آڻي فقير کي ڏنو. فقير لوٽو ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ شهزادن کان پڇيائين تہ "بابا، اهو ڪنهن جو عقل هو؟" هڪڙي شهزادي ٻئي ڏانهن اشارو ڪري چيو تہ "اهو هن شهزادي جو عقل آهي." پوءِ تہ فقير نڪا ڪئي هم نڪا ڪئي تَم، ڪٽندي اُن شهزادي کي رفو چڪر ٿي ويو، ۽ ان کي ڪٽي، اچي پنهنجي ملڪ کان نڪتو.

هڪڙي ڏينهن صبح ساڻ، فقير شهزادي کي چيو تہ ”وڃي جهنگ مان ڇيڻا چوندي آءُ، تہ باهہ ٻاريون.“ شهزادو ڪپڙو کڻي نڪتو ڇيڻا چوندڻ. اجا ٿورو اڳيرو ويو تہ ڏٺائين تہ هڪ وڻ تي ٻہ سرڻيون ويٺيون آهن، پر هڪڙي روئي پيئي ۽ ٻي ويٺي کلي. شهزادي کي تعجب لڳو، سو سرڻين کان پڇيائين تہ ”ڇو هڪڙي روئي ويٺي ۽ ٻي کلي ويٺي؟“ تڏهن هڪڙيءَ جواب ڏنو تہ ”تنهنجي سهڻي صورت ڏسي کلان ٿي؛“ ۽ ٻيءَ جواب ڏنو تہ ”تنهنجي حياتي آهي باقي اڄوڪو ڏينهن، تنهنڪري ٿي رُئان.“ شهزادي چيو، ”سو وري ڪيئن؟“ سرڻ جواب ڏنو تہ ”هن ٻي ايمان فقير جو اهو دستور آهي جو جيڪو سهڻو ٻار آڻي، تنهن کي ائين ڇيڻا گڏ ڪرايو، پوءِ هڪڙي وڏي تئي چاڙهي، ان هيٺان باهہ ٻاريندو آهي؛ پوءِ تئي گرم ٿئي، تڏهن اڳيان ڪري ڇوڪري کي ۽ پنيان تئي پاڻ، ۽ ونيو ڪڙاهہ کي ڦري؛ پوءِ ٻنهي ڦيرا ڏيو ڪنيو ڇوڪري کي ڌڪو ڏئي، تہ ڇوڪرو ڌُو ڪڙاهہ ۾، جتي ترجو تڪي تيو پوي، ۽ هي آدمخور ان کي ڪڍيو کا يو ڇڏي.“ شهزادي چيو تہ ”پوءِ آءُ ڇا ڪريان؟“ سرڻين چيس تہ ”تون هاڻي هيئن ڪج، جو جيڏيءَ مهل فقير توکي چوي تہ ’ڦرڦر ڇيلا،‘ تہ تون چئجانس ’آڳي گرو تہ پيڇي ڇيلا!‘ شهزادو پوءِ ڇيڻا چوندي، پيري ٻڌي، سڌو اچي فقير جي آستاني تي پهتو. فقير بہ دستور موجب چلهہ جي مٿان هڪ وڏي ڪڙاهہ رکي، ڪڻي تيل سان پيري، ۽ چلهہ ۾ ڇيڻا وجهي، ونيءَ ڇيڻن کي باهہ ڏنائين. ڪجهہ مهل کان پوءِ، جڏهن تيل ٺهڪڻ لڳو، تڏهن شهزادي کي چيائين تہ ”ڦرڦر ڇيلا!“ تہ شهزادي يڪدم چيو تہ ”آڳي گرو، تہ پيڇي ڇيلا!“ فقير اهو ٻڌي، اڳيان پاڻ تي ڦرڻ لڳو، ۽ پنيان شهزادو. اجا ٻہ ڦيرا مس ڏنائون، تہ ونيءَ جو شهزادي فقير کي ٺيلهو ڏنو، تہ ڌُو ڪڙاهہ ۾ اندر- بس ترجي تڪي تي پيو. شهزادي پوءِ يڪدم فقير جي ڪوٺيءَ مان ڪنجيون کڻي وڃي ٻيون ڪوٺيون کوليون تہ گهڻيئي مال متاع ڏنائين. پر هڪڙي جاري تي هڪڙو موتي پيل ڏٺائين، جو ڏاڍو پئي جرڪيو. هن اهو موتي کڻي کيسي ۾ وڌو، ۽ انهن ئي پيرن تي اتان وني

پڳو. رستي تي آيو تہ ڏٺائين تہ اهي ئي سرٽيون وينيون آهن، پر ڪلن پيون. شهزادي انهن کان پڇيو تہ ”هاڻ اوهين ڪلو ڇو پيون؟“ سرٽين جواب ڏنو تہ ”اي شهزادا، اسين تنهنجي عقل تان ٽيون ڪلون، تہ اهو تنهنجي کيسي ۾ جو موتي پيو آهي، سو تو ائين بيڪار سمجهي ڪٿي کيسي ۾ وڌو آهي، پر حقيقت ۾ اهو ڏاڍي ڪم وارو آهي!“ شهزادي پڇيو تہ ”هن ۾ ڀلا ڪهڙو اسرار آهي؟“ سرٽين جواب ڏنو تہ ”اهو موتي وات ۾ وجهڻ سان جهڙي شڪل تون چوندين اهڙي ٿي پوندين، ۽ وري وات مان ڪڍڻ سان اڳي وانگر ساڳيوئي ماڻهوءَ جي شڪل ٿي پوندين. شهزادي آزمودي وٺڻ لاءِ موتي وات ۾ وجهي، وني چيو تہ ”ڍڳو ٿي پوان!“ تہ يڪدم شهزادو ڍڳو ٿي پيو ۽ وري موتي وات مان ڪڍيائين، تہ ساڳيءَ صورت ۾ اچي ويو.

پوءِ شهزادو وات وني، پنهنجي ملڪ ڏي روانو ٿيو. ٿوري پنڌ کان پوءِ هڪ واٽهڙو گڏيس، جنهن چيس تہ ”آءٌ غريب ماڻهو آهيان، منهنجي مدد ڪر!“ شهزادي چيس تہ ”چڱو، آءٌ ڍڳو ٿي ٿو پوان، تون مون کي هلي وڪڻ- جيڪي پئسا ملنئي، سي وني وڃي حال پنهنجي مهل ڪجانءِ!“ اُن غريب شخص سندس شڪرانا بجا آندا، ۽ چيائينس تہ ”اهو تہ تون مون سان وڏ ٿو ڪرين!“ تنهن کانپوءِ، چوڪر مَتڪو ڪٿي وات ۾ وڌو، تہ ڍڳو ٿي پيو.... ۽ اُهو غريب شخص اُن کي ڪاهي اُتي هليو. رستي تي هڪڙا ڪُڙمي گڏين، جن کي ڍڳي جي ضرورت هئي. انهن اُن غريب شخص کان پڇيو تہ ”ڀائو، اهو ڍڳو ڪيڏانهن ٿو ڪاهي وڃين؟“ اُن شخص وراٽي ڏني تہ ”ادا وڪڻڻ ٿو وڃان.“ اُنهن پڇيس تہ ”گهڻو ملهہ آهي تنهنجي ان ڍڳي جو؟“ اُن شخص پوءِ ڍڳي جو ملهہ ٻڌايو.... ۽ ڪڙمين کي بہ هئي جا ضرورت، سو جيترا هن پئسا چيا، اوترا پئسا هن کي ڏيئي، ڍڳو خريد ڪري، وڃي گهر ٻيهاريائون، جڏهن رات ٿي، تڏهن شهزادي وات مان موتي ڪڍيو، تہ وري ساڳيو شهزادو ٿي پيو، ۽ اُتان ڀڄي وري اچي انهيءَ ساڳئي غريب شخص وٽ پهتو، ۽ چيائينس تہ ”هاڻي آءٌ گهوڙو ٿي ٿو پوان، ۽ تون وري مون کي وڪڻي، ٻيا پئسا ڪماءِ، ۽ اڳو پوءِ قرض پڪا لاهي، پنهنجا ٻند آزاد ڪراءِ.“

هوڏانهن قدرت سان ڏاڍو ڪو اچي مينهن پيو- سو مينهن جون ڦڙيون، جو اُن تر جي ٽڪي تي ويل فقير تي پيون، تہ يڪدم ٽڪيءَ مان ڦري، وري هو ساڳيو فقير ٿي پيو. اُتڻ شرط هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، تہ ڏٺائين تہ شهزادو بہ ڪونهي. وري ياد گيري پيس تہ شهزادو تہ مون کي هن ڪٺاهہ ۾ ڏڪو ڏيئي پڄي ويو هو. بس پوءِ تہ نڪا ڪيائين هم نڪا تم، ورتائين ڪٽي رستو. نيٺ شهزادي کي ڳوليندي ڳوليندي، ڪنهن محل اُن شخص تي وڃي نظر پيس، جو اهو گهوڙو ڪاهيو پئي وڪڻڻ ويو. هيءُ بہ وڃي اچي گهوڙي وٽ پهتو، ۽ ڏٺائين تہ برابر اِهو ساڳيو شهزادو آهي. پوءِ اُن شخص کان پڇيائين تہ "ميان، گهوڙو وڪڻندين؟" واتهڙوءَ جواب ڏنو تہ "هائو- انهيءَ لاءِ تہ ونيو پيو وڃانس." نيٺ فقير منهن گهري رقم هن کي ڏيئي اهو گهوڙو خريد ڪيو، ۽ خوش ٿي اچي پنهنجي ماڳ تي پهتو، ۽ گهوڙي کي خوب مضبوط ڪري ٻڌي ڇڏيائين. صبح جو گهوڙي کي وٺي واهہ تي پاڻي پيارڻ لاءِ آيو. شهزادو يڪدم موقعو جانچي، ڏيڏر ٿي واهہ ۾ گهڙي ويو، ۽ تکو تکو ترندو اُتي پڳو. فقير بہ ڄرڪو ٻڄي سندس ڪَڍَ ورتي. ڏيڏر ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي، هڪدم، هڪ مائيءَ پاڻيءَ جو دلو پئي ڀريو، اُن جي دلي ۾ گهڙي ويو، ۽ مائي دلو کڻي پنهنجي گهر ڏي رواني ٿي. فقير بہ مائيءَ پٺ وٺي هلڻ لڳو، ۽ مائيءَ کي چيائين تہ "توکي هي پئسا ٿو ڏيان، تون اهو دلو ويچ." مائيءَ ڀريائين تہ فقير کي چريو ڪري سمجهيو، پر نيٺ جڏهن ڏٺائين تہ فقير هيترا پئسا ڪڍيو پيو ڏئي، تڏهن پئسا وٺي يڪدم کڻي دلو پڳائين. دلي جو ڀڄڻ ۽ پاڻيءَ جو وهي اُتي هلڻ.... پر ڏيڏر بہ ٽپڪيون ڏيندو، اُتي جو اُتي گاهہ ۾ لڪي ويو. پوءِ فقير بيهي ڏيڏر کي ڳولڻ لڳو! اتفاق اهڙو ٿيو، جو اُتي هڪ مينهن پئي چِنو، سو گاهہ سان گڏ اُن ڏيڏر کي بہ کائي ويئي. فقير ڏنو تہ اهو تہ ظلم ٿي ويو جو مينهن ڏيڏر کي کائي ويئي، سو پڇندو پڇندو سڌو آيو مينهن جي ڌڻيءَ وٽ، ۽ چيائينس تہ "مينهن جا پيسا وٺ، ۽ مينهن کي هتي جو هتي ڪُهہ- گوشت توهان کائو، باقي پٽو رکو مون

ڪي ڏجو!“ مينهن جي مالڪ قبول ڪيو، ۽ مينهن جي قيمت وني، مينهن ڪي ڪٺي ڪنائين... پر وڍيندي ٽڪيندي اها ڳالهہ وسري ويس تہ پتو ڪو فقير ڪي ڏيٺو آهي، سو پتو ڪڍي، ڪٺي پري ڦٽو ڪيائين. مچاڻ هڪ سرڻ اوڏيءَ مهل گوشت تي پئي لامارو ڏنو، تنهن ڪٽندي پتو وني مٿي لُوهہ ڪئي. فقير بہ نڪا ڪئي هم نڪا تم، گرڙ پکي ٿي وني سرڻ جي پنيان اُڏاٿو. سرڻ لامارو ڏيئي، اچي باد شاهہ جي محلات تي ويني. فقير بہ سرڻ ڪان پتي ڇڏائڻ لاءِ، جهڙو لامارو ڏنو، تهڙو سرڻ جي چنبن مان پتو ڪري پيو ۽ وجي باد شاهہ جي محل ۾ ڪريو. شهزادو يڪدم هڪ بنهہ انمول، نولکو هار بنجي، وڃي شهزاديءَ جي ڳچيءَ ۾ پئجي رهيو. فقير يڪدم وري پنهنجي اصلوڪي شڪل ۾ ٿي، اچي محلات جي در تي صدا هنئي، تہ ”الله جي نالي، اهو نولکو هار ڏيو!“ شهزاديءَ فقير کي چيو تہ ”اي فقير، پيو جيڪي کپيئي سو گهر، پر نولکو هار نہ ڏيندس.“ نيٺ فقير انهيءَ ڏينهن ويو هليو، ۽ وري ٻئي ڏينهن آيو، ۽ اچي محلات تي ڌرڻو ماري ويهي رهيو، شهزاديءَ گهڻوئي سمجهايس، پر فقير باز نہ آيو. نيٺ شهزاديءَ ڪاوڙ مان فقير جي اڳيان وني هار توڙيو، تہ موتي موتي حدا ٿي ويو، ۽ اهي ڦري مڪانيءَ جا داڻا ٿي پيا. فقير، جو اهو حال ڏٺو، سو يڪدم ڪڪڙ ٿي اُهي داڻا چڳڻ لڳو. اجا پڇاڙيءَ جو داڻو ٿي چڳيائين، تہ شهزادو يڪدم هڪ ٻلو ٿي پيو، ۽ وني جو ڪڪڙ جي ڳچيءَ ۾ وات وجهي ست ڏنائين تہ فقير جو ڪنڌ ڀڄي پيو. بس پوءِ تہ اُتي جو اُتي شهزادو يڪدم پنهنجي اصلوڪيءَ شڪل ۾ اچي شهزاديءَ جي سامهون بيهي رهيون. هيڏانهن شهزادي بہ ڏاڍي خوش ٿي... ايڏي خوش ٿي، جو بس چوڻ ڪان ٻاهر!

ٿورن گهڻن ڏينهن بعد، نيٺ شهزاديءَ جي شهزادي سان شادي وڏي ڌام ڌوم سان ٿي، ۽ پوءِ شهزادو پنهنجي ملڪ، راڻيءَ سميت، روانو ٿيو، ۽ اچي پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ڀائرن سان گڏيو.

●●●

فقير ۽ شهزادي

هڪڙو درويش فقير هو، جنهن کي هڪ ئي پٽ هو. سندس زال رضا ڪري ويئي هئي. پاڻ هاڻ پيرسن ٿي چڪو هو، جنهنڪري ٻاهر نڪري نه سگهندو هو. ڇوڪرو پني ايندو هو، تڏهن پيٽ گذران ڪندا هئا. هڪ ڏينهن، فقير جو پٽ بادشاهه جي گهر پنڻ ويو. بادشاهه جي وڏور ڌيءَ هن کي خيرات آڻي ڏني. ڇوڪرو شهزاديءَ جي حسن تي اکين ڇڪن ٿي پيو. دل ۾ خيال ڪيائين ته 'بابي کي چوان ته بادشاهه کان ڌيءُ جو سڱ وٺي ڏي.' مڪان ۾ آيو ته گودڙي ڦٽي ڪري، لٽ ڏيئي، سمهي پيو. نه رڌائين نه پچايائين. پٽس پڇيس ته "ابا، اُٺي ماني پچاءِ، ته کائون." ڇوڪري ڳالهائڻ ڪٽي بند ڪيو، چپ ڪيو پيو رهيو. فقير ڪيتروئي مٿو هنيو، مگر ڇوڪرو ائين ڪڇي جهڙي پٽ. آخر فقير اُٿي پاڻ ماني ڪئي. ڪاوڙ مان پٽ کي مانيءَ جو پور به نه ڏنائين. پاڻ کائي، ٻالم ٿي، سمهي رهيو. ڇوڪر سڄي رات لنگهڻ ڪڍيو. صبح ٿيو، ته فقير پٽ کي اٿارڻ لڳو، پر ڇوڪرو بت بنيو ليٽيو رهيو. فقير وڏا وس ڪيا، پر ڇوڪري ڪٽي اکيون بوٽيون. سارو ڏينهن سمهيو رهيو. فقير گهٽو وقت هن جي آسري تي وينو، مگر هو اصل نه اٿيو. نيٺ هو پاڻ پنڻ لاءِ ويو، ۽ پني اچي رڌي پچائي کاڌائين. برابر ٽي ڏينهن گذري ويا. ڇوڪري جون اکيون ڏرا ڏيئي ويون. تڏهن فقير پڇيس ته "پلا، تنهنجو مطلب ڇا آهي؟" ڇوڪر اکيون کولي چيو ته "بابا جيڪڏهن مون کي بادشاهه جي ڌيءُ پرڻائيندين ته اٿندس، نه ته مرندو مريويندس، ڪٽ تان هيٺ نه لهندس" فقير اهو ٻڌي، ٻاهه ٿي ويو- چي، "تون سڄو ڏينهن پنين سڪا ٽڪر، ۽ پرڻجين ٿو بادشاهه جي ڌيءُ! سڄي حياتي خواب لهندين ته به ڪجهه نه ورندءِ."

ڇوڪري کي ٽي چار ڏينهن گذري ويا، ته نه ڪاڏو نه پيتو- سو پوين پساهن ۾ اچي ٿيو. فقير ڏٺو ته هاٿي ڇوري جو سر ٿو وڃي، مري ٿو، تنهنڪري پٽ کي چيائين ته "اُٺ، ڪاءُ پيءُ. مان وڃان ٿو بادشاهه وٽ. جيڪڏهن ڪاوڙيو، ته مارائيندو..... باقي سگهه ڪونه ڏيندو." تڏهن ڇوڪرو ٽپ ڏيئي، اُٿي ڪڙو ٿيو.

فقير صبح جو سويل اٿندي ئي وڃي بادشاهه جو در ورتو. بادشاهه به اک کولي، ته خبر پيس ته فقير در تي بيٺو آهي. بادشاهه پڇيس ته "فقير، ڇا جو سوالي آهين؟" فقير خوف کان ڏڪڻ لڳو. آخر ڏڪي ڏڪي، عرض ڪيائين ته "سائين عرض ڪيان، پر گناهه معاف ٿئي." بادشاهه کي هن تي ترس اچي ويو، ۽ چيائينس ته "توکي گناهه معاف آهي." فقير چيو ته "سائين، منهنجي پٽ کي اڄ چوٿون ڏينهن ٿيو آهي، جو مانيءَ پاڻيءَ کي اکئين نه ڏٺو اٿس. چوي ٿو ته 'مون کي بادشاهه جي ڌيءُ پرڻاءِ،' سو سائينءَ جن وٽ عرض ڪٽي آيو آهيان.... قبول پوي!" بادشاهه ويو ته سڙي، مگر وعدو ڏيئي ويٺو هو، تنهنڪري ماٺ ۾ ويهي، فقير کي چيائين ته "صبح جو سويل پنهنجي پٽ کي موڪل، ته مون سان ملي وڃي." فقير، اهو حڪم ٻڌي، وني پڳو، ۽ شڪرانا ڪيائين ته جان بچي. هاٿي پاٿيهي ڇورو بادشاهه جي منهن چڙهندو، ته پتو پئجي ويندس.

ڇوڪرو خوشيءَ مان ٽپا ڏيڻ لڳو. سڄي رات خوشيءَ ۾ ننڊ ئي نه اچيس. صبح جو سوير وڃي بادشاهه جو در ورتائين. بادشاهه اک کولي ته خبر پيس ته ڇوڪرو در وٽ انتظار ڪري رهيو آهي. بادشاهه اُٿي اچي ڇوڪري سان مليو، ۽ پڇيائين ته "ڇا جو سوالي آهين؟" ڇوڪري چيو ته "سائين سگهه جو طالبو آهيان." تنهن تي بادشاهه چيس ته "منهنجو هڪ سوال آهي- يعني، 'ٻَلو ٻَل ڏيکار.' جي سوال پورو نه ڪندين، ته سگهه ڪونه ملندءِ، ۽ حياتي وڃائيندين." ڇوڪرو "حاضر سائين" ڪري،

واپس پوئتي موٽيو. فقير جو پٽ فقير تہ اڳيئي هو، تنهنڪري هن کي گهمڻ ڦرڻ ۾ ڪا تڪليف يا آر تہ اصل نہ هو. سو ملڪان ملڪ گهمندو، جادوگرن جي ملڪ ۾ وڃي پهتو، ۽ هڪڙي جادوگر وٽ پڙهڻ ويهي رهيو. جادوگر چيس تہ ”بابا ٻارهن مهينا پڙهڻ ۾ لڳندءِ.“ هن قبول ڪيو، ۽ جادوءَ جو علم سکڻ شروع ٿي ويو. ڇوڪرو هو سلڇڻو، ۽ رهندو بہ جادوگر جي گهر هو، تنهنڪري گهر جو سارو ڪم ڪار ڪندو هو. هن جي نمرتا ۽ سچيتائي ڏسي، جادوگر جي ڌيءُ هن کي دين جو ياءُ ڪري سڏيو. جڏهن ٻارهن مهينا گذريا، تڏهن جادوگر ڇوڪر کي چيو تہ، ”بابا هينئر تنهنجو وقت پرجي چڪو آهي، سڀ علم مان تون واقف ٿي ويو آهين، سو توکي سڀاڻي پڳ ٻڌائيندس.“ ڇوڪر خوش ٿيڻ لڳو، ۽ جادوگر جي ڌيءَ وٽ آيو. کيس چوڻ لڳو تہ ”ادي، استاد مون کي سڀاڻي پڳ ٻڌائيندو.“ اهو ٻڌي ڇوڪري زار زار روئڻ لڳي. تنهن تي ڇوڪري چيس تہ ”ادي روءُ نہ، ڏٽيءَ گهريو آهي تہ آءٌ اوهان وٽ ايندو رهندس.“ ڇوڪريءَ جواب ڏنس تہ ”ادا، مون کي توتي تمام ديا ٿي اچي، جو اهو منهنجو پيءُ ڏاڍو بي قياس آهي. هينئر توکي سڀ علم پڙهايو اٿس، مگر سڀاڻي توکي گهيٽو بنائي، کهي ڪائي ڇڏيندو. ائين هن ڪيترا ماڻهو ڪنا آهن. تو اسان سان سنو وقت گذاريو آهي، تنهنڪري توکي بچائڻ لاءِ وڏا وس ڪنديس- پوءِ ڪتن تنهنجا ڀاڳ.“

جڏهن صبح ٿيو، تہ جادوگر ڇوڪر کي ويهاري ڪجهہ پڙهڻ لڳو. ٿوريءَ دير ۾ ڇوڪرو گهيٽو ٿي پيو. جادوگر ڌيءُ کي سڏ ڪري چيو تہ ”ڪاتي ڪٽي اچ.“ ڇوڪريءَ ڪاتي تہ اڳيئي لڪائي ڇڏي هئي، سو هيڏانهن هوڏانهن نهاري پيءُ کي چيائين، ”ڪاتي تہ نٿي لڀي!“ اتي جادوگر ڌيءُ کي چيو تہ ”تون گهيٽو جهل، تہ آءٌ تو ڪاتي ڳولي اچان.“ ڇوڪريءَ گهيٽو جهليو، ۽ جادوگر ڪاتي ڳولڻ ويو. اِتي ڇوڪريءَ گهيٽي جو رسو کولي، چيو تہ ”ادا، هاڻي ڀڄ ۽ جان بچاءِ!، ڇوڪرو پاڻ کي پکيءَ

جي صورت ڪري، اُتي اُڏاڻو، ۽ ڇوڪريءَ ونئي دانهون ڪيون تہ "بابا، گهيٽو مون کان ڇڏائي ويو." جادوگر ڀڄندو آيو، ۽ اچي ناس هنيائين. ڏنائين تہ ڇوڪرو توڻي ئي هڪ سو ڪوهہ ڪري ويو آهي. هيءُ بہ باز ٿي، ڇوڪر جي پويان پيو. ڇوڪر بہ گهٽو پنڌ پري نڪري ويو، پر جادوگر بہ اچي پهتس. ڇوڪر ڏٺو تہ دشمن ويجهو پهچي ويو آهي، سو لڪڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين. پريان هڪڙو گيدڙين جو لڏو ڏسڻ ۾ آيس، سٽ ڏيئي وڃي انهن ۾ لڪو. انهيءَ لڏي ۾ هڪ ڪراڙيءَ جي ٻڪري هئي، هيءُ ان جي پيٽ ۾ جادوءَ جي زور سان هليو ويو، ۽ جادوگر جو ڏڪ گسائي ويو. جادوگر لهي، وري انساني صورت ورتي، ۽ ناس هنيائين تہ ڏٺائين تہ ٻڪريءَ جي پيٽ ۾ آهي. سو گيدڙين کي چيائين تہ "اها ٻڪري مون کي کپندي آهي- اوهان ان جا پئسا وٺو." گيدڙين چيس تہ "ادا، اها ٻڪري اسان جي ڪراڙيءَ ماءُ جي آهي، سا ڪڏهن بہ ڪانہ ڏيندي." جادوگر ٻڪريءَ لاءِ ٻڪ ناڻي جو ڏيٺو ڪيو، ۽ چيائين تہ گوشت بہ اوهين کائو، منهنجو رڳو اوجهريءَ ۾ ڪم آهي- اُها مون کي ڏجو." لاچار غريب گيدڙين قبول ڪيو، ۽ پئسا وٺي ٻڪريءَ کي ڪٺي ڪنائون. جادوگر چين تہ "جنهن وقت اوجهريءَ تي اچو، تہ مون کي ٻڌائجو." هنن ٻڪري کهي گوشت هڪ پاسي ڪيو، ۽ اوجهريءَ کي، هٿ وجهڻ لاءِ ٽنگ ڪڍي، پيٽ جي پندار مان جيئن ٻاهر تي ڪڍيو، تيئن ڇوڪر کي سوراخ نظر آيو، اتان نڪري وٺي ڀڳو. جادوگر بہ ڏسي تہ مار، هتان بہ نڪري ويو، سو وري وٺي هن جي پويان اُڏاڻو.... تان جو ڇوڪري کي اچي ويجهو پيو. ڇوڪرو، پاڻ کي ٻاهہ جي صورت ۾ آڻي، بادشاهہ جي باغ ۾ گهڙي ويو، ۽ پوءِ وڃي هڪڙي ڏاڙهونءَ ۾ لڪي ويهي رهيو. جادوگر بہ پاڻي پاڻي ڪندو لٿو. سڄي باغ کي باهہ لڳي ويئي. جادوگر مينهن وسائي، سڄو باغ وسايو، ۽ ڇوڪر کي ڳولڻ لڳو. اِتي مالهي سڄي باغ کي ويران ڏسي، روئڻ لڳو. سڄي باغ ۾ هڪ وڻ ڏاڙهونءَ جو بچيو، جنهن

۾ هڪ ڏاڙهون پڪل بيٺو هو. مالهيءَ اهو پٽي، بادشاهه کي آڻي ڏنو، ۽ ساڻس باغ جو احوال ڪيو. بادشاهه اُهو ڏاڙهون پنهنجي ڌيءُ ڏي موڪليو، ۽ باغ جو احوال به چوائي موڪليائينس. بس، ڇوڪرو جنهن جو طالبو هو، تنهنجي هٿن ۾ پهچي ويو. هوڏانهن جادوگر سڄو باغ ٽپاسيو، ته هن کي ڇوڪري جي ڏاڙهونءَ ۾ لڪڻ جي خبر پئجي ويئي، ۽ ڏنائين ته اهو ڏاڙهون شهزاديءَ وٽ وڃي پهتو آهي: سو هو بادشاهه وٽ ويو ۽ بادشاهه کي چيائين ته "اهو ڏاڙهون جلد مون کي ڏيو، نه ته سڄي شهر جون جايون پٽي اونڌيون ٿو ڪريان." بادشاهه ٻانهيءَ کي حڪم ڪيو ته "ڏاڙهون شهزاديءَ کان وٺي اچ." ٻانهيءَ اچي شهزادي سان احوال ڪيو، ۽ ڏاڙهون گهريائين. ڇوڪري شهزاديءَ کي ڏاڙهونءَ مان اندران ئي عرض ڪيو ته "شهزادي، آءٌ تنهنجي سام آهيان، سو مون کي بچاءِ. ان جي ترتيب هيءَ آهي ته جنهن وقت ڏاڙهون بادشاهه ڏي موڪلين، ته ٻانهيءَ کي چئج ته اُتي بادشاهه اڳيان ڏاڙهونءَ کي پٽ تي وٺي ڪٽي زور سان هڻي. شهزاديءَ ٻانهيءَ کي سمجهايو، ۽ ٻانهيءَ ڏاڙهون ڪٽي ڪچهريءَ ۾ وڃي زور سان زمين تي هنيو ته ذريون ذريون ٿي ويو. جادوگر پوءِ ڪڪڙ ٿي، انهن داڻن کي چڳڻ لڳو. ڇوڪرو اِتي ٻلو ٿي، ماٺن ۾ لڪي ويهي رهيو، ۽ جنهن وقت اهو جادوگر ڪڪڙ هن جي پرسان آيو، تنهن وقت هن جهٽ هڻي، ڪڪڙ جي منڍي پڇي وڌي، ۽ کائي ڪپائي ڇڏيائينس. پوءِ انساني صورت وٺي، بادشاهه جي اڳيان ٻانهون ٻڌي بيهي رهيو، ۽ چيائين ته "قبلا، ڏنو اسان جو انصاف!" بادشاهه هي ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ پنهنجي واعدي کي پاڙي ڏنائين- يعني، يڪدم ڇوڪري جي شادي پنهنجي ڌيءُ سان ڪرايائين. - ڏسو ته سهي، ڇا مان ڇا ٿي ويو.

●●●

آفيمي بادشاھ

هڪڙو بادشاھ هو، جنهن کي آفيم کائڻ جي ڏاڍي عادت هئي. هڪڙي ڏينهن سندس وزير عرض ڪيو تہ "بادشاھ سلامت! گستاخي معاف ٿئي، تہ ڪجھ عرض ڪريان." بادشاھ چيس تہ "چئُ!" وزير چيو تہ حضور جن آفيم واپرائين ٿا، جو سراسر خراب آهي؛ ۽ انهيءَ جو نتيجو بہ خراب نڪرندو: سو ڪيئن، جو توهان دشمن ۽ دوست کي ڪونہ سڃاڻندؤ، ڪوڙ ڳالهائڻو پوندو، ۽ چوري ڪندؤ." بادشاھ حيران ٿي ويو، ۽ وزير کي چيائين تہ "اڙي وزير، اج وري اها ڪهڙي نئين ڳالھ پيو ڪرين! آءٌ آفيم تہ روز پيو کان؛ سو اڃي اڃي، اج ڪيئن ٿو چوين تہ آءٌ دوست دشمن ڪين سڃاڻندس، چوري ڪندس ۽ ڪوڙ ڳالهائيندس؟" وزير چيو تہ "بادشاھ سلامت، جيئن آءٌ چوان ٿو، تيئن نيڪ آهي؛ ڪجھ ڏينهن مهلت ڏيو، آءٌ جيڪي چوان ٿو، سو اوهان کي ثابت ڪري ڏيکاريندس."

ٻن چئن ڏينهن کانپوءِ، بادشاھ کي شڪار جو خيال ٿيو، سو هڪڙي ڏينهن پنهنجي ساٿ سميت اٿي شڪار تي روانو ٿيو. هلڻ کان اڳ، بادشاھ هڪ شرط وڌو تہ "شڪار جنهن جي منهن ۾ نڪتو، اُهوئي انهيءَ شڪار پنيان ويندو، ۽ جي شڪار نہ ڪيائين، تہ پوءِ اُن کي سزا ڏني ويندي." سڀني اِها ڳالھ قبول ڪئي، ۽ پوءِ ڊنبلي جو ڊنبلو گهوڙا ڊوڙائيندو اچي شڪارگاھ ۾ رسيو. ٿورڙي اڳتي وڌيا، تہ اچي هڪڙي گهاٽي جهنگ ۾ پهتا. اوچتو اوچتو، هڪ سونن سڱن وارو هرڻ ڇلانگ ڏيئي، بادشاھ جي سامهون آيو، ۽ ڪيل شرط موجب بادشاھ پنهنجو گهوڙو هرڻ پنيان ڇڏيو. اڳيان هرڻ پنيان بادشاھ- ڊوڙندي ڊوڙندي، ڳچ

ديرڪان پوءِ بادشاھہ ٿوري اُڃ محسوس ڪئي.... پر وچ واري شرط جي يادگيري پيس، تہ وري ڪٽي گھوڙي جو لغام ڍرو ڪيائين. ايتري ۾، ھرڻ ٽپ ڏيئي ھڪ گھاٽي ٻوٽي جي پنيان گم ٿي ويو، ۽ بادشاھہ ششدر ٿي بيھي رھيو. اوسي پاسي نظر ڪيائين تہ ڪجھہ بہ ڏسڻ ۾ نہ آيس. اُڃ بہ اچي ڏاڍي ستايس. ڏاڍو حيران ۽ پريشان ٿيو. نہ ساٿ نہ سنگت، ڪري سو ڪري ڇا. آخر ھانو جي ٻل تي، آھستي آھستي وڏي اڳتي ھليو. ٿوري پنڌ ڪان پوءِ ھن کي پريان ھڪ ٻڪرار وينل نظر آيو، جنھن وٽ پاڻيءَ جي ڪلي ھئي. بادشاھہ ٻڪرار کي چيو تہ "اي ٻڪراز، مون کي پاڻي ڏي!" ٻڪرار بادشاھہ کي سڃاتو ڪونہ، ۽ پاڻي ڏيڻ ڪان انڪار ڪيائين. بادشاھہ ٻڪرار ڪان ڪليءَ ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ٻڪرار ڪلي اگ ۾ ٿي ڪولي، پاڻي ھاري ڇڏيو. بادشاھہ پوءِ نااُميد ٿي اڳتي ھليو، تہ وري بہ ساڳيو ھرڻ ڏٺائين. بادشاھہ وري بہ پنيان پيس، ۽ ھرڻ ٿھي اٿي پڳو.... پر بادشاھہ تير ھڻي ھرڻ کي منڊو ڪري وڌو، ۽ پوءِ گھوڙي کي ڊوڙائي، وڃي ھرڻ کي جھليائين، ۽ ان کي ڪٽي اچي ھڪڙي وڻ جي ھينان ويھي رھيو. بادشاھہ جو ھڪ طوطو ھو، جو بادشاھہ جو سڄڻ ھو، ۽ بادشاھہ سان گڏ مٿي اڏامندو پئي آيو- تنھن کي ھن سڏي پنھنجي پرسان ويھاريو. اوچتو مٿان وڻ مان پاڻيءَ جي ڦڙن وانگر ڪجھہ ٽمڻ لڳو. بادشاھہ وڻ جي پن ۾ ڦڙو ڦڙو گڏ ڪري پيئڻ ٿي چاھيو. ٽي ڏفعا ھن ڪوشش ڪئي، پر ٽيئي دفعا طوطي پڙڪي ڏيئي اُھو پاڻي ھاري ڇڏيو. بادشاھہ کي بہ لڳي ٿي ڪاوڙ، سو منديءَ ڪان وني جو مَروٽو ڏنائينس، تہ سسي وڃي پري پيس. نراس ٿي اُتان بہ اُٿيو.

ٿوري پنڌ ڪان پوءِ، ھن کي ھڪ فقير جو آستان نظر آيو، ۽ اوڏانھن تڪڙيون تڪڙيون وکون ڪٽي ويو. فقير ويو ھو پاڻي پرڻ، سو بہ پريان پئي آيو. پنھجي جھوپڙيءَ وٽ ھڪ مسافر ڏسي ان جو آذر ڀاءُ ڪيائين، ۽ پاڻي بہ پياريائينس، ۽ چيائينس تہ "آفيم بہ ڪائيندو آھين؟" بادشاھہ چيو:

"هائو." فقير چيس: "وٽ دبلي، جيترو ڪائيندو آهين، ايترو ڪاءِ، ۽ ٻيو اتي رک تہ آءٌ ٻاهران تي ٿو اچان." بادشاهہ ڇا ڪيو، جو ڪائڻ جيترو ڪائي، ٻيو اوترو ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيائين- جو فقير ڏسي ورتو، جنهن چيس تہ "مون توکي ڪائڻ لاءِ ڏنو، نہ چوري ڪرڻ لاءِ!" بادشاهہ پڪو منهن ڪري چيس: "مون چوري ڪانہ ڪئي آهي." انهيءَ سوال جواب ۾ هئا: تہ وزير بہ اچي نڪتو: جنهن فقير کان پڇيو تہ "ڇا ڳالهہ آهي؟" فقير ساري حقيقت ڪري ٻڌايس، ۽ بادشاهہ جي ڪيسي مان آفيم ڪڍي ڏيکاريائينس. اتي وزير بادشاهہ سلامت کي پنهنجي ڳالهہ ياد ڏياريندي، چيو تہ "بادشاهہ سلامت! مون اوهان کي چيو هو تہ آفيم ڪائڻ سان تي ڳالهيون ڪندا، جي تيئي اوهان ڪيون. ڇڳو هاٿي ٻڌايو تہ توهان جو سڄڻ طوطو ڪٿي آهي؟" بادشاهہ چيس تہ "اهو وڻ هيٺان ماري ڇڏيم." وزير چيس تہ اهو وڻ ڪٿي آهي، مون کي تہ ڏيکاريو!" بادشاهہ اُهو وڻ ڏيکاريس، جنهن جي چوٽيءَ تي ارڙ بلا کي ڪنهن ماري ڇڏيو هو- تنهن جو زهر پئي اتان ٽميو. وزير چيو تہ "طوطي توهان کي اهو 'پاڻي' پيئڻ نہ ڏنو، جو ڏٺائين پئي تہ اهو زهر آهي- پر اوهان ان سڄڻ کي نہ سڃاتو، ۽ اُن کي ماري وڌو." بادشاهہ کي وزير جون تيئي ڳالهيون دل سان لڳيون، ۽ ڏاڍو افسوس ڪيائين.

آخر پنهنجو جهليل سونن سڱن وارو هرڻ ڪٽي، منزل ڏي موٽيا. رستي تي هڪ ٻي بادشاهي پين، جتي جي شهزاديءَ جڏهن بادشاهہ وٽ مرڻ ڏٺو، تڏهن يڪدم ٻانهيءَ کي چيائين تہ "اِنهيءَ ماڻهو سان آءٌ شادي ڪنديس- انهي وٽ منهنجو پيارو هرڻ آهي!" پوءِ ٻنهي جي شادي ٿي، ۽ بادشاهہ راڻيءَ کي وٺي موٽي آيو، ۽ ٻيئي اچي خوشيءَ ۾ حياتي گذارڻ لڳا.... ۽ پوءِ بادشاهہ آفيم ڪائڻ ڇڏي ڏنو.

●●●●



سياڻو بادشاھ

هڪڙو شخص هو، جنهن وٽ بيشمار ڌن دولت هئي. هن کي چار پٽ هئا. هڪڙي ڀيري هو سخت بيمار ٿيو، ۽ گهڻا ئي علاج ڪرايائين، پر فائدو بنهه ڪونه ٿيس. جڏهن بچڻ محال ڏٺائين، تڏهن خيال ٿيس ته مون وٽ جيڪا به ملڪيت آهي، سا هينئر ئي چوڪرن ۾ ورهائي ڇڏيان، متان منهنجي مرڻ ڪانپوءِ، پاڻ ۾ وڙهي بڇڙا نه ٿين، اهو خيال ڪري هن چار ديڳڙا گهرايا، ۽ پنهنجي ملڪيت جا حصا ڪيائين..... ۽ ڪجهه هڪڙي ۾، ڪجهه ٻئي ۾ - اهڙيءَ طرح چئن ئي ديڳڙن ۾ ڪجهه نه ڪجهه وجهي، چارئي ديڳڙا جدا جدا پنهنجي کٽ جي چئن پاون هينان پورائي ڇڏيا.

جڏهن سڪرات جو وقت آيس، تڏهن چئن ئي پٽن کي سڏائي چيائين ته "بابا! ڌن دولت اهڙي شيءِ آهي، جنهن تان هميشه خون خرابا ٿيندا آهن. مون پنهنجي سموري ملڪيت چئن ڀاڱن ۾ ورهائي آهي ۽ چارئي حصا الڳ الڳ پنهنجي کٽ جي چئن پاون هينان پورائي ڇڏيا آهن. مون لاءِ اوهان چارئي اکين جي تارن جيان آهيو..... پنهنجي ملڪيت جو

مون کوبہ حصو گهٽ وڌ ڪونہ ڪيو آهي... تنهنڪري اوهان مان هر هڪ، منهنجي روبرو، ڪٽ جو هڪ هڪ پائو پنهنجو پنهنجو ڪري ڇڏي، ۽ منهنجي مرڻ کان پوءِ اُن جي هيٺان جو ڪجهہ پوريل هجي، سو کوٽي ڪٽي." ڇوڪرن پيءُ جي اها ڳالهہ قبول ڪئي... ۽ پڪا وجهي، هرهڪ پنهنجو پنهنجو پائو مقرر ڪري ڇڏيو.

جڏهن شاهوڪار مئو، تڏهن ڇئن ئي پائرن کٽ جي پنهنجي پنهنجي پائي هيٺان زمين کوٽي، ڏن جا ديڳڙا باهر ڪڍيا.... ڇا ڏسن تہ هڪڙي ديڳڙي ۾ هيرا جواهر رکيا آهن، ٻيو سون سان ڏٽيو پيو آهي... ۽ ٽئين چوٿين ۾ ڪجهہ بہ ڪونهي- هڪڙي ۾ رڳو ٻڪ مٽيءَ جو پيو آهي، ۽ ٻئي ۾ بہ چار سڪل هڏيون رکيون آهن! جن ڇوڪرن کي هيرن جواهرن ۽ سون چانديءَ جا ديڳڙا هٿ آيا، اهي تہ ڏاڍا خوش ٿيا، باقي ٻن ڇوڪرن کي، جو مٽيءَ ۽ هڏن جا ديڳڙا مليا، سو سخت ناراض ٿيا، ۽ پائرن کي چيائون تہ "هن ڌوڙ ۽ هڏين کي ڇا ڪنداسين! اسين اصل ملڪيت مان ضرور حصا ونداسين." انهيءَ تي هنن چيس تہ "بابو هٿن سان ملڪيت ورهائي ويو، ۽ اوهان پاڻ اها ملڪيت قبول ڪئي هئي، ۽ پنهنجي خوشيءَ سان پنهنجا پاوا مقرر ڪيا.... هاڻي ڇا ٿيندو؟" آخر هنن جو تڪرار وڌڻ لڳو، ۽ ڳالهہ ڇئن ڇڳن تائين ويئي؛ پر ڇڳا بہ ڪنهن فيصلي تي پهچي ڪين سگهيا، ۽ چيائون تہ "ان ۾ ڪو راز رکيل آهي، تنهنڪري ڪنهن ڏاهي ماڻهوءَ کان نياءُ ڪرايو." سيئي پائر ان تي راضي ٿيا، ۽ ڪنهن ڏاهي ماڻهوءَ جي ڳولا ڪيائون، پر ڪوبہ ڏاهو ماڻهو ڪونہ ملي سگهين، جو ڪو نبيرو ڪري سگهي. تڏهن لاچار چارئي گڏجي، ملڪ جي بادشاهہ وٽ انصاف لاءِ ويا.

جڏهن بادشاهہ جي شهر کي ويجهو پهتا، تہ پريان شهزادو گهوڙي تي ايندو ڏسڻ ۾ آين. هنن اڳتي وڌي، شهزادي کان بادشاهہ جي پڇا ڪئي، جنهن چيو تہ "بادشاهہ وينو تہ آهي، پر چريو ٿيو وينو آهي...."

اها ڳالهہ ٻڌي، هنن سيني کي عجب لڳو، ۽ خيال ڪيائون تہ موٽي هلون. پر وري رڙهي اڳتي وڌيا، ۽ وڃي محلات وٽ پهتا. اتي هنن کي شهزادي ملي، جنهن ٻڌاين تہ "بادشاهہ وينو تہ آهي، پر انڌو ٿيو وينو آهي...." ان ڳالهہ بہ هنن ڀائرن کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو. خيال ڪيائون تہ ڪو مڙيوئي راز آهي. اجا ڪجهہ اڳيرو وڌيا، تہ راڻي دريءَ ۾ بيٺي هئي. پڇا ڪرڻ تي راڻيءَ ٻڌاين تہ "ٻارهن مهينا ٿيا، جو بادشاهہ گذاري ويو...." راڻيءَ جي جواب تہ هنن کي ويتر منجهائي ڇڏيو. نيٺ گهٽيءَ پڇا ڳاڇا مان معلوم ٿين تہ بادشاهہ سلامت واقعي موجود آهي- ۽ هي چارئي ڀائر پوءِ بادشاهہ جي دربار ۾ پهچي ويا، ۽ بادشاهہ کي فيصلي ڪرڻ لاءِ عرض ڪيائون.

بادشاهہ هنن جيَ ڳالهہ ٻڌي، پهرين تہ ڪجهہ خيال ۾ پئجي ويو، پر پوءِ ڳجهارت کي سلي چيائين تہ "اوهان جو پيءُ بلڪل پورو فيصلو ڪري ويو آهي. هيرن جواهرن وارو پلي هيرا جواهر کٽي، ۽ سون وارو سون کٽي- باقي جنهن کي مٽيءَ جو ديڳڙو مليو آهي، سو پيءُ جي زمين سنڀالي، ۽ جنهن کي هڏيون هٿ آيون آهن سو چوپائي مال جو مالڪ ٿئي." بادشاهہ جو اهو فيصلو ٻڌي، چارئي ڀائر ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ بادشاهہ جا لکين شڪرانا بجا آندائون. پر وڃڻ وقت بادشاهہ کي عرض ڪيائون تہ "بادشاهہ سلامت، جي اجازت ملي، تہ هڪ ٻيو بہ عرض پيش ڪريون..." بادشاهہ هنن کي موڪل ڏني، ۽ هنن مان هڪڙي ادب سان عرض ڪيو تہ "جيئندا قبلا! اسين جڏهن حضور جن ڏانهن پئي آيا سين، تڏهن پهريائين شهزادو گڏيو، جنهن چيو تہ 'بادشاهہ وينو تہ آهي، پر ڇريو ٿيو وينو آهي!' وري ڪجهہ اڳيرو آيا سون، تہ شهزادي ملي، جنهن ٻڌايو تہ 'بادشاهہ وينو تہ آهي، پر انڌو ٿيو وينو آهي!' وري اجا اڳتي آيا سين، تہ راڻي ملي، جنهن چيو تہ 'ٻارهن مهينا ٿيندا، جو بادشاهہ گذاري ويو!' پر جڏهن اسين هتي پهتا سون، تہ ڏٺوسين تہ سائينءَ جن سلامت وينا آهن! آخر هنن جي اهڙين ڳالهين ڪرڻ جو ڪهڙو مطلب هو؟"

انھيءَ تي بادشاھہ چيو تہ 'انھن تنھي سچ چيو، پر اوھان ھنن جي ڳالھہ نہ سمجھي. شھزادي، جو چيو تہ 'بادشاھہ چريو ٿيو وينو آھي،' ان جو مطلب ھيءُ ھو تہ آءٌ اجا ھن جي شادي ڪرڻ نٿو گھران، ۽ چاھيان ٿو تہ پلي تہ پڙھي ۽ زياده علم حاصل ڪري.... تہ پوءِ شادي ڪرايانس؛ پر شھزادو سمجھي ٿو تہ 'آءٌ بالغ اچي ٿيو آھيان،. تہ بہ بابو شادي نٿو ڪرائي- شايد سمجھي نٿو .... تنھنڪري چريو آھي.' شھزاديءَ، جو چيو تہ 'بادشاھہ انڌو ٿيو وينو آھي،' ان جو مطلب ھيءُ تہ شھزادي سمجھي ٿي تہ 'آءٌ سورنھن سالن جي اچي ٿي آھيان- بادشاھہ مون کي روز ڏسي ٿو... پر اُن ھوندي بہ، منھجي شادي نٿو ڪرائي!' حقيقت ۾ مون کي ڪو اھڙو لائق وَر ۽ گھر نٿو سُجھي، جو شھزاديءَ کي پرڻايان.... تنھنڪري سمجھي ٿي تہ 'بادشاھہ انڌو آھي.' وري راڻيءَ، جو چيو تہ 'بادشاھہ بارھن مھينا اڳ مري ويو.' تنھن جو مطلب ھيءُ ھو تہ اج برابر بارھن مھينا ٿيا آھن، جو بادشاھي ڪمن جي تڙ پيڙ ڪري، آءٌ ھڪ ساعت لاءِ بہ راڻيءَ سان ملاقات نہ ڪري سگھيو آھيان.... تنھنڪري ھوءَ سمجھي ٿي تہ 'بادشاھہ مري ويو آھي.' "

اھا ڳالھہ ٻڌي، ۽ پنھنجو انصاف ٿيندو ڏسي، اھي چارئي ڀائر بادشاھہ جي عقل ۽ دانائيءَ جي ساراھہ ڪرڻ لڳا، ۽ دعائون ڪندا، اچي گھر پھتا. ۽ پاڻ ۾ مٺ محبت سان گذارڻ لڳا.

●●●

ولايت شاهہ

هڪڙو هو بادشاهہ، جو پنهنجيءَ راڻي سان گڏ محلات ۾ وينو هو، تہ اوچتو اچي سندن مٿان بہ وڏا پکي لانگهائو ٿيا. بادشاهہ راڻيءَ کان پڇيو تہ ”اهي ڪهڙا پکي هئا؟“ راڻيءَ جواب ڏنو تہ ”سائين! اهي هئا هنج پکي!“ بادشاهہ چيس تہ ”نہ، اهي هئا مور پکي!“ راڻيءَ کي هٺي خاطري، سو چيائين تہ ”بادشاهہ سلامت! جي هنج پکي نہ هوندا، تہ آءٌ هن محلات مان نڪري ويندس!“ بادشاهہ ٻانهين کي حڪم ڏنو تہ ”ڏسي اچو تہ اهي ڪهڙا پکي هئا.“ ٻاهر نڪري، انهن ڏنو تہ برابر هنج هئا، مگر بادشاهہ جي خوف ۽ خوشامد جي ڪري، ڪوڙ هڻي، چيائون تہ ”سائين! برابر مور آهن، ۽ سرڪار جو چوڻ سچو آهي.“ جنهن تي بادشاهہ راڻيءَ تي اچي ڪاوڙيو، ۽ چيائينس تہ ”جيڪي پاڻ سان کڻڻو اٿئي، اهو کڻ ۽ محلات مان نڪري وڃ.“

راڻي، آسرو الله جو ڪري، ڪجهہ کڻڻ جهڙيون شيون کڻي، فقيراڻو ويس ڪري، اٿي هلي. هلندي هلندي، اچي ڪنهن ٻئي بادشاهہ جي بادشاهيءَ ۾ پهتي، ۽ هڪ وڻ جي هيٺان اچي منزل ڪيائين. اتفاقاً انهيءَ وقت بادشاهہ جا ماڻهو بہ اُتي آيا، ۽ هن جو حسن جمال ڏسي، حيرت ۾ پئجي ويا، ۽ وڃي بادشاهہ کي ٻڌايائون. بادشاهہ وزير کي موڪليو تہ وڃي ڏسي، ۽ اچي احوال ٻڌائي. وزير هن سان اچي مليو، ۽ حال احوال پڇيائينس. راڻيءَ چيو تہ ”آءٌ فقيرياڻي آهيان،“ ۽ وزير کان پڇيائين تہ ”ڀلا هتي جي بادشاهہ جو نالو ڇا آهي؟“ وزير وراڻيو تہ ”هن ملڪ جي

مالڪ جو نالو آهي عزت شاهه بادشاهه، ۽ آءٌ سندس وزير آهيان." پوءِ وزير وجي سندس سونهن ۽ سوڀيا جو احوال بادشاهه کي ڏنو. بادشاهه کيس حڪم ڪيو ته "انهيءَ عورت کي عزت سان وٺي اچ، ۽ محلات جي هڪ حويليءَ ۾ آڻي رهاءِ!" بادشاهه جي حڪم موجب، وزير هن کي آڻي محلات ۾ رهايو، ۽ پوءِ هوءَ پنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن خير سان اُتي ڪاٽڻ ۽ گذارڻ لڳي.

راڻيءَ کي هو حمل، سو ٿوري گهڻي ڏينهين کيس پٽ ڄائو، جنهن جو نالو رکيائين "ولايت شاهه." ڇوڪر اچ ننڍو سيان وڏو، اچي ٻاهر گهمڻ ڦرڻ ۽ راند روند ڪرڻ لڳو. هڪڙي ڏينهن وزير جي نظر مٿس پئجي ويئي، ۽ کانئس پڇڻ لڳس ته "ڇوڪرا، تون ڪنهن جو پٽ آهين؟" ڇوڪر اچي روئڻ ۾ ڇٽڪيو، ۽ وجي ماءُ سان ڳالهه ڪيائين. وزير کي هئي شادي ڪرڻ جي اون، ڇو ته اُنهن ڏينهن ۾ سندس گهر واري گذاري ويئي هئي: سو جاچ مان پتو پيس ته اهو منهن ملوڪ نينگر انهيءَ فقيرياڻيءَ جو پٽ آهي، جنهن کي پاڻ بادشاهه وٽي آيو هو. پوءِ، ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان، "فقيرياڻي" وٽ اچڻ وڃڻ لڳو، ۽ ڇوڪر سان پڻ پيار ۽ محبت ميٺ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو.

ڇوڪر سهي ڪيو ته وزير جي دل ۾ مڙيوئي ڪجهه کوٽ آهي، ۽ خود هن جي ماءُ به ڳالهه کي سمجهي ويئي. پر لاچاريءَ جي ڪري، زماني سارو، دل جي دل ۾ رکي، ٻيئي ماءُ پٽ وزير سان ڳالهائيندا ٻولهائيندا رهيا.

هڪڙي ڏينهن، وزير ان نينگر کي ساڻ ڪري، جهاز ۾ چڙهي، ڪنهن سفر ۾ ويو. نينگر کي اچي شڪ جاڳيو ته 'هيءَ وزير منهنجي جان جو گهوريو آهي.' سو، هڪ ڏينهن جهاز اچي ڪنهن لنگر ڪيو، ته نينگر پنهنجي خيال سان هيٺ لهي، وڃي اُتي جي وڻن جي هڪ گهاٽي جهڳٽي ۾ لڪي وينو. ايتري ۾، کيس اندر هڪ ڦتل کوهه ۾ سوجهرو ڏسڻ ۾

آيو. جان ڪٽي چتائي نهاري، ڏسي تہ اندر ڪي عجيب قسم جا ماڻهو آهن، جي ويٺا تا ڊاري راند ڪن. ماڻهن، جو هن ڪي ڏنو، سو ونئي پڳا ۽ اُتي جو اُتي ڪيڏانهن گم ٿي ويا؛ ۽ نينگر يڪدم اندر وڃي، اُهي ڊارا ڪٽي آيو، ۽ اچي وزير کي ڏنائين. وزير، اهي ڊارا ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ سفر ڪان موٽڻ تي اچي بادشاهہ جي اڳيان نذر رکيائين، ۽ بادشاهہ اُهي ڊارا اچي پنهنجي راڻيءَ کي ڏنا. راڻيءَ ڊارن کي ڏسي، چيو تہ ”مون کي سٺن سهيلين لاءِ اهڙا ست ڊارا ۽ ست چوپڙيون گهرجن، ۽ ضرور گهرجن.“ بادشاهہ پنهنجي راڻيءَ کي راضي رکڻ لاءِ، وزير کي حڪم ڪيو تہ ”يڪدم اهڙا ست ڊارا ۽ ست چوپڙيون آڻ، نہ تہ توکي گهاڻي ۾ پيڙايو ويندو!“

وزير، مَنجي اونڌي ڪري، اچي گهر سمهي پيو. نينگر، جو وڃي هن جو هيءُ حال ڏنو، سو کيس چيائين تہ ”وزير سائين! اهو ڪم آسان آهي. اوهان اڳي وانگر جهاز وري انهيءَ منزل تائين ڪَهرائي هلو، تہ آءٌ تو اهي ست ڊارا اوهان کي پيدا ڪري ڏيان.“ وزير يڪدم بادشاهہ ڪان موڪلائي، جهاز ڪهرائي، اچي اُنهيءَ ساڳيءَ جاءِ تي لنگر هنيو. نينگر جهاز تان لهي انهيءَ ڪوهہ وٽ آيو، تہ ساڳيءَ طرح ڪيس سوجهرو ڏسڻ ۾ آيو؛ ۽ هيٺ وڃي ڏنائين تہ هڪ گهاٽو آهي، جو جادوءَ جي زور تي پيو هلي. اجا اڳتي ويو، تہ ڪيس هڪ شهر ڏسڻ ۾ آيو، جنهن ۾ هڪ بہ ماڻهو نہ هو. اتي هڪ گنبذ واري جاءِ ڏٺائين، ۽ اُن ۾ هڪ نهايت سهڻي ۽ ملوڪ عورت ڏٺائين، جا اُبتي ٽنگي پيئي هئي، ۽ مٿي پيئي هئي. وڌي وڃي اُن کي هيٺ لاٿائين، ۽ سبتو ڪري اجا پلنگ تي ليٽايائينس ئي ڪونہ، تہ عورت اُٿي ويهي رهي، ۽ هن کي پنهنجي سامهون ڏسي، حيرت ۾ پئجي ويئي، ۽ پڇيائينس تہ ”تون ڪير آهين، ۽ هتي ڪيئن آيو آهين؟“ هن سمورو احوال ڪري ٻڌايس، جنهن تي انهيءَ عورت چيس تہ ”هتي هڪ برڙ باڪاس رهندو آهي، ۽ هيءَ سندس جوءِ آهي؛ هي سڄو شهر، جو

پڙ پانگ پيو آهي، سو بہ هن برڙ باڪاس ڪائي ڪپائي ڇڏيو آهي. اصل تہ مان شهزادي آهيان، پر هن مون کي، زوريءَ کڻي آڻي هتي قيد ڪيو آهي، ۽ ڏينهن جو مون تي جادو ڪري، جيئن ڏٺئي تيئن هن گنبذ ۾ ٽنگي هليو ويندو آهي، ۽ رات جو اچي مون کي اُتان لاهي سجاڳ ڪندو آهي." اِهو ٻڌي، نينگر چيس تہ "ڪو فڪر نہ ڪر. تون فقط ايترو ڪر، جو جڏهن اهو اچي، تہ ڪانئس پُڇج تہ 'تنهنجو ساهہ ڇا ۾ آهي؟" تنهن ڪانپوءِ برڙ باڪاس جي اچڻ جي مهل ٿي، ۽ ولايت شاهہ هڪڙي هنڌ وڃي لڪي ويهي رهيو.

ايتري ۾، واءُ ۽ طوفان اچي لٿو، ۽ ان مان برڙ باڪاس ظاهر ٿي، اچي "آدم بُو آدم بُو" ڪرڻ لڳو. شهزاديءَ ڪاوڙجي چيس تہ "پيو تہ ڪونہ آهي- آءٌ ئي تو وٽ هڪڙو آدم وڃي بچي آهيان، سو کڻي مون کي ماري ڪاءُ!" برڙ باڪاس پوءِ ٺڏو ٿي، اچي شهزاديءَ جي پرسان وينو ۽ هن سان محبت ميٺ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. اِتي شهزادي وري اچي روئڻ ۾ ڇٽڪي... ۽ ديو جي پڇڻ تي چيائينس تہ "تون مون کي هن جهنگ ۾ اڪيلو ڦٽو ڪيو ٿو وڃين؛ مردن جا گهڻائي دشمن هوندا آهن؛ جي، خدا نہ ڪري، ڪو دشمن توکي ماري وجهي، تہ آءٌ تہ هتي يا عمر ٽنگي پيئي هجان!" ديو چيس تہ "تون فڪر نہ ڪر، مون کي مارڻ وارو اڃا پيدائي ڪونہ ٿيو آهي؛ ۽ منهنجو ساهہ سترو ۽ سولو نڪرڻو نہ آهي، ڇو تہ اُهو آهي هڪ پراڻي مَٽَ ۾ پيل ميڻ ۾، جنهن جي مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي خبر ڪانهي. مون کي منهنجيءَ ماءُ جو چوڻ آهي تہ 'ابا توکي جي ماريندو، تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن ولايت شاهہ شهزادو اچي ماريندو' .... ۽ اهو اڃا ڄائوئي ڪونہ آهي. سو تون دلجاءِ ڪر. آءٌ ويندس تہ انهيءَ ڪونيءَ جون ڪنجيون بہ هتي تو وٽ ڇڏي ويندس."

صبح جو برڙ باڪاس دستور موجب هليوويو- ۽ ڪنجيون راڻيءَ کي ڏيئي ويو. اِتي ولايت شاهہ بہ ٻُهري کان نڪري نروار ٿيو، ۽ اچي اُبتي

تنگيل شهزاديءَ کي لاهي، ۽ کيس چڱو ڀلو ڪري، ڪانئس احوال ورتائين. شهزاديءَ سموري خبر ڪيس، ۽ چيائينس تہ ”هي ڪنجيون ڪٽي، فلاڻي ڪوٺيءَ کي کولي، ان ۾ پيل پراڻي مَٽَ وارو ميڻ ڪڍي، ديوَ جو پتلو ناهه، ۽ پوءِ عضوو عضوو ڪري ماري ڇڏينس.“ ولايت شاهہ ائين ڪيو، تہ برڙ باڪاس سهڪندو ٻجندو، گوڙ گهمسان ۽ زمين آسمان هڪ ڪندو آيو، جڏهن ويجهو آيو، ولايت شاهہ پتلي جي هڪ ڄنگهہ ڀجي ڇڏي.... اجا بہ ويجهو آيو، تہ ٻي بہ ٽوڙي ڇڏيائينس. پوءِ تہ ديو راڙ ڪري پَٽَ تي ڪِري پيو، ۽ هٿن تي رڙهندو، هن ڏانهن اچڻ لڳو. اِتي ولايت شاهہ يڪدم ان جي سِسي مروڙي، ڀجي ڇڏي، تہ ديوَ بہ پويان پساهہ ڏنا ۽ مري ويو.

ولايت شاهہ اُتان جا سڀ قيمتي زيور ۽ سامان ڪٽائي ۽ چوپڙيون ۽ ڊارا ڪٽي اچي جهاز ۾ رکرايا، ۽ شهزاديءَ کي بہ ساڻ وني آيو. اهو ڏسي، وزير هيڪاري حسد ۾ ٻرجي ويو، ۽ انهيءَ شهزاديءَ تي عاشق ٿي پيو، ۽ جڏهن وطن موٽي پئي آيا، تڏهن وات تي اتڪل سان ولايت شاهہ کي هن هڪ اونهي کوهہ ۾ اُڇلائي ڇڏيو.... ۽ اهي ڊارا ۽ چوپڙيون اچي بادشاهہ کي ڏنائين. بادشاهہ اهي شيون ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن تي راضي ٿيو، ۽ ان جي بدلي ۾ کيس پهراڻيون پهرايائين.

وزير ان شهزاديءَ کي ٻاهران ئي ٻاهران آڻي پنهنجيءَ محلات ۾ رهايو، ۽ اُن سان شادي ڪرڻ جو ذڪر ڪيائين: جنهن تي هن وراڻيو تہ ”آءٌ جي مڙس ڪنديس تہ ولايت شاهہ ڪنديس. ٻئي ڪنهن سان مون کي شادي ڪرڻي ڪانهي.“ تنهن تي وزير کي ڏاڍي خار لڳي، ۽ هن کي اونداهيءَ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيائين.

اتفاق سان اُنهي کوهہ وٽ اچي سيلانين جو لَڏو لٿو، ۽ هڪ نينگر کوهہ مان پاڻي ڀرڻ لاءِ، جيئن ڏول کوهہ ۾ وڌو، تہ ولايت شاهہ شهزادو انهيءَ ڏول کي چنبڙي پيو، ۽ اُن جي ذريعي ٻاهر نڪري آيو. سيلانيءَ جي ڌيءُ پنهنجي پيءُ کي چيو تہ ”بابا! خدا نہ ڀلائي تہ هيءُ ولايت شاهہ

شهزادو آهي، جنهن جي تون ڳالهه ڪندو آهين.“ پٽس چيو ته ”اما! جي اُهو هوندو، ته آءٌ ڪيس اهڙي هڪ لٺ ڏيندس، جو ان کي جوان هٿ ۾ ڪٽندو، ته ٻيو ڏسڻ ۾ ايندو.“ پٽ چيس ته ”بابا! جي اُهو هوندو، ته آءٌ ڪيس اهڙو هڪ مَٽيو ڏيندس، جو جيڪڏهن هو وات ۾ وجهندو، ته پکي ٿي اُڏامي سگهندو.“ سيلانيءَ جي ڌيءُ چيو ته ”جي برابر اُهو آهي، ته آءٌ هن کي اهڙو سرمو ڏينديس، جو پائڻ سان پوڙهو هوندو ته وري جوان ٿي ويندو.“ آخر حال احوال ورتائون، ۽ هن چيو ته ”مان برابر اُهو ولايت شاهه شهزادو آهيان.“ تنهن تي هنن کيس وعدي ڪيل سڀ چيزون ڏنيون. پوءِ انهن چيزن سميت هو ماءُ وٽ موٽي آيو، ۽ هڪدم بادشاهه جي دربار ۾ ويو، ۽ سموري حال جي حقيقت عرض ڪيائين. تنهن تي بادشاهه حڪم ڏنو ته ”هن وزير کي جيئري گڏهه جي پيٽ ۾ وجهي لوڙهائي ڇڏيو.“ پوءِ شهزاديءَ کي اونداهيءَ ڪوٺيءَ مان ڪڍائي، ان جي ولايت شاهه شهزادي سان ڌاڍي ڌوم سان شادي ڪرايائين، ۽ هڪدم شهزادي جي پيءُ ڏي سربستي حقيقت لکي موڪليائين جنهن ۾ هن کي شرمايائين ته ”پڪين جي ڳالهه تي ڪي پنهنجا ننگ ڇڏبا آهن!“ ولايت شاهه شهزادي جو پيءُ اهو خط پڙهي، ڏاڍو شرمندو ٿيو، ۽ اميرن وزيرن کي ساڻ ڪري، پاڻ پنهنجي سَر اُتي هلي آيو، ۽ وڏي شان مان سان پنهنجي راڻيءَ ۽ پٽ کي ننهن سميت پنهنجي بادشاهيءَ ڏانهن وٺي ويو، ۽ اُتي اعلان ڪيائين ته ”پنهنجي جيئري ئي پنهنجي هن پٽ ولايت شاهه شهزادي کي تخت نشين ٿو ڪيان.“ ۽ پوءِ شهزادي کي تخت نشين ڪري، پاڻ گوشه نشيني اختيار ڪيائين. ولايت شاهه شهزادو پوءِ پنهنجيءَ راڻيءَ سميت تخت بخت جو مالڪ ٿيو، ۽ زندگيءَ جا ڏينهن خير خوشيءَ سان گذارڻ لڳو.

•••
••
•

سورم راجا ۽ بيکٽ راجا

هڪڙو راجا هوندو هو، جو ڏاڍو زبردست هو. هن ڪيترائي ملڪ فتح ڪيا هئا. خزاني جا ڀنڊار ڀري ڇڏيا هئائين. مال متاع جي تہ وٽس ڪمي ڪانہ هئي، پر اولاد هوس ڪونہ: تنهنڪري ٻي شادي ڪيائين. اُنهيءَ شاديءَ مان ڪيس هڪ پُٽ ڄائو. مالڪ جا بہ عجيب ڪم آهن. سندس حڪمت جو تہ انت ئي ڪونهي..... بادشاهہ جنهن ڪي اولاد جي هيتري سِڪ هئي، تنهن شهزادي جي ڄمڻ کان پوءِ جلد ئي وفات ڪئي، ۽ سندس پنيان راڻي بہ اُٿي هلي، ۽ شهزادي کي ماٽيجي ماءُ سنڀالڻ لڳي.

شهزادو، اڃ ننڍو سُيان وڏو، نيٺ اچي جوان ٿيو. ماءُ پيءُ تہ ڄمڻ سان ئي مري ويا هئس، جنهنڪري هو هن مائيءَ کي ماءُ سمجهندو هو ۽

هن جي ڏاڍي عزت ڪندو هو... پر مائي هئي، جا هن کي سهنديئي ڪانہ هئي، ۽ اُٿندي ويهندي پيئي چڙٻون ڏيندي هئس.

هڪڙيءَ رات جو، ڇوڪرو سُتو پيو هو، تہ ننڊ ۾ ڇا ٿو ڏسي تہ هڪ عاليشان محلات ۾ ڇپر ڪٽ تي سُتو پيو آهي، جتي سندس ٻہ راڻيون آهن، جن مان هڪڙي سورمر راجا جي ڌيءُ آهي ۽ ٻي بيڪٽ راجا جي، جي ٻئي ڪيس پکي سان هوا ڪري رهيون آهن! شهزادو اوچتو خواب مان سجاڳ ٿيو، تہ ڀريائين ڪيس کِل آئي، پر پوءِ ويهي روئڻ لڳو. سندس ماتيجي ماءُ ڏٺو تہ اڳي تہ شهزادو صبح جو سوير اٿندو آهي، پر الائجي اڄ ڇو ڪونہ اٿيو آهي- اهو خيال ڪري، هوءَ شهزادي وٽ آئي، ۽ ڏٺائين تہ شهزادو کِلي بہ پيو ۽ روئي بہ پيو. راڻي هيءَ حالت ڏسي، عجب ۾ پئجي ويئي، ۽ ڇوڪري کان کلڻ ۽ روئڻ جو سبب پڇيائين. ڇوڪري جواب ڏنو تہ ”ٻيو ڪو سبب ڪونهي، مون کان اوچتو کِل نڪري ويئي ۽ روئڻ اچي ويم.“ راڻيءَ سبب ٻڌائڻ لاءِ گهڻوئي زور ڪيس، پر ڇوڪر سچي نہ ڪئي.... تنهن تي راڻي اچي ڪاوڙي، ۽ حڪم ڪيائين تہ ”هن بي ادب نالائق کي جهنگ ۾ وٺي وڃو، ۽ ڪيس ماري، سندس اکيون ڪڍي آڻي مون کي ڏيو.“ نوڪر ڇوڪري کي وٺي روانا ٿيا. پنڌ ڪندي ڪندي، سورمر راجا جي محلات وٽان اچي لنگهيا. انهيءَ مهل سورمر راجا جي ڌيءُ، هار سينگار ڪري، محلات جي دريءَ مان ويٺي، شهر جو ديدار ڪيو. شهزاديءَ پري کان ئي ڇوڪري کي ڏسي ورتو، ۽ مٿس ڇِڪ ٿي پيئي، ۽ سوچڻ لڳي تہ تلوارن جي وچ ۾ هھڙي سھڻي ڇوڪري کي ڇو ٿا وٺي وڃن.

جڏهن اهي سيپئي محلات جي هيٺان اچي لنگهيا، تڏهن شهزاديءَ ٻانهيءَ کي حڪم ڪيو تہ ”هنن ماڻهن کان حال دريافت ڪري اچ، تہ هي ڪير آهن، ۽ ڪاڏي ٿا وڃن؟ ڇوڪرو ڪير آهي ۽ هن کي ڪيڏانهن ٿا وٺي وڃن؟“ حڪم ملنديئي، ٻانهي هنن وٽ آئي، ۽ ڪائنئن پڇا

ڪيائين. . . . پر هنن سچي حقيقت نه ٻڌائي. تنهن تي شهزاديءَ هنن کي پاڻ وٽ گهرايو، ۽ چيائين ته ”سچي حقيقت نه ٻڌائيندؤ ته اوهان کي ڦاسيءَ چاڙهائيندس، ۽ سچ چوڻ سان جيئدان ملندو.“ هنن به ڏٺو ته سچ ڳالهائڻ کانسواءِ ٻيو چارو ڪونهي، تنهنڪري نيٺ سچي ڳالهه ٻڌايائون. ڳالهه ٻڌي، شهزاديءَ چيو ته ”هي شهزادو اسان جي حوالي ڪريو، ته اوهان کي انعام ملندو، ۽ اوهين جهنگ مان ڪو هرڻ ماري، انهيءَ جون اکيون ڪڍي، وڃي انهيءَ رَن کي ڏيو.“ هنن به ڏٺو ته جي انڪار ڪندا سون ته هيءَ شهزادي ڇوڪرو به وٺي ويندي، ۽ ناحق موچڙا به کائيندا سون، تنهنڪري لاچار قبول ڪيائون. شهزاديءَ هنن کي گهڻيئي ڏَن دولت ڏني، ۽ هو، ڇوڪرو ڪيس ڏيئي واپس روانا ٿيا. ويندي ويندي، جهنگ مان هڪڙو هرڻ ماري، ان جون اکيون ڪڍي، آڻي انهيءَ ڏائڻ کي ڏنائون، جا ڏسي ڏاڍي خوش ٿي.

شهزاديءَ ڇوڪري جي تعليم لاءِ ڏاڍو سهڻو انتظام ڪيو، ۽ هن اهي سڀ علم پڙهايا، جيڪي بادشاهن لاءِ ضروري آهن. ڇوڪرو بادشاهي بار ته اڳيئي هو، وري جو صورت سهڻي ۽ لڇڻ چڱا هئس، تنهنڪري سڀ ڪنهن کي پٺي وڻيو. سورم راجا به ڪيس گهڻوئي پيار ڪندو هو.

سورم راجا جي پرسان بيکٽ راجا جو ملڪ دنگئي هو. هڪڙي ڏينهن، بيکٽ راجا هن کي ڪانيءَ جا به تڪر هڪجيڏا ۽ هڪجهڙا، هڪ تڪر ڪانيءَ جي هيٺئين پاڳي يعني گوڏ جو ۽ ٻيو مٿئين پاڳي يعني چٽيءَ جو ڏياري موڪليا، ۽ ڪيس نياپو موڪليائين ته ”تنهنجي سياڻپ ۽ عقل جي چوڌاري ناموس آهي، تنهنڪري هي ڪانيون موڪليان ٿو- مهرباني ڪري سڃاڻي ڏي ته ڪهڙي گوڏ جي ڪهڙي چٽيءَ جي آهي.“ راجا ڪانيون ڏٺيون، ته ٻيئي هڪجيڏيون ۽ هڪجهڙيون! گهڻوئي جاچيائين، پر ڪيس خبر نه پيئي. اميرن وزيرن کان پڇيائين، ۽ ٻيا به ڪيترا ڏاها ۽ سمجهو ماڻهو هٿان هُٿان جا گڏ ڪيائين، پر ڪوبه سَلي نه

سگهيو. راجا کي ڏاڍو ارمان ٿيو ته ملڪ ۾ خواري ٿيندي. نه ڀا چوندي ته سڄي ملڪ ۾ اهڙو عاقل ڪونهي، جو ڪانيون سڃاڻي سگهي. ڇا سڄو ملڪ بيوقوفن سان ڀريل آهي؟ اها ڳالهه ڇوڪري جي به وڃي ڪن پيئي، ۽ هو راجا وٽ آيو، ۽ کيس چيائين ته ”اوهان غمگين ڇو ٿيا آهيو“؟ آءٌ انهيءَ جو پتو لهي تو ڏيانوَ.“ ائين چئي، نوڪرن کي حڪم ڏنائين ته هڪ شاهي ڪُونر پاٽيءَ سان ڀري تيار ڪريو. جڏهن ڪُونر پاٽيءَ سان ڀرجي تيار ٿيو، تڏهن ڇوڪري اُن ۾ ٻئي تڪر ڪانيءَ جا وڌا. گوڏ وارو تڪر، جو هلڪو ٿيندو آهي، اهو ترندو رهيو، ۽ ٻيو ٻڏي ويو. ڇوڪري ٻيئي تڪر راجا کي ڏيکاري، چيو ته ”هيءُ گوڏ جو تڪر آهي، ۽ هي چوٽيءَ جو.“ راجا هن جي عقل تي گهڻو خوش ٿيو، ۽ کيس ڪيترو ئي انعام ڏنائين. پوءِ راجا اهي تڪر جدا جدا ڪري بيڪٽ راجا ڏي موڪليا. جو خوش ٿيو، ۽ سندس دربار ۾ سورم راجا جي عقل جي واکاڻ ٿيڻ لڳي. پر ڪن درٻارين چيو ته ”ڪانيون ته ٻار به سڃاڻي ويندو، انهيءَ ۾ عقل جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ راجا جو ٻيو ڪو آزمودو وٺڻ گهرجي!“

بيڪٽ راجا وٽ هڪ ٻلي گهوڙي هئي، جنهن مان هڪ وڇيري ڄائي. اُها جڏهن وڏي ٿي، تڏهن رنگ روپ ۾ هوبهو ماءُ جهڙي ٿي پيئي، ۽ ڪوبه سڃاڻي ڪونه سگهندو هو ته ماءُ ڪهڙي ۽ ڌيءُ ڪهڙي. راجا ڇا ڪيو، جو آزمودي لاءِ اهي ٻيئي گهوڙيون سورم راجا ڏي ڏياري موڪليائين ته ”سڃاڻي ڏي ته انهن ۾ ماءُ ڪهڙي آهي ۽ ڌيءَ ڪهڙي؟“ گهوڙيون جڏهن سورم راجا وٽ پهتيون، تڏهن هن گهڻي جاچ ڪئي، پر ٻنهه سڃاڻي نه سگهيو. اميرن وزيرن ۽ ڪيترن ئي گهوڙن جي ڄاڻن به هيڏانهن هوڏانهن گهوڙين کي ڏٺو جانچيو، پر ڪوبه خاطريءَ سان ٻڌائي ڪين سگهيو ته ڪهڙي ننڍي ڪهڙي وڏي. آخر ۾ راجا شهزادي کي گهرايو، جنهن ڳالهه ٻڌي هام هنئي ته ”آءٌ اهي گهوڙيون سڃاڻي ڏيندس.“ ڇا ڪيائين، جو ٻه سوار گهرائي، انهن کي چيائين ته ”گهوڙين

تي چڙهي، خوب ڊوڙايونِ ۽ جڏهن آءٌ حڪم ڏيان، تڏهن موٽائي هيڏانهن ڪاهي اچونِ.“ سوارن حڪم مڃي، گهوڙين کي خوب ڊوڙايو. ڪئين ماڻهو تماشي ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا هئا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ، جڏهن شهزادي ڏٺو تہ هاڻي گهوڙين کي چڱيءَ طرح پگهر نڪتو هوندو، تڏهن اُنهن کي ورڻي اچڻ جو حڪم ڏنائين. سوارن گهوڙيون آڻي حاضر ڪيون. تڏهن شهزادي حڪم ڏنو تہ ”گهوڙين کي پاڻيءَ جي جدا جدا ڪُونڊن تي ڇڏيو تہ پاڻي پيئن.“ جڏهن گهوڙيون ڪونڊن تي ڇڏيون ويون، تہ هڪڙي گهوڙي يڪدم پاڻي پيئڻ لڳي، پر ٻي گهوڙي ڪجهه ساهي پٽي پوءِ پيئڻ لڳي. شهزادي، اهو ڏسي، بادشاهہ کي چيو تہ ”جنهن ساهي ڪٽي پاڻي پيتو، اُها ماءُ آهي، ۽ جنهن يڪدم پاڻي پيتو، اُها ڌيءُ آهي.“ راجا شهزادي جي عقل جي ڏاڍي تعريف ڪئي، ۽ کيس گهڻوئي انعام اڪرام ڏيئي خوش ڪيائين. انهيءَ ڪانپوءِ، راجا اُهي گهوڙيون بيڪٽ راجا ڏي واپس موڪليون تہ فلاڻي ماءُ آهي ۽ فلاڻي ڌيءُ.

تنهن ڪانپوءِ، بيڪٽ راجا وري سورم راجا ڏانهن هڪڙو وڏو ۽ ٿلهو متارو هاٿي ڏياري موڪليو تہ ”هنجي اسان کي تور ڪرائي موڪليو!“ هيءَ ڳالهہ ٻڌي، سورم راجا جي وزيرن جي منهن جو پنوئي ڇڏائي ويو، ۽ وات ڦاٽي وين- چي، ”هاٿيءَ جي تور ڪهڙيءَ ساهميءَ ۾ ٿئي، ۽ اُن لاءِ تورا ڪٿان اچن!“ راجا وري بہ شهزادي کي گهرايو، جنهن چيو تہ ”هيءَ ڳالهہ تہ تمام سولي آهي! هيئن ڪيو، جو، هاٿيءَ کي ڪٿي هڪ ٻيڙيءَ ۾ چاڙهيو!“ جڏهن ائين ڪيو ويو، تڏهن هاٿيءَ جي بار سبب ٻيڙي جيترو هيٺ پاڻيءَ ۾ جهڪي ويئي، اُتي شهزادي نشان ڪري ڇڏيو. پوءِ هاٿيءَ کي هيٺ لاهي، ٻيڙيءَ ۾ پٿر ۽ سرون وجهائڻ شروع ڪيائين. جڏهن ٻيڙي ساڳئي اِنڊي تي پهتي، تڏهن انهن سرن ۽ پٿرن جي تورڻ جو حڪم ڏنائين، ۽ چيائين تہ ”جيتري هنن پٿرن ۽ سرن جي جملي تور، اوترو هن هاٿيءَ جو وزن!“

بيڪٽ راجا کي جڏهن هاٿيءَ جي تور ملي، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ راجا جي عقل جي ساراهه ڪرڻ لڳو. پر اجا به هڪ دفعو آزمائڻ جو خيال ڪيائين، سو ڪيس چوائي موڪليائين ته ”مون تنهنجي عقل جي پرک ٿي ڪئي؛ تون بيشڪ ڏاهو آهين؛ پر اجا به هڪ آزمودو ونان ٿو: جي اُن مان پار پئين ته سمجهندس ته تو جهڙو عاقل دنيا ۾ ڪونهي؛ پر جي اُن ۾ هارائيي، ته اڳيون ڪيل ڳالهيون به اجايون ويون. ڳالهه هيءَ آهي ته منهنجي سمهڻ واريءَ کٽ جي هينان سوني سِر ۽ هڪ چندن بتي پوريل آهي. اُهي جي ڪنهن اتڪل سان ڪٽي ويندين، ته سمجهندس ته تون برابر عاقل آهين.“ نياپي موڪلڻ کانپوءِ، راجا پنهنجي ماڻهن کي خبردار ڪيو ته انهيءَ ڳالهه جو خاص خيال رکن جيئن اِهي شيون ڪجي نه وڃن. انهيءَ کان سواءِ، راجا شهر جي ٻاهران به سخت پهرو مقرر ڪيو ته ڪنهن به شڪي ماڻهوءَ کي شهر ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو وڃي، ۽ محلات ۽ پنهنجي سمهڻ واري ڪمري جي چوڌاري پهريدار مقرر ڪري ڇڏيائين. سورم راجا کي جڏهن اهونياپو مليو، تڏهن هن شهزادي کي گهرائي، سڄي حقيقت ٻڌائي. شهزادي راجا کي دلداري ڏني ته ”اوهان فڪر نه ڪريو، اهي شيون آءٌ اوهان کي آڻي ڏيندس. جيڪڏهن راجا ايترو پهرو بيهاريو آهي، ته آءٌ به لڪي ڇپي اهي شيون ڪونه ڪٽندس، پر ٻولائي چولائي کُليون کلايو ڪٽي ايندس. لِڪي ڪٽڻ ٻُزدليءَ جو ڪم آهي. تنهنڪري اوهين راجا کي خبر ڏيو ته ’اسين اچون ٿا- اوهان کي جيڪو انتظام ڪرڻو هجي، سو ڪري ونو، متان پوءِ اسان کي ميار ڏيو ته لڪي ڪٽي ويا.‘ “ راجا اهڙو اطلاع بيڪٽ راجا ڏانهن موڪليو، جنهن کي ٻڌي هن مرڪي ڏنو، پر اُن هوندي پنهنجي ماڻهن کي خبردار رهڻ لاءِ تاڪيد ڪيائين.

ٿورن ڏينهن کانپوءِ، شهزادو روانو ٿيو، ۽ اچي بيڪٽ راجا جي شهر جي ويجهو پهتو. ڏسي ته شهر جي چوڌاري زبردست پهرو آهي. خيال ڪيائين ته ڪنهن اتڪل سان اندر وڃڻ گهرجي، سو قاتل ٺُڳل ڪپڙا پائي،

هٿ ۾ ڪشتو ڪٽي، منڊڪائيندو منڊڪائيندو شهر ۾ داخل ٿيڻ لڳو. پهريدارن ڪيس ڏسي، هڪل ڪئي ته "خبردار! اتي ئي بيهي رهه!" هُو ويچارو اتي ئي بيهي رهيو. پهريدارن هن کان پڇيو ته "ڪير آهين، ۽ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟" ڇوڪري گهٽيءَ عاجزيءَ سان جواب ڏنو ته "آءٌ هڪ يتيم پينو بار آهيان. منهنجو ڪوڙهه مائٽ مٽ ڪونهي، تنهنڪري مُلڪ گهمي، شهرن مان پِني پيو گذر ڪريان." انهيءَ تي پهريدار کي مٺس قياس اچي ويو، ۽ هن کي شهر ۾ وڃڻ جي اجازت ڏنائون.

ڇوڪر خيال ڪيو ته آءٌ نئون ماڻهو آهيان، شهر جي حال معلوم ڪرڻ لاءِ ڪجهه پاسيرو ٿي رهجي ته بهتر: تنهنڪري ڏسندو ڏسندو، شهر جي هڪ ڪنڊ تي هڪ غريب پوڙهيءَ ڪنيارڻ وٽ اچي نڪتو، جنهن کي پاڻ وٽ رهائڻ لاءِ چيائين، مگر پوڙهيءَ ڪاوڙجي چيس ته "مون وٽ جاءِ ڪانهي، ڇو ته شهر جي راجا جو حڪم آهي ته 'ڪوبه ڪنهن ڌارئين ماڻهوءَ کي پاڻ وٽ نه رهائي'." اهو جواب ٻڌي، ڇوڪر پوڙهيءَ کي هڪڙي سوني مُهر ڪڍي ڏني ۽ چيائينس ته "جيستائين آءٌ تو وٽ رهندس، تيستائين توتي آءٌ ڪوبه پنهنجو بار نه وجهندس، بلڪ تنهنجو خرچ به منهنجي ذمي آهي." غريب مائي، جنهن پنهنجي چمار ۾ تامي جو ٽَڪو به مشڪل سان ڏنو هو ۽ پِني پيٽ پاريندي هئي، تنهن سوني مُهر جو ڏني، ته هرڪجي پيئي، ۽ هن کي پاڻ وٽ رهڻ ڏنائين، ۽ چيائينس ته "آءٌ تنهنجي ناني ۽ هيءُ تنهنجو گهر- وينو موجون ڪر." ڇوڪرو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ پوڙهيءَ کي ٻيا پيسا ڏنائين، جن جو هوءَ سيڌو سامان وني آئي، ۽ اچي ماني تيار ڪيائين، جا ٻنهي کائي ڌوءِ ڪيو. ان ڪانپوءِ، پوڙهيءَ ڪيس هنڌ وڇائي ڏنو، جنهن تي هو سمهي پيو ۽ مزي جي ننڊ ڪيائين، تان جو صبح جو سجاڳ ٿيو ۽ سارو ڏينهن پوڙهيءَ کان شهر بابت حال احوال وٺندو رهيو.

ٻيءَ رات شهزادي ڇا ڪيو، جو هڪڙي پَني تي لکيائين ته "سوني

سر ۽ بَتي ڪٽڻ لاءِ راجا سورمر اڇي ويو آهي، بيڪٽ راجا کي جيڪو بندوبست ڪرڻو هجي، سو ڪري وٺي.“ ۽ اُهو پنو محلات جي در تي هٽي آيو. صبح جو راجا جي نوڪرن اُهو پنو پڙهيو، ته عجب ۾ پئجي ويا، ۽ ترت ئي راجا کي خبر ڪيائون، ۽ پنو به وڃي کيس ڏنائون. راجا به عجب ۾ پيو، ۽ پهريدارن تي ڏاڍو ڏمريو، ۽ اجا به وڌيڪ خبردار رهڻ لاءِ تاڪيد ڪيائين، ۽ هڪڙي هوشيار ماڻهوءَ کي چوندي حڪم ڏنائين ته ”تون هڪڙو اُن ٽَڪن سان پَري، شهر ۾ هوڪو ڏيندو وڃ ته ’سورمر راجا شهر ۾ اچي ويو آهي.... جيڪو به ماڻهو اسان کي اُن جو ڏسُ ڏيندو، تنهن کي هي سڀ مال ڏبو‘ .“ حڪم موجب بيڪٽ راجا جو ماڻهو، اُن ٽڪن جو پَري، سڄي شهر ۾ اعلان ڪندو هلندو رهيو.

چوڪري وري ڇا ڪيو، جو رات ٿي، ته ڦاٿل ۽ ميرا ڪپڙا ڪري، ڏسي وائسي، بزار ۾ هڪڙي ڪنڊ وٺي، ٿورو ٿانڊو ٻاري، وڃي ويهي رهيو. ڪنهن مهل سُتو ٿي، ته ڪنهن مهل اُٿي ٿي وينو. جڏهن هوڪي وارو اُن سميت ڪجهه ويجهو ٿيو، ته چوڪري وٺي رڙيون ڪيون. دانهن تي هو ڊوڙي وٽس آيو، ۽ سبب پڇيائينس. چوڪري چيو ته ”سائين آءٌ غريب فقير آهيان، ۽ سارو ڏينهن پِني پِني رات ٿي، ته اچي هت سُتو هوس. اوهان جي اچڻ کان ٿورو اڳ هڪڙي ماڻهوءَ اچي چيو ته ’مون کي راجا جون شيون ڪٽيون آهن.... تون پنهنجا ڪپڙا لاهي ڏي، ته اُهي پائي شيون ڪٽي اچان، جيئن چور سمجهي ڪو جهلي نه وجهيم.‘ مون انڪار ڪيو ته زوريءَ مون کان ڪپڙا ڦرڻ لڳو، جنهن تي مون رڙيون ڪيون، ۽ هو توهان کي پريان ايندو ڏسي ڀڄي ويو.“ هوڪي واري پڇيو ته ”ڪيڏانهن ويو؟“ چوڪري جواب ڏنو ته ”سامهون گهٽيءَ ۾.“ هوڪي وارو تڪڙو تڪڙو اوڏانهن روانو ٿيو. ڪُجھ پنڌ اڳتي ويو پر ڪجهه ڪونه ڏٺائين، تڏهن واپس موٽيو. چوڪري، هن کي وري ايندو ڏسي، وٺي رڙيون ڪيون، ته هوڪي وارو به تڪڙو ڊوڙي آيو، ۽ پڇيائينس ته ”وري ڇا ٿيو؟“ چوڪر

پڇيو تہ ”سائين! مون جو اوهان کي ڏسُ ڏنو ۽ اوهين هن جي پنيان ويا، ايتري ۾ هو وري مون وٽ آيو، ۽ چيائين تہ ’تو منهنجو ڏسُ ڏنو آهي ۽ آءٌ توکي ماري ڇڏيندس.‘ ائين چئي، مارڻ لاءِ سنڀريو، تہ مون ونئي دانهون ڪيون، پر وري بہ توهان کي ايندو ڏسي ڀڄي ويو، ۽ ويندي چوندو ويو تہ ’آءٌ توکي جيئرو نہ ڇڏيندس.‘ هوڪي واري چيو تہ ”هاڻي هينئن ڪر، جو تون پنهنجا ڪپڙا مون کي ڏي، ۽ منهنجا ڪپڙا تون پائي، اُن وڻي، ٿورو پريان لِڪي ويھہ. آءٌ هن کي جهلڻ بعد پاڻهي توکي سڏ ڪندس.“ پوءِ ٻنهي ڪپڙا بدلايا، ۽ هوڪي وارو اُتي ويهي رهيو، ۽ ڇوڪرو اُن وڻي ڪاهي سڌو ڪنيارڻ جي گهر آيو. مال ملڪيت قابو رکي، اُن ڪُهي، گوشت ڪنيارڻ کي رڌي تيار ڪرڻ لاءِ ڏيئي، پاڻ اتان روانو ٿيو، ۽ سڌو اچي محلات جي دروازي تي پَنو هنيائين تہ ”اڄ سورم راجا، بادشاھہ جي هوڪي واري ڪان تڪن سوڌو اُن ڦري ويو. راجا کي خبردار ٿيڻ گهرجي.... جيڪو بہ بندوبست ڪرڻو هجيس، سو ڪري ڇڏي!“

هوڏانهن هوڪي وارو ڪجھ وقت وينو ۽ ٿانڊن تي هٿ تئيندو ۽ هيڏانهن هوڏانهن لوٽا ڦيرائيندو رهيو، پر ڪوبہ ڪونہ آيو. جڏهن ويهي ويهي ٿَڪو، تڏهن اٿي ڇوڪري جي جاچ ڪرڻ لڳو، تہ متان چور ان ڪان اُن نہ کسي ويو هجي- پر ڇوڪرو نہ ڏِسي، سمجهي ويو تہ ’چور هو ئي اُهو پاڻ، جو مون ڪان تڪن سوڌو اُن بہ ڦُري ويو!‘ گهڻي جاچ ڪيائين، پر پتو نہ پيس: نيٺ خيال ڪيائين تہ چور اُن ضرور ڪُهي کاڌو هوندو، پر ايترو سارو گوشت هو اڪيلو پاڻ تہ کائي ڪين سگهيو هوندو.... تنهنڪري هيڏانهن هوڏانهن شهر ۾ هوڪو ڏيڻ لڳو، نہ منهنجي زال بيمار آهي: اُن جي گوشت لاءِ طبيب ڏس ڏنو آهي: ڪنهن وٽ ان جو گوشت هجي، تہ پئسن تي مون غريب کي ڏئي تہ دعا ڪريانس.“ هوڪو ٻڌي، پوڙهيءَ ڪنيارڻ کي هن تي قياس آيو تہ هن غريب جي زال بيمار آهي، پلي ڪنهن غريب جو پلو ٿئي. سو، هن کي سڏ ڪري، ڪيس ڪجهہ گوشت

ڏنائين. هن سَهي ڪيو تہ چور هتي آهي، پر اهو خيال ڪيائين تہ اڪيلو آهيان، متان چور مون کان ڀڄي وڃي، تنهنڪري ڪنياڻ جي گهر تي اُن جي رت سان نشان ڪري ڇڏيائين، تہ صبح جو پنهنجا ماڻهو وٺي اچي چور کي پڪڙيندس.

ڇوڪرو، بادشاهہ جي محلات کان واپس اچي، پنهنجي گهر ۾ ٿي گهڙيو، تہ در تي رت جو نشان ڏٺائين. اندر اچي پوڙهيءَ کان پڇيائين تہ "هي نشان ڪنهن ڪيو آهي؟" پوڙهيءَ سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌايس. هن سهي ڪيو تہ هيءَ هوڪي واري جي چالاڪي آهي، ۽ سڃاڻپ لاءِ نشان ڪري ويو آهي. پوءِ پاڻ ڇا ڪيائين، جو اُن جو رت ڪٺي پاڙي ۾ جيڪي بہ گهر هئا، تن سڀني جي درن تي اهڙا نشان ڪري ڇڏيائين، ۽ پاڻ بيفڪر ٿي اچي ماني کائي سمهي پيو. هوڪي وارو، صبح جو سوير اٿي، مُڇون وٺي، پوليس ساڻ وٺي، چور کي گرفتار ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. جڏهن انهيءَ پاڙي ۾ آيو، تڏهن سڀني گهرن جي درن تي هڪجهڙا نشان ڏسي، ڏاڍو ڦڪو ٿيو، ۽ هٿين خالي جهڙو آيو هو تهڙو واپس موٽي ويو. هوڏانهن محلات جي چوڪيدار دروازي تي پَنو ڏٺو، ۽ لاهي ڪٺي ويو راجا وٽ. راجا کي ڏاڍو تعجب ٿيو.... ۽ ايتري ۾ هوڪي واري بہ اچي راجا سان سموري حقيقت ڪئي. راجا کي ڏاڍو ڏک ٿيو، ۽ پهريدارن کي ٻيءَ رات وڌيڪ خبردار رهڻ جي تاڪيد ڪيائين.

ٻيءَ رات ڇوڪرو بہ گهران سهي سنيري روانو ٿيو، پهريدارن جي گهرن وٽ پهچي، ڏنائين تہ نوڪريءَ تي وڃڻ لاءِ تيار پيا ٿين. هن وجهہ وٺي، بہ ٽي پيتر اندر اُڇليا، ۽ پاڻ اتي ئي لڪي ويهي رهيو. پهريدار اهو ڏسي ٻاهر نڪتا، پر ڪين ڪوبہ ڪونہ ڏسڻ ۾ آيو. هو جو تڪڙ ۾ ٻاهر نڪتا هئا، سو انهن مان ڪي پوريءَ طرح تيار بہ ڪونہ هئا، ۽ ڪن کي هٿيار ساڻ هئا، تہ ڪي هٿين خالي هئا. اهي اجا ٻاهر ئي هئا، تہ ڇوڪرو جنهن هڪڙو ٽيٽو بہ پاڻ سان آندو هو، سو ڪٺي منجهانئن هڪڙي جي گهر

۾ گهڙي ويو. زالون اچي گڏ ٿيون، جن کي چيائين ته 'آءٌ غريب برهمڻ آهيان، ڪجهه جوتش به ڄاڻندو آهيان. هونئن ته شهر مان ڪجهه نه ڪجهه ملي پوندو اٿم. پر اڄ سڄو ڏينهن رليو آهيان ته ڪٿان ڪجهه نه مليو اٿم. ڏٽيءَ جي نالي ڪجهه ڏيوم، ته اوهان کي آسيس ڪريان.' زالن هن کي غريب برهمڻ سمجهي، دان ڏنو، ۽ پڇيائونس ته "جيڪڏهن تون جوتش ڄاڻين ٿو، ته ٻڌاءِ ته اسان جا مڙس سورم راجا کي جهلڻ لاءِ ويندا، سي هن کي پڪڙي سگهندا، يا نه؟" هن ٽپڻو ڪڍي، وار نکيشتر ٽٿين جا آڏا اُبتا حساب ڪري، زالن کي چيو ته "سورم راجا کي هو پڪڙيندا ضرور، پر اڄ رات اوهان کي هڪڙي تڪليف ٿيندي، جو اوهان وٽ اُگهاڙا ڀوت ايندا، جن کي اوهين اچڻ نه ڏجو. هو اوهان کي گهٽوئي چوندا ته 'اسين اوهان جا مڙس آهيون، اسان کي ڪپڙا ڏيو' ؛ پر اُهي اوهان جا مڙس نه هوندا ۽ اوهان سان ڪوڙ ڳالهائيندا. هو زوريءَ به اوهان وٽ اچڻ جي ڪوشش ڪندا، پر اوهان ڪنهن به صورت ۾ هنن کي اچڻ نه ڏجو. منهنجي صلاح اٿو ته جڏهن هو اچن ته هنن کي ڀتر هٽي ڀڄائي ڪڍجو.... ۽ ان لاءِ ڀتر چونڊي، ڪونيءَ جي هڪڙي ڪنڌ ڀري ڇڏيو." زالن اها ڳالهه مڃي، ڀتر چونڊي، پنهنجي پنهنجي ڪونيءَ جي ڪنڌ ڀري ڇڏي، ۽ چوڪر ٽپڻو ڪٽي ٻاهر روانو ٿيو.

چوڪر گهرن جي پرسان هڪڙي تلاءَ تي اچي ويٺو. پهريدار رُلي رُلي جيئن واپس ٿي وريا، ته چوڪر تي نظر پين. ويجهو اچي ڪانئس پڇيائون ته "ڪير آهين؟" هن چيو ته "سائين غريب برهمڻ آهيان." اهو ٻڌي، هنن پڇيو ته "ڪجهه جوتش به ڄاڻين؟" چيائين ته "سائين، مڙيئي ڪجهه ڄاڻان ٿو." هنن پڇيو ته "ڀلا خبر ڏي ته اسين سورم راجا کي جهلڻ لاءِ تيار ٿي وڃون ٿا، سو هن کي پڪڙي سگهنداسون يا نه؟" هن ٽپڻو ڪڍي، ڏسي، ڪجهه آڱرين تي حساب ڪري، ٻڌايو ته "اوهان سورم راجا کي گرفتار ضرور ڪندا، پر هينئن ڪريو، جو تلاءَ مان سنان ڪري، پاڪ ٿي،

پوءِ نوڪريءَ تي وجو. سنان ڪندي تبي هٿو. جيڪو سيني ڪان پوءِ پاٽي مان پاهر نڪرندو، اهو چور کي پڪڙيندو.“ هي ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ يڪدم ڪپڙا لاهي، تلاءَ جي ڪپ تي رکي، تلاءَ ۾ گهڙيا. سيني وني زور سان پاٽيءَ ۾ ٽُبي هنئي. چوڪر، چُپڙي ڪري، سيني جا ڪپڙا ميڙي سيڙي، ڪٽي سڌو گهر هليو ويو. ۽ ڪپڙا اتي رکي، ويو راجا جي محلات تي. ڪاغذ تي لکيائين ته ”سورم راجا اڄ پهريدارن جا ڪپڙا به ڪٽي ويو. راجا کي جيڪا خبرداري ڪرڻي هجي، سا ڪري وني.“ اهو پنو در تي هٽي، واپس وريو. پهريدار تلاءَ مان ساهه گهُٽي گهُٽي، اڌ مئا ٿي، ٽبيون ڏيئي، پاهر جو نڪتا، ته ڏسن ته ڪپڙا نهن ئي ڪونه! نڪو برهمڻ ئي ڏٺائون. نيٺ اُگهاڙا اُگهاڙا وني گهرن ڏي ڀڳا. جڏهن اتي پهتا، ته زالن برهمڻ جي ڳالهه سچ سمجهي، هنن کي پٽر هڻڻ شروع ڪيا. هنن گهڻوئي چيو ته ”اسين اوهان جا مڙس آهيون، اسان کي ڪپڙا ڏيو.“ پر زالن کي اعتبار ڪيئن اچي! سو مٿن پٽرن جي وارو وار لائي ڏنائون. آخر گهڻي مَٿا ڪُٽ بعد، هنن، زوريءَ گهرن ۾ گهڙي، ڪپڙا پاتا. تڏهن مس مس زالن پنهنجن مڙسن کي سڃاتو. مڙسن زالن کان پڇيو ته ”اڄ اوهان کي ڇا ٿيو هو، جو پٽر ٿي هنيوَ؟“ زالن کين سڄي ڳالهه برهمڻ واري ڪري ٻڌائي. تڏهن پهريدارن سهي ڪيو ته هو برهمڻ ڪونه هو، پر سورم راجا اهوئي هو، جو برهمڻ جي روپ ۾ زالن کي به برغلائي ويو، ۽ اسان جا ڪپڙا به ڪٽي ويو. ڏاڍا پشيمان ٿيا ته هاڻي راجا کي ڪهڙو جواب ڏيندا سون!

صبح جو محلات جي پهريدار ڏٺو ته وري دروازي تي پَنو لڳو پيو آهي. پهريدار پَنو لاهي بادشاهه کي آڻي ڏنو، جنهن کي پڙهي بادشاهه ڏاڍو ڪاوڙيو؛ پر ايتري ۾ سڀ پهريدار به آيا ۽ بادشاهه کي سڄي حقيقت ٻڌايائون. راجا، ڳالهه ٻڌي، ڏاڍو غمگين ٿيو.

ٽينءَ رات، پهريدار ٽيئي خبردار ٿي نوڪريءَ تي بيٺا. ٿوري شڪ پوڻ تي، يڪدم هر ڪنهن کي گرفتار ٿي ڪيائون. چوڪري ڇا ڪيو، جو

پيڪيدار زنانو ويس ڪري، زيورن سان سينگارجي، لڏون ناهي، تن ۾ نشو ملائي، ٿالهہ ڀري، مٿي تي رکي، روانو ٿيو. جڏهن پهريدارن وٽان لنگهيو، تہ هنن هڪل ڪيس تہ ”ڪير آهين؟ بيهي رهہ!“ ڇوڪرو بيهي رهيو. پهريدارن اڳتي هلي ڏٺو تہ هڪڙي زال آهي..... تڏهن ڪيس چيائون تہ ”توکي خبر نہ آهي ڇا تہ هتي هڪڙو مشهور چور پيدا ٿيو آهي، جو بادشاهہ پهري ڏيندي بہ چوريون ڪيو وڃي! تون اِستري ٿي، زيورن ۾

ڪپڙن سان سينگارجي، هن بيگاهہ وقت ۾ اُٿي نڪتي آهين!“ هن جواب ڏنو تہ ”مون کي خبر تہ آهي، پر آءٌ بہ لاچار آهيان، جو منهنجو مڙس پرديس مان اڄ ڪٿي ڪمائي خير سان موٽيو آهي. مون فلاڻي پيٽ جي باس باسي هئي، سا اڄ ورهائڻ ٿي وڃان.“ پهريدارن، جو لڏون ڏٺا ، سو هنن جو وات پاڻي ٿيڻ لڳو. هن کي چيائون تہ ”اها باس هتي ئي ڪٿي ورهاءِ، پاڻهي قبول پوندي، ۽ تون مانئ ڪري گهر موٽي وڃ.“ ڇوڪر کي تہ ڪپندو ئي اهو هو. دل ۾ خوش ٿيو. پر ظاهري آنا ڪاني ڪرڻ ڪانپوءِ،

اهي لڏون هنن کي ورهائي ڏنائين، جي هُو ويهي مزي سان کائڻ لڳا. اجا کائي بَس مَس ڪيائون، تہ مٿي ۾ چڪر اچڻ لڳن، ۽ اُتي جو اُتي گهيراٽجي، ساٽا ٿي، پٺجي رهيا. هن سپني جا ڪپڙا لاهي، هَڙ ناهي، ڪٽي ڪڇ ۾ ڪيا، ۽ سپني پهريدارن کي اونڌو ٻڌي ڪني ۾ ٽنگي ڇڏيائين. پوءِ پني تي لکيائين تہ "سورم راجا اڄ بہ پهريدارن سان حڻ ڪري وڃي ٿو، بادشاهہ کي جيڪا بہ خبرداري ڪرڻي هجي، سا ڀلي ڪري." اهو پنو در تي هڻي، ڪپڙن جي هڙ ڪڇي، اچي گهر نڪتو.

صبح ٿيو، تہ ماڻهن اچي پهريدارن کي ڇوڙيو، ۽ مٿن پاڻي هاري کين هوشيار ڪيو. پهريدار، پنهنجي حالت ڏسي، ڏاڍو شرمندا ٿيا، پر هنن خيال ڪيو تہ هيءَ جُڻ رڳو اسان سان ڪانہ ٿي آهي، ٻين سان بہ اهڙيون جنيون ٿي چڪيون آهن.... تنهنڪري هي احوال راجا کي ضرور ٻڌائڻ گهرجي. آخر بادشاهہ وٽ اچي، سڄو احوال پيش ڪيائون. راجا ڏاڍو پريشان ٿيو، ۽ ڪيس پَڪ ٿي تہ سورم راجا هاڻي ضرور شيون چورائي ويندو. پر ڇا ڪري؟ راجا سان شرط تہ پهريائين ڪري وينو هو. نيٺ چيائين تہ "چڱو! اڄ رات وڏيڪ خبرداري ڪبي."

چوٿينءَ رات، راجا خود وزير کي انهيءَ ڪم تي مقرر ڪيو. وزير،نهي نُڪي، هٿيار ٻڌي تيار ٿيو، ۽ سپني زيردستن کي بہ سجاڳ رهڻ جو سخت تاڪيد ڪيائين. چوڏاري پهرو هو، ۽ وزير پاڻ پنهنجي سر نظرداري ڪري رهيو هو، تہ جيئن زيردست پوري نوڪري ڏين ۽ ويسلا ٿي ويهي نہ رهن. رات گذرندي ويئي.... جڏهن اَسر ٿيو، تڏهن چوڪر ڇا ڪيو، جو هڪڙيءَ جهور پوڙهيءَ مائيءَ جهڙو ويس ڪري، مٿي تي جنڊ ڪڻي، گهر ڪان ٿورو پريرو گهٽيءَ ۾ ويهي پيهڻ لڳو. جڏهن وزير نظرداري ڪندي ويجهو آيو، تڏهن هن وني دانهون ڪيون تہ "گهوڙا ڙي! مون کي چور ٿو ماري!" دانهن تي وزير ڊوڙي اچي هن ڪان پڇيو تہ "تون ڪير آهين، ۽ هن مهل هتي ڇو جنڊ پيهي رهي آهين؟ شهر ۾ چور آهي، تنهن

پوشاڪ پائي، نشيدار شيءِ ڪيسي ۾ وجهي، روانو ٿيو، ۽ سڌو محلات ڏانهن ويو. بادشاهه، پهريدارن تي چوڪسي ڪرڻ ۽ پنهنجي سر چور جهلڻ لاءِ ٻاهر ويل هو، تنهنڪري هو مانڙي ڪري محلات جي انهيءَ چوڪيدار وٽ آيو، جو بادشاهه جي رهڻ واريءَ ڪوٺيءَ تي پهرو ڏيئي رهيو هو. ڇوڪري هن چوڪيدار کي چيو ته "جلدي ڪر، بادشاهه سلامت حڪم ڏنو آهي ته 'شهر جي اتر طرف گدام واري لنگهه تي هلي بيهه، ته مان به اجهو ٿو اچان- ڇو ته پتو پيو آهي ته چور اُتان ضرور لنگهندو' ؛ ۽ راجا چيو آهي ته 'جيستائين آءٌ نه اچان، تيستائين اتي ترسجانءِ.' پر جلدي ڪر. دير نه ڪر. گهڙي گهڙي قيمتي آهي! تون سگهو وڃ، هتي آءٌ ٿو بيهي پهرو ڏيان." پهريدار دام ۾ ڦاسي پيو ۽ هن کي ڪوبه شڪ نه ٿيو ۽ هن اهوئي سمجهيو ته هو راجا جو نياپو کڻي آيو آهي- تنهنڪري هو ويچارو ڊوڙندو ڊوڙندو، وڃي گدام واري لنگهه وٽ بيٺو، ۽ انهيءَ انتظار ۾ هو ته اجهو ٿو راجا اچي.

ڪجهه وقت گذريو ته راجا به محل ڏي گهوڙو ڊوڙائيندو آيو. ڇوڪري ڊوڙي وڃي گهوڙي جي واڳ ورتي، ۽ راجا گهوڙي تان لهي، سڌو سمهڻ واري ڪمري ڏانهن ويو. ڇوڪرو، ايتري ۾ گهوڙو ٻڌي، راجا وٽ آيو، ۽ سلام ڪري ادب سان بيهي رهيو. راجا، جو گهڻو وقت چوڪسي ڪندي چڪر هنيا هئا، سو تڪجي پيو هو، ۽ ڪيس اُڃ به لڳي هئي، تنهنڪري هن کي پاڻي آڻڻ لاءِ حڪم ڏنائين. هو يڪدم ٻاهر ويو، ۽ گلاس ڀري، اُن ۾ نشيدار شيءِ ملائي، آڻي راجا کي ڏنائين. ٿوروئي وقت گذريو، ته راجا تي نشي جو اثر ٿيڻ لڳو، ۽ نيٺ اهڙو حال ٿيس، جنو بيهوش ٿي پئجي رهيو. تڏهن ڇوڪري اتان سون جي سر ۽ چندن بتي کڻي، راجا واري سنجيل گهوڙي تي سوار ٿي، سڌو پنهنجي گهر جو رستو ورتو؛ ۽ پوڙهيءَ ڪنيارڻ کي ڪيتروئي ڌن مال ڏيئي، ان کان موڪلائي، پني تي لکيائين ته "سورم راجا پنهنجو ڪم پورو ڪري، راجا جي گهوڙي

سميت وڃي ٿو.... هاٿي، راجا کي اولداعي سلام!" پوءِ اهو پنو محلات جي دروازي تي هٽي، پنهنجي ملڪ ڏانهن روانو ٿي ويو.

صبح جو جڏهن راجا جا نشا ٽٽا، ۽ سجاڳ ٿيو، تہ ڇا ڏسي تہ سوني سِر ۽ چندن بتي غائب! ايتري ۾ سئس اچي ٻڌايس تہ "گهوڙو بہ ڪونهي!" راجا سڄي ڳالهہ سمجهي ويو. وري پهريدارن پنو بہ آڻي ڏنس، جو پڙهي ٿڌا شوڪارا ڀرڻ لڳو. محلات جي نوڪر تي اچي ڪاوڙيو، جنهن جو تہ ڏوهہ ئي ڪونہ هو- جڏهن ويچاري وٽ ڪوبہ ڪونہ آيو، تڏهن اتي ويهي ويهي، صبح جو موٽي آيو هو- تنهن سڄي حقيقت ڏچندي ٻڌايس، جا ٻڌي راجا ڪٽي مات ڪئي. نيٺ سورم راجا کي لکيائين تہ "تون برابر ڏاهو ۽ عاقل آهين. اسان تنهنجا بہ آزمودا اڳ ورتا هئا، ۽ ٽئين ۽ آخري آزمودي ۾ بہ تون ڪامياب ٿئين. تون بيشڪ ڏاهو آهين، ۽ تو جهڙو ڏاهو ملڪ ۾ ڪٿي بہ ڪونهي!"

سورم راجا کي جڏهن بيڪٽ راجا جي چٺي پهتي، تڏهن کيس جواب موڪليائين تہ "اهي ڪم اسان نہ ڪيا آهن، پر اسان وٽ هڪڙو ڇوڪرو آهي، جو زماني جي گردش جي ڪري اسان وٽ پهتو آهي، ان ئي ڪيا آهن. بيڪٽ راجا اها ڳالهہ پڙهي، عجب ۾ پيو، ۽ سورم راجا کي نياپو موڪليائين تہ "اهو ڇوڪر اسان وٽ موڪليو، تہ اسين بہ ڏسون." راجا ڇوڪري کي گهرائي بيڪٽ راجا جو نياپو ٻڌايو. ڇوڪري وڃڻ لاءِ هائو ڪئي، ۽ سنيري، پنهنجن سنگتين ساٿين سميت، اچي بيڪٽ راجا جي شهر ۾ پهتو. بيڪٽ راجا کي اهڙو اطلاع اڳ موڪليل هو، جنهن ڇوڪري جي پهچڻ تي هن جو شاندار استقبال ڪيو، ۽ ڪچهريءَ ۾ پنهنجي پرسان ويهاريائينس. ڇوڪر گهوڙو، سوني سِر ۽ چندن بتي راجا کي واپس ڏني، ۽ چيائين تہ "اسان کي هنن جي ڪا بہ ضرورت ڪانہ هئي. فقط اوهان جي شرط جي پورائيءَ لاءِ ڪنيون ويون هيون." بيڪٽ راجا اهي شيون نہ ورتيون، ۽ موٽائي کيس انعام طور ڏيئي ڇڏيائين.

چوڪر ڪجهہ وقت بيڪٽ راجا جو شاهي مهمان ٿي، اتي رهيو. هن جا اخلاق اهڙا هئا، جو سيڪنهن کي پيو وڻندو هو. سڄي شهر ۾ هن جي ناموس هئي، ۽ راجا بہ کيس گهڻو پائيندو هو. راجا کي پٽ ڪونہ هو فقط هڪ نياڻي هيس، جنهنجي اٿارڻ جي فڪر ۾ هو. آسپاس ڪيترائي راجڪمار هئا، پر انهن ۾ نياڻيءَ لاءِ لائق ور ڪونہ ٿي مليس. چوڪر جون نيڪ عادتون ڏسي، راجا هن کي پنهنجي نياڻيءَ لاءِ چڱو سمجهيو، ۽ اهڙي ڳالهہ پنهنجي راڻيءَ ۽ وزير سان ڪيائين، جن پڻ اُها ڳالهہ پسند ڪئي. چوڪر ڪجهہ وقت اتي رهي، واپس ورڻ لاءِ موڪل گهري. راجا لاچار ٿي کيس موڪل ڏني. هو موڪلائي سورم راجا وٽ پهتو، ۽ ساريءَ حقيقت کان هن کي واقف ڪيائين، جا ٻڌي هو ڏاڍو خوش ٿيو.

ڪجهہ وقت بعد، بيڪٽ راجا، ناريل چٽي، چوڪريءَ جي مڱڻي لاءِ سورم راجا کي ڏياري موڪليو. هن ناريل ورتو، ۽ ناريل آڻيندڙن کي انعام اڪرام ڏيئي، عزت سان واپس ڪيائين، ۽ پوءِ لَگن نهاري، ڏينهن مقرر ڪري، چوڪر جي شاديءَ جي تياري شروع ڪيائين. گهوٽيتن ۽ ڪنواريتن ۾ شاديءَ جون خوب تياريون ٿيون- شهر سينگاريا ويا، خيراتون ٿيڻ لڳيون، ديڳيون چڙهي ويون، ۽ غريب غربي عام جام ڪائي پي دعائون ڪيون. مقرر ڏينهن تي، جڃ تيار ٿي رواني ٿي، ڪنواريتن پليءَ پت آجيان ڪئي. رواج موجب سانت سوڻ ڪري، شاديءَ جون رسمون پوريون ڪيون ويون، ۽ جڃ، ڪي ڏينهن اُتي رهڻ بعد، موٽڻ لاءِ تيار ٿي. بيڪٽ راجا کي فقط اها نياڻي هئي، تنهنڪري هن چوڪر کي نياڻي دان ڏيئي، پنهنجو ولي عهد بہ مقرر ڪيو. چوڏاري واڌايون وريون. نيٺ موڪلائي توڪلائي، جڃ ڪنوار وني اچي گهر پهتي.

خدا جي قدرت، جو سورم راجا کي بہ پٽ ڪونہ هو، ۽ فقط هڪ نياڻي هئي: جنهن لاءِ هو بہ لائق وَرَ جي ڳولا ۾ هو، پر اهڙو ور کيس ڪونہ ٿي مليو. هن بہ هڙو سلڇڻو چوڪر ڏسي، پنهنجي راڻيءَ ۽ وزير سان اُن لاءِ صلاح ڪئي، جن بہ کيس اها صلاح ڏني تہ هڙو سلڇڻو ۽ سڄاڻ چوڪر ٻيو مشڪل ملندو. پوءِ تہ شڀ موقعو ڏسي، راجا مڱڻي جو اعلان

ڪيو، ۽ ڪجهه وقت بعد شاديءَ جا ڏينهن به چٽا ڪيا ويا. نيٺ شبه ڏينهن تي راجڪماريءَ سان هن جي شادي ڪرائي ويئي. سورم راجا ڪيترو ئي دان پج ڪيو، ۽ نياڻيءَ کي جهجهو ڏاج ڏنائين ۽ ڇوڪر کي پنهنجو وليعهد مقرر ڪيائين. اهڙيءَ ريت، هيءُ ڇوڪر ٻيئي راجماريون پرڻيو، ۽ ٻنهي راڄن جو راجڪار سڌڄڻ لڳو.

ٿوري گهٽي ڏينهين ٻيئي راجا، هڪٻئي پٺيان، پر لوڪ ڏانهن سڌاري ويا، ۽ راجڪمار تخت تي ويٺو. ٻيئي ملڪ لاڳيتا هئا، جنهنڪري يڪي بادشاهي ٿي پيئي، ۽ هو عدل انصاف سان حڪومت ڪرڻ لڳو.

ڇوڪر هاڻي راجا به ٿيو، ۽ جنهن ڳالهه جي ڪري سندس ماتيجيءَ ماءُ کيس مارائڻ لاءِ جلادن جي حوالي ڪيو هو، سا به پوري ٿي- يعني خواب واري اها ڳالهه، جنهن ۾ هو سُتو پيو هو، ته سورم راجا جي ڌيءُ ۽ ٻيڪٽ راجا جي ڌيءُ، ٻنهي ٻيني هن کي پکا هنيا. هاڻي، هن کي پنهنجي ماتيجي ماءُ جي يادگيري پيئي.

انهيءَ وچ ۾، اُتي ڇا ٿيو، جو راڻي چڱيءَ طرح حڪومت هلائي نه سگهي ۽ ڇوڪري سان جيڪو ورتاءُ ڪيو هئائين، ان ڪان رعيت به ناراض ٿي پيئي. امير وزير به سندس برخلاف ٿي پيا. ملڪ ۾ ڇوڙاري گڙٻڙ ۽ بي بندوبستي پکڙجي ويئي. اهو وجهه وٺي، ڪو دشمن ملڪ تي ڪاهي آيو، ۽ معمولي جنگ بعد حڪومت هٿ ڪري ويهي رهيو. راڻيءَ ڀڄي، پنهنجي جان بچائي، ۽ لڪندي ڇپندي، ڀريائين هڪڙي ڳوٺ ۾ اچي پهتي، پر اُتان به پکڙجڻ جي ڊپ ڪان ڀڄي، اچي سورم راجا جي ملڪ ۾ نڪتي. اُتي ڀراڙيءَ ۾ هڪڙي هنڌ گمنام رهي، محنت مزوري ڪري پيٽ پالڻ لڳي. سندس وقت ڏاڍو تنگ گذري رهيو هو. ڇا هڪ راجا جي راڻي ۽ ڇا مزوري ڪري پيٽ پالي- پر قدرت جا عجيب کيل آهن. هن پنهنجي ڪئي جو ڪيتو پئي لوڙيو. ڇوڪرو ته سندس دل تان ئي لهي ويو هو، جنهن کي سندس حڪم تي جلادن مارڻ لاءِ نيو هو، ۽ هن سمجهيو هو ته هن جون ئي اکيون جلادن آڻي کيس ڏنيون هيون- تنهنڪري هن جي يادگيريءَ اچڻ لاءِ

.... راجا هڪدم هنجي پيرن تي ڪِري،

حاضريءَ ۾ ويهي رهيو....

آهي، تيئن تيون ڪريون." وري مانيءَ جي مهل تي، هن لاءِ ٻانهيون طرحين طرحين جا طعام کڻي آيون. هن کي وڏيڪ ڏپ لڳو ته الائي مون سان ڪهڙي ويڌن ٿيندي؟ انهيءَ ڪري ماني نه پيئي کائي، پر جڏهن ٻانهين کيس دلداري ڏني، تڏهن مس مس ماني کاڌائين. ٻانهيون کيس هٿ ڌوئاري، سندس آرام لاءِ هنڌ بسترو چنڊي ناهي تيار ڪري، هليون ويون.

ٿوريءَ دير بعد، راجا پنهنجي ٻن راڻين سميت هن وٽ لنگهي آيو. انهن کي پري کان ايندو ڏسي، ادب ۽ خوف وچان هوءَ اٿي بيٺي. پر راجا هڪدم اچي هن جي پيرن تي پيو، ۽ هن کي عزت سان کٽ تي ويهاريائين. اهڙيءَ طرح، راجا جون ٻيئي راڻيون به هن جي پيرن تي ڪري، حاضريءَ ۾ بيهي رهيون. هوءَ ٽيرس ۾ پئجي ويئي. راجا کانئس پڇيو ته "مون کي سڃاڻين ٿي؟" پر هن ڪجهه به ڪونه ڪڇيو. تڏهن "راجا کيس ٻڌايو ته آءُ اهو ڇوڪرو آهيان، جنهن خواب لڌو هو ته 'مون کي سورج راجا جي ڌيءُ ۽ ٻيڪٽ راجا جي ڌيءُ پڪو هٿي رهيون آهن.' اهو خواب نيٺ سچو ٿيو... ۽ هي آهن اُهي ساڳيون منهنجون راڻيون، ۽ آءُ آهيان تنهنجو پٽ!" راڻيءَ، اهو ٻڌي، ظاهري ته انهن کي گلي لڳايو، پر اندر ۾ ڏپ ٿيس ته متان راجا مون کان اڳوڻو وير وٺي، تنهنڪري هن کان معافي گهرڻ لڳي. راجا کيس عزت سان چيو ته "تون منهنجي ماتا آهين. مون کي ڪوبه وير وٺڻ جو خيال ڪونهي، جيڪڏهن مون کي اهڙو خيال هجي ها ته آءُ توکان تڏهن ئي وٺان ها. تون منهنجي ماءُ آهين، هي راج تنهنجو آهي- مون کي به جيئن حڪم ڪندينءَ، تيئن ڪندس." اهو ٻڌي راڻيءَ کي آٿت آيو، ۽ هنن کي آسيس ڪيائين. پوءِ سڀئي گڏجي، خوش گذارڻ لڳا. 'هنن جا ميڙا هُتي متا، پنهنجا هتي!'

●●●●

شاهي شاهہ بہ جنڊڻ ماري

زماني جو هڪڙو بادشاهہ هو، جو ڏاڍو عادل ۽ انصاف پسند هو. اُن بادشاهہ جو اهو دستور هوندو هو تہ رات جي وقت چمڙا پوش ڪري، رعيت جو ڏک سک پيو جاچيندو هو. هڪ رات، خدا جي اهڙي ڪرڻي ٿي، جو جيئن بادشاهہ پنهنجي وزير سان گڏ چمڙا پوش ڪري، هڪ جهوپڙيءَ وٽان اچي لنگهيو، تيئن هن جي ڪن تي ٻن جوان ڇوڪرين جي ڳالهائڻ جو آواز پيو. بادشاهہ کي خيال ٿيو تہ 'هيڏيءَ مهل رات جو، جڏهن لوڪ لقاءُ سمهي رهيو آهي، هي ٻہ جوان جماڻ ڇوڪريون، جو ايڏي چاهہ سان پيون ڳالهائين، سو ضرور ڪا اهڙي ڳالهہ هوندي!' اهو خيال ڪري، بادشاهہ هنن جي گفتگو ٻڌڻ لاءِ پاسو وٺي بيهي رهيو. وڏيءَ ڇوڪريءَ ننڍيءَ ڇوڪريءَ کي چيو تہ "ادي، ڪنهن جهڙي تهڙي کي تہ ڇڏ، پر آءٌ جيڪر بادشاهہ جي بہ زال ٿيان، تہ اُن کي بہ جيڪر هٿن سان اُٿاريان ۽ هٿن سان ويهاريان- بنهہ اهڙو مطيع ڪري ڇڏيانس!" تنهن تي ننڍيءَ ڇوڪريءَ وڏيءَ کي چيو تہ "ادي، هٿن سان اُٿارڻ ۽ ويهارڻ مان ڇا ٿيو! آءٌ تہ هن کان هوند جنڊ بہ ڪيرائي ڇڏيان!" بادشاهہ، جو اها ڳالهہ ٻڌي، سو دل ۾ خيال ڪيائين تہ 'مار، هيءَ ڇوڪري وري اهڙي چالاڪ ساماڻي! خير، مون کي ڏسڻو آهي، تہ ڪيئن ٿي هيءَ ڇوڪري ڪنهن بادشاهہ کان جنڊ ڪيرائي. اهو ويچار ڪري، بادشاهہ اوڏيءَ مهل تہ موٽي پنهنجي محلات ۾ آيو؛ پر صبح ٿيندي ئي، پنهنجي وزير کي گهرايائين ۽ هن کي رات واريءَ جاءِ جو ڏس ڏيئي، اوڏانهن روانو ڪيائين تہ "اُتي ٻہ ڇوڪريون آهن، تن مان ننڍيءَ ڇوڪريءَ جو سڱ اُن جي مائٽن کان منهنجي لاءِ وٺي اچ." وزير سڌو اوڏانهن روانو ٿيو، ۽ وڃي ڇوڪريءَ جي مائٽن سان مليو تہ "اوهان جي ننڍيءَ ڇوڪريءَ تي بادشاهہ جو راز ٿي پيو

آهي -۽ اوهان جيڪي گهرندؤ سو اوهان کي ملندو- سو، اوهان انهيءَ ڇوڪريءَ جو سڱ بادشاهه کي ڏيو." ڇوڪريءَ جا مائٽ ويچارا هئا غريب- تن، جو اها ڳالهه ٻڌي، سو دليئون کي ٻي دليئون، ڪين بادشاهه جي ڳالهه نيٺ مڃتي پيئي. وزير، هنن کان اهڙي هائو ڪرائي، هڪدم بادشاهه کي وڃي مبارڪون ڏنيون. ٿوري گهٽي ڏينهين، بادشاهه جي شادي اُن ڇوڪريءَ سان ڏاڍي ڌام ڌوم سان ٿي، ۽ بادشاهه به هن جي مائٽن کي گهٽي ئي ڪِي ڏيئي راضي ڪيو.

بادشاهه جڏهن ڪنوار کي پنهنجي محلات ۾ وٺي آيو، ته اچڻ سان هن کي چيائين، "اي راڻي، توکي اُها رات ياد آهي، جو تو پنهنجي وڏيءَ ڀيڻ سان ويٺي ٻناڪ هنئي ته 'جيڪڏهن آءٌ بادشاهه سان به شادي ڪريان، ته ان کان به جنڊ ڪيرائي ڇڏيان.' مون اوهان ٻنهي ڀيڻن جي اها سڄي گفتگو ٻيني ٻڌي، ۽ هاڻي صرف ان لاءِ توسان شادي ڪئي اٿم ته ڏسان ته تون مون کان ڪيئن ٿي جنڊ ڪيرائين!" تنهن تي راڻيءَ جواب ڏنو ته "بادشاهه سلامت، ان ڳالهه تان لهي وڃو- اسان ڀيڻن اها ڳالهه سا ڀيان نه، پر ائين ئي چرچن مان پئي ڪئي." بادشاهه چيو ته "نه، توکي هاڻي پنهنجيءَ ڳالهه کي ضرور پاڻي ڏيڻو پوندو.... نه ته تنهنجي سڪ ڪونه ڪنيو هوم، جو توسان وٺي شادي ڪيم- توکان وڏيڪ سهڻيون راڻيون منهنجي محلات ۾ اڳي ئي موجود هيون. هاڻي جيستائين تون پنهنجي ڳالهه پوري نه ڪندينءَ، تيستائين تنهنجو اچڻ وڃڻ يا منهنجو اچڻ وڃڻ تو وٽ ناممڪن آهي. باقي هونئن تون راڻي آهين، ۽ جيڪي طلبيندينءَ، سو حاضر ٿي ملندءِ." راڻيءَ ويچاريءَ بادشاهه کي پوءِ گهڻوئي سمجهايو، پر بادشاهه پنهنجي هوڏ تان نه لٿو، ۽ هن کي منهن تان ئي لاهي ڇڏيائين. ائين ڪيترا مهينا گذري ويا. هڪ ڏينهن، هُن دل ۾ خيال ڪيو ته 'ڳالهه جو ڪو اُپاءُ ڪرڻ گهرجي، نه ته بادشاهه پنهنجي ضد تي محڪم ٻينو آهي- مشڪل آهي، جو اُن تان لهي. ٻئي ڏينهن، پنهنجي پاءُ کي گهرائي، سڄيءَ حقيقت کان واقف ڪيائين، ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته ڪجهه وقت

هتان ڪنهن پاسي ٻاهر نڪري وڃجي. نيٺ ٻيئي ڀاءُ ڀيڻ هڪ رات گهٽيئي پئسا ڏوڪڙ ڪٺي، هڪڙي پاسي ڪسڪي اُٺي هليا. رستي تي پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ "جهنگ ۾ جتان بادشاهہ شڪار تي ويندو آهي، اتي ڪنهن هنڌ هلي رهجي." اها صلاح ٻيهاري، انهيءَ جهنگ ۾ آيا، ۽ اتي هڪ شاهي ڊنگرن جو لوڙهو ڏياري، ان ۾ ڪکائون جايون ڪٺي نهرايائون، ۽ پيو بہ گهٽوئي سامان سڙو ۽ مال متاع گڏ ڪري، اتي ويهي رهيا.

هڪڙي ڏينهن، "راڻيءَ" پنهنجي ڀاءُ کي چيو تہ "ادا خبر پئي اٿيئي، بادشاهہ جي شڪار ڪرڻ جا ڏينهن اچي ويا آهن- هاڻي ضرور هن پار ايندو. تنهنڪري تون هيئن ڪندو ڪر، جو هيءُ رڍن جو ڌڻ جيڪو پاڻ ڌاريو آهي، سو صبح جو سويرئي ڌنارن کي ڏيئي، تون سڄو ڏينهن ڪيڏانهن تري ويندو ڪر- ڇو تہ آءٌ اڪيلي ٿينديس، تہ بادشاهہ کي ڪنهن نہ ڪنهن اٽڪل سان ڦاسائي وجهنديس.... رات جو تون وري موٽي اچي ڪکن پيڙو ٿيندو ڪج." ڀاڻس اها صلاح مڃي، انهيءَ موجب ڪرڻ لڳو.

ڪنهن ڏينهن بادشاهہ بہ تيار ٿي، پنهنجن اميرن وزيرن سان، شڪار جي لاءِ روانو ٿيو، ۽ اچي انهيءَ جهنگ ۾ ديرو ڪيائين، ٻئي ڏينهن، بادشاهہ شڪار جي خيال سان جهنگ ۾ نڪري پيو. پريان هڪڙو هرڻ ڏسڻ ۾ آيس، سو گهوڙو ڪٺي اُن جي پٺيان ڇڏيائين. هرڻ، ڪجهہ پنڌ ڊوڙڻ کان پوءِ، هن جي اکين اڳيان اوجهل ٿي ويو. بادشاهہ هن هرڻ کي ڳولڻ لڳي ويو، پر هرڻ هٿ ڪونہ آيس. اتي ڪاڙهو بہ اچي ٿتو، ۽ بادشاهہ تمام ٿڪجي پيو، ۽ سخت اُڃ بہ اچي لڳيس- سو، هيڏانهن هوڏانهن پاڻيءَ جي تلاش ۾ نڪري پيو. ڳوليندي ڳوليندي، اچي انهيءَ جهوپڙيءَ وٽ پهتو، ۽ در تي هڪل ڪري چيائين تہ "ڪو اندر مرد ماڻهو هجي، تہ مون کي پاڻي پياري- مون کي سخت اُڃ لڳي آهي." "راڻيءَ" يڪدم بادشاهہ جو آواز سڃاتو، پر بادشاهہ کي هڪل ڪري چيائين تہ "اندر مرد ماڻهو آهي ئي ڪونہ.... اوهان ڪير آهيو؟" بادشاهہ جواب

ڏنو تہ ”آءٌ بادشاھہ آھيان؟“ تنھن تي بادشاھہ کي چيائين تہ ”بادشاھہ سلامت، اوھان کان حجاب ڪونھي- اوھين پلي اندر اچي، پاٽي پي وڃو.“ بادشاھہ اندر گھڙي ويو. ”راٽيءَ“ ڏاڍي ادب سان پاٽي پيري، آٽي بادشاھہ کي ڏنو. ھوءَ جا اڳيئي ھار سينگار ڪريو تيار ٿيو ويٺي ھئي، ۽ ھئي بہ حسين، سو بادشاھہ، جو ڏٺس، سو مٿس مفتون ٿي پيو. پاٽي تہ پيتائين، پر دل ئي نہ چويس تہ ڪو اُٿان اُٿان. راٽي تہ ھئي بدليل ويس ۾، سو بادشاھہ بنھہ ڪانہ سڃاتي. مطلب تہ بادشاھہ جي دل اھڙي قابو ٿي ويئي، جو چوي تہ اتي وينو رھان.... مٿان وري راٽيءَ چيس تہ ”اي بادشاھہ سلامت، اوھان جھنگ مان آيا ھوندا، سو ضرور بڪايل ھوندا! جي چئو، تہ اوھان کي ڪجھہ کائڻ لاءِ آٽي ڏيان، تہ کائي ڪجھہ دير آرام ڪريو- پوءِ ڏينھن نرئي، ھليا وڃجو!“ بادشاھہ، جو صبح جو رڳو ھلڪي نيرن ڪري نڪتو ھو، تنھن کي سچ پچ بک لڳي ھئي- تنھن يڪدم ھائوڪار ڪئي.... ۽ ھن يڪدم عاليشان کاڌو تيار ڪري، آٽي بادشاھہ کي کارايو، ۽ پوءِ ھنڌ وڇائي بادشاھہ کي ڏنائين، تہ آرام ڪري. بادشاھہ آرام تہ ڪونہ ڪيو، پر سڄو وقت ھُن سان ڳالھين ۾ مشغول رھيو. راٽيءَ بہ کيس اھڙو تہ ڳالھين ۾ مست ڪيو، جو پانئي تہ محلات وڃان ئي نہ. نيٺ جڏھن سج لھڻ تي ٿيو، تڏھن بادشاھہ اتان موڪلائي، پنھنجن تنبن ڏي روانو ٿيو. ھلندي مھل، راٽيءَ چيس تہ ”اي بادشاھہ سلامت، ڪوبہ ڪم ڪار جيڪڏھن مون ۾ يا منھنجي پاءُ ۾ پئيو، تہ آءٌ ۽ پاءُ منھنجو ھر وقت حاضر آھيون- غريب آھيان تہ پولو ڪونھي، توھان ڪوبہ حجاب نہ ڪندا.“ بادشاھہ کي ڪپندي ئي اھا ڳالھہ ھئي، سو ھائو ڪري روانو ٿيو. ھوڏانھن بادشاھہ پنھنجن تنبن ۾ پھتو، تہ سندس سڀ ماڻھو جيڪي ڏاڍو پريشان ھئا، تن سيني کي بادشاھہ جي خير سان پھچڻ تي، دلجاءِ ٿي.

بادشاھہ، جو اتي پھتو، تہ آرام ئي نہ اچيس- سو، يڪدم منزل پٽڻ جو اعلان ڪيائين، ۽ پنھنجي ملڪ ڏي رخ رکيائين. آخر بادشاھہ پنھنجي محلات ۾ اچي پھتو، پر اتي بہ آرام نہ اچيس- ھر وقت خيال ھن جھنگ

جي راڻيءَ ڏي لڳو پيو هجيس، ۽ هڪ هڪ ڏينهن ورهيه سمان پيو گذريس. نيٺ ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ، بادشاهه وري اوڏانهن روانو ٿيو. راڻيءَ کي ته پڪ هئي ته بادشاهه ضرور ايندو، تنهن جڏهن بادشاهه کي ايندي ڏٺو، تڏهن يڪدم نهي سنبري، هار سينگار ڪري، بادشاهه جي استقبال لاءِ نڪري در وٽ آئي، ۽ بادشاهه کي ڏاڍي مان شان سان وٺي اچي اندر ويهاريائين. پوءِ ته سڄو ڏينهن رهاڻ مجلس ۾ گذري وين. نيٺ جڏهن سانجهي ٿي، تڏهن بادشاهه وري موڪلائي توڪلائي، پنهنجي محلات ڏي روانو ٿيو. اهڙيءَ طرح بادشاهه ٻئي ٽئي ڏينهن هن وٽ پيو ايندو هو، ۽ هن سان حد کان وڌيڪ محبت ٿي ويس- پر اجاتائين ان جو هن سان اظهار به نه ڪري سگهيو هو. نيٺ هڪڙي ڏينهن، هن سان پنهنجي دل جو اظهار ڪيائين ۽ شاديءَ جي آڇ ڪيائينس. راڻيءَ جواب ڏنس ته "اي بادشاهه، ڳالهه ٻڌي اٿيئي، شادي ڪرڻ معنيٰ کوهه ۾ ٽپو ڏيڻ- جي قرب ٿي وڃي ته واهه واهه، نه ته ٻيوئي جنجل: تنهن ۾ منهنجي صلاح آهي ته جيڪڏهن پاڻ ۾ قرب آهي، ته پوءِ شاديءَ جو ڪهڙو ضرور آهي.... آءٌ هتي ويٺي آهيان، تون پيو ايندو ڪر، ۽ پاڻ ۾ قرب پيا وڌيندا سين." بادشاهه ههڙيون ڳالهيون ٻڌي ڪپڙن ۾ نه پيو ماپي، ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن کان پوءِ اتي ايندو رهيو. ائين ڪيترائي ڏينهن اهو قصو هليو. نيٺ راڻيءَ کي بادشاهه مان حمل ٿي ويو، ۽ بادشاهه به هاڻي انين انين ڏينهن راڻيءَ وٽ اچڻ لڳو. هڪڙي ڏينهن راڻيءَ بادشاهه کي چيو ته "بادشاهه سلامت، منهنجي توسان ايتري قدر محبت آهي، جو هڪ ڏينهن به هڪ ورهيه برابر ٿو گذري..... تنهن ۾ تنهنجي اهڙي ڪا نشاني مون وٽ ناهي جو ان کي ڏسي، ويٺي دل وندرايان." بادشاهه اهو ٻڌي، هڪدم پنهنجي هٿ مان سونا جو ويندو لاهي، ڪٽي راڻيءَ کي ڏنو. ڪجهه مهل روح رهاڻ ڪري بادشاهه ته موڪلائي پنهنجي شهر ڏانهن روانو ٿي ويو.... پوئتان راڻيءَ پنهنجي پاءُ کي چيو ته "هاڻي هتي رهڻ سنو نه آهي: اڄ جو اڄ هي سمورو سامان ۽ مال متاع وڪڻ، ته موٽي شهر ڏانهن هلون." راڻيءَ جي پاءُ اُهو

سڀ سامان اَڏ موڙيءَ ۾ ڪپايو، ۽ ٻيئي گڏجي پنهنجي شهر ڏانهن روانا ٿي ويا، ۽ هلندي محل سڄي گهر ۽ لوڙهي ڪي باهه ڏيئي، خاڪ ڪري ڇڏيائون. هن سموريءَ ڳالهه جي ڪنهن کي ڪل ڪانه پيئي. هوڏانهن بادشاهه، جو انين ڏينهن ساڳيءَ جاءِ تي اچي ڏسي، ته مار، پينگ لڳي پيئي آهي- نه پيرو نه نشان... بس پيرن هيٺان زمين نڪري ويس! حيران پريشان ٿي، هيڏانهن هوڏانهن ڀڄا ڳاڇا ڪيائين، پر ڪير ڪونه ڏس ڏئيس: نيٺ سڄو ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن لوهون ڏيئي، وري واپس شهر ڏانهن موٽيو.

محلات ۾ پهچڻ سان، هن يڪدم وزير کي گهرايو، ۽ چيائين ته "وزير، اڄ منهنجي دنيا ويران ٿي ويئي- ڪو بلو پيٽي ڪر، نه ته جيئڻ محال آهي." وزير پريشان ٿي چيو ته "سائين، نيٺ ماجرا ڪهڙي آهي؟" تنهن تي بادشاهه سڄي حقيقت ڪري ٻڌايس، ۽ چيائينس ته "ڪيئن به ڪري هاڻي منهنجي محبوب کي هٿ ڪر، ۽ انهيءَ چور جنهن اها جڳهه جلائي آهي، اُن کي به پيدا ڪر." وزير هڪدم حڪم جي تعميل ڪئي، ۽ سڄي شهر ۾ پڙهو ڏيارِيائين، پر ڳالهه جو ڪنهن کان به ڏس پتو ڪونه پيس. بادشاهه نهايت بي آرام ٿي پيو..... تنهن تي وزير باشاهه کي صلاح ڏني ته "اوهان ڪو اهڙو جانور پاليو، جنهن تي اوهان جي دل پرچي سگهي: پوءِ ڏٺيءَ گهريو آهي ته اوهان جي طبيعت نهي ويندي: آءٌ به ڪوشش ۾ آهيان..... نيٺ اوهان جي محبوب جو پتو پئجي ويندو." بادشاهه، جو "راڻيءَ" وٽ گهيٽڙن جا ولر ڏٺا هئا، سو دل پرچائڻ لاءِ، وزير جي صلاح مڃي، هڪڙو ننڍو دنبو وٺي پاليائين، جنهن تي هن جو ڏاڍو راز هوندو هو.

هوڏانهن خير سان ڏهين مهيني، راڻيءَ کي به پٽ ڄائو، ۽ راڻيءَ هن کي ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان نپائي وڏو ڪيو- تان جو هو اچي سمجهه لائق ٿيو. هن کي پڙهائڻ لاءِ اُستاد به رکي ڏنائين.... پر اها خبر ڪنهن کي به ڪانه هئي ته هي پٽ ڪنهن جو آهي. هڪڙي ڏينهن، وزير بادشاهه کي

چيو ته ”سائين انهيءَ دنبي کي شهر ۾ چوڙي ڇڏيندا ڪريو، ته پلي پيو هي چلي. من اها ’ريدار‘ ڪٿي اُن کي ڏسي، اوهان جي پيار جي نشاني سمجهي، ڪٿان اچي ظاهر ٿئي!“ تنهن تي بادشاهه دنبي کي ڇڙواڳ ڇڏي ڏنو، جو سڄو ڏينهن پيو شهر ۾ هلندو هو. ڪنهن جو زيان ڪري ته ڇا، جي ڪنهن جي گهر ۾ گهڙي وڃي ته ڇا- ڇو ته سڀني کي خبر هئي ته اهو بادشاهه جو دنبو آهي. هڪڙي ڏينهن، اهو دنبو گهمندو ڦرندو، اچي انهيءَ راڻيءَ جي جاءِ هيٺان لنگهيو. راڻيءَ اهو دنبو ڏسي، پڪ سمجهيو ته بادشاهه جو آهي، سو پنهنجي پٽ کي چيائين ته ”اڄ خدا ڪٽي گهر ويني ڏياريو آهي، هاڻي دير نه ڪرينس.“ بس پوءِ ته هڪدم دنبي کي تڪبير وجهي، گوشت رڌي، ڪائي پي، بالم ٿي ويهي رهيا. جڏهن سانجهي ٿي، ته دنبو واپس محل ۾ نه آيو... ته بادشاهه کي ڏاڍي تشويش ٿي پيئي. وزير کي گهرائي چيائين ته ”پتو ته ڪڍ، ته دنبو ويو ڪيڏانهن!“ وزير سڄي شهر ۾ پڇا ڪئي، پر دنبي جو ڪوبه پتو نه پئجي سگهيو. نيٺ اچي بادشاهه کي ٻڌايائين. بادشاهه ڏاڍو اچي ڪاوڙيو- چي، ”تون وزير آهين، ڪير آهين؟ توکان ڪوبه ڪم نٿو ٿئي! هاڻي جي اهي ٻيئي ڪم نٿو ڪرين، ته وزيريءَ تان لاهي ڇڏيندوسانءِ.“ وزير کي جو اچي پنهنجو خوف لڳو، سو دل و جان سان ڪوشش ڪرڻ لڳو. هوڏانهن شهزادي وري راڻيءَ جي چوڻ تي اشتهار لکي پتين تي لڳائي ڇڏيو ته ”اي بادشاهه سلامت، دنبو ڪائي توکي ڏاڍي دعا ڪئي اٿئون- هاڻي ڪو ٻيو دنبو متارو ڪر، ته ڪائي پيٽ ڀريون! تنهنجي شهر ۾ هاڻي ڏيڍ نڳ ساماڻو آهي، جو توسان اڍائي نڳيون ڪندو!“ هي اشتهار پڙهي، بادشاهه ماڳهين اچي وزير تي ڪاوڙيو. وزير چيس ته ”سائين منهنجا، اوهان دلجاءِ ڪريو: آءٌ اوهان کي ٿورن ڏينهن اندر چور پڪڙي ڏيندس. پر منهنجي هڪڙي صلاح آهي: جي ائين ڪيو، ته جهٽ پٽ چور پڪڙجي پوندو.“ بادشاهه پڇيس ته ”ڪهڙي؟“ وزيرعرض ڪيس ته ”جيئندا قبلا، پنهنجي خزاني ۾ پئسن جي ڪمي ته ڪانهي. هاڻي هيئنئن ڪريون، جو

شهر جي گهٽين ۾ پئسا ڦٽا ڪري ڇڏيون، ۽ اعلان ڪريون ته ’هي بادشاهي پئسا آهن- جيڪو کڻندو، سو پڪڙيو ويندو.‘ دنبي جو چور، اهڙو دلير آهي، سو ضرور پئسا کڻندو، ۽ پوءِ جهٽ پڪڙجي پوندو.“ بادشاهه کي به وزير جي ڳالهه دل سان لڳي، سو هن کي چيائين ته ”جيئن وڻيئي تيئن وڃي ڪر، پر مون کي چور ضرور هٿ ڪري آڻي ڏي.“ وزير ائين چئي ٻاهر نڪتو، ۽ ٻئي ڏينهن پئسا کڻي رستن تي هارائي ڇڏيائين، ۽ پهريدار بيهاري ڇڏيائين، جن کي هدايت ڪئي ته ’خبردار، هوشيار ٿجو! جيڪڏهن ڪو به ماڻهو نئڙي اهي پئسا کڻي، ته هڪدم کيس گرفتار ڪجو- ديري نه ڪجو.“

شهزادو، جو روز ويس بدلائي، ڪچهريءَ ۾ بادشاهه ۽ وزير جون ڳالهيون ۽ صلاحون پيو ٻڌندو هو، تنهن سڄي حقيقت اچي ماءُ سان ڪئي. ماڻس چيس ته ”پٽ، تون پرواهه نه ڪر. هي اٽيئي ميڻ، اهو جتين جي ترين کي لڳائي ڇڏ. پوءِ انهيءَ رستي تان پهريائين هڪڙو چڪر ڏيئي وڃ، ته پئسا جتين جي ترين کي لڳي ويندا. ٿورو پريرو وڃي، ترن تان پئسا لاهي، وري ٻيو ڦيرو ڏجانءِ. پر هيڏانهن هوڏانهن نه نهارجانءِ، ته چوڪيدارن کي شڪ نه پوي. اهڙا نه ٻئي ڦيرا ڏنئي، ته هڙ پئسا چونبڙي ويندا، ۽ پتو به ڪنهن کي ڪونه پوندو.“ شهزادي ماءُ جي چوڻ موجب ميڻ وٺي، جتيءَ جي ٻنهي پادرن هيٺان لڳائي، رستي تان ٻئي چڪر جو ڏنا، ته پئسا سڀ چونبڙي ويا، ۽ پتو به ڪنهن کي ڪونه پيو. ائين ڪري، هي ته ويو هليو گهر، پر ڪا مهل ٿي، ته چوڪيدار جو ڪٽي نظر ڪن، ته پئسا ٿهن ئي ڪونه! انهن کي، جو اچي خوف ورتو، سو ڊڄندا ڊڄندا سڌو بادشاهه ۽ وزير وٽ آيا، ۽ اچي عرض ڪيائون ته ”سائين، اهو چور ته ڪو جادوگر ڏسجي، جو اسان کي ڪا به خبر ڪانه پيئي ۽ اسان جي ڏسندي ڏسندي پئسا سڀ گم ٿي ويا!“ جڏهن رات پيئي، ته شهزادي وري هڪڙو ٻيو اشتهار لکي، شهر ۾ هٽي ڇڏيو ته ”اي بادشاهه سلامت، تنهنجو دنبو ڪائي، توکي ڏاڍي دعا ڪئيسون، ۽ هاڻي وري هي مفت جا پئسا

ڏياريئي- اجا ڪي ٻيا بہ رستن تي هاراءِ، تہ وڏيڪ دعا ڪريونءِ! تنهنجي شهر ۾ ڏيڊ نگ ساماٽو آهي، جو توسان اڊائي نڳيون ڪندو- توکي جيڪا ڪاهٽي هجي سا وجي ڪاهہ!" بادشاهہ اهو اشتهار پڙهي، وزير کي چيو تہ "اي وزير، هاڻي ڪيئن بہ ڪري انهيءَ چور کي پڪڙ، نہ تہ پت ئي ويندي." وزير عرض ڪيو تہ "جيئندا قبلا، نوڪر ۽ چوڪيدار چور کونہ پڪڙي سگهندا- هاڻي اڄ رات آءٌ پاڻ وجي ٿو سڪ ڦتايان، پوءِ ڏسو تہ ڪيئن نٿو چور جهلجي." بادشاهہ وزير کي اجازت ڏني. ٻئي ڏينهن وزير هڪڙي ڪاٺ جي ڦاهي ڪٽي تيار ڪرائي، ۽ رات جو اها ماڻهن جي لنگهہ وٽ ڪٽي رکايائين. بہ نقارا بہ رکرايائين. پوءِ شهر جي ماڻهن کي اطلاع ڏنائين تہ "اڄوڪي رات جو اڄ ڪير بہ گهر کان نہ نڪري- آءٌ فلاڻي لنگهہ وٽ چور جي پڪڙڻ لاءِ ويس بدلائي وجي ويهندس. جي چور ڪنهن طرح انهيءَ ڪاٺ ۾ اڙائي وڌو، تہ پوءِ مٿان اڪيلو مون کان پڇي وجي، سو هي نقارو وني وڃائيندس. پوءِ جيڪو نقاري جو آواز ٻڌي، سو ڏندو کڻي چور تي اچي ڪڙڪي." هن اهڙيءَ طرح ماڻهن کي سمجهائي پڪو ڪري ڇڏيو. شهزادي اهي سموريون ڳالهيون اچي ماءُ کي ٻڌايون. ماڻس سمجهايس تہ "پٽ، تون پرواهہ نہ ڪر، وزير جي هوندن ئي شامت آئي آهي." پوءِ هري هري ڪن ۾ پٽ کي ڪجهہ سمجها ائين. جڏهن رات پيئي، تڏهن شهزادو ماءُ جي هدايت موجب زنانا ڪپڙا ڪري، هٿ ۾ ڪٽيءَ جو وٽو کٽي، جتي وزير گهٽ جهليو وينو هو، اوڏانهن اٽي هليو. ڀلا هڪڙو اڳيئي سهٽو، ويتر جو زنانا ڪپڙا ڪيائين، تہ هڪڙي دل- کس حسين ڇوڪري ٿي پيو. پوءِ هي سڌو اچي وزير وٽ پهتو. وزير، جو اڌ رات جو هڪ عورت کي اڪيلو ويندو ڏٺو، سو هڪل ڪري پڇيائينس تہ "اي ملوڪڙي، تون هن بيگاهہ وقت ۾ ڪيڏانهن ٿي وڃين؟" شهزادي جواب ڏنو تہ "پير تي باس باسي هيم- رات جو نويڪلائي آهي ۽ ڏينهن جو اتي ڏاريا ماڻهو ٿا اچن- تنهنڪري هينئر ٿي وڃان!" وزير چيس تہ "هاڻي هينئر تہ درگاهہ بند ٿي ويئي هوندي، ۽ اجايو صبح تائين انتظار

ڪرڻو پونديءَ- تنهنڪري ويهه ته چار ڳالهيون ڪيون- اهو ڪتيءَ جو وتو رک هتي، ته آءٌ تو ڪائي ختمو ڏيئي ڇڏيان." شهزادي چيو ته "اهو ته تمام ڀلو ڪم- منهنجي به هلاڪيءَ کان جند ڇڏائيءَ." ائين چئي، شهزادي ڪُتيءَ جو وتو ڪٽي وزير کي ڏنو، ۽ پاڻ به هن جي پير ۾ ويهي رهيو. وزير ڪُتي به کائيندو رهيو، ۽ شهزادي سان منيون منيون ڳالهيون به ڪندو رهيو. وچ ۾، شهزادي پڇيس ته "توهان ڪير آهيو، ۽ هتي ڇا وينا ڪريو؟" اتي وزير جواب ڏنس ته آءٌ وزير آهيان- هتي شهر ۾ هڪ چور ساماڻو آهي، ان جي پڪڙڻ لاءِ ڦاهي وڌي اٿم." شهزادي وزير کان پڇيو ته "هن ۾ وري چور ڪيئن پڪڙبو؟" وزير چيس ته "هن ڦاهيءَ ۾ چور جو پير پيو، ته سُڪ ٿي ويندو." شهزادي وري پڇيس ته "سو وري ڪيئن؟" وزير ٻڌايس ته "هاڻي ڏس، هن ۾ آءٌ هينئن ٽنگ ٿو وجهان، تنهن کانپوءِ تون هن ڪِلِيءَ کي اشارو ڏي... ته بس ٽنگ سُڪ!" وزير اجا ٽنگ ڦاهيءَ ۾ وڌي مس، ته شهزادي وٺي ڪليءَ کي ڏڪ هنيو، ته وزير ويچاري جي ٽنگ ٻڌجي ويئي. بس، پوءِ ته شهزادو نقاري تي ٻتي ڏڪ هڻي، رفو چڪر ٿي ويو. هلندي محل وزير کي چيائين ته "بادشاهه کي وڃي منهنجا سلام ڏجاءِ! ڏيڍ نڳ منهنجو نالو آهي." نقاري جي نڪائڻ تي ماڻهو، جي هوشيار هئا سي هڪدم اچي وزير تي مڙيا. هنن جي ليکي ته اهو چور آهي جو ڪان ۾ پيو آهي، سو هٽي وزير کي سڃائي وڌائون. وزير گهٽيئي رڙيون ڪيون، پر ڪنهن ٻُڌس به ڪونه- ڇو ته رات جي اوندهه هئي، تنهن ۾ ڪير سڃاڻي نه سگهيس. جڏهن صبح ٿيو، تڏهن ڏسن ته مار هيءُ ته وزير آهي، جو ڦاٿو پيو آهي! سو يڪدم ڇڪي وزير کي ڪڍيائون. وزير جيئن تيئن ڪري بادشاهه وٽ پهتو، ۽ دانهون ڪري چوڻ لڳو ته "اي بادشاهه سلامت! اهو چور ته ڪو جادوگر آهي، جو مون ڪيس ڦاسائي ڪان ۾ هنيوئي مس، ته ڪنهن محل ڏسان ته هو ڇٽو پيو وڃي ۽ آءٌ کان ۾ ڦاٿو پيو آهيان!" بادشاهه چيو ته "اي وزير، انهيءَ چور کي هاڻي آءٌ پاڻ ئي پڪڙيندس- تون دلجاءِ ڪر." هوڏانهن شهزادي وري رات

جو شهر ۾ اشتهار هٽي ڇڏيو تہ "اي بادشاهہ، تو اسان کي دنبو ڪارايو، وري مفت ۾ پيسا ڏياريئي؛ هاڻي وزير تنهنجي بہ موچڙا ڪاڏا- اڳتي ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي! تنهنجي شهر ۾ ڏيڍ نگ پيدا ٿيو آهي، جو توسان اڍائي ٺگيون ڪندو." بادشاهہ منجهي پيو تہ هاڻي هن چور کي ڪيئن پڪڙجي! نيٺ شهر ۾ پڙهو ڏيارايائين تہ "جيڪو هن چور کي پڪڙي ايندو، تنهن کي خواب انعام اڪرام ڏيندس." گهڻيئي ماڻهو هن لالچ تي شهر ۾ ڪاهجي پيا، پر چور هجي تہ هنن کي هٿ اچي! نيٺ هڪڙي ڏوتي بادشاهہ وٽ آئي، ۽ چيائينس تہ "بادشاهہ سلامت، ڏسو تہ آءٌ ڪيئن ٿي چور کي پڪڙي، اوهان وٽ وني اچان." بادشاهہ چيس تہ "جي چور کي پڪڙي وني ايندينءَ تہ جيڪي انعام گهرندينءَ، سي ملندءِ- پاڻ اُن ڪان بہ وڌيڪ ڏيئي ڇڏيندوسانءِ." ڏوتيءَ بادشاهہ کي سمجهايو تہ "سائين، آءٌ شهر واري رستي تي ڪٽ وڇائي، ڏاڍا هار سينگار ڪري، ويهي ٿي رهان- چور مون کي اڪيلو ڏسي، ضرور مون وٽ ايندو. . . . پوءِ اُن کي قابو ڪري، وني اوهان کي ڏينديس. بس چور قابو ٿي پوندو!" هوڏانهن شهزادي، جنهن هيءَ سموري حقيقت پنهنجن ڪنن سان وٽني ٻڌي، تنهن يڪدم وڃي ماءُ سان سموري حقيقت ڪئي. ماءُ چيس تہ "ابا، تون فڪر نہ ڪر- آءٌ ڏوتيءَ جي استاد لڳان." پوءِ ماڻس ڪن ۾ ڪيس ڪا ڳالهہ سمجهائي ڇڏي.

شام جو جڏهن ڪجهہ اوندهہ ٿي، تڏهن شهزادو پاڻ سان ترار کڻي، شهر ڏي نڪتو. هڪڙيءَ گهٽي ۾ آيو، تہ ڏسي تہ هڪڙو واڻيو دڪاندار پنهنجين وَهين لکڻ ۾ مشغول آهي. هن يڪدم دريءَ ڪان اچي واڻئي کي چيو تہ .مون کي بک لڳي آهي؛ سيگهہ ڪر، هي چئن پئسن جي شيءِ ڏي، تہ آءٌ ڪان." واڻئي ڏٺو تہ آئي ٻُڪي ڪيئن ڇڏجي، سو يڪدم دَٻي مان شيءِ ڪڍي هٿ وڌائي، جهڙو شهزادي کي ٿي ڏنائين، تهڙو شهزادي پر ڪري جو تلوار جو ڌڪ هنيس، تہ ٻانهن واڻئي جي پَٽ تي. شهزادو پوءِ يڪدم واڻئي جي ٻانهن کڻي ڀڄي ويو. واڻئي گهڻيئي رڙيون ڪيون،جنهن تي ماڻهو مڙي آيا، پر هٿ ڪير بہ ڪونہ آين. هي، اڌ رات

جو اُها بانهن ۽ پاٽيءَ جي هڪڙي ساندراي لڪائي، سڌو اتي آيو، جتي ڏوتي ويني هئي. ڏوتيءَ جو هڙي سهڻي جوان کي ڏٺو، تہ هيڪر تہ دل سُرڪي ويس، پر جو وري انعام جي لالچ ياد آيس، تہ يڪدم مڪر ڪري هن کي وڏي شان مان سان ڪيڪاري، پاڻ وٽ ويهاريائين، ۽ ساڻس ڏاڍو قرب ڪرڻ لڳي. شهزادو بہ جاٽي واٽي ڏوتيءَ وٽ ويهي ڏاڍيون ٻٽاڪون هڻڻ لڳو- چي: ”آءٌ ڪو جهڙو تهڙو نڳ نہ آهيان، جو پڇ پائي پڇي وڃان. منهنجي بهادريءَ جي هرهنڌ هاڪ آهي. ٻيو تہ ڪا بہ زال ماڻهو هيستائين مون کي موهي نہ سگهي آهي، پر تو الائجي ڪهڙو جادو ڪيو آهي، جو منهنجي دل ريجهي چڏي اٿيئي.“ تنهن تي ڏوتيءَ جواب ڏنس تہ ”تنهنجي بهادريءَ جي برابر مون بہ هرهنڌ هاڪ ٻڌي آهي، تڏهن تہ ڏس تہ هيترا سارا سونا زيور ڳهہ ڳنا پائي، هتي تو وٽ ويني آهيان. سچي ڳالهہ تہ اها آهي تہ منهنجي دل بہ تو سان ٻڌجي ويئي آهي. هاڻي چوري ڪرڻ جا الاهي ڏينهن پيا اٿيئي، اج رات تہ مون وٽ ترسي پؤ، تہ ويهي ڪا ڪچهري ڪريون.“ شهزادي چيو تہ ”چو نہ؟ آءٌ ڪو ڪنهن ڪان ڊڄان ٿو، جو ڀڄي وڃان! بيشڪ اج رات پنهنجي رهاڻ هلندي.“ ڏوتيءَ کي پڪ ٿي تہ ’مون هن کي موهي وڌو آهي، ۽ هاڻي هي مون ڪان ڪيڏانهن وڃي‘ - سو پاڻ زياده هن جي خوشامد ڪرڻ لڳي، ۽ مٿس پنهنجو ويساهہ ڄمائڻ لڳي. هن چا ڪيو، جو ٿڪ ڏيئي، پنهنجا مٽيا منديون لاهي، شهزادي کي پارائڻ لڳي، ۽ قسم قسم جا هن سان چرچا گهٻا ڪرڻ لڳي. دل ۾ رڳو اهو خيال هوس تہ شهزادو ڪنهن طرح بيخبر ٿي سمهي، تہ بادشاهہ ۽ سپاهين کي سڏي قابو ڪرايانس، ۽ پنهنجو انعام ونان. اهو خيال ڪري، شهزادي کي ياڪر پائي سمهي رهي. ڪجهہ وقت گذرڻ بعد، شهزادي ڏوتيءَ کي چيو تہ ”مون کي آيو اٿئي پيشاب، سو آءٌ ڪري ٿو اچان.“ ڏوتيءَ رڙهارڪو منهن ڪري چيس تہ ”ائين وري ڪيئن ٿو ڪرين، منهن ڪيو مون کي ڇڏيو ٿو ٽڄين!“ شهزادي چيس تہ ”آءٌ رڳو تنهنجي کٽ جي پاسي ۾ ويهي ٿو پيشاب ڪريان- ڪو پري ٿورو ئي ٿو وڃان! اعتبار نٿو

اڇيئي، تہ هان هيءَ منهنجي ٻانهن جهلي سمهہ، تہ آءٌ هيٺ ويهي ٿو پيشاب ڪريان!" ڏوتيءَ ڏنو تہ هاڻ هي مون کان ڪيڏانهن ڀڄي سگهندو، سو منهن ويڙهي، چيچڙي ڪري سمهي رهي. شهزادي مانڊ مانڊ ڪري، ڪٽي اها واٽئي واري ٻانهن هٿ ۾ ڏنيس، ۽ پاڻ هيٺ ڪٽ تان لهي، پاٽيءَ جي ساندارِيءَ کي پَٽ تي رکي، وني جو اُن کي سوئي سان ٽنگ ڪيائين، تہ ساندارِيءَ مان پاٽي شرشر ڪري وهڻ لڳو، ۽ پوءِ پاڻ آهستي آهستي اُتان کسڪي هليو ويو. ساندارِيءَ مان، جو پاٽي شرشر ڪري پئي وهيو، سو ڏوتيءَ سمجهيو تہ چور برابر پيشاب وينو ڪري. اتي خيال ڪيائين تہ هاٽي محل آهي، سو وني رڙيون ڪيائين. رڙين جو آواز ٻڌي، بادشاهه ۽ سندس ماڻهو ڊوڙي آيا، ۽ اچي پڇيائون تہ "ڪٿي آهي چور؟" ڏوتيءَ چيو تہ "هيٺ وينو پيشاب ڪري." بادشاهه ڪٽي جو هيٺ ڏسي، تہ ساندارِي پاٽيءَ جي هيٺ پئي آهي، جنهن جي سوراخ مان شرشر ڪيو پاٽي پيو وهي. بادشاهه چيو تہ "هيٺ تہ ڪونهي!" تڏهن ڏوتيءَ، هڪدم بادشاهه کي هٿ ۾ ٻانهن ڏيئي، چيو تہ "قابو ڪجوس، تہ ڀڄي نہ وڃي! هي ڏسو سندس ٻانهن!" بادشاهه جهڙي ٻانهن ڪٽي چڪي، تہ سڄي ٻانهن ڊوهجي اچي ٻاهر پيئي. بادشاهه کان هڪدم دانهن نڪري ويئي، ۽ رڙ ڪري پڇيائين تہ "هي ڇا؟" ڏوتيءَ روئي دانهن ڪئي تہ "سائين، ظلم ٿي ويو. مون تہ چور کي ٻانهن کان اهڙو قابو ڪيو هو، جو ڪيڏانهن بہ ڇُري نہ سگهي- پر چور ڇا ڪيو، جو پنهنجي ٻانهن وڍي، رفوچڪر ٿي ويو.... منهنجا ڳهہ ڳنا بہ ڪٽي ويو! هاٽي وارو ڪريو، چور پري ڪونہ ويو هوندو." ڏوتيءَ جي ڳالهہ ٻڌي، سپاهين گهڻوئي هيڏانهن هوڏانهن ڳوليو، پر چور هجي تہ هٿ اچي. نيٺ ڳولي ڳولي ٿڪجي، بادشاهه تہ موتي پنهنجي محل ڏي ويو، پر ڏوتي ويچاري دل ۾ سڙي ويئي- چي، مون سان ظلم ٿيو- انعام تہ انعام جي ماڳ، مرڳوئي هڙ جا ٽپڙ وڃايم" بادشاهه جڏهن اها وڍيل ٻانهن ڪٽي وزير وٽ پهتو، تڏهن اُها ٻانهن بہ ڏيکاريائينس، ۽ سڄي حقيقت بہ ٻڌايائينس، ۽ چيائينس تہ "هاٽي تہ چور

ڪي ڳولي لهڻ تمام آسان آهي، جو هيءَ سندس ٻانهن آهي! ضرور شهر ۾ اهو حاضر هوندو. هاٿي پڙهو ڏيارو ته ’جنهن جي ٻانهن وڏيل هجي، سو آهي چور- جنهن کي ڪٿي ڏسڻ ۾ اچي، ته وٺي اچي حاضر ڪريس.‘ ”
چوبدارن کي به حڪم ڏنائين ته ”هڪدم شهر ۾ وڃي ڳوليو، ۽ انهيءَ ٻانهن وڍيل ماڻهوءَ کي پيدا ڪريو.“ چوبدارن هڪدم حڪم جي تعميل ڪئي، ۽ واڻئي کي وٺي اچي بادشاهه جي اڳيان حاضر ڪيائون. بادشاهه واڻئي کي ڏسي چيو ته ”اڙي موالي هي جيڪي چوريون ٿيون آهن. سي سڀ تو ڪيون آهن؟“ واڻيو ويچارو روئڻ لڳو، ۽ پنهنجي ٻانهن ڪپجڻ جي سچي ماجرا ڪري ٻڌايائين. وزير بادشاهه کي چيو ته ”سائين، هي ويچارو غريب واڻيو- هن جا اهڙا ڪم ڪٿي! اهو وچان ڪو ٻيو شهزور چور آهي. هي جيڪي چوي ٿو. سو سڀ سچ آهي.“ بادشاهه کي به وزير جي ڳالهه دل سان لڳي، ۽ واڻئي کي مَلم پٽيءَ جا پيسا ڏيئي، خوش ڪري، پنهنجي گهر روانو ڪيائين.

رات جو وزير سان بادشاهه صلاح ڪئي ته هاٿي هن چور کي ڪيئن پڪڙجي، نه ته هي ته خلق ٻاري ڏيندو! پر ڪا به هنن جي صلاح ڪانه بيٺي. جڏهن صبح ٿيو، تڏهن شهر ۾ ڏسن ته پٽ تي اشتهار لڳو پيو آهي ته ”اي بادشاهه تنهنجو دنبو ڪائي توکي دعا ڪئيسون، وري تنهنجي هاريل پيسن مان به ڪيترا ڏينهن موج ڪئيسون. هاٿي ڏوٽيءَ جي هٿان اسان کي گهڻا ڏياريئي- تنهن لاءِ اسين تنهنجا شڪرگذار آهيون! تنهنجي شهر ۾ ڏيڍ نڳ ساماٽو آهي، جو توسان اڍائي نڳيون ڪندو!“ بادشاهه اهو اشتهار پڙهي، تپي باهه ٿي ويو، ۽ چيائين ته ”هاڻي آءٌ پاڻهي ٿو ان چور کي پڪڙيان.“ شهزادي، جا سڄي ڳالهه ٻڌي، سا هڪدم وڃي ماءُ کي ٻڌايائين. ماڻس چيس ته ”ابا، تون ڪو به فڪر نه ڪر- هاڻي سڀ ڪم سٽائو ٿي پوندو.“ پوءِ هن کي ڪن ۾ ڪجهه سمجهائي ڇڏيائين. شهزادي چيا ڪيو، جو بادشاهه جي اچڻ وڃڻ واري رستي تي، ڪي جاءِ مسواڙ تي وٺي، ان ۾ جنڊ رکي ڇڏيائين. جڏهن رات ٿي، تڏهن زنانا ڪپڙا پائي،

آهستي آهستي اُٿي ويهي جنڊ پيهڻ لڳو. جڏهن باد شاهه جي لنگهڻ جو آواز ٻڌائين، تڏهن وني رڙيون ڪيائين. باد شاهه رڙيون ٻڌي، هڪدم اندر جاءِ ۾ لنگهي آيو، ۽ اچي پڇيائين ته ”ڇوڪري ڇا آهي؟“ شهزادي جواب ڏنو ته ”سائين، هڪڙو چور ڪو اندر گهڙي آيو، ۽ مون ۾ هٿ وڌائين، جنهنڪري مون وني رڙيون ڪيون.“ باد شاهه هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، ۽ ٻاهر به ڳوليائين، پر ڪير به ڏسڻ ۾ ڪونه آيس. ڇوڪري کي چيائين ته ”هتي ته ڪير به ڪونهي.“ شهزادي چيو ته ”سائين، پر آءٌ ڏڄان ٿي- تنهنڪري منهنجي ڪا واهر ڪريو، جو هو وري ايندو ۽ اچي مون ۾ هٿ وجهندو. هاڻي ڪا اهڙي تڪل ڪريو، جو هو پڪڙجي پوي.“ باد شاهه چيس ته ”آءٌ جي ائين ويٺو رهندس، ته هو ايندو ڪونه، تنهنڪري پنهنجا ڪپڙا لاهي ڏي مون کي، ۽ منهنجا ڪپڙا تون پائي، لڪي وڃ- پوءِ ڏس ته ڪيئن ٿو چور کي ڦاسايان؛ انهيءَ چور کي آءٌ ڳوليان پيو.“ باد شاهه، شهزادي جا زنانا ڪپڙا پائي، آهستي آهستي ويهي جنڊ ڪاهڻ لڳو، ۽ هوڏانهن شهزادي ڪسڪي، وڃي ماءُ کي حقيقت ٻڌائي، جا هڪدم نهي سنيري اُٿي آئي، ۽ دروازو کولي باد شاهه کي چيائين ته ”واه، سائين، واه! وينا جنڊ ڪاهيو. اوهان ته چيو هو ته ’آءٌ جنڊ ڪونه ڪاهيندس‘ ؛ پوءِ ڪيئن وينا ٿا هي به مٺو جنڊ ڪاهيو!“ باد شاهه پڇيو ته ”تون ڪير آهين؟“ راڻيءَ جواب ڏنو ته ”آءٌ تنهنجي راڻي آهيان، جنهن کي تو چيو هو ته ’ڏسان ته مون کان ڪيئن ٿي جنڊ ڪاهرائين؟‘ “ باد شاهه شرم کان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو، ۽ پڇيائين ته ”هي تو سان گڏ ٻيو ڪير آهي؟“ راڻيءَ ورندي ڏني ته ”هي تنهنجو پٽ آهي.“ باد شاهه پڇيو ته ”منهنجو پٽ وري ڪٿان آيو.“ راڻيءَ چيس ته ”هُتي جهنگ ۾ مون وٽ جهوپڙيءَ ۾ ڪير ايندو هو؟ هيءَ پنهنجي منڊي سڃاڻو، جيڪا مون کي ڏيئي ويا هئا!“ پوءِ جڏهن سڄيءَ حقيقت جي باد شاهه کي خبر پيئي، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ راڻيءَ ۽ پنهنجي پٽ کي محلات ۾ وني ويو، جتي هو هميشه خوش گذارڻ لڳا.

●●●

لعل بادشاهه ۽ هيرا راڻي

هڪڙو غريب شخص هوندو هو، جو ڇيٽا چونڊي وڪڻي گذران ڪندو هو. هڪڙي ڀيري، جيئن ڇيڻن جي ڍري ڪٽي، گهر ڏانهن پئي موٽيو، ته هڪ نانگ سندس پنيان ڪاهي پيو. جڏهن ڏٺائين ته نانگ اچي پيرن ۾ پيو آهي، تڏهن ڇيڻن جي ڍري ڪڍي نانگ مٿان اڇلايائين، ۽ ڏنڊو ڪڍي بيٺو ڇيڻن کي ڪٽڻ. جڏهن دل ۾ پڪ ٿيس، ته هاڻي نانگ ضرور مري ويو هوندو، تڏهن ڇيڻن کي ڦولهي ڏسڻ لڳو. ڇا ڏسي ته نانگ ته ڪونهي، باقي هڪڙو ڳاڙهو مڻيو ڇيڻن ۾ پيو آهي- سو ڪڍي آيو پنهنجي گهر، ۽ اهو آڻي پنهنجي زال کي ڏنائين، ۽ چيائينس ته هي مڻيو شهر ۾ وڃي وڪڻي اچ.

ان شهر جي بادشاهه کي اولاد ڪونه هوندو هو. ۽ سندس راڻيءَ جي مڻين ميڙڻ تي ڏاڍي دل هوندي هئي. غريب ڪانير جي زال اها مڻيو وڃي راڻيءَ کي ڏنو. مڻيو بلڪل بي بها هو، ۽ ان جهڙو اڳ راڻيءَ بلڪل ڪونه ڏٺو هو. تنهن اهو مڻيو وٺي، سوني ٿالهه ۾ وجهي، ڪڍي هندوري ۾ رکيو. ۽ ڪانير جي زال کي چڱو انعام اڪرام، ڍوڪڙ پئسا ڏيئي، خوش ڪري پنهنجي گهر روانو ڪيائين.

منجهند جو بادشاهه به راڻيءَ وٽ آيو. راڻيءَ بادشاهه سان لعل مڻيءَ جي خريدڻ جي ڳالهه ڪئي. بادشاهه راڻيءَ کي چيو ته "اهو لعل مڻيو ڪڍي اچ، ته آءٌ به ته ڏسان." راڻي جيئن مڻيءَ ڪڍڻ لاءِ هندوري وٽ پهتي، ته ڇا ڏسي ته سبحان الله! ٿالهه ۾ مڻيءَ بدران هڪڙو خوبصورت ٻار پيو آهي، ۽ پيو روئي. راڻي يڪدم بادشاهه وٽ ڇوڪرو ڪڍي آئي. پوءِ ته ٻنهي جي خوشيءَ جي حد ئي نه رهي. ڀلا ڪين اولاد جو ڪونه ٿيندو هو، سو خوش ڇو نه ٿيندا! هنن جو شهزادي جهڙو ٻار هڪڙي لعل مڻيءَ مان

حاصل ڪيو هو، تنهنڪري هن تي نالوئي رکيائون 'لعل شهزادو.'

لعل شهزادو، اڄ ننڍو سيان وڏو، اڇي جوان ٿيو. سندس حسن تہ هٽي هرڪنهن کي حيران ڪري وڌو هو! انسان تہ ڇا، پر حورون ۽ پريون بہ سندس سهڻي صورت ۽ موهڻي مورت تي حيران هيون.

لعل شهزادو جڏهن بلوغت کي پهتو، تڏهن پنهنجي پيءُ کي چيائين تہ "جهڙو آءٌ سهڻو آهيان، زال بہ اهڙي سهڻي پرڻايوم." پوءِ تہ بادشاهہ پنهنجي بادشاهيءَ ۾ پڙهو ڏياريو تہ "جيڪي بہ ڪنواريون ڇوڪريون آهن، سي سڀ فلاڻيءَ تاريخ، فلاڻي هنڌ، هار سينگار ڪري، اچي گڏ ٿين. جنهن تي منهنجي پٽ جي دل ٿيندي، اها ڪيس شادي ڪرائي ڏبي."

رعيت جا غريب ماڻهو تہ ڇا، پر امير بہ خواهان هئا تہ لعل بادشاهہ جهڙو سدا سهڻو اسان جي پلئہ پوي: سو مقرر تاريخ تي، سڄي رعيت جون ڪنواريون نينگريون اچي هڪ هنڌ ڪٺيون ٿيون.

سڀڪنهن ڇوڪريءَ جي اهائي مرضي هئي تہ لعل شهزادو شاديءَ واسطي مون کي چونڊي. پر لعل شهزادوي جي ڪنهن تي بہ دل نہ سُرڪي. انهن نينگرين ۾ هڪ ڪاٺي بہ آئي هئي، تنهن لعل شهزادي کي طعنو هڻي، چيو تہ "اديون، هيءُ اسان کي ڪو قبوليندو ڇا؟ هيءُ پرڻبو هيرا راڻي."

لعل شهزادي ڪاٺيءَ جو اهو طعنو ٻڌي، چيو تہ "هائو، آءٌ پرڻبس بہ هيرا راڻي!"

هيرا راڻي ڪنهن ولايت ۾ رهندي هئي، جنهن جي حسن جي هاڪ هرهنڌ مشهور هئي. ڪئين شهزادا سندس سڪ ۾ سُڪي سوڙها ٿيا هئا. مگر هن بہ ڪنهن کي ڪونہ ٿي قبول ڪيو. اُن کي بہ انهيءَ سبب ڪان سنديس ڪنهن ساهيڙيءَ طعنو هنيو هو تہ "هاءِ هاءِ، هيءَ مائي بہ شادي ڪندي، تہ لعل شهزادي سان ڪندي: ٻيو ڪو مرد هن کي وڻندو ڇا!"

هوڏانهن لعل شهزادي کي ڪاٺيءَ جي ٽُنڪي تايو هو، تہ هيڏانهن هيرا راڻيءَ کي ساهيڙيءَ جي سهمر تپايو هو. تنهنڪري هنن ٻنهي جي دل



۾ هڪٻئي جي محبت جو سلو، ٻنا ڏني ئي، ساماڻجڻ لڳو. هوڏانهن لعل شهزادو، هيرا راڻيءَ جي سڪ ۾ نڪري پيو. تہ هيڏانهن هيرا راڻي لعل شهزادي جي محبت ۾ موهجي، هن جي ڳولا لاءِ نڪري پيئي. نيٺ هلندا هلندا، هڪڙي هنڌ ٻيئي اچي هڪٻئي سان مليا، ۽ هڪٻئي کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا، ۽ هڪٻئي جي محبت ۾ مست مگن ٿي ويا.

آخر لعل شهزادو هيرا راڻيءَ کي وٺي، پنهنجي پيءُ وٽ آيو. بادشاهہ ۽ راڻي همڙي نازڪ بدن، سد اسهڻي، من موهڻي ننهن ڏسي ڏاڍا سرها ٿيا، ۽ وڏي ڌام ڌوم سان سندين شادي ڪيائون.

لعل شهزادو ۽ هيرا راڻي هاڻي هميشہ گڏ رهڻ لڳا، ۽ ٻنهي جو هڪٻئي کان پري هڪ پل بہ نہ سرندو هو.

ڪاڻيءَ، جنهن لعل شهزادي کي طعنو هنيو هو، سا هنن کي خوش ڏسي، دل ۾ ڪامڻ پچڻ لڳي، ۽ دل ۾ رٿ ڪيائين تہ هنن ٻنهي ۾ وڇوڙو وجهان. سا سدائين پيئي حيلا وسيلا هلائيندي هئي. هن کي اها خبر

هئي تہ لعل شهزادو هن ملڪ جي بادشاهہ ۽ راڻيءَ جو پيٽ جڻيو پُٽ ڪونہ آهي، پر هن نانگ مان لعل، ۽ لعل مان ڦري لعل شهزادو ٿيو آهي، ۽ سندس بنياد اصل نانگ آهي.

سو هن ڪاٺيءَ اچي هيرا راڻيءَ سان ساهيڙپ ڳنڍي، ۽ ڏيهاڙي اچي هن کي نيون نيون خبرون ٻڌائي ويندي هئي- ۽ ائين گهري ٿيندي ٿيندي، راڻيءَ سان حجتڻ ٿي ويئي. آخر هڪڙي ڏينهن، راڻيءَ کي چيائين تہ "ادي، تون ڪڏهن پنهنجي مڙس کان هي تہ پڇ، تہ تنهنجي ذات ڪهڙي آهي؟ مان تہ پانيان ٿي تہ هو توکي پنهنجي ذات اصل نہ ڏسيندو، پر تون ڪيئن بہ ڪري ڪانئس سنديس ذات ضرور پڇجانءِ!"

رات جو جڏهن لعل شهزادو ۽ هيرا راڻي اڪيلا ٿيا، تڏهن هيرا راڻيءَ انگل ڪري، لعل شهزادي کي چيو، "پيارا جيڪڏهن گستاخي معاف ٿئي، تہ هڪڙو سوال توهان کان پڇان!" لعل شهزادي چيو تہ "بيشڪ پڇ." تنهن تي هيرا راڻيءَ.چيس تہ مون کي ٻڌايو تہ "توهان جي ذات ڪهڙي آهي؟" لعل شهزادي چيو تہ "راڻي انهيءَ ڳالهہ تان لهي وڃ. اها ڳالهہ مون کان نہ پڇ، جو انهيءَ تان ڏاڍا ڏک ڏسندينءَ."

اُن وقت تہ راڻي وڌيڪ ڪانہ ڪچي؛ پر ٻئي ڏينهن بہ ڪاٺيءَ ڏاڻ هيرا راڻيءَ کي اچي چوريو- چي، "هيرا راڻي! هيءُ وري ڪهڙو محبت جو دستور آهي، جو لعل شهزادو سڏائي تنهنجي محبت وارو، ۽ تنهنجو چوڻ مڃي ئي نٿو، جو رڳو توکي پنهنجي ذات ئي نٿو ٻڌائي!" هيرا راڻي، اهو ٻڌي، جڏهن ٻيو ڏينهن ٿيو، تڏهن لعل شهزادي سان ضد ٻڌي ٻيٺي تہ "هرو پرو پنهنجي ذات ٻڌاءِ." نيٺ لعل شهزادي ڪڪ ٿي، هيرا راڻيءَ کي چيو تہ "چڱو پلا سياڻي تيل ميٽ ملي هلندا سين تلاءَ تي غسل ڪرڻ، پوءِ اُتي توکي آءٌ پنهنجي ذات ٻڌائيندس."

ٻئي ڏينهن، هيرا راڻي تيل ميٽ ملائي، لعل شهزادي وٽ ڪٺي آئي، ۽ اچي چيائينس تہ "لعل شهزادا هاڻي هلو، هلي پنهنجو واعدو پورو ڪريو." پوءِ لعل شهزادو ۽ هيرا راڻي ٻئي ڄڻا تلاءَ تي آيا، ۽ تيل ميٽ

مڪي، پاڻيءَ ۾ گهڙيا. اتي وري بہ هيرا راڻيءَ لعل شهزادي ڪان ساڳيو سوال ڪيو. تنهن تي لعل شهزادي اکين ۾ پاڻي آڻي، وري بہ راڻيءَ کي چيو تہ "راڻي انهيءَ ضد تان لهي وڃ." مگر هن کي جا زناني هوڏ هئي، سا اصل نہ مُڙي. تنهن تي لعل شهزادي چيس تہ "چڱو، راڻي، هاڻي ڏسجانءِ تہ آءٌ ذات جو ڪير آهيان." ائين چئي، تلاءَ ۾ تبي هڻي، نانگ ٿي



نڪتو، ۽ "هَي هَي هيرا راڻي،" "هِي هِي هيرا راڻي" چوندو، لڙهندو هليو ويو. هيرا راڻيءَ، اهو حال ڏسي، وٺي آهون ۽ دانهون ڪيون، ۽ پنهنجي دوست جي جدائيءَ ۾ واويلا مچائي ڏنائين. هن جي آهُن ۽ دانهن جو آواز پري پنڌ تائين پئي پڌڻ ۾ آيو.

اتفاق سان هيرا راڻيءَ جي هڪ ساهيڙي، جنهن جو نالو نور پري هو، سا درياءَ تان مٿان اُڏامندي پئي ويئي. هيرا راڻيءَ جون دانهون ۽ فرياد ٻڌي، اُها هيٺ لهي آئي، ۽ هيرا راڻيءَ ڪان ههڙي دک ۽ تڪليف جو سبب پڇڻ لڳي. تنهن تي هيرا راڻيءَ سڄو قصو ڪري ٻڌايس. نور پريءَ

چيس تہ ”ادي، هڻين پئي هاج، هاڻي ڪجو ڪيچين ڪي چئين. تو پاڻ سان پاڻيھي ڪئي آهي، هاڻي لکيو ويني لوڙ. پر ادي، الله مان آسرو نہ لاهہ، من موليٰ وري اوهان وچڙيلن جا ميلا ڪري! هاڻي غم نہ ڪر، آءٌ اڄ ئي لعل شهزادي جي پتي ڪڍڻ لاءِ ڪوشش ڪريان ٿي. رک الله تي، سڀ سٺائي ٿيندي.“

ائين چئي، نور پري تہ اُڏامي هلي ويئي، ۽ هيرا راڻي هَي هَي ڪندي، حسرت ۽ ارمان سان اچي گهر پهتي، ۽ ڪائڻ پيئڻ زهر ٿي ويس. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ، نور پري اوچتو اچي هيرا راڻيءَ وٽ پهتي، ۽ چيائينس تہ ”پيڻ، لعل شهزادي جو ڪجهہ پتو پيو اٿم، هاڻي موليٰ مڙيئي موچاري ڪندو، تون دلجاءِ ڪر.“ اتي هيرا راڻيءَ ڪي ڪجهہ پيٽ ۾ ساهہ پيو، ۽ نور پريءَ کان پڇيائين تہ ”ادي، ڀلا ڪر خبر!“ نور پريءَ چيو تہ ”فلاڻيءَ ولايت ۾ واسينگ نانگن جو مڪان آهي. اُهي آهن نانگ، پر انساني صورت ۾ بہ اچي سگهن ٿا. لعل شهزادو انهن نانگن جي بادشاهہ جو پٽ آهي. هن پنهنجي پيءُ کان ڪاوڙجي، انساني صورت اختيار ڪئي هئي، جنهنڪري توکي اچي مليو. هن جي جدائيءَ ۾ سندس مائٽن جي ڏاڍي بُري حالت ٿي رهي هئي، ۽ تنهنجي بدقسمتيءَ کان جڏهن هو توکان جدا ٿي وجي پنهنجي مائٽن سان مليو آهي، تہ هو خوش ٿي پيا آهن، ۽ هينئر ڏاڍا سرها آهن.

”هاڻي لعل شهزادي کي هٿ ڪرڻ جي هيءَ تجويز آهي، جو هن جي پيءُ کي راڳ ٻڌڻ جي ڏاڍي سک رهي ٿي. تنهنڪري هو ڪٿان ڪٿان جا راڳيندڙ گهرائي، انساني صورت ۾ ٿي، جمعي جمعي جي رات، ڳائڻ وڄائڻ جي محفل ڪندو آهي. هاڻي منهنجي صلاح آهي تہ تون اُن جي اڳيان هلي ناچ ڳانو ڪري هن کي راضي ڪر. پوءِ خوش ٿي پاڻيھي توکي چوندو تہ ”هاڻي گُهر، جيڪي گهُرڻو اٿيئي.“ پوءِ تون اُن وقت کانئس لعل شهزادي جي ٻانهن جي گهُر ڪجانءِ. انهيءَ تجويز کان سواءِ ٻيو ڪو بہ حيلو ڪونهي.“

هيرا راڻيءَ هيءَ تجويز ٻڌي خوش ٿي، ڇو ته هوءَ ڳائڻ وڄائڻ توڙي ناچ ڪرڻ ۾ اڳيئي بلڪل پڙ هئي. هيڪاري پنهنجي دوست جي جدائيءَ ۾، هن جي سُر آواز ۾ به ڏاڍو سوز ۽ اثر ٿي ويو هو. سو هيءَ نور پريءَ سان گڏجي لعل شهزادي جي پيءَ جي ڪچهريءَ واري جاءِ تي اچي پهتي. اتفاق سان اهو ڏينهن به جمعي جو هو. تنهنڪري لعل شهزادي جو پيءُ به پنهنجي راڳيندڙن جي ٽولي سان اچي براجمان ٿيو.

يڪدم فرش فروش وڇائجي ويا. محفل جو سامان باقاعدي ٿي ويو. بادشاهه اچي ويٺو. ڳائڻ وارا به پنهنجا ساز طنبورا تيار ڪري، پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويا. ڪجهه وقت ڪان پوءِ، هيرا راڻي، جا ڪنهن ڪنڊ ۾ پنهنجي ساهيڙيءَ نور پريءَ سان لڪي ويٺي هئي، اها به ظاهر ٿي اچي ويٺي... ۽ پوءِ بادشاهه کان ڳائڻ جي اجازت وٺي، ناچ ۽ ڳانو شروع ڪيائين.... ۽ اهڙي سوز سان ڳايائين، جو سڄيءَ مجلس ۾ مدهوشي

ڇانئجي ويئي. بادشاهه به مست مگن ٿي، هيرا راڻيءَ کي چوڻ لڳو ته "اي ڳائڻ واري، جيڪي گهرڻو اٿيئي، سو گهُر!" اتي هيرا راڻيءَ چيو ته "او

بادشاهہ عالم پناهہ، مون کي فقط منهنجو محبوب، لعل شهزادو عنايت ڪر، جو هن جي وڇوڙي منهنجو ساهہ سڪائي ڇڏيو آهي." بادشاهہ اهو ٻڌي، انڪار ڪيو. چيائين تہ "نہ نہ، اهو توکي نہ ملندو. باقي ٻيو جيڪي گهرين، سو حاضر ڪريون." راڻيءَ وري بہ ساڳي صدا ڪئي. مگر وري بہ نہ اگهاڻي. محفل برخواست ٿي، نانگ هليا ويا. هيرا راڻي نِراس ٿي، وري ٻئي جمعي جو انتظار ڪرڻ لڳي.

خير سان ٻيو جمعو بہ آيو. هن دفعي بہ هيرا راڻيءَ ڏاڍي درد سوز مان ڳايو وڄايو. وري بہ بادشاهہ هن کي چيو تہ "اي ڳائڻ واري، گهر جيڪي گهرڻو هجيئي!" تنهن تي هيرا راڻيءَ وري بہ ساڳي صدا ڪئي. مگر بادشاهہ وري بہ انڪار ڪيو. اهڙيءَ طرح سان ٽيون جمعو بہ آيو. هن دفعي راڻيءَ اهڙي تہ درد ۽ سوز فراق مان ڳايو، جو ٻڌندڙن جون دليون ميڻ وانگر رِجي اٿيون. هن دفعي بادشاهہ جي دل ۾ رحم اچي ويو، ۽ هيرا راڻيءَ کي چيائين تہ "هيرا راڻي! لعل شهزادو مون توکي ڏنو. هاڻي مون سان گڏجي هل، تہ لعل شهزادو، منهنجي جگر جو ٽڪرو، پنهنجي هٿن سان ڪڍي هلي توکي ڏيان." پوءِ هيرا راڻيءَ کي بادشاهہ پنهنجي محلات ۾ وني ويو. اتي لعل شهزادو پلنگ تي ليٽيو پيو هو، ۽ هيرا راڻيءَ جي فراق ۾ بيچين ۽ بيقرار، گهڙيءَ گهڙيءَ "هَي هَي هيرا راڻي،" "هَي هَي هيرا راڻي" جي ٻولي پئي ڪيائين. هيرا راڻي بہ آهستي آهستي اچي سندس سيرانديءَ کان ٿي بيني. لعل شهزادي جيئن پاسو ورايو، ۽ اکيون کوليون، ۽ هيرا راڻيءَ جو نالو ورتو، تيئن هيرا راڻي بہ اچلجي سندس جهوليءَ ۾ ڪِري پيئي ۽ چيائينس تہ "جيءُ! منهنجي سر جا سائين!" ائين هي ٻيئي وڇڙيل هڪٻئي سان مليا، ۽ هڪٻئي کي ڪٽي ڀاڪر وڌائون، ڄڻ تہ ٻہ نہ آهن بلڪ هڪ آهن. ان بعد، هيرا راڻي ۽ لعل شهزادو ڪجهہ وقت اتي رهي، بادشاهہ کان موڪلائي، پنهنجي اصلوڪي ملڪ ۾ آيا، ۽ ٻيئي ڄڻا عيش آرام سان پنهنجي زندگي گذارڻ لڳا.

—جهڙيءَ طرح هنن وڇڙيلن جو واليءَ وصل ڪرايو، اهڙيءَ طرح شل جڳ جهان جون مرادون موليٰ سائين پوريون ڪري.

•••

شهزادو لال ملوڪ

ڪنهن ملڪ ۾ هڪ ڪانير رهندو هو، جو ڪانيون وڪڻي، ڏکيو سکيو ٻچن جو پيٽ پاليندو هو. هڪ ڏينهن هن جي گهر ۾ اَن ختم ٿي ويو، تڏهن سندس زال چيس ته ”گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪڻو به ڪونهي، ڪٿان وڃي اَن لپ وٺي اچ، ته ٻارڙن کي ته کارايون!“ هي گهر مان نڪري، منجهي پيو، ۽ اچي هڪڙي مڪان ۾ ويهي رهيو، جتي ڪنهن چڪڙي پياري چڏيس: ۽ جڏهن ٻپهر ٿيا، تڏهن نشي ۾ چُور ٿي، اچي گهر سمهي رهيو. سندس زال، جا پاڙي مان ان داڻا اُڌارڻ ويئي هئي، سا موٽي اچي ڏسي، ته مڙسس سنئون سڌو ٿيو ستو پيو آهي. هن ڪيس جاڳائي چيو ته ”ميان! ٻارڙا پيا مانيءَ ڳيي لاءِ دانهون ڪن، ۽ تون خبر ناهي ڪٿان گهميو ڦريو اچيو سمهيو پوين!“ پر مڙس مان ڪري، پاسو ورائي، وري به ڦوڪن ۾ پئجي ويو. سندس زال به سور پي ويئي، ۽ پاڙي مان جيڪي اَن داڻا آندا

هئائين، سي پيهين ٻارڙن لاءِ ماني پچايائين ۽ پوءِ پاڻ ٻه گرهه کاڌائون، ۽ ٻارڙن کي به کارائي سمهاري ڇڏيائين.

اِتي مائيءَ کي خبر پيئي ته ڳوٺ جا ٻه ٽي ماڻهو روزگار هٿ ڪرڻ لاءِ مسافريءَ تي ٿا وڃن. تنهنڪري مڙس کي چيائين ته "ويٺي ڪيترو وقت گذاربو؟ تون به انهن ماڻهن سان گڏجي وڃ!" هن پهرين ته نٽايو، پر پوءِ زال جي زور ڀرڻ تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. پئي ڏينهن مائيءَ لولو پچائي ڏنس، جو ڪٽي ٻين ساٿين سان گڏجي، هو سفر تي روانو ٿيو.

هلندي هلندي، هنن کي هڪ هنڌ رات پئجي ويئي، اُنڪري اُتي ئي ترسي پيا، ۽ هڙڪو ٽڪو پور کائي، سمهي رهيو. هن به ڳوٺريءَ مان سڪل لولو ڪڍي کاڌو، ۽ ڳوٺريءَ کي پاسي ۾ ٻيئنل ڪرڙ تي وجهي، پاڻ ليٽي پيو. صبح جو، همراهن هن کي اڳتي هلڻ لاءِ اُٿاريو، پر هن انڪار ڪيو، ۽ پاسو ورائي سمهي رهيو. جڏهن سج ڪافي مٿي چڙهي آيو، تڏهن اک کليس. ڏسي ته سندس ساٿي سڀ هليا ويا هئا، ۽ ڪرڙ تي سندس اڇلايل ڳوٺريءَ ۾ هڪڙو وڏو نانگ آهي، جو سُرندو اندر پيو وڃي. جڏهن نانگ ڳوٺريءَ ۾ گهڙي ويو، تڏهن يڪدم ڊوڙي، ڳوٺريءَ جو منهن بند ڪري ڇڏيائين. دل ۾ چيائين ته 'زال به روز روز پيئي تنگ ڪري.... ــي ٿو هيءَ ڳوٺري هٿ ۾ ڏيانس- هن جي سورن ڪان ته ڇٽي پوندس.' اهو خيال ڪري، نانگ واري ڳوٺري ڪٽي. واپس اچي ڳوٺ پهتو. گهر ۾ ڏنائين ته زال آهي ئي ڪانه، سو يڪدم اُها نانگ واري ڳوٺري هڪ اٽي جي ڪُني ۾ وجهي، پاڻ وري به ڇُڪڙي جي ڇسڪي تي مڪان ڏانهن هليو ويو.

مائي جڏهن موٽي گهر آئي، تڏهن ٻارن ٻڌايس ته "بابا آيو آهي." مائي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ دل ۾ چيائين ته مسافريءَ تان ضرور ڪجهه نه ڪجهه آندو هوندائين- سو، سڄي گهر جا ٽپڙ ڦولهڻ لڳو. ڳوليندي ڦولهيندي، آخر اچي اُن ڪُني جو ڍڪ لاٿائين، جنهن ۾ اُها نانگ واري ڳوٺري پيل هئي. ڳوٺري ڪڍي، بسم الله ڪري، جان ڪٽي کولي، ته ڏسي

تہ اُن ۾ هڪ نولکو هار پيو آهي!مائي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ اُهو نولکو هار کڻي، هڪ جوهريءَ وٽ آئي، ۽ چيائينس تہ "مون کي هن جا پئسا ڏي." جوهري نولکو هار ڏسي وائڙو ٿي ويو، ۽ مائيءَ کي چيائين تہ 'مائي! هن هار جا پئسا مون وٽ تہ ڇا، پر بادشاهہ وٽ بہ مشڪل هوندا: باقي آءٌ توکي اينترا ڏيان ٿو، جو سڄي عمر پيا کائجو." مائيءَ کي جوهريءَ جهول ٽڪن جو ڀري ڏنو: مائي اهي کڻي آئي گهر، ۽ يڪدم اَن وغيره وٺي

گنديون ۽ ٻيلهڙا ڀري، ڏينهن ٻن جي ورؤ ٻاهر سڪائڻ وجهي ڇڏيائين، ۽ پيو بہ جيڪي ڪنس، سو وٺي آڻي گهر ڀريائين. جڏهن سڄ بہ اچي لهڻ تي ٿيو، ۽ مڙسس نہ موٽيو، تڏهن پٽ کي موڪليائين تہ "وڃي پيءُ کي وٺي اچ." ڇوڪرو سڌو مڪان تي آيو، ۽ پٽس کي اچي گهر هلڻ لاءِ چيائين. هن سوچيو تہ "شايد نانگ ڏنگيو اٿس، تڏهن مون کي گهرائي ٿي، پر ائين آءٌ بہ ڪٿي ٿو وڃان! پل تہ مري، تہ پوءِ ويندس." تنهنڪري پٽ کي چيائين تہ "تون هل تہ آءٌ اچان ٿو." ڇوڪرو موٽي گهر آيو. ٿوريءَ دير بعد، وري بہ

مائيءَ ڇوڪري کي موڪليو. ڪانير وري به خيال ڪيو ته ”پل ته مري.... پوءِ ويندس.“ جڏهن وري به ڇوڪرو خالي گهر موٽيو، تڏهن مائيءَ چڙ ۾ به لپاٽون هڻي، کيس وري به پٽس کي سڏي اچڻ لاءِ پوئتي ڊوڙايو. هن دفعي، جڏهن ڇوڪرو روئندو پٽس وٽ آيو، تڏهن هن دل ۾ سوچيو ته شايد هاڻ مري ويئي آهي.... سو، دل ۾ خوش ٿيو، ۽ چيائين ته ’چڱو ٿيو، جو هن هچا مان خدا ڪٽي جند ڇڏائي.‘ پوءِ پٽ سان گڏجي گهر آيو. گهر پهچڻ سان ڏسي ته مار، هتي ته قصوئي ٻيو لڳو پيو آهي! هڪ پاسي اَن جا ڍير پيا سڪن ته ٻئي پاسي ڪپڙن، شين ۽ ٿولن جا اَنبر لڳا پيا آهن، ته ٽئي پاسي وري ڏاڍا طعام پيا تيار ٿين. پهرين ته کيس شڪ پيو ته شايد سندس وجڻ ڪانپوءِ، سندس زال ڪنهن سان ڦٽي آهي، پر پوءِ جڏهن زال کان حقيقت پڇيائين ۽ اُن نَو لکي هار جو ٻڌايس، تڏهن ٻنهه وائڙو ٿي ويو. پر دل ۾ ڪجهه سوچي، سڌو اُن جوهريءَ وٽ آيو، ۽ کيس ڊيڄارڻ لاءِ چيائين ته ”منهنجي زال جيڪو هار توکي ڏيئي ويئي آهي، سو مون بادشاهه لاءِ آندو هو، پر هوءَ ڀل ۾ توکي ڏيئي ويئي آهي.... اُهو مون کي موٽائي ڏي، نه ته وجي ٿو بادشاهه کي ٻڌايان.“ بادشاهه جو نالو ٻڌي، جوهري ڊڄي ويو، ۽ آخر هٿ جوڙ ڪري، جهول تڪن جو هن کي به پري ڏنائين، جيڪو خوش ٿي هو گهر کٽي آيو، ۽ آٽي زال کي ڏنائين. پوءِ ته ڪانير ۽ سندس زال ۽ ٻار ڏاڍي مزي سان ويهي ڏينهن گذارڻ لڳا.

جوهري ٻئي ڏينهن اُهو ساڳيو هار کڻي، بادشاهه وٽ آيو. بادشاهه نولکو هار ڏسي، عجب ۾ پئجي ويو، ۽ دل ۾ چيائين ته ’اهڙو هار ته منهنجي سڄيءَ بادشاهيءَ ۾ ڪونه هوندو.‘ سو جوهريءَ کي چيائين ته ”هيءُ هار مون کي ڏي؛ اُن جي عيوض توکي جيڪي گهُرڻو هجي، سو گهر.“ جوهري ته آيوئي انهيءَ نيت سان هو، سو هار بادشاهه کي ڏيئي، ڏنل رقم کان ڇوٽون پنجوٽون خزانو بادشاهه کان وٺي، رمندو رهيو. بادشاهه هار کڻي، سڌو محلات ۾ آيو، ۽ اچي راڻيءَ جي ڳچيءَ ۾ وڌائين. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، راڻيءَ اهو هار لاهي صندوق ۾ رکي ڇڏيو،

رڳو ڪنهن ڏينهن وارَ تي پيئي پائيندي هئي. هڪڙي ڏينهن، راڻي وهنجي سهنجي تيار ٿي، اچي آرسيءَ جي سامهون ويٺي، ۽ دل ۾ خيال ڪيائين ته ’اڄ نولکو هار پائجي.‘ اهو خيال ڪري، ٻانهيءَ کي سڏي چيائين ته ”وڃي نولکو هار ڪڍي اچ.“ ٻانهي جو اچي پيٽي کولي، ته ڏسي ته هار آهي ئي ڪونه.... اُن جي جاءِ تي هڪ موتين جهڙو ملوڪ ٻار ستو پيو آهي. هيءَ ڊوڙي راڻيءَ وٽ آئي، ۽ چيائينس ته ”راڻي! توهان کي مبارڪ هجي- خدا توهان کي پٽ ڏنو آهي!“

راڻيءَ کي ڪو اولاد هوندوئي ڪونه هو، تنهن سمجهيو ته شايد ٻانهي چٿرون ٿي ڪري- سو تپي، باهه ٿي ويئي، ۽ چيائينس ته ”گستاخ! تون مون تان چٿرون ٿي ڪرين؟“ ٻانهي، قسم کڻي، چوڻ لڳي ته ”سائڻ! تون پاڻ هلي ڏس، ته ٻار آهي يا نه.“

راڻي ٻانهيءَ سان گڏجي، اچي ڏسي، ته واقعي ٻانهيءَ جي ڳالهه سچي آهي. راڻي ڏاڍو خوش ٿي، ۽ بسم الله ڪري، کڻي هنج ۾ ويهاريائينس. پوءِ ته يڪدم ساڳيءَ ٻانهيءَ کي بادشاهه ڏانهن مبارڪ واسطي موڪليائين. ٻانهيءَ اچي بادشاهه کي مبارڪ ڏني، ۽ چيائين ته ”بادشاهه سلامت، قدرت توهان کي پٽڙو نصيب ڪيو آهي!“ بادشاهه خيال ڪيو ته ’ڪيترو عرصو گذري ويو آهي، پر اسان کي ڪو اولادئي ڪونه ٿيو آهي، ۽ نه وري ڪا اُميدواري هئي، سو هينئر پٽ وري ڪيئن ڄائو؟ شايد ٻانهي مون تي چٿرون ٿي ڪري.‘ سو، يڪدم ڪاوڙ ۾ اچي ڪان نڪري ويو، ۽ ٻانهيءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. آخر ٻانهيءَ جي قسم سُنهن کڻڻ تي، بادشاهه محلات ۾ آيو، ۽ اچي ڏنائين ته برابر راڻي هڪ منهن ملوڪ ٻار کي هنج ۾ کنيو ويٺي آهي. پوءِ ته بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ اُن ٻانهيءَ کي وڏا وڏا انعام اڪرام ڏنائين، خوش ڪيائون، ۽ ٻار جو نالو ”لال ملوڪ“ رکيائون.

اڄ ننڍو سڀاڻ وڏو، آخر لال ملوڪ به اچي وڏو ٿيو، ۽ بادشاهه هن کي مڪتب ۾ ويهاريو. جڏهن پڙهي قابلڪار ٿيو، تڏهن بادشاهه خيال

ڪيو جهڙو لال ملوڪ خوبصورت آهي، تهڙي ئي خوبصورت سندس ڪنوار هجي. اُن وقت باد شاهن جو اهو دستور هوندو هو تہ سڳاوتيءَ لاءِ پنهنجي وزير کي گهوٽ يا ڪنوار جي تصوير ڏيئي، ٻيءَ باد شاهيءَ ۾ موڪليندا هئا. هن بہ پنهنجي هڪ وزير کي لال ملوڪ جي تصوير ڏيئي، لال ملوڪ لاءِ ڪنوار ڳولڻ لاءِ موڪليو، ۽ چيائينس تہ "ڪنوار اهڙي ڳولي اچ، جو جهڙو لال ملوڪ تهڙي هن جي ڪنوار! ٻيو تہ جيسين ڪٿي سڳاوتي ٿئي، تيسين واپس نہ ورج."

وزير تہ اُن وقت ئي روانو ٿيو، پر ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ، پويان باد شاهہ گذاري ويو. لال ملوڪ جنهن رستي ڪان روز شيل شڪار تي ويندو هو، تنهن رستي تي هميشہ هڪڙو فقير وينو هوندو هو، جو هُونئن تہ وينو روئندو هو، پر لال ملوڪ کي ڏسي، کلي ڏيندو هو. هڪ ڏينهن، لال ملوڪ فقير کان پڇيو تہ "مون کي ٻڌاءِ تہ هونئن تون وينو روئندو آهين، پر مون کي ڏسي کلي ڏيندو آهين- اهو ڇو؟" فقير چيس تہ "بابا سائين! ان ڳالهہ تان لهي وڃو." مگر لال ملوڪ جڏهن ضد تان نہ لٿو، تڏهن فقير چيس تہ "مان تنهنجو موت ٿو ڏسان، تہ مون کي روئڻ ٿو اچي. ۽ جي توکي ٿو ڏسان تہ کلان ٿو." لال ملوڪ پڇيس تہ "اهو وري ڪيئن؟" فقير چيس تہ "تنهنجي پيءُ جو فلاڻو وزير، جيڪو تولاءِ ڪنوار جي ڳولا ۾ ويل آهي، سو ڪنوار ڳولي، واپس پيو اچي؛ پر واٽ تي باد شاهہ جي موت جو ٻڌي، هن جي نيت خراب ٿي ويئي آهي، ۽ هو هتي پهچي، توکان باد شاهہ کسي، توکي مارڻ جا خيال ڪري رهيو آهي، ۽ اها بہ نيت اٿس تہ تو وارو ڪنوار ڪنهن طرح پنهنجي پٽ کي پرڻائي ڇڏي. بس هو هتي پهتو، تہ پوءِ تنهنجو خير ڪونهي؛ تنهنڪري منهنجي صلاح آهي تہ جيترو جلد ٿي سگهي، پنهنجو شهر ڇڏي هليو وڃ.... پوءِ جي باد شاهي ۽ ڪنوار هونديئي نصيب ۾، تہ ٻيئي ملي پونديئي." فقير جي ڳالهہ ٻڌي، لال ملوڪ سڌو ماءُ وٽ آيو، ۽ سموري حقيقت کيس ٻڌايائين، ۽ چيائينس تہ "مان هي شهر اڄ ئي ڇڏي ويندس؛ پوءِ جي هوندي حياتي، تہ اچي وزير کان بدلو

ونندس." راڻيءَ ڪيس گهڻوئي سمجهايو، پر لال ملوڪ نه مڙيو، ۽ ڪجهه خزانو پاڻ سان ڪٺي، گهوڙي تي چڙهي، ماءُ کان موڪلائي، فقير کان اجازت وٺي، فقير جي چوڻ موجب اُتي اُلهندي طرف روانو ٿيو.

هلندي هلندي، ٿوري گهڻي ڏينهن، لال ملوڪ اچي اُن شهر ۾ نڪتو، جنهن ۾ سندس مڱڻو ٿيل هو. هوڏانهن وزير به لال ملوڪ جي شهر ڇڏڻ جي ٻئي ڏينهن، اچي پنيان اُتي پهتو، ۽ يڪدم تخت تي قبضو ڪري، لال ملوڪ جي پڇا ڪيائين. ڪيس پتو پيو ته لال ملوڪ سندس اچڻ کان اڳ شهر ڇڏي ويو آهي. وزير لال ملوڪ جي ڳولا ۾ گهڻيئي گهوڙا ڊوڙايا، پر ڪجهه نه وريس. ڪجهه وقت ڪانپوءِ، وزير کي لال ملوڪ جو خيال به لهي ويو، سو سوچيائين ته 'هاڻي وچي لال ملوڪ جي مڱ سان پٽ جي شادي ڪرائي اچان.' اهو خيال ڪري، هو پٽ جي شاديءَ جون تياريون ڪرڻ لڳو.

هوڏانهن لال ملوڪ به اندروني طرح پنهنجي مڱ جي پڇا ڳاڇا ڪرڻ لڳو. آخر جلدئي ڪيس پتو پيو ته سندس مڱ به هن ئي شهر ۾ آهي-- بادشاهي سڳاوت هئي، سا آخر ڪٿي تي لڪي سگهي! هن ڇا ڪيو جو پنهنجي تصوير ڪڍائي، اُن سان گڏ هڪ خط ۾ پنهنجي سموري حقيقت لکي، شهزاديءَ ڏانهن ڏياري موڪليائين، ۽ خط ۾ اهو به لکيائين ته "وزير تنهنجي شادي پنهنجي پٽ سان ڪرڻ گهري ٿو. جيڪڏهن تون اُتي راضي هجين، ته پوءِ تنهنجي مرضي؛ جي نه، ته پوءِ مون کي خط جو جواب ڏياري موڪل." شهزاديءَ وٽ جڏهن تصوير ۽ خط پهتو، تڏهن سڄي قصي کي سمجهي ويئي، ۽ جواب لکي موڪليائينس ته "جيڪڏهن توهان جي اها حقيقت درست آهي، ته پوءِ آءٌ اوهان جي آهيان، ۽ هر وقت اوهان سان ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان." اها حقيقت پڙهي، شهزادو لال ملوڪ ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ هاڻي وزير جي پٽ جي ڄڃ اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

آخر هڪ ڏينهن وزير به پنهنجي پٽ جي ڄڃ وٺي، اچي اُتي نڪتو. لال ملوڪ يڪدم شهزاديءَ ڏانهن خط لکيو ته "ڏينهن پرايو، رات

پنهنجي آهي.... هاڻ فقط تنهنجي سچائي گهرجي، نه ته ڳالهه هٿان ويئي، ته خالي افسوس جا هٿ ملڻا پوندا." شهزاديءَ کي به هاڻي پڪ ٿي ويئي ته برابر وزير دغا ڪري رهيو آهي، سو لال ملوڪ کي چوائي موڪليائين ته "تون آڌيءَ رات جو به گهوڙا تيار ڪرائي، محلات جي پٺئين پاسي اچي بيهج.... مان پاڻيهي اچي تو وٽ پهچنديس." لال ملوڪ انجام تي تيار ٿي، اڌ رات جو اچي محلات جي پٺيان بيهي رهيو، ۽ شهزادي به موقعو ڏسي، نڪري آئي، ۽ هي ٻيئي گهوڙن تي چڙهي روانا ٿي ويا.

هڪليندي هڪليندي، هنن کي سج اچي ڪنهن ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ اُڀريو. سڄيءَ رات جي مسافريءَ ڪري ٿڪجي پيا هئا. تنهنڪري هڪ هنڌ لهي پيا. لال ملوڪ شهزاديءَ کي چيو ته "هن وقت ڏينهن ٿي چڪو آهي، انڪري منهنجي مرضي آهي ته تون زناني پوشاڪ لاهي، منهنجن ڪپڙن مان ڪا مرداني پوشاڪ پاءِ، مٿان ڪو سجاڻي وني." ڪپڙن بدلائڻ ڪانپوءِ، شهزادي گهوڙن وٽ ترسي، ۽ شهزادو ڪاڌي پيتي جو ڪجهه سامان وٺڻ لاءِ شهر ڏانهن روانو ٿيو، ۽ اتي پهچي، گهمندي گهمندي، هڪ دڪان تي اچي بيٺو ۽ بيهي سامان چڪائڻ لڳو. اُن دڪان تي هڪ عورت وينل هئي، جنهن سامان ڏيندي، لال ملوڪ ڏانهن ڏسي ڏسي، هن کي ڪجهه نوڙڻ لاءِ چيو. لال ملوڪ اجا نوڙيوئي مس، ته عورت يڪدم هڪ ڌاڳو ڪٽي هن جي ڳچيءَ ۾ وڌو. ڌاڳي پوڻ سان لال ملوڪ يڪدم گهيٽو ٿي پيو.

ٻئي طرف شهزاديءَ کي راهه ڏسندي ڏسندي، ٻپهر ٿي ويا: اتي هن کي اچي شڪ پيو ته لال ملوڪ جو شايد خير ڪونهي. نيٺ، گهوڙا اُتي ڇڏي، تير ڪمان ڪٽي، پاڻ به مردانن ڪپڙن ۾ سڌو اچي اُنهيءَ شهر ۾ نڪتي، ۽ هيڏانهن هوڏانهن لال ملوڪ کي ڳولڻ لڳي- پر ڪٿي به لال ملوڪ نظر نه آيس. اوچتو هن ڏٺو ته هڪ هنڌ ماڻهو ميڙو ڪيو بيٺا آهن. پڇا ڪندي، ڪنهن ٻڌايس ته "جيڪو هن جاءِ تان راڻيءَ جي محلات تائين

تير پهچائيندو، اُن جي شادي بادشاهہ جي ڌيءُ سان ڪئي ويندي- سو، پري اوري جا جوان اچي گڏ ٿيا آهن، ۽ ڀيا ماڻهو هنن جي هيءَ ڪسرت ـ سي اڻ بينا وندرائين." هيءُ ڳالهہ ٻڌندي، شهزاديءَ بہ بسم الله ڪري، تير ڪمان ۾ وجهي، اهڙو تہ وني زور سان تير هنيو، جو سڌو وڃي راڻيءَ جي محلات ۾ ڪريو. شهزاديءَ جنهن هيءَ رنگ مٿان بيني ڏٺو، اهڙي حسين نوجوان کي شرط کٽندو ڏسي، يڪدم پنهنجي پيءُ ڏانهن ماڻهو موڪليو، ۽ حقيقت کان آگاهہ ڪيائينس. جنهن يڪدم وزير کي موڪلي هن کي پاڻ وٽ سڏايو. پهرين تہ لال ملوڪ جي ڪري هن پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوءِ بادشاهہ جي ماڻهن جي زور ڀرڻ تي، اچي بادشاهہ حہ، حضور ۾ حاضر ٿي. بادشاهہ پنهنجي اڳيان هڪ خوبصورت شهزادو ـ سي، ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ چيائين تہ 'جهڙي خوبصورت ڌيءُ اٿم، تهڙو ئي اُن لاءِ شهزادو مليو اٿم.' خبرن چارن پڇڻ تي، هن پاڻ کي 'شهزادو لال ملوڪ ظاهر ڪيو، ۽ نالو بہ اهوئي ٻڌايائين. آخر ٻئي ڏينهن، هن جي شادي بہ شهزاديءَ سان ٿي ويئي.

خير، ڦاسڻ تہ پوءِ ڦٿڪڻ ڪهڙا! رات ٿي، تہ هن هن پنهنجي 'زال' کي چيو تہ "ٻڌ، وچ ۾ ڪنو رکندا سين، ڇو تہ منهنجو قول ڪيل آهي تہ جنهن ڪم لاءِ نڪتو آهيان، جيسين اهو پورو نہ ٿيو آهي، تيسين مون لاءِ هر خوشي حرام آهي؛ اُنڪري منهنجي صلاح آهي تہ ٻيئي پنهنجو پاسو وني سمهي رهون." شهزاديءَ اها ڳالهہ قبول ڪئي، ۽ ٻيئي وچ ۾ ڪنو رکي سمهي رهيا.

شهزاديءَ نقلي شهزادو ٿي، شادي تہ ڪئي، پر ان مان هن جي پريشاني پاڻ وڌي، گهٽي نہ. هوءَ سدائين لال ملوڪ جي فڪر ۾ رهندي هئي، ۽ پنهنجيءَ پر ۾ لال ملوڪ کي ڀيئي ڳوليندي هئي. هڪ ڏينهن، گهمندي گهمندي، هن هڪ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ هڪ پڃرو ڏٺو، جنهن ۾ وينل طوطي ڏاڍيون منيون منيون ٻوليون پئي ڪيون. هُن کي اُهو منو وڻي ويو، سو طوطو خريد ڪري، اچي محلات ۾ رکيائين، ۽ پوءِ روزانو اُن سان دل وندرائيندي رهندي هئي.

’شهزادي‘ (شهزادي جي ويس ۾) بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ روز ويندي هئي؛ هڪ ڏينهن هڪڙي وزير هن کي تاڙي ورتو ته هي مرد نه پر عورت آهي. تنهن يڪدم پنهنجي بادشاهه سان حقيقت ڪئي. تڏهن بادشاهه چيس ته ”تنهنجو شڪ اجايو آهي؛ جي زال هجي ها، ته گهٽ ۾ گهٽ منهنجي زال ته مون سان ڳالهه ڪري ها! تون پليل آهين.“ وزير، بادشاهه جو اهو خشڪ جواب ٻڌي، مات ڪري ويهي رهيو، ۽ ان راز کي ظاهر ڪرڻ جون سٿون سٽڻ لڳو.

’شهزاديءَ‘ کي جڏهن وزير جي شڪ جي سُڌس پيئي، تڏهن وينتر پريشان ٿيڻ لڳي، ۽ دل ۾ سوچڻ لڳي ته هاڻ ڇا ڪجي؟ اُن ڏينهن کان پوءِ، هن بادشاهه جي درٻار ۾ به اچڻ وڃڻ گهٽ ڪري ڇڏيو. هڪ ڏينهن، ’شهزاديءَ‘ کي پريشان ڏسي، منوءَ چيس ته ”شهزادا، تنهنجي پريشانيءَ جو ڇا سبب آهي؟“ منوءَ جي پڇڻ تي ’شهزاديءَ‘ به دل ۾ سوچيو ته منوءَ کي ڪٿي رازدار ڪجي.... پوءِ به پڪي آهي.‘ پوءِ، اهو خيال ڪري، سموري حقيقت منوءَ کي ٻڌايائين. منوءَ چيس ته ”جيڪڏهن ائين آهي، ته تون ڪوبه خيال نه ڪر، آءٌ تنهنجي هر مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“ اتي ’شهزادي‘ سَرهي ٿي، ۽ منوءَ کي چيائين ته ”هاڻ تون هڪڙو ڪم ڪر، جو آءٌ جڏهن درٻار ۾ وڃان، تڏهن تون به پاسو وٺي اچي اُتي ويهج.... پوءِ جڏهن مان اُتان اُٿي اچان، تڏهن تون اُتي ويهي، بادشاهه ۽ وزير جون ڳالهيون ٻڌي، اچي مون کي ٻڌائج. جيسين لال ملوڪ ملي، تيسين ته ڏکيو سکيو وقت گذاريون، پوءِ ڏٺو ويندو.“

ٻئي ڏينهن، ’شهزادي‘ درٻار ۾ ويئي، ته منو به اچي سندس پاسو وٺي ويهي رهيو. ڪجهه وقت ڪچهري ڪري، ’شهزادي‘ ته واپس هلي آئي، پر منو اُتي وينو رهيو. ’شهزاديءَ‘ جي وڃڻ ڪانپوءِ، وزير وري به بادشاهه کي چيو ته ”قبلا، توهان مڃيو نٿا، پر مون کي پڪ آهي ته هيءَ زال آهي.“ بادشاهه چيس ته ”مون کي يقين نٿو اچي ته ڪا هيءَ عورت آهي، پر جي تون چوين ٿو ته پلا اهڙي ڪا اٽڪل ٻڌاءِ، جنهن مان پڪ ٿئي

تہ هيءَ عورت آهي." وزير چيو تہ "سائين، هڪڙي اٽڪل آهي- اُها هيءَ تہ عورت، در مان ٻاهر يا اندر وڃڻ وقت، پهرين ڏائو پير ڪڍندي آهي ۽ پوءِ سائو؛ پر مرد پهريائين سائو پير ڪڍندو آهي، پوءِ ڏائو. تنهنڪري سپاٽي توهين جاچي ڏسو تہ درٻار ۾ اچڻ وقت هيءَ پهريائين سائو پير ٿو چائنٽ تان ڪڍي، يا ڏائو- پوءِ پاٽيهي ڳالهہ ظاهر ٿي پوندي."

منو سڌو شهزاديءَ وٽ آيو، ۽ سموري حقيقت کيس اچي ٻڌايائين. ٻئي ڏينهن، درٻار ۾ وڃڻ وقت، منو اڳ ۾ ئي اُڏامي، اچي درٻار ۾ وينو، ۽ شهزاديءَ بہ چائنٽ اُڪرڻ وقت پهرين ساڄو پير ڪنيو ۽ پوءِ ڪاٻو. بادشاهہ ۽ وزير بہ هن جي پيرن ۾ جاچي رهيا هئا. شهزادي اچي پنهنجي جاءِ تي ويهي رهي. ڪجهہ وقت ڪچهري ڪري، شهزادي جڏهن وڃڻ لڳي، تڏهن بہ پهريائين ساڄو پير ڪنيائين ۽ پوءِ ڪاٻو ڪڍي، دروازو اُڪري هلي ويئي.

اِتي بادشاهہ وزير کي چيو تہ "هاڻ تہ اعتبار ڪندين يا اڃا بہ چوندين تہ عرت آهي؟" وزير چيو، "سائين، چا بہ هجي، مگر اِها زال آهي." تڏهن بادشاهہ چيس تہ "جي اڃا بہ نٿو مڃين، تہ ٻيو ڪو امتحان وٺينس." وزير چيو، "هائو، سائين چا ڪجي جو سپاٽي هن جي دعوت ڪجي، تہ پاڻ سان گڏجي ماني کائي،؛ عورت کي هميشہ منو ڪاڏو وڻندو آهي- جي هن بہ منو ڪاڏو، تہ پوءِ پڪ ٿيندي تہ هيءَ مرد نہ پر عورت آهي." بادشاهہ بہ اها ڳالهہ مڃي، ۽ هن کي دعوت ڏياري موڪليائين.

منو بہ سڀ ڳالهيون ٻُڌي، سڌو شهزاديءَ وٽ آيو، ۽ سموري حقيقت کيس ٻڌايائين، ۽ تاڪيد ڪيائينس تہ "سپاٽي دعوت ۾ مني ڪاڏي کي اصل ويجهو نہ وڃجانءِ."

ٻئي ڏينهن، شهزادي وري بہ تيار ٿي، مردانا ڪپڙا پائي، اچي دعوت تي پهتي، ۽ منو بہ ساڻس گڏ اُڏامندو اچي پاسو وٺي ويهي رهيو. ماني کائڻ وقت، وزير چا ڪيو، جو منو طعام ڪڍي، هن جي اڳيان رکيائين. تڏهن شهزاديءَ وزير کي منهن ۾ نهاري چيو، "منو طعام تہ

زالون ڪائينديون آهن، ٻي ڪا چهر ناهي ڇا؟" اتي وزير جو منهن هارجي ويو، ۽ گوشت پريل ڊاڪون ڪٽي، شهزاديءَ جي اڳيان رکيائين. خير شهزادي تہ ماني ڪائي هنن ڪان موڪلائي هلي ويئي... پنيان بادشاه وزير کي چيو، "هاڻ تہ پڪ ٿيئي يا نہ؟" وزير وري بہ مڃڻ ڪان انڪار ڪيو. تڏهن بادشاه چيس تہ "ڀلا توکي ڪيئن پڪ ٿئي تہ هي مرد آهي؟" وزير چيو، "هڪڙي ڳالهہ آهي، اُن ۾ ضرور اهو راز ظاهر ٿي پوندو- اُها هيءَ آهي تہ سياٽي وهنجڻ جيءِ سنا ڪريون، پوءِ تلاءَ تي وهنجڻ وقت سڀ ظاهر ٿي پوندو." بادشاه کي بہ اها ڳالهہ پسند آئي سو شهزاديءَ ڏانهن وهنجڻ جي دعوت ڏياري موڪليائين.

منو، جو اها سڄي ڳالهہ ٻڌي رهيو هو، سو وري بہ سڌو آيو راڻيءَ وٽ، ۽ سڄي ڳالهہ ڪري اچي ٻڌايائينس. اها ڳالهہ ٻڌي، شهزادي پريشانيءَ ۾ پئجي ويئي ۽ "هاڻ ڇا ڪجي؟ ڇو تہ هيءَ تہ اهڙي ڳالهہ آهي، جنهن جو ڪو تارُئي ڪونهي." منوءَ شهزاديءَ کي غمگين ڏسي کيس دلاسو ڏنو تہ "شهزادي، تون فڪر نہ ڪر، سڀ نيڪ ٿي ويندو: فقط سياٽي وهنجڻ وجڻ وقت هڪ ڪپهہ جي دڪيل وٺ منهنجي ڇهنب ۾ وجهي وجج- پوءِ ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي! آءٌ اها دڪيل وٺ ڪٽي وڃي بارود خاني ۾ ڦٽي ڪندس.... پوءِ ويهي ڏسج خدا جا رنگ! بادشاه ۽ وزير توکي ڇڏي شهر جي بچاءَ لاءِ ڀڄندا؛ پوءِ جيسين واپس اچن، تيسين تون وهنجي ونج." شهزادي، اها صلاح ٻڌي، ڏاڍو خوش ٿي.

ٻئي ڏينهن، هيءَ وزير سان گڏجي، تلاءَ تي وهنجڻ لاءِ رواني ٿي، ۽ وجڻ کان اڳ منوءَ جي ڇهنب ۾ دڪيل وٺ وجهي ويئي. بادشاه، وزير ۽ شهزادي اڃا تلاءَ تي پهتائي مس، تہ اوچتو بارود ڦاٽڻ جا نڪاءَ ٿيڻ لڳا. بادشاه ۽ وزير اُتي اوڏانهين ڀڳا، تيسين شهزاديءَ وهنجي ورتو. جڏهن بادشاه ۽ وزير باهہ وسائي واپس آيا ۽ ڏٺائون تہ شهزادي اڳ ۾ ئي وهنجيو وارَ پيئي سڪائي، تڏهن دل ۾ سڃا سڙي ويا، پر ڳالهہ هٿن مان ويئي هلي، تنهنڪري دل جو سور دل ۾ ڪٽي، ٻيئي ڄڻا اڪيلا وهنتا، ۽

پوءِ سيڪو پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن، شهزادي وري به دربار ۾ آئي، ۽ ٿوري ڪچهري ڪري، منوءَ کي اُتي ڇڏي، پاڻ واپس هلي ويئي. شهزاديءَ جي وڃڻ ڪانپوءِ، وزير وري به بادشاھ کي چيو "ڪالهوڪو ڏک ته گسائي ويئي، پر هاڻي هڪڙي صلاح آهي ته سڀاڻي شهر جو گشت ڪجي. بازار ۾ عورتن جا به دڪان آهن- جيڪڏهن هُن عورتن سان وڃي واپار ڪيو يا اُنهن جي طرف خاص خيال ڪيو، ته سمجهبو ته پڪ عورت آهي." بادشاھ به هائوڪار ڪئي، ۽ 'شهزاديءَ' کي به چوائي موڪليائين.

منو ته اڳ ۾ ئي اُتي وينو هو، سو وري به سڌو شهزاديءَ وٽ آيو، ۽ سموري ڳالھ ڪري ٻڌايائينس. شهزاديءَ سڄي ڳالھ مغز ۾ رکي، ۽ ٻئي ڏينهن، بيڌڙڪ هنن سان گشت تي نڪتي. گهمندي گهمندي، ڪيس بازار ۾ هڪ گهيتو ڏسڻ ۾ آيو. شهزادي اُتي بيهي، اُن کي هٿڙا گهمائڻ لڳي. وزير بادشاھ کي اشارو ڪيو، تنهن تي بادشاھ پڇيس ته "شهزادا، اڳ ۾ شايد تو گهيتا گهٽا نه ڏٺا آهن؟" شهزاديءَ وراڻيس ته "بادشاھ سلامت، ٻي ته ڪا خاص ڳالھ هن ۾ ڪانهي، پر بابا وٽ هڪڙو ڏڻ هوندو هو، اُن ۾ ساڳيو هن جهڙو هڪڙو گهيتو هوندو هو؛ انڪري دل ٿوري ڇڪي ڪاڏي، ۽ هٿ لائي ڏنومانس. پر، بادشاھ سلامت، هن شهر ۾ صرف عورتن جا دڪان آهن ڇا؟ ڪو مردن جو دڪان ڪونهي؟" اِن سوال تي شهزادي هيءُ ڏک نه ميٽي ويئي، ۽ وزير سڙي ويو. بادشاھ به شرمسار ٿيو. خير، پوءِ وري مردانيءَ بازار ۾ آيا، جتان شهزاديءَ ڪي شيون خريد ڪيون... ۽ پوءِ سڀئي واپس روانا ٿيا.

ٻئي ڏينهن، دستور موجب، وري به شهزادي منوءَ سان گڏ ڪچهريءَ ۾ آئي، ۽ ٿوري دير ويهڻ بعد، واپس هلي ويئي. شهزاديءَ جي وڃڻ ڪان پوءِ، وزير ۽ بادشاھ وري به شهزاديءَ جي عورت هجڻ بابت ڳالهيون ڪرڻ لڳا، جي منو ٻڌندو رهيو. وزير چوڻ لڳو، "بادشاھ سلامت، باقي سڀ ڳالهيون ٺيڪ ٿيون، آهي ته آءٌ پنهنجي وڏڙي ڏاڏيءَ جي شادي به هن

’شهزادي‘ سان ٿو ڪريان.... پوءِ پاڻهي اچا ڪارا پڌرا ٿي پوندا.“ بادشاهه کي اِها تجويز ڏاڍي وڻي، ۽ وزير کي ڌيءُ جي سڱ ڏيڻ جي اجازت ڏنائين.

منوءَ سڄي ڳالهه اچي شهزاديءَ کي ٻڌائي، ۽ چيائينس ته ”اها ته اهڙي ڳالهه آهي، جو منهنجو عقل به ڪم نٿو ڪري سگهي.“ شهزادي، اها ڳالهه ٻڌي، ڊڪرجي ويئي، ۽ سوچڻ لڳي ته ’هاڻ ڇا ٿيندو؟‘ آخر سوچيندي سوچيندي، خيال آيس ته ’لال ملوڪ، جو هن شهر ۾ اچي گم ٿي ويو آهي، سو هن سان ضرور ڪو ڏوهه ٿيو آهي‘ ... اهو خيال ڪندي، هن کي يڪدم بازار ۾ ڏٺل گهيٽي جو خيال آيو، ۽ هن يڪدم گهيٽي گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليو. دڪان واريءَ ڌوتيءَ پهرين ته گهيٽي ڏيڻ کان انڪار ڪيو، مگر بادشاهه جي ماڻهن جي زور ڏسي، ڪجهه نه سگهي، ۽ شهزاديءَ جي موڪليل ماڻهن زبردستيءَ گهيٽو ڪاهي، اچي شهزاديءَ جي حوالي ڪيو.

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ، وزير پنهنجيءَ ڌيءُ جو سڱ ’شهزاديءَ‘ کي ڏيڻو ڪيو. جنهن لاچار ٿي قبول ڪيو. آخر ٿوري ئي وقت ۾ شادي به ٿي. ليڪن شاديءَ جي رسمن ختم ٿيڻ بعد، شهزادي وڏيڪ فڪر ۾ پئجي ويئي ته ’هاڻ جيڪڏهن راز فاش ٿي ويو، ته خبر ناهي ڪهڙو حشر ٿيندو.‘ انهن ئي خيالن ۾، هيءَ گهيٽي وٽ آئي، ۽ ڪيس هٿڙا ڦيرائڻ لڳي. هٿن ڦيرائيندي شهزاديءَ جو هٿ وڃي گهيٽي جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل ڌاڳي کي لڳو.... ۽ ڌاڳو ٽٽي پيو.... ۽ ڌاڳي ٽٽڻ سان يڪدم هيءُ گهيٽي مان ڦري لال ملوڪ ٿي پيو. لال ملوڪ کي ائين اوچتو سامهون ڏسي، شهزادي وائڙي ٿي ويئي... پر، جڏهن هوش جاءِ تي آيس، تڏهن ڏاڍو خوش ٿي. پوءِ ته ٻئي يڪدم پاڪر پائي پاڻ ۾ مليا، ۽ شهزاديءَ سموري حقيقت ڪيس ٻڌائي، ۽ پنهنجا شاديءَ جا گهوٽ وارا ڪپڙا ڪڍي لال ملوڪ کي پارايائين. شهزاديءَ پنهنجي نئين پرڻيل زال کي به راز ٻڌايو، جنهن پاڻ ان راز کي لڪائي رکيو، ۽ لال ملوڪ سان شادي ڪرڻ جو انجام ڪيو.

رات جو جڏهن گهوٽ ڪنوار ستا، تڏهن وزير به هڪڙي ڏوتي موڪلي، جيڪا لڪي اچي دريءَ ڪان بيهي رهي،.... ۽ پڪ ڪري، وڃي وزير سان حقيقت ڪيائين. صبح جو باد شاهه وزير کي گهرايو. وزير چيس، "باد شاهه سلامت، آءٌ برابر پليل هوس.... هو واقعي مرد آهي." اها حقيقت ٻڌي، باد شاهه به خوش ٿيو ته نانيءَ تان نالناٽيءَ جو بوجو لهي پيو.

هاڻي ته لال ملوڪ به ڪليو ڪلايو پنهنجي ٿنهي راڻين سان ڪلي خوش ٿي زندگي گذارڻ لڳو، ۽ باد شاهه جي ڏيءُ، جي هيترا ڏينهن اداس ٿي پيئي هلندي چلندي هئي، تنهن جو منهن به خوشيءَ ۾ ٻهڪڻ لڳو.

هڪ ڏينهن، لال ملوڪ شڪار تي ويل هو، ته اوچتو سندس محلات ۾ هڪ پوڙهي لنگهي آئي، جا لال ملوڪ جي اصل ماءُ هئي، ۽ پاڻ کي انساني صورت ۾ آڻي، ملڪان ملڪ لال ملوڪ جون پڇائون ڪندي، اچي اُن محلات ۾ نڪتي هئي. وڃهه وني، هن لال ملوڪ جي وڏيءَ زال کي چيو ته "لال ملوڪ ذات جو ڪير آهي؟" راڻيءَ چيس ته "مون کي خبر ناهي، باقي اچي ته پڇنديسانس." پوڙهي ته پوءِ گم ٿي ويئي... پر، شام جو جڏهن لال ملوڪ شڪار تان موٽي آيو، تڏهن وڏيءَ زال پڇيس ته "تنهنجي ذات ڪهڙي آهي؟" لال ملوڪ گهٽيي نتايو، پر جڏهن راڻي ضد تان نه لٿي، تڏهن هن چيس ته "جي تون پنهنجي ضد تان نٿي لهين، ته پوءِ سياڻي توکي پنهنجي ذات ٻڌائيندس."

ٻئي ڏينهن، وري به جڏهن شهزادي کانئس ذات پڇڻ لڳي، تڏهن لال ملوڪ هن کي تلاءَ تي وٺي آيو، ۽ چيائينس ته "مان پاڻيءَ ۾ گهڙان، ته پوءِ توکي ذات ٻڌايان ٿو." لال ملوڪ پاڻيءَ ۾ گهڙي، وري به راڻيءَ کي چيو ته "اجا به وقت اٿيئي، پنهنجي ضد تان لهي وڃ ۽ ذات نه پڇ، نه ته پوءِ پڇتائڻو پوندئي." مگر جڏهن شهزادي وري به ضد تان نه لٿي، تڏهن لال ملوڪ چيس ته "چڱو، جي ضد تان نٿي لهين، ته هاڻ مان ٽبي هڻي نڪرندس، پوءِ جيڪي ڏسين، اُها اٿيئي منهنجي ذات." ائين چئي، لال ملوڪ ٽبي

.... شهزادي اڃان آئي ته ڪيس هڪ نانگ ڏسڻ ۾ آيو،
– ص ٣٥٥

هئي، ٻاهر نڪتو، ته انسان مان نانگ جي صورت ۾ اچي ويو، ۽ وري يڪدم ئي ٻيهر ٽپي هٽي گم ٿي ويو. راتي سندس آسري ۾ رهي ته اجهو ٿو نڪري، مگر جڏهن هي وري نه نڪتو، تڏهن شهزاديءَ کي پڪ ٿي ته لال ملوڪ کانئس ڪاوڙجي ويو آهي... سا غمگين ٿي، واپس موٽي، ۽ محلات ۾ اچي ٻين شهزادين سان سموري حقيقت ڪيائين، ۽ کين چيائين ته "توهان خدا تي ڀروسو رکو- پر تيستين هي راز ڪنهن سان به ظاهر نه ڪجو، جيستين پاڻ لال ملوڪ کي ڳولي لهون. تنهن وچ ۾، ڪو به پڇي، ته چئجو ته لال ملوڪ ٻاهر شڪار تي ويل آهي."

پوءِ ته هنن لال ملوڪ کي هٿ ڪرڻ لاءِ ڏاڍا حيلا وسيلا ڪيا، پر کين ڪو به پتو نه پيو. هڪ ڏينهن وڏيءَ شهزاديءَ کي، جا تمام فڪرمند رهندي هئي، ڏس مليو ته "فلاڻي هنڌ هڪ ٻڙ جو وڻ آهي، اُتي جمعي جمعي رات ازغيبي راڳ روپ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، تنهنجو مطلب به اُتان پورو ٿيندو."

اها ڳالهه ٻڌي، جمعي جي رات وڏي شهزادي وڃي اُن ٻڙ هيٺان ويهي رهي، جڏهن ويهي ويهي ٿڪي، تڏهن نااُميد ٿي واپس موٽڻ لڳي... پر اجا اُٿي، ته اوچتو کيس هڪ نانگ ڏسڻ ۾ آيو. پهرين ته هيءَ ڊِني، پر ٿوري ئي وقت ۾ جڏهن اُهو نانگ ليٽي پيٽي انساني صورت ۾ اچي ويو، تڏهن ڪجهه ساهه پيس، ۽ هيڪاري خوشي ٿيس، جو ڏٺائين ته اهو لال ملوڪ هو. هڪٻئي کي ڏسي، پهرين ته ٻيئي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ هڪٻئي سان مليا.... پر پوءِ، لال ملوڪ چيس ته "شهزادي، افسوس آهي، جو هاڻي مان تيستين توسان هلي نه سگهندس، جيستين مون کي منهنجو مرشد موڪل نه ڏيندو." اتي راڻيءَ جو منهن هارجي ويو، ۽ چيائينس ته "ڀلا تنهنجو مرشد توکي ڪهڙيءَ طرح موڪل ڏيندو؟" لال ملوڪ چيس ته "هر مهيني جي چوڏهينءَ تاريخ، هن ٻڙ هيٺ اسان جي مرشد جي وڏي مجلس ٿيندي آهي، جنهن ۾ جنُ جنَ جي ذات اچي گڏ ٿيندا آهن. اُن رات، تون هي ميدان صاف ڪرائي، هتي مني کير جا مٽ

پرائي ڇڏج، ۽ تون پاسو وٺي ويهي رهج. پوءِ جڏهن راڳ شروع ٿئي، ۽ تون ڏسين تہ طبلچي سُرتار کان نڪري ويو آهي، تڏهن تون پاسو وٺي، اُن جاءِ تي ويهي طبلو وڄائڻ شروع ڪج. پوءِ جي مرشد راضي ٿيو، تہ توکان پڇندو تہ 'گهر طبلچي، جيڪي گهرڻو هجيئي.' پوءِ تون منهنجي گهر ڪجانءِ... هو منهنجي ٻانهن تنهنجي حوالي ڪندو... ۽ مان هميشہ جي لاءِ توسان هليو هلندس." اها ڳالهہ ٻڌي، شهزادي ڏاڍي خوش ٿي ۽ لال ملوڪ کان موڪلائي، محل ڏانهن رواني ٿي، ۽ لال ملوڪ وري بہ ليٽي، نانگ ٿي رمندو رهيو.

شهزادي بہ ڏکيو سکيو وقت گذاري، چوڏهينءَ تاريخ جو انتظار ڪرڻ لڳي، ۽ ان سان گڏ طبلي وڄائڻ جي فن ۾ بہ قابليت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. آخرچوڏهين تاريخ بہ اچي ويئي، ۽ هيءَ تيار ٿي، اچي اُن ٻڙ وٽ پهتي. پهريائين سڄو ميدان صاف ڪرائي، اُتي مٽي ڪير حا مٽ پرائي رکيائين.... پوءِ پاسو وٺي، جنن جي انتظار ۾ ويهي رهي. ٿيٺ ٿوريءَ دير کان پوءِ جن بہ اچڻ شروع ٿيا، ۽ پڇاڙيءَ ۾ سندن مرشد جي سواري آئي- جنهن تي سيئي جن اُتي ويهي رهيا. اُن اچڻ شرط چوطرف نظر ڦيرائي، ۽ ميدان صاف ۽ ڪير جا مٽ پريل ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ چيائين تہ "جنهن بہ هيءَ خاطرداري ڪئي آهي، ان کي محفل ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت ڏجي ٿي، ۽ محفل ختم ٿيڻ تي کيس انعام پڻ ڏنو ويندو." ائين چئي، پاڻ مسند تي وڃي ويٺو، ۽ راڳ جي مجلس شروع ٿي. راتيءَ جڏهن ڏنو تہ هاڻ طبلي وارو سُرتار کان نڪري ويو آهي. تڏهن کيس ڌڪو ڏيئي، پاڻ ويهي طبلو وڄائڻ لڳي. طبلو اهڙو تہ سُريلو وڄايائين، جو جنن جي مرشد خوش ٿي چيس تہ "واهہ ڙي طبلچي، واهہ! هيترن ڏينهن ۾ اڄ تو خوش ڪيو آهي، هاڻ گهر، جيڪي گهرڻو هجيئي؟" جنن جي مرشد جو اهو آواز ٻڌي، شهزاديءَ هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ "قبلا، پهريائين وچن گهرجي." وچن وٺڻ کانپوءِ، چيائينس تہ "سائين، مون کي لال ملوڪ گهرجي." جنن جي مرشد چيس، "ڇا تون

لال ملوڪ جي زال تہ نہ آهين؟" شهزاديءَ هائوڪار ڪئي. اُن تي جنن جي مرشد پڇيس تہ "ڪير ۽ صفائيءَ جو بندوبست بہ تو ڪيو آهي؟" راڻيءَ وري بہ هائوڪار ڪئي. تڏهن جن جي مرشد لال ملوڪ جي ٻانهن هميشہ لاءِ راڻيءَ کي ڏني، ۽ لال ملوڪ کي چيائين تہ "تون راڻيءَ سان وڃ.... توکي اجازت آهي."

مرشد جي اجازت ملڻ تي، لال ملوڪ يڪدم انساني صورت ۾ اچي ويو، ۽ راڻيءَ سان گڏجي، خوش خوش، پنهنجي محل ڏانهن روانو ٿيو. اُتي سيني راڻين سان اچي مليو، ۽ هڪٻئي سان ملي سڀ ڏاڍا خوش ٿيا.

ٿورن گهڻن ڏينهن گذرڻ بعد، هڪڙي ڏينهن لال ملوڪ پنهنجي تنهي راڻين کي چيو تہ "مون کي ڳوٺ ڇڏئي تمام گهڻو عرصو ٿيو آهي، منهنجي ماءُ جِي، خبر ناهي، ڪهڙي حالت هوندي؛ انڪري منهنجي مرضي آهي تہ هاڻ وطن ورجي." تڏهن تنهي راڻين چيس تہ "اسين بہ تنهنجي سر سان ٻڌل آهيون- جيڏانهن تون، تيڏانهن اسين." راڻين جي راءِ ڏسي، لال ملوڪ پنهنجي ساهرن، بادشاهہ ۽ وزير، کان موڪلائي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو، ۽ ٿوري گهڻي ڏينهن، اچي پنهنجي ڳوٺ ٻاهران تنبو هڻائي ويٺو. پوءِ پنهنجا ماڻهو شهر ۾ موڪلي، شهر جي خبرچار ورتائين. ڪيس خبر پيئي تہ اجا وزير حڪومت ڪري رهيو آهي. پر رعيت منجهانس ڏاڍي تنگ آهي. پوءِ تہ هن اندروني طرح ماڻهو روانا ڪري، شهر جي ماڻهن کي چوائي موڪليو تہ "آءٌ اچي ويو آهيان.... تنهنڪري توهين اچي مون سان ملو." شهر جي ماڻهن کي جڏهن لال ملوڪ جي اچڻ جي خبر پيئي، تڏهن سڀ اچي وٽس گڏ ٿيا، ۽ هن کي چيائيون تہ "اسين هاڻي وزير جي حڪومت مان تمام تنگ ٿي پيا آهيون.... هاڻي تون ڪيئن بہ ڪري حڪومت هٿ ڪر- اسين سڀ توسان ٻڌل آهيون."

لال ملوڪ شهر جي سيني ماڻهن جو پاڻ سان ساٿ ڏسي، يڪدم

وزير کي چوائي موڪليو تہ ”هن حڪومت جو مان ئي حقدار آهيان، تنهنڪري سڌيءَ طرح حڪومت منهنجي حوالي ڪر، يا تہ جنگ لاءِ تيار ٿيءُ.“ لال ملوڪ جو پيغام ٻڌي، وزير کي اچي ٿڙڪٽيءَ ڪنيو، ۽ جڏهن ڏٺائين تہ سڄي رعيت وڃي لال ملوڪ سان گڏي آهي، تڏهن دل ۾ چيائين تہ چڱائي هاڻي ان ۾ آهي تہ حڪومت ڪٽي لال ملوڪ جي حوالي ڪجي. اهو خيال ڪري، وزير لال ملوڪ وٽ آيو، ۽ ڳچيءَ ۾ ڪپڙو پائي، اچي معافي گهريائين، ۽ حڪموت لال ملوڪ جي حوالي ڪيائين.

لال ملوڪ، حڪومت هٿ ڪري، وزير کي سندس پٽ سميت يڪدم شهر ڇڏي وڃڻ جو حڪم ڏنو، ۽ پوءِ سڌو پنهنجي ماءُ وٽ آيو. جيڪا سندس وڇوڙي ۾ روئي روئي نور وڃائي ويٺي هئي.... تنهن، جو پٽ جو آواز ٻڌو، تہ خوشيءَ ۾ يڪدم سندس اکين مان لڙڪ وهي اُٿي هليا، ۽ سندس اکين جا پردا لهي ويا ۽ سندس نور واپس اچي ويو. يڪدم اُٿي پنهنجي پٽ کي ڀاڪر پاتائين. پوءِ تہ لال ملوڪ ڪيس پنهنجي ٽنهي راڻين سان ملايو، ۽ هي سڀ وري پنهنجي وڃايل حڪومت هٿ ڪري، يا عمر خير خوشيءَ جي زندگي بسر ڪرڻ لڳا.



گنگل راڻي

هڪڙي بادشاھ کي ست پٽ هوندا هئا. جڏهن اهي وڏا ٿيا، تڏهن بادشاھ کي هنن جي پرڻائڻ جي اچي ڳڻتي لڳي. هڪ ڏينهن، وزير کي گهرائي صلاح ڪيائين، ۽ کيس چيائين ته ”شهزادن جي مٽي مائٽي انهيءَ بادشاھ سان ڪندا سون جنهن کي ست ڌيئرون هونديون.“ پوءِ وزير کي ناڻي جا خچر ڀرائي، کيس ڪنهن اهڙي بادشاھ جي ڳولا ڪرڻ، ۽ ڏس لهڻ لاءِ موڪليائين.

وزير گهمندي گهمندي هڪ بادشاهيءَ ۾ اچي نڪتو، مگر اتي سندس من جي مراد پوري نه ٿي. اهڙيءَ طرح ڇهه بادشاهيون گهميو، پر ڪٿي به سندس مطلب پورو نه ٿيو. آخر هڪليندو هڪليندو، ستينءَ بادشاهيءَ ۾ اچي نڪتو. جڏهن شهر ۾ آيو، تڏهن هڪڙيءَ ڏوتيءَ کي هٿ ڪري هن کي انعام اڪرام ڏيئي، ڪانئس اتي جي بادشاھ جي اولاد جي بنسبت پڇيائين- جنهن چيس ته ”هتي جي بادشاھ کي ست ڌيئرون آهن، جي هوندئن ته سڀ حسن ۾ هڪبئي کان وڌيڪ آهن، پر وڏي شهزادي ڪنن کان ٻوڙي ۽ زبان کان گونگي آهي. هن بادشاھ جي اها مرضي آهي ته ستن ئي شهزادين جي ڪنهن هڪ ئي بادشاهيءَ جي ستن شهزادن سان شادي ٿئي، ته چڱو.“ ڏوتيءَ کان هيءَ خبرچار هٿ ڪري، وزير بادشاھ جي ڪچهريءَ ۾ آيو، ۽ اچي بادشاھ سان ملاقات ڪيائين.

پريل دربار ۾ انهيءَ بادشاھ جو وزير، هن کان احوال وٺڻ لڳو- ڇاڪاڻ ته اُتي جو رواج اهو هو ته وزير وزير کان احوال وٺي، ۽ بادشاھ بادشاھ کان. پر هن وزير کي احوال نه ڏنو. ۽ چيائين ته ”مان بادشاھ کي پنهنجو احوال پاڻ ڏيندس.“ جڏهن ڪچهري ختم ٿي، تڏهن بادشاھ کي

چيائين تہ ”مان اوهان سان پنهنجو احوال روبرو ڪندس، تنهن لاءِ مون کي اجازت ملي.“ بادشاهہ کيس اجازت ڏني، ۽ هن اول پنهنجي بادشاهہ طرفان ڏنل سوکڙيون ۽ سوغاتون سندس آڏو رکيون، ۽ پوءِ پنهنجي اچڻ جو مقصد بيان ڪيائين.

بادشاهہ احوال کان واقف ٿي خوش ٿيو، ۽ کيس چيائين تہ ”شهزادن جون تصويرون ڏيکار.“ جي هن بادشاهہ کي ڏنيون، ۽ اتي وزير بہ بادشاهہ کان شهزادين جون تصويرون طلب ڪيون- جي بادشاهہ بہ کيس ڏنيون. پوءِ بادشاهہ ۽ وزير پاڻ ۾ سڱ بند جون ڳالهيون پڪيون ڪيون، ۽ آخر وزير بادشاهہ کان موڪلائي، شهزادين جون تصويرون کڻي، پنهنجي وطن وريو. اچڻ سان پنهنجي بادشاهہ کي مبارڪون ڏيئي، تصويرون اڳيان رکيائينس، جي ڏسي بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو. وزير بادشاهہ کي ٻڌايو تہ ”ڇهہ بادشاهيون رُليس، تنهن کانپوءِ مس وڃي ستينءَ بادشاهيءَ ۾ هي ست شهزاديون ڏٺيم- جي هونئن تہ ست ئي حسن ۾ لاثاني آهن، پر وڏي شهزادي البت ڪَنن کان ٻوڙي ۽ زبان کان گونگي آهي.“ بادشاهہ هيءَ ڳالهہ ٻڌي ڪجهہ ويچار ۾ پئجي ويو، پر لاچار ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي، سيني سان صلاح ڪري، تاريخ مقرر ڪيائين، ۽ هن بادشاهہ ڏانهن بہ تنهن بنسبت پيغام ڏياري موڪليائين، جو هن پڻ وڏيءَ خوشيءَ سان قبول ڪيو.

اُن تاريخ تي بادشاهہ، وزير ۽ امير امراء جڃ ڪري اُتي هليا. مگر بادشاهہ جي وڏي شهزادي هلڻ کان انڪار ڪيو. آخر هن کي ريهي ريبي، ڪنهن طرح پاڻ سان وٺي هليا، ۽ اُتي کيس وڃي پرڻايائون. شاديءَ ڪرڻ کانپوءِ، شهزادو پويان پير ڪري اُتان وٺي ڀڳو، مگر وزير کيس وٺي آيو. جڏهن شهزادو موٽي آيو، تڏهن سندس سس ناراض ٿي کيس چيو تہ ”منهنجي ڌيءُ ڪا ڪوجهي آهي، ڪاٺي آهي، جو هن کان ايترو پيو ڀڄين! تون پنهنجي بہ شڪل ڏس- تون ڪو منهنجي ڌيءُ کان وڌيڪ سهڻو بہ آهين ڇا؟ منهنجي هن لُڏڻ شهزاديءَ کان فقط هڪڙي ’گنگل راڻي‘ سا

وڏيڪ آهي- باقي ٻين سڀني کان منهنجي ڌيءُ وڌيڪ حسين ۽ سهڻي آهي!" اُتي شهزادي چيو تہ "تنهنجي ڌيءُ جو پرڻيو آهيان، سو اها بہ قبول اٿم. پر مان گنگل راڻيءَ سان ضرور شادي ڪندس."

پوءِ اُتان ساهرن مان ئي شهزادو گهوڙي تي چڙهي، اڪيلوئي اڪيلو گنگل راڻيءَ جي ڳولا ۾ نڪري پيو. هلندو هلندو هڪڙي جبل جي پرسان اچي نڪتو. اتي ڇا ڏسي تہ هڪڙو گهر آهي، مگر اُن جو دروازو بند پيو آهي. هي در کولي اندر ويو، تہ هڪ ديو سمهيل نظر آيس. جنهن کي ڏسي ٻيهي رهيو. جڏهن ديو پاسو ورايو، تڏهن ڊوڙي "ماما، ماما" ڪري وجي پاڪر پاتائينس. اتي ديو چيس تہ "جيڪڏهن "ماما، ماما" نہ ڪرين ها، تہ سرنهن جيڏا داڻا ڪري ڇڏيانءِ ها. پر هاڻي نهيو، جو پاڻيجا شينهن کي بہ پيارا آهن. هاڻي چؤ، جيڪي چوڻو هجيئي!"

اُتي شهزادي چيس تہ "مون کي الله جو ڏنو سيڪي آهي، پر گنگل راڻيءَ تي پرپٺ عاشق آهيان- تنهن جو ڏس ڏي." تنهن تي ديو چيس تہ "گنگل راڻيءَ جي ڪري تہ گوڏن ۾ گاهہ بہ ڄمي ويو اٿم: مون کي گنگل راڻيءَ جي ڪابہ خبر ڪانہ آهي- باقي اڳتي منهنجو ڀيو پاءُ اٿيئي، انهيءَ کي ڪا خبر هوندي، تہ اهو توکي ڏس ڏيندو. اُن کي منهنجا سلام وجي ڏي، تہ هو تنهنجي مدد ڪندو."

پوءِ شهزادو انکان ڏس پتو ۽ نشاني وٺي، موڪلائي، اتي اڳتي هليو. ٿوري گهڻي ڏينهين، پنڌ ڪندي ڪندي، هو نيٺ وجي ٻئي ديو وٽ نڪتو. جڏهن اتي پهتو، تہ ڏسي تہ هيءُ بہ سمهيو پيو آهي. تنهنڪري شهزادو مانڻ ڪري هڪڙي پاسي کان ويهي رهيو. جڏهن ديو پاسو اٿلايو، تڏهن هي "ماما، ماما" ڪري، وجي ديو پيرن تي ڪري پيو. ديو چيس تہ "جيڪڏهن "ماما ماما" نہ ڪرين ها، تہ چيٽي جيڏا داڻا ڪري ڇڏيانءِ ها. پر هاڻي نهيو." شهزادي هن کي سندس ڀاءُ جا سلام ڏنا، ۽ نشاني بہ ڏني. تنهن تي ديو خوش ٿي هن کان خبرون ورتيون. شهزادي چيس تہ "آءٌ گنگل راڻيءَ جي محبت ۾ گرفتار آهيان- ان جي ڏس

لاءِ هي ڏاڪڙا ڪندو وتان." تنهن تي ديو چيس ته "گنگل راڻيءَ جي مون کي ڪا به خبر ڪانهي، باقي منهنجو ٽيون ڀاءُ اٿيئي- سو ان ڏي وڃ، ته من اهو ڪا خبر ڏيئي. شهزادو هن کان به پتا نشان وٺي انهيءَ ٽئين ديو ڏانهن روانو ٿيو. آخر پنڌ ڪندو ڪندو، اچي انهيءَ ديو وٽ پهتو. ديو هن کي ڏسي اُلر ڪرڻ تي هو، ته هن "ماما، ماما" ڪري وجهي ڳراٽري وڌيس. ديو چيو ته جيڪڏهن "ماما ماما" نه ڪرين ها، ته پرزا پرزا ڪري ڇڏيانءِ ها. پر هاڻي جيڪي گهرڻو هجيئي، سو گهر." هن چيس ته "آءٌ گنگل راڻيءَ جي ڳولا لاءِ نڪتل آهيان- ڪو ڏس پتو ڏيو." هن ديو به چيس ته "مون کي خبر نه آهي- منهنجي چوٿين ڀاءُ وٽ وڃ، ته هو توکي ٻڌائيندو." خير، هيءُ ان چوٿين وٽ به ويو. ان پنجين جو ڏس ڏنس. پنجين وري ڇهين جو ڏس ڏنس، ڇهين وري ستين ڀاءُ جو ڏس ڏنس. هي ويچارو نيٺ ڏک ڏاڪڙا ڏسندو ڏسندو، اچي ستين ديو وٽ پهتو. اتي ان کي هنن ڇهن ڀائرن جا سلام به ڏنائين، نشانيون به ڏنائين. هن ديو به هن کان حال احوال ورتا، جنهن تي شهزادي پنهنجو سارو قصو ڪري ٻڌايس. ديو چيس ته "هت جاڻ ته ديو ۽ پريون ٿيون اچن، جو هتي مون وٽ راڳ ۽ ناچ جو نهراءُ ٿيل آهي. آءٌ توکي هن کپهه جي ڪونيءَ ۾ وجهي ٿو ڇڏيان، ته جيئن ڪنهن کي تنهنجي بوءِ نه اچي." ديو هن کي لڪائي واندو ٿيو، ته مٿان ديو ۽ پريون اچي ڪڙڪيون، ۽ "آدم بوءِ، آدم بوءِ" ڪندا اچي پهتا. تنهن تي هن ديو چين ته "هت آدم ڪٿان آيو! ڀلجو ٿا. مانڊ ڪري پنهنجو راڳ ناچ ڪيو." آخرڪار، هي راڳ ناچ پورو ڪري هليا ويا.

پوءِ ديو شهزادي کي ٻاهر ڪڍي ڪيس ڏس ڏنو ته "فلاڻي هنڌ ڪوهه اٿيئي- ان ۾ ٽبيون وجي هڻ. پاڻي توکي هيٺ ڇڪيندو، پر تون جوان مڙس آهين- پنهنجي خبرداري ڪج. جيڪڏهن قسمت چڱي هونديئي، ته ٽبين هڻڻ ۾ توکي هڪ آنو هٿ ايندو. ان مان توکي راڻي ملندي. ڇو ته گنگل راڻي ان ۾ بند آهي. اهو آنو حفاظت سان سنڀالي، پنهنجي گهر ڪٺي وڃي پڄجانءِ." شهزادو الله جو آسرو ڪري، همت جي ڪمر ڪشي،

انهيءَ ڏس تي روانو ٿيو، ۽ اچي انهيءَ کوهه وٽ پهتو. الله کي ياد ڪري لٿو کوهه ۾ اندر، ۽ وني ٽپيون هڻڻ لڳو. ۽ ٽپيون هڻي آني کي ڳولڻ لڳو. آخرڪار، ڪي پير زور هڻس؛ ستينءَ ٽپيءَ ڪانپوءِ، هن کي اهو آنو هٿ آيو. پوءِ شڪرانا بجا آڻي، آنو کڻي ستين ديو وٽ آيو، جنهن هن کي فتحياب ڏسي، کيس مبارڪون ڏنيون، ۽ هدايت ڪيائينس ته "هاڻي بنا دير، پنهنجي گهر وڃ." ۽ وڃڻ مهل کيس پنهنجو هڪ وار به پٽي ڏنائين، ۽ چيائين ته "ڪنهن به مهل ڪا ڏکي پوئي، ته هن کي سيڪ ڏيندين، ته آءٌ اتي اچي حاضر ٿيندس."

شهزادو هن کان موڪلائي، سڀني ديون کان ٿيندو، هرهڪ کي پنهنجي ڪاميابيءَ جو حال احوال ڏيندو، اچي پنهنجي گهر پهتو. اچڻ شرط پنهنجي گهر ۾ آني کي ڀڳيائين، ته ان مان هڪ چنڊ جهڙي سدا سهڻي نوجوان عورت نڪري پيئي، جنهن کي ڏسي، شهزادي جا سڀ ڏک درد لهي ويا.

ڪن ڏينهن کان پوءِ، شهزادو، وڏي ڌام ڌوم سان، گنگل راڻي پرڻيو، ۽ هوءَ گونگي ۽ ٻوڙي شهزادي به وني آڻي پاڻ وٽ ويهاريائين، ۽ پوءِ حياتيءَ جا باقي ڏينهن نهايت خير خوشيءَ سان گذارڻ لڳو.

غيبي راڻي

هڪڙو هاري هوندو هو، جنهن پنهنجي بنيءَ ۾ هنداڻا پوکيا هئا. هڪ ڏينهن هاريءَ پنهنجي زال کي چيو ته "وڃي هنداڻا پٽي اچ، ته کائون." هاريءَ جي زال بنيءَ تي وڃي هڪ وڏو هنداڻو ڳولي، ان کي جيئن پٽڻ لڳي، ته هنداڻي مان آواز آيو ته "آهستي ڪڻ، آهستي ڪڻ!" هاريءَ جي زال اهو آواز ٻڌي، ڊڄي ويئي، ۽ هنداڻي کي اُتي ئي ڇڏي، ڀڄندي ڀڄندي، مڙس وٽ آئي، ۽ هن کي سموري ڳالهه ڪري ٻڌايائين. هاريءَ زال کي چيو ته "ڇري تي آهين ڇا؟ هنداڻي مان وري آواز ڪيئن ايندو؟ مون کي هلي اهو هنداڻو ڏيکار" ٻيئي گڏجي هنداڻي وٽ آيا. هاري اجا هنداڻي کي ڪٽڻ لڳو، ته ان مان آواز آيو ته "آهستي ڪن، آهستي ڪڻ!" اهو ٻڌي. هاري حيرت ۾ پئجي ويو. نيٺ هنداڻي کي ڪٽي، گهر اچي وڍيائون، ته ان مان هڪ سدا ملوڪ معصوم ڇوڪري نڪري آئي. هاريءَ ۽ ان جي زال کي

اولاد ٿيندوئي ڪونہ هو، تن ۾ .رت جي طرفان مليل هن سهڻي ڇوڪريءَ کي پنهنجي ڌيءُ ڪري سمجهيو، ۽ ڪيس گهڻي لاڏ ڪوڏ سان پالڻ لڳا.

ڇوڪري، اڄ نندي سيان وڏي، نيٺ اچي جوان ٿي. ڇوڪري اهڙي سهڻي هئي، جو سڄي ملڪ ۾ سندس هاڪ پئجي ويئي. هاريءَ ڪان وڏا وڏا ماڻهو ۽ امير امراء ڇوڪريءَ جو سڱ گهرڻ لڳا، پر هاريءَ سڀني کي جواب ڏنو. نيٺ اها ڳالهہ بادشاهہ جي ڪن تائين وڃي پهتي. بادشاهہ ڇوڪريءَ جي حُسن جو ٻڌي مٿس اڻ ڏٺي عاشق ٿي پيو، ۽ هاريءَ ڏانهن نياپو موڪليائين تہ ”ڇوڪريءَ جو سڱ مون کي ڏي، آءٌ توکي اڏي چڙهيندس.... نہ تہ زوريءَ بہ کڻائي ويندس.“ هاريءَ جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن دل ۾ خيال ڪيائين تہ بادشاهہ سان ڪهڙو ضد هلندو- تنهنڪري جوائي موڪليائين تہ ”هيءَ تہ ڀاڳ جي ڳالهہ آهي- سڱ ڏيڻ لاءِ مان تيار آهيان.“

بادشاهہ اهو ٻڌي، ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ وڏي ڌام ڌوم سان شادي ڪري، هاريءَ کي انعام اڪرام ڏيئي، ڇوڪريءَ کي پنهنجي محلات ۾ وٺي آيو. بادشاهہ جي ٻين راڻين، جو اهڙي صورتمند نندي نيتي راڻي ڏٺي، سي تہ ڏسڻ سان اندر ۾ جلي ويون. دل ۾ چيائون تہ 'بادشاهہ جو سمورو راض هاڻي هِن تي ٿي ويندو- اسان کي تہ پڇندو بہ ڪونہ- تنهن لاءِ ڪڇيءَ ۾ ئي ڪجهہ ڪرڻ گهرجي.' ٿيو بہ ائين، جو بادشاهہ جي رات ڏينهن نئين زال سان ريجهہ رهاڻ ٿيڻ لڳي، ۽ اڳين راڻين جو منهن ڏسڻ بہ ڇڏي ڏنائين. ٿوري گهڻي ڏينهن، نئين راڻيءَ کي اميدواري ٿي. اڳين راڻين، جو اها ڳالهہ ٻڌي، سو هيڪاري سڙي ويون، ۽ هنن کي ڦٽائڻ ۽ جدا ڪرڻ لاءِ پهہ پچائڻ لڳيون. ڏاڍا تال مڪر ۽ ٽوٽا ٽيٽا ڪيائون، پر هُت اثر ئي نہ ٿئي. هڪبئي کي چوڻ لڳيون تہ ”جنهن جو پيءُ نہ ماءُ ۽ ٻڻ نہ بنياد- جائي، ڦُٽي هنداڻي مان- تنهن تي ڪنهن جو جادو بہ ڪين چلي!“ آخر هنن سڀني گڏجي پاڻ ۾ صلاح ڪئي، ۽ هڪ وڏي ٻلا (ڏوتي رن) گهرايائون، جا ظاهر ۾ زاهد پاڻي ۽ اندر ۾ ڪٽا ٻنهہ ابليس

هئي- ۽ ان کي وڏا انعام اڪرام ڏيئي، ۽ وڏيڪ دم دلاسي ۾ رکي، ڪيس نئين راڻيءَ جي راز ونڻ لاءِ روانو ڪيائون.

هيءَ رن وڏي طمطراق سان هن اَڻ ڄاڻ راڻيءَ وٽ آئي، ۽ اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڀڏائي، ڪانئس اصل حقيقت ۽ حال احوال پڇڻ لڳي، ۽ هن وٽ اچڻ وڃڻ شروع ڪيائين. توري گهٽي ڏينهن، نئين راڻي به هن جي فريبي ڳالهين ۾ ڦاسي پيئي، ۽ هن سان پنهنجي حقيقت بيان ڪرڻ ويهي رهي- چي: "ناني، آءٌ ته هنداڻي ڄائي آهيان.... پر اها خبر ڪانه اٿم ته ان ۾ آيس ڪيئن؟ باقي ايتري سا سڌ اٿم ته منهنجو ساهه هارَ جي موتيءَ ۾ آهي، ۽ اهو موتي جيسين سلامت هوندو، تيسين آءٌ به سلامت آهيان... پر جي اهو موتي هٿان ويم، ته پوءِ جهڙي ڄايس تهڙي نه ڄايس." ڏوتي اها ڳالهه ٻڌي، چوڻ لڳيس ته "اَما! اهو هار ڀلا تو وٽ رکيل آهي، يا ڪنهن ٻئي هنڌ؟" هن چيو، "هائو اما! اهو هار منهنجي سر سان آهي- مون وٽ رکيل آهي.... ٻيو ڪير ان کي ايترو سانڍي سگهندو!" ڏوتيءَ پوءِ هينا نهيون مٺا نهيون وني، هن کي چيو ته "اما، تون معصوم ٻار، جوانيءَ کي اوسيئڙو گهٽ. ساهه جهڙي شي، ڪٿي وڃائي نه ڇڏين.... ڪنهن مون جهڙيءَ پوڙهيءَ نانيءَ وٽ هٿيڪو ڪري رکي ڇڏ! هان، هيءَ ڏس- پتل جي ڪوڙي منڊي آهي، پر پڙنانيءَ جي هٿن جي نشاني آهي- ساهه سنئون سانديندي اچانس!" ويچاري وسوڙل راڻي ڏوتيءَ جي دامَ ۾ ڦاسي پيئي ۽ هار ڪڍي هن کي رکڻ لاءِ ڏيئي ڇڏيائين. پوڙهي ڏائڻ، هن کان هار وٺي ويندي رهي، ۽ پوءِ آڻي هن جي پهاڄين کي ڏنائين. راڻين هار ڏسي ڏاڍي خوشي ڪئي، پر اصل موتي ڪهڙو، جنهن ۾ هن جو ساهه هو، تنهن جي خبر ئي ڪانه هين- سو ڇا ڪيائون، جو هار کي ٻيٽو تيٽو ڪري، ڪٿي ۾ ويڙهي، ان جي مٿان به مٽو بار ڏيئي، پاسائون ڪري رکي ڇڏيائون. اتي ويچاريءَ ننڍيءَ راڻيءَ جو ٻه اچي ساهه گهٽجڻ لڳو، ۽ ڪرڙيءَ وانگر ڦٿڪڻ لڳي. ڄاتائين ته هيءَ مصيبت هٿن سان وهائي اٿم، پر ڪُڇي نه سگهي. بادشاهه به اهو حال ڏسي ڏاڍو

پريشان ٿيو، ۽ ڪانئس وصيت پڇڻ لڳو. راڻيءَ چيو تہ ”بادشاهہ سلامت! منهنجي هاڻي موڪلاڻي آهي. اوهان منهنجي ميت کي پورا يو مَتان– پورائڻ بدران مون کي ڪنهن ڪوٺيءَ ۾ رکرائي، دروازو بند ڪرائي ڇڏجو.“ بادشاهہ کي ڏاڍو ڏک ٿيو، ۽ هڪ عاليشان ڪوٺيءَ ۾ راڻيءَ جو لاش پلنگ تي رکرائي، ڪوٺي بند ڪرائي ڇڏيائين.

راڻيون ڏاڍو خوش ٿيون، ۽ پاڻ ۾ کڳيون هٽڻ لڳيون. بادشاهہ کان بہ، ٿورن گهڻن ڏينهن ڪانپوءِ ننڍي راڻي دل تان لهي ويئي. راڻين کي خوف لڳو رهندو هو تہ ڪٿي هار چوري نہ ٿي وڃي– سو ڇا ڪنديون هيون، جو روزانو رات جو ان کي کولي، پاڻ وٽ رکنديون هيون، ۽ ڏينهن جو ساڳيءَ ريت ان کي ويڙهي، مٿس بار رکي ڇڏينديون هيون. ۽ جڏهن رات جو ان کي کولينديون هيون، تہ هوڏانهن ننڍيءَ راڻيءَ کي بہ ساهہ پئجي ويندو هو، ۽ ڏينهن جو وري هار جي دٻجڻ سان هن جو ساهہ گهٽجي ويندو هو، ۽ هوءَ لاش بنجي وري پئجي رهندي هئي. اهڙيءَ طرح ڪيئي ڏينهن گذري ويا.

ڏهن مهينن بعد، راڻيءَ کي اُن ڪوٺيءَ ۾پٽ بہ ڄائو جنهن کي هوءَ رات جو هوش ۾ اچڻ ڪانپوءِ کير بہ پياريندي ۽ پيار بہ ڪندي هئي. اهڙيءَ طرح، جڏهن اهو شهزادو سمجهہ جهڙو ٿيو، تڏهن هن سان سموري حقيقت بيان ڪري چيائينس تہ ”پٽ! جڏهن جوان ٿين، تہ ضرور پنهنجي پيءُ کي وڃي ڏسجانءِ، ۽ هيءَ ڳالهہ ٻڌائجانءِ.“

هڪ ڏينهن، بادشاهہ کي اچي دل ۾ اوچتو خيال ٿيو تہ وڃي ڏسان تہ سهي تہ ڪوٺيءَ ۾ منهنجي زال جو ڪهڙو حال ٿيو! سو، اهو خيال ڪري، وڃي ڪوٺيءَ جو در کوليائين، ڇا ڏسي تہ ڇوڪرو وينو راند ڪري، ۽ سندس زال اڳئين وانگر ستي پيئي آهي. ڇوڪري، جو دروازو کلندو ۽ بادشاهہ کي اُن مان ايندو ڏٺو، سو ڇرڪ ڀري ۽ ”اما، اما“ ڪندو، وڃي ماءُ کي چنبڙيو. بادشاهہ کي حيرت وٺي ويئي، ۽ بت بڻجي بيهي رهيو. گذريل وقت جون ڳالهيون ياد اچڻ لڳيس، ۽ بيني بيني سڄ لهي ويس. جڏهن رات ٿي، تہ راڻي اُٿي ويهي رهي. بادشاهہ تي جو اک

پيس، سو دانهن ڪري، اچي هن سان مليو. بادشاھ کي هيڪاري حيرت وٺي ويئي، ۽ ڪانئس هن ريت مرڻ ۽ وري جيئڻ ۽ ٻار بابت پڇيائين. راڻيءَ کيس پنهنجي ۽ ٻار جي سموري حقيقت ڪري ٻڌائي.

بادشاھ حقيقت ٻڌي سوچ ۽ ويچار ۾ پئجي ويو- دل ۾ ويچاريائين ته جيڪڏهن هنن راڻين کي هيءَ خبر پئجي ويئي، ته پوءِ متان ماڳهين اُن هار ۽ اُن موتيءَ کي ذرا ذرا ڪري ڇڏين، ۽ هيءَ هتي مري وڃي! تنهنڪري هيءَ سٽ سٽيائين، جو هڪڙي چالاڪ پينو فقير کي سڏائي، اڪيلائيءَ ۾ چيائين ته "تون سڀاڻي سوير اچي منهنجيءَ محلات جي در تي سينءَ هڻي، هڪ هار جي گهُر ڪج، ۽ اهو جيسين نه مليئي، تيسين نه وڃج، ۽ پٽ ٻٽيو ويٺو رهج. پوءِ جڏهن هار توکي ملي، تڏهن اهو مون کي آڻي ڏج، ۽ آءٌ ان

جي عيوض توکي مالا مال ڪري ڇڏيندس." فقير کي ٻيلا ٻيو ڇا گهرجي؟ سو، ٻئي ڏينهن تي، سوير صبح جو وڃي دروازي تي سينءَ هڻي، پٽ ٻٽجي، ويهي رهيو- ڪجھ وقت گذري ويو، ۽ بادشاھ به دربار مان محلات ۾

آيو، ۽ اُن فقير کي محلات جي دروازي تي بينل ۽ صدائون هڻندي جو ڏنائين، سو منهن جي پڪائي ڪري، راڻين کي چيائين ته "ويچارو فقير ڪيڏيءَ مهل کان در تي بيٺو صدائون ڪري، اوهان ان کي ڪونه ڪو هڪڙو هار ڪٽي ڏيو." راڻين گهٽوئي نتايو، پنهنجو هار پلا سيني کي پيارو، ڪنهن جي دل تان نه پيو اُتري- سو، بادشاهه جي چوڻ تي، نيٺ صلاح ڪري، ڪٽي اهو هار فقير کي ڏنائون. فقير ڦيرو ڪائي، هار بادشاهه کي ڏيئي، انعام وٺي، رمندو رهيو، ۽ بادشاهه اهو هار آڻي پنهنجي پٽ راڻيءَ جي ڳچيءَ ۾ پاتو.... ته هوءَ اڳي کان اڳري ٿي، اُٿي ويهي رهي.

پوءِ بادشاهه، اُن راڻيءَ کي پنهنجي پٽ سميت وٺي آڻي محلات ۾ ويهاريو. راڻين، جو هيءَ حالت ڏٺي، سو پنهنجي ڪئيءَ تي پشيمان ٿي، اچي بادشاهه جي پيرن تي ڪريون، ۽ زار زار روئي معافي گهرڻ لڳيون. بادشاهه کي هنن جي آزين نيزارين تي رحم اچي ويو، ۽ انهن تان ڦاسيءَ جي سزا معاف ڪري، ڪين طلاق ڏيئي، خالي هٿين ملڪ نيڪالي ڏيئي ڇڏيائين- ۽ پاڻ ۾ پٽ سميت، پوءِ هو خوش گذارڻ لڳا.

شهزادو تاج الملوڪ

بادشاهہ تہ پاڻ خدا آهي- مگر هن ڪوڙيءَ دنيا جو هڪ بادشاهہ هو، جنهن کي اولاد ٿيندو ئي ڪونہ هو. راڻيءَ جا علاج سُتيون ڪيائين، ڦيٽا چندا تنهن ڪان ڌار- ٻيون بہ بہ شاديون ڪيائين.... پر اولاد ڪونہ ٿيس. نين راڻين جي محبت ۾ بادشاهہ اهڙو تہ محو ٿي ويو، جو پنهنجي اڳينءَ ڏاڏي پوتيءَ زال کي صفا وساري ڇڏيائين. راڻيءَ کي ڏک تہ البت سُنوالو ٿيو، پر مُني بہ مانَ مِني بہ مانُ ڪري، ويهي رهي، ۽ خدا کي ٻاڏائڻ لڳي. هميشہ حيلي رزق، بهاني موت ايندو آهي، سو هڪ ڏينهن بادشاهہ ڪتان ٿي لنگهيو، تہ ٻن ماڻهن جي ڳالهائڻ جو پڙلاءُ ڪن تي پيس: هڪڙو ٻئي کي چئي رهيو هو تہ "يار، ڏس تہ سهي، بادشاهہ ڪهڙو انڌير ڪيو آهي، جو ويچاريءَ اڳينءَ ڏاڏي پوتيءَ زال کي وساري، ڌارين کي ڪٺي اکين سان لاتو اٿس! اڳتي ڪهڙو جواب ڏيندو؟" بادشاهہ ڳالهہ ٻڌي، دل ۾ چوڻ لڳو تہ 'برابر ويچاريءَ بيگناهہ جو گيم ڪينو اٿم'... سو سڌو آيو محلات ۾، ۽ اُتي اچي ٻنهي راڻين کي چيائين تہ "اج آءٌ ڪنهن پاسي وڃان ٿو، منهنجو انتظار نہ ڪجو." ائين چئي، بادشاهہ اڳينءَ راڻي جي محلات ڏانهن هليو ويو. بادشاهہ کي اندر ايندو ڏسي، راڻيءَ کي خوشيءَ وچان اکين ۾ آب اچي ويو، ۽ گهڻيءَ سڪ مان بادشاهہ کي روئندي ڪٺي پاڪر پاتائين. راڻيءَ جي سڪ ۽ سچائي ڏسي، بادشاهہ جي دل بہ پڃي پيئي، ۽ گهڻيءَ حب سان راڻيءَ سان ويهي دل جا حال اورڻ لڳو... ۽ رات راڻيءَ وٽ گذاري، صبح جو ٻهر وڏو ئي اچي دربار ۾ ويهي رهيو.

نين راڻين کي ڪهڙي خبر تہ بادشاهہ ڪيڏانهن ويو، سو ڪين شڪ

گمان ڪونہ جاڳيو. خدا جي قدرت، انهيءَ رات ڏاڏي پوٽي راڻيءَ کي حمل رهجي ويو. وقت ۽ وير ڪنهن لاءِ نہ ترسندا آهن... پلڪن مان پهر، پهرن مان ڏينهن، ۽ ڏينهن مان مهينا ٿي، وقت گذرندو رهيو. آخر ڏهن مهينن بعد بادشاهہ کي چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙو پٽ ڄائو. جنهن جو نالو تاج الملوڪ رکيائون. هر طرف خوشيون ٿي ويون، بادشاهہ ڏاڍي ڏام ڌوم سان خير خيراتون ڪرڻ لڳو. نيون راڻيون خبر ٻڌندي ئي، ساڙ کان سڙي ويون. بادشاهہ جو چاهہ بہ هاڻي اڳينءَ راڻيءَ ۽ پٽڙي تي ٿي ويو، سو هنن ٻن وٽ گهٽو اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏنائين. تنهن تي هيڪاري هو حسد ڪرڻ لڳيون، ۽ وير وڻڻ لاءِ بهانا ڳولڻ لڳيون.

هوڏانهن شهزادو، اچ نندو سيان وڏو، آخر اچي جوان ٿيو. هڪ ڏينهن، ڪنهن ڪم سانگي بادشاهہ ڪيڏانهن وڃڻو هو، سو ضروري گهرو ڪم ڪار پٽ کي سمجهائي ويندو رهيو. پنيان ٻيئي راڻيون صلاح ڪرڻ لڳيون تہ ڪو اهڙو بهانو ناهجي، جو بادشاهہ شهزادي کي مارائي ڇڏي، تہ آزار کان ڇٽي پئون. گهڻيءَ مٿاڪُٽ ڪرڻ بعد، هڪڙيءَ راڻي ٻيءَ کي چيو: ”مون کي هڪ اٽڪل ياد آئي آهي.... ائين جي ڪيوسين، تہ پوءِ پڪ بادشاهہ کي ڪاوڙ ايندي، ۽ پٽ کي مارائي ڇڏيندو. هاڻي هينئن ڪجي، جو جڏهن بادشاهہ محلات ۾ اچي، تڏهن پنهنجي منهن آهستي آهستي ويهي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪيون: جڏهن ويجهو اچي، تڏهن ماٺ ڪري ويهي رهون: پري کان ڳالهيون ڪندي ۽ ويجهو ماٺ ۾ ڏسي، بادشاهہ کي ضرور شڪ پوندو، ۽ ڳالهہ ٻڌائڻ لاءِ زور ڀريندو- پر پاڻ ويهي نٽائينديونسين. جڏهن بادشاهہ ڪڪ ٿي، ڪاوڙ ڪندو، تڏهن چونديونسين تہ 'شهزادي اسان سان هٿ درازي ڪئي آهي' ... پوءِ ڏس تہ لفاءُ، ڪيئن نہ گهڙين جا فيصلا ٿين!“ ٻيءَ راڻيءَ چيو تہ ”ڳالهہ تہ واہ جا ڪئي اٿئي! ائين ضرور ڪبو. پوءِ ڪنن پاڳ.“

پوءِ ڪجهه ڏينهن کانپوءِ، بادشاهہ موٽي آيو، تڏهن ٻنهي ...

اتڪل موجب، زارو زار روئي، بادشاهه کي چيائون تہ "اوهان ٻاهر ويا هئا، تڏهن اوهان جو شهزادو هڪ رات اچي اسان سان هٿوپائي ڪرڻ لڳو، اسان کي تمام گهڻو تنگ ڪيائين، گهٽ ۾ گهٽ پيءُ جي لڄن جو خيال ۽ حيا تہ ڪري ها." بادشاهه ڳالهہ ٻڌي باهہ ٿي ويو، ۽ ٻاهر اچي نوڪرن کي حڪم ڏنائين تہ "شهزادي کي وٺي ڪنهن رڻ پٽ ۾ وڃي ڪُهو ۽ اُن جون ٻيئي اکيون ڪڍي مون کي اچي ڏيکاريو." هيءُ قهر جهڙو حڪم ٻڌي، نوڪر ڏڪڻ لڳا، پر بادشاهه اڳيان انڪار ڪير ڪري! آخر هو شهزادي کي وٺي اچي هڪڙيءَ سَڃ ۾ نڪتا؛ اُتي شهزادي کي جهلي ڪهڻ لڳا... تڏهن شهزادي وٺي دانهون ڪيون، ۽ نوڪرن کي چيائين تہ "مون کي ڇو ٿا ماريو؟ مون ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي؟" نوڪرن جواب ڏنس تہ "اسان کي بادشاهہ وٽان اهڙو حڪم مليل آهي... ٻي اسان کي ڪا خبر ڪانهي." شهزادي تڏهن منٿون ڪندي چين تہ "جيڪڏهن ائين آهي تہ اوهين ڪنهن هرڻ کي ماري، ان جون اکيون ڪڍي، وڃي بادشاهہ کي ڏيو. منهنجي حياتي بہ بچي پوندي، ۽ بادشاهہ بہ خوش ٿيندو." ايتري ۾ هڪ هرڻ اُن گوڙ تي اُتي اچي نڪتو، ۽ شهزادي جي رڙين جو سبب پڇڻ لڳو. نوڪرن کيس ساري حقيقت ٻڌائي. هيءَ دردناڪ خبر ٻڌي، هرڻ کي شهزادي تي رحم اچي ويو، ۽ نوڪرن کي چيائين تہ "منهنجون اکيون بہ شهزادي جهڙيون آهن- توهان منهنجون اکيون ڪڍي وڃو، ۽ شهزادي کي ڇڏي ڏيو." نوڪرن کي بہ قياس پئجي ويو، سو هرڻ جون اکيون ڪڍي، بادشاهہ کي وڃي ڏنائون، ۽ شهزادي کي اُتي ڇڏي ڏنائون. شهزادو پوءِ اُتي ئي جهنگ ۾ اُن انڌي هرڻ جي خدمت ڪرڻ ويهي رهيو.

خدا جي قدرت سان هڪ ڏينهن هرڻ جيئن سمهي اُٿيو، تيئن اُن جي نظر وري سالم ٿي پيئي.... ۽ شهزادي کي چيائين تہ "توکي شاباس هجي، جو آءٌ تہ حيوان هوس، پر تو انسان ٿي ڪري، هن جهنگ ۾ رهي، منهنجي خدمت ڪئي آهي. هاڻي توکي سرڪل آهي، تون ڀلي ڪنهن شهر

۾ وجي، ماڻهن سان گڏجي گذار.... مان تہ حيوان آهيان، سو هتي ئي گذاريندس.“

خير! شهزادو تاج الملوڪ بہ هرڻ کي سڄو ڏسي، ڪانئس موڪلائي، اُتي هليو. پلا بادشاهي ٻار، سو بہ اڪيلو جهنگ ۾، ويتر مٿان اچي سج لٿو، سو هيڪاري منجهي پيو. پر ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي، اڳتي هلندو هليو. ڪجهہ پنڌ ڪرڻ ڪانپوءِ، پري کان کيس هڪ شهر ڏسڻ ۾ آيو. شهزادو ڏاڍيءَ جا شڪرانا ڪري، اُن شهر ڏانهن تڪڙو تڪڙو هلڻ لڳو. شهر ۾ پهچندي، ڏٺائين تہ هڪ گهر ۾ ڪا پوڙهي مائي آهي، جنهن جو پٽڪو پيو پوي.... گهر ۾ ٻيو ڪير ڪونهي. شهزادي کي مائيءَ جي اهڙي حالت ڏسي، قياس اچي ويو، ۽ اندر وجي، هن کي چوڻ لڳو، ”اي اما! ڏي خبر، تون ايترو ڇو ٿي روئين؟“ مائيءَ چيو تہ ”ابا! تون ڪو مسافر ٿو ڏسجين، تون پنهنجي واٽ وٺي هليو وڃ.... منهنجي سورن کي تون ڇا ڪندين؟“ شهزادي چيو تہ ”تون مون کي پنهنجو حال ٻڌاءِ، آءٌ تنهنجي هرڪا مدد ڪندس.“ آخر، لاچار ٿي، پوڙهيءَ شهزادي کي چيو تہ ”هن شهر ۾ روزانو رات جو راڪاس ايندو آهي، جنهن کي هڪ ماڻهو واري تي ملندو آهي. اڄ منهنجي پٽ جو وارو آهي. منهنجو دين دنيا ۾ هڪڙوئي اهو ٻچڙو آهي، تنهنڪري اُن ٻچڙي لاءِ ٿي دانهون ڪريان؛ ڇوان پنهنجي قسمت کي، ٻيو ڪنهن کي ڏوهہ ڏيان....“

شهزادي دل ۾ خيال ڪيو تہ هن ويچاريءَ پوڙهيءَ جي واهر ضرور ڪرڻ گهرجي، سو مائيءَ کي چيائين تہ ”جيجل تون ڪو بہ غم نہ ڪر.... اڄ تنهنجي مدد لاءِ خدا مون کي موڪليو آهي- اڄ تہ تنهنجي ٻچڙي جي پاران مان ٿو وڃي سر ڏيان، باقي اڳتي ڪٿن تنهنجا ڀاڳ.“ شهزادي کي هيئن چوندو ڏسي، پوڙهيءَ جي پيٽ ۾ ساهہ پيو، ۽ شهزادي کي دعائون ڪرڻ لڳي.

بادشاهہ جو اعلان هو تہ ”جيڪو بہ انهي راڪاس کي ماريندو،

تنهن ڪي اڌ بادشاهيءَ جو ۽ پنهنجي نياڻي ڏيندس. شهزادو، وقت تي، راڪاس جي اچڻ واري هنڌ تي آيو، ۽ ڏسي ته هڪ ڍڳو ٻڌو بيٺو آهي. سمجهيائين ته اهو به راڪاس لاءِ ئي هوندو، سو مات ڪري اتي ويهي رهيو. ويني ويني، خيال ڪيائين ته مرڻو ته ضرور آهي، چو نه مقابلو ڪري مرجي. اهو خيال ڪري، پر واري بادشاه جي باغ ۾ لنگهي ويو، ۽ باغائيءَ کي ترار ۽ ڍال آڻڻ لاءِ چيائين. باغائيءَ هن کي هڪ عاليشان ترار ۽ ڍال آڻي ڏني. شهزادو اها ترار ۽ ڍال کڻي ساڳيءَ جاءِ تي آيو، ۽ ڍڳي کي کهي، ان جي ڊونگهريءَ ۾ لڪي ويهي رهيو.

ٿوري دير گذري، ته راڪاس به مينهن واءُ ڪندو اچي اُتي نڪتو. شهزادو به ترار سنڀالي، چست ٿي ويهي رهيو. راڪاس ايندي شرط اچي ڍڳي تي مارو ڪيو. شهزادي رکي رکي، اوچتوئي اوچتو، نڪاءُ جو ترار ڪيس، ته راڪاس جي منڍي سرڙاٽ ڪري وڃي پري پيئي. پوءِ ڏٽيءَ جا شڪرانا ڪري شهزادي موٽي اچي مالهيءَ سان خبر ڪئي. باغائي کي به مس پيٽ ۾ ساهه پيو. پوءِ شهزادو به اُتي ئي مالهيءَ وٽ رات ترسي پيو. پلا هڪ گهٽين راتين جو اوجاڳو، پيو پنڌ جي ٿڪاوت، سو شهزادي کي يڪدم ننڊ کڻي ويئي، ۽ مالهي به سمهي رهيو. مالهيءَ کانسواءِ، ٻئي ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي ته راڪاس ڪنهن ماريو.

پرهه ڦٽيءَ مهل هاري ناري ۽ ڪمي ڪاري ڪم تي ٿي ويا، ته ڏسن ته راڪاس مُئو پيو آهي. انعام جي لالچ تي ڪو گاهه جو ڏاٿو رت ۾ پريو وڃي، ڪو گُڏ جو رنبو. ڪنيو وڃي، ته ڪو ڪهاڙيءَ کي رت لائي، بادشاهه ڏانهن پيو وڃي. دل ۾ اهو خيال هون ته جي بادشاهه ڏيءَ نه پرڻائيندو، ته به انعام سان ته گهر پري ڇڏيندو، ۽ گاهه پني ڪرڻ کان ڇٽي پوندا سين. سو سڀڪو بادشاهه کي اچي جوڻ لڳو ته "سائين، راڪاس مون ماريو آهي، مون کي انعام ڏنو وڃي." بادشاهه راڪاس جي مرڻ جي خبر ٻڌي ته ڏاڍو خوش ٿيو، پر منجهي پيو ته هاڻي انعام ڪنهن کي ڏيان. جيئن

وزير کان پڇيائين تہ ”وزير، صلاح ڏي تہ انعام ڪنهن کي ڏيڻ گهرجي؟“

وزير چوڻ لڳو، ”بادشاهہ سلامت، ڏاتن ۽ رنبن سان بہ ڪڏهن راڪاس مئا آهن؟ باقي ڪهاڙيءَ واري همراهہ جي ڪهاڙي تکي ٿي ڏسجي- راڪاس پڪ انهيءَ ماريو آهي.“ تنهن تي بادشاهہ چيو تہ ”جي راڪاس انهيءَ ماريو آهي، تہ هاڻي دير نہ ڪريو! بس، مون انجام موجب ڌيءُ انهيءَ کي ڏني، ۽ شاديءَ جي تياري ڪريو.“

بادشاهہ جو حڪم ڏيڻ ۽ دهلن شرنائين جو وڄڻ، چوڌاري خوشيءَ جا هل مچي ويا. گوڙ تي شهزادي جي اک کلي پيئي، ۽ باغائيءَ کان پڇڻ لڳو تہ ”ڏي خبر، هي گوڙ ڇا جو آهي؟ دُهل شرنائيون ڇو پيون وڄن؟“ باغائيءَ چيو تہ ”توکي خبر ڪانهي تہ راڪاس جي مارڻ لاءِ بادشاهہ وڏو انعام رکيو هو؟ هينئر بادشاهہ کي ڪنهن ڪوڙ وڃي ٻڌايو آهي تہ راڪاس مون ماريو آهي، سو شايد بادشاهہ پنهنجي نياڻيءَ اُن سان ٿو پرڻائي.“ شهزادو ڳالهہ ٻڌي، عجب ۾ پئجي ويو، ۽ مالهيءَ کي چيائين تہ ”هاڻ وارو ڪر- راڪاس کي ماريو مون ۽ پرڻجن ٿا ٻيا! اها ڳالهہ ڏاڍي خراب ٿيندي.... تنهنڪري هاڻي ئي بادشاهہ کي وڃي چئُہ تہ ’تڪڙ ڪري نياڻي نہ پرڻايو. انهيءَ راڪاس جو.وڏو پاءُ سانجهيءَ وير ونڻ ضرور ايندو- ان کي جيڪو ماري، سڱ بہ ان کي ڏجو‘.“ مالهي اُٿي پڳو، ۽ سارو ذڪر اچي بادشاهہ سان ڪيائين. ڪُهاڙي وارو، جو هيستائين ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيو، تنهن جا تہ ڏندئي پيڙجي ويا، ۽ ٿڙڪڻ لڳو. بادشاهہ ڳالهہ ٻڌي، چيو تہ ”واہ جا ڳالهہ ڪئي اٿئي. اڙي ڪهاڙيءَ وارا جوان! سانجهيءَ تنهنجو ۽ راڪاس جي وڏي پاءُ جو مقابلو آهي.“

ڪهاڙيءَ واري چيو، ”سائين مون توبهہ ڪئي.... اهو تہ نهيو، پر راڪاس جو ننڍو پاءُ بہ مون ڪونہ ماريو هو! مون کي جيئدان ملي!“ بادشاهہ وڏي ڏاٽي واري ۽ رنبي واري کان پڇيو تہ ”اڙي، اوهان سچ چئو، راڪاس ڪنهن ماريو هو؟“ ٻنهي خوف کان ڇوڻ لڳا. ”بادشاهہ سلامت

معافي ملي- اسان نہ راڪاس ماريو آهي، نہ ئي ڪا خبر اٿئون تہ ڪنهن ماريو!" بادشاهہ وري مالهيءَ کي چيو تہ "تون پڻ ٻڌ هئين، ٻڌاءِ تہ راڪاس ڪنهن ماريو آهي؟" مالهي چوڻ لڳو تہ "حضور! سچي حقيقت هيئن آهي تہ هڪڙو پرديسي جوان، جو مون وٽ مهمان آهي، اُنهيءَ ئي هيءَ مڙسي ڪئي آهي، ۽ انعام بہ ان کي ئي ڏنو وڃي." آخر بادشاهہ ان نوجوان کي گهرايو. شهزادو بہ نهي نڪي، بادشاهہ وٽ اچي حاضر ٿيو. بادشاهہ هن کي پري کان ڏسي، دل ئي دل ۾ هن کي داد ڏيڻ لڳو. ويجهو اچڻ تي، شهزادي کان پڇيائين تہ "اي نوجوان، راڪاس تو ماريو آهي؟" شهزادي هائوڪار ڪئي. تنهن تي بادشاهہ چيس تہ "سانجهيءَ ان راڪاس جو وڏو پاءُ اچڻو آهي، ان سان مقابلو ڪر، تہ وعدي موجب توکي انعام ڏنو وڃي." شهزادي اها ڳالهہ ٻڌي، ڪلي ڏنو. بادشاهہ پڇيس تہ "ڪلين چو تو؟" تنهن تي شهزادي چيس تہ "سائين، راڪاس جو ڪوبہ ننڍو وڏو پاءُ ڪونهي.... هو تہ نامراد هڪڙوئي هو، جو ڍير ٿيو، باهر ڪنو پيو ٿئي! مون کي اوهان جي انعام جي بلڪل خبر ڪانہ هئي، پر جڏهن دهل شرنائيون ٻڌيم، تڏهن اوهان جي مالهيءَ کان پڇيم، جنهن ساري ڳالهہ ڪري ٻڌائي. انهيءَ کي مون ٻئي راڪاس جي اچڻ جو چئي، اوهان ڏانهن موڪليو هو، تہ جيئن اُهي ڪوڙا رستم پڌرا ٿي وڃن، ۽ انعام حقدار کي ملي." بادشاهہ هن جي ڳالهائڻ جي فضيلت، بهادريءَ ۽ عقل مان سمجهي ويو تہ هي ڪو بادشاهي ٻار آهي، ۽ دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو تہ ههڙو عقل وارو ناٺي تہ مون کي ڳوليو بہ ڪونہ لڀندو. پوءِ يڪدم شاديءَ جو حڪم ڏنائين، ۽ ڏاڍي ڌام ڌوم سان شهزادي جي شادي ٿي ويئي ۽ اڌ بادشاهي بہ مليس.

گهوٽ ڪنوار ڏاڍا خوش گذارڻ لڳا . نہ ڳڻتي نہ اوسيئڙو. قادر جي قدرت آهي- ڪڏهن ڏک ڪڏهن سک. ڪڏهن روئڻ ۽ ڪڏهن کلڻ جو وارو ايندو آهي. شهزاديءَ جي ماءُ گذاري ويئي هئي، باقي ماٽيجون مائون

هيس، سي سندن ايڏو قرب ڏسي، دل ۾ سڙڻ لڳيون، ۽ هن کي اُٿندي ويهندي، ستائڻ ۽ بيزار ڪرڻ لڳيون. شهزادي ويچاري هنن جا عذاب سهي سهي، هڪڙي ڏينهن شهزادي وٽ آئي، ۽ روئي اچي چيائينس ته "هاڻ هنن منهنجو هتي رهڻ زهر ڪري ڇڏيو آهي؛ منهنجي مرضي آهي ته پاڻ هي شهر ڇڏي ڪنهن ٻئي پاسي هلي رهون... اُتي نه هي هونديون ۽ نه ڪجهه ڪري سگهنديون." شهزادي جو زال سان گهڻو پيار هوندو هو، تنهن يڪدم ڪٿي ڳالهه منظور ڪئي. پوءِ بادشاهه کان موڪلائي، ٻيئي زال مڙس، خدا تي توڪل رکي، اُتي پنڌ پيا. هلندي هلندي، آخر ڪنهن ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ وڃي پهتا، ۽ اُتي ڪا جاءِ وٺي رهڻ لڳا. شهزادو دل ۾ چوڻ لڳو ته ڪاڏي ڪوهه به ڪٿي ويندا آهن، چڱو ائين ٿيندو ته ڪا نوڪري هٿ ڪري، مزي سان وقت گذارجي. هڪ ڏينهن پڪو ارادو ڪري، اُن شهر جي بادشاهه وٽ لنگهي ويو، ۽ نوڪريءَ لاءِ عرض ڪيائينس. بادشاهه هن کي پاڻ وٽ پهريدار ڪري رکيو.

بادشاهه جي محلات تي ٿي ٻيا به چوڪيدار هئا. بادشاهه شهر جي واءَ سواءَ لهڻ لاءِ، ڪڏهن ڪڏهن ڇمڙا پوش ڪري، پاڻ وڃي شهر گهمندو هو. شهزادي جي عادت هئي، جو محلات تي پهري جو پهر پورو ڪري، وري پاڻمرادو اچي شهر تي پهرو ڏيندو هو. بادشاهه هن کي ڪيئي دفعا ائين ڪندو ڏسي، دل ۾ چوڻ لڳو "هي ڪهڙو نه حلالي آهي، جو سڄي رات پهرو ڏئي ٿو، پر مون کي ڪڏهن به ننڊو ڀڄائي." تنهنڪري بادشاهه هن تي مهربان ٿيڻ لڳو. شهزادي جي گهر ۾ اميدواري هئي، ۽ وقت تي ڪيس سدا سهڻو پٽڙو ڄائو. ڏينهن گذرندا رهيا، ۽ بادشاهه هن تي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مهربان ٿيندو ويو. هڪڙيءَ رات شهزادو محلات جي پهري کان واندو ٿي، شهر تي چؤنڪي ڏيڻ ويو. چونڪي ڏيندي، ڇا ٿو ڏسي ته هڪ مائي آهي، جا عاليشان ڪپڙن ۽ سوين زيورن سان جنجهي، بادشاهه جي محلات مان ٻاهر نڪري ٿي وڃي. مائيءَ کي ويجهو اچي، شهزادي

چيو تہ ”اي مائي! هن بيگاهہ وقت، اڪيلي ڪيڏانهن ٿي وڃين؟“ پر مائيءَ ڪوبہ جواب نہ ڏنو، ۽ مانڊ ڪري هلندي رهي. شهزادي وري هڪل ڪري چيس، ”اي مائي! هن وقت ڪيڏانهن ٿي وڃين؟“ تنهن تي مائيءَ وراڻيو تہ ”آءٌ بادشاهہ جي لڇمي آهيان، ۽ مان هينئر بادشاهہ کان ڪاوڙجي وڃي رهي آهيان.“ قدرت خدا جي، اُن وقت بادشاهہ بہ گهمندو ڦرندو، اُتي اچي، لڪي لڪي، انهن جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو. شهزادو مائيءَ جي ڳالهہ ٻڌي، ارمان ڪرڻ لڳو. مائيءَ کي گهڻوئي روڪيائين، پر هُن هڪ بہ نہ ٻڌي. شهزادي پنهنجي بادشاه جي لڇمي ويندي ڏسي، مائيءَ کي چيو تہ ”نيٺ تون ڪنهن قول تي موٽندينءَ بہ؟“ مائيءَ چيو تہ ”هائو، جيڪڏهن ڪو ماڻهو منهنجي اڳيان پنهنجو پٽ ڪهي، بادشاهہ تان قربان ڪري، تہ آءٌ وري بادشاهہ وٽ موٽي ويندس.“ شهزادي چيس تہ ”مون کي تنهنجو شرط قبول آهي.“ شهزادو مائيءَ کي اُتي ترسائي، پاڻ ڊوڙندو آيو، ۽ پنهنجي زال کي اچي چيائين تہ ”اڄ پنهنجي بادشاهہ جي لڇمي تي هن ڪان رسيو وڃي، تنهنڪري بادشاهہ جي لڇمي وراڻڻ لاءِ پنهنجي ٻچڙي جي قرباني ڪرڻي آهي.... سو تون رنج نہ ٿجانءِ.“ شهزادي جي زال چيو تہ ”آءٌ بہ توهان جي، هيءَ شيءِ بہ توهان جي.... جنهن ۾ توهين خوش، اُن ۾ اسين اڳي ئي خوش آهيون.“ پوءِ شهزادي يڪدم پنهنجو معصوم ڙو ڪٽي اچي اُن مائيءَ جي اڳيان ڪنو، ۽ مائي هن جي هيءَ قرباني ڏسي واپس محلات ڏانهن هلي ويئي. بادشاهہ هن جي ايڏي وفاداري ڏسي حيران ٿي ويو. دل ۾ چيائين تہ ”اڳي سڄي رات پهرو ڏيندو هو پر ڳالهہ نہ ڪندو هو... ۽ اڄ تہ همڙي قرباني ڪئي اٿس، سو صبح جو ضرور ڳالهہ اچي ڪندو.“

شهزادي سڄي رات پهرو ڏني، صبح جو مٿل پٽڙي کي کٽي، اُتي تنهن ڏانهن هليو [illegible] کي غسل ڏيئي [illegible] جي حوالي ڪيائين، ۽ پوءِ اُتي

[illegible]

ڪري اچي دربار ۾ ويهي رهيو. بادشاهه دل ۾ چيو تہ اجهو ٿو راتوڪي ڳالهہ ڪري... پر ڏسندي ڏسندي، ڪچهري اُٿڻ جو وقت ٿي ويو، پر شهزادي ڪجهہ بہ ڪونہ. بادشاهہ کي ماٺ اچي ويئي. دل ۾ چوڻ لڳو تہ اهڙي حلال پائي پنهنجو پٽ بہ ڪونہ ڪندو- هن کي ضرور نيڪ بدلو ڏيڻ گهرجي.

ٻيو ڏينهن ٿيو، بادشاهہ پنهنجي اڳئين وڏي وزير کي ڪڍي، هن کي پنهنجو وڏو وزير مقرر ڪيو ۽ ڪيس گهڻا انعام اڪرام ڏيئي خوش ڪيائين. شهزادو تہ پنهنجي ايمانداريءَ سان وزارت هلائڻ لڳو، پر اڳئين وزير کي اچي ساڙ ٿيو، سو هن کي نقصان رسائڻ لاءِ بهانا ڳولڻ لڳو. هڪڙي ڏينهن، بادشاهہ جو مالهي بادشاهہ کي اچي چوڻ لڳو تہ "سائين اوهانجي باغ ۾ جيڪو سهڻن گلن وارو وڻ آهي، تنهن کي الائي ڇا ٿي ويو آهي، جو روز بروز سُڪندو وڃي ٿو: مون گهڻا علاج ڪيا آهن، پر مون کان زور آهي، ۽ هاڻي تہ صفا سُڪڻ ۾ آهي- مهرباني ڪري ان جو علاج ڪرايو. بادشاهہ تہ ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏنو. مالهيءَ بہ ٻہ ٽي ڀيرا بادشاهہ کي ساڳيو عرض ڪيو، پر بادشاهہ ڌيان ئي نہ ڏنو. اُتي ڪچهريءَ ۾ ٻئي ملڪ جو هڪ سوداگر بہ ويٺو هو، جنهن مالهيءَ کي چيو تہ "اَبا، انهي وڻ جو علاج هي آهي تہ ڪي سَتي جَتي زال مڙس انهيءَ وڻ جي پاڙ ۾ وهنجن، تہ ان کي بيماري ڇڏي ويندي."

بادشاهہ سوداگر جي ڳالهہ ٻڌي، نوڪرن کي ستي جتي زال مڙس آڻڻ جو حڪم ڏنو. پر شهزادي، نوڪرن کي روڪي، بادشاهہ کي چيو تہ "سائين اجائي تڪليف ڪرڻ جو ضرور ڪونهي: منهنجي زال ۽ مان جيئن ڄاوا آهيون، تيئن ڪنهن ٻئي انسان جو انگ نہ ڏٺو اٿئون، تنهنڪري اسان ئي انهيءَ ڪم جي پورائي ڪندا سين اتي اڳئين وزير کي ويرونڻ جو بهانو هٿ اچي ويو، سو بادشاهہ کي چيائين تہ "سائين، هي ڪوڙ ٿو ڳالهائي. هنجي زال بدچلن آهي- ٻيو تہ ٺهيو، خود مون سان بہ لحاظ اٿس. اوهان

دانشمند هوندي آهي. هن جي ڳالهه تي ڪٿي اعتبار ڪيو آهي." شهزادي ڳالهه ٻڌي، بادشاهه کي چيو ته "سائين اسان جو هڪ خدا شاهد آهي، هي ناحق بهتان نه هٽي؛ هن وٽ ڪا به ثابتي ڪانهي." تنهن تي بادشاهه اڳئين وزير کي چيو ته "چڱو، تون هن جي زال جي ڪا پڪي نشاني ڏيکار، نه ته توکي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويندو." وزير چئن پنجن ڏينهن جي مهلت گهري، ۽ خوش ٿي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو. نائي جا ٿيلها پري، هڪ وڏي ڏوتي ٿي سجهيس، اُن وٽ آيو. ان کي چيائين ته "تون بادشاهه جي وزير جي زال جون ڪي بدن جون خاص نشانيون ڏسي اچي ٻڌاءِ، ته هن ڪان به وڏيڪ انعام ملندءِ." ڏوتي اينترا پيسا ڏسي، يڪدم تيار ٿي ويئي، ۽ هن کي چيائين ته "ڀلي، ڳالهه به ايتري! تون ٽئين ڏينهن نشانيون لهٽين."

پوءِ، ڏوتيءَ ڇا ڪيو، جو عاليشان ڪپڙا ڪٽي سبايائين ۽ ٻيو به سوڪڙيءَ پاڪڙيءَ جهڙو سامان تيار ڪيائين، ۽ نوڪر چاڪر ساڻ ڪري، وڏي ٺٺ ٺاهه سان اُتي وزير جي زال ڏانهن هلي. محلات جي اندر نياپو ڏياري موڪليائين ته "تنهنجي ماسي، جا ڦلاڻيءَ ولايت ۾ هئي، سا اڄ توکي ملڻ آئي آهي." شهزادي جي زال جي ماسي ته هئي ڪانه، پر سمجهيائين ته 'آءٌ ننڍي آهيان، شايد مون نه ڏٺي هجي- متهنجي ماسي ئي هوندي.' سو ٻانهيون موڪليائين ته يڪدم وٺي اچوس. ڏوتيءَ اندر اچي، روئندي پاڪر پاتس، ۽ هن کي هيڏانهن هوڏانهن جون لهواريون اوياريون ڳالهيون ٻڌائڻ لڳي. شهزادي جي زال جو به گمان لهي ويو، ۽ هن کي سڳي ماسي سمجهڻ لڳي، ۽ ويهي هن کي پنهنجو حال احوال ٻڌائڻ لڳي. مطلب ته ڏوتيءَ پيار ڏيئي، هن جا سڀيئي شڪ شبها دور ڪري ڇڏيا. پوءِ، ڏوتي رات به اُتي رهي پيئي. جڏهن صبح ٿيو، تڏهن شهزادي جي زال کي چيائين ته "اچ ته، اما، پاڻ گڏجي وهنجون." هوءَ به ويچاري ماسيءَ جي مرضي ڏسي، ڪنڌ نه ڪڍائي سگهي، ۽ ٻيئي گڏجي وهنجڻ لڳيون. وهنجندي، ڏوتيءَ هن جي چيلهه تي بينل تر تازي ورتو. وهنجي

سهنجي، ٻيئي اچي ماني کائڻ لڳيون. ماني کائيندي، ڏوتيءَ جي اک اوچتو وڃي هڪ عاليشان ڪؤنري تي پيئي. شهزادي جي زال کان پڇيائين تہ ”اما، هي ڪؤنرو ڪٿان آندو اٿئي؟“ هن چيو تہ ”ماسي اهو بادشاهہ منهنجي مڙس کي سوڪڙي ڪري ڏنو آهي.“ تنهن تي ڏوتي چوڻ لڳي تہ ”اما، اهو ڪؤنرو تہ مون کي ڏي- تنهنجي ڪا نشاني مون ماسيءَ وٽ بہ رهي!“ شهزادي جي زال دل ۾ چوڻ لڳي تہ ’هاٽي ڪيئن ڪريان، ڪؤنرو ڏينديس، تہ مڙس ناراض ٿيندو، جو هن کي بادشاهہ سوڪڙي ڪري ڏنو آهي، ۽ جي نہ ڏينديس، تہ ماسي چوندي تہ هيتريءَ دنيا هوندي، هڪ ننڍو ڪؤنرو نٿي ڏئي.‘ نيٺ ڏوتيءَ کي چيائين تہ ”ماسي، ڀلي- ڪؤنري جي ڳالهہ آهي- ڪٿي وڃ.“ ڏوتي، اهو ڏينهن بہ سڄو اتي رهي شهزاديءَ کان موڪلائي، اُٿي هلي، ۽ سڌو اچي اڳئين وزير کي نشاني بہ ٻڌايائين، ۽ ڪؤنرو بہ هٿ ۾ ڏنائينس.

وزير ڏسو تہ خوشيءَ ۾ نہ پيو ماپي- چي، ”بہ چار پئسا ويا تہ ڇا ٿيو، بادشاهہ جي اڳيان تہ سچو ٿيندس.“ سو ڏاڍا ڍهل دمامر وڄائي، وڏي ڪَر فَر سان اُٿي، بادشاهہ ڏانهن هليو. بادشاهي ڪچهري ۾ اچي، شهزادي جي منهن تي بادشاهہ کي چيائين تہ ”سائين، هن کان پڇو تہ برابر هن جي زال کي ڇيلهہ تي ڪارو تِر آهي؟“ بادشاهہ شهزادي کان پڇيو، جنهن هاڪار ڪئي؛ پوءِ ڪؤنرو ڪڍي، ڪٿي بادشاهہ جي اڳيان رکيائين- چي، ”سائين، هيءَ اُتو ٻي نشاني.“ بادشاه ڏٺو تہ برابر هي سچو آهي، هي ڪونرو بہ مون ئي شهزادي کي سوڪڙي ڪري ڏنو هو- سو، يڪدم شهزادي کي وزيريءَ تان لاهي، ڪٿي هٿڪڙيون هٽايائينس، ۽ اڳئين وزير کي وري وزيري ڏيئي ڇڏيائين.

جڏهن وزير ڍهل شرنائيون وڄائيندو، بادشاهہ ڏانهن ٿي ويو، تڏهن شهزادي جي زال هڪ ٻانهي موڪلي، تہ وڃي حقيقت لهي اچ تہ هي اوچتا ڍُهل دماما ڇا جي ڪري پيا وڄن. ٻانهيءَ وڃي پڇا ڪري ڳالهہ معلوم ڪئي، ۽ موٽي اچي هن کي ٻڌايائين تہ ”اڳئين وزير کي هڙيءَ طرح وزيري

ملي آهي، ۽ تنهنجو مڙس ڦاسيءَ تو چڙهي." شهزادي جي زال اها ڳالهه ٻڌي، اُمالڪ ڪٽي گوڏن تي ڏک هنيو- چو ته پنهنجي وڏيءَ جو نه ويج نه طبيب.

آخر سوچ ويچار ڪري، بادشاهه جي خاص رقاصه وٽ آئي، ۽ هن کي روئندي چيائين ته "ههڙيءَ طرح منهنجي سر جو سهارو تو ڦاسيءَ چڙهي، خدا جي نالي منهنجي مدد ڪر." رقاصه هن کي بيحال ٿيندو ڏسي، ڪيس دم دلاسا ڏنا، ۽ پوءِ هن سان صلاح ڪري، تيار ٿي، بادشاهه وٽ ويئي، ۽ چيائين ته "بادشاهه سلامت، منهنجي ڀيڻ اوهان جي ڪچهريءَ ۾ ڳائڻ لاءِ پري کان ڪشالا ڪري، هتي آئي آهي- اوهان پاڻ وٽ اچڻ جي، مهرباني ڪري اجازت ڏيوس." تنهن تي بادشاهه چيو ته "تنهنجو راڳ ته روزانو پيا ٻڌون؛ اڄ تنهنجي ڀيڻ جو نئون آواز ۽ نئين صدا ٻڌبي."

شهزادي، هار سينگار ڪري، بادشاهي ڪچهري ۾ ويئي. سامهون مڙس کي ٻڌل ڏسي، اکين مان آب وهڻ لڳس. شهزادو به هن کي ڏسي سڙي ويو، ۽ اکين مان ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو. بادشاهه هن کي ڳائڻ لاءِ حڪم ڏنو. بس ساز سرود وڄڻ شروع ٿي ويا. شهزادي جي زال اهڙو ته دردي راڳ ڳايو، جو بادشاهه کي لونئن لونئن ۾ چيڀي ويو، هن کي چيائين ته "گهر جيڪي گهرڻو هجيئي." تنهن تي شهزادي جي زال چوڻ لڳي ته "بادشاهه سلامت، مون کي تڪي تڪر جي ٻڪ ڪانهي، مان اوهان جو نالو ٻڌي، پري کان ڪشالا ڪڍي، اوهان وٽ فرياد ڪٽي آئي آهيان. خدا لڳ مون مسڪين جو عرض اونايو." بادشاهه چيو ته "توکي جيڪي چوڻو هجي، سو بنا دٻ چئي ڏي.... مان تنهنجو انصاف ضرور ڪندس." تنهن تي شهزادي جي زال روئي چوڻ لڳي ته "سائين منهنجا، آءٌ اوهان جي ير واري بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ راڳ ڳائيندي آهيان. هڪ ڏينهن هي اوهان جو وزير مون وٽ آيو، ۽ منهنجو راڳ ٻڌي، منهنجا هيترا هيترا پيسا ۽ مٽيا منڊيون چوري ڪري، ڀڄي هتي آيو آهي- مان سائينءَ جن کي اها دانهن ڏيڻ آئي آهيان، ته جيئن اوهان مون کي پنهنجو حق ڏيو."

بادشاهہ ڳالهہ ٻڌي، وزير کان ڪڙڪو ڪري پڇيو تہ ”ڳالهہ ڇا آهي؟“ تنهن تي وزير چيو، ”سائين، هيءَ الائي ڪير آهي، ۽ ڪٿان آئي آهي.... مان تہ هن کي سڃاڻان بہ ڪونہ ٿو. هيءَ مون کي ناحق بدنام ٿي ڪري.“ وزير جي ڳالهہ ٻڌي، شهزادي جي زال چيو تہ ”سائين، اوهان جو وزير ڪوڙ ٿو ڳالهائي، هن کان قسم پرائي پڇو تہ هن کان اڳ هن مون کي ڪڏهن ڏٺو بہ نہ آهي، يا منهنجي سامان جي چوري نہ ڪئي آهي؟“ وزير ڏهہ قران مٿي تي کڻي بيهي رهيو- چي، ”سائين! مون هن جي نہ چوري ڪئي آهي، ۽ نہ هن کي ياعمر ڪڏهن ڏٺو اٿم- مان هن کي سڃاڻان بہ ڪونہ ٿو.“ اُتي شهزادي جي زال يڪدم چيو تہ ”سائين، جي هن مون کي ڪڏهن بہ نہ ڏٺو آهي، تہ پوءِ منهنجو بيگناهہ مڙس ڇو ٿو ڦاسيءَ چڙهي؟“ اُتي وزير جون ٻہ بہ ويون، تہ ڇهہ بہ ويون. دل ۾ چيائين تہ ’هاءِ! تنهن کان هن کي اُهي پيسا پري ڏيان ها، تہ وزيري تہ نہ وڃي ها.‘ بادشاهہ يڪدم هن کي ڦاسيءَ جو حڪم ڏنو، ۽ شهزادي کي يڪدم وڏي ڌام ڌوم سان پاڻ وٽ ساڳيو وزير مقرر ڪري رکيائين، ۽ وڏا وڏا انعام ڏيئي، هن کي خوش ڪيائين... ۽ پوءِ شهزادو ۽ سندس زال اڳئين وانگر پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ ٿي ويا.

ٿوري گهٽي ڏينهين، بادشاهہ کان موڪلائي، شهزادو شهزاديءَ سميت پنهنجي اصل ملڪ موٽي آيو، ۽ اچي پنهنجي پيءُ سان مليو، جيڪو راڻين جي چوڻ پنيان، ابهرو ٿي هيڪر تہ هنجي قتل جو حڪم ڏيئي وينو هو، پر پوءِ ترت ئي معاملي کي سمجهي ويو هو، ۽ ڏاڍو پڇتايو هئائين، ۽ روئي روئي اکين جو نور بہ وڃائي وينو هو. هنن وٺواند راڻين کي بہ اڳيئي ملڪ نيڪالي ڏياري ڇڏي هئائين... ۽ هاڻ جو پنهنجو سڪيلڌو پٽ هيئن جيئرو جاڳندو پنهنجي اڳيان ڏٺائين سو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ هڪدم هن کي پنهنجي مهاراڻيءَ وٽ وٺي ويو، ۽ وڃڻ سان وري بہ وڃي هن کان روئي معافي ورتائين.... ۽ پوءِ هو سڀ گڏجي هميشہ هميشہ پنهنجي عزت آبروءَ ۽ راڄ ڀاڳ سان خوش گذارڻ لڳا.

●●●

شهزادو ساعت ملوڪ

هڪڙو سرڪش بادشاهه هو، جنهن کي چار نياڻيون هيون، جن تي هن جو ڏاڍو راض ۽ پيار هوندو هو. بادشاهه هميشه انهن شهزادين وٽ اچي، سندن ڏک سک پڇندو هو. هڪ ڏينهن، دستور موجب، جيئن بادشاهه پنهنجين نياڻين کان خيرعافيت پڇڻ آيو، تيئن هنن مان وڏين ٽن شهزادين ته هميشه جيان سندس احسان ۽ ٿورا مڃيا؛ پر سڀ کان ننڍيءَ نياڻيءَ جواب ۾ چيس ته: "بابا، اوهان ته اسان تي ڏاڍا مهربان آهيو، پر اسين ته پنهنجو بخت ٿيون کائون." اهو جواب ٻڌي، بادشاهه ڳاڙهو ٿي ويو، ۽ غصي ۾ پرجي هڪدم نوڪرن کي حڪم ڏنائين ته، "وڃو، ۽ هڪڙي اهڙي ماڻهوءَ کي وٺي اچو، جو بنهه بيڪار هجي." نوڪر ويا، ۽ ڪيترن ئي انڌن منڊن، لولن ۽ لنگڙن کي وٺي آيا؛ پر بادشاهه کي ڪوبه ماڻهو ڪونه آئڙيو، ۽ چيائين ته، "هي وري به ڪنهن نه ڪنهن ڪم ڪرڻ جهڙا آهن- ۽ اچا به ڪو اهڙو ماڻهو آڻيو، جو صفا چٽ ۽ ڪنهن به ڪم جو نه هجي."

آخرڪار، ڳوليندي ڳوليندي، هڪڙي نوڪر ڏٺو ته گند جي ڍير وٽ هڪڙو ماڻهو پيو آهي، جنهن جون ٽنگون ٻانهون سڪيون پيون آهن، پيٽ تمام وڏو ۽ ڦوڪيل اٿس- مطلب ته ڪنهن نه ڪم جو، صفا ڍڍريءَ جي ڍڍري- گند مان ٻُڪ جي ڪري خراب ۽ گنديون شيون وات سان ڳولي ڦولي پيو کائي. نوڪر نڪا ڪئي هم نڪا تم، پريندي ياڪر کڻي اُن بدڻ کي کنيائين. ويچارو بي طاقت، خوف کان رڙيون ۽ دانهون ڪرڻ لڳو، پر هن کي ڇڏائي ڪير؟ سو نوڪر نيئي آڻي بادشاهه وٽ لاٿس. بادشاهه هن کي ڏسي چيو ته "هائو! هيءَ ماڻهو گهرجيُ،- ۽ هاڻي هن کي کڻي

منهنجي ذيءَ وٽ وجو، ۽ چئوس تہ 'تنهنجي بخت توکي هيءُ مڙس ڏنو آهي. هاڻي توکي هيءُ ڪمائي ڪارائيندو، ۽ بنا ڪنهن سامان ڪٽڻ جي ٻيئي جڻا هڪدم هن ملڪ مان نڪري وڃو' ." نوڪرن، بديءَ ڪي ڪلهي تي ڪڻي، وڃي ساري ڳالهہ نينديءَ شهزاديءَ ڪي سُڻائي. شهزاديءَ جواب ڏنو تہ، "جي ائين آهي، تہ هيءُ بہ منهنجي اکين تي، ۽ آءٌ هاڻي ئي هنان هلي وڃان ٿي."

ائين چئي، خدا جا شڪر ڪندي، بَدي ڪڻي ويچاري اُٿي پيرين پيادي پنڌ پيئي. پلا بادشاهي بار پنڌ مان چا جاڻن- سو، هلندي هلندي، پيرن ۾ ڇالا پئجي ويس. پر تڏهن بہ بدي ڪلهي تي، پنڌ اڻ ڏنو ۽ ڏورانهون ، ساهيون ڪڻندي، خدا ڪي ياد ڪندي، اڳتي ڪهندي ويئي. هلندي هلندي، آخر رات پئجي ويس، تنهنڪري ڪو پونڙو ڏسي، بديءَ ڪي ڪڻي اُتي سمهاريائين، ۽ پاڻ بہ سمهي رهي. ٿڪاوٽ جي ڪري جهٽ ننڊ اچي ويس. پر بديءَ کي اچي بک ڪتيو، سو پيٽ پر رڙهي رڙهي، پرپاسي ۾

بينل ڪن قدرتي ساون ٻوٽن جا پن ڪاڻ ويهي رهيو. ڪائيندي ڪائيندي اچي بديءَ جو پيٽ هلڻ لڳو، تان جو سڀ گند ٻلا نڪري، پيٽ صفا نندڙو ۽ هلڪڙو ٿي پيس، ۽ سُڪل ٽنگن ۽ ٻانهن ۾ بہ ڪجھہ ساھ پيس. اُهي پن هن ڪي دوا ٿي لڳا، ۽ پوئينءَ رات هي اٿي هلڻ ٿهلڻ لڳو.

شهزادي جان اوچتو سجاڳ ٿئي، تہ ڏسي تہ بدي پر ۾ آهي ئي ڪانہ- سو، چرڪ ڀري ويهي هن ڪي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي. اوچتو وجي بديءَ تي نظر پيس، ۽ هن ڪي هلندو چُرندو ڏسي، خوشيءَ وچان ٽپ ڏيئي اٿي بيهي رهي، ۽ خدا جا احسان ۽ شڪرانا ڪرڻ لڳي. نيٺ صبح ٿيو، ۽ هي ٻيئي اُٿي پنڌ پيا.

ڪجھہ پنڌ ڪيائون، تہ بديءَ کي اچي اُڃ لڳي، ۽ شهزاديءَ کان پاڻي گهرڻ لڳو. شهزادي هن کي دم دلاسا ڏيڻ لڳي، پر بدي ڏسو تہ دانهون ۽ ڪِل ڪِل ڪندو هلي. هلندي هلندي، پريان هڪ جبل ڏسڻ ۾آين. تنهن تي شهزاديءَ چيس تہ "هاڻي چڱو ٿيو، جو جبل تي چڙهي ڪنهن نہ ڪنهن وَسهن جي وائٽ سولائيءَ سان وڃي سگهندا سون." آخر اچي اُن جبل وٽ پهتا، جنهن تي چڙهي شهزاديءَ چوڌاري هيڏانهن هوڏانهن واجهايو.- ڇا ڏسي تہ رڻپٽ لڳو پيو آهي، پر جبل کان هيٺ پرڀرو هڪ وڻ بيٺو آهي. پوءِ رڙهي، هو ان وڻ ڏانهن هلڻ لڳا. پنڌ هو گهٽو، سو هلندي هلندي، ٻن پهرن جو مس اچي اُن وڻ وٽ پهتا.

ڇا ڏسن تہ سبحان الله! هڪ تمام صاف، ٿڌي ۽ مني پاڻيءَ جي نهر وَهي رهي آهي. شهزادي وڻ وٽ ويهي رهي، ۽ بديءَ کي .چيائين تہ "وڃ تون بہ پاڻي پِي اچ، ۽ منهنجي ڪانءِ بہ ڪٽي اچ... آءٌ اِڪٽي هلي نٿي سگهان."

بدي نهر تي وڃي پاڻي پي ڍءُ ڪيو، ۽ وهنجڻ جي خيال سان ڪپڙا لاهي، پاڻيءَ ۾ گهڙي پيو. اُتي وهنجندي، بديءَ ائين سمجهيو تہ ڪنهن ڪنهن وقت سندس پيرن کي ننڍڙا پٿر پيا لڳن. هن ٽٻي هڻي هڪڙي پٿر

ڪي ٻاهر ڪڍيو، تہ چلڪندڙ، سون رنگو ۽ تمام سھڻو ھو. ھن ٻيا بہ ڪيترا پٿر ڪڍيا، ۽ پاڻيءَ سان گڏ اھي بہ شھزاديءَ وٽ ڪٺي آيو، ۽ شھزاديءَ کي چيائين تہ ”ھنن سھڻن پٿرن سان ڪيڏي ڪيڏي محل پاڻ راند ڪندا سون.“ شھزاديءَ ڏٺو تہ مار! ھي تہ اَملھہ ماڻڪ آھن، جن مان ھڪڙي ھڪڙي جي قيمت تي ھوند ڪيئي بادشاھيون ملن! دل ۾ ڏاڍي خوش ٿي تہ مڙس کي بہ طاقت ملي، ۽ ھيتري ساري دولت بہ ھٿ آئي... ھاڻي سڀ سُک ٿيا. پر بديءَ کي ڪونہ ٻڌايائين تہ ھي پٿر ڪي اھڙا بي بھا آھن.

آخر ڏس پتو پڇندا، ڪنھن بادشاھي شھر جي ٻاھران اچي لٿا. اتي شھزاديءَ ھڪڙو اَملھہ ماڻڪ پاڻ سان ڪينو، ۽ بديءَ کي چيائين تہ ”تون ويھي رھہ، ۽ آءٌ شھر وڃي ڪجھہ کاڌي پيتي جو سامان وني ٿي اچان.“ نيٺ شھر ۾ وڃي، ڪنھن جوھريءَ جي ڏس پڇڻ لڳي. ڪنھن ماڻھوءَ ڏس ڏنس تہ فلاڻي ھنڌ ھڪ شاھي جوھريءَ جو دڪان آھي. شھزادي سڌو وڃي دڪان تي چڙھي، ۽ جوھريءَ کي چيائين تہ ”ھي اَمُلھہ ماڻڪ وٺ، ۽ مون کي ھن جا پئسا ڏي.“ جوھريءَ خيال ڪيو تہ ھي ماڻڪ تمام گھڻو لھي، سو ميڙي چونڊي، جيڪا ڪجھہ اندر ٻاھر روڪڙ موجود ھيس، سا ھن کي آڻي ڏنائين. شھزاديءَ شھر ۾ وڃي کاڌي پيتي جو عاليشان سامان ورتو، ۽ ھڪ زناني ۽ ٻي مرداني قيمتي پوشاڪ بہ تيا ڪرايائين، ۽ پلا، سنجيل نھيل بہ شاھي گھوڙا خريد ڪري، ۽ ٻيو بہ گھربل سامان وني، بديءَ وٽ آئي... ۽ ھن کي وھنجاري سنھجاري، قيمتي وڳو پھرائي، ۽ عطر عنبير لڳائي، ۽ پاڻ بہ سھڻي ۽ قيمتي پوشاڪ ڍڪي، ھارسينگار ڪري، بديءَ کي ٻَچيل پئسا ڏيئي، چيائين تہ گھوڙي تي چڙھي، تون شھر جو سير ڪري اچ، پر جيڪو ماڻھو توکان تنھنجو نالو پڇي، تہ ان کي پنھنجو نالو ’ساعت ملوڪ‘ ڏسج، ۽ شھر ۾ جيڪا جاءِ سڀ کان سٺي ۽ عاليشان ڏسين، اُھا خريد ڪري اچ- پئسا جيڪي ونن، ان کان بہ وڌيڪ ڏج- پر مالڪ مڪان سان ھي شرط ڪج تہ سج لٿي تائين جاءِ مان جيڪو سامان ھو ڪٺي وڃي، سو سندس، ۽ ان کان پوءِ، جو سامان رھيو،

سو اسان جو ٿيندو."

"ساعت ملوڪ" شهر مان پڇا ڪندو، هڪ عاليشان ستماڙ سهٽيءَ جاءِ وٽ اچي پهتو. هيءَ جاءِ هڪ سوداگر جي هئي، تنهن سان ملي، جاءِ جو ملهه مقرر ڪري، چيائينس ته "تو جيڪي پئسا ٻڌايا آهن، آءٌ انهن کان ٻيڻا توکي ڏيندس، پر انهيءَ شرط سان ته تون سج لٿي تائين جيڪو سامان هن جاءِ مان ڪڍائي وٺين، اُهو تنهنجو، ۽ سج لٿي کان پوءِ جو به رهيو، سو منهنجو ٿيندو." سوداگر دل ۾ خيال ڪيو ته هي جيڪي پئسا آڇي ٿو، سي جاءِ جي ملهه کان هوندئن ئي وڌيڪ آهن- ۽ آءٌ مزور ڪري، سڀ پنهنجو سامان سج لٿي کان اڳ ئي ڪڍائي ويندس، ۽ جي باقي رهيو ته آيو هن ڪي. سو ساعت ملوڪ جو شرط قبول ڪري، بادشاهي مهر سان، شهر جي شاهدن جي روبرو ۽ صحيح سان، دستاويز لکائي هٿ ڪيائين، ۽ مزور ڪري، ٻيهي پنهنجو سامان ڪڍائڻ لڳو. آخرڪار قيمتي سامان سڀ جاءِ مان ڪڍائي ويو، ۽ اتي سج به اچي لٿو، پر ستينءَ ماڙ تي ويٺل سوداگر جي ڌيءَ ٻانهين سميت اُتي رهجي ويئي. جاءِ تي ساعت ملوڪ اچي قبضو ڪيو، ۽ پوءِ شهزاديءَ کي به وني آيو، ۽ جاءِ گهمڻ لڳا. ساعت ملوڪ ۽ شهزادي جڏهن سڀ ماڙيون گهمندا، ستينءَ ماڙ تي پهتا، تڏهين ڪين ٻنهيءَ جو شعاع ڏسڻ ۾ آيو. تنهن تي شهزاديءَ ساعت ملوڪ کي چيو ته "آءٌ زال ماڻهو آهيان، تون مٿي چڙهي ڏسي اچ." ساعت ملوڪ مٿي ويو، ته ٻانهيون ڦري آيس- چي "توکي لڄ نٿي اچي، جو پرائيءَ جاءِ ۾ بنا موڪل هليو آيو آهين... يڪدم هتان نڪري وڃ." تنهن تي هن ڪلي، سموري حقيقت ڪري ٻڌاين، ۽ شهزاديءَ کي به خبر ڏنائين. شهزادي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ چيائين ته "واه! ٻانهيون به هٿ اچي ويون، ۽ سوداگر جي ڌيءَ به. سو، تون هاڻي قاضي ڪوني، اُها به ڪٽي نڪاح ۾ آڻ." يڪدم قاضي اچي ويو، شادي ٿي ويئي، ۽ ٽيئي گڏ گذارڻ لڳا.

هڪڙي ڏينهن، ساعت ملوڪ زالن کي چيو ته "گهر ۾ ويهي ويهي ڪڪ ٿي پيو آهيان، ڪجهه دنيا جو واءُ سواءُ به ته ونان." پوءِ اتان نڪري،

... شهزادي، هار سينگار ڪري، اچي چتونءِ جي اڳيان بيٺي:
چي، ”مِٺُو ڏي خبر مان سهڻي تي لڳان!“

— ص ٣٨٩

شهر جي بازارين جو ديدار ڪرڻ لڳو. گهمندي گهمندي، هڪڙي هنڌ ڏنائين ته ڪي جوان شطرنج راند وينا ڪن. هن کي به شوق ٿيو، ۽ انهن کي چيائين ته "ادا مون کي به کيڏڻ ڏيندؤ؟" انهن هائو ڪئي، ۽ هي اُنهن سان راند ڪرڻ ويهي رهيو. ٿيندي ٿيندي، هن کي نهر مان ڪنيل پٿر ياد اچي ويا، سو انهن کي چيائين ته "بيهو، ته آءٌ تمام سنيون ساريون ڪٽي ٿو اچان." ۽ سڌو اچي شهزاديءَ کي چيائين ته "نهر وارا پٿر ڏي، ته آءٌ سنگت سان راند رهان." شهزاديءَ گهڻو ئي نٽايو، پر نيٺ هنجو خيال ڏسي، هڪڙي ماٽڪ جي مٿان ميڻ ٿڦي، هن کي ڏنائين. هي اچي راند رهڻ لڳو. راند ڪندي ڪندي، املهه ماٽڪ جي هڪڙي هنڌان ميڻ جو ذرو لهي پيو، ۽ اُتان اهو چلڪڻ لڳو، پر ڪنهن کي خبر ڪانه پيئي. مجاڻ ڪو اتي جي بادشاهه جو وزير به چمڙا پوش ڪري، گهمندو ڦرندو، اچي هنن جي راند ڏسڻ وينو، ۽ هنجي اک اوچتو ماٽڪ تي پئجي ويئي- سو اُن کي سڃاڻي ۽ جهپ هڻي وٺي پڳو. بيا سنگتي هن جي پنيان ڊوڙڻ لڳا، پر ساعت ملوڪ چين ته "پرواهه ناهي، مون وٽ اهڙيون بيون گهڻيون ساريون گهر پيون آهن."

وزير اهو املهه ماٽڪ وڃي بادشاهه کي ڏنو. بادشاهه کي هڪ نياڻي هوندي هئي، جنهن کي هو ڏاڍو پيائيندو هو، سو ان کي هار ۾ جڙائي، هُن سوڪڙي ڪري هار ڪٽي پنهنجي ڌيءَ کي ڏنو. سندس ڌيءَ وٽ هڪ نهايت سياڻو ۽ ٻوليندڙ طوطو پليل هو، جنهن سان هوءَ دل وندرائيندي هئي. هڪڙي ڏينهن هار سينگار ڪري، ۽ اهو هار پائي چتونءَ کي چيائين، "منو، ڏي خبر، مان سهڻي ٿي لڳان!" چتونءَ ڏسي، چيو، "ڏون، ڏون" - يعني هن سان گڏ ٻيو به هيرو هجي، ته پوءِ. هن يڪدم هار توڙي، پيءُ ڏانهن ڏياري موڪليو- چي، "هڙو ٻيو به ماٽڪ هجي، نه ته آءٌ ڪانه جيئنديس!" بادشاهه وزير کي چيو ته "تو ته مون کي آزار ۾ وجهي ڇڏيو، هاڻي اهڙو ماٽڪ مون کي ٻيو به هٿ ڪري ڏي." وزير چيا ڪيو، جو ڏاڍيون عجيب عجيب سوڪڙيون پاڪڙيون ڪٽائي، ساعت ملوڪ وٽ

آيو، ۽ ڪيس سموري حقيقت ٻڌائي، چيائين ته "هڪ ٻيو به اهڙو ماڻڪ ڏي." ساعت ملوڪ اهي بادشاهي سوڪڙيون پاڪڙيون ڪڍي، وڃي شهزاديءَ جي اڳيان رکيون، چيائينس ته "انهن پٽرن مان هڪ ٻيو به ڏي." شهزاديءَ کي ڏاڍي منيان لڳي، ۽ گهڻوئي ننايائين، پر هن نه مڃيو. آخر لاچار هڪ ٻيو به ماڻڪ هن کي ڏنائين، ۽ هن کڻي وڃي وزير کي ڏنو. وزير اهو ماڻڪ وڃي بادشاهه کي ڏنو، ۽ هن اُهو پنهنجي ڌيءُ ڏي يڪدم هار ۾ وجهائي موڪليو. بادشاهه جي ڌيءَ هار پائي، خوش ٿي، طوطي وٽ آئي، ۽ چيائينس ته "منو، ڏي خبر، مان سهڻي ٿي لڳان!" چتونءَ ڊڄندي چيو ته "آءٌ عرض ڪريان،، پر تون مون کي ماري وجهنديءَ." هن چيس ته "ڪو ڊپ نه ڪر، ٻڌاءِ!" چتونءَ چيو ته "اُن ڏينهن آءٌ، ڪنهن خيال ۾ وينو هوس، مون سمجهيو ته تون پڇين ٿي ته 'توهان گهڻا پائر آهيو.' منهنجو هڪ ٻيو به پاءُ هو، تنهنڪري مون چيو ته 'ڏُون ڏُون.' اي شهزادي، اڃا جيڪر تيون هيرو به ان هار ۾ اهڙو هجي، ته هوند وڌيڪ سهڻي لڳين." بس اهو ٻڌندي، شهزاديءَ هار ٽوڙي، بادشاهه ڏي ڏياري موڪليو- چي، "اهڙو ٽيون ماڻڪ به هجي،نه ته آءٌ ڪانه جيئنديس!"

بادشاهه اهو ٻڌي، ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويو-چي، "مون کي ته هيءَ ڌيءُ پاڳل ڪري ڇڏيندي." نيٺ وزير کي چيائين ته "جٺ ۾ ته وڃهي ڇڏيو اٿيئي: هاڻي وري به سوڪڙيون کڻي وڃ ساعت ملوڪ وٽ، ۽ چئينس ته 'يار ڪر ڪا مهرباني، ۽ ڏي ٽيون به ماڻڪ.' "وزير وري به ساعت ملوڪ وٽ آيو، ۽ ساري ڳالهه ڪري، سوڪڙيون ڏيئي، هن کي ٽئين ماڻڪ لاءِ چيائين. هو يڪدم شهزاديءَ وٽ آيو، ۽ اچي ٽئين پٽر جي گهُر ڪيائين. تنهن تي زال گهڻي تنبيهه ڪيس. هن چيو ته "چڱو، تون نه ڏي، منهنجي اها جاءِ ڏنل ڪانه آهي ڇا؟" ۽ يڪدم گهوڙو تيار ڪرائي، وڃي ان نهر تي پهتو، ۽ ڪيئي املهه ماڻڪ ان مان ڪڍي هٿ ڪيائين. وري اتي ئي دل ۾ خيال ڪيائين ته ڏسان ته هي موتي آخر ڪٿان ٿا اچن. سو، اهو خيال ڪري نهر جو ڪنارو ڏيئي وٺي اُتي هليو، ۽ گهوڙو ڊوڙائيندو ڊوڙائيندو،

آخر هڪ هنڌ اچي، عجب ۾ پئجي بيهي رهيو. ڇا ڏسي ته هڪ تمام وڏو جبل جيڏو ڪوٽ آهي، جنهن کي اندر وڃڻ لاءِ ڪوبه در ڪونه آهي. دل ۾ خيال ڪيائين ته هيءُ ڪوٽ اندر ضرور گهمڻ گهرجي. سو گهوڙي کي پريرو نيئي، ونئي جو اُن کي مهميز ڏنائين، ته گهوڙو هڪ ئي ٽپ سان ڪوٽ ٽپي هن پار ٿيو. اندر ڏسي ته مار، عجيب اسرار لڳا پيا آهن، طرحين طرحين وڻ رنگا رنگي گلن سان سينگاريل بيٺا آهن، ۽ ڪيتريون جايون آهن، جن ۾ ننڍا ننڍا دُنبا ٻڌا بيٺا آهن. ائين گهمندي گهمندي، هڪڙو ڪوهه ڏٺائين. ان ڪوهه ۾ نهاري، حيرت ۾ پئجي ويو. ڇا ڏسي ته هڪڙي زال آهي، جا اونڌي ٿي ٽنگي پئي آهي. ائين ئي هڪڙي تختي کي جو پاسيرو ڪيائين، ته اها زال مٿي چڙهي آئي، ۽ هن کي حيرت ۾ ٻيٺل ڏسي، چيائين ته ”اي انسان جا ٻچڙا! تون هتي موت جي منهن ۾ ڪيئن آيو آهين؟“ ساعت ملوڪ ساري ڳالهه ڪري ٻڌايس، جنهن تي هن زال چيس ته ”هي ڪوٽ هڪ ديو جو آهي، ۽ هي گهٽا سڀ انسان آهن، جن مان هو هڪ هڪ روز کائيندو آهي، ۽ آءٌ وٽس قيد آهيان. هو رات جو ايندو آهي، ۽ مون سان گذگذاري، وري سج اڀرڻ کان اڳ هليو ويندو آهي.“ ساعت ملوڪ اها ڳالهه ٻڌي، ڏڪي ويو، ۽ هن کي چيائين ته ”پوءِ آخر ڇا ڪجي؟“ هن چيس ته ”توکي في الحال هتي هڪ غار ۾ لڪائي ٿي ڇڏيان، ۽ رات گذرڻ کان پوءِ جڏهن وري ڏينهن ٿيندو، ته اُتان نڪري اچي مون کي هن کوهه مان ڪڍجانءِ، ته پوءِ صلاح ڪندا سون.“ ائين چئي، هن کي هڪ غار ڏيکاريائين، ۽ چيائينس ته ”هاٿي ديو جي اچڻ جي مهل آهي، ۽ مون کي ساڳيءَ طرح لٽڪائي ڇڏ.“ ساعت ملوڪ هن کي، سج لٿي کان ٿورو اڳ، ساڳيءَ طرح لٽڪائي، پاڻ وڃي غار ۾ لڪي ويٺو. جڏهن رات ٿي، ته ديو آيو، ۽ ”آدم بوءِ،“ آدم بوءِ“ ڪرڻ لڳو. اُن پريءَ چيس ته ”تون مون کي کوهه ۾ لٽڪائي ٿو وڃين ۽ آءٌ اُونڌي منهن ان ۾ پيئي آهيان، مون کي آدم جي ڪهڙي خبر؟ تنهن کان سواءِ، جي تون مري وڃين ته آءٌ ته هوند ساري عمر اُتي ئي پيئي هجان.“ ديو چيس ته ”پياري، خيال

نہ ڪر، منهنجو موت سٿرو نہ آهي. منهنجو ساهہ هن ڪوٽ اندرئي آهي، جنهن کي ڪير بہ هٿ لائي نٿو سگهي. هوپريان جيڪو سَر جوپوڙو بينو آهي، اُنهيءَ جي هڪڙي ڪاني ۾ پؤنر آهي جنهن ۾ منهنجو ساهہ آهي، ۽ جيسين اُهو نہ مرندو، تيسين آءٌ بہ نہ مرندس."

رات گذرڻ کان پوءِ، ڏينهن جو، دستور موجب، ديو زال کي کوهہ ۾لٽڪائي پاڻ ويندو رهيو، ۽ ساعت ملوڪ، گهوڙي سوڌو غار مان نڪري، اچي هن کيّ ٻاهر ڪڍيو. پوءِ ٻيئي انهيءَ ئي محل ديوجي ڪم تمام ڪرڻ لاءِ سنبريا" ۽ اُن سَرَ جي تيلي ڪپي، ان تي سَوَنٽن مٿان سوئنٽا وسائڻ ٻيهي رهيا... گهڙي نہ گذري تہ ڪيڏيءَ محل، اوچتو واءُ مينهن ۽ طوفان تي ويو. زال چيس تہ "پؤنر کي جلدي مارجي، نہ تہ ديو اچهو پهتو." ائين ستيندي ستيندي، اوچتو هڪڙو ڏک پؤنر کي وچي لڳو، ۽ پؤنر مري ويو. پؤنر جومرڻ، ۽ ديو جوڪوٽ ۾ ڏڙام ڪري اچي ڪرڻ... ۽ ديو اُتي ئي ڍير تي پنجي رهيو. ٻيئي، ڏاڍا خوش ٿي، هاڻي ٻاهر نڪرڻ جا سانباها ڪرڻ لڳا. ان کان اڳ ساعت ملوڪ کي خيال ٿيو تہ هنن ويچارن دنبن کي تہ ڇوڙي ڇڏيان. پوءِ هڪ هڪ جي رسيءَ کي ڪپيندو ويو، ۽ هو ماٿهو ٿيندا ويا، ۽ هن جا شڪرانا مڃڻ لڳا-- ۽ پاڻ اُن پريءَ کي گهوڙي تي ٻيلهہ چاڙهي، وني جو زور سان گهوڙي کي اڙي هنيائين تہ گهوڙو ڪوٽ جي هن پار اچي بينو، ۽ اتي آيو جتي اُهي پٿر رکيا هئائين. ساعت ملوڪ اهي کڻڻ لڳو، تہ اُن پريءَ پڇيس تہ "اهي ڇو ٿو کڻين؟" جنهن تي هن کي سموري ڳالهہ ڪري ٻڌايائين. پريءَ چيس تہ "بار کڻڻ جي هروڀرو ضرورت نہ آهي. اهي موتي منهنجي رت جي ڦڙن مان نهيا آهن. جڏهن کوهہ ۾ ديو مون کي اونڌو ٽنگي ويندو هو، تڏهن منهنجي نڪ ۽ وات مان جي رت جا ڦڙا وهندا هئا، انهن مان اهي ماڻڪ جڙيا ٿي، ۽ جيڪڏهن توکي ضرورت پيئي، تہ مان پنهنجي بدن مان رت جا ٻتي ڦڙا ڪڍنديس، تہ موتي ٿي پوندا! ياد رک منهنجو نالو 'موتي جان پري' آهي." ساعت ملوڪ، اها ڳالهہ ٻڌي، ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ٻيئي

گذجي اڳتي هلڻ لڳا، ۽ آخر اچي پنهنجي شهر ۾ پهتا. وزير ته اڳي ئي انتظار ۾ هو، سو هن کان اچي موتي گهريائين. ساعت ملوڪ اچي موتي جان پريءَ کان موتي گهريا. هن چيا ڪيو، جو ڪپ ڪٽي، پنهنجو رت ڪيڻ لڳي، ته شهزاديءَ چيس ته ”ادي، مون وٽ ڪجهه موتي پيل آهن، آءٌ ڪٽي تي اچان- تون اها تڪليف نه ڪر.“ ائين چئي، هوءَ هڪڙو موتي ڪٽي آئي- ۽ ساعت ملوڪ اهو ڪٽي، اچي وزير کي ڏنو، ۽ هن وڃي بادشاهه جي اڳيان رکيو، جنهن هار ۾ پورائي، ڏيءَ ڏي ڏياري موڪليو.

بادشاهه جي ڏيءَ هاڻي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ تيل سرما ۽ پوشاڪ پهري، اهو هار ڳچيءَ ۾ پائي، اچي چنونءَ جي اڳيان بيٺي، ۽ چيائين ته ”منو، ڪر خبر، مان سهڻي ٿي لڳان!“ چنونءَ ورندي ڏني ته ”سائڻ، جي جي جيئدان ڏين، ته هڪڙي ڳالهه چوان.“ بادشاهه جي ڏيءُ چيس ته ڪو ڊپ نه ڪر، پلي ٻڌاءِ.“ چنونءَ چيس ته ”هاڻي، اهو هار ائين ٺٺو نهي... سو، جي ’گُل قُل‘ جا ڪپڙا پائين، ته پوءِ واهه جو سُهڻي لڳين!“ بس اها ڳالهه ٻڌڻ سان شهزاديءَ يڪدم هار توڙي، پيءُ ڏي ڏياري موڪليو- چي، ” ’گُل قُل‘ جا ڪپڙا آڻائي ڏي، نه ته آءٌ ڪانه جيئنديس!“ بادشاهه اهو ٻڌي، وزير کي چيو ته ”هاڻي ويل ۾ پياسين- ’گل قل‘ جا ڪپڙا ڪٿان اچن؟“ وزير جواب ڏنو ته ”بادشاهه سلامت، اهو ڪم به ساعت ملوڪ کان سواءِ ٻيو ڪونه ڪندو، سو آءٌ وٽس وڃي ميڙ منٿ ڪري، مجان يانس تو- اوهان دلجاءِ ڪريو.“ ائين چئي، ساعت ملوڪ وٽ آيو، ۽ اچي چيائينس ته ”ادا، اسان تي جهڙي مهرباني ڪئي اٿيئي، تهڙي ڪر- بادشاهه توتي ڏاڍو راضي آهي. هاڻي اسان کي هڪڙو ’گل قل‘ جو وڳو آڻائي ڏي.“ ساعت ملوڪ چوڻ لڳو ته ”اوهان مان چڱا ڦاتا سون... ’گل قل‘ جو وڳو مون وٽ ڪٿان آيو؟“ ۽ ائين ڪاوڙ مان ڳالهائيندو، گهر هليو آيو. ڪوٽ واريءَ پريءَ هن جو رخ بدليل ڏسي پڇيو ته ”سائين، چو! ڪنهن تي ناراض ٿيا آهيو؟“ تنهن تي هن سموري ڳالهه ڪري ٻڌايس. ڳالهه ٻڌي، اُن پريءَ چيس ته ”اهڙو وڳو آڻڻ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي! هاڻي،

تون پَلو گهوڙو سنجائي، فلاڻو رستو وٺي، سڌو هليو وڃ، ۽ بيو ڪيڏانهن به نه ڦرج- نه ته موتي نه سگهندين. اهو سڌوئي سڌو رستو وٺي ويندين، ته هڪڙي تلاءُ تي وڃي بيهندين. اُن تلاءُ ۾ وهنجڻ لاءِ هڪ ٽولو پَرين جو ايندو آهي. اُنهن کي ايندو ڏسي، تون لڪي ويهي رهج. جڏهن ڏسين ته سڀني پرين پنهنجا ڪپڙا لاهي هيٺ رکيا آهن، ۽ انهن مان هڪ پريءَ پنهنجا ڪپڙا ڳاڙهيءَ ڪٽ تي لاهي رکيا آهن، ان وقت تون اُن جا ڪپڙا کڻي، ڪٽ تي چڙهي، پٺ ورائي ويهي رهج. پوءِ هُو گهڻائي جنتر منتر پڙهنديون، ۽ توکي ساڙڻ جي ڪوشش ڪنديون، پر هيءَ منهنجي منڊي پاڻ سان کڻي وڃ، جنهن جي پائڻ ڪري توتي انهن جو ڪوبه اثر نه ٿيندو. پوءِ حيلا هلائي بيون سيئي پريون پنهنجا پنهنجا ڪپڙا کڻي ان پنهنجيءَ شهزاديءَ کي اڪيلو ڇڏي هليون ونديون. پوءِ هوءَ توکي ڪپڙن ڏيڻ لاءِ منٿون ڪندي، پر تون سندس ڪپڙا سوگها جهلي، ڪٽ تي چڙهيو وينو رهج. جڏهن هوءَ منٿون ڪري عاجز ٿئي، تڏهن تون پنهنجي چادر ڪيس ڍڪڻ لاءِ ڏج، ۽ جڏهن اها چادر ويڙهي، هوءَ تو وٽ اچي، ته هيءَ منڊي سندس ڪنهن به عضوي تي لائج، ته هن جو سمورو جادو ڇَٽُ ٿي ويندو. بس، پوءِ اُهي ڪپڙا کڻي، هليو اچج. پر اتفاق سان، ويندي ويندي، جي تلاءُ جو رستو ڀُلجي پوين، ته واٽ تي هڪ ٻئي کان ڪجهه پريرو وينل فقيرن کان 'گلان پريءَ' جي تلاءُ جو پڇندين، ته اُهي توکي رستي لائيندا."

ساعت ملوڪ، 'موتي جان' پريءَ کان اها ڳالهه ٻڌي، گهوڙي تي چڙهي ڏسيل رستو وٺي اتي روانو ٿيو. هلندي هلندي، واٽ تي هڪڙو فقير وينل ڏٺائين. اُن وٽ وڃي، ڪانئس تلاءُ جو ڏس پڇيائين، جنهن چيس ته "ادا، مون کي خبر نه آهي- اڳيان بيو فقير وينل ڏسندين، جنهن کان پتو پونديءِ." ساعت ملوڪ گهوڙو هڪلي، اچي ٻئي فقير وٽ پهتو، ۽ ڏس پڇيائينس. فقير چيو ته "مون کان به وڏو فقير اجا اڳتي وينو آهي، اُن کان وڃي پڇ." وري کڻي گهوڙو هڪليائين، ۽ هڪليندي هڪليندي، ٽئين فقير وٽ اچي پهتو. پڇڻ تي ان فقير چيس ته "هي رستو سڌو وٺي وڃ...اڳيان



گلان پريءَ جو تلاءُ آهي." ساعت ملوڪ خوش ٿي، وڻي گهوڙي کي تڙيو. آخر اچي تلاءُ تي پهتو، ۽ لڪي ويهي رهيو. ٿوريءَ دير بعد، پرين جو هڪ ٽولو وڏي تجمل ۽ شان سان، ڇپر ڪٽ سميت، تلاءُ تي اچي لٿو، ۽ شهزاديءَ سميت پنهنجا ڪپڙا ۽ پوشاڪون لاهي، هو مزي سان تلاءُ ۾ وهنجڻ لڳيون. ساعت ملوڪ وجهه ڏسي، ڪٽ تي پيل شهزاديءَ جا ڪپڙا، ويڙهي سيڙهي جهوليءَ ۾ ڪري، لت ڏيئي ڪٽ تي چڙهي بالم تي ويهي رهيو. پريون، هن آدمزاد کي ڏسي، يڪدم منتر پڙهڻ لڳيون، پر منڊيءَ جي زور تي هن کي ڪجهه به اثر ڪونه ٿيو. جڏهن منتو هٽي هٽي، ڪڪ ٿي پيون، تڏهن گلان پريءَ کي چيائون تہ "هي ماڻهو ڪو وڏي زور وارو ۽ پڙهايل ٿو ڏسجي- هاڻي اجايو اسان بہ نہ آئيءَ ۾ اچي وجون، تنهنڪري تون ڄاڻ تنهنجوڪم ڄاڻي... اسان جي الله وائي." ائين چئي، هو پنهنجا ڪپڙا ڍڪي وينديون رهيون. گلان پري اچي ششدر ٿي، ۽ ساعت ملوڪ کي ڪپڙن ڏيڻ لاءِ منٿون ڪرڻ لڳي. پر هيءُ بہ وڏي استاد

جو پڙهايل هو، سو هٿ آيل ڪپڙا ڪٺي تو ڏٺي! نيٺ هن جي منٿن ۽ زارين تي، ڪيس پهرڻ لاءِ پنهنجي چادر ڏنائين، جا ڍڪي هوءَ تلاءُ مان نڪري، هن وٽ آئي. هن يڪدم اها منڊي ڪٺي هن جي هٿ تي گهمائي، ته هن جو سمورو جادو هليو ويو. پوءِ ڳالهين پريءَ رو.يءَ چيس ته "آءٌ هاڻي پنهنجن ڪان نڪري چڪيس، سو جيڏانهن وٺي ئي تيڏانهن وني هلينم... مان هاڻ تنهنجي آهيان." ساعت ملوڪ خوش ٿي، هن کي پنهنجن ڪپڙن مان ڪجهه ڪپڙا پائڻ لاءِ ڏنا، ۽ پوءِ ٻيئي گهوڙي تي چڙهي، اُتي واپس پنڌ پيا.

هلندا هلندا، اچي وڏي فقير وٽ پهتا. فقير ٻنهي کي ڏسي، دانهن ڪري چيو ته "او شهزادا، اسان ڳالهين پري اڳ ڏٺي به ڪانهي، پر ڪڏهن ڪڏهن هيءَ هتان پنهنجي سهيلين سان گڏجي، سازءِ سرود سان ناچ ڪندي، لنگهندي هئي. آءٌ رڳو ان رسيلي آواز تي موهجي سالن کان هتي وينو آهيان. هاڻي، خدا جي واسطي ڪجهه هن جي ناچ جو تماشو ڏيکار." تنهن تي ساعت ملوڪ چيس ته "جيڪڏهن توکي هن جو ناچ ڏيکاريان، ته پوءِ تون انعام ڇا ڏيندين؟" هن وراڻيو ته "سائين، مون وٽ ٻيو ته ڪجهه ڪونهي- باقي هڪڙي 'سيلهي ۽ ڏنڊو' آءٌ توکي ڏيندس، جو ڪيتري به لشڪر تي چوندينس ته 'پڪڙ وي سيلهي، مار وي ڏنڊا' ته اُنهن مان هڪ به نه بچندو." ساعت ملوڪ چيو ته "تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين؛ مون کي ڏي، ته ڏسان ته سهي." فقير سيلهي ڏنڊو ڪڍي هن کي ڏنو. ساعت ملوڪ ٻيئي وٺي، چيو ته "پڪڙ وي سيلهي، مار وي ڏنڊا- نه ڇڏ فقير کي!" ته فقير جي مٿان ڏنڊن جوڦهڪارو ٿي ويو، ۽ هٽي فقير کي سمهاري ڇڏيائين. خير، ڏنڊو سيلهي ڪٺي، هووري به اُتي پنڌ پيا. هڪليندي هڪليندي، وري اچي ٻئي فقير وٽ پهتا، جنهن به دانهن ڪري چيس ته "سائين، خدا جي واسطي مون کي ڳالهين پريءَ جو ناچ ڏيکار- مون کي سڪندي سال گذري ويا آهن." تنهن تي ساعت ملوڪ هن کان به ساڳيو سوال ڪيو. فقير وراڻيو ته "مون وٽ هڪ اهڙي ڪرامتي ديڳڙي

آهي، جو جيڪڏهن اُن ۾ فقط پاڻيءَ ڏُڪَ وجهي، ڪٽي رک، ۽ چوينس ته ’فلاڻو ڪي فلاڻو طعام تيار ٿئي.‘ ته ٿوريءَ دير ۾ اهو ڪاڌو تيار ٿي پوندو. پوءِ اُن جي مٿان ڪپڙو ڏيئي، اُن مان ڪيندو، خلقتون ڪارائي ڇڏ، پر ديڳڙي ڪانه کٽندي.“ آخر اُن کان آزمودي لاءِ اها ديڳڙي ورني، ٿورو پاڻيءَ ڏُڪ وجهي، باهه تي رکي، ساعت ملوڪ چيو ته ”پُلاءُ تيار ٿئي“ ته منٽن ۾ پُلاءُ تيار ٿي پيو، جو هنن ڍءُ ڪري کائي، پوءِ سيلهي ڪيدي چيائين ته ”پڪڙ وي سيلهي، مار وي ڏنبا- نه ڇڏ فقير کي.“ ته فقير جاپساهه اتي ئي پورا ٿي ويا. پوءِ اُها ديڳڙي کٽي هووري به اتي پنڌ پيا. ڪمندا ڪهندا، وري اچي ٽئين فقير وٽ پهتا، فقير هنن کي ڏسي، رڙ ڪري چيو ته ”اي سائين، خدا جي نالي گلان پريءَ جوناچ گانو ڏيکاريندو وڃ!“ ساعت ملوڪ هن کان به ساڳيو سوال ڪيو، جنهن تي هن وراڻيو ته ”سائين، مون وٽ هڪ ’اُڏند کٽولي‘ آهي، جنهن تي جيڪڏهن چڙهي ويهبو ۽ چئبس ته ’هَلُ فلاڻي هنڌ‘ ته يڪدم اُتي پهچائيندي.“ اهو ٻڌي، ساعت ملوڪ چيس ته ”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين.“ جنهن تي فقير اُڏند کٽولي اچي حاضر ڪئي. بس پوءِ ته ساعت ملوڪ پريءَ ۽ گهوڙي سميت اُن تي چڙهي وينو، ۽ چيائينس ته ”هَلُ ڙي اڏند کٽولي، جاتي منهنجي جاءِ.“ ته منٽن ۾ اچي ماڳ پهتو، ۽ فقير اُتي اڪيون ڦاڙيو وينو رهيو.

ساعت ملوڪ جي اچڻ جي خبر ٻڌي، وزير يڪدم وٽس آيو، ۽ ڪانئس ’گل ڦل ڪپڙا‘ ورني، خوش ٿي، وڃي بادشاهه جي اڳيان رکيائين. جنهن پنهنجيءَ ڌيءُ ڌي ڏياري موڪليا. بادشاهه جي ڌيءُ تيل سرما ۽ هار سينگار ڪري، عطر عنبير لڳائي ’گل ڦل ڪپڙا‘ پهري، مٿان جو ڪٽي هار پاتو، ته پرستان جي پري ٿي پيئي. يڪدم اچي چتونءَ جي اڳيان بيني، ۽ چيائينس ته ”منو! ڪر خبر، مان سهڻي ٿي لڳان!“ طوطي چيو ته ”شهزادي، آءٌ ڳالهه ڪندس، ته تون مون کي مارائي ڇڏيندينءَ.“ هُن چيو ته ”ڪو ڊپ نه ڪر، ٻلي ٻڌاءِ!“ چتونءَ چيو ته ”ٻلا ٻُڌ. هي هار ۽ ڪپڙا تنهنجي شڪل کان گهٽو وڌيڪ آهن؛ تنهنڪري جيڪڏهن هڪ ٻي وقت ۾

هڪ رنگي پَهرائتين سَؤ مينهين جو ڪير پين، ته پوءِ هوند ڏاڍي سُهٽي لڳين." شهزاديءَ يڪدم هار ۽ ڪپڙا لاهي، پيءُ ڏي ڏياري موڪليا- چي، "مون کي يڪدم سؤ پهرائتيون ۽ هڪ رنگيون مينهون گهرائي ڏي، نه ته ڪانه جيئنديس." بادشاهه کي ڪاوڙ ته ڏاڍي لڳي، پر نياڻي هيس هڪڙي ۽ سڪليڏي- سو غُصو پي ويو. نوڪرن چاڪرن کي موڪليائين، پر ڪو ڪهڙي مينهن ڪاهيو اچي، ته ڪو ڪهڙي- پهريائتيون ته هزارين، پر هڪ رنگيون ڪٿان اچن؟

آخر وزير کي وري به ساعت ملوڪ ڏانهن موڪليائين، جنهن اچي ڪيس مينهين آڻڻ لاءِ عرض ڪيو. ساعت ملوڪ ڪاوڙجي، وزير کي ڳالهائيندو، گهر ڏانهن ويو. گُلبدن پريءَ هن کان ڪاوڙجڻ جو سبب پڇيو. هن ساري ڳالهه ڪري ٻڌائي، ۽ چيائين ته "آءٌ ته هن وزير مان اڙجي ويو آهيان. هاڻي، هڪ سؤ هڪ رنگي پهريائتيون مينهون آءٌ ڪٿان پيدا ڪريان؟" اهو ٻڌي، گلبدن پريءَ چيس ته "دل نه لاهه، دوستن لاءِ سر به ڏبا آهن. هاڻ هي وينبو پائي، اُڏند ڪتوليءَ ۾ چڙهي،وڏي ديوَ جي جاءِ تي وڃ، ۽ 'پڪڙ سيلهي' به ساڻ ڪنيو وڃ. اُتي پهچندين، ته هڪ قُبو نظر ايندئي، جنهن کي دروازو آهي ئي ڪونه. پوءِ تون هيءُ وينبو اُن قُبي جي پِٽ کي لڳائيندين، ته ان ۾ هڪ دري ٿي پوندي. اتي اندر ڇپر ڪٽ تي هڪ زال وينل ڏسڻ ۾ ايندئي، جا منهنجي ماسات آهي. تون بيڌڙڪ وجي، اُن سان گڏ ڪٽ تي ويهجانءِ... ته يڪدم هڪڙو ديو واڪا ڪندو ايندو. تون به پنهنجي 'سيلهي ڏنبن' کي ڪٽي حڪم ڏج... ته پوءِ هو موچڙن کان ڪڪ ٿي، توکان ڪم جو پڇندو. تون اِهو ڪم اُن تي رکج، ته هو هتن تي پرتا ڪري، مينهون پيدا ڪري آڻي توکي ڏيندو- جي منهنجي ماسات سميت ڪاهي آڻي هتي ڪيد." اها ڳالهه ٻڌي، هي، 'سيلهي ڏنبي' [illegible]، اُڏند ڪتوليءَ ۾ چڙهي وينو، ۽ ان کي چيائين ته "هل مڙي، اتي، جتي [illegible] پريءَ جي ماسات"... ته يڪدم اچي اتي پهتو. پوءِ ڏس موجب قبي جي پِٽ کي وينبو هنيائين، ته يڪدم ان ۾ هڪ دري ٿي پيئي. ساعت

ملوڪ بيخوف وجي، اُن پريءَ سان گڏ ڪٺ تي چڙهي وينو. پري پهريائين اوپرو ماٺهو ڏسي ڇرڪي، ۽ پوءِ جوهُن وٺ پنهنجيءَ ماسات جوويندو ڏنائين تہ ڪپڙن ۾ بہ نہ پيئي ماپي. ويهي ساعت ملوڪ سان ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳي... تہ ايتري ۾ ديوُ بہ ڪڙڪا ڪندو، اچي قبي ڪي ويجهو پهتو، ۽ ساعت ملوڪ ڪي چيائين تہ "اي آدمزاد، توکي ايتري همت ڪٿان آئي، جو منهنجي آستاني اندر اچي وينو آهين!... بيهُ، تہ توکي چڱيءَ طرح ڏسان ٿو!" ائين چئي، جيئن قبي جي ويجهو اچڻ لڳو، تہ ساعت ملوڪ يڪدم 'سيلهي ڏنڊو' سنبرائي، اُن کي چيو تہ "پڪڙ سيلهي، مار وي ڏنڊا- نہ ڇڏ هن ديوَ کي!" بس موچڙن جي ٺَهَہ ٺَهَہ پئجي ويئي... ديوَ جي دانهن تي دانهن پيئي پوي. نيٺ ڪڪ ٿي چيائين، "اي آدم جا ٻچڙا، تون پلي پريءَ کي ونيءِ وڃ، پر منهنجي موچڙن کان جند ڇڏاءِ." ساعت ملوڪ چيس تہ "هيءُ پري تہ ضرور ونيءِ ويندس، پر هڪ سؤ پهرائتيون هڪ رنگيون مينهون يڪدم آڻي ڏي." ديو چيو تہ "حاضر، آڻي ٿو ڏيانءِ، پر ڏندي کي جهل." ساعت ملوڪ چيس تہ "نہ، جيستائين مينهون نہ آڻيندين، تيستائين اِهي موچڙا لڳندا رهندءِ." ديوَ ننڍن ديون کي ٻَچيو، پر مينهون ڪي هڪيون تڪيون تہ بينل ڪونہ هيون، جو يڪدم اچن؟ آخرڪار جيسين مينهون بہ سموريون اچي گڏ ٿيون، تيسين تہ ديو بہ سنجي ڍير ٿي پئجي رهيو. ساعت ملوڪ،پريءَ ۽ مينهن سميت،اُڏند ڪٽوليءَ ۾ چڙهي وينو، ۽ ان کي چيائين تہ "هل ڙي اُڏند ڪٽولي، جتي منهنجو گهر..." تہ انهيءَ ئي گهڙيءَ اچي گهر لٿا. سيئي خوش ٿيا، ۽ وزير بہ خبر ٻڌڻ سان ڊوڙندو آيو، ۽ مينهون بادشاهہ جي اڳيان وڃي حاضر ڪيائين. آخرڪار بادشاهہ جي ڏيءُ اُنهن مينهن جو کير پيئڻ لڳي، ۽ ٿورن ڏينهن ۾ مچي رچي مڳ ٿي پيئي.

هڪڙي ڏينهن، وري هارسينگار ڪري،۽ 'گل ڦل ڪپڙا' پائي، چتونءَ جي اڳيان بيهي، اچي چيائين، "منو، ڪر خبر، مان سهٽي ٿي لڳان!" چتونءَ غريب، خوف وچان ٿڙڪي، شهزاديءَ کي چيو تہ "سائڻ،

آءٌ پکي ذرڙي جيڏو آهيان: هاٿي جي وري سچ ٿو چوان، ته تون مون کي اُڪت مارائي ڇڏيندينءَ." هن چيو ته "ڇا مون توکي اگ ڪڏهن ستايو آهي؟ تون بيشڪ چئي ڏي." طوطي چيو ته "اي شهزادي، تون هينئر ڏاڍي سهٽي ٿي پيئي آهين، ۽ زور به ورتو اٿيئي- سو، هاٿي تون مڙس ڪر، نه ته هيءَ تنهنجي سونهن ۽ جواني بيئي اَجايون." طوطي جي ڳالهه ٻڌي، شهزاديءَ چيو ته "واه! صلاح ته سهٽي ڏني اَٿيئي." ۽ يڪدم پيءُ ڏي چوائي موڪليائين ته "هاٿي مون کي شادي ڪراءِ، نه ته ڪانه جيئنديس." بادشاهه اها ڳالهه ٻڌي، ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ وزير کي چيائين ته "صلاح ڏي ته شهزاديءَ کي مڙس ڪهڙو ڏجي؟" وزير چيو ته "سائين، ساعت ملوڪ کان سواءِ، ٻيو اُن جي لائق آهي ئي ڪونه، جو سندس اَنگل پورا ڪري." بادشاهه کي اها صلاح پسند آئي، ۽ ڌيءُ جي شادي ساعت ملوڪ سان وڏي ڌام ڌوم سان ڪرائي، هن کي پنهنجي تخت تي ويهاري چيائين ته "ابا، هاٿي آءٌ پيرسن ٿي ويو آهيان، تنهنڪري هي ملڪ ۽ تخت تاج سيڪجهه تنهنجي حوالي آهن- ويهي مزي سان حڪومت ڪر." ساعت ملوڪ جون چار زالون ته اگ ئي هيون- پنجين هن جي ڌيءُ به پرڻجي، مزي سان ويهي راڄ ڀاڳ ماڻڻ لڳو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، ساعت ملوڪ جي وڏيءَ راڻيءَ هن کي چيو ته ڪجهه سامان ۽ لشڪر 'سيلهي ڏنڊي' سميت، ساڻ ڪري، منهنجي پيءُ وٽ هلڻ گهرجي، ته جيئن ڪيس خبر پوي ته بخت جي بازي ڇا آهي!" ساعت ملوڪ سندس اها ڳالهه ٻڌي، سنبري تيار ٿيو. هن زال کي به ڪنيائين... ۽ آخر انهيءَ بادشاهه جي شهر جي ٻاهران اچي خيما کوڙيائين. هن کي پيغام موڪليائين ته "اچي پيش پئو، نه ته توسان جنگ آهي." بادشاهه اهو پيغام ٻڌي ڳاڙهو ٿي ويو، ۽ پيغام آڻيندڙ ماڻهوءَ کي اُڪت مارائي ڇڏيائين، ۽ پڻ ساعت ملوڪ سان جنگ جا يڪدم سانباها ڪري، ميدان ۾ اچي يلغار ڪرڻ لڳو. اتي ساعت ملوڪ وٽي جو 'سيلهي ڏنڊي' کي ٻچيو، ته ساري لشڪر تي ڏنڊن ۽ موچڙن جي مارو

مار پئجي ويئي. هيءُ حال ڏسي، بادشاهہ حيران ٿي ويو، ۽ ساعت ملوڪ ڏي صلح جو پيغام موڪليائين، جو هن منظور ڪيو، ۽ بادشاهہ کي مانيءَ جي دعوت ڏنائين. جڏهن بادشاهہ سندس تنبوءَ ۾ آيو، ۽ ماني کائي بس ڪيائين، تڏهن شهزاديءَ بادشاهہ جي اڳيان بيهي چيو تہ "توهان مون کي سڃاڻو ٿا؟" بادشاهہ هن ڏي ڏسي، چيو تہ "نہ." شهزاديءَ چيو تہ "آءٌ اُها اوهان جي ڌيءُ آهيان جنهن کي تو هڪ 'بَڍِي' سان گڏ ملڪ نيڪالي ڏني هئي. اي بادشاهہ! ڏس منهنجي مالڪ جي عطا ۽ عنايت- بخت جي بازي اها اَٿو." بادشاهہ اهو ٻڌي، پنهنجي ڪِئي کي ياد ڪري، ڏڪڻ لڳو، ۽ اکين ۾ آب آڻي ڌيءُ کي ڪُٽي ڀاڪر ۾ ڪيائين، ۽ هن کي وني وجي پيٽن سان ملايائين، جي هن کي ڏسي ڏاڍيون خوش ٿيون.... ۽ ڪيترا ڏينهن سيني گڏجي اتي سک محبت ۽ خيرخوشيءَ جا گذاريا.

پوءِ ساعت ملوڪ، شهزاديءَ کي ساڻ ڪري، موٽي پنهنجيءَ بادشاهيءَ ۾ آيو، ۽ ٻيئي گڏجي، سيني راڻين سميت، آرام سان اُتي ويهي حڪومت هلائڻ لڳا.

●●●

گنجو فقير ۽ گلشن شهزادي

ڳالھ ٿا ڪن تہ ڪنھن زماني ۾، شھزور نالي ھڪڙو بادشاھ ھوندو ھو، جنھن کي روشن ۽ گلشن نالي بہ شھزاديون ھيون- روشن وڏي ھئي ۽ گلشن ننڍي ھئي. بادشاھ پنھنجي ڌيئن جو سڳ ڪنھن سان بہ ڪرڻ پسند نہ ڪندو ھو. وڏي شھزاديءَ جو ويني ويني منٿو بہ اچو ٿي ويو ھو. ننڍي شھزادي پنھنجي وڏيءَ ڀيڻ جو ھيءُ حال ڏسي، دل ئي دل ۾ سوچيندي ھئي تہ "لاشڪ بابو مون کي بہ ويھاري اچو منٿو ڪرائي ڇڏيندو." آخر ھڪ ڏينھن ٻہ ڪيائين، جو بہ گدرا گھرائي- ھڪ وڏو ۽ پاروٿو، ٻيو ننڍو ۽ تازو- ٿالھيءَ ۾ رکي، ڳجھارت طور بادشاھ کي دربار ۾ ڏياري موڪيائين. بادشاھ ھي گدرا ڏسي، وزير کان پڇيو، "ھن ۾ ڪھڙو راز رکيل آھي؟" وزير چيس تہ "قبلا، وڏو ۽ پاروٿو گدرو اوھان جي وڏيءَ شھزاديءَ ڏانھن اشارو ڪري ٿو، ۽ ھي ننڍو ۽ تازو گدرو ننڍيءَ شھزاديءَ ڏانھن. ھنن گدرن موڪلڻ مان مقصد ھي ٿو نڪري تہ اوھان جي ننڍي شھزادي شادي ڪرڻ چاھي ٿي." بادشاھ ھيءَ ڳالھ ٻڌي، تپي باھ ٿي ويو، ۽ ھڪدم ڪوتوال کي حڪم ڏنائين تہ "ڪو اھڙو شخص حاضر ڪر، جو گندي ۾ گندو ۽ ذليل ھجي، جنھن جي ڏسڻ سان پري کان ئي ڪراھت اچي." اھو ٻڌي، ڪوتوال ٻاھر نڪري ڏسي تہ ھڪ گنجو فقير آھي، جنھن کي شھر جا ڪيترا ٻار چريو چريو ڪري پٿر ھڻي رھيا آھن. ڪوتوال انھيءَ فقير کي بادشاھ وٽ وٺي آيو. بادشاھ شھزادي گلشن کي ڪٿي جا ڪپڙا ڍڪائي، انھيءَ فقير جي حوالي ڪري، چيو، "اڄ کان پوءِ ھيءَ تنھنجي زال آھي- ھن کي جيڏانھن وڻيئي، اوڏانھن وٺي وڃ."

فقير، شھزاديءَ کي پاڻ سان وٺي، پنھنجي پوڙھيءَ ماءُ وٽ آيو.

ماڻس هن سان گڏ هڪ سهڻي ۽ نوجوان عورت ڏسي، ڪيس چيو، ”ماريا، هيءَ پرائي جائي ڪٿان ڪٿي آيو آهين؟“ تنهن تي شهزاديءَ انهيءَ پوڙهيءَ کي چيو، ”امڙ، هي مون کي زوريءَ ڪونہ ڪٿي آيو آهي، پر منهنجي پيءُ مون کي رضا خوشيءَ سان هن جي حوالي ڪيو آهي- هاڻي مان تنهنجي پٽ جي زال ۽ تنهنجي نُنهن آهيان.“ شهزاديءَ جا منٺا ٻول ٻڌي، پوڙهي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ کيس ڀاڪر پائي پاڻ سان ويهاريائين. شهزاديءَ ڏٺو تہ گهر ۾ ٻيو تہ ڪجهہ بہ ڪونهي، باقي رڌڻ لاءِ ٽامي جا ديڳڙا ۽ ٿالهيون پيل آهن- سو، اُهو ٽامي جو سامان گنجي کي ڏيئي، چيائين، ”هي وڪڻي ٽڪر جا ٿانو وٺي اچ، ۽ باقي جيڪي پئسا بچن، اُنهن مان نوڙي ۽ ڪاڙهو وٺي اچ، تہ ڪانيون ڪري پيٽ گذران ڪريون.“ گنجي ويچاري کي خدا ڪٿي ههڙي زال ڏياري هئي، سو يڪدم ٽامي جا ٿانو وڪڻي، ٽڪر جا ٿانو، ڪاڙهو ۽ نوڙي وٺي آيو، ۽ پوءِ ڪانئين مان جيڪي پئسا ٿيندا هئس، اُهي شهزاديءَ کي آڻي هٿ ۾ ڏيندو هو. شهزادي اُنهن مان گهر جو خرچ بہ هلائيندي هئي، ۽ ڪجهہ بچائي بہ رکندي هئي.

هڪڙي ڏينهن، هڪ سوداگر شهر ۾ پڙهو ڏياريو تہ ”مون کي نوڪر جي ضرورت آهي: جيڪو نوڪري ڪندو، اُن کي چڱو پگهار ڏيندس.“ گنجي اُهو پڙهو ٻڌي، اچي شهزاديءَ سان ڳالهہ ڪئي. شهزاديءَ کيس سوداگر وٽ نوڪري ڪرڻ لاءِ اجازت ڏني، ۽ کيس چيو تہ ”سوداگر کان هڪ مهيني جو پگهار اڳواٽ وٺي، خرچ پکي لاءِ ڏيئي وڃ.“ هو ڇهن مهينن جو پگهار وٺي، شهزاديءَ کي ڏيئي، سوداگر سان گڏ روانو ٿي ويو.

ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ، سوداگر جو قافلو هڪ ٻريٽ ۾ پهتو، جتي هنن جو پاڻي ختم ٿي ويو. نوڪر پاڻيءَ جي ڳولا ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳا. ويچارو گنجو بہ پاڻيءَ جو ڏول کڻي، اُتي هڪ طرف هليو. واٽ

تي ڪوهه ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو ۽ يڪدم ڏول ڪوهه ۾ وجهي، پاڻي ڪڍڻ لڳو. اجا ڏول کي ڇڪ ڏنائين، ته ڪا شيءِ ڏول کي چهٽي پيئي. هن به نه ڪئي هم نه تم، پنهنجي بازن جو زور لڳائي، ڇڪي ڪڍيائينس ٻاهر. ڏسي ته هڪ حسين عورت ڏول کي چنبڙي پيئي آهي. هن ان کي ٻاهر ڪڍيو، ۽ خبر چار پڇيائينس. هن چيو ته ”آءٌ پري آهيان. منهنجو نالو گلزار پري آهي. مون کي پنهنجي پيءُ ڪاوڙجي هن کوهه ۾ ڦٽو ڪيو هو- اڄ تو اچي مون کي ڪڍيو آهي. هاڻي تون مهنجو مڙس ۽ مان تنهنجي زال آهيان.“ گنجي چيو، ”مون کي اڳيئي هڪ زال آهي؛ جي هن موڪل ڏني، ته پوءِ توسان شادي ڪندس، نه ته نه.“ پريءَ چيس، ”تون مون کي پنهنجي زال وٽ وٺي هل ته مان هن کي منٿ ڪري مڃايان.“ گنجي چيو ته ”آءٌ هڪ سوداگر جو نوڪر آهيان، ۽ ان جي ڪم ڪار جي پنيان وڃي رهيو آهيان، تنهنڪري واپس توسان پنهنجي ڳوٺ هلي ڪونه سگهندس.“ پريءَ چيس ته ”ڀلا وعدو ڪر ته جڏهن سفر تان موٽندين، تڏهن مون کي به ساڻ وٺي هلندين.“ گنجي چيس ته ”جيڪڏهن جيئرو هوندس، ته موٽڻ وقت توکي به پاڻ سان وٺي هلندس.“ ائين چئي، ڏول پاڻيءَ سان ڀري هلڻ لڳو. پريءَ کيس به ڏاڙهون ڏنا، جي وٺي اچي قافلي سان گڏيو، ۽ سيني پاڻي پي ڍؤ ڪيو. ڪجهه وقت آرام ڪري، قافلو اڳتي هلڻ لڳو، ته واٽ تي هڪ ٻيو قافلو گڏين، جو شهزور بادشاهه جي ملڪ ڏي وڃي رهيو هو. ٻنهي قافلن جي سوداگرن پنهنجن ماڻهن کي چيو ته ”جنهن کي به پنهنجن عزيزن ڏانهن نياپو ڏيڻو هجي ته ڏئي.“ هي ٻڌي، گنجي به پريءَ وارا به ڏاڙهون سوداگر جي هٿ، پنهنجي گهر جو ڏس پتو ڏيئي، موڪلي ڏنا.

گنجي فقير وارو قافلو پوءِ منزلون هڻندو، هڪ شهر ۾ اچي پهتو. سامان سڙو لهرائي، سوداگر حڪم ڏنو ته ”جنهن کي به شهر گهمڻ جو شوق هجي، ته ڀلي وڃي گهمي ڦري. اسان هتي به ٽي ڏينهن آرام ڪنداسون.“ ٻين نوڪرن سان گڏ گنجو به شهر گهمڻ هليو، مگر اتفاق

سان رستو پلجي، وجي هڪ جهنگ ۾ پيو. اُتي ڪيس سج لهي ويو، ۽ رات پئجي ويئي. گنجي خيال ڪيو تہ 'هاڻي صبح تائين هتي ترسڻ گهرجي؛ پوءِ ڏينهن شينهن آهي، پاڻيهي پڇائي وجي قافلي سان ملندس.'

اهو خيال ڪري، هڪ وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. اڃا رات جا ٻہ پهر مس گذريا، تہ هن کي ڪن ماڻهن جي هلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اهو آواز ٻڌي، هن ويچاري جو ساهہ ئي سڪي ويو، ۽ سمجهيائين تہ چور آهن، سو اَوس اچي مون کي جهليندا. پوءِ رڙهي، وڻ جي گهاٽن پنن ۾ وڃي لڪي ويٺو. ديرئي نہ گذري، تہ ڏسي تہ چار ماڻهو هڪ ڪاٺ جي جُڙيل پيٽي کڻي آيا، ۽ انهيءَ وڻ هيٺان کڏ کوٽي، پوري هليا ويا. هن کي پڪ ٿي تہ پيٽيءَ ۾ ڪجهہ خزانو آهي- سو، يڪدم هيٺ لهي، کڏ کوٽي، پيٽي ڪڍي ٻاهر ڪيائين. پيٽيءَ جو تالو ڀڃي، ڪٽي جو ڍڪ مٿي ڪري، تہ سبحان الله، پيٽيءَ ۾ هڪڙو ننڍڙو ٻار ستو پيو آهي! هن خال ڪيو تہ 'صبح ٿيڻ تي، چوڪر کي وجي ڪنهن چڱي مڙس جي حوالي ڪندس،' ۽ هو سمهي رهيو.

جنهن ملڪ ۾ گنجو، سوداگر سان گڏ، اچي لٿو هو، تنهن بادشاهہ کي چار راڻيون هيون، ان هوندي بہ ڪيس ڪو اولاد ڪونہ هو. آخر مالڪ جي مهربانيءَ سان سندس هڪ راڻيءَ کي شهزادو ڄائو. شهزادي جي ڄمڻ جو ٻڌي، بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو، مگر سندس ٽن راڻين کي گهڻو ارمان ٿيو-

انهيءَ لاءِ تہ 'شهزادي جي ڄمڻ ڪري بادشاهہ جو پيار وجي ان راڻيءَ سان ٿيندو، ۽ اسان کي پوءِ بادشاهہ ليکيندو بہ ڪونہ.' آخر پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ 'جيڪڏهن شهزادو سلامت رهيو، تہ محل ۾ اسان جي آبرو سلامت نہ رهندي، تنهنڪري شهزادي کي ڪنهن بہ طرح مارائڻ گهرجي.' اها صلاح ڪري، هڪڙي ڏينهن وجهہ وٺي، شهزادي کي

چورائي ڪٽي ويون، ۽ هڪدم چار ٻانها گهرائي، ڪين انعام جي لالچ ڏيئي، تاڪيد ڪيائون تہ ’شهزادي کي پيتيءَ ۾ بند ڪري، اها پيتي ڪنهن هنڌ دفن ڪري اچو.‘ شهزادي جي گم ٿيڻ جو ٻڌي، بادشاهہ سلامت ڏاڍو پريشان ٿيو، ۽ ڪيترا ماڻهو شهزادي کي تلاش ڪرڻ لاءِ موڪليائين، پر شهزادي جو ڪوبہ پتو ڪونہ پيو. جڏهن سج چڙهي آيو، تہ گنجو بہ ننڊ مان اُٿيو، ۽ ٻار کي پيتيءَ سميت ڪٽي شهر روانو ٿيو. شهر ۾ پهچي ڏسي تہ سڀني ماڻهن کي ڪارو لباس اوڍيل آهي. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيس تہ ’بادشاهہ سلامت جو سڪيلڌو شهزادو رات اوچتو غائب ٿي ويو آهي، ان ڪري بادشاهہ جي غم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ رعيت بہ ڪارو لباس پاتو آهي.‘ گنجو ماڻهن جي واتان اها ڳالهہ ٻڌي، سمجهي ويو تہ مون وٽ جيڪو ٻار آهي، اهو لاشڪ تہ شهزادو آهي، هو سڌو بادشاهہ جي درٻار ۾ آيو، ۽ عرض ڪيائين تہ ”جيئندا قبلا، ٻڌڻ ۾ آيو تہ سائينءَ جن جو شهزادو رات کان غائب آهي؛ مون کي رات جهنگ مان هڪ ٻار هٿ آيو آهي- متان اهو اوهان جو شهزادو هجي.“ ائين چئي، پيتي بادشاهہ اڳيان رکيائين. بادشاهہ شهزادي کي ڏسي، ڏاڍو سرهو ٿيو. بادشاهہ جي پڇڻ تي گنجي شهزادي جي هٿ اچڻ جو سمورو احوال ڪري ڪيس ٻڌايو. بادشاهہ گنجي تي راضي ٿي، ڪيترن انعامن اڪرامن سان گڏ، ڪيس هڪ امير جي ڌيءُ جو سڱ بہ ڏيڻو ڪيو، مگر گنجي عرض ڪيو تہ ”عالم پناهہ، مون کي هڪ زال اڳيئي آهي، مان انهيءَ جي اجازت کانسواءِ ٻي شادي ڪري نٿو سگهان.“ جنهن تي بادشاهہ گنجي کي چيو، ”تون اميرزاديءَ کي پاڻ سان پنهنجي ملڪ وٺي وڃ؛ جيڪڏهن تنهنجي بيگم توکي شادي ڪرڻ جي اجازت ڏني، تہ بهتر: نہ تہ اميرزاديءَ کي واپس اسان ڏانهن موڪلي ڏج.“ گنجو انهيءَ ڳالهہ تي راضي ٿيو. بادشاهہ ڪيس بيشمار لشڪر، خزانو ۽ اميرزادي ساڻ ڏيئي رخصت ڪيو. گنجو، بادشاهہ ۽ سوداگر کان موڪلائي، اُتي واپس پنهنجي ملڪ هليو.

هوڏانهن وري گنجي جيڪي پريءَ وارا ڏنل به ڏاڙهون پنهنجي ملڪ موڪلي ڏنا هئا، اُهي ڏاڙهون اچي شهزاديءَ گلشن کي مليا. شهزاديءَ جڏهن ڏاڙهن کي وڍيو، ته منجهن داڻن بدران کيس قيمتي هيرن جا داڻا نظر آيا. شهزادي هيرن جي چمڪ هڪدم پرکي ورتي، ۽ سمورا هيرا ڪڍي ٻاهر ڪيائين. انهن مان ڪجهه هيرا وڪڻي، پنهنجي جهوپڙيءَ واري هنڌ هڪ عاليشان محلات نهرائي، سَس سميت انهيءَ ۾ رهڻ لڳي.

هوڏانهن گنجو به ڪوهه واري پريءَ کي ساڻ وٺيو، منزلون ڪندو، اچي پنهنجي ملڪ پهتو. شهر جي ٻاهران تنبو هڻائي، پريءَ ۽ اميرزاديءَ کي لشڪر سميت اُتي رهائي، پاڻ پنهنجي گهر آيو. اُتي پهچي ڏسي ته نه اُها جهوپڙي آهي، نه شهزادي! انهيءَ هنڌ هڪ عاليشان محلات اڏيل ڏسي، هي ويچارو وائڙو ٿي ويو. اوچتو شهزاديءَ گلشن جي نگاهه دريءَ مان گنجي تي پيئي، سو يڪدم ٻانهي موڪلي کيس اندر گهرايائين. محلات جو رنگ روپ ڏسي، گنجي جا حوصلا ئي خطا ٿي ويا. گنجي جي در ؟افت ڪرڻ تي، شهزاديءَ گلشن کيس ڏاڙهون مان هيرن نڪرڻ جو قصو ڪري ٻڌايو. گنجي به پنهنجو بيان شهزاديءَ کي ٻڌائي، ڪائنس پريءَ ۽ اميرزاديءَ سان شادي ڪرڻ جي اجازت گهري، جا هن کيس خوشيءَ سان ڏني.

هوڏانهن بادشاهه شهزور کي خبر پيئي ته شهر جي ٻاهران ڪنهن ولايت جو غنيم اچي لٿو آهي، سو يڪدم پنهنجي وزير کي خبرچار وٺڻ لاءِ موڪليائين. جڏهن گنجي کي وزير جي اچڻ جو اطلاع مليو، تڏهن شهزاديءَ کان پڇيائين، "ڪهڙو جواب ڏيانس؟" شهزاديءَ چيو، "وزير کي وجي چئو ته مان هڪ شهزادو آهيان- مڙيئي گهمڻ ڦرڻ جي خيال سان اچي هتي نڪتو آهيان: هتي به ٿي ڏينهن رهي، وري ٻئي پاسي ويندس." گنجو وزير سان مليو، ۽ ساڻس خبر چار ڪيائين. وزير ٻڌي خوش ٿيو، ۽ کيس بادشاهه جي طرفان ٽي ڏينهن لشڪر سميت دعوت ڏيئي موٽي آيو. گنجي دعوت واري ڳالهه اچي شهزاديءَ سان ڪئي. تنهن تي

شهزاديءَ چيس تہ ”تي ڏينهن باد شاهہ جي دعوت کائي، تون بہ ڪيس هڪ ڏينهن دعوت ڏجانءِ.“ تي ڏينهن دعوت جا پورا ٿيا، تہ هن بہ باد شاهہ کي دعوت ڏني، جا باد شاهہ قبول ڪئي. جڏهن باد شاهہ وزير سميت گنجي وٽ تنبن ۾ دعوت کائڻ آيو، ان وقت شهزادي گلشن بہ هڪ قيمتي وڳو ڍڪي، باد شاهہ جي سامهون اچي، چيو، ”باد شاهہ سلامت، مون کي سڃاڻو ٿا؟“ باد شاهہ کيس جاچي ڏسي چيو، ”بلڪل نہ.“ تنهن تي شهزاديءَ گلشن، اکين ۾ پاڻي آڻي، چيس، ”بابا سائين، آءٌ توهان جي اُهائي ڌيءُ گلشن آهيان، جنهن کي توهان ڪاوڙجي هڪ گنجي فقير جي حوالي ڪيو هوا هي، جو شهزادو توهان جي اڳيان وينو آهي، سو اُهوئي گنجو فقير آهي، جنهن کي توهان گندو چئي، ڪانئس نفرت ڪري رهيا هئا.“

پوءِ تہ باد شاهہ گنجي ۽ شهزاديءَ گلشن کي سڃاتو، ۽ پنهنجي ڪيل خطا جيَ ڪانئن معافي ورتي، پنهي جڻن جي ڌاڏي ڌام ڌوم سان شادي ڪيائين. اُن کانپوءِ، گنجو فقير پريءَ ۽ اميرزاديءَ سان شادي ڪري، تنهي زالن سان حياتيءَ جا باقي ڏينهن عيش عشرت سان گذارڻ لڳو.

عقلمند شهزادو

هڪڙي باد شاهہ کي ست پٽ هئا. ننڍي پٽ کي باد شا گهڻو پيار ڪندو هو- اُن جو نالو عقلمند هو. ۽ سچ پچ هيءُ سڀني ڀائرن کان عقل ۾ اڪابر هو. ڀائرن جي پاڻ ۾ ڏاڍي محبت هوندي هئي. هڪڙي ڏينهن، شڪار ڪرڻ لاءِ ست ئي ڄڻا سنپري نڪتا. خيال ڪيائون تہ بہ چار ڏينهن ساندهہ شڪار ڪري پوءِ گهر موٽجي. انهيءَ خيال سان، شڪار جي چوس ۾ هلندي هلندي ٽئين ڏينهن پنهنجي ملڪ جي حد کان ٻاهر نڪري ويا. سڄو ڏينهن شڪار ڪرڻ کانپوءِ، هنن ڪنهن وسهن جي ڳولا ڪئي. پري کان هنن کي هڪ وڏو محلات نظر آيو. اُتي وڃي ڏسن تہ چوڌاري باغ باغيچا لڳا پيا آهن. تن جي پر ۾ هڪ محلات آهي، جنهن ۾ بين ننڍن ڪمرن کان سواءِ ست وڏا ڪمرا آهن، ۽ ستن ئي ڪمرن جي دروازن تي ست نوجوان شهزاديون هار سينگار ڪيو بيٺيون آهن. هي جڏهن ويجها پهتا، تہ اُنهن مان وڏيءَ چيو: ”ادي، اسان جا مڙس اچي ويا.“ پوءِ هڪڙيءَ هڪڙيءَ ڄڻيءَ وڏي اچي هڪ هڪ شهزادي جو گهوڙو ورتو. هي حيران ٿي ويا، پر دل جهلي انهن کان حال احوال پڇيائون. هنن ٻڌايو تہ ”اسان هن ملڪ جون شهزاديون آهيون.... اسان جو پيءُ مري ويو آهي، ۽ مرڻ وقت چئي ويو آهي تہ ’اوهان جا مڙس اوهان جي ڳولا ۾ هت ايندا‘ - ڪيترن ڏينهن جي انتظار کان پوءِ اڄ اوهان آيا آهيو.... هاڻي اسين اوهان جي ملڪ آهيون.“

پوءِ تہ زالن جي شوق ۾ هنن کان ملڪ ۽ مائٽ سڀ وسري ويا، ۽ ست ئي ڀائر اتي ڏيرو دمائي ويهي رهيا. صبح جو شڪار تي ويندا هئا، ۽ شام جو موٽي ايندا هئا. عقلمند پنهنجي ڀائرن جا گهوڙا سنجيندو هو، تنهنڪري شهزاديون سمجهنديون هيون تہ هو سندن نوڪر آهي، ۽ انهيءَ

تي پنهنجي نُنڍيءَ پيٽ ڪي چيڙائيندڙيون رهنديون هيون. ننڍي راڻي سيني
ڪان سياڻي هئي، تنهن اُن ڳالهه ڏانهن گهڻو خيال نه ڏنو، پر نيٺ عقلمند
ڪان هڪ رات حقيقت پڇيائين. عقلمند چيس: ”هاڻي هيئن ڪر، جڏهن
منهنجي ڀائرن کي ننڊ اچي، تڏهن وڃي ڪين جاڳاءِ، ۽ چوين ته اوهان جي
ڀاءُ عقلمند کي پيٽ ۾ سور پيو آهي.“ هن ائين ڪيو ته ڇهه ئي شهزادا
روئندا پٽيندا اُٿيا، ۽ جتيون ۽ پٽڪا به هٿ ڪين آين. شهزاديءَ کي پڪ
ٿي ته هي پاڻ ۾ ڀائر آهن. هن جي عقلمند سان ڏاڍي محبت هئي،
تنهنڪري هن عقلمند کي ٻڌايو ته ”اسين شهزاديون نه آهيون، پر ڏائڻيون
آهيون- جڏهن اوهان کي هتي ست راتيون پوريون ٿينديون، تڏهن اوهان
کي ماري، اوهان جو گوشت کائينديونسين.“ عقلمند اها ڳالهه ٻڌي ڪنبي
ويو، ۽ چيائينس: ”ڀلا تون مون کي به کائيندينءَ؟“ ڏائڻ چيس: ”جي
توکي کائڻ جو خيال هجيم ها، ته توکي ٻڌايان ڇو ها؟“ هاڻي هيئن ڪر،
جو پنهنجي ڀائرن کي شڪار تي موڪلي، تون سياڻي هتي ترس، ۽ ويهي
اسان جو تماشو ڏس.“ عقلمند صبح جو ڀائرن کي چيو: ”اوهان اج ڀلي
شڪار تي وڃو، مان ڪجهه خوش نه آهيان.“ پهريائين ته هن جا ڀائر
شڪار تي نه پيا وڃن پر پوءِ تيار ٿيا. گهوڙن کي سنجڻ لڳا، ته سنج
وجهڻ ئي نه پيا اُچنن.... نيٺ عقلمند اٿي گهوڙا سنجي ڏنن. ننڍيءَ ڏائڻ
کي هاڻي خبر پيئي ته روز عقلمند چو ڀائرن جا گهوڙا سنجيندو آهي.
جڏهن عقلمند جا ڀائر شڪار تي ويا، تڏهن عقلمند جي زال مڙس کي
ڪنجيون ڏيئي، چيو ته ”اسان شڪار تي ويندئونسين- پنيان تون سڀ
ڪوٺيون جاچي ڏسجانءِ.“

ڏينهن ڪجهه مٿي چڙهيو، ته ڏائڻيون شڪار لاءِ اُڏامي هليون ويون.
هنن جي وڃڻ ڪانپوءِ، عقلمند پهرين ڪوٺي وڃي کولي- ڏسي ته ان ۾
ست گهوڙا اهڙي قسم جا بيٺا آهن، جو وني جو هوند پنڌ ڪن، ته پکين
جي به ساڻن مه حال نه آهي. ٻي ڪوٺي وڃي ڏسي ته سڄي شاهي هٿيارن
سان ڀري پيئي آهي. ٽين کولي ڏٺائين. ته سڄي ماڻهن جي سِسين سان

سٽيل نظر آيس، جن سيني هن کي ڏسي پهريائين ته روئي ڏنو، پر پوءِ بيهي کلڻ لڳيون. عقلمند حيران ٿي اُنهن کان روئڻ ۽ کلڻ جو سبب پڇيو. سرين ٻڌايس ته ”روئڻ انهيءَ ڪري هو ته تو جهڙو سهڻو جوان سٺن راتين کانپوءِ مارجي ويندو، ۽ تنهنجي سسي به اچي اسان سان ملندي. کلون انهيءَ ڪري ٿيون ته پوءِ به کهڙي ڳالهه آهي! اسين به ته نيٺ تو جهڙن شهزادن جون ئي سسيون هيونسين!“ عقلمند کي پڪ ٿي ته هتي جيئڻ محال آهي. پوءِ هي يڪدم ڪونيون بند ڪري، چپ چاپ اچي سمهي رهيو.

جڏهن شام ٿي، تڏهن ڏائڻيون ۽ هن جا پائر آيا. رات جو عقلمند زال کي چيو: ”مون سپڪجهه ڏٺو. هاڻي مون کي يقين آهي، ته تو جيڪي چيو، سو سچ آهي. پر خدا جي نالي منهنجي پائرن جو بچاءَ ڪر، باقي آءٌ حاضر آهيان.“ ڏائڻ چيس: ”خيال نه ڪر، تنهنجي صدقي اُهي به بچي پوندا. هاڻي هيئن ڪجو، جو صبح جو سوير، شڪار جي بهاني اٿي، پنهنجي ملڪ ڏانهن روانا ٿي وڃجو، ۽ جڏهن شام ٿئي، تڏهن ڪنهن ٽڪر تي چڙهي، گهوڙن جون ڪُچون ترارين سان ڪپي، اُتي ويهي رهجو.... ۽ جڏهن اسين ڳوليندي‌يون ڳوليندي‌يون توهان وٽ اچي پهچون، تڏهن اوهان چئجو ته ’اسان اڄ رات هتي رهي، صبح جو شڪار ڪندا ڪندا گهر موٽندا سون، اوهان پنهنجا گهوڙا اسان ڏانهن ڏياري موڪلجو‘ !“

جڏهن صبح ٿيو، تڏهن هِتي شڪار تي روانا ٿيا. اتي عقلمند پنهنجي پائرن کي سچي حقيقت ٻڌائي، چيو ته ”جيترو ٿي سگهي، گهوڙن کي هڪليو.“ سيني کي ساهه جي لڳي ويئي، ۽ اهڙو گهوڙن کي چوٽ چڏيائون، جو ٻن ڏينهن جينترو پنڌ هڪڙي ڏينهن ۾ ڪڍي آيا. جڏهن شام ٿي، تڏهن هڪ ٽڪريءَ تي چڙهي ويا، ۽ اُتي گهوڙن جون ڪُچون ڪپي، ويهي رهيا.

شام ٿي ۽ هي جو ڪونه موٽيا، ڏائڻين ائين کي شڪ پيو ته شهزادا

شايد پڄي ويا. سيئي صلاح ڪري، هنن کي ڳولڻ نڪتيون، ۽ نيٺ هنن کي ڳولي اچي لڌائون، جڏهن وٽن پهتيون، تڏهن شهزادن چيو: "اسان کي اڄ شڪار نہ لڳو آهي.... تڪر ۾ گهوڙن جا سنب بہ ڦٽجي پيا آهن- هاٿي کي اوهان گهوڙا موڪليو تہ پوءِ گهر اچون." اهو ٻڌي، هي موٽي ويون، ۽ يڪدم پنهنجا سامونڊي گهوڙا وٺي آيون. جڏهن هنن شهزادن کي هلڻ لاءِ زور رکيو، تڏهن عقلمند چيو تہ "اسان جي عادت آهي تہ هٿين خالي گهر نہ موٽندا آهيون. سڀاڻي شڪار ڪري، پوءِ گهر ايندا سين." ڏائڻيون هليون ويون، ۽ هنن گهوڙن تي زينون رکيون، ۽ جيترو ٿي سگهين، گهوڙن کي وٺي هڪليائون- سڄي رات ۽ ٻيو ڏينهن گهوڙا ڪاهيائون. رات ٿي، هو نہ موٽيا، سو ڏائڻيون صلاح ڪري وري هنن جي ڳولا ۾ نڪتيون. ننڍيءَ ڀيڻ گهڻو ئي هيڏانهن هوڏانهن تيڙين، پر نيٺ ڪيترو ٽڙن! پري ڪان ڪنهن مهل ڏٺائون تہ مڙس وڃن ٿا اُڏاٽا! ڏائڻين کي ڏسي، ويتر هنن بہ گهوڙن تي مار وڌي. دنگ باقي ٻن چئن وکن تي رهيو.... ٻيا سڀ ٽپي ويا، باقي عقلمند، جو سڀني جي پٺيان هو، تنهن جي گهوڙي جي پڇ ۾ هڪ ڏائڻ جو هٿ پئجي ويو. ننڍيءَ ڏائڻ سمجهيو تہ هاٿي جوان جو سر ٿو وڃي، تنهن رڙ ڪئي تہ "انڌا، گهوڙي جو پڇ نٿو ڪپين." عقلمند ڪڍندي ترار گهوڙي جي پڇ تي وهائي ڪڍي، تہ پڇ ڪپجي وڃي پري پيو، ۽ گهوڙو ٽپي وڃي دنگ جي هن پار ٿيو. ڏائڻيون هٿ ملي ٻيهي رهيون، ۽ پنهنجي ڀيڻ کي ميارون ڏينديون، موٽي ويون.... ۽ شهزادا صحيح سلامت اچي پنهنجي ملڪ پهتا.

ڪجهہ ڏينهن گذريا، تہ عقلمند کي اچي انهيءَ ڏائڻ جي سڪ ٿي. مڙس خيال ڪيو تہ ڪجهہ بہ ٿي پوي، پنهنجي محبوب جو منهن ضرور ڏسندس. يائرن گهڻو ئي سمجهايس، پر هي پڙ ڪڍي بيٺو. آخر عقلمند کان جيڪو وڏو ڀاءُ هو، تنهن چيو: "ادا جي تون وڃين ٿو تہ مان بہ توسان هلندس- توکي اڪيلو ڪيئن ڇڏيان!" پوءِ ٻيئي ڄڻا اٿي اوڏانهن روانا ٿيا.

هڪليندا هڪليندا هڪڙي ڪوهہ جي پرسان اچي مانجهاندو ڪرڻ لاءِ هڪ پيپر هينان لٿا. عقلمند جو ياءُ گهوڙن جون واڳون ڪڍي، ويو پاڻي پرڻ، تہ ڏسي تہ ڪوهہ جي ڳل تي هڪ پٿر مٿان هڪ اهڙي مورت چٽيل آهي، جو اهڙي سهڻي عورت نہ دنيا ۾ پيدا ٿي نہ ٿيندي. هن خيال ڪيو تہ جيڪڏهن عقلمند اها مورت ڏٺي، تہ انهيءَ تي عاشق ٿي پوندو. پوءِ اڳلي ڪان بہ چڳلي ٿي پوندي. اهو خيال ڪري، هن ڪوهہ مان پاڻي ڪڍيو، ۽ گارو ناهي، انهيءَ مورت کي ان سان لنبي ڇڏيائين. پاڻ پوءِ پاڻي پري ڪٺي آيو، ۽ ماني ٽڪي تيار ڪري، ڪائي پي، سمهي رهيا. اُٿڻ مهل پاڻيءَ جي ضرورت ٿين. عقلمند جو ياءُ پاڻيءَ لاءِ وڃڻ لڳو، تہ عقلمند روڪيس- چي، ”هاڻي منهنجو وارو آهي.“ هن گهڻوئي رَوڪيس، پر عقلمند نہ مڙيو ۽ جڏهن ڪوهہ تي ويو، تہ اها مورت ڏسي بيهوش ٿي ويو. ياٽس وجي ڪيس ڪنيو، ۽ پاڻي وجهي هوش ۾ آنڌائينس. ياٽس منهن ورائي جو ڏسي، تہ اها ساڳي مورت جيئن پهرين ڏٺي هئائين، تيئن پٿر مٿان صاف ٿي صاف ائين بيٺي آهي! عقلمند جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن ياءُ کي چيائين: ”جيڪڏهن انهيءَ مورت واري عورت پرڻائين تہ واهہ، نہ تہ اسان جو مڙهہ مقام انهيءَ ڪوهہ تي آهي.“ عقلمند جو ياءُ حيران ٿي بيهي رهيو.... ڪو چارو نہ پيو سجهيس. ياءُ کي چيائين: ”تون وري ساڳئي هنڌ ٿي ويهہ، تہ مان ڳولا ڪريان.“ هن وري بہ گارو ناهي، انهيءَ مورت کي لنبي ڇڏيو، ۽ پاڻ ويهي تماشو ڏسڻ لڳو. جهٽ ڪانہ گذري تہ هڪ ڪارو نانگ اچي انهيءَ مورت تي ليٽڻ لڳو، ۽ اُتي جو اُتي وري اڳي وانگر مورت صاف ٿي ويئي. هن سمجهيو تہ حرڪت پڪ ئي پڪ انهيءَ نانگ ۾ آهي. پوءِ هن ڪوهہ ۾ چتائي، جو ڏٺو، تہ ڏسي تہ ڪوهہ جي پاسي ۾ هڪ دري لڳل آهي، پر بند آهي. گمان ٿيس تہ ضرور انهيءَ دريءَ اندران ڳالهہ جو پتو پوندو. اهو خيال ڪري، هيءُ ياءُ وٽ آيو. ياءُ کي چيائين: ”گهوڙي جون واڳون ڳنڍ، ۽ مون کي ڪوهہ ۾ لاهہ.... پوءِ ٿيڻو هوندو، تہ گهٽو ڪجهہ ٿي پوندو.“ عقلمند واڳون ڳنڍي ياءُ کي ڪوهہ ۾ لاٿو. هي سڌو انهيءَ دريءَ

وٺ ويو. اندرئين پاسي، انهيءَ مورت واري شهزادي ويٺي هئي، ۽ هڪ ديو سندس گوڏي تي سر رکيو، ستو پيو هو. شهزادي هن کي ڏسي عبرت ۾ پئجي ويئي، ۽ اشاري سان کيس چپ رهڻ لاءِ چيائين، ۽ پوءِ آهستي آهستي اٿي دري کولي ڇڏيائين. ائين ڪندي، شهزاديءَ دريءَ مان منهن ڪڍي، مٿي جو ڏنو، ته عقلمند نظر آيس. ٻنهي جون اکيون اٽڪي ويون. عقلمند جي پاڻ شهزاديءَ کي اشارو ڏيئي چيو: ”تون گوڏو ڪڍي ٻاهر ٿي ته مان گوڏو ڏيانس.“ شهزادي پهريائين ته ڪجهه هبڪي، پر پوءِ همت ٻڌي اُٿي، ۽ پڙڪو ڏيئي هڪدم وڃي کوهه جي پگهه تي پير ڪوڙيائين. هيڏانهن عقلمند به ڪٿي گهوڙي تي چاڙهيس، ۽ وني ڪٿي گهوڙي کي اڙي هنيائين، ۽ پنتي پاڻ ڏانهن نهاريائين به ڪين.

ديو کي جڏهن جاڳ ٿي، تڏهن چيائين: ”او منهنجا يار!“ عقلمند جي پاڻ ورندي ڏنيس: ”تنهنجي يار کي ڪٽي ويو منهنجو يار.“ ديو خار مان چيس: ”بيوقوف! اُهو يار نه هو، پر يارن جو خار هو- ياريءَ جا پنڌ اجا پري آهن.“ ديو کي وري به ننڊ ڪٽي ويئي. وري جاڳي دانهن ڪيائين: ”او منهنجا يار!“ هن وري به جواب ڏنس: ”تنهنجي يار کي ڪٽي ويو منهنجو يار.“ ديو وري به چيس” بيوقوف، اهو يار نه هو پر يارن جو خار هو- ياريءَ جا پنڌ اجا پري آهن.“ اهڙيءَ طرح جڏهن ديو ٽيون دفعو سڏيو ۽ هن ساڳيو جواب ڏنس، تڏهن ديو چيس: ”بيوقوف، ٻڌ ته مان تو کي يارن جي ڳالهه ٻڌايان.“

”سوداگرزادي ۽ چاڪيءَ جي پاڻ ۾ ياري هئي. جڏهن سوداگر واپار تي ويندو هو، ۽ ڇهه ڇهه مهينا لائي پوءِ موٽندو هو، تڏهن انهيءَ وچ ۾ چاڪي وڃي سوداگر جي گهر ٽڪندو هو، ۽ رات جو سوداگر جي زال سان ساڳيءَ کٽ تي سمهندو هو. شهر ۾ اها ڳالهه هُلي ويئي، ۽ ڪن وڃي بادشاهه جا ڪن ڀريا. بادشاهه رات جو ڇمڙا پوش ڪري وڃي سوداگر جي گهر جي پر ۾ لڪو. سنجهو ٿيو، ته چاڪي آيو، ۽ هنڌ وڇائي سوداگر جي زال سان وڃي ستو. بادشاهه ڏٺو ته سوداگر جي زال بيحد

سهڻي آهي، ۽ هن کي پڪ ٿي ته چاڪي انهي زال سان ضرور ڪريل آهي. پر اهڙو لقاءُ اڪين سان ڏسڻو هوس. ٿوريءَ دير کان پوءِ ٻنهي کي ننڊ ڪٽي ويئي. ننڊ ۾ جيڪڏهن مائيءَ جي ڪپڙي جو پلؤ اچي چاڪيءَ کي ٿي لڳو، ته چاڪيءَ رڙ ٿي ڪئي- 'ادي پنهنجو ڪپڙو سنڀال' ، ۽ جي وري چاڪيءَ جو پلؤ مائيءَ کي ٿي لڳو ته اُنهيءَ دانهن ٿي ڪئي- 'ادا ڪپڙو سنڀاري پؤ.' بادشاهه سڄي رات اهو تماشو ڏسندو رهيو. صبح جو وزير کي چيائين: " 'چاڪي بيشڪ وفادار دوست آهي. وزير چيو: "برابر سائين، چاڪي وفادار آهي." پوءِ ٻيئي ڄڻا چاڪيءَ وٽ هلي آيا. چاڪي گهاڻو هلائي رهيو هو، وڏي بادشاهه ۽ وزير کي ادب سان مليو، ۽ هٿ ٻڌي، اچڻ جو پڇيائين. بادشاهه چيو: "مان توسان ياري رکڻ آيو آهيان." چاڪيءَ عرض ڪيو: "قبلا، مان تيلي آهيان، ڪائڻ جيترو به ڪونهيم، سو مان ڪيئن ياريءَ جهڙو ٿيس!" بادشاهه چيو: 'ڪجهه به ٿي پوي، مان ضرور توسان ياري رکندس.' چاڪيءَ ڏنو ته بادشاهه نه مڙندو، تنهنڪري هن کي هڪ پراڻو تڏو وڇائي ڏنائين، ۽ زال کي چيائين ته 'جوئر جي رٻ اهڙي تيار ڪر، جا پيئڻ سُرڪڻ جهڙي هجي.' جڏهن رٻ تيار ٿي، تڏهن نڪر جي ٻن پڳل پيالن ۾ وجهي، آڻي حاضر ڪيائين. وزير ته سڙي ويو، پر بادشاهه بسم الله ڪري رٻ سرڪڻ شروع ڪئي. لاچار وزير به رٻ چٽي پوري ڪئي.... ۽ پوءِ چاڪيءَ کان موڪلائي ٻيئي هليا ويا. وزير بادشاهه کي چيو: 'ڪميڻي چاڪيءَ اسان سان ڪريز ڪري ڇڏي آهي، اوهان به قهر ٿا ڪريو!' بادشاهه هن کي جواب نه ڏنو.... پر ٻئي ڏينهن چاڪيءَ وٽ پاڻ اڪيلو ويو. چاڪيءَ بادشاهه کي اڪيلو ڏسي، سندس ڏاڍي آجيان ڪئي، ۽ وڃي مٿي ماڙيءَ تي ويهاريائينس. زال کي چيائين: 'پلي ۾ پلا ڪاڏا تيار ڪر.' بادشاهه ڪاڏو ڪائي اڇرج ۾ پئجي ويو. وري جو چاڪيءَ جي زال ڏنائين چوڏهينءَ جو چنڊ، تڏهن ته وڏيڪ حيران ٿي ويو.... ۽ سندس دل کوٽي ٿي پيئي. چاڪيءَ به تاڙي ورتو ته بادشاهه جي نيت ۾ خلل آهي. پوءِ بادشاهه کي ويهي زور ڏيڻ لڳو. بادشاهه جو خيال هجي ته چاڪي ننڊ ڪري ته سندس

زال سان محبت جا ڪي بہ ٻول ونديان، پر چاڪي زورن ڪان بس نہ ئي ڪري، ۽ بادشاھ جي روڪڻ تي بہ نہ مڙي. ٿيندي ٿيندي، ائين ئي سچ اُبري ويو. چاڪيءَ، بادشاھ جي پيرن تي هٿ رکي، چيو: 'سائين ياريءَ جا پنڌ اجا پري آهن... جيڪڏهن مان ننڍ ڪريان ها، تہ تنهنجي نيت ڪا ٻي هئي. هل تہ مان توکي پنهنجا دوست ڏيکاريان. هاڻي، تون ڪوتوال جا ڪپڙا ڪري، مون کي هٿ ڪڙيون هڻي، سوداگر جي زال وٽان هلي لنگهہ.' بادشاھ تماشي ڏسڻ لاءِ ائين ڪيو. جڏهن چاڪيءَ سوداگر جي گھر وٽان اچي لنگهيو، تڏهن بادشاھ هڪل ڪري چيو: 'هل ڙي چاڪي، تو بہ گهٽا ڏينهن ملڪ کاڌا آهن!' مائي، چاڪيءَ جي نالي ٻڌڻ سان ئي ڊوڙي دروازي تي آئي، ۽ ڪوتوال کي ڏسي ڏڪي ويئي، ۽ چوڻ لڳي: "ادا انهيءَ کي ڇڏي ڏي، جيتري دنيا وٺيئي، مون کان وٺ." بادشاھ چيو: 'اصل نہ ڇڏيندو سانس.' مائيءَ چيو: 'هيءَ سڄي جائداد تون وٺ، مان رڳو گندي مٿي تي رکي، ٻاهر نڪري ٿي ٻيهان- پر تون چاڪيءَ کي ڇڏ!' چاڪيءَ بادشاھ کي چيو تہ 'هاڻي فلاڻي مڪان وٽ هل.' بادشاھ هن کي اوڏانهن وٺي ويو، ۽ مڪان جي ٻاهران هڪل ڪيائين: 'هل ڙي چاڪي، تو بہ گهٽا ڏينهن ملڪ کاڌا آهن!' مڪان ۾ هڪ ملنگ وينو هو، جنهن اهو آواز ٻڌي، ٻاهر اچي ڏٺو تہ ساڳيو چاڪي سندس دوست آهي. بس، پوءِ تہ پنگ وارو ڏنڊو کڻي، بادشاھ تي سنئو ٿي آيو، ۽ چيائينس تہ 'چاڪيءَ کي ڇڏ، نہ تہ هڪڙوئي ڏنڊو سر ۾ ڏيندو سانءِ.' بادشاھ لاچار ٿي، چاڪيءَ کي ڇڏي ڏنو. هلندي ويل، چاڪيءَ بادشاھ کي چيو: 'دوستي ائين ٿيندي آهي.' بادشاھ قبول ڪيو تہ 'بيشڪ تنهنجي دوستيءَ جي ڏانءُ جو آءٌ نہ آهيان!' "

ديو، ائين چئي، هن جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي، وٺي جو جهوٽو ڏنس، تہ وڃي ڪوھ کان ٻاهر پيو. اُتي ڏسي تہ سندس گهوڙو ٻڌو بينو آهي، باقي نہ عقلمند نهي ۽ نہ شهزادي. هيءُ سنئو گهر آيو... اُتي عقلمند مليس، جنهن کي چيائين: "ادا، ديو سلام ڏيندو هوءِ!" عقلمند، شرمندو ٿي، ڪٽي پاءُ کي پاڪر وڌو.

●●●●

شينهن مار شهزادو

هڪڙي بادشاهه پنهنجي وڏهڻ ڌيءُ جو سڱ پاڙي جي هڪڙي شهزادي کي ڏنو. شهزادو هن سان ڳالهيون ته منيون منيون ۽ پيار پريون ڪندو هو.... پر ٻيو ڪو هٿ پير ڪٿي هن کي لائي- سو ٺيو خير! ۽ ائين سڄو سال گذري ويو. هڪ ڀيري شهزادي کي ساهرن وٽان ماڻهو آيا ته 'شهزاديءَ سميت اسان وٽان ڦيرو ڪري وڃو.' شهزادو ۽ شهزادي پوءِ گهوڙي تي سوار ٿي اوڏانهن روانا ٿيا. شهزادي جي ساهراڻي شهر ڏانهن وڃڻ جا ٻه رستا هئا: هڪڙو سڌو ۽ ويجهي پنڌ وارو هو، پر انهيءَ رستي تي هڪڙو ببر شينهن ڏسائبو هو، جنهنڪري ڪنهن کي به اهو رستو ڏيئي اوڏانهن وڃڻ جي همت ڪانه ٿيندي هئي؛ ۽ ٻيو رستو ڦيري تي ۽ ڊگهي پنڌ وارو هو، جنهن تي ڪوبه ڊپ ڊاءُ ڪونه هو. شهزادي چيو ڪيو، جو چيڙي ڪري، سڌو ۽ ويجهي پنڌ وارو رستو ڪٽي ورتائين، ۽ وني گهوڙي کي هڪليائين. ڳوٺ ڇڏي، ٿورو اڳتي هليا، ته هڪڙو گهاٽو جهنگ آڏو آين، ۽ دل جهلي، شهزادو ان گهگهه اونداهيءَ جهنگ ۾ گهڙي پيو. اوچتو هڪڙو شينهن شير خدا جو، گهوڙي جي سنبن جو آواز ٻڌي، رستي تي اڳيان ڦري آين. شينهن کي ڏسي، شهزادو گهوڙي تان لهي پيو، ۽ ڪٻي هٿ ۾ گهوڙي جي واڳ جهلي، ساڄي هٿ ۾ مياڻ مان ترار ڪڍي، خدا کي سنڀالي، ڪٿي جو هٽي شينهن کي، ته ٻه ڳچ ٿي پيو. شينهن جو ڪم پورو ڪري، گهوڙي تي چڙهي، وري ٻيئي زال مڙس هڪلي اتي هلڻ لڳا. وات تي شهزادي راڻيءَ کي چيو ته "خبردار! جيڪڏهن هيءَ ڳالهه مائٽن سان ڪئي اٿئي. شينهن ماريو آهي ته مون ماريو آهي، پر جي اها ڳالهه مائٽن سان ڪيئي، ته شينهن وانگر تنهنجي سسي به پرزات ڪندي ويندي." راڻيءَ وراڻيو ته "جيڪڏهن اوهان جي مرضي ائين آهي، ته پوءِ مون کي ڳالهه ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو!" پوءِ ٻيئي ڄڻا منزلون ڪندا، خير

سان اچي ساهرين سهڙيا.

شهزادو تہ بادشاهہ وٽ باهر دربار ۾ ترسي پيو، باقي شهزادي وچي پهتي محلات ۾- ۽ ماءُ ماسين، ۽ پيٽن ڀاجاين سان ڏاڍي حب سان ملي ويهي رهي، ۽ ويهي هڪبئي کي پنهنجا پراوا حال احوال ڏنائون ورتائون. شهزاديءَ جي اچڻ جو ٻڌي، اوسي پاسي جون ساهيڙيون ۽ جيڏيون بہ اچي گڏ ٿيون. ڪا سندس منهن ۾ چتائي پيئي ڏسي، تہ ڪا وري سندس وڪون پيئي جانچي تپاسي. نيٺ جڏهن جانچ پڙتال ڪري پوري ڪيائون، تڏهن نااُميد ٿي، ڳلن کي هٿ ڏيئي، ويهي هڪبئي جي

منهن کي تڪڻ لڳيون. چي، "ٻڙي! تو سان ڪهڙي پچار! جهڙو جيءُ ڪٽي وئينءَ، اهڙوئي سڪٽو جيءُ ڪٽي موٽينءَ! ڪين آهين ٻن جيئن واري! ڪجهہ تہ مائي اسان سان بہ ڇُلي ڳالهاءِ!" شهزادي ويچاري شرم جي ماري، حال تہ بيو ڪجهہ بہ چئي نہ سگهي... باقي تڏا ساهہ ڪٽي ڪٽي، سيني کي ڏڪائي ڇڏيائين. نيٺ گهٽين ڳُڙڪين ڪائڻ ڪانپوءِ، ڏرتي ۾ اکيون گنوائي، چوڻ لڳي: "ٻڙيون، وائي آنا ڪا پيٽ ڇائي لاهي، تہ مان

ڏوهارڻ... ور، جو هوندو ڏهه ڏوڪڙ لسا، تنهن ۾ ڪنهن جو ڪهڙو قصور!" انهيءَ تي شهزاديءَ جي ماءُ هڪدم بادشاهه کي گهرائي، پنهنجي منهن سموري حقيقت پيرائتي ڪري ٻڌايس. بادشاهه ڏاڍو غمگين ٿيو، ۽ پنهنجن خاص اميرن ۽ وزيرن سان ڪن ڪنڊ ۾ صلاح ڪيائين ته "شهزادي ظلم جي منهن ۾ اچي ويئي آهي....هاڻي ڇا ڪجي؟" سڀني صلاح ڏنيس ته "شهزاديءَ جا انهي شهزادي مان هڪدم پَلو آزاد ڪرائجن، ۽ هن کي فوراً ڪٿي ٻئي هنڌ اٿارڻ جو بندوبست ڪجي!"

بادشاهه خيال ڪيو ته 'جي ٿو نياڻيءَ کان زوريءَ نڪاح ڇڏايان، ته به گلا ٿيندي.... ۽ جي ٿو شهزادي کي ڳجهه ڳوهه ۾ مارايان، ته به ڳالهه ڍڪي ڪانه رهندي، ۽ خدا جو ڏوهاري ڌار ٿيندس- جن کي خبر پوندي سي چوندا ته بادشاهه الائي ڪهڙيءَ لالچ تي ڌيءُ کان هڪڙو مڙس ڇڏائي، وري ڪٿي ڪيس ٻيو مڙس ڏنو!' تنهنڪري، سوچي سوچي، اميرن وزيرن سان گڏجي ويهي، بادشاهه آخر هيءَ رٿ بيهاري ته 'پنهنجي فلاڻي لڙهه ۾ هڪ خوفناڪ بلا رهي ٿي، جا ڪابه شيءِ ڏسي ٿي يا جيڪو به سامهون وجيس ٿو، تنهن کي ماريو ٿي وجهي ۽ کايو کپايو ڇڏي- ڪيترائي دلير ۽ نالي وارا شڪاري اڳي ئي ختم ڪري ڇڏيا اٿس- سو، ڇو نه هن شهزادي کي به انهيءَ بلا جي منهن ۾ ڏجي!' اهو پهه ڪري، بادشاهه پڙهو ڏياريو ته "اسان جي بادشاهيءَ ۾ جنهن به شخص ۾ جوانمرديءَ جو انگ هجي، سو مقرر ڏينهن تي شڪار ۾ شامل ٿئي- فلاڻي لڙهه ۾ هلبو!" عام ماڻهن کي، جو خبر هئي ته انهيءَ شڪار ۾ وڃڻ موت کي سڏڻو آهي، تن مان ڪوبه شامل ڪونه ٿيو... باقي بادشاهه جا ڪي خاص پڙهايل سيکاريل ماڻهو، هشيار پنهوار پهري، گهوڙن تي سوار ٿي، مقرر ڏينهن تي ڊوڙي اچي گڏ ٿيا. هيءُ شهزادو به، پوريءَ طرح سان تيار ٿي، اچي انهن سان شامل ٿيو. پوءِ سڀيئي گڏجي، اٿي لڙهه ڏي روانا ٿيا. جڏهن هلندي هلندي، لڙهه جي ويجهو پهتا، ۽ شڪار جي حد ۾ پير پاتائون، تڏهن صلاح بيهاريائون ته 'شڪار تي هرڪو پنهنجي پنهنجي منهن حملو ڪري. سامهون بيٺل وڏي وڻ وٽ ميلُ

آهي- سيڪو پنهنجو منهن ونئي وجي.... پوءِ جنهن ڪي منهن ۾ شڪار لڳي، اهو ان جي بلي- پنهنجا هٿ ڇڏائينس- تيسين پيا به جي سرزمين تي پهچي ويا، ته اهي به هن جي واهر ڪندا. پچاڙيءَ ۾، جي جتان سي تتان، سڀ اچي انهيءَ وڻ وٽ گڏبا سون." اها ڳالهه آڏو ڏيئي، هرڪو پنهنجي پنهنجي منهن تڙي پکڙي هليو ويو.

شهزادو هو، سو ڏسيل وڻ ڪي اڪ ۾ رکي، پنهنجو گس ڏيئي، اڳتي هلڻ لڳو. باقي پيا سڀ ماڻهو، رٿيل منصوبي موجب، اٽڪل سان کسڪي، چپ چاپ واپس وجي شهر ۾ پهتا. سيني کي بنهه پڪ هئي ته شهزادي کي بلا کائي ويندي، ۽ هاڻي هميشه لاءِ هن مان جند ڇٽي. دل ۾ اها پڪ ڪري، سڀ شهزاديءَ کي شينهن کلهي چاڙهڻ جي ڪم ۾ لڳي ويا، ۽ ونئي ڪٺي شهزاديءَ لاءِ هڪڙو جوانمرد گهوٽ تيار ڪيائون. دهل ۽ شرنائيون اچي ويون، ٻين واڄا شروع ٿي ويا. شهزاديءَ کي ونواه ۾ ويهاريو ويو. گهوٽ کي ڳانو ٻڌجي ويو، ۽ هو نهي جڙي، وجي سجايل سيج تي ويهي رهيو. ڏاڍا مندل مچي ويا. شهرن ۽ ڳيچن جي ڏم لڳي ويئي، ۽ چوڏاري تاڙين جو ٻتڪو لڳو پيو هو. مطلب ته هر طرف خوشين ۽ شادمانن جا ميڙا متا پيا هئا. شهزاديءَ، ونواه واريءَ ڪونيءَ جي دريءَ مان، اهو سڄو لقاءُ ويني ڏٺو. جان ڪٺي گهوٽ ڏانهن نهاري، ته ڏسي ته گهوٽ هڪڙي ڪُئي کي پڇ کان جهليو مٿي ڪنيو بيٺو آهي، ۽ سس سميت جيڪي به پرسان بينل اٿس، تن کي ڪئو ڏيکاري، پيو چوي ته "ڏسو هي ڪئو! منهنجي اڳيان تي لنگهيو، ته لت هٽي، ماري رکيومانس!"

هي تماشو ڏسي، شهزاديءَ جي حيرت جي حد نه رهي، ۽ دل ۾ خيال ڪيائين ته 'منهنجو اڳيون مڙس ته اهڙو هو، جو وات تي شينهن مارپائين، ته به مون کي جهلي ڇڏيائين ته اها ڳالهه ڪنهن سان به نه ڪج! ۽ هن مُئي ملڪ ۾ ماريو آهي هڪ ڪئو، سو به سيڪنهن کي وتي ٿو ڏيکاريندو!.... اهڙي هلڪڙي ۽ ٻتاڪيءَ ماڻهوءَ مان آءُ ڇا وتنديس، جو پنهنجي شينهن مار مڙس کي بلا جي منهن ۾ ڏياري، هن سان شادي ڪري ويهي رهان؟ اهو خيال ڪري، اٽل فيصلو ڪيائين ته 'اهڙي پرڻي کي

وجهجي ٻن ۾ ، تنهن کان تہ آءٌ بہ وڃان ٿي ان بلا جي منهن ۾ ، جيڏانهن منهنجي مڙس کي نڳي ڪري موڪليو اٿن.' اهو ويچار ڪري، ڪيڏيءَ مهل هوءَ محلات مان ڪسڪي نڪري آئي، ۽ ماڻهن جي نظر بچائي، اٿي لڙهہ ڏانهن ڊوڙڻ لڳي.... ۽ ڊوڙندي ڊوڙندي، آخر وڃي وڻ جي ويجهو پهتي. ڇا ڪٿي ڏسي تہ قادر جي قدرت جو عجب رنگ لڳو پيو آهي- ازدها مئي پيئي آهي، ۽ ان جي پرسان شهزادو تلوار اڀي ڪيو بيٺو آهي! شهزادو بہ ڪٿي جو نظر ڪري، تہ سندس سامهون شهزادي، سندس زال، بيٺي آهي! عجب ۾ پئجي، شهزاديءَ کان پڇيائين تہ "ڀلو ٿيئي، تون وري هتي ڪيئن؟" شهزاديءَ چيس تہ "آءٌ پوءِ ٿي ٻڌايانءِ، پهرين تہ تون پنهنجي خبر ڏي تہ تون هتي ڪيئن ٻڌو بيٺو آهين؟" شهزادي چيو تہ "تنهنجي پيءُ جو هت اچڻ جو انجام هو، سو اجا تائين نہ پهتو آهي. مون کي پيو تہ شڪار هٿ ڪونہ لڳو، باقيءَ هيءُ بلا منهن ۾ آيم، جنهن کي خدا جي حڪم سان، تلوار جي هڪ ڌڪ سان هٽي اڌو اڌ ڪري رکيو اٿم."

شهزاديءَ تڏو شوڪارو ڀري چيو تہ "آءٌ هت توسان ملڻ ڪانہ آئي

هيس، پر مرڻ جي ارادي سان آئي هيس. تنهنجي لاءِ تہ هي رڳو شڪار جو بهانو هو- حقيقت هيءُ آهي تہ جڏهن ماءُ ماسين ۽ سرتين سهيلين مون کان ڏينهن مهينن جو پڇيو، ۽ مون کي تنگ ڪيائون، تڏهن مون چيومانِ تہ 'منهنجو مڙس هونئن تہ لڪ لهي، پر ٻيءَ ڳالهہ جو گهوريو ڪونهي- الاجي ڪهڙي ويڍن اٿس.... سو وائي آنا تہ ڪا پيٽ ڄائي لاهي تہ ڏيکاري؟ انهيءَ ڪري، رڳو توکان منهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ ئي، هيءَ ساري ڪيڏ ڪيڏي ويئي. توکان اڳ هن نا ساريءَ بلا ڪيترا پهلوان ۽ ناليوارا شڪاري ماري ڪائي ڇڏيا هئا. تنهنڪري اهو خيال ڪيائون تہ توکي بہ انهي بلا جي ور چاڙهجي. توکي هيڏانهن موڪلي، پاڻ سڏو اچي منهنجي شاديءَ جو سعيو ڪيائون!" اها ڳالهہ پوري ڪري، پوءِ پنهنجي ٽيندڙ گهوٽ جي بهادريءَ جو قصو پڻ ڪري ٻڌايائينس. شهزادي، اها سموري ڳالهہ ٻڌي، رب جا شڪرانا بجا آندا، ۽ شهزادي کي چيائين تہ "منهنجي دل جي راڻي، مان ٻڌندو پيو هوس تہ سهري جي بادشاهيءَ ۾ هڪڙي ازگر بلا رهي ٿي، جنهن ڪيترائي ماڻهو ڪائي ناس ڪري ڇڏيا آهن. مون دل ۾ پڪو پهہ ڪيو هو تہ جيستائين اها بلا نہ ماريندس، تيستائين زال جي ويجهو نہ ويندس. الله جي ڪرم سان اڄ منهنجو اهو وچن پورو ٿيو...."

ائين چئي، ڏاڍيءَ محبت سان، شهزادو پنهنجي زال سان مليو، ۽ کيس گهوڙي تي وري بہ پيلهہ چاڙهي، پر ٻاهر وئي اچي، پنهنجي بادشاهيءَ ۾پهتو. شهزادي وات تي پنهنجي زال کي چيو تہ "هاڻ ڪهڙو منهن کڻي وري پيڪين ويندينءَ....؟" راڻيءَ وراڻيو تہ "منهنجو سر ۽ ساهہ هاڻ تنهنجي لاءِ آهي، ۽ توسان آهي.... پيڪن ۾ منهنجو باقي ڇا رکيو آهي، جو هن کان پوءِ اوڏانهن وينديس!"

-ڪالهہ ڏنوسين تہ شهزادي ۽ شهزاديءَ، محلات جي دريءَ ۾ ويهي، خوش راس، ڏاڍا ڏاڍا ٺهڪ ٻيني ڏنا، ۽ تمام سرها ۽ خوش نظر پئي آيا.

••••

ڏتــڙيل شهزادو

هڪڙو هو بادشاهه- بادشاهه ته پاڻ خدا تعاليٰ آهي، پر هيءُ به هڪ زماني جو بادشاهه هو. هن کي به زالون هيون. هڪ مان هڪ پٽ هوس،. ٻيءَ مان کيس هڪ ڌيءَ هئي. سندس ٻيئي ٻار اڃا ننڍائي هئا، ته بادشاهه وفات ڪئي. ان بعد، وزيرن ۽ اميرن پاڻ صلاح ڪئي ته تخت اهڙي ماڻهوءَ جي حوالي ڪجي، جيڪو اڻ پڙهيل هجي، ۽ کيس اولاد به نه هجي- ۽ اهو ايستائين جيستائين بادشاهه سلامت جو پٽ بالغ عاقل ٿئي." اها صلاح ڪري، هڪڙي ڏنار کي حڪومت جو مالڪ بنائي، هن کي سينگاري سنواري، بادشاهي پوشاڪ پهرايائون، ۽ تاج پوشي ڪرائي ڪٺي تخت تي ويهاريائونس.

حڪومت جو ڪاروبار وزيرن ۽ اميرن پنهنجي هٿ ۾ رکيو، ۽ هن کي رڳو نالي ماتر بادشاهه ڪٺي ڪيائون. جڏهن هيءُ ڏنار تخت تي وينو، تڏهن ڪجهه وقت حڪومت جي ڪاروبار هلائڻ بعد، هڪ ڏينهن هو بادشاهي محلات ۾ ويو، ۽ اتي بادشاهه جي ننڍي راڻي، جنهن کي هڪ نياڻي هئي، هن کي ڏسندي ئي، هن تي عاشق ٿي پيئي، ۽ ٿوري گهٽي ڏينهين هن سان شادي ڪري ويهي رهي. پر، پٽ جي ماءُ هميشه نئين بادشاهه کي ڏڪار جي نظر سان ڏسندي هئي- ۽ هو به هن کي هر وقت پيا ڏنيپندا هئا، ۽ طرحين طرحين جا عذاب ڏيندا هئا. آخر جڏهن هن محلات ۾ هن جو رهڻ بنهه زهر ٿي پيو، تڏهن هڪڙي ڏينهن هوءَ پنهنجي ننڍڙي پٽ کي ساڻ ڪري، رات جي وڳڙي ۾، محلات مان چوريءَ نڪري اٿي هلي، ۽ پنڌ ڪندي ڪندي، پٽ سميت، نيٺ هڪڙي غريب ڪانير جي گهر وڃي پهتي. ان گهر ۾ هڪ پوڙهي ماءُ ۽ ان جا ٽي جوان جماڻ پٽ رهندا هئا، جن راڻيءَ کي سڃاتو ته ڪونه، پر هن کي ڏاڍي عزت ڏنائون، ۽ کيس چيائون ته "تون ۽ تنهنجو پٽ بي ڏڙڪ هتي اسان وٽ رهو- تنهنجو پٽ

اسان جو پاءُ آهي، ۽ تون اسان جي ماءُ آهين... اڳ ۾ توهان کي ڪارائبو، اسين پوءِ ڪائينداسون."

ٿورن گهڻن ڏينهن ڪانپوءِ، شهزادو وڏو ٿيو، ۽ دل ۾ خيال ڪيائين ته 'هروڀرو هنن غريب پائرن تي آءٌ بار ڇو ٿيان؟ آءُ هينئر ڪمائڻ جهڙو آهيان، سو آءُ به جيڪر ڪمايان ته چڱو.' آخر هڪڙي ڏينهن، ماءُ کي چيائين ته "اما، سڀاڻي آءُ به ڪانين وڍڻ لاءِ ويندس، سو منهنجي لاءِ هڪ رسي ۽ ڪهاڙي تيار ڪري رکجانءِ." خير جو صبح ٿيو، ته ڏسي ته هن جا ويڳا پائر سوير ئي هن کان اڳ ۾ هليا ويا. هيءُ به، خدا تي توڪل ڪري، ڪهاڙي ۽ رسي کڻي، انهن جي پنيان روانو ٿيو. جهنگل ۾ هلندو هلندو، اچي ڏسي ته هڪڙيون ٽي ڪونيون آهن، جن کي تالا لڳا پيا آهن. هن همت ڪري هڪڙيءَ ڪونيءَ جو تالو ڀڳو، ۽ ڪونيءَ ۾ اندر گهڙي ويو. اُتي ڇا وڃي ڏسي، ته ڪونيءَ جي ڇت ۾ هڪڙو دهل ٽنگيو پيو آهي. هن

آنڪا ڪئي هم ته نڪا تم ڪٽندي ئي ڏونڪو بيهي رهيو. دهل وڄائڻ... ته اينتري ۾، هڪڙو اچي ديو هن جي سامهون بيٺو. ان کي ڏسي، شهزادو ڊڄي ويو، پر دل جهلي، پنهنجو پاڻ سنڀالي، اُتي بيهي رهيو.

ديو شهزادي کي ڏسي چيو تہ ”اي ڇوڪرا! انهيءَ دهل ۾ منهنجو ساهہ پيل آهي... تون هرويرو مون کي ڇو ٿو ستائين!“ تنهن تي شهزادي چيس تہ ”اڙي ديو، تون ڪير آهين، ڇا ڪندو آهين، هتي ڪيئن آيو آهين؟“ ”ديو چيو تہ ”آءٌ هڪڙيءَ بادشاهزاديءَ جو غلام آهيان، تو مون کي سڏيو، اچي حاضر ٿيو آهيان.“ اتي، شهزادي بہ سمجهيو تہ ’هينئر ديو جو ساهہ منهنجي هٿ ۾ آهي، سو هن کي جيئن چوندس تيئن ڪندو.‘ سو، ديو کي چيائين تہ ’جي جيئدان گهرين، تہ اها شهزادي هڪدم هتي حاضر ڪر.“ ديو، هن جي چوڻ موجب، اها شهزادي هڪ پل ۾ ڪٺي آيو. شهزادو پوءِ دهل ڳچيءَ ۾ وجهي، شهزاديءَ کي ٻانهن کان جهلي، سڌو وني آيو گهر، ۽ اچڻ سان اچي شهزاديءَ سان نڪاح ڪيائين. رات ٿي تہ ٻيئي وڃي سُتا، ۽ شهزادي کي ننڊ اچي ويئي.

ديو، شهزادي کي ننڊ ۾ غافل ڏسي، دهل ڊوهي ورتو ۽ شهزاديءَ کي بہ ساڻ کڻي، وني اتي پڳو. صبح جو، جان شهزادو اٿي ڏسي، تہ ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا آهن. سڄو ڏينهن انهيءَ غم ۾ گذاريائين؛ ٻئي ڏينهن صبح جو وري بہ اها رسي ۽ ڪهاڙي کڻي، جهنگ منهن ڪري اٿي هليو. هلندو هلندو، انهن ساڳين ڪونين وٽ آيو. هن خيال ڪيو تہ هاڻي ٻي ڪوني کولي ڏسان، تہ ان ۾ ڇا آهي! سو همت ڪري، ان جي ڪلف کي اچي لڳو، ۽ نيٺ هٽي هٽي ان کي بہ پڳائين. ان ۾ ڇا ڏسي تہ ڇت ۾ هڪڙو رومال ٽنگيو پيو آهي. ٽپ ڏيئي، هن اهو رومال لاهي هٿ ۾ ڪيو. ائين ڪندي، رومال کي، جو هٿ مان ٿورو ڇنڊڪو اچي ويو، سو ان مان هيرا جواهر ڇڻ ڇڻ ڪري اچي هيٺ پيا. شهزادي سهي ڪيو تہ هن رومال ۾ اها ڪرامت آهي- سو خوش ٿي، اهو رومال کڻي، وري گهر واپس آيو. اتي رومال کي، جو ڇنڊيائين تہ وري بہ ان مان هيرا جواهر ڇڻ ڇڻ ڪري ڪري پيا. پوءِ اهي سڀ ماءُ ۽ پيءُ کي ڏيئي، انهن کي چيائين تہ ”آءٌ وڃان ٿو پنهنجي زال کي ڳولڻ ۽ توهان کي خرچ پکي واسطي هيءُ گهٽوئي خزانو آهي.“

شهزادو ماءُ ۽ پيءُ کان موڪلائي اٿي هليو. هلندو هلندو، ڏس پنڌ پڇندو، نيٺ انهيءَ شهر ۾ اچي نڪتو، جتي سندس زال اُها شهزادي

هئي. شهر ۾ پهچڻ سان، رومال تہ هن جي هٿ ۾ هو، سو ان کي چنڊيندو، ماڻهن کي هيرا جواهر ڏيندو، آخر وڃي پنهنجي زال تائين پهتو. زال سان مليو، ۽ کيس چيائين تہ ”تون لِڪي لِڪي، رات جو مون کان ڇو ڀڄي آئينءَ؟“ هن چيس تہ ”تون هڪ سچو ماڻهو آهين.... تو وٽ رهي ڇا ڪريان ها؟“ تنهن تي شهزادي رومال کي جو ڪٽي چنڊيو، تہ ان مان هيرا جواهر ڇڻ ڇڻ ڪَري ڪِري پيا. زال کي چيائين تہ ”ڏس، مون جهڙو ڪو شاهوڪار هوندو؟“ سندس زال رومال جي ڪرامت ڏسي، حيرت ۾ پئجي ويئي. ۽ کيس چوڻ لڳي تہ ”بيشڪ تون شاهوڪار آهين... تون ڀلي مون وٽ رهہ، آءٌ تنهنجي آهيان.“ بہ چار ڏينهن شهزادي سان گذاري، هن جي خوشامد ڪري، انگلِ ڪيائينس تہ ”شهزادا اهو رومال مون کي ڏي.“ شهزادي کي هن جي مڪر جي خبر ڪا نہ رهي، تنهن رومال ڪٽي هن کي ڏنو. رومال هٿ ڪري، نوڪرن کي حڪم ڪيائين تہ ”هن کي هينئر جو هينئر تڙي ڪڍي ڇڏيو!“ تِن شهزادي کي ڌڪي محلات کان ٻاهر ڪٽي ڦٽو ڪيو.

شهزادي کي ڏاڍو ڏک ٿيو.... غمگين ٿي اتي هليو. ۽ وري بہ پوئين پيرين هلندو هلندو، اچي پنهنجي گهر پهتو. اتي هفتو کن ٽڪ پڄي، آرام ڪري، صبح جو اها ساڳي نوڙي ۽ ڪهاڙي ڪٽي، جهنگ ڏانهن ڪاٺين واسطي نڪتو. وري بہ اچي انهن ڪونين وٽ پهتو. اتي ترسي، خيال ڪيائين تہ ’باقي وڃي هڪڙي ڪوني ڇڏي اٿم، هاڻي وري بہ هڪ دفعو نصيب آزمائي ڪري ڏسان، تہ ڇا آهي!‘ سو، همت ڪري، انهيءَ ٽينءَ ڪونيءَ جي ڪلف کي لڳي ويو. جيئن تيئن ڪري، نيٺ ان کي بہ پڳائين. ڪلف پڄي، گهڙي ويو اندر. اُتي ڇا ڏسي تہ ان ۾ هڪڙي ٽوپي پيئي آهي. ٽوپيءَ ۾ اهو اسرار هو، جو جيڪو ماڻهو اها پائيندو هو، تنهن کي ٻيو ڪو بہ ماڻهو ڏسي ڪو نہ سگهندو هو.

شهزادي اها ٽوپي هٿ ڪري، ڪٽي مٿي ۾ پاتي، ۽ اتان ئي روانو ٿيو زال ڏانهن، تہ ڪيئن بہ ڪري ان کي هٿ ڪريان. نيٺ ان وٽ وڃي پهتو. زالس وري بہ مڪر ڪري، ڪنهن طرح اها ٽوپي بہ هن کان کسي ورتي، ۽ هن کي وري بہ لوڏائي ڪڍيائين. اِتي شهزادو بلڪل هارجي ويو، ۽ سڀ

حيلا وسيلا وڃائي ويٺو، ۽ مايوس ٿي وري بہ جهنگ منهن ڪري اٿي هليو. گهٽي رولڙي سبب، هن ويچاري کي بک تمام پريشان ڪيو، ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو، تہ ڪا کاڌي جي شيءِ هٿ اچي. ايتري ۾ پرسان ڏسي تہ هڪڙو ميويدار وڻ بيٺو آهي، جنهن ۾ ڪيترا ميوا پڪا بيٺا آهن. هن يڪدم اهي ميوا ڇني، ڪٽي وات ۾ وڌا، ۽ ڪائي اجا بس ئي نہ ڪيائين، تہ سندس شڪل انساني صورت مان ڦري ٻڪري جي جامي ۾ اچي ويئي. اتي هن کي ڏاڍو خوف اچي لڳو تہ متان ڪو جهنگلي جانور نہ پڪڙي وٺيم- سو سڄو ڏينهن اتي لڪندو ڇپندو رهيو. ٿيندي ٿيندي، اُتي ڇا ڏسي تہ هڪ ٻيو وڻ ميويدار بيٺو آهي. ان جي هيٺان جو هڪ داڻو ڪريو پيو هو، سو بہ هي ڪائي ويو، ۽ انجي کائڻ سان خدا جي قدرت اُهڙي، جو هي وري ساڳيو انسان ٿي پيو. اتي هن خدا جا شڪرانا بجا آندا.

شهزادي ڇا ڪيو، جو اهي ميوا ٻنهي قسمن جا ڪٽي، ڪجھ جيترن ميون جي هڪڙي پنارڪ ٻڌي، گيڙو رتا ڪپڙا ڪري، پاڻ کي جوڳي بنائي، اٿي پنهنجي زال واري شهر ڏانهن هليو. اتي جڏهن پهتو، تڏهن خبر پيس تہ سندس زال بيمار ٿي پيئي آهي، وٽس ڪئين حڪيم طبيب آيا آهن، مگر ڦڪين مان ڪو فرق ڪونهي. شهزادو، اها ڳالهہ ٻڌي، پاڻ کي سنياسي حڪيم سڏائڻ لڳو. شهر جي ماڻهن وڃي بادشاهہ جي اڳيان هن جي تعريف ڪئي تہ "پري کان هڪڙو سنياسي حڪيم آيل آهي- هن کان بہ شهزاديءَ جي دوا ڪرائي ڏسو." بادشاهہ هن 'سنياسي' کي گهرايو، جنهن چيس تہ "آءٌ شهزاديءَ جي دوا ڪندس، مگر اسان کي هڪڙو نويڪلو محلات گهرجي." بادشاهہ اهو قبول ڪري، هن کي علاج واسطي جدا جاءِ ڏني. شهزادي پنهنجي زال کي جدا جدا قسمن جا ميوا پئي کارايا. آخر هڪڙي ڏينهن، انهيءَ وڻ جو ميوو کارايائينس، جنهن کي ڪائي پاڻ ٻڪرو ٿي پيو هو. هن کي اهڙيءَ ريت ٻڪري بنائي، اچي موچڙن جو وارو ڪيائينس. ماري ماري، جڏهن صفا سڃائي ڇڏيائينس، تڏهن وري ماڻهوءَ جي شڪل بنائڻ وارو ميوو کارائي ماڻهو ڪيائينس. اهڙيءَ طرح، ڪئين دفعا هن کي ٻڪري بنائي، مارون اهڙيون ڪڍيائين، جو هن

بنه توبهہ ڪئي، ۽ شهزادي کي چيائين تہ "هاڻي مون کي ٻڪري نہ کجانءِ.... آءٌ هاڻي سڄي عمر تنهنجي ٿي رهنديس."

شهزاديءَ پوءِ پنهنجي والد کي چيو تہ "آءٌ اهو سنياسي مڙس ڪنديس." بادشاهہ اهو قبول ڪيو. حقيقت ۾ هنن جي شادي نڪاح اڳي ئي ٿيل هو، باقي رڳو شهزاديءَ جي ماءُ پيءُ جي قبوليت جي ضرورت هئي. سو، بادشاهہ بہ، راضي ٿي، شهزاديءَ جي شادي سنياسيءَ سان ڪري ڏني.

ٿورن گهڙين ڏينهن ڪانپوءِ، شهزادو زال سميت پنهنجي ماءُ وٽ آيو، ۽ پنهنجي ماءُ، زال ۽ انهن ويڳڻ ڀائرن ۽ سندن پوڙهيءَ ماءُ سميت پنهنجي بادشاهيءَ ۾ آيو، جتي پنهنجي همت سان وري ڏنار بادشاهہ ۽ هن جي راڻيءَ کي جهلي، ٻڪرو ۽ ٻڪري بنائي، ڏڌ سان پهرائي ڇڏيائين، ۽ پنهنجي پيءُ جو تخت حاصل ڪري، پنهنجي سموري عيال سميت ڏاڍي دٻدٻي سان ويهي پنهنجي حڪومت پاڻ هلائڻ لڳو.

شهزادو لعل ۽ شهزادي لعلان

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي سِڪي سِڪي، هڪ سهڻو ۽ سدا ملوڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو رکيائين "شهزادو لعل". شهزادو، اڃ ننڍو سيان وڏو، نيٺ اچي جوان ٿيو. هڪ ڏينهن، شهزادي لعل پنهنجي پيءُ کي چيو ته "بابا سائين، منهنجي شادي فلاڻيءَ ولايت جي شهزاديءَ لعلان سان ڪرايو، نه ته آءٌ هتي ڪونه رهندس." بادشاهه کيس چيو ته "ابا، انهيءَ ولايت جو بادشاهه اسان جي دشمن مان آهي- ۽ پنڌ به ڏاڍو ڏورانهون ۽ اٽانگو آهي.... هرويرو، جي تنهنجو ارادو آهي، ته ڪجهه وقت ترس." لعل شهزادي، جنهن لعلان جي سونهن ۽ سندس سوڀيا حد کان وڌيڪ ٻڌي هئي، تنهن کي پلا ڪِٿي ٿو قرار اچي؟ سو، رات ٿيڻ تي، ڪجهه تيز ۽ روڪڙ ڪٺي، اڪيلي سر وني انهيءَ ولايت جو رخ رکيائين.

هلندي هلندي، نيٺ هڪڙي ڏينهن، وڃي انهيءَ ولايت ۾ پهتو، ۽ اتي ڄاڄ مان پتو پيس ته شهزادي لعلان هڪ مُلا جي مدرسي ۾ پڙهندي آهي. هيءُ به وڃي انهيءَ مدرسي ۾پڙهڻ ويٺو. ٿوري گهٽي ڏينهين، هنن ٻنهي جي محبت جا پيچ ڳنڍجي ويا- ايتري قدر، جو هڪٻئي کي ڏسڻ کانسواءِ هنن جو ڪاڏو پيئنو حرام ٿي ويو. آخر هڪ ڏينهن، لعلان پنهنجي پيءُ کي چئي ڏنو ته "مون کي مڙس گهرجي، ته هيءُ گهرجي." بادشاهه، ڌيءُ جو راز ۽ شهزادي لعل جي ملوڪائپ ڏسي، شهزاديءَ جي شاديءَ لعل سان ڪرائي، ۽ هنن کي هڪ نئين محلات جوڙائي، انهيءَ ۾ رهايائين.

هڪڙي ڏينهن، بادشاهه شهزاديءَ کي چيو ته "ڌيءُ، اڄ آءٌ شڪار تي وڃان ٿو، تنهنڪري تنهنجي مڙس کي به وٺيو ٿو وڃان." شهزاديءَ

لعلان کيس چيو تہ "بابا سائين، هن کي پلي وڃي وڃو- مگر هي آهي نازڪ مزاج، تنهنڪري کيس ڪا تڪليف ڪانہ ڏجو، ۽ سندس خيال رکجو." ٻئي ڏينهن، باد شاهہ شهزادي لعل کي ساڻ ڪري، ويو شڪار تي، شڪارگاهہ ۾ اُس ۽ ڪاڙهي هئڻ سبب کيس هڪ نهر جي ڪپر تي، جتي وڻ ۽ ٿڌڪار هئي، اتي ويهاري، پاڻ ويو شڪار سان. مڃاڻ تہ اتي ڪو ديو بيٺو هو، سو ويس بدلائي، اچي شهزادي کي کڻي ويو. بادشاهہ، شڪار کان موٽڻ بعد، گهڻوئي هن جي ڳولا ڪرائي، مگر هن جو پتوئي ڪونہ پيو. آخر ڏاڍي ڏک ۾ پرجي، اچي ڏيءُ کي سموري ڳالهہ ڪري ٻڌايائين. شهزادي لعلان هيڪر تہ ڏندڻجي ويئي، پر پوءِ گلاب جي پاڻيءَ ۽ خوشبوءِ ڇڻڻ سان سامت ۾ آئي، رات ڏينهن روئڻ ڪانسواءِ ٻي تات ڪانہ هيس. آخر هڪڙي ڏينهن، مردانو ويس ڍڪي، ساهيڙيون ۽ زر زيور ساڻ ڪري، هٿيارن پنهوارن سان گهوڙن تي سوار ٿي، اُتي انهي شڪارگاهہ ڏي رواني ٿي. جڏهن انهيءَ نهر تي پهتي، تڏهن اُتي کيس هڪ پري نظر آئي. شهزادي لعلان وڃي ان جي پيرن تي ڪري، ۽ پنهنجي مڙس جو پتو پڇيائينس. پريءَ چيس تہ "برابر، تنهنجو مڙس منهنجي مڙس کڻي پاڻ وٽ لڪايو آهي." شهزادي روئي کيس ايلاز ۽ منٿون ڪرڻ لڳي، جنهن تي پريءَ کي رحم آيو. ۽ چيائينس تہ "توهان هاڻي هتان هليا وڃو... رات ٽيڻ تي آهي، ۽ ديو بہ اچڻ وارو آهي. سندس اچڻ تي، کيس چئي، مان شهزادو توکي وٺي ڏيندس." رات جو ديو جڏهن آيو، تڏهن هن کان انهيءَ ڪوٺيءَ جي ڪُنجي وٺي رکيائين، ۽ صبح جو جڏهن ديو ٻاهر نڪري ويو، تڏهن شهزادي بہ موٽي اُتي آئي، جنهن کي هوءَ انهيءَ ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويئي، ۽ شهزادي لعل کي ٻاهر ڪڍي هٿ ۾ ڏنائينس، ۽ کيس چيائين تہ "هتان جلد نڪري وڃو، نہ تہ ديو آيو، تہ سڀني کي کڻي قيد ڪندو." شهزادي لعلان شهزادي لعل سان مِلي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ کيس گهوڙي تي سوار ڪري، محلات ۾ وٺي آئي، ۽ مزي سان پاڻ ۾ گذ گذارڻ لڳا.

هڪڙي ڀيري بادشاهہ وري شڪار تي تيار ٿيو، ۽ شهزاديءَ کي اچي چيائين تہ "اما، آءٌ لعل کي شڪار تي وٺي ٿو وڃان." شهزاديءَ چيس تہ "بابا سائين، اڳي بہ لعل کي وڃائي آيو هئين، ۽ مان وڃي، وڏن جهدن سان، کيس واپس وٺي آئي هيس. هينئر مان هن کي موڪل ڪونہ ڏيندس- باقي اوهان مالڪ آهيو." آخر بادشاهہ ضد ڪري، لعل کي وري بہ شڪار تي وٺي ويو، ۽ وڃي انهيءَ نهر تي کيس ويهاريائين. اوچتو اهو ساڳيو ديو اچي هن کي کڻي ويو. شڪار تان موٽڻ بعد، بادشاهہ سندس گهڻي ئي ڳولا ڪرائي، پر هن جو پتوئي ڪونہ پيو. نيٺ نااميد ٿي، اچي پنهنجي ڌيءَ سان خبر ڪيائين. شهزاديءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو، ۽ وري بہ ساڳيءَ طرح سنبري اوڏانهن ويئي، ۽ وڃي پريءَ جي پيرن تي ڪِري، روئي حال ڪيائين. پريءَ کيس چيو تہ "ادي، اوهان جي وڃڻ کانپوءِ، ديو اچي لعل جي جاچ ڪئي، ۽ پوءِ هن کي نہ ڏسي، اچي مون تي مَتيو، ۽ اڄ ڏينهن تائين رخ ڏيئي مون سان ڳالهائي بہ ڪونہ ٿو. ۽ هن ڀيري لعل کي ڪونيءَ ۾ پورڻ بدران، وڏو اٽس پنهنجي مٿي جي وارن ۾- تنهنڪري جڏهن هو اچي، تڏهن تون پاڻ کيس ايلاز منٿ ڪري ڏس.... مَن ڪو قياس پئجي وڃيس. جيڪڏهن هو توکي چوي تہ 'مون وٽ ڪونهي.' تہ تون کيس چئج تہ 'توهان جي وارن ۾ لڪل آهي!' پوءِ اميد تہ توکي ڪڍي ڏيندو. پر هڪڙي ڳالهہ ياد رک تہ جي هيءُ ڀيرو شهزادو توکي ملي، تہ وري هن کي هيڏانهن ڪڏهين بہ نہ موڪلج." شهزادي رات اتي رهي پيئي، ۽ جڏهن ديو آيو، تڏهن "ماما! ماما!" ڪري وڃي ديو جي پيرن تي ڪِري. ديو کيس چيو تہ "جي 'ماما ،ماما' نہ ڪرين ها، تہ هوند سرنهن جيڏا داڻا ڪري چڏيانءِ ها." شهزاديءَ کيس چيو تہ "ماما، هاڻي بہ حاضر آهيان."

ديو وراڻيو تہ "هاڻي چؤ، ڇا ٿي چئين؟ ڇو هتي آئي آهين؟" شهزاديءَ سموري حقيقت "هاڻي چئو، ڇا ٿي چئين؟ ڇو هتي آئي آهين؟"

شهزاديءَ سموري حقيقت ڪري ٻڌايس. ديو چيو تہ "اهو تہ مون وٽ ڪونهي." شهزاديءَ چيس تہ "ماما، اُهو اوهان جي مٿي جي وارن ۾ پيل آهي." هي ٻڌي، ديو ڏاڍو شرمندو ٿيو، ۽ يڪدم وارن مان ڪڍي لعل ڪي لعلان جي اڳيان ڪٽي بيهاريائين ۽ چيائينس تہ "هن کي وٺي وڃ، ۽ وري ڪيس منهنجي حد ۾ ڪڏهن بہ نہ موڪلج." پوءِ شهزادي لعلان شهزادي لعل کي ساڻ ڪري پنهنجي شهر ۾ آئي، ۽ مزي سان پاڻ ۾ گذ گذارڻ لڳا.

هڪڙي ڏينهن، شهزادي لعل بادشاهہ کي چيو تہ "چاچا سائين، منهنجي پيءُ ۽ ماءُ جو حال نہ معلوم ڪهڙو ٿيو هوندو! چڱو ائين آهي تہ هاڻي مون کي اجازت ڏيو. تہ وڃي پنهنجي پيءُ ماءُ سان ملان، ۽ وڃي اُتي رهان." بادشاهہ اها ڳالهہ مناسب ڄاتي، ڪيس اجازت ڏني، ۽ هن کي

شهزاديءَ جي ٻانهن ۽ حفاظتي لشڪر ۽ سفر جو سامان ساڻ ڏيئي، روانو ڪيو، هلندي هلندي، هڪڙي ڏينهن، لعل شهزادو اچي پنهنجيءَ ولايت ۾ پهتو ۽ وڃي پيءُ ماءُ سان مليو. هو ته هن کي مُئو سمجهي، روئي پٽي، آسرو لاهي، ويهي رهيا هئا. سو، ڪيس ڏسي، بادشاهه، راڻي ۽ امير امراءُ سڀ ڏاڍا خوش ٿيا. ۽ انهيءَ خوشيءَ ۾ بادشاهه حڪم ڏنو ته "پوري شهر ۾ ڪوبه پنهنجو ڪاڌو نه پچائي، چاليهه ڏينهن سڀني کي بادشاهي لنگر تان ڪاڌو ملندو." بس، پوءِ ته گهر گهر خوشي ۽ شهزادي لعل جي اچڻ جا شادمانا ٿي ويا، ۽ بادشاهي حڪم موجب سموري شهر جي ماڻهن کي پورا چاليهه ڏينهن، گهر ويني ماني پئي ملي. حفاظتي لشڪر، جو شهزادي لعل سان گڏجي آيو هو، تنهن کي به ٽي مهينا بادشاهه پاڻ وٽ وڏي مان سان رهايو، ۽ پوءِ اُنهن جي منٿ تي، ڪين بادشاهه لاءِ شاهي سوکڙيون پاکڙيون ۽ سفر جو سامان ساڻ ڏيئي، واپس وڃڻ لاءِ موڪل ڏنائين، جن وڃي پنهنجي بادشاهه سان ملي، ساڻس سموري حقيقت بيان ڪئي. ۽ پوءِ ٻيئي بادشاهه عمرين جا زنگ وساري، هڪٻئي جا گهاٽا يار بڻجي ويا.... هنن جي مرڻ ڪانپوءِ، ٻنهي بادشاهين کي گڏي هڪڙي بادشاهي ڪيائون، ۽ شهزادو لعل ڏاڍي آب تاب سان تخت نشين ٿيو. شهزادي لعلان ۽ شهزادو لعل پوءِ پنهنجي باقي عمر جا ڏينهن، انهيءَ بادشاهيءَ ۾، گڏجي ڏاڍي موج مزي سان گذارڻ لڳا.





شهزادو ۽ شهزادي

هڪڙو هو بادشاھ، جنھن کي فقط هڪ پٽ هو. هڪ ڏينھن، بادشاھ کي اچي خيال ٿيو ته "پٽ جي شادي اهڙي هنڌان ڪرايان، جنھن بادشاھ کي به فقط هڪ ڌيءُ هجي، ۽ اُها منھنجي پٽ وانگر سدا ملوڪ هجي." اها ڳالھ ڳُٽي، ۽ پٽ جي تصوير ڪڍائي، وزير کي ڏنائين ته "وڃي چڱيءَ طرح جاچ ڪري، شهزادي لاءِ ڪنان سڱ چڪائي اچ." وزير سفر جو سامان ساڻ ڪري، شهزادي جي تصوير کڻي، روانو ٿيو، ۽ ٿوري گهڻي ڏينھن، هڪ اهڙيءَ بادشاهيءَ ۾ وڃي پهتو، جتان جي بادشاھ کي پڻ هڪ ئي شهزادي هئي، ۽ هو پاڻ اهڙي شهزادي لاءِ ڳولائو هو. وزير پوءِ ان بادشاھ سان ملاقات ڪري، شاديءَ جون ڳالھيون

پڪيون ڪيون، ۽ مگڻي جا سؤڻ سات پورا ڪرائي، هن سان شاديءَ جو ڏينهن ٻڌي، موتي پنهنجي ملڪ آيو، ۽ اچي بادشاهہ سان حال احوال ڪيائين.

شهزادي کي خيال ٿيو تہ 'شاديءَ ۾ ڪجهہ وقت دير آهي، تنهنڪري پنهنجي ڪنوار اڳواٽ ئي ڏسي اچان، تہ چڱو.' تنهنڪري ٻہ چار نوڪر، سامان ۽ خزانو ڪٺي، اوڏانهن روانو ٿيو. آخر وڃي اُن بادشاهيءَ ۾ پهتو، جتي سندس سهرو هو. شهزادو، سفر جو ٿڪ لاهي، شهر جو واءُ سواءُ لهي، ۽ فقيراڻو ويس ڪري، گداگر بڻجي، هڪ ٻن درن تي صدا هڻي، اچي انهيءَ محلات جي ڏيڍيءَ تي صدا هڻي بيهي رهيو، جتي سندس ڪنوار رهندي هئي. ٻانهي خيرات ڪڻي آئي، پر هن چيو تہ "آءٌ خيرات شهزاديءَ جي هٿ جي وٺندس." آخر انهيءَ گهہ پيهہ ۾ سج لهي ويو. سج لٿي ڪانپوءِ، هن پنهنجي گودڙيءَ مان ٻہ لعل ڪڍيا، ۽ ڪڍي پنهنجي آڏو رکي ويهي رهيو. انهن لعلن جو شعاع ۽ لاٽون وڃي ماڙيءَ تائين پهتيون. شهزاديءَ، جو مٿان ڏٺو، سو ٻانهيءَ کي چيائين تہ "انهيءَ فقير کان انهن ٻنهي لعلن جي ٻها پڇي اچ." ٻانهيءَ جڏهن لعلن جي ٻها پڇي، تڏهن هن چيو تہ "هنن جي ٻها فقط اها آهي، جو شهزادي پنهنجي هٿن سان پاڻ اچي اهي کڻي." ٻانهيءَ وڃي سموري ڳالهہ شهزاديءَ کي ڪري ٻڌائي. شهزادي لعل ڏسي انهن تي ڇڪن ٿي پيئي هئي، سو نہ ڪيائين هم نہ ڪيائين تم، انهن جي شوق ۾ ماڙيءَ تان هيٺ لهي آئي. فقير ڇا ڪيو، جو لعلن جي چوڌاري ليڪو ڪڍي ڇڏيائين. شهزادي، جا آئي، تنهن هڪدم ليڪو لنگهي اچي لعل کنيا. پر کڻڻ ڪانپوءِ شهزادي تي جو نظر پيس، تہ ڏٺائين تہ هي تہ فقيريءَ جي ويس ۾ منهنجو گهوٽ آهي. پوءِ تہ گهر وڃي ڏاڍو پڇتايائين، ۽ ان سوداءَ ۾ پئجي ويئي تہ "آءٌ تہ هن جي اڳيان هميشہ لاءِ مياردار ٿيس- چڱو ائين آهي تہ آءٌ بہ ويس بدلائي ڪنهن نموني سان هن جي ڳوٺ وڃي ڪيس بہ مياردار ڪري اچان." انڪري، پيءُ کان شڪار جي بهاني موڪل وٺي، ستر سهيلين سان گڏ، پاڻ بہ مردانو ويس ڪري، اوڏانهن رواني ٿي.

ڪهندي ڪهندي، آخر وجي انهيءَ شهر جي ٻاهران تنبو ۽ تولان کوڙائي، پڙهو گهمارايائين تہ "اڄوڪي رات ناچ ۽ گانو ٿيندو، جنهن کي ٻڌڻو هجي، سو تنبوءَ ۾ اچي ٻڌي." اهو پڙهو ٻڌي، ڪئين شوقين اچي ڪنا ٿيا، ۽ شهزادو بہ اچي سهڙيو. هن هڪ ٻانهيءَ کي ڳائڻي بنائي، هڪ تنبوءَ ۾ ويهاريو، ۽ ان سان لڳ ٻئي خيمي ۾ پاڻ ڏاڍا هار سينگار ڪري، تيار ٿي ويهي رهي، ۽ ماڻهو موڪلي شهزادي کي پاڻ وٽ آڻائي، يڪدم پڙهو ڏيارڻيائين تہ "نرتڪيءَ جي طبيعت خراب هئڻ ڪري، ناچ ۽ راڳ سڀاڻي تي ڪبو." اهو ٻڌي، سڀ ماڻهو هليا ويا. هيءَ شهزادي جي ڏاڍي خوشامد ڪرڻ لڳي، ۽ نهايت سهڻي ۽ شاهاڻي نموني هن جي خاطرداري ڪيائين، ۽ شهزادو بہ هن جي صحبت ۽ گفتگو ۾ مست ٿي ويو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ، اُتي ئي پنهنجي نوڪرن کي گهرائي، حڪم ڪيائين تہ "ڪتي جو ڳُلر ڪُهي، شهزادي ۽ منهنجي ماني تيار ڪريو، تہ اسين ٻيئي گڏجي کائينداسون." نوڪرن کي اڳ ۾ سمجهائي ڇڏيو هئائين تہ "اوهان کي حڪم ملي، تہ ڳلر جي بجاءِ هرڻ ڪهجو." خير ماني تيار ٿي، ۽ گڏجي ويهي کاڌائون. ماني کائڻ کانپوءِ، شهزاديءَ ڳجهہ ڳوهہ ۾ نوڪرن کي چيو تہ "اوهان تيز ڪتي، اڳتي هلو، آءٌ پاڻهي ٿي اچي اوهان سان ملان." اشاري ملڻ سان نوڪر چاڪر رمندا رهيا. شهزادي پوءِ هن کي اندر ويهاري، ٻاهران در بند ڪري، ڪسڪي هلي ويئي. پويان شهزادي گهڻي ڳولا ڪئي، مگر هوءَ پنهنجي اٿالي سميت جيئن آئي هئي، تيئن خيرن سان وڃي پنهنجي ملڪ پهتي.

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ، هنن جي شادي ٿي، ۽ پهرينءَ رات، شهزادو پاسو ورائي، ڪاوڙ ۾ ويڙهجي سيڙهجي سمهي رهيو، شهزاديءَ پڇيو تہ "ڇو، اوهان ناراض آهيو ڇا؟" چيائين تہ "ڪاوڙ بس ڪيئن نہ؟ ماڻهو ٻن لعلن لاءِ ليڪو لنگهيو اچن!" تنهن تي شهزاديءَ چيس تہ "توريءَ لالچ تي ماڻهو ڪتي جي ڳلر جو گوشت بہ کايو وڃن.... هو تہ آخر لعل هئا!" اها ڳالهہ شهزادي کي بہ دل سان لڳي- ۽ پوءِ پاڻ ۾ ڪلي خوش ٿي، نهراءَ ڪري، سڄي عمر سکيا گذارڻ لڳا.

ضميمو

ڳالهين جي روايتن جا ماڳ مڪان

[هن ڪتاب ۾ جيڪي ڳالهيون شامل ڪيون ويون آهن، تن جون روايتون سنڌ جي مختلف پاڱن مان مليون. هيٺ انهن روايتن جي ماڳن مڪانن جو تفصيل ڏنو وڃي ٿو.]

١- "گل انداز بادشاهه" (١-٢٩): هن ڳالهه جو مدار اُتر (قنبر ۽ روهڙي تعلقن) ۽ وچولي (ٽنڊي الهيار ۽ حيدرآباد تعلقن) مان مليل ڇئن روايتن تي آهي. تعلقي قنبر ۽ تعلقي ٽنڊي الهيار مان روايتون عنوان ڪانسواءِ مليون. تعلقي روهڙيءَ مان "ننڊ ولايت" جي عنوان سان ۽ تعلقي حيدرآباد مان "گل انداز بادشاهه" جي عنوان سان ملي، جنهن کي بنيادي روايت ڪري رکيو ويو آهي.

٢- "گل بادشاهه، شوق شهزادو" (٣٠-٣٩): هن ڳالهه جي روايت اُتر (تعلقي ميرپورماٿيلي) مان ملي.

٣- "محمود شاهه" (٤٠-٥٣): هن ڳالهه جي روايت ٿر (تعلقي ساماري) مان ملي.

٤- "ڍول شهزادو" (٥٤-٦٤): هن ڳالهه جي روايت اُتر (تعلقي اوٻاوڙي) مان ملي.

٥- "شهزور بادشاهه" (٦٥-٨٤): هن ڳالهه جو مدار اُتر (تعلقي پني عاقل)، وچولي (تعلقي حيدرآباد)، لاڙ (تعلقي بدين) ۽ ٿر (تعلقي مٺيءَ) مان مليل ڇئن روايتن تي آهي. لاڙ واري روايت "انصاف ڪنهن جو" جي نالي سان، ۽ ٿر واري روايت بنا نالي ملي.

٦- "لال ملوڪ بادشاهہ" (٨٥-٩٩): هن ڳالهہ جي روايت ٿر (تعلقي ساماري) مان ملي. هن ڳالهہ جا ڪي واقعا "اميرحمزه ۽ ڪٽڪ راڻي" (١٠٠) ۽ "محمود شاهہ" (۴٠) ڳالهين جي واقعن سان ملن ٿا.

٧- "امير حمزه ۽ ڪٽڪ راڻي" (١٠٠-١٢١): هن ڳالهہ جي روايت اُتر (تعلقي اُٻاوڙي) مان ملي.

٨- "سونن وارن واري شهزادي" (١٢٢-١٣٥): هن ڳالهہ جي روايت لاڙ (تعلقي بدين) مان ملي.

٩- "ڪرمان ۽ ڪوري بادشاهہ" (١٣٦-١۴٦): هن ڳالهہ جي روايت لاڙ (تعلقي گوني) مان ملي.

١٠- "ٻاگوند بادشاهہ" (١۴٧-١٥٣): هن ڳالهہ جي روايت اُتر (تعلقي اوٻاڙي) مان ملي.

١١- "بادشاهہ ۽ ٻڪرار" (١٥۴-١٦۴): هن ڳالهہ جو مدار اُتر (تعلقي قنبر) ۽ وچولي (حيدرآباد ۽ ٽنڊي الهيار تعلقن) مان مليل ٽن روايتن تي آهي.

١٢- "اُميدن پريو بادشاهہ" (١٦٥-١٧٦): هن ڳالهہ جي روايت اُتر (تعلقي وارهہ) مان ملي.

١٣- "نور شاهہ بادشاهہ" (١٧٧-١٨٨): هن ڳالهہ جي روايت اُتر (تعلقي ميرپورماٿيلي) مان ملي.

١۴- "جُمڙو بادشاهہ" (١٨٩-١٩٩): هن ڳالهہ جي روايت اُتر (تعلقي وارهہ) مان ملي.

١٥- "چوبول راڻي" (٢٠٠-٢٢۴): هن ڳالهہ جي روايت وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان ملي.

١٦- "آنبولهہ راڻي" (٢٢٥-٢٣٦): هن ڳالهہ جي روايت ٿر (تعلقي ساماري) مان ملي.

۱۷- "لال شهزادو" (۲۳۷-۲۴۴): هن ڳالهہ جي روايت اُتر (تعلقي ميروخان) مان ملي.

۱۸- "ڪوڙهيو بادشاهہ" (۲۴۵-۲۵٦): هن ڳالهہ جي روايت اُتر (تعلقي قنبر) مان ملي.

۱۹- "ڪدو شهزادو" (۲۵۷-۲٦۲): هن ڳالهہ جي روايت وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان ملي.

۲۰- "سچ شهزادو ۽ چنبُ شهزادو" (۲٦۳-۲٦۷): هن ڳالهہ جي روايت اُتر (تعلقي ميرپورماٿيلي) مان ملي.

۲۱- "شهزادو ۽ فقير" (۲٦۸-۲۷۴): هن ڳالهہ جو مدار اُتر (تعلقي ميرپورماٿيلي) ۽ لاڙ (تعلقي بدين) مان مليل ٻن روايتن تي آهي.

۲۲- "فقير ۽ شهزادي" (۲۸۵-۲۷۹): هن ڳالهہ جي روايت اُتر (تعلقي شهدادڪوٽ مان ملي.

۲۳- "آفيمي بادشاهہ" (۲۸۰-۲۸۲): هن ڳالهہ جي روايت وچولي (تعلقي ڪوٽڙي) مان ملي.

۲۴- "سياٽو بادشاهہ" (۲۸۳-۲۸٦): هن ڳالهہ جي روايت ٿر (تعلقي ڇاڇري) مان بنا نالي جيءَ ملي.

۲۵- "ولايت شاهہ" (۲۸۷-۲۹۲): هن ڳالهہ جي روايت لاڙ (تعلقي ٺٽي) مان ملي.

۲٦- "سورمر راجا ۽ بيڪٽ راجا" (۲۹۳-۳۱٦): هن ڳالهہ جي روايت ٿر (تعلقي ساماري) مان ملي.

۲۷- "شاهي شاهہ بہ جندڻ ماري" (۳۱۷-۳۳۱): هن ڳالهہ جو مدار وچولي (تعلقي شهدادپور) ۽ لاڙ (تعلقي بدين) مان مليل ٻن روايتن تي آهي. لاڙ واري روايت "بادشاهہ جنڊ پينو" جي عنوان سان ملي، وچولي واريءَ روايت کي بنيادي قرار ڏنو ويو آهي.

۲۸- "لعل بادشاهہ ۽ هيرا راڻي" (۳۳۲-۳۳۹): هن ڳالهہ جي روايت اُتر (تعلقي ڪڪڙ) مان ملي.

۲۹- "شهزادو لال ملوڪ" (۳۴۰-۳۵۸): هن ڳالهہ جو مدار اُتر (تعلقي

وارهہ)، وچولي (تعلقي حيدرآباد) ۽ لاڙ (تعلقي ٺٽي) مان مليل ٽن روايتن تي آهي. اُتر واري روايتَ ”لال بادشاهہ“ جي نالي سان، وچولي واري روايت ”لال ملوڪ بادشاهہ“ جي نالي سان ۽ لاڙ واري روايت بنا نالي جي ملي. وچولي واريءَ روايت کي بنيادي قرار ڏنو ويو آهي.

٣٠- ”گنگل راڻي“ (٣٥٩-٣٦٣): هن ڳالهہ جي روايت اُتر (تعلقي لاڙڪاڻي) مان ملي.

٣١- ”غيبي راڻي“ (٣٦۴-٣٦٩): هن ڳالهہ جي روايت وچولي (تعلقي شهدادپور) مان ملي.

٣٢- ”شهزادو تاج الملوڪ“ (٣٧٠-٣٨٣): هن ڳالهہ جي روايت وچولي (تعلقي شهدادپور) مان ملي.

٣٣- ”شهزادو ساعت ملوڪ“ (٣٨۴-۴٠١): هن ڳالهہ جي روايت وچولي (تعلقي شهدادپور) مان ملي.

٣۴- ””گنجو فقير ۽ گلشن شهزادي“ (۴٠٢-۴٠٨): هن ڳالهہ جي روايت اُتر (تعلقي شڪارپور) مان ملي.

٣٥- ”عقلمند شهزادو“ (۴٠٩-۴١٦): هن ڳالهہ جي روايت اُتر (تعلقي اُباوڙي) مان ملي.

٣٦- ”شينهن مار شهزادو“ (۴١٧-۴٢٢): هن ڳالهہ جي روايت وچولي (تعلقي نوشهري) مان ملي.

٣٧- ”ڏتڙيل شهزادو“ (۴٢٣-۴٢٨): هن ڳالهہ جي روايت اُتر (تعلقي قنبر) مان ملي.

٣٨- ”شهزادو لعل ۽ شهزادي لعلان“ (۴٢٩-۴٣٣): هن ڳالهہ جي روايت اُتر (تعلقي ميرپورماٿيلي) مان ملي.

٣٩- ”شهزادو ۽ شهزادي“ (۴٣۴-۴٣٦): هن ڳالهہ جي روايت وچولي (تعلقي شهدادپور) مان ملي.

SINDHI FOLKLORE & LITERATURE
BOOK-XXI

FOLK TALES-1

(KINGS, QUEENS, PRINCES & PRINCESSES)

Compiled & Edited
By
DR. N. A. BALOCH
M.A, L.L.B. (ALIGARH)
M.A, ED. D. (COLUMBIA, N.Y.)
Director Sindhi Folklore Project

SINDHI ADABI BOARD
JAMSHORO/HYDERABAD
PAKISTAN.

All Rights Reserved with the Sindhi Adabi Board

Compiled under
The Sindhi Adabi Board's Reserch Project
on
Sindhi Folklore & Literature

1st. Edition	April 1960	4000 Copies
2nd. Edition	February 1980	4000 Copies
3rd. Edition	June 1987	2000 Copies
4th. Edition	April 1992	2000 Copies
5th. Edition	December 2000	500 Copies

(Price Rs: 200 - 00)

To be had from
SINDHI ADABI BOARD'S BOOK STALL
Tilak Incline,
HYDERABAD, SINDH

Printed by Syed Sikandar Ali Shah, Manager Sindhi Adabi Board's Printing Press Jamshoro Sindh and published by Mr Ghullam Rabani Agro, Member/Hon, Secretary, Sindhi Adabi Board Jamshoro, Sindh, Pakistan.

PREFACE

This is the Twenty-first book compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature Project. In 1956, the Board had approved this 5-year research project (1957-1961) for the collection, compilation and publication of Sindhi folklore and literature. The work was started in January 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of material. The compilation and publication work commenced from 1959. The material for the project has been collected both from the oral tradition of the village folk and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a network of the field-workers, one stationed in each taluka.

The project aims at publishing representative works pertaining to the following selected segments of Sindhi folklore and literature: (*a*) Fables and Fairy-tales, (*b*) Pseudo-historical Romances, (*c*) Tales of historical nature, (*d*) Folk-poety, (*e*) Folk-songs, (*f*) Marriage-songs, (*g*) Poems pertaining to wars and other events, (*h*) Riddles, (*i*) Proverbs, (*j*) Wit and humour, and (*k*) Folk Customs and Superstitions. It is expected that forty basic works will be compiled under the above categories by the end of 1961.

The scheme has been deliberately named as 'Folklore and Literature Project'. At the present stage, a considerable body of verse and tales is current through oral tradition among the village folk with which the educated and the intellectuals are not familiar. All this material in verse and prose is 'folklore' in the sense that it is popular and is preserved with the village folk; yet, a considerable part of it is 'standard literature', and will be recognised as such after it is published.

Of the seven books planned under the Project to incorporate different varieties of folk-tales, legends and other stories, this is the first book pertaining to what may be called 'the tales of the kings and queens, princes and princesses'. This is a broad classification for convenience sake. The village folk call all kinds of tales and legends *Kahanyoon* (tales) or *Galhyoon* (stories), more often qualifying them as *Badshahan jun Kahaniyoon or Galhiyoon, the tales or stories of kings*, because most of the tales open with the mention of a king. This may be considered as the general name for folk-tales,

though individual tales may be called by the name of the king or any other person who figures in the tale. Often times, a tale is called after the name of the central or significant character in it, who may be a fairy, a demon, a minister, a merchant, a thief, a shepherd etc.

The plots of the folk-tales are not logical; they are natural, revealing the simple rambling folk-mind at work. The Sindhi folk-tales may be classified as 'simple' or 'unitary' and 'complex'. In the 'simple' tales, the narration follows a straight course, each event being of a small description and each event following the previous one, taking the story further to its ending. In the 'complex' type, an event in the narration is lengthy, even to the extent of being a tale in miniature. The succeeding event may not take the narration further on a straight course towards the ending but might be located on a side track, being an offshoot of the main tale. Thus, in a 'complex' tale, there may be the main tale and the side tales: there is the foundational or the framing story to which are linked other subsidiary tales. The 15th (p. 217), the 18th (p. 265) and the 35th (p. 445) tales in this collection are 'complex' ones, the 15th story being a combination of one framing story and nine other subsidiary stories.

The plot of the folk-tales usually consists of an initial opening story and the main story. In the opening story the birth of the hero takes place—he is actually born or comes into the lime light. The opening story, usually mentions a king who has more than one wife but no son. He is blessed by some one and the son is born of the youngest wife. The child and the mother suffer due to the jealousy of the other queens. In case his mother dies, the young prince suffers because of his step-mothers and is usually exiled. His adventures then constitute the second or the main part of the tale.

The fulfilment of a condition is a more common cause for the adventure undertaken by the hero. Besides his own valour, the success of the hero in his adventures is either due to the help he receives from his associates or due to certain extraordinary objects which he comes to possess. The following are some of the typical objects contributing to the success and safety of the heroes that figure in this collection of the folk-tales: a string or an amulet given by a saint; the bow made of the fairy hair; the *manu* (the magic stone carried by the king cobra); the sphinx which flies the hero out of danger: the *udand khatoli* (the Flying Cot): the magic ring; the club and the sceptre which beat to order; the kerchief

which drops jewels on waving; the cap which makes one invisible, a fruit which on eating transforms one into an animal.

Though the Sindhi folk-tales have no pre-conceived plot or purpose, the substance of each tale underlines a central idea. The 39 tales in this volume may be classified after their central ideas as follows:

Adventure: Nos. 1, 2, 3, 4, 8, 15, 20, 25, 35, 36, 37 & 38.
Individual valour & bravery : Nos. 5, 6, 7, 36.
The Goat-herd's wisdom: No. 11.
The King's wisdom: No. 24.
The Ministers admonition to the King: No. 23.
Truly fairy tales: Nos. 12, 13, 19, 28, 29 & 30.
Magic: Nos. 20, 21 & 22.
Step-mothers' jealousy: Nos. 1, 2, 3, 13, 17, 26, 31 & 34.
Cruelty of the step-mother: No. 17.
Characteristics of women: No. 18.
Woman's wisdom, self-confidence and success: Nos. 33 & 34.
Wife's wisdom and help to husband: Nos. 29, 31, 32.
Wife teaching a lesson to husband: Nos. 14, 16, 27 & 29.
Wit & Humour: Nos. 9 & 10.

Four types of characters figure in these folk-tales: (*a*) demons, fairies and genii; (*b*) witches, sorcerers, magicians, and *dhootis* (old evil women); (*c*) reptiles, birds and animals; and (*d*) kings, queens, princes, princesses, veziers, merchants and other human characters.

Demons, fairies, and genii (spirits) are the reminiscent of the early memories of childhood of human race when the supernatural and superstitions dominated man's life. Due to the lack of maturity and ability to understand the natural phenomena, man attributed floods, fires, thunders, storms and other calamities to the demons, and some other less momentous but inexplicable events and experiences to the activities of spirits and the fairies. Witches, sorcerers, magicians and the *dhootis* belong to the next stage of development when more intelligent among human beings devised techniques consisting of rituals and ceremonies to ward off attacks of the supernatural forces. They also applied those 'methods', as magic or black magic, against the less intelligent among the human beings. The witches tend to be imaginary characters, but in Sindhi folk-tales they are represented as women who wield almost supernatural powers through the exercise of magic and sorcery.

The reptiles, birds and animals as they figure in the folk-tales performing all human functions, seem to belong to a much earlier stage when man was truly the son of the mother earth, living side by side with other creatures. Snakes, parrots. crows, deers and other animals were his early associates whose memories have lived through the folk-tales in which they play a vital part in the life and adventures of the heroes and the heroines.

The kings, queens, princes, and veziers, belong to the later stage of human settlement and civilization, the stage which is coming to an end during this twentieth century. Five hundred years hence, kings and queens will, perhaps, be relegated to the past and their memories may, then, appear as fanciful as those of the demons and the fairies today.

These tales included in this volume were collected from different parts of Sind. The field worker was instructed to reduce the tale to writing exactly as he heard it from the village folk. These original versions were finally read in the central office. The common versions of the same tale were collated and significant differeing points, if any, were incorporated in the final complete version for the purpose of this text. If there was only one version it was retained with such verbal modification as was necessary to make it readable and intelligible.

The habitat of each tale has been indicated in the appendix (pp. 477-480) given at the end of the text. Contents of the tales have been summarized into English for the benefit of the general reader.

University of Sind,
Hyderabad, Pakistan.
December 12, 1960.

N. A. BALOCH,
Director.

An Abstract of the Contents

1. Gul Andaz Badshah (pp. 1-32): A king having no issue from his six queens, at last married the seventh wife on the advice of a derwesh. After a few months the first six queens bore him six sons, and the king was so much pleased that he ignored the seventh queen. After some time she also bore him a son and called him Gul Andaz, but being displeased with the king she did not inform him about his birth.

Thereafter, the king had a puzzling dream. His first six sons set out to seek its interpretation but they were looted and held by the robbers.

The same derwesh came again and told the king that no one but his seventh son, Gul Andaz, could solve the riddle. The king was surprised at this news, discovered Gul Andaz in the palace and sent him out in quest of the interpretation. He was also attacked by the same robbers; but he defeated them, freed his brothers and went on his own. On the way he met a derwesh who gave him an amulet and said that he would achieve his objective at a certain dwelling of demons and fairies after crossing the sea, and that he would not be hurt by the demons by virtue of the amulet. Another derwesh gave him three flowers to break the sorceries of the demons.

After enduring hardships and fighting with the demons, he discovered the secret of his father's dream. There he married the daughter of the king of fairies, and set out for his own country with his fairy wife and her three friends, who demonstrated before the king, the interpretation of his dream.

2. King Flower and Fond Prince (pp. 33-43): The six wives of King Flower conspire against the seventh who is expecting a child. They tell the king that she is responsible for killing his horse. She is exiled by the king, gives birth to a son in the jungle, and is given shelter by another king who finds her there. Her son, Prince Fond, grows up and goes to see his father who is ill. His cure lies in the blood of a 'Sea-Horse'. His six sons from the six queens set out in search of the horse and Prince Fond follows them. After adventures with demons he finally secures the 'Sea-Horse'. While returning, he meets his six brothers who being penniless, have become wood-cutters. He treats them kindly but they

conspire against him, cut his arms and legs, steal the Horse and present it to their father. By the magic of the fairies, Prince Fond regains his lost arms and legs, is rescued by his fairy wife and comes to his father to tell the true tale.. He is honoured along with his exiled mother, while the other six queens and their sons are punished and exiled.

3. **King Mahmood** (pp. 44-59): A King's only son, who has already two wives, falls in love with a poor man's daughter. The girl dislikes the prince and kills his horse. The prince finally marries her. The two wives conspire against her and she is exiled while she is pregnant. She takes refuge with a merchant, gives birth to a son, and calls him Mahmood.

Mahmood grows up and accompanies the merchant on his business trips. Once he rescues a fairy and marries her. The merchant becomes dishonest, takes away his fairy wife, and leaves Mahmood in a helpless condition. He is rescued by a holy man who gives him two magic flowers, and with their help he comes to his father's court, exposes the merchant who comes to his father's domain, and gets back his wife. He then informs his father who he is, and lives with his father and mother in peace.

4. **Prince Dhol** (pp. 60-71): There was a king who used to go out for hunting. One day he saw a deer and shot it with an arrow. The deer changed into a beautiful boy. On hearing his cries, an old man came out of a cave and cursed the king saying 'You will live on the fortunes of your son'.

Thereafter the king's palace was reduced to ashes and he had to leave his country together with his wife. After enduring sorrows and suffering he took refuge in a friend's kingdom. His wife as well as his friend's wife promise to marry their children if one of them got a son and the other a daughter.

The king then returned to his own kingdom. A son was born to him and he named him 'Dhol'. When Prince Dhol was of age, he became an expert deer-hunter. A she deer ran away to the country of the king's friend and gave birth to a male deer. The king's daughter brought up the young deer and when it grew up she sent it to lure Dhol to her. The deer came to Prince Dhol's kingdom, who tried to hunt it and chased it till he reached the palace of the Princess. There he fell in love with her, married her and returned home after many sufferings. He defeated the minister who had usurped the throne in his absence and ruled his country in peace and prosperity.

5. **King Champion (pp. 65-84): King Champion daily** shoots arrows to pass through the nose-ring of his wife and asks her whether there could be any man stronger than he, in the world. Her answer always is, "No". But she fears that the arrow might kill her one day. Her mother advises her to tell the king that there may be a more strong man than he. The daughter follows the advice. Hearing this, the king sets out in search of such a man and meets on his way six strong men, one after another, who join him in his adventures. They face trial situations in which King Champion surpasses all. At each trial, he bestows favours on one of his friends, marries him to a princess and settles him there, till he is left with only one friend.

At last, they reach a place where a princess is imprisoned by a demon. King Champion kills the demon by killing his 'life parrot' which he finds in a cage placed in a well. He m rrics the princess, but is deceived by an evil woman, who throws his 'life sword' into fire and he falls dead benumbed. His wife and domain are usurped by another king.

Hearing this, his friends come to his rescue. They defeat the usurper. The sword is polished and King Champion is brought to life again, and he returns to his homeland with his wife.

6. **King Lal Malook** (pp. 85-99): A man and his wife migrate from their village due to famine. On the way, they become very hungry and decide to kill their baby and eat its flesh. The father takes the baby in the bushes where he finds the carrion of a deer. He leaves the baby there to carry the deer. A lioness takes away the baby and brings her up together with her cubs. The boy grows up, roars like a lion, and goes out hunting with the young lions. Once he is caught by a king and is given away to a merchant who has no issue of his own. The merchant and his wife bring him up as their son and call him Lal Malook.

When Lal Malook attains youth, the merchant's wife falls in love with him but he refuses her overtures. The woman sets her husband against him, and in order to see him dead the merchant sends Lal Malook to bring them milk of a lioness. Lal Malook brings milk from the mother-lioness and the lions accompany him on his way back to the town. The merchant being afraid, asks Lal Malook to leave his house.

On his way, Lal Malook meets a hunter, a swift runner, a carpenter, and a demon who have already been longing to meet him. They accompany him and reach a ruined town where

a beautiful girl is imprisoned by a demon. The demon is killed by his demon friend and Lal marries the girl. As the friends say farewell to him, he gives a flower to each one of them to watch it for his safety. The carpenter gives Lal Malook the sword which contains the latter's life.

Lal Malook's wife loses her shoe while taking bath, and a fish swallows it. The fish is caught and brought to a rich man's son, who seeing the shoe falls in love with her. He sends an evil woman to search her who finds her and throws the 'life sword' of Lal Malook into water. Lal Malook falls seriously ill and his wife is beguiled and delivered to her lover by the evil woman.

Lal Malook's friends see the flowers withering and come to his rescue. They recover the sword, polish it, and he becomes quite alright. His dog and cat lead the way to his wife who is also rescued, and Lal Malook and his wife live the rest of their life in peace.

7. **Amir Hamza and Kanak Rani** (pp. ١٠١-١٣١): A king wants to marry his seven sons to seven sisters of royal lineage. His minister sets out in search of such sisters, finds them and the date of marriage is fixed. The king sets out to the would-be bride's country together with his six elder sons leaving Amir Hamza, the youngest and the wisest of the seven, to look after his kingdom. Amir Hamza asks his father to marry his bride to his arrow and also warns that on their return journey, they should not halt at a certain place.

After the marriage, they pass the night at the forbidden place and are held by a demon in the shape of a dragon, who detains Amir Hamza's wife and tells them to send Amir Hamza himself to rescue her.

Amir Hamza comes to that place and the demon asks him to rescue Kanak Rani, the beloved of the Demon, who has been imprisoned by Daphail Demon. He sets out on his way and meets a shepherd, a buffalo keeper, an ironsmith, and an archer. All of them show their own valour but become his friends and accompany him. Thereafter, the friends are deceived and captured by an old demon, who is defeated by Amir Hamza and he becomes his friend. The demon-friend then defeats three kings and the three friends are married to the daughters of those kings and are left with their wives. Amir Hamza gives each one of them an arrow to watch it for his safety. Only the demon accompanies with Amir Hamza.

Amir Hamza then reaches the palace of Daphail Demon, kills him and frees Kanak Rani but is involved into trouble by an evil

woman who takes away Kanak Rani and delivers her to a king who is in love with her. The friends see the arrows rusted, come to Amir Hamza's rescue, defeat the enemy and get back Kanak Rani.

Amir Hamza returns to the dragon, kills him, and returns home safe with Kanak Rani.

8. **The Princess with Golden Hair** (pp.122-125): A king sends his son into exile due to his ill manners. Three friends—a Brahmin, a Goldsmith and a Carpenter accompany the prince. The Brahmin says "I can bring back to life a dead body by my prayers"; the Goldsmith says, "I can recognise the voice of a person who has ever talked to any one of my friends"; the Carpenter says "I can make '*Udand Khatoli*' (Flying Cot) from wood"; and the prince says, "I am a warrior and will fight anything that attacks one".

They find the dead body of a lion and on the Prince's insistence, the Brahmin brings the lion back to life. The lion attacks them and the friends run away but the Prince fights it and puts it to flight. Left all alone, the Prince spends the night on a tree, kills a serpent and secures its *manu*. Following the track of the serpent, he comes to a well full of water; the water dries up by the power of the *manu* and he goes down into the well and finds a beautiful princess with golden hair who had been imprisoned by the serpent. He informs her that he had killed the serpent and both of them marry and live together happily.

The princess had a parrot to which she used to talk when she felt lonely. But after meeting the prince, she ignored the parrot.

Once both the prince and the princess go to the river to take bath and there she loses a hair which is swallowed by a fish. A fisherman catches the fish and presents it to a king who is one-eyed. The king falls in love with the 'Princess with the Golden Hair' and sends an evil woman to beguile her and bring her to him. The evil woman comes to live with the princess, and though the parrot talks against the woman the princess ignores its remarks.

One day the woman takes the princess to the river and puts her in a boat; she also secures the *manu* from her, comes to the well and the water dries up. She descends it and enters the palace, and kills the prince who is asleep. She then takes the princess to One-eyed King who wants to marry her. She seeks one year's postponement from him, and before marriage she spends her time in alms giving and charity.

By chance, the Prince's three friends come to the capital of One-eyed King. First the goldsmith meets the princess and she

then summons all the three and they inform her that they are friends of the Prince and they plan to rescue her.

She then tells One-eyed King to make preparations for the marriage. The carpenter makes the *Udand Khatoli* (Flying Cot) and on the wedding night, the Princess sits on it with three friends and they fly to the dead prince whom the Brahmin brings back to life. All of them then return to their own country. The Prince asks his father's pardon and they all live there in peace and prosperity.

9. **King Kori and King Kirman** (pp. [illegible]): King Kori having no issue, sets out from his palace together with his retinue, to visit a holy man living in a cave. At his lamentations, the holy man prophecies that he would have a son and a daughter, but after the daughter is grown up he would be attacked by a neighbouring king, but would finally emerge victorious.

After some time his two wives give birth to a son and a daughter. When the daughter grows up, King Kirman and other kings ask her hand in marriage but King Kori turns down their requests. Consequently King Kirman sends a huge army which overawes King Kori's army. Finally King Kori himself comes to the battlefield. His horse runs amock and, in order to save himself from falling down, he catches hold of a tree. Thre hose is so rash that the tree is rooted out. When King Kirman's soldiers see King Kori coming with a tree in his arms they get frightened and start running away. He throws the tree upon King Kirman, kills him, and lives the rest of his life in peace.

10. **King Bhagwand** (pp. [illegible]): King Bhagwand (Lucky) while chasing a deer loses his way in a forest. He reaches a lake and lives there for some days but finally finds his way to a town. He catches a deer and takes it to the town to sell it and buy food and clothes. As he enters the town, a carpenter calls him 'friend', and he gives away the deer to him gratis. The carpenter promises to help him when needed. Successively for three days, he gives away three deers to a derwesh, a merchant and the prince of that place who all promise to help him in need.

After some time King Bhagwand is accused of murder and is ordered to be executed. The four friends come to see him in the prison and promise to help him. As thay talk, the king of that town hears their conversation in hiding. The carpenter says, "If the king does not set you free, I will destroy his palace by taking out a chip from the pillar on which it rests". The derwesh

says, "If you are not freed, I will destroy this kingdom by curse". The merchant says, "I will offer two fine horses and even my wife with whom the king is in love to ransom you". The prince says, "If you are executed I will revolt against my father".

The next day all the four of them request and threaten the king to set King Bhagwand free. As the king is already aware of their conspiracy he sets Bhagwand free, gives him his daughter in marriage and finally Bhagwand returns to his own kingdom.

11. **The King and the Shepherd** (pp. 154-164): A King's only son continues to be in friendship with a shepherd against the wishes of his father. Once both the friends see a princess in a boat, and the prince and the princess fall in love with each other. The princess sails away giving the prince hints of her dwelling place etc. in the form of a riddle.

Due to separation the prince becomes love sick and the king blames the shepherd for this. Coming to know the real cause, the king allows the prince to seek his love but no one is able to solve the riddle. Finally the shepherd is called and he explains the riddle and accompanies the prince to seek the princess.

After a long search they meet the princess, who is already in love with the prince, and agrees to marry and accompany him. The shepherd hears a magician woman telling her servant that the prince would be threatened by death at least three times, but if the person who saves him reveals the secret, he would be transformed into a stone slab. He will come back to life if the blood of the prince's son is sprinkled on the stone.

On their return journey, the shepherd saves the prince who insists to know the secret. The shepherd has to tell it and is transformed into a stone. Both the prince and the princess become grieved. After some time, she gives birth to a son whose blood is sprinkled over the stone and the shepherd comes back to life again.

12. **Umedun Bharyo Badshah (King Hopeful)** (pp. 165-176): The ugly queen of King Hopeful daily asks her parrot whether there is any woman more beautiful than she. To please her, the parrot's answer is always 'No'. But one day being fed up with her questions, it says 'Neena Bai' is the most beautiful woman that ever lived in the world. King Hopeful hears this and sets out with the parrot to seek 'Neena Bai'.

After a long journey they reach her palace. King Hopeful sees her and both of them fall in love with each other. The king br[illegible] her to his own kingdom, leaves her in the garden and go[illegible]

palace to make arrangements for the marriage. In the meanwhile an evil woman throws her into a well and she turns into a flower. The king is deceived and is married to the evil woman's daughter.

After some time, the flower becomes a rose bush giving sweet fragrance. The king daily sits under the bush, and preserves the flowers falling from the bush in his pocket without smelling them. His wife (evil woman's daughter) fears that Neena Bai is alive in the shape of the rose bush which the king likes so much. She manages to get it uprooted. The King's shepherd takes away the withered bush to burn it. His wife finds one fresh flower in it, and when she smells the flower it transforms into a beautiful girl. Perchance the king sees her and recognises her. She tells the king what his wife and mother-in-law did. Both women are condemned to death, and King Hopeful marries Neena Bai.

13. **Noor Shah Badshah** (pp.177-183): Prince Noor Shah, the only son of a king, once goes out hunting with his minister and hears three women talking to one another. One says, "I will feed the whole house-hold of the person who marries me, from only a quarter weight of flour". Another says, "He who marries me I will supply cloth needed for his house-hold from only a *seer* (two lbs.) of thread". The third one says, "He who marries me I will bear him a very beautiful son".

Prince Noor Shah marries all the three. The first two fulfil their promise, and the third one also gives birth to a beautiful son, but the baby is thrown away through the jealousy and conspiracy of the other two wives. Noor Shah is beguiled by them and he makes the baby's mother his maid-servant.

Thrice the two women try to kill the baby but he is saved. Then a shepherd finds him and brings him up. When he attains youth, he marries a beautiful princess, comes back to his homeland, tells the king (his father) the whole story, and the king exiles both the women. King Noor Shah lives the rest of his life in peace together with his son and wife.

14. **Jumrro Badshah** (pp.187-199): It was the habit of King Jumrro to marry a woman one day and kill her the next day. Once, while going to marry a woman he heard a girl saying to her elder sister: "If King Jumrro marries me, I will hang my shoes in his ears". The King married her in order to punish her. The next day, he was about to kill her when she said: "If you kill me, people will [illegible] you a coward; first marry Chao-bol Rani (Sweet-talking [illegible] then do with me whatever you like".

King Jumrro, then s.. out to marry Chao-bol Rani, reached her town, but could not fulfil the four conditions put forth by her and was enslaved. His wife, disguised as a prince, went after him, fulfilled Chao-bol Rani's conditions, 'married' her and made her own husband her personal servant.

After some time, she set out for her home together with her husband and Caho-bol Rani. While on the way, one cold night, she hung her shoes in her husband's ears to keep them warm and also branded him with her ring.

Thereafter she presented Chao-bol Rani to him, departed from him and came to her palace before her husband's arrival. King Jumrro after reaching his palace with Chao-bol Rani, came with his sword to kill his wife but she informed him of what she had done to him. He was much ashamed, asked her pardon, and decided to live with both of his wives peacefully.

15. Princess Chaobol (pp. 200-224): A king had friendship with a snake. Once the snake set out for some other place and asked the king to look after its family. Thereafter the king went to the snake's place and finding its wife sleeping with another snake, he attacked the intruder. The snake escaped, but the wife's tale was cut off. When the husband snake came back, its wife told him that the king wanted to outrage her modesty and on her resistance, he cut off her tale. Her snake-friend also gave the same account. The husband snake got furious and determined to take revenge from the king.

The snake went to the king's palace to kill him. There he heard the ministers asking the king why he was always sorrowful and the king relating what he had seen at the snake's house. The snake realised the conspiracy between his wife and the other snake, asked the king's pardon, and in gratitude gave a *manu* to him whereby the king was able to understand the condition of a dying person and also the language of birds and animals. But the snake asked the king not to tell any one about these qualities of the *manu*.

Once a cobbler died and the king knowing his condition was very much grieved. After a few days the queen's father died but the king laughed at his death. The queen got very angry and insisted upon knowing why the king was full of sorrow for the cobbler and laughed at her father's death. The king was about to give in when he heard a he-goat saying to a she-goat: "If you don't want to be mine, I am not stupid like the king who gives in to his wife. I would at once leave you and find as many she-goats as

a like". The king brought that goat to the palace and became firm with the queen.

One dark night a group of four friends came to the king's capital. Feeling very hungry they slaughtered the goat and ate it up. The king became so angry that he wanted to execute them, but they promised to help him to marry Princess Chaobol.

All of them reached Princess Chaobol's town and the king informed her father about his intention. But he would give her hand to one who would make her talk four times. The four friends who knew magic, told the king that one of them would enter into the necklace of the princess, the other into the pillow, the third into the candle and the fourth into the pillar, and thus help him to make the princess talk. When the king came to Chaobol and tried to make her talk she kept mum. The king then asked her necklace to tell a story. The necklace related a story and asked the king's decision about some of the points. The king gave his decision but as Chaobol held a different view she gave her own decision. In the same way the candle, the pillow and the pillar related their own stories one by one and asked for the king's decision, but the princess gave her own decision each time. So Princess Chaobol talked four times and was given in marriage to the king.

16. Unbolh Rani (Queen Mum) (pp. [illegible]–[illegible]): Two birds nest in a tree which catches fire. The male bird flies away but the female remains with her young ones. The fire is extinguished by chance and she is saved. Then the male bird returns to the nest but she refuses him admission. Both of them quarrel each claiming the young ones, and go to the king who gives the young ones to the father. The female bird goes away disappointed, dies in separation, and is reborn in the house of a Hindu who calls her *Kasumba*.

A colt is born to the king's mare from the horse belonging to Kasumba's father. She tells him not to return the colt to the king because according to the king's own judgment children belong to the father, as the king had decided in case of the birds. The king had to keep quiet, but the prince in order to avenge the insult, planned to marry Kasumba and then divorce her. The marriage took place and, thereafter, when the prince told Kasumba that he was going to divorce her, she replied, "Divorce me in case you succeed to marry Princess Unbolh".

The prince set out to marry Princess Unbolh and after a toilsome journey he reached her palace. She put the condition that she would marry the person who would make her talk, and in case he

failed, he will have to live as a slave. The prince tried his luck, but failed to make her talk and was made a slave.

After waiting for a long time, Kasumba set out herself in the guise of a man, reached the town of Princess Unbolh, where a Yogi gave her some dust to rub on the finger of Unbolh to make her talk. Taking up the challenge, Kasumba went to Unbolh and tried to make her talk but she kept mum. Kasumba then rubbed the dust upon her finger and Unbolh at once began to converse with Kasumba. Both of them got 'married', and after some time they set out for the bridegroom's own country together with the slaves. When they arrived there, Kasumba went to her father-in-law and told him the whole story. The king went out to welcome Unbolh, and then informed his son what Kasumba had done. The prince was ashamed of himself and asked Kasumba to forgive him.

17. **Prince Lal** (pp. 237-244): Prince Lal's mother at the time of her death makes her husband promise not to marry another woman after her death. For some time the king keeps his promise, but at the persuasions of his ministers and courtiers he marries again. The step-mother of Prince Lal so conspires against him that the king orders his men to kill him and bring his eyes to the queen. The executioners take pity on him, kill a deer instead and take its eyes to the queen and let the prince go his own way.

By chance a royal marriage procession passes by, and as the groom is one-eyed and ugly, Prince Lal is hired to be the groom for the wedding night. After the marriage, when the party is on their way back, Prince Lal is offered some money and is asked to leave, but when the bride comes to know of the trick played on her, she runs away with Prince Lal and returns to her father, the King, who treats them well, entrusts his kingdom to Prince Lal, and retires.

After some time Prince Lal comes back to his father, exposes his step-mother, and she is condemned to death.

18. **Korihiyo Badshah (The Leper King)** (pp. [illegible]): A king suffers from leprosy, and is sick of his life. His parrot takes pity upon him and sets out to seek a cure for him.

After flying for several days the parrot is endangered by heavy rain and storm. He hastens to a hole for shelter, but there a *maina* bird refuses to take him in unless he marries her daughter. The parrot promises to marry her daughter after he has found the medicine for the king. The *maina* says that the king would be cured by taking bath in the water of *Mar* flower. She then goes in search of *Mar* flower and brings it with her. The parrot flies back

with the flower without fulfilling the promise. The king takes bath in the water of *Mar* flower and is cured.

The *maina* follows the parrot, finds it with the king and complains against him. The parrot tells a story to prove that females are unfaithful. The *maina* relates another story to refute the parrot's statement. The king decides against the *maina* and she goes away disappointed.

19. Prince Kaddu (Pumpkin) (pp. 237-242): Once while walking on the bank of a river, a princess found a beautiful flower. She swallowed it and became pregnant. When her father came to know about it, he sent her into exile. She took refuge with an old man and his wife.

There she gave birth to a Pumpkin and threw it away in disgust. But Pumpkin returned to her every time she threw it. So she let it remain with her. As Pumpkin grew up, it used to go out with the cattle and do other household work.

Once it went for a bath and when it took off its outer skin, it turned into a very beautiful boy. A princess saw him and fell in love with him. She persistently told her father that she would marry none else but Pumpkin and requested him to allow the marriage. The king married her to Pumpkin with grief and sorrow. While all alone with his wife, Pumpkin used to take off its skin and turn into a handsome prince. None but the princess knew the secret.

Once the king was threatened by an enemy and he sent Pumpkin with an army to fight. Pumpkin defeated the adversary and returned victorious. The princess, thereafter, burnt the outer skin of her husband while he was asleep. When he woke up and came to know what she had done, he became very angry, transformed himself into a pigeon and flew away leaving the princess in a miserable condition.

20. Prince Sun and Prince Moon (pp. 243-247): A king had two sons, called Sun and Moon. The magician by whose charms both were born, took away Prince Moon. At the time of departure, Prince Moon gave a ring to his brother saying "When this ring is rusted, I will be in danger".

Prince Moon finally killed the magician and came to a town where a princess fell in love with him. She forbade him to go in the fourth direction of the country. For some time Prince Moon went in three directions only, but one day he set out in the forbidden direction, where he was captured by two evil women.

He gambled with them, lost the game and was imprisoned by them.

Prince Sun finding the ring getting rusted, set out to help his brother. He found him, gambled with the women, won the game, and rescued Prince Moon. Both the brothers then returned to their kingdom.

21. The Prince and the Derwesh (pp. 259-274): A king having no issue seeks blessings of a derwesh who takes promise from him that when sons are born to him he would give one of them to him. Then seven sons are born to the king, but he is unwilling to give away a son to the derwesh, who finally steals away one of them.

When the Prince grows up, he kills the derwesh, finds a pearl in his house and runs away with it. On the way, kites inform him that if he put the pearl in his mouth he would be transformed to whatever shape he liked.

After sometime, rain falls over the dead body of the derwesh who comes back to life, sets out in search of the Prince and finds him. Both of them change their forms several times and fight with each other. Finally the Prince defeats the derwesh, breaks his neck, marries a princess and comes back to his own country.

22. The Beggar and the Princess (pp. 275-279): The son of a beggar falls in love with a princess. The king promises to marry her to the boy provided he demonstrates something wonderful to him.

The boy sets out to prepare himself, meets a magician and learns magic from him for one year. The magician wanted to kill him in the end, but the boy is saved by the magician's daughter and runs away. The magician follows him. Both of them compete in the presence of the king. Finally the boy defeats the magician, kills him and marries the princess by having demonstrated his magic skill.

23. King Opium Eater (pp. 280-282): A king was addict to opium. His minister said, "An opium eater cannot differentiate between a friend and a foe". The king did not agree with him and the minister promised to prove it.

Once the king went out hunting. He chased a deer, caught it but lost his way. He took rest under the shade of a tree, and being very thirsty, collected a few drops of water falling from above in a leaf in order to drink it. As the king was about to drink water, his parrot turned the leaf upside down. In his wrath the king at once

killed the parrot. At that time, the minister also arrived. He found that it was not water, but poison drops falling from the mouth of a dead dragon lying on the tree. Learning this, the king admitted his folly and repented. Thus, the minister proved his statement to be true and the king gave up opium eating for ever.

24. **A Wise King** (pp. [illegible]): A rich man on his death bed told his four sons to dig the ground under his cot and share the buried wealth. After his death, the sons started digging. One of them found a vessel full of jewels and pearls, another a vessel full of gold and silver, the third one a vessel full of bones, and the fourth a vessel full of dust. The last two quarrelled with the first two to divide the riches equally amongst them. All the four then set out to place their case before the king. On their way, they met the prince who told them that the king was insane, the princess said he was blind and the queen informed them that the king died over a year ago.

When, they came to the court they found the king safe and sound. The king decided that the son who had the vessel full of bones was to be the owner of the cattle left by his father, and the one with the vessel of dust was to hold the landed property. The brothers were satisfied but were also amazed at the king's wisdom. They informed him of what they had heard, and asked for an explanation. The king replied: "The prince wants to marry but I want him to acquire knowledge and complete his education first. Therefore, he thinks that I am insane. The princess is grown up and she thinks I do not know about it but I am in search of a groom worthy of her. Being busy with the affairs of the State I have not been able to see the queen for the whole year, hence, I am dead for her."

25. **Vilayat Shah** (pp. [illegible]): A king sends his queen into exile due to a petty quarrel, while she is pregnant. She takes refuge with a king and there gives birth to a son whom she names 'Vilayat Shah'. The king's minister falls in love with Vilayat Shah's mother and conspires to get Vilayat Shah out of his way.

Once he takes Vilayat Shah on a journey. Vilayat Shah finds a dice in a well and delivers it to the minister, who presents it to the queen. She insists that the minister should bring seven more dices for her girl friends.

The minister again sets out with Vilayat Shah, and when they reach the same place Vilayat Shah goes down into the well, and finds a beautiful lady who is imprisoned by a demon. He kills the demon, takes with himself the demon's riches together with dices

and also the lady. The minister usurps all the things, takes away the lady, and throws Vilayat Shah into the well.

At last Vilayat Shah is rescued by some nomads. He goes back to the king, and exposes the minister who is executed by the king's orders. Vilayat Shah then marries the lady. His father also realizes his mistake, comes to Vilayat Shah and his mother, and takes them back to his own kingdom.

26. **Raja Suram and Raja Bekhat** (pp.29[illegible]-[illegible]): A king and queen died leaving their infant prince with his step-mother. When the boy grew up she exiled him and he took refuge with Raja Suram. A Raja named Bekhat, in order to test the wisdom of Raja Suram, sent him three riddles to solve but no one could explain them. Finally, the young Prince gave Raja Suram the correct solutions.

Then Raja Bekhat challenged Raja Suram to come and take away a golden brick and a candle buried under his cot. The youth undertook to accomplish this, whereupon Raja Suram accepted the challenge. The youth reached Raja Bekhat's town and succeeded in taking away the candle and the brick by deceiving the watchmen. When Raja Bekhat came to know that it was the youth's wisdom and shrewdness, he summoned him to his court and gave his daughter to him in marriage. As Raja Suram had no male issue, he also married his daughter to the youth. After the demise of Suram and Bekhat, the youth became the king of both the States.

Due to the bad administration of his step-mother, an enemy had attacked and defeated her. She ran away and took refuge in Raja Suram's capital. When the young king learnt this, he set out to his father's kingdom, killed the usurper and freed the country. He then forgave his step-mother and lived the rest of his life in peace and prosperity.

27. **Shahinshah bi Jandan Mare (The Greatest King Grinds Grain)** (pp.[illegible]-[illegible]): A king once hears a girl saying to her sister, "If the king marries me I will make him grind grain". The king marries her and insists that she should fulfil what she had said to her sister.

To achieve this, she manages to reach the hunting ground of the king and settles down there. The king chasing a deer loses his way, comes to her house and asks for water. She meets him in disguise and acts so gracefully that the king falls in love with her Thereafter he continues to visit her and she becomes pregnant.

She then leaves that place, returns to her palace and gives birth to a son. When the boy grows up, she by his help harasses the king, his minister and soldiers several times. Finally, she purchases a house in the street through which the king usually passes.

Once on a dark night, her son wears the clothes of a girl and grinds the grain. When the king passes by that house, the boy cries for help. The boy pretends that a man is around to outrage her modesty. The king in order to capture the notorious character wears the clothes of the boy and sits to grind the stone. At this moment his wife appears on the scene and informs the king of what she has done to him. The king feels ashamed and is pleased to see his son.

28. Prince Lal and Princess Hira (pp. 322-339): A wood-cutter is once attacked by a snake and throws his burden of wood upon it. Then, instead of snake the wood-cutter finds a ruby under the wood. His wife sells the ruby to the queen, and there the ruby is transformed into a beautiful boy. As the king and the queen have no issue, they adopt him as their son and call him 'Lal' (ruby).

When Prince Lal grows up, he vows to marry a woman as beautiful as he is and rejects the offer of several princesses. Thereupon a one-eyed woman in order to tease him says that Prince Lal would marry none else than Princess Hira. Hearing this, Prince Lal falls in love with Princess Hira who at the other end also makes up her mind to marry Prince Lal. Finally, both of them meet and get married.

The jealous one-eyed woman plots against Prince Lal. She induces Princess Hira to ask Prince Lal his caste. Princess Hira inquires from Prince Lal who avoids to answer her question several times, but she insists upon getting an answer. Finally he takes her to the bank of a river, dives into the water, re-appears as a snake and swims away. She regrets her mistake and laments his departure.

A fairy friend of Princess Hira comes to know about it and tells her that Prince Lal is the son of the King of Snakes and as he was not on good terms with his father, he ran away and adopted the human form. His father is very fond of music and dance and listens to musicians every Friday night in human form. If she would visit his father and sing and dance before him and if he is pleased with her art, he would grant her anything she asks. She should then ask for Prince Lal.

Accordingly, she goes to the King of Snakes, sings and dances for three Friday nights and requests the king that the prince may be returned to her. The king finally grants her request, Prince Lal takes human form, and both the lovers go back to their original place and live together happily.

29. Prince Lal Maluk (pp. 340-358): A poor wood-cutter sets out with some friends to seek livelihood in some other country. One night while on the way, he puts his bag upon a bush and falls asleep. When he wakes up, he finds that his friends have departed and a snake has crept into his bag. He returns home with the bag and shuts up the snake in the flour pot so that when his quarrelsome wife puts her hand in it, she is bitten by the snake and he gets rid of her. But when his wife puts her hand into the pot, she finds a beautiful necklace. She sells it to a jeweller and gets an enormous sum of money which makes their living comfortable.

The jeweller sells the necklace to the queen, and it is transformed there, into a beautiful baby boy. As the king and the queen had no issue, they adopt him as their own son and call him Lal Maluk.

When Lal Maluk grows up, the king sends his Vezier to find a worthy bride for him. The minister sets out in his quest and engages the prince with a beautiful princess. In the meanwhile the king dies and Lal Maluk is crowned as king by the people.

One day a derwesh informs him that the vezier has rebelled and wants to usurp the throne and marry Lal Maluk's fiancee to his own son. Lal Maluk at once leaves his capital, comes to his fiancee's town, sends her his picture informing her of the dishonesty of the vezier. Learning this, the princess joins him and they both hasten back to the capital.

After a long journey they halt at a place for rest. Prince Lal Maluk goes to the town to buy food, leaving behind the Princess disguised in man's attire. In the town, an evil woman ties a thread around his neck and he is transformed into a lamb.

His wife dressed as a man sets out to find him, joins in a feat of arms and surpasses others in shooting her arrow to reach the king's palace. The king marries her daughter to him (her) on his achievement. But the minister doubts whether he (she) is actually a man. After many tests the minister fails to prove his point, and engages his own daughter to him (her) to find out the truth.

In the meanwhile, she purchases the lamb, takes off the thread from its neck, and Lal Maluk comes back to his human form

then informs him of the situation she is in, and he is married to the minister's daughter instead of her.

Thereafter, his real mother (snake) comes, in human form, to his wives and asks the caste of Lal Maluk. They express their ignorance and she goes away. They then persuade Lal Maluk to tell them his caste. He takes them to the bank of the river, dives into the water and goes away swimming as a snake.

His first wife after a long search meets a snake which is actually Lal Maluk who tells her to play the drum before his spiritual guide at a certain place, and when he is pleased, request him to give her the hand of Lal Maluk. She goes to that place and acts accordingly. The spiritual guide of Lal Maluk becomes pleased with her art and allows Lal Maluk to go with her in human form.

30. **Queen Gangul** (pp. 359-363): The seven sons of a king marry seven princesses. The eldest princess, though very beautiful, is deaf and dumb. Her husband dislikes her and wants to leave her. His mother-in-law says, "Why do you hate my daughter? Except Queen Gangul, none else is more beautiful in the world than my daughter". Hearing this, the prince makes up his mind to marry Queen Gangul.

He sets out in search of Queen Gangul and meets a demon who sends him to another demon to show him the way to Queen Gangul. The second demon sends him to a third one and in this way he comes to the seventh demon who finally tells him to dive into a certain well, search for an egg, take it to his own home and break it there, and then Queen Gangul would come out of it. The prince goes to the well, dives into it, finds the egg, returns to his palace, breaks the egg and Queen Gangul comes out of it. He marries her and lives in peace with both of his wives.

31. **The Ghaibi (Unseen) Queen** (pp. 364-369): A farmer finds a beautiful girl from inside a water melon. He and his wife bring her up as their own child. When she grows up, the king of the country falls in love with her and marries her.

The king passes all of his time with the new queen. Therefore, his first two wives conspire to get her out of their way. They send a *dhooti* (an evil woman) to find out who she is. The evil woman comes to know that the new queen's life depends upon a pearl in her necklace which she (the evil woman) manages to take into her own custody, and then delivers it to the first two queens who wrap it up in an old blanket and throw it in some corner. The young queen, who is now pregnant, feels suffocated and tells the

king that when she is dead, he should keep her dead body safely in a room, instead of burying her.

Soon after, she dies of suffocation and the king places her body in a room. It is the custom of the queens to take out the necklace at night, and again wrap it during the day time. So the young queen becomes alive at night and remains dead during the day. After some time she gives birth to a son and nourishes him during nights.

Once the king comes to the room and finds a baby playing beside the queen's body. He is amazed and passes the whole day there. When the sun sets, the queen comes back to life and tells the king what has been done to her. The king secures the necklace and gives it back to her. Thus, she is restored to normal life again. The king then divorces the first two wives and lives with the young queen and the prince in peace.

32. **Prince Taj-ul-Muluk** (pp.370-383): A king sends his son, Taj-ul-Muluk (Crown of the Kings) into exile, due to the conspiracy of his two wives, the Prince's step-mothers. Taj-ul-Muluk arrives in a kingdom where a demon eats up a man daily. The king had announced that he would give his daughter in marriage to one who killed the demon. Taj-ul-Muluk kills the demon and marries the princess.

After some time he goes away with his wife to settle down in another country because she is disgusted with her two step-mothers. They come to the town and Taj-ul-Muluk becomes a guard of the king's palace. He works so honestly that the king makes him his Prime Minister. Another minister then conspires against Taj-ul-Muluk and he is about to be executed but is saved by the sagacity of his wife. The king forgives him and keeps him as his Prime Minister.

Thereafter, Taj-ul-Muluk returns to his own country, meets his father and exposes his step-mothers. The king sends them both into exile and lives with his son and his family in peace and prosperity.

33. **Prince Sa'at Muluk** (pp.384-401): A king marries his daughter to a paralytic and sends her into exile, because she would always say that every one lives on his own fortune.

She departs carrying her paralytic husband on her back, and becoming extremely tired halts at a ruined place where she falls asleep. In the meanwhile, her hungry husband eats the leaves of a flower and is cured of his illness. Then they proceed further and

halt on the bank of a stream. Her husband takes bath and picks up stones from the bottom of the stream. His wife recognizes them to be the rubies. They take the stones with them, sell a few in a town, buy a beautiful palace and settle down there. She now calls her husband Sa'at Muluk (The Lucky One).

Sa'at Muluk, who does not actually know that the stones are rubies, takes a few of them and uses them as dices while playing with some friends. The king's minister passes by and seeing the rubies takes one of them from him and presents it to the princess who insists that the minister should bring one more such ruby for her. The minister comes to Sa'at Muluk and requests him for another stone, but his wife refuses to give it to the minister.

Sa'at Muluk then sets out alone for the same stream to fetch more stones, and reaching the stream he goes further up to see from where the rubies came. He reaches a palace in which he sees a woman hanging upside down in a well. Drops of her blood falling into the water below, change into rubies. He touches the side of the well and she comes back to life and informs him that she has been imprisoned by a demon. Soon the demon arrives and Sa'at Muluk kills him. He then takes the woman as his wife, returns to his palace and gives a stone for the princess who again asks for another ruby.

His second wife then tells him that he would get the ruby from "Moti Jan Fairy", and tells him how to reach there. He sets out and meets three derweshes. One of them gives him a cudgel which automatically beats any one when ordered; another presents him a cooking vessel from which an unlimited number of presons could be fed; and the third one gives him an *udand-khatoli* (flying cot). He takes them and reaches the place where Moti Jan fairy is imprisoned by a demon. He kills the demon with the cudgel and returns with Moti Jan who gives him rubies for the princess.

The princess then asks for a suit of flower-clothes. Moti Jan guides Sa'at Muluk how to get them from Gulan Pari (Flower Fairy). He reaches a lake where Gulan Pari comes to take bath with her friends, and Sa'at Muluk steals her flower-clothes. She entreats him to give back her clothes but he refuses to do so. Finally he takes her to his own palace and delivers the clothes to the princess.

The princess then demands one hundred she-buffaloes of the same colour and age. Sa'at Muluk goes to the cousin of Gulan Pari who is also imprisoned by a demon. He beats the demon with the cudgel until he gives him one hundred buffaloes. He then

kills the demon, takes the fairy back to his palace, and delivers the buffaloes to the princess.

The princess finally marries Sa'at Muluk, and when her father dies, Sa'at Muluk becomes the king. Then he and his first wife along with others return to her father, the king, and inform him of their adventures and fortuitous circumstances. The king repents for what he had done and requests his daughter to forgive him.

34. **Ganjo Faqir and Princess Gulshan** (pp. 402-408): A king refuses to marry his two daughters to any one. Princess Gulshan, the younger one, requests him for her marriage and the king in his wrath marries her to an ugly old Ganjo Faqir (Bald-head Beggar) and turns her out of the palace.

She goes and lives with her husband in a hut. After some time the beggar enters the service of a merchant, gets six months salary in advance which he gives to his wife, and goes with the merchant on a business trip.

At a halting place, Bald-Head goes to fetch water from a well, and finds a fairy in his bucket who is imprisoned by her angry father. The fairy presents him two pomegranates, and asks him to marry her. He promises to do so after getting consent from his first wife to whom he sends these pomegranates.

The merchant proceeds further and they halt near a town. Bald-head goes to see the town, loses his way in the woods and passes the night there. He sees some persons burying a box, and when they leave, he digs out the box and finds a beautiful baby sleeping in it. The baby was the only son born to the king of that country and was buried alive due to the jealousy of his step-mother. In the morning, Bald-head took the baby to the king who rewarded him with abundant wealth.

He then returns to his original home with all the wealth and the fairy. Here he finds his wife living in a beautiful palace instead of the hut. She informs him that the pomegranates were full of pearls with which she built the palace. She then permits him to marry the fairy. When her father comes to know about their fortune, he makes amends for his past deed and asks his daughter to forgive him.

35. **Prince Wise** (pp. 409-416): A king has seven sons, the youngest of whom is called Prince Wise. Once, all the seven go out hunting and cross the border of their country. They reach a palace where seven beautiful sisters meet them and they marry them.

The youngest girl and Prince Wise are very fond of each other. She tells him that all the seven sisters are witches, and, as a rule, they would eat away all the seven brothers after they have spent some days. She then tells him how to run away.

The next morning Prince Wise informs his brothers and all of them flee back to their country. Prince Wise is so much in love with his wife that he again sets out on a journey to meet her. His eldest brother also accompanies him.

They halt at a place and Prince Wise finds a beautiful girl in a well with a demon sleeping in her lap. He takes the girl away, marries her and abandons the idea to go to his witch wife.

36. **Prince Lion-Killer** (pp. 417-422): A king marries his daughter to a prince, who keeps away from his bride after the marriage.

Once he takes his wife to visit her parents. On the way a lion attacks them but the prince cuts it into two halves with one blow of his sword. When they reach the princess's parents she tells them that her husband is an extraordinary man.

Her father, in order to eliminate him, sends Prince Lion-Killer, for hunting in an area inhabited by a dangerous dragon. In the meanwhile the king arranges for her marriage with another man who is so ugly and coward that she dislikes him. She leaves the palace secretly to meet her husband in the woods.

When she reaches there and finds the dragon killed and her husband standing by, she informs him what she had told her parents and what they wanted to do. The prince says that he had heard about this dragon and had vowed that he would not touch a woman until he killed the dragon. Then both of them return to their own kindgom and live there in peace and pleasure.

37. **Prince Bewildered** (pp. 422-424): A king dies leaving a son and a daughter from his two wives. His ministers enthrone a shepherd as a regent to the young prince. The shepherd marries the step-mother of the prince and exiles him and the queen mother. They take refuge with an old woman and her three wood-cutter sons.

When the prince grows up, he goes to cut wood to earn his living. One day, he finds three locked rooms in the jungle. He breaks open the lock of one and finds a drum in it. As he beats the drum, a demon arrives at once and says, "My life depends

upon the safety of the drum. I am slave of a princess but I would do whatever you command". The prince commands him to bring the princess which the demon does, and the prince marries her. But when the prince falls alseep, the demon takes away the drum and the princess.

The prince then breaks open the second room and finds a handkerchief from which jewels fall when he swings it. He then goes in search of his wife and finds her, but she manages to secure the hand kerchief from him and turns him out of her house.

The prince then breaks open the third room and finds a cap. As he wears it he becomes invisible. He again goes to his wife but she snatches the cap from him as well. The prince then returns disappointed and wanders in the country.

Once he eats fruit of a tree and is transformed into a goat. Then by eating the fruit of another tree he comes back to his human form. He again goes to his wife who is ill. He pretends to be a physician and gives her the fruit which she eats and becomes a goat. He then gives her another fruit by which she regains her human form. He repeats this several times and finally she repents and promises to be faithful to him. He then takes his mother and goes back to his original home. He gives the fruit to his step-mother and the shepherd and both of them turn into goats. Thus, he gets back his kingdom and lives happily.

38. **Prince Ruby and Princess Ruby** (pp. 429-433): Prince Ruby requests his father to marry him to Princess Ruby. The king refuses the request because she lives far away. Prince Ruby sets out alone, and after a long search finds Princess Ruby and marries her.

Once Prince Ruby goes out hunting with his father-in-law who follows a game and leaves him under the shade of a tree from where a demon carries him away. The king returns home and tells his daughter what had happened.

Princess Ruby then goes to that tree where she meets a fairy and seeks her help. The fairy who is wife of the demon, takes pity upon the princess and gives back Prince Ruby to her in the absence of the Demon. Again, Prince Ruby goes out for hunting with his father-in-law and again the demon carries him away. The fairy again takes pity on Princess Ruby and sets him free for the second time.

Thereafter, Prince Ruby returns to his own country with his wife and they live there happily.

39. The Prince and the Princess (pp. 434-436): A king's only son is engaged to a princess. The prince wants to see his fiancee before marriage and comes to her palace disguised as a beggar and asks for charity. He insists that he would take alms only from the princess, but she refuses to come out. He then stays there, and in the evening places two bright rubies on the ground and draws a circle around them. Seeing the radiant light of the rubies the princess comes out, enters the circle and takes them away But when she comes to know that the beggar is actually her would-be husband, she is ashamed of her action and resolves to put her husband to shame in turn.

She goes with her maid servants to the prince's town in the guise of a dancing party. The prince sees her and falls in love with her. At the time of meals she tells him that the meat he is eating, is of a dog, but the prince continues to eat as he is in love with her. Thereafter, she returns to her home secretly.

When they are married, the prince reproaches her for her bad manners whereupon she also reminds him of the dog's meat and the prince is ashamed of his own manners. Thereafter, both of them continue to live happily.



پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ٻاڙي، ڪانئُر، ٻاجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڇاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)